عالمي سياسي منظرنامو

(عالمي سياست تي لکيل
نظرياتي، فکري ۽ تحقيقي مضمون)



رسول بخش پليجو

روشني

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

عالمي سياسي منظرنامو

(عالمي سياست تي لکيل نظرياتي، فکري ۽ تحقيقي مضمون)

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

عالمي سياسي منظرنامو

(عالمي سياست تي لکيل نظرياتي، فکري ۽ تحقيقي مضمون)

رسول بخش پليجو

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2019ع

Roshni Book No. 938
ڪتاب جو نالو : عالمي سياسي منظرنامو
ليکڪ : رسول بخش پليجو
سهيڙيندڙ: اسماعيل خاصخيلي، لال جروار
موضوع: سياسيات
ڇاپو پهريون © روشني 2019ع
لي آئوٽ : حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

Aalami Siyasi Manzarnamoon

[Politics]

By: **Rasool Bux Palijo**

Compiler: **Ismail Khaskheli, Lal Jarwar**

First Edition © Roshni 2019

Layout by: Habib Qadir Qureshi

Roshni Composers and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad

Printed by: Fine Communication, Hyderabad Sindh

Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh

For more information please contact the Special Distribution Department, Shah Latif Kitab Ghar, Press Street, Hyder Chowk, HYD 71000

Call (+92) 222-780908, e-mail waqas@roshnipublication.com

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

انتساب

مارڪسزم، لينن ازم ۽ فڪر مائوزي تنگ جي سچ کان
اڳتي وڌيل ترقي پسند پورهيت انقلابي سائنسي نظريي
۽ واٽ تي ثابت قدمي سان عمل ڪندي، دنيا مان
عالمي سامراج جي هڪ هٿيءَ ۽ بالادستيءَ کي ختم
ڪرڻ، غلامي، بک، بدحالي، جهالت جون پاڙون پٽڻ لاءِ
جهدوجهد ڪندڙ انهن ڪروڙين مردن، عورتن، ٻارن،
نوجوانن ۽ ٻڌن جي نالي.

فهرست

- مرتبن پاران ۱
- اوائلي انساني تاريخ جو ڪجهه ذڪر 01
- ڏرن ڏا چرخ جا ڦيرا، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا 06
- مسلم ملڪن ۾ ڪٽرپڻي جي عتاب هيٺ آيل اقليت پسندي 16
- عيسائين ۽ يهودين جي حڪومتن جي عروج ۽ مسلمانن جي حڪومتن جي زوال جا ڪارڻ 24
- عرب حڪومتن جي ماضي ۽ حال تي هڪ نظر 34
- عظيم سوشلسٽ آڪٽوبر انقلاب بابت حال احوال 40
- ٽراٽسڪائي انقلاب دشمنيءَ کان خبرداري 48
- عالمي انقلابي پورهيت تحريڪ جو عارضي بحران 96
- عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جا مسئلا 110
- سوويت يونين جي ٽٽڻ جا سبب 151
- گورباچوف کي به اها خبر دير سان پئي 172
- قومي عوامي جمهوري انقلاب 178
- پي جنگِ عظيم جون اهم لڙايون 183
- سپر پاورا سپر پاورا 213
- سوشلزم جي يورپ مان تڏا ويڙهه 222
- آمريڪي ۽ يورپي شهنشاهيت دنيا کي وري فتح ڪري رهي آهي 255
- سامراج دنيا کي ويڙهائي چٽ ڪري رهيو آهي 263
- سرمائيداري- جمهوريت، خوشحالي ۽ امن جي ديوي نه آهي 269
- سرمائيدار ملڪن ۾ وڌندڙ گهوٽالا 276

- آمريڪا خطري ۾ آهي 309
- سامراجي گلوبلائيزيشن ۽ دنيا ۾ انقلابي تبديليءَ جو عمل 315
- آمريڪا دنيا سان ڇا ٿو ڪرڻ چاهي؟ 336
- ٽئين دنيا سامراجي مافيا جي مها جار ۾ قاتل آهي 344
- مغرب ۽ مشرق جي تاريخي جنگين جو نئون دؤر 358
- اقتصادي ميدان ۾ "بي سرد جنگ" جاري آهي 366
- هڪڙي نديڙي، سُهڻي، سُني جنگ! 372
- 11 سيپٽمبر جو دردناڪ واقعو: پس منظر، پيش منظر- سبب ۽ نتيجا 379
- اقوام متحده ۽ عالمي سامراج 392
- منيلا ۾ ايشيا- پئسفڪ امن ڪانفرنس 397
- اچو ته سرڪس جا پالتو شير نه ٿيون 408
- هانگ ڪانگ جي گهر واپسي 415
- ماري، انسان جي پر ڦڙڪائڻ ڪان ڏاڍو تنگ آهي 421
- عالمي طاقتن جو توازن مظلومن جي حق ۾ ٿي رهيو آهي؟ 430
- سريلنڪا ۾ جمهوري قوتن جي سرسي 434
- شهنشاهه نيپولين بوناپارٽ جو سياسي قتل 440
- شام کي ڇو 'سنگسار' ڪيو پيو وڃي؟ 445
- پاڪ آمريڪي لاڳاپن جي پنج سال 450
- افغان جنگ جو جنجال ڳچيءَ مان ڪيو! 461

مرتبن پاران

اوائلي انساني تاريخ جي ارتقائي دورن، انساني تهذيبن، علم ۽ فلسفي جو ڪنهن هڪڙي خطي ۾ اپرڻ، نسرڻ ۽ ٻئي دور ۾ وري سفر ڪندي ٻين خطن تائين پهچڻ، شهرن جا بنياد پوڻ، ترقي ڪرڻ، وري ڪن جو تباهه ٿيڻ، عالمي طاقتن جا مرڪز تبديل ٿيڻ، مختلف بادشاهن ۽ شهنشاهن جي حڪومتن جي عروجن ۽ زوالن جي سببن، مذهبن جي بنياد تي ٿيندڙ جنگين، عظيم مذهبي اڳواڻن جي زندگين، عالمي سامراج، سرمائيداراڻي جمهوريت، ٽين دنيا جي ملڪن تي آمريڪي سامراج جي بالادستي، آمريڪا سامراج طرفان عالمي مالياتي ادارن معرفت حڪومتن ۾ اقتصادي بحران پيدا ڪري، سامراج مخالف حڪمرانن کي هٽائي، پنهنجا ايجنٽ حڪمران اقتدار ۾ آڻڻ، عرب، عيسائي ۽ يهودي حڪومتن جي عروج ۽ زوال جي دورن، مختلف دورن ۾ سائنس، فلسفي ۽ علم جي ترقيءَ ۽ واڌاري جي دورن ۽ زوال جي سببن، مختلف ملڪن ۾ اپرندڙ سامراج مخالف تحريڪن، سرمائيدار ملڪن ۾ وڌندڙ گهوٽالن، سوويت يونين جي زوال جي ڪري سامراج مخالف تحريڪن تي پوندڙ اثرن، مختلف ملڪن جي سياسي اقتصادي ۽ سماجي صورتحال ۽ عالمي ڪميونسٽ تحريڪن ۾ پيدا ٿيندڙ تضادن ۽ بحرانن سميت ٻين تمام گهڻن عالمي مسئلن تي، محترم رسول بخش پليجو صاحب جيڪي مختلف وقتن تي سياسي، نظرياتي، فڪري، تحقيقي ۽ تجزياتي ليڪچر ڏنا، مقالا ۽ مضمون لکيا هئا، جن مان اڪثر مضمون ۽ مقالا اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ ڇپجي ٻه چڪا آهن، پر هن وقت شدت سان ان ضرورت کي محسوس ڪيو ويو ته مختلف دورن ۾ عالمي مسئلن تي پليجي صاحب جيڪي ڪارڪنن کي

ليڪچر ڏنا يا مضمون ۽ مقالا لکيا آهن، انهن تي مشتمل هڪ ڪتاب ڇپائجي، ان خيال ۽ ضرورت کي محسوس ڪندي، عالمي سياسي منظرنامو جي نالي سان هي ڪتاب ترتيب ڏنو ويو آهي.

عالمي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ پيدا ٿيل بحرانن ۽ تضادن 1980ع ۾ سوويت يونين جي ٽٽڻ کان ٻہ 10 سال اڳ، پليجي صاحب فڪري، نظرياتي ۽ تجزياتي مقالو "عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جا مسئلا" لکيو. جنهن ۾ هن عالمي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ پيدا ٿيل بحرانن جي سائنسي نقطہ نگاهہ کان چنڊ چاڙ ڪري نتيجا ڪڍيا. ان مقالي ۾ پليجي صاحب ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ هن وقت جيڪي سياسي، نظرياتي، فڪري بحران موجود آهن، انهن جا صحيح حل ڳولي ڪڍڻ صرف ڪميونسٽ ملڪن جي ذميواري ڪونهي، پر پوري انسانيت جو هڪ عظيم ۽ تاريخي فرض آهي. ان مقالي ۾ هيٺين ڇئن مکي بحرانن جي نشاندهي ڪئي وئي.

1. تحريڪ جي ڪُلي ۽ جزوي، عالمي ۽ قومي توڙي مڪاني تقاضائن جي وچ ۾ تضاد.
2. وڏين برسر اقتدار انقلابي پارٽين ۽ بين انقلاب لاءِ جدوجهد ڪندڙ پارٽين جي وچ ۾ تضاد.
3. علاقائي ۽ قومي تضاد.
4. تحريڪ جي اڳواڻيءَ متعلق روس ۽ چين جي وچ ۾ تضاد.

پليجي صاحب سوويت يونين جي ٽٽڻ کان گهڻا سال اڳ ئي سمجهي ورتو هو تہ هاڻي 1917ع وارو پورهيت انقلاب گهڻو عرصو جڙتادار رهي ڪونہ سگهندو. اهوئي سبب هو جو پليجي صاحب عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي تضادن ۽ نقطن تي هڪڙو ٻرپور مقالو لکي، سنڌي عوام کي اڳواٽ خبردار ڪيو هو تہ عالمي انقلابي تحريڪ جون اندروني حالتون سنيون ناهن. ان کان سواءِ ان خلاف عالمي سازشون بہ چوٽ چڙهيل آهن، تنهن ڪري ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو. اسان کي پنهنجا پير پُختا رکڻ گهرجن.

1990ع ۾ جڏهن سوويت يونين ٽُٽي ٽُڪرا ٽُڪرا ٿي وئي. تڏهن

عالمي سامراجي ملڪن، عوام دشمن ۽ انقلاب دشمن ڏُرين طرفان اليڪٽرانڪ ميڊيا، پرنٽ ميڊيا سميت ٻين مختلف طريقن سان هڪڙي زبردست ۽ منظم انداز ۾ پروپئگنڈا مهم شروع ڪئي وئي ته مارڪس ازم ۽ لينن ازم جو پورهيت نظريو ناڪام ٿي چڪو آهي، سوشلزم ختم ٿي وئي. پورهيت راڄ جو تجربو ناڪام ويو آهي. انمهم دوران مارڪس ازم، لينن ازم جي نظريي ۽ ذات خلاف هزارين ڪتاب، مقالا ۽ مضمون ڇپايا ويا. ان پروپئگنڊا جي نتيجي ۾ "نيم خطره جان، نيم ملان خطره ايمان" جي ڳالهه وانگر وڏا وڏا ڪميونسٽ اڳواڻ، ليڈر ۽ پارٽيون جيڪي سڄي ڏينهن مارڪس ازم، لينن ازم تان قربان ٿيندا هئا. اهي رات وچ ۾ هڪڙا ويجي سرمائيدارن ۽ عالمي سامراج جا ايجنٽ ٿيا. ڪن پنهنجون پارٽيون توڙي ختم ڪري ڇڏيون. ڪن ويجي مذهبي جماعتن ۾ پناهه ورتي ته ڪي وري عوام دشمن وڏيرڪين پارٽين ۾ شامل ٿيا.

سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ ۽ سڄي دنيا جو منظر نامو بدلجي ويو. آمريڪي سامراج سڄي دنيا جو اڪيلو وارث ۽ لٺ سردار بنجي، پنهنجا فرمان جاري ڪرڻ لڳو. هڪڙو اهڙو دور شروع ٿي ويو جو انقلاب، پورهيت نظريي ۽ ذات تان، ماڻهن جو ويساهه ئي کڄي ويو. ڏاهن جي ڏاهپ پوري ٿي وئي ترقي پسند دانشورن، شاعرن ۽ ليکڪن جا اصل چهرا پڌرا ٿي پيا، مطلب ته ڪوڙيءَ کي گهمرو هو.

حقيقت ۾ پنهنجي دؤر جي جنيئس ۽ يگانن ماڻهن جو امتحان اُتان کان ئي شروع ٿئي ٿو واتون ويهه ٿيون، ڪهه جاڻان ڪهڙا سپرين! جڏهن وڏن انقلابي نالن وارا ماڻهو ذهني، روحاني، فڪري ۽ نظرياتي طور تي مري چڪا هجن، ماڻهو منجهي پون، ايمان ڪمزور ٿي وڃن، نظرياتي طور تي سڄي دنيا ۾ زلزلا برپا ٿي ويا هجن، تڏهن ڪو ڪروڙين ماڻهن مان هڪڙو ماڻهو عوام جي پاسي ٿي، عوام جي لاءِ حق، سچ ۽ انصاف خاطر، قلمي جنگ لڙڻ لاءِ ميدان تي نڪري نروار ٿئي، تڏهن چئبو ته "هڪڙو ماڻهو لک ٿئي ٿو جي هئو سچ چوي ٿو!"

مارڪس ازم، لينن ازم ۽ پورهيت انقلاب لاءِ فڪري ۽ نظرياتي ميدان اها قلم جنگ محترم رسول بخش پليجي صاحب وڙهي. پليجي صاحب 1990ع ۾ "عالمي انقلابي پورهيت تحريڪ جو بحران عارضي آهي" جهڙو مدلل فڪري ۽ نظرياتي مقالو لکي، اها ڳالهه واضع ڪئي ته. "جڏهن به سماجي نظام پاڻ ۾ ٽڪرائ، تڏهن انهن ۾ ڪٿ هار جو فيصلو ڪنهن هڪڙيءَ پاٽي پٽ جهڙيءَ لڙائيءَ ذريعي ٿي ويندو يا وڏ ۾ وڏ پنجاهه سئو سالن اندر ٿي ويندو. اهو خيال تاريخي حقيقتن کان اٽواقفيت ۽ اڻ ڄاڻائيءَ تي ٻڌل ٿيندو. سماجي نظامن جا ٽڪر صدين جون صديون هلندا آهن. مثلاً: جاگيرداري نظام ۽ غلام داري نظام جي وچ ۾ صدين جون صديون موت مار لڙايون لڙيون ويون. ساڳئي طرح سرمائيداري نظام به جاگيرداري نظام تي ڪو پنجاهه يا سؤ سالن ۾ فتح حاصل ڪانه ڪري ورتي هئي، اهو ڪٿ هار جو فيصلو صدين کانپوءِ ننڍين وڏين لڙاين کانپوءِ ٿيو. ان ڪري سوشلزم ۽ سرمائيداريءَ جو مقابلو به هڪ اڌ صديءَ جو فيصلو ناهي، اهو صدين جي لڙائي کانپوءِ ٿيڻ وارو فيصلو آهي. مائوزي تنگ ان ڪري صاف لفظن ۾ چئي ويو آهي ته: "سوشلزم ۽ سرمائيداريءَ مان ڪير ڪٽيندو، ان فيصلي ۾ صدين لڳي ويندين."

انساني تاريخ جي ارتقائي دورن، تهذيبن جي اسرڻ، نسرڻ ۽ هڪڙي خطي مان ٻئي خطي تائي پهچڻ جو ذڪر "ڦرن ٽا چرخ جا ڦيرا ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا" مضمون ۾ هن ريت ڪيو ويو آهي: انساني تاريخ جا تسمين تسمين دور ٿي گذريا آهن، هڪڙو دور تڏهن هو جڏهن انسان ايجا ن انسان ٿي رهيو هو. ان دور ۾ يورپ تمام پوئيتي پيل هو ۽ آفريڪا اڳتي هو. ٻئي دور ۾ جڏهن ماڻهو وڌي ويجهي اڄ جهڙو انسان بڻجي ويو تڏهن يورپ پوئتي رهيو. پر ايشيا گهڻو اڳتي نڪري آيو. پهريون انساني تهذيبون ايشيا ۾ اُسريون نسريون. ٻوڪ، لکڻ پڙهڻ، شهر اڏڻ، حڪومتون هلائڻ ۽ ٻيا ڏندا ايشيا ۾ شروع ٿيا. عراق، بابل، ايران، مُهين جي دڙي، چين، هندستان جي بلي بلي هئي.

انساني تاريخ جي ٽئين دور ۾ يورپ هڪڙو تمام وڏو تاريخي ڇلانگ هٽي، نہ رڳو اڳوٽيءَ سڄي دنيا کان صدين جون صديون اڳتي نڪري ويو. پوءِ سندس ان برتريءَ جي ڪن ڳالهين تي سوچي، اڄ ڪيئن صديون پوءِ جو انسان بہ دنگ رهجي ٿو وڃي. يورپ جو عظيم الشان عالمي برتري جو اهو دور ناهڻ وارا ملڪ هئا يونان ۽ روم.

سو هي ڪتاب اهڙن اڻ ڳڻين آملهہ ليڪچرن، مقالن ۽ مضمونن جو پندار آهي. اميد ٿي ڪجي تہ محترم رسول بخش پليجي صاحب جو هي ڪتاب اڄ جي عالمي صورتحال کي سمجهڻ ۾ سياست جي شاگردن لاءِ مددگار ثابت ٿيندو.

لال جروار
اسماعيل خاصخيلي
02 جون 2019 حيدرآباد

عالمي سياسي منظرنامو

(عالمي سياست تي لكيل نظرياتي، فكري ۽ تحقيقي مضمون)

اوائلي انساني تاريخ جو ڪجهه ذڪر

يورپي ۽ آمريڪي سائنسدانن جو چوڻ آهي تہ ڏرتيءَ جا ڪنڌ تمام آهستي رفتار سان (سال ۾ فقط 2 سينٽي ميٽر پنڌ ڪندي) چرپر پيا ڪن. سندن چوڻ آهي تہ 19 ڪروڙ سال اڳ آمريڪا، يورپ ۽ آفريقا هڪ ڪنڌ هئا ۽ آهستي آهستي هڪٻئي کان پري ٿيا آهن.

(انسائيڪلوپيڊيا، برٽينڪا جلد ٽيون، صفحو 684)

پين سائنسدانن جو چوڻ آهي تہ آفريقا ڪنڌ جا ڪجهه ٽڪرا اهڙو پنڌ ڪري ايشيا ڪنڌ سان اچي مليا آهن. ڏرتيءَ جي 460 ڪروڙ سالن جي وجود جي هلندي ڏرتيءَ تي بي انداز بي جان شيون ۽ جاندار پيدا ٿيندا رهيا آهن. ڏرتيءَ جي ماحول ۽ ان جي مخلوق جا بي انداز اثر آهستي آهستي ڦهلبا ۽ هڪٻئي کي متاثر ڪندا ۽ بدلائيندا رهيا آهن. جونءِ جيڏن جيتن کان ونيِ وڏن سُرندڙ جيتن ۽ ميڇين جهڙن پاڻي ۾ ترندڙ ساهوارن ۽ چوپاين ۽ کير ڏيندڙ جانورن تائين، بي انداز مخلوق پيدا ٿي ويئي، پر لکين سالن تائين ڏرتيءَ تي اڃوڪي انسان جو نالو نشان بہ ڪونہ هو. انسان جو بڻ بنياد سڀ کان پوين هڪ ڪروڙ سالن ۾ پيو "سنئين ڳاڻي هلندڙ" (Homo-Erectus) ساهوارو آفريقا ۽ ايشيا ۾ نظر ايندو هو ۽ يورپ ۾ ڪونہ هو. هي ڪجهه ماڻهوءَ جهڙو ساهوارو باهہ ٻاري ان تي ڪاڌو پچائي سگهندو هو. پنهنجو پاڻ کي گرم رکندو هو ۽ جهنگلي جانورن کي باهہ جي اماڙين سان ڀڄائيندو هو. دنيا جي سڀني ڪنڌن مان آفريقا کي ڏرتيءَ ۽ انسان جي تاريخ سان واسطو رکندڙ اهم ڳالهين ۾ سڀني کان پوئتي، غير اهم ڪري ليکيو وڃي ٿو.

يونان جي جڳ مشهور تهذيب کي ذهن ۾ رکندي، اولهہ جي ملڪن جا دانشور پنهنجي آمريڪي- يورپي تهذيب (اولهہ جي تهذيب) کي يوناني- رومي (Greeco-Roman) تهذيب سڏين ٿا ۽ ان کي ڏرتيءَ تي انساني تاريخ جي سڀ کان اهم اڳواڻ، طاقتور ۽ روشن خيال تهذيب ڄاڻائين ٿا، تنهنڪري پين ڪنڌن جا ماڻهو بہ ان ڳالهہ تي وسهي ويا آهن.

جيڪڏهن تاريخ جي صحيح خبر هجي ها تہ اها غلط فهمي هرگز نہ ٿئي ها ۽ نہ ئي ايشيائي اوپر جا ماڻهو اهڙي غلط فهمي ۾ احساسِ ڪمتريءَ جو شڪار ٿيو وينا هجن ها. جيڪو ڏرتيءَ جي انساني تاريخ کان چڱيءَ طرح واقف هوندو ان کي خبر هوندي تہ اهي سوچون، دعوائون ۽ غلط فهميون بلڪل بي بنياد آهن. حقيقت اها آهي تہ:

1. اهو مغرب نہ پر آفريقا ئي هو جنهن ۾ لکين سالن تائين انساني ارتقا ۽ انسان پنهنجي هاڻوڪي صورت ۽ سيرت تي پهچڻ ۾ اڳيرو ٿيو.
2. ان جي ابتڙ اهو يورپ ئي هو جتي انساني سڌاري جي ارتقا جڻ تہ صفا بيهي رهي هئي، تان جو اٽڪل 42 هزار ورهيہ اڳ ايشيا ۾ وڏيل، ويجهيل ۽ سڌريل اڏو گابرا انسان (Pro-Magnun) سطح جا، ايشيا مان يورپ ويا ۽ وڃي اتي جي اڏوگابرن انسانن جهڙن ساهوارن ۾ سڌارو ۽ واڌارو آندائون.

اڄوڪن ماڻهن جهڙو ماڻهو انسان (Homo-Sapien) پهريائين پهريائين نڪو آمريڪا ۾ پيدا ٿيو نڪو يورپ ۾. انهن ٻنهي کنڊن جي ماڻهپي کي رسيل ساهوارن کان هزارين ورهيہ اڳ، اولهہ ايشيا ۾ اڄوڪن ماڻهن جهڙا ماڻهو پيدا ٿي چڪا هئا. اڄ کان 10 هزار سال اڳ ايشيا ۾ پوک جو رواج پيو. عراق ۽ شام جي فرات ۽ دجلہ ندين جي وچ وارين ايراضين ۾ پوک ٿيڻ لڳي. ڏرتيءَ ۽ انسان جي ٺُلهي ليکي بنيادي تاريخ کان ناواقف هجڻ جي ڪري، دنيا جي ڪروڙين، اربين انسانن جي ذهنن ۽ دماغن ۾ ڪيترين ئي غلط فهميون گهر ڪري ويون آهن، جن جي ڪري ايشيا جا ماڻهو، جيڪي دنيا جي انساني آبادي‌ءَ ۾ ٻين سيني کان آباديءَ ۾ ۽ ٻين ڪيترين ڳالهين ۾ ڪافي اڳيرا رهيا آهن، تن مان ڪيترائي ماڻهو ڪن زمانن کان ونڊي انهن ساڳين غلط فهمين ۽ ان جي ڪري احساسِ ڪمتريءَ جو شڪار آهن، تہ ٺُلهي ليکي دنيا ۾ سڀ کان طاقتور، روشن خيال، ذهين، عقلمند، داناءَ، سکيا ستابا، ڏاها، ڪامياب، خوشحال ۽ خوشنصيب ماڻهو دنيا جي تاريخ جي پهرئين ڏينهن کان ونڊي اولهہ جا ماڻهو رهيا آهن، جن دنيا جي مکيہ ڪمن ۾ سدائين انسانن ذات جي ايئن اڳواڻي ڪئي آهي، جيئن اڄ ڪئين صدين کان ڪري رهيا آهن. دنيا جي پهرين تهذيب يورپ ۽ آمريڪا وغيره ۾ نہ

پر ايشيا ۾ عراق جي فرات ۽ دجلہ ندين جي آسپاس قائم ٿي. جن پھرين ماڻھن ان تھذيب جو بنياد وڌو اھي سميريائي سڏجن ٿا. اھا تھذيب 7000 ورھيہ اڳ قائم ٿي. ھن تھذيب شھري رياستون قائم ڪيون. جھڙوڪ: اورڪ (Uruk) ۽ لگاش (Lagash) وغيرہ.

سميرين ماڻھن دنيا جو پھريون لکڻ جو نظام ايجاد ڪيو. اڄ کان 5100 سال اڳ کان متيءَ جي پٽين تي رکارڊ لکڻ شروع ڪيو ويو. اھڙيون ھزارين پٽيون رکارڊ تي موجود آھن. ان کان پوءِ اڄ کان 4300 سال اڳ عربستان جا سامي نسل جا ماڻھو اتي آيا ۽ ٻہ وڏيون شھنشاھتون اسيريا ۽ بئبلونيا (بابل) قائم ڪيائون. 4500 سال اڳ ڪريٽ جي ٻيٽ ۾ ھڪڙي تھذيب قائم ٿي، جنھن کي منوئن تھذيب ڪوٺجي ٿو ۽ ھندستان ۾ سنڌو ماڻريءَ جي تھذيب جنم ورتو. ان وچ ۾ عراق ۽ شام جي علاقن جا پرومیگنان سطح جا ماڻھوءَ سان مشابھت رکندڙ اڏوگابرا ماڻھو اتان يورپ روانا ٿيا ۽ اتي جي ماڻھن ۾ سڌارو آندائون. ان وچ ۾، عراق ۽ شام جي آسپاس زراعت ترقي ڪئي، ماڻھن ردون، ڳئون ۽ ٻيو مال ڏارڻ شروع ڪيو. اڄ کان 6000 ورھيہ اڳ ڏاري، چين ۾ ٻہ سارين جي پوک جو رواج ٻيو. اڄ کان 5100 سال اڳي، مصر ۾ پھرين حاڪم گھراڻي جي حڪومت شروع ٿي. ان وقت ڏاري مصري ۽ اسيريا تھذيبن ۾ دنيا ۾ پھريون پيرو جاين جي اڏاوت ۾ سرون استعمال ٿيون. فنيشن قوم جا ماڻھو يونچ سمنڊ جي اوپر واري ڪناري تي پنھنجا ڳوٺ راڄ ٻڌي اچي وينا. اڄ کان 4700 ورھيہ اڳ مصر ۾ پھريون اھرام ٺھيو. ان وقت ڏاري چين جو ھاڪارو پيلو شھنشاھ (Yellow Emperor) چين جي تخت تي ويٺو. اڄ کان 4000 سال اڳ جاپان جي جومون ثقافت جو دور شروع ٿيو. 3728 سال اڳ بابل جي ھاڪاري ۽ قانونن جو ڪوڊ تخليق ڪندڙ بادشاھ ھمورابي اعظم جي حڪومت شروع ٿي. 3250 سال اڳ يھودين حضرت موسيٰ عليہ السلام جي اڳواڻيءَ ۾ مصر مان ھجرت ڪئي. 3000 ورھيہ اڳ حضرت داؤد عليہ السلام جوڊا جو بادشاھ ٿيو ۽ پوءِ اسرائيل جو بادشاھ ٿيو. ھن يروشلم کي پنھنجو تخت گاھ بڻايو. انھيءَ وقت ڏاري ھندوستان ۾ سنڌو نديءَ جي ڪناري تي ھندن جو مشھور ڏرمي ڪتاب رگ وید لکيو ويو.

2961 سال اڳ حضرت داؤدؑ وفات ڪئي ۽ سندن فرزند حضرت سليمانؑ سندس جاءِ نشين ٿيا. 2922 سال اڳ حضرت سليمانؑ وفات ڪئي ۽ سندن فرزند جاءِ نشين ٿيا. عراق ۽ شام ۾ رهندڙ فنيشاهي قوم دنيا جي مشهور آفريقي شهر ڪارٿيج جو بنياد وڌو. 2763 سال اڳ روم جي شهر جو بنياد وڌو ويو. 2563 سال اڳ گوتم ٻڌ ڄائو. 2559 سال اڳ سائرس اعظم ايران جي شهنشاهت جو بنياد رکيو. 2551 سال اڳ چين ۾ مشهور چيني داناءَ ڪنفيوشس ڄائو. 2509 سال اڳ رومي جمهوري حڪومت جو بنياد رکيو ويو. 2494 سال اڳ روم جي پورهيت طبقي روم جي حڪومت خلاف بغاوت ڪئي ۽ پنهنجا سياسي حق حاصل ڪيا. 2492 سال اڳ يونان ۽ ايران جي وچ ۾ لڙايون شروع ٿيون ۽ يوناني فوجن جي سرسي ٿي. 2336 سال اڳ سڪندرِ اعظم ميسيڊونيا جو بادشاهه ٿيو. 2334 سال اڳ سڪندر ايران تي چڙهائي شروع ڪئي. 2327 سال اڳ سڪندرِ اعظم جو هندوستان تي حملو ٿيو. 2321 سال اڳ موريا گهراڻو هندوستان جو حاڪم ٿيو. 2304 سال اڳ سڪندر جو جنرل سليوڪسي هندوستان ۾ پنهنجي حصي تان دستبردار ٿيو.

2236_2247 سال اڳ اشوڪِ اعظم موريا سلطنت جو حاڪم بڻيو. 2214 سال اڳ چين جي ديوار ناهي ويئي. 2051 سال اڳ رومي حاڪم جوليس سيزر، گال يعني فرانس فتح ڪيو. 2044 سال اڳ جوليس سيزر کي قتل ڪيو ويو. ايئن قصو هلندو اڄ تائين پهتو آهي.

انساني تاريخ جو تت ڏسبو ته اهو آهي ته ان ۾ 4 مکيه سماجي نظام هلندا رهيا آهن: غلامداري، قبائلي، جاگيرداري ۽ سرمائيداري. هزارين سالن کان عام صورتحال اها پئي رهي آهي ته پنهنجا پراوا ٿورڙا قورو ۽ ظالم، لکن ڪروڙن ماڻهن جي حقن کي غضب ڪريو، سندن پورهئي کي، کسيو ڦٻايو. کين عملي طرح پنهنجو ۽ ٻين جو غلام بڻايو وينا هوندا آهن. وڏي ۾ وڏو انسان دشمن عذاب قورو ۽ ظالم جنگيون پئي رهيون آهن. جن دنيا جي ڪروڙين، اربين مسڪين پورهيتن جي زندگين کي ساڙي ٻاري رک بڻائي پئي ڇڏيو آهي. پري ڇو وڃجي، هينئر ٻه سڃيءَ دنيا ۾، خاص ڪري سموري ايشيا ۾، جنگ جا شعلا پيا ٻڙڪن. پاڪستان جي ماڻهن

جو جيڪو حال آهي، سو ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي، پر ڳالهه رڳو پاڪستان جي ڪانهي، فلسطين، عراق، افغانستان، مصر، تيونس، شام ۽ ليبيا ۾ لکين، ڪروڙين ماڻهو ماري، رت جون نديون وهايون ويون آهن. ايران موت جي منهن ۾ آهي. چون ٿا ته جمهوريت خاطر شام ۾ ايجا بہ وڏو ينيٽ هاريناسون. ڳالهه اتي ختم ڪانه ٿيندي. ترڪيءَ ۾ بہ باهه پئي ٻري، چين کي گهيري ۾ آڻڻ لاءِ جاپان کي نرا ڪٽي بيهاريو ويو آهي. ايٽمي جنگ لاءِ هارڻ هاريو پيو وڃي. هندستان کي اربن، کربن روپين جا نوان موتمار هٿيار ونرايا ويا آهن. انهن سان هار ويهي راندين تہ ڪونہ ڪندا؟

اقوام متحده ڇا پئي ڪري؟ دنيا ۾ ڪي امن پسند ملڪ بہ آهن يا ڪوڙيءَ کي گهمرو آهي؟ پهرين ۽ ٻي عظيم جنگ جي سيني سوچيندڙ ماڻهن کي خبر آهي تہ انهن جي اصليت ڇا هئي. هينئر وري ماڻهن کي ٻچا وات ۾ اچي ويا آهن ۽ بين الاقوامي سازشي دهشتگرد ڏريون وري ٻيا ممڙ مچائڻ جون تياريون پيون ڪن. پاڪستاني حڪومت ۽ عوام دوست سياسي ۽ سماجي ڏريون گڏجي، ايشيا ۾ هر وقت جنگ لاءِ ميدان تيار رکندڙ ڏرين کي حد کان وڌڻ کان روڪين، ٻيءَ حالت ۾ جيڪڏهن جنگ جي شوقين ڏرين کي ڇيڪ ڇڏيو ويو تہ پاڪستان جهڙن ملڪن لاءِ پنهنجا پلاند آجا رکڻ ناممڪن ٿي پوندو.

سوال آهي تہ اڄوڪي دنيا تہ اڳوٽي دنيا ناهي، جنهن ۾ وحشتناڪ، انسان دشمن، جلاد صفت، چنگيز خان، هلاڪو نادر شاهه، هٽلر، مسوليني رات ڏينهن "جنگ جنگ" پيا ڪندا هئا ۽ لکن کي هڪ ڏڪ سان مارائيندي بہ بس نہ ڪندا هئا. اڄ تہ امن، جمهوريت، انسان دوستيءَ، قانون جي حڪمرانيءَ، انساني حقن، رواداري، فراخدلي ۽ عالمي برابريءَ جو زمانو آهي، پوءِ رات ڏينهن هي سڀ جنگي سازشون ۽ شرارتون ۽ قتلام ڇو ٻيا ٿين؟ 24 ڪلاڪ جنگ ڪنهن کي ٿي ڪٻي، ڇو ٿي ڪٻي ۽ اهي هر دفعي ڪٽي ڇو ٿا وڃن؟ انهن سوالن تي غور ڪري، انهن جا جواب هٿ نہ ڪبا تہ دنيا جي اربين ماڻهن جي زندگين مٿان موت جا لامارا ڪڏهن بہ بند نہ ٿيندا.

(روزانہ "ڪاوش" حيدرآباد، 21 جون 2013ع)

ڪرن ٽا چرخ جا ڦيرا، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا

اسان گذريل مضمونن کان وٺي انساني تاريخ جي هن دور جي جنهن تمام وڏي مسئلي تي غور وبچار پيا ڪريون، سو اهو آهي تہ دنيا جا عيسائي ۽ عيسائي حڪومتون جيڪي شروعات ۾ هيڏيون ڪمزور ۽ تفرقي ۾ هيون، سي اڄ ڇو ۽ ڪيئن سڄي دنيا جون بي تاج بادشاهہ ٽيو وينيون آهن ۽ مسلمان ۽ سندن حڪومتون، جيڪي ڪئين صديون دنيا جا فاتح ۽ اڳواڻ ٽيو وينا هئا، سي اڄ ڇو عيسائي مغربي حڪومتن جا "گولا جي گولن جا ـ تن جا بہ غلام" بڻجي، وڏي فخر سان پنهنجي قوم جا ڪاسائي ٽيو، پنهنجا ملڪن جا ملڪ رت ۾ ٻوڙايو بينا آهن.

انساني تاريخ جا قسمين قسمين دور ٽي گذريا آهن، هڪڙو دور تڏهن هو، جڏهن انسان ايجا انسان ٽي رهيو هو. ان دور ۾ يورپ تمام پوئتي پيل هو ۽ آفريقا اڳتي هو. ٻئي دور ۾ جڏهن ماڻهو وڏي ويجهي اڄ جهڙو انسان بڻجي ويو، تڏهن يورپ پوئتي رهيو پر ايشيا گهڻو اڳتي نڪري آيو. پهريون انساني تهذيبون ايشيا ۾ اسريون نسريون. پوک، لکڻ پڙهڻ، شهر اڏڻ، حڪومتون هلائڻ ۽ ٻيا ڏنڏا ايشيا ۾ شروع ٿيا. عراق، بابل، ايران، مُهين جي دڙي، چين، هندوستان جي بلي بلي هئي. انساني تاريخ جي ٽئين دور ۾ يورپ هڪڙو تمام وڏو تاريخي ڇلانگ هڻي، نہ رڳو اڳوڻي سڄي دنيا کان صدين جون صديون اڳتي نڪري ويو، پر سندس ان برتريءَ جي ڪن ٻالهين تي سوچي اڄ ڪئين صديون پوءِ جو انسان بہ دنگ رهجيو وڃي. يورپ جي عظيم الشان عالمي برتريءَ جو اهو دور ناهڻ وارا ملڪ هئا يونان ۽ روم.

دنيا جي تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي تہ هر ملڪ ۽ علائقي جي هر دور ۾ بين ڪيترن تضادن ۽ مقابلن سان گڏ بہ گروهہ هميشہ، هر هنڌ، هڪٻئي سان سر ڏڙ جي بازي لڳائي، حياتي ۽ موت جي ويڙهہ ڪندا

رهيا آهن. هڪڙي پاسي هوندا آهن تنگ نظر، ماضي پرست، اڪرن ۾ اڙيل انتها پسند ۽ ٻئي پاسي هوندا آهن روشن خيال، صوفي، علم دوست، محقق ۽ سائنسدان. انتها پسنديءَ سان ويڙهه ۾ اولهه جا روشن خيال عيسائي انتها پسندن هٿان صدين جون صديون عذاب سهڻ جي باوجود نيٺ مذهبي انتها پسنديءَ کي شڪست ڏيئي اڳتي نڪري ويا ۽ اڄ سڄي جهان جا بادشاهه ٿيا وينا آهن. تنهن جو هڪڙو تمام وڏو تاريخي سبب اهو هو جو کين يوناني، رومي تهذيب جهڙي هڪڙي زبردست تاريخي، روشن خيال ۽ سائنس دوست قوت جي ڀرپور علمي ۽ فڪري ڀيرائي حاصل هئي ۽ ان جهڙي قوت جي ڀيرائي مسلمانن يا ٻين مذهبن جي روشن خيال ماڻهن کي انهن جيتري وسيع حد تائين حاصل ڪانه هئي. يونان ۾ پهريائين ڪيئي شهري حڪومتون هيون، جيڪي پنهنجو سمورو ڪاروبار پاڻ هلائيندي هيون. ڪابه هڪڙي مرڪزي حڪومت ڪانه هئي. انهن شهري حڪومتن ۾ هڪڙا هوندا هئا خانداني امير، ٻيا هئا 'ڊيموز'، معني عوام، جن ۾ هاري، ڪاريگر، واپاري ۽ ٻيڙياتا شامل هئا. انهن ڏينهن ۾ يونان ۾ به، ٻين ڪيترن ملڪن وانگر، ڪنهن ماڻهوءَ تي ڪنهن جو ڪو قرض رهجي ويندو هو ته ان کي قرض ڏيندڙ جو غلام بڻائي ڇڏيندا هئا. انهن کي سڏبو هو قرضي غلام (Debt slaves). سنه 590 ق۔ م (حضرت عيسيٰ جي جنم کان اڳ جو زمانو) ۾ سولون کي ايٿينس شهر جو چيئرمين چونڊيو ويو. ماڻهن تي جيڪي به قرض چڙهيل هئا، سي هن ختم ڪري ڇڏيا. سمورن قرضن جي غلامن کي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ اها غلام بنائڻ جي رسم ئي ختم ڪري ڇڏيائين. ان کان پوءِ سنه 509۔ 510 ق۔ م ۾ ڪليسٿينس چيئرمين چونڊيو. جنهن امير خاندانن جو تسلط ختم ڪري ڇڏيو. هن شهر جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ 100 جڻن جي ڪائونسل مقرر ڪئي ۽ فوجي اڪيڊميءَ کي هلائڻ لاءِ 10 چونڊيل فوجي آفيسر مقرر ڪيا. پيريڪلس جڏهن ايٿينس جو چيئرمين هو تڏهن اهو شهر طاقت ۽ خوشحاليءَ جي بلندين تي پهچي ويو هو.

شهر جي حڪومت هلائڻ لاءِ هڪڙي عوامي اسيمبلي چونڊي

ويئي. ان جي ميٽنگ هر ڏهين ڏينهن ٿيندي هئي. شهر جي سڀني شهرين کي ووٽ جو حق ڏنو ويو ۽ اهي سرڪاري ڪمن ۾ سڌيءَ طرح شريڪ ٿي سگهيا ٿي. هر شهريءَ کي ڪنهن به عهدي لاءِ نه رڳو ووٽ ڏيڻ جو حق هو، پر اميدوار طور بيهڻ جو به حق هو. اڄ کان اڍائي هزار سال اڳي، خاص ڪري پيريڪلس جي دور ۾، ائٿينس يونان جو سياسي ۽ ثقافتي مرڪز هو. هن دور اول ٿي يوناني فيلسوف پيدا ڪيا، جن اهو ٻڌايو ته جيڪا دنيا نظر اچي پئي، تنهن جو اصلي جوهر ڪهڙو آهي. اهي هئا: ٿيلس، ايناڪسي مينس ۽ ايناڪسي مينڊر. اڄ کان اڍائي هزار ورهيه اڳ هيراڪليٽس فيلسوف پيدا ٿيو جنهن جدلي فلسفي جو بنياد رکيو. هن چيو ته، "سڀ شيون وهڪري ۾ آهن. توهين هڪڙو پيرو ڪنهن نديءَ ۾ داخل ٿيندؤ ته پوءِ جڏهن ٻئي دفعي ان ۾ داخل ٿيندؤ ته اها ساڳي ندي نه هوندي، جنهن ۾ توهان اڳئين پيري داخل ٿيا هئا." هيراڪليٽس سيکاريو ته،"وجود ۾ تضاد ۽ مخالفت آهي. هر ڳالهه ۾ ابتڙن جو مقابلو آهي. انصاف ويڙهه آهي ۽ سڀ شيون ويڙهه ذريعي ٿين ٿيون ۽ ايئن ئي ڪرٽو اٽن." يونان جو هڪڙو وڏو مادي فيلسوف ڊيماڪريٽس هو، جنهن چيو ته، "دنيا ۾ هڪڙا آهن ايٽم يا ذرڙا، ٻي آهي خلا. اهي ننڍڙا ذرڙا خلا ۾ ڊوڙي رهيا آهن. هڪٻئي کي ڏڪ هڻن ٿا، هڪٻئي سان ملي هڪ ٿين ٿا. ڏسڻ ۾ ايندڙ اها سڄي دنيا ان وڙهڻ ۽ ملي هڪ ٿيڻ جو نتيجو آهي." پليٽو فيلسوف جو چوڻ هو ته، "دنيا جو نچوڙ خيال آهن." جڏهن ارسطو پيدا ٿيو (322_384 ق.م ۾، تڏهن ان کان اڳ جيڪا فلسفي ۽ سائنس ۾ واڌ ويجهه ٿي هئي، تنهن کي پاڻ ۾ ملائي، هن ان مان نوان نتيجا ڪڍيا.

يونان جا ماڻهو اول مذهبي ناٽڪ پيش ڪندا ۽ ڏسندا هئا. ان کان پوءِ هنن جڳ مشهور المناڪ ۽ مزاحيه ناٽڪ لکندڙ پيدا ڪيا، جن ناٽڪن جي روپ ۾ وڏيون دانائيءَ واريون ڳالهيون سيکاريون آهن. ناٽڪن جي واسطي ايڪرو پوليس ٽڪريءَ جي لاهيءَ تي هڪڙو ناٽڪ گهر ٺهيل هو جنهن ۾ 30 هزار ماڻهو ويهي ناٽڪ ڏسي سگهندا هئا. ايسڪائيلس، سافوڪلس ۽ يوريپائيس وڏي ۾ وڏا دردناڪ ڊراما

لکڻ وارا هئا. جن مان ڪن 50 ـ 50 دردناڪ ڊراما لکيا هئا. مزاحيه ناٽڪن جا لکندڙ ايرسٽوفينس ۽ ٻيا هئا. يونان جي آسپاس جي ملڪن، جهڙوڪ: اسپارٽا، ايران وغيره سان ڪافي بري ۽ بحري لڙايون هلنديون رهنديون هيون، جنهن ۾ هن جا ويڙهاڪ گهٽي ياڳي فتحون حاصل ڪندا هئا. ايران جي شهنشاهت سان هن جون ڪچ بري ۽ بحري لڙايون ٿيون، جن ۾ هنن ايران کي اڪثر شڪستون ڏنيون، خاص ڪري بحري لڙاين ۾.

"ڪلاسيڪي يوناني فلسفو اڄ ڏينهن تائين پنهنجي عالمي سطح جي اهميت برقرار رکيو اچي ۽ اڄ به اهو عالمي ثقافت جي خزاني گهر ۾ هڪڙي بنيادي آملهه تحفي طور تسليم ٿئي ٿو."

("دنيا جي مختصر تاريخ" ـ ايڊيٽر: اي. زيڊ مئنفريڊ، پراگريسو پبلشرس، ماسڪو، ص: 76)

چوٿين صدي ق. م ۾ بلقان جي علاقي ۾ ميسيڊونيا جي نئين يوناني حڪومت وجود ۾ آئي، جنهن سڪندرِ اعظم جهڙو ٻي مثال فاتح پيدا ڪيو. هو 336 ق. م ۾ 20 سالن جي عمر ۾ تخت تي ويٺو ۽ ٻن سالن کان پوءِ هن ايران تي ڪاهه ڪري ان کي قبضي ۾ ورتو ۽ پوءِ 327 ق. م ۾ هندوستان تي حملو ڪيو. سندس فوج اڳتي وڌڻ کان بغاوت ڪئي، واپس موٽيو ۽ واٽ تي بابل ۾ مري ويو.

روم 21 اپريل 753 ق. م تي اڏيو ويو. ڇهين صدي ق. م جي پڇاڙيءَ ۾ روم جي آخري بادشاهه تارڪوئن کي زبردستيءَ تخت تان لاٿو ويو. حڪومت جو بادشاهي سلسلو ختم ڪيو ويو ۽ ملڪ ۾ چونڊيل نمائندن جي حڪومت قائم ڪئي ويئي. روم جي شهرين کي ملڪيت ۽ آمدنيءَ جي حساب سان پنجن درجن ۾ ورهايو ويو. جيڪي سڀ کان غريب هئا، انهن کي پرولتاري سڏيو ويو. روم ۾ هيٺيان طبقا يعني غلام، هاري ناري ۽ ٻيا پورهيت وقت بوقت مٿين طبقن جي جاگيردارن ۽ شاهوڪارن خلاف احتجاج ۽ بغاوتون ڪري سڀائين کي نه کي حق ميڙائيندا رهندا هئا. غلامن جي حالت اول تمام خراب هئي، ايتريقدر جو روم جي ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ سندن اڳيان غلامن کي هڪٻئي کي مارڻ جو حڪم ڏنو ويندو هو.

غلام هڪيئي کي ماري رتورت ٿي ڪري پوندا هئا تہ ڏسندڙ زالون مرد زور زور سان تاڙيون وڄائي ۽ ٿهڪ ڏئي کين داد ڏيندا هئا. ان صورتحال خلاف احتجاجن اڳتي هلي غلامن جي بغاوتن جو روپ ورتو جن جي نتيجي ۾ حڪمرانن کي پنهنجي چال سڌارڻي پيئي. تان جو ڏاڪي بہ ڏاڪي ان وقت جي دنيا جي ٻين ماڻهن جي پيٽ ۾ هتي جي غلامن ۽ غريبن جي حالت تمام گهٽو بهتر ٿي ويئي ۽ عملي طرح هر ڪم چوندڙ ذريعي ٽيڙ لڳو. خانداني بادشاهت ختم ڪئي ويئي. پهريائين رڳو متين طبقن جا ماڻهو پوءِ اڪثر طبقن جا ماڻهو حڪمرانيءَ ۾ شامل ٿي ويا. علم، تاريخ، ادب ۽ شاعريءَ جي ميدانن ۾ نامور ماڻهو پيدا ٿيا. سنہ 300 عيسوي ۾ شهنشاهہ ڪانسٽنٽائين رومي شهنشاهت جو تخت گاهہ روم مان ٽيرائي بازنطين (قسطنطنيہ) کي ڪيو. 410 عيسويءَ ۾ گوٿن جي قبيلي الارڪ جي اڳواڻيءَ ۾ روم تي حملا ڪيا، جن رومي شهنشاهت جو بڙ بٽياد ڏاهي رکيو. هڪ ٻئي پٺيان يارنهن ڪمزور شهنشاهہ تخت تي ويٺا، پر مهينن تائين بہ جٽاءُ نہ ڪري سگهيا. تان جو سنہ 476ع ۾ دشمنن روم جي 14 سالن جي جمار واري شهنشاهہ روميولس آگسٽيولس جو تختو اونڌو ڪري، جڳ مشهور رومي شهنشاهت جو وجود ختم ڪري ڇڏيو.

اولهہ جي دنيا جا ماڻهو يوناني ۽ رومي حڪومتن کي وڏي فخر سان ياد ڪندا آهن ۽ پنهنجي تهذيب کي يورپي- آمريڪي تهذيب نہ پر يوناني- رومي تهذيب (Greeco- Roman Civilization) ڪوٺيندا آهن، جيتوڻيڪ سندن مذهب ٻيا ٻيا هئا. يوناني ۽ رومي تهذيب ۾ پنهنجي زماني جون سموريون سياسي، سماجي ۽ فڪري اوٽايون، رجعت پرست ۽ انتها پسند مذهبي ڳالهيون، رسمون ۽ رواج هئا، پر انهن سان گڏ ان تهذيب انسانذات کي ڪيتريون اهڙيون حيرت انگيز روشن خيال ۽ تخليقي سوچون، سمجهون، روايتون ڏنيون، جن جو ٻين ملڪن ۽ زمانن ۾ تصور ڪرڻ بہ ڏکيو آهي. پر ان قابلِ فخر يوناني- رومي تهذيب جي مثبت علمي، ثقافتي ۽ سائنسي حاصلاتن کي پهرين غور سان مطالعي ڪرڻ ۽ ڦهلائڻ وارا يورپي ماڻهو نہ، پر عرب دنيا جا ماڻهو هئا، جن انهن جي ڪتابن کي وڏي محنت سان روم ۽ ٻين جاين تان گهرائي هٿ

ڪيو انهن جو ٻين ٻولين ۾ ترجمو ۽ مطالعو ڪيو ۽ انهن تي عالمانه نبصرا ڪيا ۽ جن کي وري يورپي عالمن پنهنجين ٻولين، يعني لاطيني ۽ ٻين ۾ ترجمو ڪيو. 313ع ۾ ڪانسٽنٽائين رومي شهنشاهه، جيڪو ڪ سال اڳ عيسائي ٿيو هو تنهن عيسائي مذهب تان بندش لاٿي ۽ عيسائين کي پنهنجي دين تي هلڻ جي اجازت ڏني. تنهن کان پوءِ جڏهن عيسائي پادري ۽ لاٽ پادري زور وٺي ويا، تڏهن هنن يونان ۽ روم جي روشن خيال عالمن ۽ فيلسوفن جو ٻڌ بنياد ڪيڻ لاءِ سندن خلاف رڙ ماري ڏنو جنهن ڪري هو دنيا ۾ ٽڙي پکڙي ويا. جيڪي ايران ويا، تن کي ايرانين پنهنجي قومي روايت موجب پاڻ وٽ رهڻ ڏنو پر سگهو ئي مسلمانن جو ايران تي قبضو ٿي ويو جنهن ڪري اهي يوناني ۽ رومي عالم ۽ داناءَ اتان ڀڳا ۽ ٻين ملڪن ۾ پکڙجي ويا، تان جو بغداد عباسين جو تخت گاهه ٻڌيو ۽ هارون رشيد جي زماني ۾ ٻين مذهبن جي ماڻهن سان فراخدليءَ وارو ورتاءُ ڪيو ويو.

"اٽين صديءَ جي وچ کان وٺي يارهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين عربي ٻولي انسان ذات جي سائنسي ۽ ترقي يافته ٻولي هئي"..... هتي ايترو ئي ڪافي ٿيندو ته اهڙين ٽورڙين شاندار شخصيتن جا نالا وٺون، جن جي مقابلي جهڙيون شخصيتون ان دور جي يورپ ۾ ڪونه هيون. اها نالا آهن: جابر بن حيان، الڪندي، الخوارزمي، الفرغاني، الرازي، ثابت ابنِ قراءِ البطاني، حنين ابنِ اسحاق، الفارابي، ابراهيم ابنِ سينا، المسعودي، الطبري، ابوالوفا، علي ابنِ عباس، ابو القاسم ابن الجزار، البيروني، ابنِ سينا، ابنِ يونس، الڪرخي، ابن الهيثم، علي ابنِ عيسيٰ، الغزالي، الزرقلي، عمر خيام..... جيڪڏهن ڪوئي توهان کي چوي ته سائنسي لحاظ سان وچيون دور رڙ پٽ ۽ ويران هو ته توهان ان کي اهي نالا ٻڌايو. اهي سڀ 750 عيسوي کان وٺي 1100ع تائين جي نسبتاً "گهٽ تاريخي عرصي ۾ وڌيا ويجهيا هئا."

"اوائلي دور ۾ فلسفي يا سائنس جو وجود نه هو انهن کان اسلامي دنيا ڪلاسيڪل عباسي دور ۾ روشناس ٿي. تنهن هوندي به 704ع ۾ اموي شهزادي خالد بن يزيد خلافت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيڻ کان پوءِ

ڪيمياگريءَ جو مطالعو شروع ڪيو ۽ ان جي ڪوشش سان ڪيمياگري، جوتش يا علم نجوم ۽ طب جي ڪتابن جو عربي ترجمو ٿيو. هي اهو دور هو، جڏهن اسلام تيزيءَ سان وڌي رهيو هو ۽ اسلامي سماج سرگرم هو. واپار ۾ فتحن جي ڪري فرحت ۽ خوشحاليءَ هڪڙو اهڙو طبقو پيدا ڪيو هو، جيڪو معاشي فڪرن کان آزاد رهي دماغي ۽ ذهني ڪمن طرف ڌيان ڏئي سگهيو ٿي. ان زماني ۾ فنونِ لطيفه ۽ سائنس جي ترقي ٿي. پهرينءَ وڪ طور يوناني سائنس، فلسفي ۽ طب جي ڪتابن جي ترجمن جو عظيم ڪم سرانجام ڏنو ويو. ان ڪم جي شروعات جنڊشاپور ۾ ٿي. پوءِ ان جو مرڪز بغداد بڻيو. جتي ڪم ڪرڻ وارا گهڻي ياڳي غير مسلم هئا. پروفيسر صابرا جي چوڻ مطابق، ترجمي جو ڪم ڪرڻ وارا گهڻي ياڳي نصراني عيسائي هئا. اهي اولهه ايشيا ۽ وچ ايشيا جي عيسائي مدرسن ۽ خانقاهن جا تعليم يافته هئا. سيني کان وڏو مترجم حنين ابنِ اسحاق هو، جنهن پنهنجي پٽ اسحاق سميت ماڻهن کي ترجمي جو ڪم سيکاريو هو. انهن ماڻهن يوناني طب، فلسفي ۽ رياضيءَ جا ڪئين ڪتاب عربيءَ ۾ ترجمو ڪيا. هڪڙو ماهر مترجم ثابت ابنِ قره هو، جيڪو حران جي صابيه قبيلي سان تعلق رکندو هو. بيا وڏا مترجم ابو بشر، مطعي ۽ يحيٰ بن عدي، ۽ يعقوبي راهب هئا. يوناني ترجمن کان اڳ بارامڪا، جنهن جو شجرو ٻڌ مذهب سان ملندو هو، ان بغداد ۾ بيت الحڪمت قائم ڪيو ۽ هن اتي هندو طب، رياضي ۽ فلڪيات جي مضمونن جي تعليم ۽ تدريس شروع ڪئي.

اسلامي سائنسي ارتقا جو هي پهريون دور دراصل يونان مان آيل علمن کي سمجهڻ ۽ هضم ڪرڻ جو دور هو. ان دور ۾ مسلمان دانشورن ترجمو ڪندڙ طور ٻڌي درجي واري حيثيت ۾ حصو ورتو هو. مسلمان حڪمران طبقن جي مڪمل حوصلي افزائيءَ ۽ حمايت کان سواءِ ترجمن جو ڪم ناممڪن هجي ها. خليفن جي درٻارن ۽ شرفاء جي محلن ۾ هر مذهب ۽ ملت جي دانشورن ۽ هنرمندن جي پذيرائي ۽ عزت افزائي ڪئي ويندي هئي. انهن ۾ محض رواداري اختيار نه ڪئي ويندي هئي، بلڪ انهن جي عزت ۽ احترام ڪيو ويندو هو. رواداري ۽ مذهبي وسعت نظريءَ جي انهي

ماحول ۾ سائنس جون پاڙون اسلامي سرزمين ۾ گهريون ٿيون. وچئين زماني
جي عروج واري دور تائين ترجمي جو ڪم ختم ٿي چڪو هو. ان کان پوءِ
سائنس پئي دور ۾ داخل ٿي. يوناني ۽ جي بدران هاڻي عربي بولي دانشورن
جي خيالن جي ترجمان بڻجي ويئي. هاڻي اڳوڻن دورن کان مختلف ڳالهه
ها هئي ته غير مسلمانن جي بدران گهڻي ياڻي دانشور ۽ سائنسدان مسلمان
ٿيا. ان دور ۾ اسلامي تهذيب، ابن الهيثم (1039_965)، البيروني (1051_
97)، عمر خيام (1123_1038) ۽ ناصرالدين طوسي (1274_1201) جهڙا
سائنسدان پيدا ڪيا. هتي مسلمان سائنسدانن جي وڏن وڏن ڪارنامن جو
ذڪر ممڪن ناهي. انهن جون ڪيل ڪئين دريافتون ۽ ايجادون پوءِ نئين
سڃاڻيءَ واري سائنس جو حصو بڻيون. راجر بيڪن عيسائي ڪليسا جي
اراضگي کڻي ابن الهيثم جي "علم المناظر" تي بڏل تجربا ڪيا. ابنِ
سينا جي طب جي علم تي لکيل ڪتاب جو لاطيني ترجمو صدين تائين
ولهه جي يونيورسٽين ۾ پڙهايو ويندو رهيو ۽ ابنِ رشد کي (يورپ جي)
يفارميشن دور جو پهريون فلسفي قرار ڏنو ويو. وچئين زماني جي اسلامي
معاشري ۾ جيڪڏهن ٽيڪنالاجيءَ کي سائنس جي ترقيءَ جو وڏو سبب
رار نه ڏنو وڃي ته اهو بنيادي سوال پيدا ٿئي ٿو ته آخر اسلام ۾ سائنس جي
ترقيءَ جا ڪهڙا سبب هئا؟

هڪڙو بنيادي عنصر سائنس ۽ علمن ۾ روشن خيال خليفن ۽
نهزادن جي دلچسپي معلوم ٿئي ٿو. انهن دانشورن جي سرپرستي ڪئي،
انشورن کي پنهنجين درٻارن ۾ گهرائڻ لاءِ حڪمران هڪٻئي کان گوءِ
ڻڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. خليفي مامون جي درٻار ۾ الڪندي سلطان
محمد ابنِ تڪوش جي درٻار ۾ فخرالدين رازي، مختلف سلطانن جي
طبيب جي حيثيت ۾ ابنِ سينا، الحڪيم جي مشير جي حيثيت ۾ ابن
لهيثم، المنصور جي ماتحت مطلب ته سمورا عظيم دانشور وچئين
زماني ۾ شاهي درٻارن سان وابسته هئا، جنهن ڪري انهن کي پيشيوراٽي
نهرت، سماجي احترام، لائبريرين ۽ تجربيگاهن جو فائدو ۽ (شايد سڀ
کان اهم ڳالهه) وڏا وڏا وظيفا ملندا هئا. خليفي جي سرپرستي دانشورن
کي اهڙن ڪٽر مذهبي ملن کان بچاءُ ڏيندي هئي، جيڪي سائنسي ۽
علمي ڳولا کي ڪفر جي برابر سمجهندا هئا. ان بچاءَ کان سواءِ علم ۽

ڏاهپ جو سونهري دور نہ اچي ها. پر شاهي سرپرستيءَ تي پاڙيل مسل
سائنس جي هڪڙي خطرناڪ بنيادي ڪمزوريءَ جو ڪارڻ بہ ھ
ڪهڙي قسم جي علمن کي ترقي ملندي ۽ انفرادي طور تي دانشورن ج
مقدر چا ٿيندو ان ڳالهہ جو دارومدار ان تي هو تہ سرپرست جي طبيعت ج
لاڙا ڪهڙا آهن. حڪمران خاندان جون موجوده حالتون ڪهڙيون آهن
دربار ۾ ڪهڙيون سازشون پيون ٿين. حڪمرانن جي تبديليءَ جو مطلب
اڪثر ڪري اهو ٿيندو هو تہ پراڻي دربار جي درٻارين ۽ دانشورن ت
مصيبت اچڻ واري آهي. مثال طور: المامون جي دور خلافت ۾ الڪندر
جي ٽولي وارا عقل دوست دانشور گهٽا مقبول هئا. پر المتوڪل جهڙ
قدامت پرست خليفي جي تخت نشين ٿيڻ تي انهن کي پڇي ويڙهو پيو. ا
جي زماني ۾ سموريون يونيورسٽيون بند ڪيون ويون. ادب، سائنس
فلسفي کي ڪفر قرار ڏنو ويو ۽ عقل دوستن جي بغداد مان پاڙ پٽجي ويئ

حقيقت اها آهي تہ سائنس جو زوال، بي روح ۽ هڪ هنڌ جم
بينل مذهبيت جي عروج سان وابستہ آهي. انهيءَ مذهبيت جي ڪر
دنياوي ڪاروبارن ۾ ترقي ڏکي ڪان ڏکي ٿيندي ويئي. سائنس ج
خلاف انتهاپسند ردعمل ئي ان جي زوال جو اڪيلو سبب نہ ھ
اقتصادي ۽ سياسي سبب بہ هئا. پر اها ڳالهہ يقيني آهي تہ جيئ
جيئن تنگ نظري ۽ انتهاپسنديءَ جو گوڙ وڌندو ويو تيئن تيئن دنياو
سائنس زوال پذير ٿيندي ويئي ۽ آخر جڏهن چوڏهين صديءَ ۾ اسلام
ڏاهپ جو سونهري دور پڄاڻيءَ تي پهتو تہ سائنس جي شاندار عمار
سڙي رک ٿي چڪي هئي. ان کان پوءِ مسلمان ثقافت هڪ شاندا
ماضيءَ جي مضبوط يادگار بڻجي رهجي ويئي.

سائنس جي خلاف انتهاپسنديءَ جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ اسا
کي تيرهن سئو سال اڳ اسلام جي پهرين صديءَ ۾ واپس ويڙهو پوندو. ا
وقت اسلام جي نئين مذهب، عربن کي هڪ سچاڻپ، شعور ۽ دنيا کي ڏس
جو هڪ نقطہ نظر ڏنو جيڪو قبيلي ۽ نسل جي سوڙهين حدن کا
ويڪرو ۽ مٿي هو. اسلام جي ثقافتي انقلاب انهن کي قديم تهذيبن ج
ڏاهپ جي جڳمڳائيندڙ خزانن جو وارث بڻائي ڇڏيو. يوناني فلسفو
سائنس، ايراني ادب، هندوستاني طب ۽ رياضي ۽ مصري ۽ بابلي سائنس

جا ڪي پاسا، جن کان يوناني اڻ واقف هئا. اسلام کان اڳ جون اهي سائنسون، جن کي علوم الاوائل (آڳاٽي زماني جا علم) چيو ويندو هو ان زماني جي سموري معلومات ۽ فنن تي ڇانيل هيون، مثال طور: طب، فلڪيات، فلسفو رياضي، قدرتي سائنس، موسيقي ۽ پراسرار علم. سڄ تہ اهو آهي تہ آڳاٽي زماني جا علم ڏاهپ جي خزانن جو وڏو ذخيرو هئا. دنياوي علم جي انهن عنصرن کي اسلامي عقيدي ۾ جذب ڪرڻ هڪ وڏو چئلينج هو ۽ ان دور جي مسلمانن ان چئلينج کي قبول ڪيو هو. آڳاٽن دورن جي علمن ۽ عملن ۾ يورپين ۽ مسلمانن جي علمن ۽ عملن کان سواءِ ٻيا علم ۽ عمل بہ شامل هئا. آڳاٽن دورن جي علم ۽ عمل وچ مشرق ۾، جهڙوڪ: اولهہ ايشيا ۾ حمورابيءَ جو قانون، اشوڪ اعظم جا قانون، جن موجب جنگ ۾ شڪست کائيندڙن کي غلام بنائڻ جو دستور بند ڪيائين ۽ اعلان ڪيائين تہ حڪومتن ۾ رهندڙ ماڻهن کي نہ رڳو جيئڻ جو حق آهي، پر صحتمنديءَ سان رهڻ جو حق بہ آهي. حڪومتن جو فرض آهي تہ نہ رڳو ماڻهن جي زندگيءَ کي سلامت رکڻ جو بندوبست ڪن، پر اهو بہ بندوبست ڪن تہ ماڻهو صحتمند زندگي گذارين. اڄتي وڏي هن ايئن بہ چيو تہ اهي ٻئي حق جانورن کي بہ آهن، ان ڪري هن جانورن جي صحت مندیءَ لاءِ عراق، ايران ۽ اولهہ جي ملڪن مان دوائون ۽ ٻوٽا گهرايا. ان سلسلي ۾ هن جانورن لاءِ وٽن جا وڻا لوڙها نهرايا، تہ جيئن ان ۾ رهي جانورن جو علاج ٿئي.

چين ۾ 3 هزار سال اڳ هڪڙي ڊڪشنري ٺاهي ويئي، جنهن جا هڪ هزار جلد هئا. چين ۾ ئي قديم زماني کان اهو رواج پيو تہ حڪومت جا ملازم ۽ اهلڪار، جنهن کي وٽين تنهن کي حاڪم مقرر ڪن، تنهن جي بدران باقاعدي تعليم ڏياري، امتحان وٺي، جيڪي سڀ کان وڌيڪ اهل ۽ لائق هئا، انهن کي نوڪري ڏني ويندي هئي.

(مضمون ۾ ڏنل حوالا پرويز هوڊيائي جي ڪتاب "مسلمان ۽ سائنس" جا آهن.)

(روزانہ "ڪاوش" حيدرآباد، 11 جنوري 2014ع)

مسلم ملڪن ۾ ڪٽرپڻي جي عتاب هيٺ آيل عقليت پسندي

آئون انساني تاريخ جي مختلف دورن، عيسائي توڙي مسلمان حڪومتن جي عروج ۽ زوال جي حوالي سان پنهنجن گذريل مضمونن ۾ وچور ڏيئي چڪو آهيان، منهنجو هي مضمون "ڪاوش" ۾ اڳ ۾ چپيل منهنجي مضمون "ڏرن ٽا چرخ جا ڦيرا، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا" جو تسلسل آهي.

وڃئين دور جي مشهور ۽ معروف مسلمان فيلسوفن ۽ سائنسدانن جو تعداد سئو کان مٿي آهي. هتي اسين انهن مان رڳو ڪن ٿورڙن جو تعارف پيش ڪريون ٿا:

الڪندي (801ع_873ع)

ابو يوسف يعقوب ابن اسحاق الڪندي 'عربن جو فلسفي' جي حيثيت سان مشهور آهي. هن کي اهو نالو ان لاءِ ڏنو ويو آهي، جو هن فلسفي کي مذهبي عالمن لاءِ قابلِ قبول بنائڻ لاءِ اڻ ٽڪ ڪوشش ڪئي. هو ارسطو جي فلسفي جي مڪتبہ فڪر جو مسلمان باني ۽ منطق، رياضي، طبعيات ۽ موسيقيءَ جهڙن مختلف رنگن جي مضمونن ۾ 270 ڪتابن جو ليکڪ هو. هو آڳاٽن فلسفين ۾ شمار ٿيندڙ پهريون عرب مسلمان فلسفي آهي. خليفي مامون عباسيءَ جي دربار ۾ الڪندي دنيا جي ثقافتي مرڪز جو سڀ کان چمڪندڙ تارو هو. هن جون علمي سرگرميون مامون کانپوءِ خليفي معتصم ۽ پوءِ خليفي واثق جي حڪومتن جي دوران ۾ پنهنجي پوريءَ طاقت سان قائم رهيون، پر ان کان پوءِ جڏهن خليفو المتوڪل عباسي تخت تي ويٺو تہ مسلمان روشن خياليءَ جو ڏڳهو دور ختم ٿي ويو. نئين خليفي کي ان ڳالهہ جو قائل ڪرڻ ۾ ڪابہ ڏکيائي نہ ٿي تہ هي فيلسوف ڏاڍو خطرناڪ عقيدن

جو مالڪ آهي. متوڪل جلد ئي الڪنديءَ جي ذاتي ڪتب خاني 'الڪنديہ' کي ضبط ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو. ست سالن جي فيلسوف کي سرعام پنجاهہ سخت ڏنڊن جي سزا ڏني ويئي. هر ڏنڊي تي ماڻهن جو هجوم خوشيءَ وچان "ڪافر ڪندي مرده باد" جا نعرا هڻندو رهيو ۽ 873ع ۾ باهتر (72) سالن جي عمر ۾ گذاري وڃڻ کان تمام گهڻو اڳ الڪنديءَ تي اداسيءَ ۽ خاموشيءَ جا دورا پوڻ لڳا هئا. جيتوڻيڪ هن جي هڪ دوست ڪنهن طريقي سان هن کي سندس ڪتب خانو واپس ڏياريو هو پر سرعام ڏنڊن جي سزا جي ذلت جو احساس الڪنديءَ جي دل ۾ ويهي رهيو هو. هو اسلامي دانشورن جي ٽولي جو پهريون دانشور هو جيڪو عقليت پسنديءَ جي خلاف ڪترپٽي جي رد عمل جو شڪار ٿيو.

الرازي (925ع ـ 865ع)

محمد ابن ذڪريہ الرازي اسلامي دنيا جو سڀ کان وڏو طبيب ٿي گذريو آهي. طب جي شعبي ۾ هن جي عظيم ڪارنامن سبب هن کي "جالينوس عرب" ۽ عالمي تاريخ جي وچئين دور (Middle ages) جي ذهين ترين شخصيت چيو ويندو آهي. ايراني نسل جي الرازيءَ طب جي تعليم بغداد ۾ حاصل ڪئي ۽ پوءِ تهران جي ويجهو هڪ شفاخاني جو انچارج مقرر ٿيو. هو ڏاڍو همدرد طبيب هو. اميرن ۽ غريبن جو هڪجهڙو خيال رکندو هو. الرازيءَ جي سڃاڻپ انهن لکتن سان ٿئي ٿي، جيڪي هن زندگيءَ بابت مختلف علمن تي لکيون آهن. هو آزاد خيال فيلسوف هو ۽ الڪنديءَ کان ۽ وڌيڪ يوناني عقليت پسنديءَ سان دل هئس. هن جي دعويٰ هئي تہ الله پاڪ انسان کي پيدا ڪيو ۽ عقل جو حصو هن (انسان) کي عطا ڪيائين ۽ اهڙيءَ طرح هن کي مادي ڪائنات کي سمجهڻ جي قابل بڻائي ڇڏيائين. الرازيءَ پنهنجي آزاد خياليءَ جي ڏاڍي ڳري قيمت ادا ڪئي. ڏاهپ سان مالامال هن جا ڪافي ڪتاب گمناميءَ جي ور چڙهي ويا. چيو ويجي ٿو تہ بخارا جي قدامت پرست منصور خاندان جي هڪ امير کاوڙ ۾ اچي، اهو حڪم ڏنو تہ الرازيءَ جو لکيل ڪتاب ڪٽي زور سان سندس

مٿي تي هٿو ۽ ايترو ماريوس جو يا ته هن جو مٿو ڦاٽي پوي يا ڪتاب ٽٽي پئي. ان کان پوءِ الرازيءَ جي نہ رڳو اکين جي روشني ختم ٿي ويئي، پر سندس زنده رهڻ جي خواهش بہ ختم ٿي ويئي. جڏهن هڪ طبيب آپريشن ڪري سندس اکين کي ٺيڪ ڪرڻ جي صلاح ڏني تہ الرازيءَ جواب ڏنو تہ: "مون هن دنيا کي تمام چڱيءَ طرح ڏسي ڇڏيو آهي، هاڻ مون کي دنيا کي وڌيڪ ڏسڻ بلڪل پسند ناهي." ان ڳالهہ کان ٿوڙي عرصي کان پوءِ هو گذاري ويو.

ابنِ سينا (1037ع_890ع)

بوعلي الحسين ابنِ سينا جديد دور جو وقت کان پهرين پيدا ٿيندڙ غير معمولي ذهين شخص هو. هن جا ڪارناما ۽ لکتون علم جي ڪافي شعبن تائين ڦهليل آهن. ڏهن سالن جي عمر ۾ هن قرآن شريف حفظ ڪري ڇڏيو ۽ 17 سالن جي ڇمار تائين هو هڪ مڃيل طبيب ٻڌجي چڪو هو. ٻن سالن اندر هن تمام وڏي يوناني فيلسوف ارسطو جي مابعدالطبعيات تي مهارت حاصل ڪري ورتي. هن جو شاهڪار اصول طب (القانون) ان وقت تائين طب جي شعبي جو نصابي ڪتاب رهيو هو جيستائين جديد طب وجود ۾ نہ آئي، پر ان زماني جا حڪيم رڳو حڪمت ئي نہ ڪندا هئا. ابنِ سينا قديم اهلِ حڪمت يا عقلمند شخص طور هڪ بهترين مثال هو. هو اڃ ٽڪ ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو هو. هن فلسفي، منطق ۽ طب جي شعبن ۾ ڪم ڪيو ۽ هن جون تحريرون ۽ ڪتاب علم جي انهن شعبن تي مشتمل آهن. ڪانئس اڳ آيل فيلسوف الڪنديءَ جيان ابنِ سينا بہ ڏاڍو آزاد خيال ۽ عقل دوست فلسفي هو. هي بہ نٿهن ذاتي حوالن بدران عقلي دليلن جي برتريءَ تي دارومدار رکندو هو. ڪجهہ عرصو هو امير همدان جو وزير رهيو. اتي فوج جي ڪن "راسخ العقيده" آفيسرن سان مذهبي بحث ٿي پيو. اهي آفيسر ايترا ناراض ٿيا، جو انهن ابنِ سينا جي قتل جو مطالبو ڪيو. سپاهي هن جي گهر آيا ۽ هن کي گهر ۾ نہ ڏسي، سندس گهر کي ڦري لٽي سڀ سامان کڻي ويا ۽ هنن امير کان هن جي قتل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. ان ڪارروائيءَ جي ابنِ سينا کي بروقت خبر پئجي وئي، تنهن ڪري هو

پنهنجي دوست ابو سعد دفدق جي گهر ۾ روپوش ٿي رهيو ۽ اتي ئي هن پنهنجي شاهڪار سائنسي تخليق "القانون" تي ڪم ڪيو. ابنِ سينا ڪيترائي پيرا انتهاپسند دشمنن کان بچڻ لاءِ فرار ٿيو. هن جي ڪتابن تي پابندي لڳائي ويئي. ڪيترائي دشمن رات ڏينهن هن خلاف سازشون ڪرڻ ۾ لڳا پيا هوندا هئا. تنهن ڪري هن جي دوستن هن کي صلاح ڏني ته پنهنجن خيالن ۽ ڳالهين کي ڪجهه ٽڏو ڪر ته ٽائيم پاس ٽئي. جواب ۾ ابنِ سينا چيو:"آئون گهٽ ڊگهي ۾ گهٽي وسيع زندگيءَ کي، گهٽي ڊگهي ۾ تنگ زندگيءَ تي ترجيح ڏيندو آهيان." ۽ ابنِ سينا انتهائي جرئت سان پنهنجي رستي تي هلندو رهيو. جڏهن هن تي ڪفر جو الزام لڳايو ويو تڏهن هن پنهنجي مشهور غزل ۾ چيو ته:

درهمه دهر چو من يکی وآن هم کافر،
پس درهمه دهر هيچ مسلمان نه جو بود.

(سڄي جهان ۾ مون جهڙو سچي ايمان وارو آئون هڪڙو سو به جي چون ٿا ته ڪافر آهي، ته پوءِ چئبو ته هن سڄي جهان ۾ ڪو هڪڙو به مسلمان ڪونهي.)

ابنِ سينا جي لاڪيتي احتجاج باوجود، هن کي عالمن جي حلقن ۾ نه رڳو هن جي پنهنجي زماني ۾، پر پوءِ جي صدين ۾ به بدعتي قرار ڏنو ويندو هو. قدامت پرست مذهبي عالمن ۾ سڀ کان وڌيڪ بااثر عالم امام غزاليءَ به ابنِ سينا کي منڪر قرار ڏنو. چيائين:

"به فيلسوف ابنِ سينا ۽ فارابي، يوناني فيلسوف ارسطو جي فلسفي جو پرچار ڪن ٿا، تنهن ڪري انهن ۽ سندن پوئلڳن خلاف فتويٰ ڏيڻ کپي ته هو منڪر آهن."

ابنِ رشد (1198ع_1126ع)

ارسطو ۽ ان کان پوءِ جي دور، يعني نئين ابوالوليد (Renaissance) جي دور جي فلسفن جي وچ ۾، مضبوط رشتو قائم ڪرڻ جو اهم ڪم سرانجام ڏيڻ سبب، ابوالوليد محمد ابنِ رشد اولهه ۾ ٻين اسلامي فيلسوفن کان وڌيڪ مشهور آهي. بين الاقوامي شهرت جي دانشورن ۾

ابنِ رشد پهرين صف جو دانشور هو. وچئين دور (Middle ages) ۾ فلسفياڻي، مذهبي ڇڪتاڻ دوران ڪٽر عيسائي ۽ مسلمان عالم ابن رشد جي لکتن کي الحاد ۽ بدعت قرار ڏيئي باهه ۾ ساڙيندا رهيا. ابنِ رشد جون لکڻيون ارسطو تي تفصيلي ۽ مضبوط تبصرو هيون، تنهن ڪري انهن کي يورپي دانشورن، لاطيني ۽ عبراني ٻولين ۾ ترجمو ڪيو. جلد ئي هن جي تبصرن تي تبصرا لکيا ويا. هن جون ڪافي لکڻيون ۽ ڪتاب غائب ٿي ڇڪا آهن. هن جي راءِ ۾ بهترين عبادت اها آهي ته دماغ جي ذريعي خدا جي دانائيءَ جي ڄاڻ، سندس نظام ڏسڻ، جاچڻ ۽ سمجهڻ وسيلي حاصل ڪئي ويڄي. پهريان سيول (اشبيليه) ۽ پوءِ قرطبه جي قاضيءَ جي حيثيت سان ابنِ رشد ڪٽر عالمن جو نشانو هو. هو آخرڪار سياسي سازشن جو شڪار ٿي ويو. جڏهن 1184ع ۾ خليفي ابو يعقوب جي مري ويڃ کان پوءِ ان جو پٽ ابو يوسف تخت تي ويٺو ته ابنِ رشد شاهي مهربانين کان محروم ٿي ويو. خليفي جي حڪم سان منطق ۽ سائنس جي پڙهڻ تي بندش وڌي ويئي. پوءِ ابنِ رشد جي قرطبه ۾ اچڻ تي پابندي لڳائي ويئي. هن کي ۽ فلسفي جي شاگردن کي بنا ڪنهن سبب جي صوبي جي هڪ ننڍي (يهودي) ڳوٺ موڪليو ويو. هن جا سڀ ڪتاب، سواءِ انهن ڪتابن جي جيڪي خالص سائنسي موضوعن تي نه هئا، باهه ۾ ساڙي ڇڏيا ويا. ٻارهين صديءَ جي آخر ۾ هن تي ٻيهر شاهي عتاب آيو ۽ هو مراڪش آيو جتي انتهائي ذلت سان ماريو ويو. ابنِ رشد الغزاليءَ جي عقليت دشمنيءَ جو شد مد سان مقابلو ڪيو ۽ ان جو زوردار رد لکيائين. هن جا لکيل اڪثر ڪتاب لاطيني ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيل آهن. يورپ جي نئين سجاڳيءَ جو دور، جنهن ۾ يورپ پراڻين دقيانوسي سوچن وبچارن کان آزاد ٿي، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ سان هٿياربند ٿي، سڄي جڳ جهان جو مالڪ ٿيو ويٺو آهي، ان دور جا باني يورپ جي تاريخ مطابق ٻڌا هئا، جن مان هڪڙو ابنِ رشد هو، جنهن يوناني فلسفي جي گهري عالماڻي چنڊچاڻ ۽ تبصرا ڪري ان کي اپ ٽو ڊيٽ ڪيو.

ابنِ خلدون (1406ع_1332ع)

مسلمان تهذيب جو آخري عظيم دانشور عبدالرحمان ابنِ خلدون هو. هو اٽويهين صديءَ تائين گمنام رهيو. ان صديءَ ۾ اوپر جي دانشورن هن کي انساني ڪردار جي سائنس جي ماهر ۽ علم الانسان جي اوائلي عالم جي حيثيت سان ڳولي لڏو. خلدون سان مسلمانن جي لاپرواهيءَ جو سبب فلپ هتيءَ هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

"هي فيلسوف غلط زماني ۽ غلط جڳهه تي پيدا ٿيو. هو پنهنجي ماٺهن کي عالمي تاريخ جي وچئين دور جي غفلت جي خوابن مان جاڳائڻ لاءِ ڏاڍي دير سان آيو ۽ يورپي ماٺهن ۾ به هن کي پنهنجو ترجمي نگار دير سان مليو. هن کان اڳ ۽ نه پوءِ ڪوبه سوچ ۽ فڪر جو مڪتب اهڙو ڪونه هو جنهن لاءِ ڇئي سگهجي ته اهو ابنِ خلدون جي خيال وارو مڪتب آهي. ليڪڪ ۽ ماهرِ عمرانيات جي حيثيت سان هن جي ڪم تي تبصرو ڪندي ٽُئائن بي لکيو آهي ته. "ابنِ خلدون تاريخ جي فلسفي جي تحقيق ڪئي ۽ ان کي ترتيب ڏني. اهو ڪم بنا ڪنهن شڪ جي پنهنجي قسم جو سڀ کان وڏو ڪارنامو آهي. جيڪو ڪنهن به وقت ۽ ڪنهن به جاءِ تي سر انجام ڏنو ويو هجي."

ابنِ خلدون هڪ اهڙي يمني خاندان جو چشم و چراغ هو جيڪو اندلس (اسپين) ۾ لڏي اچي رهيو هو. گهٽو ڪري مسلمان دانشورن ابنِ خلدون کي نظرانداز ڪيو آهي، پر ڪن وري هن تي سخت تنقيد ڪئي آهي. مسلمانن ۾ علم ۽ ڏاهپ جي روايت تي اها حقيقت هڪ داغ آهي ته ابنِ خلدون ان وقت تائين گمنام رهيو جيستائين هن کي اوير جي مستعشرقين (ايشيا جي تاريخ جي مغربي عالمن) ڳولي هٿ نه ڪيو ۽ هاڻ جڏهن ته هن تي انهن وڏن عالمن پنهنجي تصديق جي مهر هڻي ڇڏي آهي ته پوءِ (عرب نسل پرستن ۽ ڪٽر عالمن کي ڇڏي) ڪيترائي دانشور هن جون زبردست تعريفون پيا ڪن.

"اسپين تي مسلمانن ستن صدين تائين حڪومت ڪئي. ان دور ۾ مسلمانن يورپ جي ماٺهن کي يونانين ۽ مسلمانن جي صدين ۾ گڏ ڪيل علمي خزانن کان واقف ڪيو. پوءِ يورپ ۾ نئين سجاڳيءَ جو دور

آيو ۾ نئين سائنس جي شروعات ٿي. سترهين ۾ ارڙهين صديءَ ۾ هن علائقي ۾ صنعتي انقلاب، سياسي انقلاب ۾ روشن خياليءَ جو زمانو هو. ڊيڪارٽ، نيوٽن، واليٽيئر، روسو وڊيرو ڪانٽ سميت بيشمار اهڙا مفڪر ۾ سائنسدان پيدا ٿيا، جن سماج جي فڪر ۾ فطرت جو رخ بدلائي ڇڏيو. هڪڙو نئون اصول اهو طئي ٿيو ته ڪنهن ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو قول ٻڌائڻ جائز ناهي. ڪنهن شيءِ کي ثابت ڪرڻو آهي ته تجربن ذريعي ڪيو ويڄي. ارڙهين صديءَ ۾ دنيا تي جيڪا سامراجي چڙهائي ٿي، ان کان بچڻ لاءِ مسلمانن وٽ ڪوبه بچاءَ جو ذريعو ڪونه هو. سامراجي اولهه آفريڪا کان وٺي اويرِ ايشيا تائين سموري اسلامي دنيا تي ڇانئجي ويا. اها ڳالهه هڪڙي اهڙي تهذيب لاءِ وڏي رسوائيءَ جي ڳالهه هئي، جيڪا تهذيب هيستائين فقط فتحون حاصل ڪرڻ جي عادي هئي. جديد سامراجيت جي طاقت جو دارومدار فقط هٿياربند ماڻهن جي تعداد تي نه هو بلڪ جديد سائنس جي سائنسي طريقن تي هو. ان سائنسي طاقت جي پهرين ضرب مسلمانن کي اهڙو جڏو ٻڌائي ڇڏيو جو انهن کي پاڻ تي اعتبار ئي نه رهيو ڇوته مقابلو برابريءَ وارو نه هو. سامراجيت هڪڙو پيچيدو نظام هو. هيءَ هڪڙي اهڙي طاقتور مشين هئي، جنهن ۾ سوين پرزا هئا، جن مان هر پرزو صحيح ۾ مقرر ڪيل وقت تي حرڪت ۾ آيو پئي. ان جي طاقت جو سرچشمو رائيفلون ۾ توپون نه هيون، جيڪي 1757ع ۾ پلاسيءَ جي جنگ ۾ ڪتب آنديون ويون. هن سامراجي بلا جي اصل طاقت ٻاڦ تي هلندڙ جهازن، ٽيليگراف، ٽيڪنالاجي ۾ جديد تنظيمي طريقن ۾ لکل هئي. انهن شين کان مسلمانن جون پوک تي هلندڙ قديم تهذيبون ناواقف هيون. مسلمان ويڙهه جي جديد فن کان ناواقف هئا، تنهن ڪري اهي ٿورڙي تعداد وارين انگريز ۾ فرينچ فوجن سان پهچي نه سگهيا، ڇاڪاڻ ته اهي فوجون جديد سائنسي هٿيارن سان هٿياربند هيون ۾ جنگ ۾ ويڙهه جا بهتر فن استعمال پئي ڪيائون. ان وقت اولهه ۾ اسلامي دنيا ۾ جيڪا هڪجهڙائي هئي، سا ختم ٿي ويئي. جڏهن صنعتي ۾ سرمائيدار نظام

جو مقابلو هڪڙي پراڻي ۽ مدي خارج جاگيرداري نظام سان ٿيو تہ نتيجو صاف ظاهر آهي. اڄتي هلي اسرائيل خلاف جنگ ۾ عرب حڪومتن کي شڪست ملي. پوءِ جمهوري ادارا قائم ڪرڻ ۾ بہ مسلمان سماج ناڪام ٿي ويا ۽ مسلمان دنيا تي فوج، ڪامورا شاهي، قبائلي ۽ جاگيردار طبقا ڇائنجي ويا.

"ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ هن ڏرتيءَ جي سمورن ملڪن مان اسلامي ملڪ سائنس جي ميدان ۾ سڀ کان پوئتي پيل آهن. اها ڪمزوري جيڪي خطرا پيدا ڪري ٿي، تن کي وڌيڪ چٽو ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. ڇوتہ اڄڪلهہ جي زماني ۾ ڪنهن سماج جي بقا جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ ان ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي ۽ واڌارو ڪيترو آهي."

بهرحال ڪجهہ ترقي ٿي آهي. مسلمان ملڪن جي تعليمي ادارن ۾ سائنس جا مضمون پڙهايا پيا وڃن، گهڻين يونيورسٽين ۾ سائنس جا شعبا آهن، عرب مسلمان ملڪن ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جون وزارتون آهن ۽ حاڪم ۽ سرڪاري عملدار پنهنجين تقريرن ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي اهميت تي زور ڏيندا آهن، پر ان جي باوجود اها هڪ افسوسناڪ حقيقت آهي تہ گهڻن مسلمان ملڪن ۾ سائنس ۽ ڪمن جي سائنسي طريقن کي شڪ شبهي جي نظرن سان ڏٺو وڃي ٿو. 1983ع ۾ ڪويت ۾ هڪڙي اعليٰ سطحي ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ 17 عرب يونيورسٽين جي سربراهن شرڪت ڪئي. ڪانفرنس جو مقصد هو تہ اهو معلوم ڪيو وڃي تہ عرب دنيا ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقي ۾ ڪهڙيون رڪاوٽون آهن، پر ڪانفرنس جي ڪارروائيءَ تي فقط هڪڙو سوال ڇانيل هو ۽ اهو هي هو تہ ڇا سائنس اسلامي آهي؟

1967ع جي جنگ ۾ عربن جي شڪست جو خاص سبب اهو هو تہ هو سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ پوئتي پيل هئا، ان ڪري خيال اهو هو تہ عربن ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي حاصل ڪرڻ جي زبردست خواهش پيدا ٿيندي پر اهو خيال غلط هو.

(نوٽ: مضمون ۾ ڏنل حوالا پرويز هوديائي جي ڪتاب "مسلمان اور سائنس" تان وٺل آهن)

(روزانہ "ڪاوش" حيدرآباد، 26 جنوري 2014ع)

عيسائين ۽ يهودين جي حڪومتن جي عروج ۽ مسلمانن جي حڪومتن جي زوال جا ڪارڻ

ڪنهن وقت ڪن يورپي عالمن جو چوڻ هو تہ فلاڻين صدين ۾ يورپ علمي طرح دنيا جو هڪڙو اونداهو علائقو ٻڌجي ويو. پر ڪن عيسائي سائنسدانن ۽ عالمن جواب ڏنو تہ هرگز نہ. ان دور ۾ بہ يورپ علمي حساب سان دنيا جو هڪڙو روشن علائقو هو. جوتہ جي ان دور ۾ ڪي مشهور يورپي (عيسائي) وڏا عالم ۽ سائنسدان نہ هئا تہ چا ٿي پيو؟ "عربستان جي اوٺي سوارن (عرب مسلمان سائنسدانن) يورپ جي سپ ڪان اونداهين صدين ۾ علم جا شمعدان ٻاري يورپ کي سڌائين روشن رکيو."

(The camel drivers of Arabia kept the lamp of learning burning in the darkest centuries of Europe)

مسلمان حاڪم پهرين ڪيئن دنيا تي جڙ تہ چانئجي ويا ۽ پوءِ ڪيئن هيٺ ڪرندا. اڄي هاڻوڪي حال کي پهتا آهن. تنهن جو ذڪر ڪندي. آمريڪا جو اڳوڻو صدر رچرڊ نڪسن پنهنجي تاريخي ڪتاب Seize the moment (پَلَ کي پڪڙيو) ۾ لکي ٿو: "مسلمان دنيا پنج سئو سالن. 700ع کان ونڊي 1200ع تائين ڪيترين ڳالهين ۾ عيسائي دنيا کان اڳيري ۽ سندس اڳواڻ هئي. جهڙوڪ: دنيا تي حڪومت هلائڻ ۾. زندگيءَ جي اوچي معيار يعني خوشحاليءَ ۾. مذهبي فراخدليءَ ۾. پنهنجي قانون جي چڱائيءَ ۽ ثقافت ۾. ۽ فلسفي. سائنس ۽ ثقافت جي علم ۾. پر عيسائين ۽ مسلمانن جي وچ ۾ جيڪا ڏاهڪن جا ڏاهڪا جنگ هلي. تنهن هڻي مسلمانن کي هيٺ ڪيرائي وڌو ۽ عيسائين کي مٿي چاڙهي چڏيو." ڊيورانٽ لکي ٿو تہ. "اولهہ جي عيسائين صليبي جنگيون هارايون پر عقيدن جي جنگ کٽي ورتائون. هر عيسائي مجاهد يهودين ۽ عيسائين جي مقدس زمين تان لوڏي ڪڍيو ويو. پر اسلام کي جيڪا فتح حاصل ٿي. تنهن ۾ جيڪا دير لڳي. تنهن سندس رت چوسي چڏيو ۽ منگولن ڪيس تباهہ

ڪري ڇڏيو. تان جو اهو گمراهيءَ، بک، ڏک ۽ اونداهي دور جي ڪاهيءَ ۾ ڪري پيو. ٻئي طرف شڪست کاڌل (عيسائي) اولهه جيڪا جدوجهد ڪئي، تنهن کيس مضبوط بٹائي ڇڏيو ۽ جيڪا شڪست کاڌي هئائين، تنهن کي وساري، وڏي شان شوڪت سان پنهنجي دشمن کان سبق سکيائين، مذهبي ڪليسائن کي آسمان ڏانهن متي اُماٹيائين، پنهنجين اَيرين سيرين نين هولين کي بدلائي سدلائي، جڳ مشهور يورپي دانائن دانتي، چاسر، ولون کي اعليٰ زبان جو روپ ڏنائون ۽ وڏي جوش جذبي سان نئين سجاڳيءَ جي دور ۾ داخل ٿيا." جيئن اوپر جي مسلمان عالمن ۽ دانائن جي مدد سان اولهه (عيسائي) نئين سجاڳيءَ جي دور ۾ داخل ٿيو تيئن وقت آيو آهي ته عيسائي اولهه، مسلمان دنيا کي نئين سجاڳيءَ تائين پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري" (Seize the moment: Page 231)

عيسائين ۽ مسلمانن جي وچ ۾ نفرت ۽ ويڑهه پهريائين مذهب جي بنياد تي هئي، پوءِ سياسي بنياد تي ٿي. دراصل ان معاملي ۾ مسلمان عيسائين کان وڌيڪ خوش نصيب آهن. اسلام جي اچڻ کان پوءِ هو سوين سال پنهنجن ويجهن علائقن ۾ وڌيڪ طاقتور ڌر ٿي رهيا، ان ڪري کين ان دور ۾ مخالف مذهبن هٿان ڪا زبردستي، ڏاڍائي، ظلم، جبر برداشت ڪرڻو نه پيو. مسلمانن ۽ عيسائين جو مقابلو صدين کان هلي پيو. پنهي جون حالتون ۽ قوتون ڪن ڳالهين ۾ هڪجهڙيون ته ڪن ۾ صفا نراليون آهن. اسلام عيسائيت کان اٽڪل سوا ڇهه سئو سال پوءِ آيو. مڪي معظم تي قبضي کان پوءِ کين ڪنهن به پاڻ کان تمام زبردست طاقت جي بالادستيءَ ۽ زهريليءَ دشمنيءَ سان واسطو ڪونه پيو. گهرو لڙايون ٿيون، ٻيا ڏڏا فساد گهٽيئي ٿيا، پر کين ڪنهن غير مسلمان ڌر جي لاعلاج بالادستيءَ جو شڪار نه ٿيڻو پيو. عيسائين جڻ جائي جم کان دشمنن جي چنبي ۾ اکيون کوليون. حضرت عيسيٰ عليه السلام جي قاتلن رومي شهنشاهت وارن حاڪمن جو حڪم ٿي هليو جن جو مذهب پنهنجو هو.

عيسائين تي ظلم

رومي، اوائلي عيسائين تي ڪيترن ئي سببن جي ڪري ظلم

ڪندا هئا. ان جو سڀ کان اهم سبب اهو هو تہ اهي روم جي سرڪاري مذهب کي نہ مڃيندا هئا. جيڪا ڳالهہ ملڪ سان غداري ليکي ويندي هئي. تمام گھٽا افواهہ هوندا هئا تہ هو پاڻ ۾ لڪي عجيب قسم جون ڪارروايون ڪندا هئا. مٿئين طبقي جي عيسائين جون رومي ماڻھن جي تفريح لاءِ سِسيون وڊيون ويندڙيون هيون، ۽ين کي ساڙيو ويندو هو يا وري کين عام ماڻھن جي وندر ۾ تماشي ڏسڻ لاءِ وحشي جانورن هٿان کارائي مارايو ويندو هو. (ڏسو Fact Book of History جو صفحو 39)

روم کي باهہ لڳي، ان جو وڏو حصو سڙي ويو. رومي شهنشاهہ نيرو حڪم ڪيو تہ عيسائين کي پڪڙي قتل ڪيو وڃي. جو روم کي باهہ انهن جي نحوست جي ڪري لڳي آهي. (64ع) آفريقا ۾ عيسائين جو پهريون قتلام ڪيو ويو. (180ع) رومي شهنشاهہ ڊيشيس فرمان جاري ڪيو تہ عيسائين کي نيست ۽ نابود ڪيو وڃي. شهنشاهہ جي پوڄا لازمي قرار ڏني ويئي. (250ع) شهنشاهہ ڊيوڪلنٽن فرمان جاري ڪيو تہ عيسائين کي جتي ڏسو اتي نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيو. (303ع) ايئن وقت بوقت عيسائين کي ٻارين ٻچين قتل ڪري، رومي پنهنجي مذهب جي عزت ۽ شان وڌائيندا هئا. جاپان ۾ تبليغ لاءِ ايندڙ عيسائي پادرين کي قتل ڪرڻ جي تحريڪ عروج تي پهتي. (1622ع) جاپان ۾ عيسائين جو قتلام ڪري، اتان عيسائين جو بڻ بٽياد ختم ڪيو ويو. (1638ع) ڪتابن ۾ اهو بہ پڙهبو هو تہ رومي شهنشاهت ۾ عيسائين کي سزائون ڏئي، پنهنجي مذهب کان لادعويٰ ڪرائڻ لاءِ سندن ڳوڻن تي ڇاپا هٽي. کين هڪ هنڌ گڏ ڪبو هو. پوءِ اتي شينهن وارا پڃرا شينهن سميت آڻي سيني جي اڳيان رکبا هئا. در کان ٻاهر حضرت عيسيٰ ؑ جي تصوير رکبي هئي، پوءِ عيسائي مائرن کان ننڍڙا ٻار کسي، کين چيو ويندو هو تہ هي ٻار شينهن جي پڃري ۾ اڇلي شينهن کي کارائجا آهن. پر جي اوهان کي اها ڳالهہ نٿي وڻي تہ حضرت عيسيٰ ؑ جي تصوير جي مٿان گذري گھر هليون وڃو اوهان جو ڪوبہ نالو ڪونہ ونندو. پوءِ جيڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ايئن ڪنديون هيون، تن کي ڇڏي، باقي ٻين سيني جي ٻارن کي مائرن جي سامهون شينهن جي

پيجرن ۾ اچلائي ڇڏيندا هئا ۽ بکايل شينهن ٽپ ڏيئي انهن کي ٻيرا ٻيرا ڪري هڙپ ڪري ڇڏيندا هئا.

انساني تاريخ ٻڌائي ٿي ته مذهب جي آڙ ۾ انساني تولن کي ڪٽي ڪيترو زمانو ٻ. يلي ڪٽي عيسائين وانگر صدين تائين ٻ. ڪهڙي ٻ بيرحم ۽ جلاد صفت درندگيءَ ۽ حيوانيت جو شڪار ٿي رهڻو پيو هجي، ته ٻ جيڪڏهن اڄتي هلي کين پنهنجي دين يا فرقي جي مخالفن کي رت جي راند ۾ غرق ڪرڻ جو موقعو ملي ته مجال آهي ته سندن دل ۾ ذرو ٻ انسانيت جو خيال آيو هجي. مثال طور: عيسائين صدين جون صديون 300 سالن کان ٻ وڏيڪ عرصو لڪندي، پڇندي، مارجندي، موت کان بدتر زندگيون گهاري ڇڏيون، پر جڏهن سندن مذهب کي جائز قرار ڏيئي، کين پنهنجي مذهب تي هلڻ ڏنو ويو ته هنن پهريون ڪم اهو ڪيو ته يونان ۽ روم ۾ جيڪي فيلسوف، داناءَ ۽ پنهنجي پنهنجي يوناني مذهب سان وابسته رهيا، تن کي ماري ڪٽي سڄو ملڪ ڇڏائي ڇڏيائون ۽ هو رڙيون ڪندي ويڃي ايران ۾ نڪتا. ايرانين کي شاباس آهي، جيڪي هنن يهودين ۽ عيسائين ۽ ٻين پنهنجي گهر مان تڙيل ماڻهن کي اجهو ڏيندا رهيا. ڪجهه صدين کان پوءِ ايران تي مسلمانن جو قبضو ٿي ويو تنهن ڪري اهي فيلسوف اتان ڀڄي ٻين علائقن ۾ وڃي لڳا. ڪتاب "مسلمان ۽ سائنس" جو مصنف پرويز هوديائي لکي ٿو ته، "نئين سڃاڻيءَ کان هڪ هزار سال اڳ تائين عيسائي ديول (ڪليسا- چرچ) جي يورپ مٿان مڪمل حڪمراني هئي. تنگ نظري، تعصب ۽ وهم پرستيءَ علم جي حاصلات ۽ سائنسي مطالعي کي ناممڪن بڻائي ڇڏيو هو. مذهبي عدالتن هزارين، لکين ماڻهن کي جادو يا ڪفر جي الزام ۾ اذيتون ڏيئي ماري ڇڏيو هو. جن کي سزائون ڏنيون ويندڙين هيون، تن جون ٽنگون ٻن گهوڙن سان ٻڌي، انهن کي جيئري چيري ڇڏيو ويندو هو سندن آنڊا ٻاهر ڪڍيا ويندا هئا يا ٽنبن تي لٽڪائي قاسيءَ تي چاڙهيا ويندا هئا يا جيئري ساڙي ماريا ويندا هئا. مئلن کي ب معاف نه ڪيو ويندو هو" اهڙيون ڳالهيون ٻڌي يا پڙهي ماڻهو حيران ٿيو وڃي ته آخر ايئن

چو ٿو ٿئي؟ ماڻهو انسان مان ڦري اهڙا درندا ۽ حيوان چو ٿا ٿي پون؟ دنيا ۾ ڪروڙين انسان رهن ٿا، جن جا ڪيترائي جدا جدا مذهب آهن، جيڪي جدا جدا زمانن ۾ ملڪن ۾ پيدا ٿيا آهن، انهن ڏار ڏار مذهبن، جي ڪروڙين مڃيندڙن جا سوين، هزارين ڏار ڏار فرقا ۽ عقيدا آهن، پر هڪڙي ڳالهه هر ملڪ، هر دور ۾ هر زماني جي مذهبي پوئلڳن ۾ ڏري گهٽ ساڳي آهي، اها هيءَ آهي ته انهن مان عملي طرح هرهڪ مذهب جي پوئلڳن جي دعويٰ، هرهڪ جو ويساهه ۽ پختو عقيدو ڪجهه هن طرح جو آهي ته، اڄ سڄي دنيا ۾ فقط اسان جو هڪڙو مذهب سورنهن آنا سچو ۽ صحيح آهي ۽ بين سيني انسانن جا سڀ مذهب مجموعي ۽ عملي طرح ڪوڙا ۽ غلط آهن. وري دنيا جي سيني مذهبن جا ڳٽپ کان ٻاهر ٽرقا ۽ طريقا آهن، جن مان هرهڪ جو چوڻ آهي ته اسان واري اڪيلي سچي مذهب مان به جيڪو هوبهو اسان واري فرقي ۽ گس تي هلندو اهو ديندار آهي، باقي سڀ پٽڪيل آهن.

فردن، ڳوٺن، قبيلن، قومن ۽ حڪومتن ۾ سخت اختلاف ۽ دشمنيون ۽ وڙيون ويڙهون، وڏا ظلم، وڏا قتلام ۽ خونريزيون ٿيندڙيون رهنديون آهن، البته انهن ۾ حالتن آهر ڪجهه ڪجهه ڳوٺ، راڄ، قوم ۽ انسانيت جو لحاظ رکيو ويندو آهي، پر جڏهن هڪڙي مذهب جا يا هڪڙي مذهبي فرقي جا ماڻهو ٻئي مذهب يا بين فرقي وارن جي ور چڙهي ويندا آهن، تڏهن گهڻين حالتن ۾ انسانيت واري ڳالهه گهٽ وڌي بچندي آهي. ڪتاب "مسلمان ۽ سائنس" جو مصنف پرويز هوديائي لکي ٿو ته: "هڪڙي وڏي پادريءَ اعلان ڪيو ته مون انجيل پاڪ جو مطالعو ڪري اهو معلوم ڪيو آهي، ته دنيا حضرت عيسيٰ ؑ جي جنم کان 404 سال اڳ 23 آڪٽوبر تي آچر جي ڏينهن صبح جو نوين وڳي پيدا ٿي هئي. پوءِ خبر پيئي ته، تمام گهڻو زمانو اڳي مري ويل عيسائي سائنسدان وائيڪلف، ساهوارن جي مئل جسمن ۽ ڏرتيءَ جي تهن جو مطالعو ڪري چيو ته ڏرتي ڪئين ڪروڙ سال پراڻي آهي. عيسائي چرچ جي اعليٰ عملدارن کي زمانا اڳ مري ويل وائيڪلف کي سندس چيل ڳالهه ڪرڻ جي گستاخي معاف نه ڪئي. سندس هڏيون قبر مان ڪڍي، ويڙي ٽُڪي، ذرڙا ڪري

سمنڊ ۾ اڇلايون ويون، ته جيئن سندس جسم ۾ پيل اختلاف ۽ شڪ جا جيوڙا ڏرتيءَ کي پليت نه ڪن." ("مسلمان ۽ سائنس"، صفحو 49)

تمام وڏي حيثيت واري عيسائي بزرگ آگسٽائين لکيو ته، "عيسائين جي سمورين بيمارين جو ذميوار انهن جنن ۽ ديوتن کي سمجهيو وڃي، جيڪي خاص ڪري انهن عيسائين کي اذيتون ڏين ٿا، جيڪي نوان نوان عيسائي ٻڌيا آهن. ايتري قدر جو جيڪي بارڙا اڃان مس ڄمن ٿا ته انهن کي به نٽو ڇڏيو وڃي. عيسائي 'پيرن' ماڻهن کي چيو ته پوپ بائيس جي حڪم موجب، سيني ڊاڪٽرن جو فرض آهي ته روحاني ڊاڪٽرن کي به سڏين، ڇو ته جسماني بيماريون اڪثر گناهن جي ڪري لڳن ٿيون. ان ڪري علاج پاڪ تبرڪات وسيلي ڪيو وڃي ته جيئن گناهن جو اثر لهي وڃي. سندن چوڻ هو ته ماتا، ميضه ۽ ٻيون اهڙيون بيماريون قدرت طرفان نازل ڪيل قهر آهي، تنهن ڪري جيڪڏهن انهن بيمارين جا ٽڪا هڻبا ته خدا پاڪ وڌيڪ ڪاوڙبو. ان زماني ۾ جنهن ڊاڪٽر ٽُڪا ايجاد ڪيا هئا، تنهن جي ٻڌيان عيسائي ڪاهي پيا ۽ هن جنهن گهر ۾ وڃي پناهه ورتي، تنهن جي گهر ۾ باهه جا برندڙ گولا اڇلايا ويا. هو ڊاڪٽرن کي بيمارن يا مردن کي آپريشن ڪري سندن جسم جي چڪاس ڪرڻ جي خلاف هئا ۽ انهن کي ڪافر سڏيندا هئا." ("مسلمان ۽ سائنس"، صفحو 51)

عيسائي بزرگ آگسٽين جو چوڻ هو ته، "طوفان شيطان آڻي ٿو يا عورتون آڻين ٿيون، جيڪي آندين، طوفانن ۾ڏن جي طاقتن کان مدد حاصل ڪن ٿيون." 7 ڊسمبر 1784ع تي انين پوپ انوسينٽ انجيل جي آيت، جنهن ۾ چيل هو ته، جادوگرياڻين کي جيئرو نه ڇڏيو. ان حڪم کان متاثر ٿي هڪ فرمان جاري ڪيو جنهن ۾ جرمنيءَ جي پادرين کي تاڪيد ڪيو ويو ته اهڙن جادوگرن ۽ جادوگرياڻين کي ڳولي لهو، جيڪي انگور جي کيتن، باغن، چراگاهن ۽ فصلن کي تباهه ڪن ٿا. ان فرمان جي تعميل ڪندي هزارين عورتون قيد ڪيون ويون، انهن کي اهڙا عذاب ڏنا ويا، جو سندن ويجها مائٽ چاهڙ لڳا ته انهن کي موت اچي ته هنن عذابن مان ڇٽن. عيسائي بزرگن اهو به چيو ته،

جيڪڏهن پنج گناهه ڪبا تہ انهن ڏوهن جي سزا طور آسمان مان وڃ ڪڙڪندي. اهي ڏوهه آهن: (1) گناهن کان توبهه نہ ڪرڻ (2) عيسائي مذهب تي يقين نہ رکڻ (3) عيسائي ديولن جي مرمت ڪرڻ ۾ لاپرواهي ڪرڻ (4) پادرين کي عيسائيت ۾ مقرر ڪيل پئسا ڏيڻ ۾ ڍڪي ڪرڻ (5) پنهنجن زيردستن تي ظلم ڪرڻ.

1552ع ۾ بينجمن فرينڪلن طوفان، وڃ ۽ مينهن جي وڃ ۾ پنهنجي پتنگ اڏايو ۽ معلوم ڪيائين تہ وڃ جي ڪرڻ جو سبب برقي طاقت آهي. پوءِ جلد ئي برقي چڑي ايجاد ڪئي وئي، جيڪا خوفناڪ کان خوفناڪ طوفان کان بچائي چڏيندي هئي. عيسائي بزرگن پهرين تہ انهن کي مجيو ئي نہ ٿي، پر جڏهن تمام گهٽي عرصي تائين اهو ڏنو ۽ ثابت ٿيو تہ جن جڳهين تي اها وڃ روڪڻ جي چڑي لڳل هوندي آهي، اتي وڃ نہ ڪرندي آهي، تڏهن مس مس عيسائي بزرگن پنهنجي ضد تان هٽ ڪنيو.

عقل دشمنيءَ جي ان ظلم ۽ بيداد جي باوجود عقل منديءَ ۽ ڏاهپ لاءِ جدوجهد ڪرڻ وارن هار نہ مڃي ۽ هٿيار ڦٽا نہ ڪيا. عيسائي بنيا پرستن کي ڪيترين ئي شڪستون مليون ۽ اهي اولهه يعني عيسائي دنيا ۾ سائنس جي نظام کي نقصان پهچائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيا آهن عيسائي دنيا جي روشن خيال ماڻهن کي اهي ظلم نہ وسريا آهن جيڪي انهن روشن خيال ماڻهن تي ۽ سائنسدانن تي ڪيا ويا. تار جو 9 مئي 1983ع تي پوپ جي محل ويٽيڪن ۾ هڪڙي خاص تقريب ڪئي وئي، جنهن ۾ پوپ پال ٻئي گول مول لفظن ۾ هڪ بيان ڏنو جنهن جو مطلب اهو ڪڍيو ويو تہ جڳ مشهور سائنسدان گليلو کي عيسائي چرچ جيڪي عذاب ڏنا، تن لاءِ افسوس جو اظهار ڪيو پيو وڃي. اهو اظهار گليلو سان ڪيل ظلمن کان 370 سال پوءِ ڪيو ويو.

مذهب جي آڙ ۾ درندگيءَ جا جلوا ڏيکارڻ ۾ ٻين سان گڏ عيسائين بہ ڪا گهٽتائي نہ ڪئي آهي. مخالفن کي تلوار سان يا خنجر سان مارڻ جي بدران باهين جا مچ ٻاري، انهن ۾ وجهي ساڙي چڏيندا هئا.

ڪجهه اهم واقعا هن ريت آهن:

* هاڪارن جمهوريت پسند انگريزن جڳ مشهور آزادي پسند

فرينچ هاري گهر جي نياڻي 'جون آف آرڪ'، جنهن فرانس کي انگريزن کان آزاد ڪرائڻ لاءِ پنهنجي فوج ٻڌائي، ان جي ڪمانڊر انچيف ٻڌجي انگريزن کي شڪست ڏيئي پڇائي ڪڍيو تنهن کي انگريزن وڌين اٽڪلن سان هٽ ڪري، مٿس انگريز عيسائي فتويٰ ڏيندڙ هٿان ڪفر جو ڪيس هلائي، ڪيس جيئري ساڙي ڇڏيو.

- عيسائي ڪليسا جي پوپ انوسينٽ پهرين دعويٰ ڪئي ته سموري عيسائي چرچ منهنجي اختيار ۾ آهي. (401ع)
- عيسائي مذهب جي اعليٰ اڳواڻن ۾ مذهبي تڪرار پيدا ٿي پيو ته بشپ اعليٰ مقرر ڪرڻ جو اختيار ڪنهن کي هجي؟ اهو جهيڑو ذري گهٽ صديءَ تائين هليو. (1075ع)
- مسلمانن خلاف صليبي لڙايون شروع ڪيون ويون. (1096ع)
- انگريز فيلسوف راجر بيڪن کي دانائيءَ جون ڳالهيون ڪرڻ تي ڪفر ڳالهائڻ جو ڏوهاري قرار ڏئي، انگلينڊ کان نيڪالي ڏني ويئي. (1277ع)
- انگريز بادشاهه ايڊورڊ پهرئين يهودين کي انگلينڊ مان نيڪالي ڏيئي ڇڏي. (1290ع)
- عيسائين جون مسلمانن خلاف صليبي چڙهايون نيٺ ناڪام ٻڌجي ختم ٿي ويون. (1291ع)
- عيسائي مذهب ۾ مشهور سڏاري "ريفارميشن" جو دور شروع ٿيو. (1517ع)
- مارٽن ليدر عيسائي چرچ طرفان ماڻهن کان پئسا وٺي کين ڏوهن گناهن کان معافي ڏيڻ جي ريت خلاف 195 اعتراض لکي، وٽين برگ جي چرچ جي دروازي تي چنبڙائي ڇڏيا. (1517ع) جنهن تي کيس ڪافر قرار ڏئي عيسائي مذهب مان خارج ڪيو ويو. (1521ع)
- سوئيٽزرلينڊ ۾ عيسائين جي ٻن فرقن ڪيٿولڪ ۽ پراٽسٽنٽ جي وچ ۾ لڙائي لڳي. (1530ع)
- ٽامس ڪرام ويل، انگلينڊ ۾ جيڪي به عيسائي ڪيٿولڪ ديولون هيون، انهن کي 4 سالن ۾ ڌاهي ميدان ڪري ڇڏيو. (1536ع)

* هينري اٺين جي گذاري وڃڻ کان پوءِ هينري اٺين ۽ سندس زال ڪيٿرائن اراگون جي ڌيءَ ميري انگلينڊ جي پهرين مهاراڻي ٿي. جنهن انگلينڊ ۾ وري به ڪيٿولڪ فرقي جو مذهب رائج ڪيو. (1553ع)
* انگلينڊ جي نئين مهاراڻي ميري (پهرين) جي حڪم سان انگلينڊ جي پراٽسٽنٽ فرقي وارن جو قتلِ عام شروع ٿي ويو ۽ پراٽسٽنٽ فرقي جي 300 اهم ۽ نامور ماڻهن کي جيئري باهه ۾ وجهي ساڙيو ويو. (1555ع)
* فرانس جي پراٽسٽنٽ ۽ رومن ڪيٿولڪ فرقن جي ماڻهن جي وچ ۾ مذهبي جنگ شروع ٿي. جيڪا 36 سال هلي. (1562ع)
* فرانس ۾ سينٽ بارٿو لوميو جي ڏينهن تي، پراٽسٽنٽن جو زبردست قتلام ڪيو ويو. (1572ع)
* فرانس ۾ پراٽسٽنٽ مذهب تي پابندي وڌي ويئي. (1576ع)
* گليلو اٽليءَ جي سائنسدان، جنهن پولينڊ جي فلڪياتي ماهر نڪولس ڪاپرنيڪس جي مطالعي جي تصديق ڪندي چيو هو تہ ڪائنات جو مرڪز ڌرتي ناهي، پر اها پاڻ سج جي چوگرد ڦري ٿي. تنهن تي عيسائي مذهبي اختيارين "ڪفر جا خيال" پيش ڪرڻ تي ڪيس هلايو ۽ هن پنهنجي جان بچائڻ لاءِ پنهنجي ڳالهين تان هٽ ڪنيو.
* بوهيميا جي ڪن آزاديءَ جي طلبگار ماڻهن، ۾ ڪيٿولڪ فرقي جي گورنرن کي دريءَ مان هيٺ اڇلائي ڇڏيو. جنهن تان يورپ ۾ مانڊاڻ مچي ويو ۽ 30 سالن تائين گهرو ويڑهه هلندي رهي. (1618ع)
* آئرلينڊ ۾ ڪيٿولڪ فرقي جي عيسائين بغاوت ڪري پراٽسٽنٽ فرقي جي 30 هزار عيسائين جو قتلام ڪري ڇڏيو. (1641ع)
* سوئيٽزرلينڊ ۾ پراٽسٽنٽ ۽ ڪيٿولڪ فرقن جي وچ ۾ مذهبي لڙائي شروع ٿي. (1656ع)
* فرانس جي بادشاهه لوئي، سيني عيسائي فرقن جو ناهه رد ڪري، قاعدو ناهيو تہ رومن ڪيٿولڪ فرقي کان سواءِ ٻئي ڪنهن به عيسائي فرقي کي فرانس ۾ هلڻ نہ ڏنو ويندو. (1685ع)

- 50 هزار پراٽسٽنٽ فرقي جا عيسائي خاندان فرانس مان لڏي ويا. (1685ع)
- ڪيٿولڪ فرقي جي انگلينڊ تي مڙهجڻ ڪان بچائڻ لاءِ وليم ڏهين کي گهرايو ويو. (1687ع)
- آمريڪا ۾ عورتن تي مذهبي ڪيس هلائي، کين ڏاڙيون قرار ڏئي قتل ڪيو ويو. (1692ع)

ان ئي تسلسل ۾ وڌيڪ تاريخي واقعا ۽ تفصيل ايندڙ آرٽيڪل ۾ ڄاڻايا ويندا.

(روزانه "ڪاوش" حيدرآباد، 22 ڊسمبر 2013ع)

عرب حڪومتن جي ماضيءَ حال تي هڪ نظر

جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جي مڪي ۾ ولادت ٿي، ان وقت تائين دنيا ۾ ڪئين تهذيبون، جهڙوڪ: عراقي، مصري، ايراني، سنڌي، هندي، چيني، جپاني، يوناني، روسي ۽ ٻيون پيدا ٿي چڪيون هيون. هندو، عيسائي، ٻڌ، يوناني، روسي ۽ ٻيا ڪئين مذهب وجود ۾ اچي چڪا هئا. ڪئين بادشاهتون ۽ شهنشاهتون پنهنجو وارو وڃائي چڪيون هيون يا ايجا به قائم هيون، جهڙوڪ: مصري، عراقي، ايراني، جپاني، چيني، هندستاني، يوناني، روسي وغيره وغيره.

حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي ولادت باسعادت 570ع (ڪي مورخ اهو عيسوي سن 571 ڄاڻائين ٿا) ۾ ٿي ۽ 610ع کان رسالت جي اعليٰ منزلت تي رونق افروز ٿيا ۽ اسلام جي تبليغ ۽ عملي جدوجهد شروع ڪيائون. 622ع ۾ پاڻ سڳورن ﷺ مديني منوره ڏانهن هجرت ڪرڻ فرمائي. 630ع ۾ مڪو شريف فتح ڪيائون ۽ 632ع ۾ پاڻ سڳورن جو وصال ٿيو. 632ع کان 634ع تائين حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جن جي خلافت هلي ۽ 634ع کان 644ع تائين حضرت عمر رضي الله عنه جي خلافت جو دور هليو. حضرت عمر جي دور ۾ مسلمانن 638ع ۾ يروشلم، 639ع ۾ مصر، 641ع ۾ شام ۽ 642ع ۾ ايران فتح ڪيو. 644ع ۾ حضرت عمر رضي الله عنه جي شهادت کان پوءِ حضرت عثمان رضي الله عنه جي خلافت ۾ عربن 646ع ۾ اسڪندريه، 649ع ۾ قبرص، 655ع ۾ وري اسڪندريه فتح ڪيو. 655ع ۾ عربن جي بحري بيڙي بازنطيني بحري بيڙي کي اسڪندريه وٽ شڪست ڏني. اها عربن جي پهرين بحري فتح هئي. حضرت عثمان رضي الله عنه جي 656ع ۾ شهادت کان پوءِ حضرت علي رضي الله عنه جي خلافت 656ع کان 661ع تائين هلي. 661ع کان 750ع تائين اموي گهراڻي جي حڪومت رهي. 673ع کان 678ع تائين عربن قسطنطنيه جو ناڪام گهيرو ڪيو. 674ع ۾ عربن جون فتحون هندستان ۾ وڃي سنڌو

ندين جي ڪناري تائين پهتيون. 687ع ۾ عربن آفريڪا جو مشهور شهر ڪارٿيج فتح ڪيو. اهو لڙائيءَ جي ڪري تباهه ٿي ويو. 700ع ۾ عربن تيونس فتح ڪيو ۽ اتر آفريڪا مان عيسائيت جو ٻڌ ٻڌياد ڪيڊي ڇڏيائون. 712ع ۾ عربيءَ کي مصر جي سرڪاري ٻولي بڻايو ويو. 707ع ۾ مسلمانن تانجير ۽ 709ع ۾ سوتا کي فتح ڪيو. 711ع ۾ مسلمانن اسپين ۾ عيسائي گهراٽي جي حڪومت کي ختم ڪري اسپين فتح ڪيو. 712ع ۾ مسلمانن سنڌ ۾ حڪومت قائم ڪئي. عرب مسلمانن 716ع ۽ 717ع ۾ قسطنطنيه تي ٻيو ناڪام گهيرو ڪيو. 718ع ۾ عيسائين عربن کي ڪوارين جي لڙائيءَ ۾ شڪست ڏني. 732ع ۽ 737ع ۾ فرانس جي شاهي محل جي ميئر چارلس مارٽل عربن کي پهرين ٽورس جي ميدان ۾ ۽ پوءِ بارگون جي ميدان ۾ شڪستون ڏئي، کين يورپ ۾ اتر طرف وڌڻ کان روڪي ڇڏيو. 746ع ۾ يونانين قبرص عربن کان واپس ورتو. 751ع ۾ عربن چين کي شڪست ڏئي سمرقند تي قبضو ڪيو. 756ع ۾ عبدالرحمان اموي اسپين جي قرطبه شهر ۾ اميه گهراٽي جو راج قائم ڪيو. 773ع ۾ عربن ۽ سندن اتحادين روم جي سيابلس جي ميدان تي فرنيڪن کي شڪست ڏني. 786ع کان 809ع تائين بغداد ۾ خليفو هارون الرشيد تخت نشين رهيو. 814ع ۾ عربن هندستاني انگ استعمال ڪرڻ شروع ڪيا. 869ع ۾ هنن مالٽا تي قبضو ڪيو. 880ع ۾ قسطنطنيه جي شهنشاهه عربن کان اٽلي واپس ورتي. 900ع ۾ ڪاسٽل جي حاڪم الفنگسو ٽئين طرفان عربن کان اسپين واپس وٺڻ جون ڪوششون. جن کي لاطيني ٻوليءَ ۾ Recon Questa جو مذهبي نالو ڏنو ويو هو سي شروع ٿيون. 922ع ۾ مراڪش تي فاطمين جو قبضو ٿيو. 980ع ۾ عربن آفريڪا جي اوير واري ڪناري جي والار شروع ڪئي. 998ع ۾ ترڪ نسل جي غزنيءَ جي حاڪم محمود غزنويءَ اوير افغانستان ۽ اتر هندوستان ۾ پنهنجي شهنشاهت قائم ڪئي. (مسلمانن جي مختلف گهراٽن جي هندوستاني شهنشاهت 1857ع تائين قائم رهي.) 1054ع ۾ عبدالله بن ياسين اولهه آفريڪا کي قبضي هيٺ آڻڻ شروع ڪيو. 1061ع ۾ مسلمان الموحد گهراٽي اتر آفريقا تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو. 1062ع ۾ يونس بن

تشفين موراکو ۾ مراکش شهر جو بنياد وڌو. 1071ع ۾ مانري ڪرت جي لڙائيءَ ۾ ترڪ سلجوق اڳواڻ، بازنطينين واري ايرندي شهنشاهت کي شڪست ڏئي. اولهه ايشيا ۾ ايشيا مائينر کي فتح ڪيو. 1075ع ۾ ملڪ شاهه سلجوقيءَ شام ۽ فلسطين فتح ڪيو.

مسلمان حڪومتن جي پاڙ پٽڻ لاءِ عيسائي مذهبي حملا، صليبي لڙايون (The Crusades)

مسلمان حڪومتن جي سپ- طرفي پکيڙ ۾ ڪنهن به ڏر کي پسند نه هئي. ان ڪري تي عيسائي ڪليسا ۽ عيسائي حڪومتون خاص ڪري ڪاوڙيل هيون. سندن ڪاوڙ جو هڪڙو خاص سبب اهو به هو ته مسلمان، عيسائين ۽ يهودين جي مذهبي مرڪز يروشلم تي ڪن زمانن ڪان قبضو ڪريو ويٺا هئا، جنهن ۾ حضرت عيسيٰ عليه السلام زندگي گذاري هئي ۽ جتي سندن مدفن آهي، تان جو نيٺ اهم عيسائي مذهبي ۽ حڪومتي ڏرين ان ڪري تي اتفاق ڪيو ته جيسين يروشلم کي آزاد نه ڪرايو آٿئون، تيستائين ٻيا اندروني جهيڙا جهٽا حرام آهن. اعلان ڪيو ويو ته اندروني معاملن ۾ Peace of God (الاهي امن) قائم ڪيو ويندو. مسلمانن تي صليبي (عيسائي مذهب) حملو ڪري، کين نيست ۽ نابود ڪيو ويندو. عيسائي پوپ اربن 18 نومبر 1095ع تي ڪلرمانٽ شهر ۾ عيسائي مذهبي اڳواڻن (بشپن) جي اجلاس کي خطاب ڪيو، جنهن ۾ عيسائين کي 'الله جو امن' سختيءَ سان قائم رکڻ جي هدايت ڪئي ۽ کين ٻڌايو ته اوير ۾ (شام، لبنان وغيره ۾) اوير جي عيسائين جو ڪهڙو برو حال آهي. دنيا مان جيڪي زيارتي اتي زيارت ڪرڻ وڃن ٿا، تن سان ڪهڙيون عقوبتون ٿين ٿيون ۽ عيسائي درگاهن جي ڪهڙي بيحرمتي ٿئي ٿي. هن عيسائين کي چيو ته پنهنجن گناهن جي معافي ونڊ لاءِ سختيون سهڻ فرض آهي. جنت ۾ جاءِ ونڊ ۽ حضرت عيسيٰ جي بادشاهت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ مقدس جنگ ۾ شريڪ ٿين. نتيجي طور آگسٽ 1096ع ۾ صليبي ويڙهاڪن جون چار مکيه فوجون يروشلم روانيون ٿي ويون. انهن جي اڳواڻي فرانس جي بادشاهه فلپ جي ياءُ هيوورمندوس (Hugh of vermandois) پئي ڪئي. ان سان گڏ جرمنيءَ

جي لارين جو نواب گادِ فري، ان سان گڏ سندس ٻہ ڀائر بالدون ۽ يوستيسي هئا. انهن سان گڏ بازنطيني شهنشاهت جو فوجي دستو هو. 19 جون 1097ع تي عيسائي ويڙهاڪن اينٽيوڪ (انطاڪيہ) شهر تي قبضو ڪيو. اڳتي هلي فوجون يروشلم ڏانهن روانيون ٿيون. يروشلم ان وقت قاهره جي فاطمي خليفي جي قبضي ۾ هو. شهر جي گورنر انهيءَ شرط تي شهر سندن حوالي ڪيو تہ شهر جي ڪنهن ٻہ ماڻهوءَ کي اهنج نہ رسايو ويندو ۽ اقصيٰ مسجد جي حفاظت ڪئي ويندي. "پر ان فيصلي کي نہ مڃيو ويو. سڀ مسلمان مرد، زالون ۽ ٻار توڙي يهودي قتلام جو شڪار ٿي ويا". (انسائيڪلوپيڊيا برٽينڪا، جلد 16، صفحو 829) يروشلم، طرابلس ۽ ٻن ٻين رياستن کي قائم ڪري انهن کي صليبي رياستن جو لقب ڏنو ويو.

ٻي صليبي چڙهائي

1148ع ۾ 50 هزار صليبي ويڙهاڪن اچي يروشلم وٽ ٽڪاءُ ڪيو. انهن ۾ ڪئين جرمن، فرينچ امير ٻہ شريڪ هئا. فيصلو ڪيو ويو تہ دمشق تي حملو ڪجي، پر دمشق جي فوج جي ترڪ ڪمانڈر قاهره جي حاڪم نورالدين زنگي کي مدد لاءِ عرض ڪيو. جيڪو هن قبول ڪيو. دمشق کي پنج ڏينهن گهيرو ڪرڻ کان پوءِ 28 جولاءِ تي جڏهن نورالدين زنگيءَ جي فوج ڏري گهٽ شهر جي ويجهو پهتي، تڏهن صليبي فوجون شهر ڇڏي پوئتي موٽيون. صليبي اڳواڻ ڪان راڊ، ٻيو اڳواڻ لوئي بحري جهاز ۾ چڙهي ڀڳو. پهتا ۽ ٻئي صليبي حملي لاءِ تياري ٿيڻ لڳي. 1168ع ۾ يروشلم جي حاڪم امل رڪ مصر تي ڪاهہ ڪئي، جيڪو فاطمين جي قبضي ۾ هو، پر هو ناڪام ويو ۽ فاطمي حاڪم جو نمائندو شيرڪوه قائره ۾ داخل ٿيو. شيرڪوهہ 23 مئي 1169ع تي گذاري ويو ۽ نورالدين زنگيءَ جو ڀائيٽو صلاح الدين ايوبي، جيڪو انهن ڏينهن ۾ زنگيءَ جو نائب هو سو مصر جو حاڪم ٿيو. نورالدين، صلاح الدين کي هدايت ڪئي تہ هاڻي مسجدن ۾ خطبو قائره جي فاطمي خليفي بدران بغداد جي خليفي جي نالي پڙهيو وڃي ۽ ايئن ئي ڪيو ويو. 1174ع ۾ صلاح الدين سلطان ٿيو ۽ ان ئي سال صلاح الدين شام کي فتح ڪيو. 1477ع ۾ يروشلم جي بادشاهہ باردبن چوٿين مانٽ گسرت وٽ صلاح الدين کي

شڪست ڏني. 1179ع ۾ صلاح الدين تائر جو گهيرو ڪيو. 1180ع ۾ صلاح الدين ۽ باربن جي وچ ۾ جنگ بنديءَ جو ناهه ٿيو. 1187ع ۾ صلاح الدين يروشلم فتح ڪيو. 92_1189ع ۾ انگلينڊ جو بادشاهه شير دل رچرڊ، فريڊرڪ بروبروسا ۽ فرانس جو فلپ ٽئين صليبي چڙهائيءَ جا اڳواڻ ٿي حملو ڪري آيا. 1190ع ۾ منگول اڳواڻ تيموجين عرف چنگيز خان اوپر ايشيا ۾ شهنشاهيت قائم ڪئي. فريڊرڪ بروبروسا فلسطين ويندي واٽ تي ٻڏي مئو. 1191ع شيرل دل رچرڊ پهرين قبرص ۽ ڪرا تي قبضو ڪيو. 1192ع ۾ رچرڊ پهرئين جافا تي قبضو ڪيو ۽ صلاح الدين سان ناهه ڪيائين. صلاح الدين کي موتندي چيائين ته، "مون کي پنهنجي طرفان يروشلم جو گورنر مقرر ڪر، پوءِ انگلينڊ جي فوج تنهنجي هڪل تي حاضر ڪندس. توکي جڏهن به ضرورت پوي، تڏهن مون کي حڪم ڪجانءِ ته تنهنجي مدد لاءِ انگريز فوج پهچي ويندي. منهنجي پيٽ جو سڳ آئون توکي تنهنجي پٽ لاءِ ڏيان ٿو." (پوپ اهو ناهه رد ڪري چڏيو_ چيائين ته اهو جائز ناهي)... پوءِ رچرڊ واپس ملڪ موٽيو. واٽ تي ڪيس سندس دشمن آسٽريا جي نواب ڊيو پول گرفتار ڪري ورتو. 1193ع ۾ سلطان صلاح الدين گذاري ويو. رچرڊ کي شهنشاهه هينري ڇهين جي حوالي ڪيو ويو. جنهن کيس آزاد ڪرڻ لاءِ پُنگ گهريو. 1194ع ۾ رچرڊ جي پاران پنگ ڏنو ويو ۽ هو انگلينڊ پهتو.

1202ع ۾ چوٽين چڙهائي

صليبين قسطنطنيه تي قبضو ڪري، ان کي تباهه ڪري، ان تي پنهنجو لاطيني حاڪم مڙهي چڏيو. ان وچ ۾ اپرندي طرف 1208ع ۾ تيموجين کي چنگيز خان جي لقب سان شهنشاهه مقرر ڪيو ويو.

1212ع ۾ بارن جي صليبي ڪاهه

فرانس ۽ جرمنيءَ مان 30000 صليبي بار فلسطين روانا ٿيا. ڪاهه ناڪام ٿي ويئي ۽ هزارين بار غلام ڪري وڪيا ويا. 22_1217ع ۾ پنجين صليبي ڪاهه مصر تي ڪئي ويئي ۽ ناڪام ٿي. 29_1228ع ۾ ڇهين صليبي ڪاهه جي اڳواڻي شهنشاهه فريڊرڪ ڪئي. صليبين يروشلم تي وري قبضو ڪيو. 1243ع مصر جي مسلمانن يروشلم عيسائين کان کسي ورتو.

70_1248ع ۾ ستين ڪاهه

ستين صليبي چڙهائي فرانس جي بادشاهه لوئي نائين جي اڳواڻيءَ ۾ ٿي. مسلمانن مصر ۾ لوئي نائين کي قيد ڪري ورتو ۽ ڪانئس ڏنگ ڏرائي ڪيس آزاد ڪيو. 1270ع ۾ هو مري ويو. 1268ع ۾ مصر جي مسلمانن عيسائين کان انتظاڪيه کسي ورتو. 1291ع ۾ مسلمانن عيسائين کان سندن فلسطين ۾ آخري ڳڙهه لڪره کسي ورتو ۽ مسلمانن خلاف عيسائين جون مذهبي صليبي چڙهايون ختم ٿي ويون.

نئين صورتحال کي مسلمانن جي دشمنن ڪيئن منهن ڏنو ۽ ڪيئن کين غلام بڻائي ڇڏيو ويو ۽ ان ماجرا کي ڪيئن پيو منهن ڏنو وڃي، سو انساني تاريخ جو هڪڙو انوکو ۽ حيرت انگيز باب آهي، جنهن کي ڇگيءَ طرح پروڙڻ ۽ منهن ڏيڻ انساني تاريخ جي موجوده نسلن جو اهم ترين انساني فرض آهي. وڏيڪ خبرچار ايندڙ ڪچهريءَ لاءِ ڇڏي هتي فقط دنيا جي عياري ۽ مڪر سان زهريلي دشمنيءَ واري ويڙهه جي وڏي ۾ وڏي عالم، ۽ هزار ورهيه اڳ گذاري ويل پنڊت ڪوتليه چاڻڪيه جا هي نسخا ياد ڪريون ٿا ته: "آئون پنهنجي دشمن جو مقابلو ان جي سر جي ويريءَ جي ساڻيءَ جي مدد سان يا وچ واري قوت جي ساڻ سان ڪندس. آئون پاڙي وارن وحشي قبيلن، مخالف جي عزيزن يا دشمن جي ملڪ ۾ موجود پنهنجن ماڻهن جي مدد سان مخالف ملڪ جي ڇانوڻي يا قلعي ۾ شديد/ زبردست فساد ۽ بدامني پيدا ڪندس. جڏهن منهنجو مخالف منهنجي هٿ چڙهندو ته ماهر، زهر، هٿيارن يا ٻين ڳجهن طريقن سان کيس ختم ڪري ڇڏيندس. مان پنهنجي دشمن ۽ ان جي ساڻين جي وچ ۾ نفرت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ ان جي فوج ۾ بغاوت ڪرائڻ جو بندوبست ڪندس." پنڊت ڪوتليه چاڻڪيه جي ڪتاب "ارٿ شاستر" جو صفحو 535 ڪان 561ع تائين).

(روزانه "ڪاوش" حيدرآباد، 19 سيپٽمبر 2013ع)

عظيم سوشلسٽ آڪٽوبر انقلاب بابت حال احوال

اهو صحيح آهي ته سوويت يونين ٽٽي ويئي. جنهن سرزمين تي پهريون سوشلسٽ انقلاب آيو ان انقلاب جي سرزمين تان سوشلزم جو جهنڊو لهي ويو ۽ اتي سرمائيداري نظام آيو. اتي جي سوشلسٽ رياست ٽٽي ويئي ۽ سوشلزم جي علمبردار ڪميونسٽ پارٽي به ڪافي حد تائين ٽٽي ويئي. اهو سڄو نظام بظاهر جڙ ته اتي ختم ٿي ويو. حالانڪ سوشلزم ته دنيا ۾ اڄ به آهي. مختلف ملڪن ۾ آهي. ويٽنام، اتر ڪوريا، چين ۽ ڪيوبا ۾ آهي، پر جيڪو پهريون سوشلسٽ ملڪ هو اهو ختم ٿي ويو. اها شڪست مخصوص حالتن ۾ آئي آهي. ان شڪست کي سوشلزم جي قطعي ۽ آخري شڪست سمجهڻ نه ڪپي. اها ڳالهه آئون تڪلفاً رعايتاً نٿو چوان. توهان ويچار ڪريو ته جرمنيءَ کي شڪست آئي، برلن تي قبضو ٿي ويو. هٽلر خودڪشي ڪئي، پر ڪنهن چيو ته جرمني ختم ٿي وئي؟ 1945ع ۾ جرمنيءَ ۾ رڳو تباهي ۽ اوندهه انڌوڪار لڳي پيئي هئي، ان ۾ ڪجهه ڪونه هو. اها مڪمل طور شڪست کائي ويل هئي، پر ڪنهن به ڪونه چيو ته ڪو جرمني هميشه لاءِ ختم ٿي ويئي. جرمني ته هئي سا ٿوري عرصي کان پوءِ جاهه جلال سان دنيا جي سامهون اچي ويئي آهي. سماجي نظامن جي خيال کان ڏسبو ته 1930ع ۾ سرمائيداري نظام کي وڏي ۾ وڏو ڏڪ لڳو جنهن کي تاريخ ۾ "ڊپريشن جو دؤر" چون ٿا.

1930ع ۾ جيڪا سرمائيداري جي لات آئي، تنهن سڄي دنيا کي ٽرٽلي ۾ وجهي ڇڏيو. لکين سرمائيدار ڪاروباري ڏيوالي ۾ اچي ويا، ملڪن جا ملڪ تباهه ٿي ويا. روس ۾ 1990ع ۾ جيڪا تباهي آئي هئي، 1930ع ۾ تنهن کان ڏهوڻي تباهي سموري سرمائيدار دنيا ۾ آئي هئي. روس کي ڪنهن ٻاهران يا اندران سرمائيدارن حملو ڪري فتح ڪونه ڪيو. هنن کو بک مري ته هٿيار ڦٽا ڪونه ڪيا هئا. هن کان

اڳ روس ۾ سئو دفعا خراب حالتون هيون. تڏهن روسي سوشلزم هٿيار ڦٽا ڪرڻ ڪيا هئا. جڏهن روس ۾ گهرو ويڙهه ۾ خوفناڪ ڏڪار هو جڏهن روس تي جرمنن ڪاهه ڪئي هئي. اسٽالن گراڊ. ماسڪو ۽ لينن گراڊ کي گهيرو هو. تڏهن ۾ جڏهن ان حد تائين معاملو هو جو چون ٿا ته لينن گراڊ ۾ هڪڙي بکايل مائي ٻيءَ کي چوندي هئي ته. "منهنجي بک وگهي مئل پٽ جي لاش کي تون کاءُ ته تنهنجي پٽ جي لاش کي آئون ٽي کاوان." سوشلزم تڏهن بہ آڙ نہ ميڙي.

جڏهن روس جا ٽي ياڳي چار حصا نازي دشمنن جي قبضي ۾ اچي ويا هئا، ۽ سال مٿس جرمنيءَ جو قبضو هو تڏهن بہ روسي سوشلزم هٿيار ڦٽا ڪرڻ ڪيا. هاڻي جي هڪڙي ملڪ جا حڪمران اهڙا ٽي وڃن ٿا، جيڪي ماڻ ميٽ ۾، اندر ئي اندر ڪن ڳجهن ۾ نامعلوم سببن جي ڪري دشمن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري ساڻن ملي وڃن ٿا ۽ اهي چون ٿا ته اسان سوشلزم ختم ڪري ڇڏيو ته اهو ته نظام جو لازمي ۽ اڻ ٽر خاتمو ته ڪرڻ ڇئبو. هي ته هنن هٿيار ڦٽا ڪيا، ان وقت اهڙي حالت ڪانہ هئي، جو هو هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ٿيا هجن! هتي ته سنئين سڌي اندروني غداري ٿي.

گورباچوف پاڻ ويهي سڄي مشرقي يورپ کي پنهنجن هٿن سان ختم ڪرايو. هن رومانيا جي صدر ۾ سندس ساٿين کي قتل ڪرايو. چرچل چيو هو ته، "آئون برطانوي سلطنت جي تباهيءَ مٿان صدارت ڪرڻ لاءِ وزيراعظم ڪونہ ٿيو آهيان." گورباچوف وڏي طمطراق سان سوويت يونين جي خاتمي جي جشن جي صدارت ڪئي. سڄي يورپ مان اوچتو فوجون واپس گهرائي. پنهنجي اتحادي مشرقي سوشلسٽ حڪومت کي ڪيرائي، مارائي ڇڏيائين.

هاڻي اڳوڻي آمريڪي صدر جارج بش جو ڪتاب آيو آهي، جنهن ۾ هن ٻڌايو آهي ته اسان ڪيئن روس جا ترا ڪيڏيا. هن ۽ نقطا ٻڌايا آهن ته اسان پهرين گورباچوف کي ڀيڄاريو ته اسين هيڏا هٿيار ٿا گڏ ڪريون ۽ روس کي تباهہ ٿا ڪريون. پوءِ وري اسان چيس ته جيڪڏهن اوپر جرمني، تون جرمنيءَ کي ڏينڊين ته تنهنجو نالو آسمان تي ڪڍندو ۽ پوءِ سڄي دنيا ۾ امن امان قائم ٿيندو وغيره.

جاسوسيءَ بابت هڪڙو ڪتاب آهي "The Saturn is always red." (دي سيٽرن از آل ويز ريڊ.) ان ۾ ٻڌايل آهي ته جرمنن جڏهن روس ۾ شڪست کاڌي، تڏهن به اهي روس جي اندر پنهنجا ايجنٽ ڇڏي ويا. هنن پنهنجو روس جي اندر جيڪو جاسوسي جار ٺاهيو هو، اهو باسلامت آمريڪا کي پڻ وڪيائون، ته "ابا هي اسان جا ماڻهو آڻو، توهان کي هيترن ۾ ڏئي ٿا وجون!" توهان ڏٺو ته يلتسن سڄي عمر ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو سرفروش ميمبر ٿيو وينو هو. اوچتو عين وقت تي ڏيئي ظاهر ٿيو ته "آئون سوشلزم جو مخالف هوس ۽ آهيان." هيءَ ته گهٽي حد تائين سي- آءِ جي سربراهه بش جي صدر ٿيڻ کان پوءِ آمريڪي انٽيليجنس جي فتح آهي:

This is the greatest intelligence coup.

هي ته اندران ئي اندران ترا ڪيڊيا وبا آهن. ان ڳالهه ۾ جن ڳالهين مدد ڪئي، سي هيون، روس جو چئن سالن جو عالمي سامراج طرفان گهيرو ۽ اقتصادي بائيڪاٽ، روس جو اوور ايڪسٽينڈ هجڻ ۽ روس جو چين سان وڙهي پوڻ، چين جي سرحدن تي بيهاريل لکين فوجين جو ڳاڻي ڇڳو خرچ. روس کي چين جي خلاف ايٽمي جنگ لاءِ تيار ڪيائون. گهٽو ڪري هنن کي صدر ڪينيڊي جي زماني کان وٺي جيڪي ڦُل بنديون ٻڌائون، تن جي زهر هڻي ويڄي هنڊ ڪيو.

ڪامريڊ مائوزيتنگ چيو آهي ته، "جيڪي ماڻهو فولادي گولين جو مقابلو ڪري سگهن ٿا، سي ڪڏهن ڪڏهن ڪنڊ ڇڙهيل گولين جو مقابلو نه ڪري سگهندا آهن." همراهه برزنيف جي زماني کان وٺي ڪنڊ ڇڙهيل گولين جو مقابلو نه ڪري سگهيا. باقي مالي گهٽ وڌائين جي ڪري ماڻهو پنهنجا نظام ڇڏي ڏيندا آهن ڇا؟ جاپان ۾ هينئر تباهي لڳي پيئي آهي، تڏهن جاپان سرمائيداريءَ تان هٿ کڻي، سوشلسٽ ٿي پوندو ڇا؟ ڏکڻ ڪوريا تباهه ٿي ويو آهي، انڊونيشيا جا ماڻهو چانورن جي لپ لاءِ مرن پيا، اهڙي ڪا ان وقت روس جي حالت هئي ڇا، جو ماڻهن کي چانورن لپ ڪانه ٿي ملي. ماني ڪونه ٿي ملي؟ پر انڊونيشيا ايجا تائين سرمائيداري نظام تي ٻينو آهي. آمريڪا ۽ يورپ جي جيڪا

حالت 1930ع ۾ دنيا ڏني، تڏهن به هنن پنهنجو سماجي نظام قائم رکيو، تنهن ڪري روس جي زوال جا سبب آئون هي ٿو سمجهان:

1. روس ۽ چين جو پاڻ ۾ ٽڪر.
2. سڄي دنيا کي آزاد ڪرائڻ لاءِ جيڪو هنن کي ڳاڻي ٽوڙ خرچ ڪرڻو پيو.
3. ٽئين دنيا جي وچولي طبقي جي حڪومتن، جهڙوڪ: هندوستان، مصر ۽ ٻين ملڪن ۾ حڪومتن جي طبقاتي غداري.

اهي ڏکئي وقت تي ايندا هئا روس وٽ، ان کان مدد ون ونندا هئا، پئسا ونندا هئا، هٿيار ونندا هئا، پوءِ وري انهن کي بليڪ ميل ڪندي، وري ڊوڙي ويندا هئا آمريڪا ڏانهن. هندوستان جي حڪمران ٽولي به ايئن ڪيو. جيئن نهروءَ 1962ع ۾ آمريڪي ايٽمي جهاز به گهرائي، آڻي هتي اچي ٻيهاريو ته هتان هوائي جهاز ڪٽي هلي چين تي حملو ڪنداسين. ههڙا هئا سوشلزم جا ساٿي، جن سيني گڏجي بليڪ ميل ڪيو.

هاڻي سيني کان وڌيڪ نقصان انهن ملڪن جي حڪمران طبقن کي پهتو آهي ۽ انهن ملڪن جي حڪمرانن، جن دغائون ڪري روس کي بليڪ ميل ڪيو تن اهو ڪم ڪيو جيڪو اورنگزيب ڪيو جڏهن هن دکن جي شيعا حڪومتن جا ترا ڪڍيا. اهي شيعا حڪومتون ته مرهٽن کي روڪيو ٻيٽيون هيون، انهن کي ختم ڪري هن جڙ مرهٽن لاءِ ميدان صفا ڪري ڇڏيو ۽ اتر هندوستان تي مرهٽا چڙهي ويا. اهڙيءَ طرح اورنگزيب جڙ پنهنجي مسلمان راج جي پيئنگ ڪئي.

ٽئين دنيا جي موقعي پرست ملڪن آمريڪا جو پاسو ونيو، روس کي بليڪ ميل ڪري، خود پنهنجي تباهي آندي ۽ هاڻي آمريڪا، روس جي ڊپ ۽ جهل پل کان سواءِ ٽاڏيون پيو ڏي ۽ هو يتيم ٽيا، مسڪين ٽيا پيا هلن. هاڻ سندن ڪو ڏٽي ڏوٽي ڪونهي. عراق ۾ لکين ٻار فاقن ۾ پيا مرن. جيڪڏهن روس هجي ها ته انهن لاءِ ايئن مسئلو ٿئي ها ڇا؟

جيڪڏهن اڄ سوويت يونين سلامت هجي ها ته آمريڪا ايئن خرمستيون ڪري سگهي ها ڇا؟ وري اوير ايشيا ۾ آمريڪا جيڪي پنهنجا چمچا حڪمران ٽولا 'شير' ڪريو پئي هلايا، انهن شيرن کي

روس کي ختم ڪرڻ کان پوءِ 5 سالن اندر ئي ختم ڪري ڇڏيائين. هي تيستائين شير هئا، جيستائين روس هو ۽ جيسين روس جي خلاف آمريڪا کي اهڙن چمچن جي ضرورت هئي، تيسين هي هئا ٽائيگر هاٿي اهي شير ۽ ٽائيگر پنن پيا، ٽڪون پيا جهلين، ذليل پيا ٿين. هنن پاڻ پنهنجي لاءِ پنهنجي بازار جو اڳهه ڪيرائي وڌو. هاٿي ٽڪي جا ٿيو پيا ڏڪا کائين. هاٿي حالت اها آهي جو پاڪستان کي آءِ ايم. ايف چيو آهي ته تون پنهنجي آئين ۾ ترميم ڪر. ڪڏهن ايئن ٿيو آهي ته آءِ. ايم. ايف جهڙي خانگي عالمي واپاري اداري ڪنهن ملڪ کي چيو هجي ته تون پنهنجي آئين ۾ ترميم ڪر؟ روس جي ويڙ کان پوءِ هي ٽئين دنيا جون حڪومتون دراصل حڪومتون ئي نه رهيون آهن. هنن جي حالت جوڙپور، بهاولپور ۽ خيرپور رياستن واري ويجي رهي آهي. هنن پاڻ پنهنجي پيرن تي ڪهاڙو هنيو آهي ۽ دشمن جي دشمن کي مارائي دشمن تان ڊپ لهرائي، پاڻ کي واڳونءَ جي وات ڏيئي ڇڏيو آهي.

ٽئين دنيا جي جن ملڪن آمريڪا سان سات ڏيئي سوويت يونين کي ڏڪ هنيو، تن ملڪن خودڪشي ڪئي آهي. مسلمان ملڪن سان به اڄ جيڪا جنڊ پيئي ٽئي، سا به گهٽي حد تائين سوويت يونين جي ختم ٿيڻ جي ڪري.

اڳئين پيري عراق خلاف جيڪا آمريڪا خرمستي ڪئي هئي، ان کي روس ڪنٽرول ڪيو. هينئر به روسي وزيراعظم پريماڪوف، جيڪو سوويت يونين جو پراٽو پسمنظر رکي ٿو اهو جيڪڏهن مداخلت نه ڪري ها ته آمريڪا، عراق جي ايجا به خراب حالت ڪري ها.

آمريڪا جنگي خرچ ايترو وڌائي ڇڏيو، جنهن جي ڪا حد ۽ حساب ڪونه هو. روس جهڙي جڙ ته ٽئين جاول رياست ايترو خرچ پري نه پئي سگهي. تنهن کان پوءِ هنن جو واپاري حوالي کان گهيرو ڪري ڇڏيائون روس جو سامان ڪير وٺندو ئي ڪونه هو. چوته سامراجين پابندي هڻي ڇڏي ۽ ٽئين دنيا جا ملڪ روس جو سستو سامان به نه وٺندا هئا.

ويٽنام جهڙي ملڪ تي حملي ۾ جاپان، انڊونيشيا سڀ پير ٻڌيو آمريڪا سان گڏ هنيوچين هڙڻ ۾ شامل هئا. روس جو سامان نه رڳو

خريد نہ ڪندا هئا. پر ڪين سامان وڪرو ۾ نہ ڪرڻ ڏيندا هئا. هنن ڏجي روس جي معاشي ناڪابندي ڪري. هن کي اڪيلو ڪري ڇڏيو. سرمائيدار سامراجي ليڈر چرچل چيو هو تہ "سوويت روس جي نڙيءَ ۾ ڏڪار جو ڦاهو وجهو ۽ ڪيس گهٽائي ڏيئي ماريو."

تنهن ڪان پوءِ اهميت واري ڳالهہ اها آهي تہ سوشلزم جو دارومدار ئين انسان تي آهي. نئون انسان جيتري حد تائين، پيدا ٿيندو. تنهن حد تائين سوشلزم قائم ٿيندو ۽ وڌندو. ماڻهن جون سماجي جبلتون ٿيستائين نہ ڦرنديون، تيستائين سوشلسٽ نظام مضبوط نہ ٿيندو.

هموراپي جي زماني ڪان وٺي اڄ ڏينهن تائين ماڻهن جون جيڪي سماجي جبلتون ٺهيون آهن ۽ قاتل ۽ جلاد طبقن جي دؤر ۾ جيڪي سماج ٺهيا آهن، انهن ۾ جيڪي عادتون پيون، جنهن طريقي جا ڍنگ ٺهيا، ٿيڪي ماڻهن جون خواهشون، روشون پيدا ٿيون آهن، اهي هزارين سالن جون آهن. سوشلزم جي پنجاهہ سٺ سالن جي عمر ۾ اهي ڪيئن ڊلبيون؟ اها ۽ وڏي رڪاوٽ هئي تہ ماڻهن جون پراڻيون جبلتون ٿيترين تبديل ٿيڻ ڪپنديون هيون، اهي اوترين نہ ٿي سگهيون. هنن ڪي ٿيڪا ڳري صنعت قائم ڪرڻي هئي، اها ڪري ويا، پر هلڪي صنعت قائم ڪرڻ جو جيڪو آسان ڪم هو، اهو ڪرڻ لاءِ مهلت نہ ملين.

روسي سوشلسٽ ڳرن ڪمن ۾ ڪونہ ڪريا. هو انهن ۾ سرمائيداريءَ کي شڪست ڏيئي ويا. هي ڪريا آسان ڪمن ۾. هٿيار ڏيڪ هنن ناهيا، خلائن ۾ پهريون ماڻهو روس جو ويو. ٿيڪنالاجي، سائنس، هر ڳالهہ ۾ روس هنن کي ٻڌي ٻڌي ماريو. هنن ماڻهن تہ سماجي معجزا ڪري ڏيکاريا. سوشلسٽ انقلاب انساني تاريخ جو وڏي ۾ وڏو سماجي ۽ اقتصادي معجزو هو. اهڙو سماجي لقاءُ تاريخ ۾ گ ٿيو ئي ڪونہ هو. زار جو ملڪ روس، جيڪو يورپ جو ٽرڊ ريٽ ملڪ هو پوئتي پيل هو تنهن ۾ انقلاب ڪان پوءِ سيني ڪان وڌيڪ سائنسي ترقي ٿي، سيڪان وڌيڪ ڊاڪٽر، انجنيئر اتي، سيڪان لٽرا ماڊرن راڪيٽ، جيڪي مريخ تي وڃيو نڪرن، سي ۽ هنن وٽ.

انقلابي روس وٽ اعليٰ سائنس تہ هئي، پر هنن وٽ سٽي لپ

استڪ نہ هئي. ماسڪو ۾ مون سان گڏ جيڪا روسي ترجمان هئي تنهن کي مون چيو "توهين سپر پاور آهيو."

چيائين، "سپر پاوريءَ کي آئون چا ڪندیس؟ دوا ۾ وجهي ڪائيندیس چا؟"

مون چيو تہ، "ڏسو! اسان جي ملڪ ۾ ماڻهن سان هي ظلم، هو ظلم، توهان کي خبر ئي ڪانهي تہ اسان جي پيٽ ۾ اوهان جي زندگي ڪيڏي نہ بلند آهي."

مون کي چيائين، "تون پنهنجي بکئي ۽ ڪٽل ملڪ جو مقابلو منهنجي ملڪ سان ڇو ٿو ڪرين؟ اسين تہ سپر پاور آهيون. توهان جي پاڪستان کي پڇي ڪير ٿو؟ تون منهنجي ملڪ جي ڳالهہ ڇڏ! سرمائيدار جرمنيءَ جي مون جهڙي ڇوڪري بهترين لپ استڪ هٽي سگهي ٿي، انهيءَ کي خوبصورت ڪپڑا پيا آهن، مون وٽ تہ ڏنگ جو بريزر ئي ڪونهي. مون کي تہ لپ استڪ بہ سڀي ڪانہ ٿي ملي. هيترا سال اسان لڙائي ڪئي آهي، هيترا مڙا آهيون، ڦٽيا آهيون، پلا مون کي اهو حق ناهي تہ آئون بہ هاڻي ٻين وانگر سڀي لپ استڪ لڳائي سگهان، فيشن ايبل جينز پائي سگهان؟"

هاڻي جينز مان ڏؤ ڪيو هوندائون! سوچيان ٿو تہ مون کي اهو ڇوڪري هاڻي گڏجي تہ پڇانس تہ، "هاڻي اوهان کي جيڪي مزا ملي آهن، سي ڪيئن ٿي پائنئين! ستن سالن جي سرمائيداريءَ مان ڏؤ ٿي ويو آٿوَيا ايجا بہ ڪا ڪسر رهيل آهي؟"

آئون سوچيان ٿو تہ دراصل انساني تاريخ جي حوالي سان اهو انتهائي ضروري هو تہ روسي ماڻهو اهي نوَ سال سرمائيداري راج جا ماڻين نہ تہ روسين جا جيڪي خيال مون اتي ڪانئس ٻڌا هئا، سي سڀائين سندن مغز خراب ڪريو بينا هجن ها. ڏاڍو انهن کي حرس هو سرمائيداري آزادين ۽ مزن جو، جن جي ٿي. وي تي پروپيگنڊا ٿيندي هئي، جڙ پوئتي پيل ملڪن جي عوام جي گهرج رکو لپ استڪن ۽ ڊانسن جي آهي؟

اسان جي ملڪ ۾ بہ روس جي زوال جو بهانو ڪري، پرائيويٽائيزيشن ڪري، نواز شريف ۽ ڪمپني، جيڪي ٽڳ هئا، گڏجي جيڪا بہ قومي

ملڪيت هئي، سا سڀ ڪائي ڇڏي اربين روپين جي قومي ملڪيت پرائيويٽائيزيشن جي نالي ۾ هڙپ ڪري ويا آهن. هي هنن جي گلوبلائيزيشن جي آڙ ۾ نادرشاهي ڦرلٽ آهي. عالمي سرمائيدارن روءِ زمين جي مٿان جيئن مالِ غنيمت جي لُٽ ڪجي، تيئن لُٽ ڪري ڪيئي ملڪ ويهاري ڇڏيا آهن.

توهان ڏسو ٿا ته اوپر ۾ هنن آمر ويهاريا، سوهارتو جهڙا آمر، فلپائين ۾ مارڪوس، هتي ايوب، شاهه ايران جهڙا ڏاڙيل ويهاريل هئا، جن پنهنجا ملڪ ڪرتي ڪائي ڇڏيا. ان کي چئبو آهي "ڏاڙيل سرمائيداري." ماڻهن کي هنن مفت ۾ هلايو آهي. اهو نئون انعام آهي گلوبلائيزيشن جو ان ۾ آمريڪا ۽ يورپ تيار ٿي ويا.

آمريڪا جي بجيٽ 1967ع کان وٺي کوٽ ۾ پيئي رهي آهي. سوويت يونين کي ڏسي، ٽين دنيا کي ڀهارو ڏيئي. هن سال آمريڪا جي بجيٽ بچت ۾ پيئي وڃي. هينئر کوٽ ۾ پيل يورپ به مست ۽ مواڙ ٿي پيو آهي. هنن 9 سالن ۾ روس جي زوال کان پوءِ يورپ ۽ آمريڪا سئو سالن جو حساب برابر ڪري ڇڏيو آهي.

اوپر ايشيا ۾ ٽائيگر انهيءَ لاءِ ڪلتي ڪبائون ته جيئن ملڪ پيئنگ ٽئي ته اڳلا لاچار ٿي سڄو ملڪ وڪٽي ڇڏين. اڳي اتر ۽ ڏکڻ وچ ۾ ڳالهيون هلنديون هيون ته غريبن جو قرض گهٽايو. هاڻي ڪٽي آهن اهي ڳالهيون؟ مطلب ته جيڪي به آفتون ۽ بلائون سرمائيداريءَ مٿان آيون، سي ويون سڀ ختم ٿي. روس جو ڪرڻ ۽ "وارو ڏي وارو!" ٿي ويو.

اهي اڳوٽيون ڳالهيون ويون هليون. اهي قصا هليا ويا. هاڻي نڪي حق نڪي حقوق، غريب لاءِ ڪجهه به نه. هاڻ رڳو عالمي سرمائيدار رڇ پيو نچڪارا ڪري ۽ ملڪ ڪائي. پر حالتون بدلجڻ جا سانباها پيون ڪن ۽ وڏيون تبديليون شروع ٿيڻ واريون لڳن ٿيون.

(روزاني "سنڌ" حيدرآباد، 17 آڪٽوبر 1998ع)

ٽرانسڪائي انقلاب دشمنيءَ کان خبرداري

خيالن جي ويڑهه جي اهميت

انسان پنهنجي هزارين سالن جي تاريخ ۾ جيڪي ذهني توڙي عملي واڌارا ڪيا آهن، سي هن سواءِ ڪنهن غلطي ڪرڻ جي نه ڪيا آهن. گهٽو ڪري واڌاري جي هر صحيح وک، ڪئين آزمائشن ڪرڻ ۾ غلط وکن کڻڻ کان پوءِ ڪنئي ويئي آهي. هر صحيح خيال يا عمل، ڪيترن اڻپورن يا غلط خيالن مان جنم ورتو آهي. ٻين ڪيترن غلط خيالن سان چتيون ويڑهيون ۾ مقابلا ڪرڻ کان پوءِ ئي اڳتي وڌي آهي. صدين جون صديون اونداهه ۾ هٿوراڙيون ڏيڻ، آزمائشون ۽ ويڑهيون ڪرڻ کان پوءِ ئي ماڻهوءَ کي هاڻوڪا صحيح گس ملڻا آهن. ٻين صحيح گسن ۽ واٽن ڳولي لهڻ لاءِ ڪيس آئيندي ۾ هٿوراڙيون ڏيڻيون آهن ۽ بار بار غلطيون، تجربا ۽ ويڑهيون ڪرڻيون آهن. اهو سلسلو دائمي آهي ۽ ڪڏهن به ختم نه ٿيندو.

غلط نظريا ڪيئن ٿا پيدا ٿين؟

غلط نظرين جا مکيه ڪارڻ ٻه آهن: هڪڙو هيءُ آهي ته سُڌِ ۽ جاڻ حاصل ڪرڻ جو عمل پيچيدو ٿئي ٿو. حقيقتن جا ڪئين پاسا ٿيندا آهن، جي هڪٻئي سان ڳنڍيل ٻه آهن ۽ هڪٻئي جا ابتڙ ٻه آهن. انهن ابتڙ پاسن جي وچ ۾ اتحاد ٻه آهي ۽ منجهن ويڑهه ٻه پيئي هلندي آهي. حقيقتن جي انهن پاڻ ۾ ڳنڍيل ۽ هڪٻئي سان ويڑهه ڪندڙ پاسن مان ڪنهن هڪڙي پاسي کي نظرانداز ڪري، سندن ڪنهن هڪڙي کي سيڪجهه، قطعي ۽ آخري ڪري وٺبو ۽ سمجهبو ته سموري حقيقت اهائي آهي، ٻي ڪانهي، ته پوءِ غلط سمجهه پيدا ٿيندي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن حقيقت جي ڪنهن هڪڙي پاسي کي سمجهڻ ۾ وڏاءُ ڪبو ۽ ڪنهن ٻئي پاسي کي گهٽ ڪري ليکبو ته ٻه حقيقت بابت غلط فهمي پيدا ٿيندي.

ڪنهن سچيءَ ڳالهه ۾ وڌاءُ ڪرڻ سان به ان جو سچ ڦري ڪوڙ ٿي سگهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ۽ ڪن ڪن حالتن ۾ سچيءَ ڳالهه ۾ ٿورو ۽ معمولي وڌاءُ به سچيءَ ڳالهه جي حقيقت کي اهڙو بگاڙي ڇڏيندو آهي جو ان جو سچ ڦري خطرناڪ ڪوڙ ٻڌجي پوندو آهي. ساڳيءَ طرح، جيڪي خيال ۽ نظريا ڪنهن هڪڙي زماني ۾ يا ڪنهن هڪڙي ملڪ ۾ يا ڪن هڪڙين حالتن ۾ صحيح هئا، سي ساڳيا، جيئن جو تيئن، ٻين زمانن ۾، ٻين ملڪن ۽ ٻين حالتن ۾ استعمال ڪبا تہ اهي بدليل صورتحال ۾ غلط، نقصانڪار ۽ تباهي آڻيندڙ ثابت ٿي سگهن ٿا.

ظالم طبقن کي سچ مان نقصان ۽ ڪوڙ مان فائدو آهي، ان ڪري اُهي انساني سوچ جي انهن فطرتي ڪمزورين ۽ غلطين کي پنهنجي فائدي لاءِ، ڇاڻي واڻي وڌائي وڙ ڪري، ان وسيلي ماڻهن کي گمراهه ڪري، کين سچ ڇاڻڻ کان روڪيندا آهن. ٻئي طرف هو ماڻهن تي پنهنجا هٿ جا ناهيل ڪوڙا خيال ۽ نظريا مڙهي، کين ذهني طرح غلام بڻائي، کين ڦرڻ، لُٽڻ، استعمال ڪرڻ ۽ جسماني طرح غلام رکڻ لاءِ ميدان تيار ڪندا آهن ۽ ساڳيءَ طرح سچين ڳالهين ۾ به ڇاڻي واڻي وڌاءُ ڪري، انهن کي نقصانڪار بڻائيندا آهن. هو هڪڙي دؤر جون ڳالهيون، جيڪي ان دؤر ۾ صحيح ۽ عوام لاءِ فائديمند هونديون، تن جي ان دؤر ۾ چتي مخالفت ڪندا آهن، پر جڏهن حالتن بدلجڻ ڪري اهي ڳالهيون ڦِري ناموزون ۽ عوام لاءِ نقصانڪار ٿي پونديون آهن، تڏهن هو وري پلٽو ڪائي، انهن ساڳين ڳالهين جا زبردست حامي ۽ علمبردار بڻجي، انهن کي عوام خلاف هٿيار ڪري ڪتب آڻيندا آهن. عوام دشمنن جي ابتڙ، پورهيت عوام جو فائدو سچين ڳالهين ۽ سچين حقيقتن کي ڇاڻڻ ۽ پڌرو ڪرڻ ۾ آهي. هنن جو فائدو انهيءَ ۾ آهي تہ جيڪا ڳالهه جيتري هجي، اوتري ڪئي وڃي. جيڪا ڳالهه جڏهن صحيح هجي ۽ جيتري صحيح هجي، تڏهن ۽ تيترو ان کي مڃيو وڃي.

دنيا ۾ انسان بابت پڪي، پختي ۽ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي، اوتري قدر سورهن آنا صحيح ڄاڻ جي منظم ذخيري ۽ سرشتي کي سائنس چئجي ٿو. سائنس ثابت ڪيو آهي تہ ڪائنات ۾ هر شيءِ ڦري

گهري ٿي. ڪڏهن وڏي ويجهي پيئي ۾ ڪڏهن ستڙي، ڳري ۾ مري پيئي. ڪائنات ۾ ڪابه شيءِ يا ڳالهه پنهنجو پاڻ ۾ ۽ پنهنجي سر پوري، قطعي، آخري ۽ هر حالت ۾ سچي نه آهي. هر ڳالهه جو بين ڳالهين تي دارومدار ۽ انهن سان لاڳاپو آهي ۽ هر ڳالهه بين ۾ پينل ۽ سمايل آهي. انهيءَ حقيقت کي خيال ۾ رکي، سائنس هر وقت جاچ رکي ٿي ته سندس ڪهڙا نظريا تجربي صحيح ثابت ڪيا آهن، ڪهڙا غلط اها هر وقت پنهنجا غلط ثابت ٿيل نظريا درست ڪري ٿي. اها درست ثابت ٿيل نظرين کي به هر وقت وڌيڪ درست، وڌيڪ صحيح، وڌيڪ وسيع ۽ وڌيڪ گهرو ڪندي رهي ٿي. فقط تڏهن ئي سائنس، سائنس سڏجڻ جي حقدار رهي ٿي.

پورهيت انقلاب جي سائنس به هڪڙي باقاعدي ۽ پڪي پختي سائنس آهي، ان کري اها به پنهنجن نتيجن تي هر وقت نظر رکندي رهي ٿي ۽ نون تجربن جي روشنيءَ ۾ جيڪي ڳالهيون اڳ صحيح سمجهيل هونديون آهن، پر پوءِ صحيح ثابت نٿيون ٿين، تن کي درست کري ٿي ۽ نيون حقيقتون ۽ نوان سچ ڳولينديي رهي ٿي. اهڙيءَ ريت اها پنهنجو پاڻ ۾ هر وقت نوان واڌارا ۽ سڌارا آڻيندي رهي ٿي.

ان نظريي پنهنجي شاندار تاريخي سفر ۾ ڪئين غلط نظرين سان چتي ويڙهه ڪئي آهي ۽ کين نيٺ ماري مات کيو آهي، تڏهن ئي اهو هن منزل کي رسيو آهي.

ٽراٽسکيءَ جو غلط نظريو انهن انقلاب دشمن نظرين منجهان هڪ آهي، جن خلاف انقلابي پورهيت نظريي مرڻ جيئڻ جي ڏگهي ۽ چتي ويڙهه ڪري کيس مات کيو آهي. اهڙن غلط ۽ نقصانڪار نظرين سان ڪامياب ويڙهيون ڪرڻ کان سواءِ اهو انقلابي نظريو هرگز وڏي نه سگهي ها ۽ جيڪي عظيم ۽ تاريخ ناهيندڙ ڪاميابيون حاصل ڪري چڪو آهي، سي هرگز حاصل نه ڪري سگهي ها.

نظريا مادي حالتن مان پيدا ٿين ٿا. صحيح توڙي غلط خيال ۽ نظريا صفا ختم فقط تڏهن ٿين ٿا، جڏهن اهي مادي حالتون، جن مان اهي پيدا ٿين ٿا، سي صفا ختم ٿي وڃن ٿيون. ٻيءَ حالت ۾ اهي زبردست ۽ بار بار شڪستون کائڻ جي باوجود به صفا ختم ٿي نٿا وڃن،

بلڪ فقط وقتي طرح ڊڄي وڃن ٿا ۽ سازگار حالتن پيدا ٿيڻ شرط ڪنهن نہ ڪنهن نئين روپ ۾، نئين جڳهہ تي وري پيدا ٿيو پون ٿا! ٽراٽسڪيءَ جي غلط انقلاب دشمن نظريي جي بہ اها حالت رهي آهي. ان کي جيتوڻيڪ روس، چين، ويٽنام ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جي پورهيت عوام بار بار شڪستون ڏنيون آهن، تہ بہ جيئن تہ ڪيس جنم ڏيندڙ حالتون اڄا دنيا جي وچ حصي ۾ موجود آهن، ان ڪري اهو نت نون روپن ۾، نت نون علائقن ۾ وري وري پيدا ٿئي ٿو ۽ دنيا جي پورهيت عوام کي وري نئين سِر ۽ بار بار ان خلاف لڙڻو پوي ٿو.

ٽراٽسڪي نظريي جو پس منظر

اڄ ڪلهہ ٽراٽسڪيءَ جو نظريو ڪيترن ئي علائقن ۽ ملڪن ۾ صحيح انقلابي پورهيت نظريي جي راهہ روڪيو ٻيٺو آهي، ۽ جيستائين اُن جي پاڙ نہ پٽي ويئي آهي، تيستائين انهن علائقن ۾ انقلابي تحريڪن جو واڌارو روڪيل ۽ خطري ۾ پيل رهندو. اهو نظريو ڇوٽي وڃولي طبقي جي تنگ نظر مفادن ۽ سندن سوچ جي غلط انداز مان ڦٽي نڪتو آهي. اهو غير سائنسي ۽ غير جدلي سوچ تي ٻڌل آهي ۽ هڪ طرفي وڌاءَ، لڪير جي فقيريءَ، لفاظيءَ ۽ بدليل حالتن ۾ پراٽي ۽ مدي خارج نعري بازيءَ مان ٺهيل آهي. ان روسي انقلاب لاءِ جدوجهد هلندي جنم ورتو. ٿورن لفظن ۾ سندس پس منظر هي آهي: جڏهن روس ۾ انقلابي جدوجهد هلندي اهو سوال اٽيو تہ زار جو تختو اونڌو ڪيئن ڪجي؟ ڪهڙن طبقن جي مدد سان ڪجي، انهن طبقن جي اڳواڻي ڪهڙو طبقو ڪري ۽ زارشاهي جاگيردار آمريت جي جاءِ تي ڪهڙو سماجي نظام قائم ڪجي ۽ ڪهڙي واٽ وٺي وڃجي، تڏهن روسي مزدور انقلابي پارٽيءَ جي ہن ڏاڻن بولشويڪين ۽ مينشويڪين جي وچ ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ انهن ڳالهين تان بہ سخت اختلاف ٿي پيو. مينشويڪين جو چوڻ هو تہ، جيئن تہ جاگيرداري نظام کان سواءِ سرمائيداري نظام جو ڏاکو اڇي ٿو ۽ سوشلسٽ نظام سرمائيداري کان پوءِ ۽ ان جي بنياد تي قائم ٿيڻو آهي ۽ جيئن تہ روس ۾ اڃا سرمائيداري نظام پوريءَ طرح قائم نہ ٿيو آهي، تنهن ڪري پهريائين

ضروري آهي تہ زار کي لاهي هتي پرپور سرمائيداري نظام آڻجي، پوءِ جڏهن سرمائيداري زور ونيو وڃي، نيٺ ڪمال کان زوال ڏانهن موٽندي ءِ ان وچ ۾ مزدور طبقو بہ گهٽائيءَ ۾ اچي ويندو. تڏهن سڀ گڏجي سرمائيداري نظام ختم ڪري، سوشلسٽ نظام قائم ڪنداسون. جيئن تہ سرمائيداري نظام سرمائيدار ئي آڻي سگهن ٿا، تنهن ڪري مزدورن کي ڪپي تہ سرمائيدارن جي اڳواڻيءَ هيٺ سرمائيدار جمهوري انقلاب برپا ڪرائين. جڏهن سوشلزم قائم ڪرڻ جو ڏاڪو ايندو، تڏهن اڳواڻي خود مزدورن جي ٿي ويندي. سندن چوڻ هو تہ جي، زار جي جاگيرداري آمريت جي جاءِ تي سرمائيدارن جي اڳواڻيءَ هيٺ سرمائيدار انقلاب آڻي. سرمائيدار نظام قائم نہ ڪبو ءِ بي صبريءَ ۾ ابهرائيءَ وچان هن ڏاڪي تي ئي مزدورن جي اڳواڻيءَ هيٺ جمهوري انقلاب آڻي، ان کان پوءِ ترت سوشلسٽ نظام قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي تہ، "تڪڙي ڪتي انڊا گلر ڇڻي" جي ڳالهہ وانگر سوشلزم تہ ڪانہ قائم ڪري سگهبي، پر مورڳو زار جي جاگيرداري آمريت مان جند ڇڏائڻ جو بہ آسرو هليو ويندو. پر بولشويڪين طرفان لينن، انقلاب لاءِ ڏسيل ان مينشويڪ واڌ کي هيئن چئي رد ڪيو تہ اها سرمائيداريءَ جي فائدي واري مزدور دشمن ءِ انقلاب دشمن واڌ آهي. سندس چوڻ هو تہ "اڄوڪين حالتن ۾ زارشاهي جاگيرداري آمريت کي ڌاهڻ جو تاريخي فرض اڄوڪو سرمائيدار طبقو هاڻ پورو ڪري نہ سگهندو." لينن چيو تہ "گذريل صديءَ ۾ جڏهن سرمائيدار طبقي فرانس، انگلينڊ، جرمني ءِ يورپ جي ٻين ملڪن ۾ جاگيرداري نظام جو تختو اونڌو ڪري سرمائيداري انقلاب آندو هو تڏهن سرمائيداري پنهنجي شروعاتي ايرندڙ ءِ اسرندڙ دؤر ۾ هئي ءِ سرمائيدار طبقو هڪٻئي سان ڪلي چٽاييٽيءَ وسيلي اڳتي وڌيو پئي. اهو ان وقت هڪ ترقي پسند ءِ انقلابي طبقو هو. هن وقت سرمائيداري نظام پنهنجي هڪ هٿي ڄمائڻ واري ءِ دنيا کي غلام بنائڻ واري سامراجي دؤر ۾ داخل ٿي چڪو آهي. اهو پنهنجي ڪمال کي رسي، زوال ڏانهن وڃي رهيو آهي ءِ رجعت پرست بڻجي چڪو آهي. سرمائيدار طبقو پنهنجون انقلابي صلاحيتون وڃائي، هڪ رجعت پرست ءِ انقلاب

دشمن طبقو بڻجي چڪو آهي. هاڻي اهو ڪوبہ حقيقي ۽ پرپور سماجي انقلاب آڻي نہ سگھندو. هاڻي اهو سرمائيدار جمهوري انقلاب جيڪو ارڙهين صديءَ ۾ سرمائيدار طبقي آندو هو سو بہ پورهيت طبقي کي آڻيو آهي. پي ڳالھ تہ هاڻ نين حالتن ۾ جڏهن تہ سرمائيداري رجعت پرست بڻجي چڪي آهي، تڏهن اهو هرگز ضروري ناهي تہ زارشاهيءَ خلاف جدوجهد جي اڳواڻي سرمائيدار طبقو ڪري يا زارشاهي جاگيرداري آمريت کي ڌاهي ان جي جاءِ تي سرمائيداري نظام کي ملڪ تي مڙهجي." هن چيو تہ "ان سان گڏ اهو بہ لازمي ناهي تہ ڪو زارشاهيءَ جي جاءِ تي يا تہ سرمائيداري اچي يا سوشلزم. سرمائيداري تہ خير ڪنهن بہ صورت ۾ نہ ڪيو، باقي رهي سوشلزم سا بہ جيئن تہ روس جي پوئتي پيل حالتن جي ڪري هڪدم قائم ڪري نہ سگھبي، تنهن ڪري جيستائين سوشلزم لاءِ حالتون سازگار بڻائجن، تيستائين وچ واري مختصر عرصي لاءِ اهڙو نظام قائم ڪجي، جيڪو سوشلسٽ نظام لاءِ ميدان تيار ڪري."

هن چيو تہ، "انقلاب جي اڳواڻي سرمائيدار طبقو نہ پر مزدور طبقو ڪري. پنهنجي ڪمزوريءَ جي پورت ڪرڻ لاءِ اهو هاري طبقي سان ٻڌي ڪري. ان ٻڌيءَ جي بنياد تي ملڪ جي سمورن طبقن جي انقلاب دوست ماڻهن سميت، عوام جي زبردست گھٽائيءَ کي متحد ڪري، انقلابي جدوجهد هلائي ويجي ۽ مزدور هاري راڄ قائم ڪري جلد کان جلد سوشلزم جي ڏاڪي تي پهچڻ گھرجي."

پئرس ڪميون مان ڪيڏيل وقتي نتيجن جو غلط استعمال

جڏهن 1871ع ۾ فرانس ۾ مزدور انقلاب آيو هو ۽ پئرس ڪميون قائم ٿي هئي، تڏهن فرانس جي هارين فرينچ سرمائيدارن جي برغلائڻ تي مزدورن خلاف سرمائيدارن جو ساٿ ڏنو هو ۽ پورهيت انقلاب کي ناڪام بڻايو هو ان ڪري يورپ جي عام انقلابي اڳواڻن تي اهو اثر ويهجي ويو تہ: هاري طبقو آهي ئي رجعت پرست ۽ همیشه ساٿ ڏيندو ئي انقلاب دشمن سرمائيدارن سان ۽ نہ مزدورن سان. يورپ جون اڪثر مزدور انقلابي پارٽيون، جيڪي ٻيءَ بين الاقوامي پورهيت تنظيم جون

ميمبر هيون، سي اِهو سبق پکو ڪريو ويٺيون هيون. انهن پارٽين اندر جيڪي انقلابي ٽولا ٻين کان تيز انقلابي سمجهيا ويندا هئا (جهڙوڪ: جرمنيءَ ۾ روزا الڪسمبرگ وارو نام نهاد تيز انقلابي ٽولو)، سي به ان ڳالهه تي ئي ڳنڍ ٻڌيو ٻيٺا هئا. پئرس ڪميون جي ناڪاميءَ مان حاصل ڪيل هڪڙي ٻئي سبق وري هڪڙي ٻي زبردست ۽ خطرناڪ گمراهي پيدا ڪئي. فرينچ مزدورن اهو سوچي بغاوت ڪئي هئي ته اسان جا هاري ياءُ ته ايئن ئي اسان جي مدد ڪندا. ساڳئي وقت جرمن سرمائيدارن کي به فرينچ سرمائيدارن تي پراٽيون ۽ ڪن نسلن جون باهيون آهن، ان ڪري اهي به فرينچ سرمائيدار حڪومت جي مقابلي ۾ اسان ڏانهن لاڙو ڪندا. جي مدد نه ڪندا ته به اسان جا جاني دشمن ڪونه ٿي ٻيهندا. لٽي پٽي ٻه، نڪو اسان جي مدد ڪندا، نڪو هنن جي ۽ اسين وچان پنهنجن سرمائيدارن کي ڏيري ڪري رکنداسون. پر ٿيو هيئن جو هڪڙي پاسي فرينچ هارين کي فرينچ سرمائيدار برغلائي پنهنجي پاسي ڪري ويا ۽ ٻئي طرف جرمن سرمائيدارن سوچيو ته فرينچ مزدور اسان جي طبقي ڀائي فرينچ سرمائيدارن جو تختو تا اونڌو ڪن ۽ جي اهي ڪامياب ٿيا ته سياڻي اسان وارا جرمن مزدور به اسان کي ٽپڙ ٻڌائي سگهن ٿا، تنهن ڪري هنن هڪدم پنهنجي طبقي واريءَ ناناڻي نک چڪي ۽ هڪدم پنهنجي 'دشمن' طبقي ڀائي فرينچ سرمائيدارن سان ٻٽ ٿي ويا. اهڙيءَ ريت ٻنهي ملڪن جي پاڻ ۾ وڙهندڙ سرمائيدارن پاڻ ملي، سازش ڪري، گڏجي فرانس جي پورهيت انقلاب کي باهه ۽ رت ۾ غرق ڪري ڇڏيو.

ڇا هڪڙي ملڪ ۾ به انقلاب اچي سگهي ٿو؟

يورپ جي مزدور اڳواڻن ان حقيقت مان اهو نتيجو ڪڍيو ته جيڪڏهن يورپ جي ڪنهن هڪڙي ملڪ ۾ پورهيت انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪبي ته اها فرانس جي پئرس ڪميون جي بغاوت وانگر اوس ناڪام ٿيندي. چوته يورپ جا ٻيا رجعت پرست سرمائيدار ملڪ به فرينچ ۽ جرمن سرمائيدارن وانگر سپ ويڇا ۽ دشمنيون وساري، گڏجي، هم صلاح ٿي، هارين کي برغلائي، پنهنجي پويان

ڪري، ان انقلاب کي چيپاٽي تباهه ڪري ڇڏيندا، تنهن ڪري انقلاب فقط تڏهن ڪامياب ٿيندو جڏهن يورپ جي سيني يا گهٽ ۾ گهٽ مکيه ملڪن ۾ ساڳئي وقت يڪو انقلاب ايندو ۽ ڏار ڏار ملڪن جا سرمائيدار حاڪم طبقا هڪٻئي جي مدد ڪري ئي نه سگهن. اهي سموريون ڳالهيون پئرس ڪميون واري دور ۾ ڪٽي سورهن آنا صحيح هونديون، پر روسي انقلاب واري دور ۾ اهي فقط ڪجهه حد تائين سچيون وڃي رهيون هيون ۽ گهٽي ياڳي غلط ٿي ويون هيون. روسي انقلاب وارو زمانو پيو هو ۽ هي ملڪ به پيو هو.

روس جا چڙوچڙ هاري برابر هينئر به وڏن ڪارخانن ۾ ڪٽيل روسي مزدورن جي پيٽ ۾ سياسي سمجهه ۾ پوئتي پيل هئا، پر اهي فرانس جي هارين کان سياسي سمجهه ۾ ڪافي اڳيرا هئا، خاص ڪري 35_40 سال اڳ جي پئرس ڪميون واري دور جي فرينچ هارين ۽ روسي انقلاب جي دؤر وارن روسي هارين جي سياسي سجاڳيءَ، سمجهه ۽ انقلابي لياقتن ۾ جڙ زمين آسمان جو فرق هو. روسي سرمائيدار فرينچ سرمائيدارن کان گهٽو مختلف هئا. روسي سرمائيدارن جو روسي عوام تي اثر، خاص ڪري روسي هاري عوام تي اهڙو اثر ڪونه هو جهڙو فرينچ سرمائيدارن جو فرينچ عوام تي ۽ خاص ڪري فرينچ هارين تي هو. فرينچ سرمائيدار شروع ۾ ترقي پسند ۽ انقلابي طبقو هو. هن ڌرتي ڏوڏيندڙ فرينچ انقلاب آندو هو. هن جاگيرداري نظام کي چيهون چيهون ڪري، ڪروڙين هاري عوام کي صدين جي وحشي ڦرلٽ ۽ غلاميءَ کان ڇوٽڪارو ڏياريو هو. اهو به آهستي آهستي رجعت پرست ٿي ويو هو پر فرينچ هارين ۾ سندس اڳوٽي ساک ايجان ختم نه ٿي هئي. روسي سرمائيدار طبقو شروع کان ئي زارشاهيءَ جو چمچو ٿي اُسريو نسريو هو ۽ سندس ظالم راج جو ٽنيو شمار ڪيو ويندو هو ان ڪري روسي هارين ۾ سندس ڪابه ساک ڪانه هئي. فرينچ هارين ۾ فرينچ سرمائيدار جيڪي خوش فهميون پيدا ڪري سگهيا ٿي، سي روسي سرمائيدار روسي هارين ۾ پيدا ڪري نٿي سگهيا.

لينن چيو تہ "حالتون پئرس ڪميون واري زماني جي پيٽ ۾ ڪافي بدلجي چڪيون آهن، ان ڪري هاڻ روس جهڙي هڪڙي ملڪ ۾ بہ انقلاب اچي، ڪامياب ٿي سگهي ٿو. هن دور ۾ روس اندر سوشلسٽ نظام قائم ڪري، ان کي سلامت رکي، وڌائي ويجهائي سگهجي ٿو."

هُن ان لاءِ دليل ڏيندي چيو تہ، "يورپي سرمائيداري نظام اڳي وانگر وڌندڙ ويجهندڙ ترقي پسند ۽ طاقتور ڪونهي. اهو هاڻ زوال طرف وڃي رهيو آهي. سندس اندروني تضاد اهڙا وڌي ويا آهن، جو انهن جو حل ٿيڻ ناممڪن آهي. پهريان عظيم جنگ لڳڻ ڪري ٻيئي سرمائيدار سامراجي ڏريون ڪمزور ٿي چڪيون آهن. روس جو هاري بي پناهہ ظلمن جي گهاٽي ۾ پيسجڻ ڪري انقلاب جي ياڪر ۾ اچي چڪو آهي ۽ ان ۾ اٿاهہ انقلابي صلاحيتون آهن. روسي مزدور طبقو وڏن ڪارخانن ۾ ڪٺيل آهي. اهو زارشاهيءَ جي وحشي ظلم جي ڪوري ۾ پچي ۽ ان سان لڳاتار ويڙهيون ڪري، فولادي قوت بڻجي چڪو آهي. روسي سرمائيدار طبقو ڪمزور ۽ ڪلهڙو آهي ۽ اهو زارشاهيءَ جو چاڙتو ٿي هڪ رجعت پرست قوت بڻجي چڪو آهي، تنهن ڪري ان کي عوام کان ڪٽڻ ۽ مات ڏيڻ بلڪل ممڪن آهي."

قومن جي آزاديءَ جي حمايت يا مخالفت

لينن ان باري ۾ هڪڙي ٻي ڳالهہ بہ ڪئي، ان ڳالهہ بابت بہ روسي انقلابي تحريڪ اندر وڏو اختلاف موجود هو. اها ڳالهہ هيءَ هئي تہ هن چيو تہ، "جن قومن کي يورپي سرمائيدار ۽ جاگيردار ملڪن غلام بڻايو آهي، تن کي پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جو حق، يعني قومي خودارادیت جو حق ملڻ گهرجي. يورپي انقلابي پورهيت عوام کي گهرجي تہ غلام قومن جي انهيءَ حق جي جوشيلي ۽ حقيقي حمايت ڪن، ساڻن سچو پچو اتحاد ڪري دنيا مان سرمائيداري سامراج جو تڏو پٽڻ لاءِ گڏجي جدوجهد ڪن."

لينن جو پختو ويساهہ هو تہ: "غلام ملڪن جا عوام زبردست انقلابي قوت آهن. اهي يورپي پورهيت انقلابي تحريڪ جا طاقتور ٻانهن ٻيلي ٿي سگهن ٿا ۽ ضرور ٿيندا." پر يورپ جي مزدور پارٽين جي اڳواڻن جو چوڻ

هو ٿ: "غلام ملڪ هاري ملڪ آهن، هارين ۾ سياسي سجاڳي ۽ سمجھ گھٽ ٿيندي آهي، ان ڪري انهن غلام هاري ملڪن مان ڪنهن وڏي انقلابي ڪردار جي توقع رکڻ فضول ٿيندي" سنڌس چوڻ هو ٿ: "غلام ملڪن جي حقِ خود اختياريت حاصل ڪرڻ ۽ آزاد ٿيڻ مان انقلاب کي فائدو رسڻ بدران پاڻ نقصان ٿيندو، جوٿ آزادي ملڪڻ لاءِ جيڪا جدوجهد هلندي، تنهن جي اڳواڻي موجوده حالتن ۾ انهن ملڪن جا مزدور يا هاري نہ، پر سرمائيدار ڪندا، تنهن ڪري جيڪڏهن انهن هاري اڪثريت وارن ملڪن جي آزاديءَ جي جدوجهد ڪامياب ٿي ٿ ۽ پوءِ به اُهي هاري ملڪ پنهنجي پنهنجي ملڪن جي سرمائيدارن جا پوئلڳ ٿي ويندا. سرمائيدار انهن ملڪن ۾ سرمائيداري نظام قائم ڪندا ۽ انهن ملڪن ۾ سرمائيداري ڦهلبي. اهڙيءَ ريت دنيا جي سرمائيدار سامراجي قوتن کي اهڙي هٿي ملي ويندي، جو يورپي مزدور انهن جي گڏيل قوت کي سؤ سالن ۾ به منهن ڏيئي ڪونہ سگھندا. انهيءَ کان بهتر اهو آهي ٿ انهن غلام هاري ملڪن کي ڇڏي ڏجي ٿ جتي آهن اتي رهن. يورپ انقلاب جي چانڀ وٺ ٻيٺو آهي. جلد يا ٽورو دير سان سڄي يورپ ۾ انقلاب جا شعلا ڀڙڪي اُٺندا، پوءِ يورپ جا سوپارا انقلابي مزدور جيئن پنهنجي ملڪن ۾ سوشلزم قائم ڪندا، اهڙيءَ ريت ڏري گھٽ هڪڙي ئي ڏڪ سان سڄي دنيا ۾ سوشلزم اچي ويندي"

انهن بنيادي نظرياتي اختلافن جي ڪري نہ رڳو مينشويڪن ۽ بالشويڪن جي وچ ۾ زبردست ۽ ڊگھي نظرياتي ويڙھ هلي، پر هڪ طرف بالشويڪ ۽ ٻئي طرف سڄي يورپ جي انقلابي مزدور پارٽين جي اڳواڻن جي وچ ۾ به زبردست مناظرو ۽ ويڙھ شروع ٿي ويئي. جيڪڏهن اُن ويڙھ ۾ بولشويڪ، لينن جي اڳواڻيءَ هيٺ شاندار ڪاميابي حاصل نہ ڪن ها ۽ انقلابي جدوجهد جو سمورو واڌارو سندن نظريي کي صحيح ثابت نہ ڪندو هلي ها، ٿ آڪٽوبر وارو عظيم روسي انقلاب هرگز ڪامياب نہ ٿي سگھي ها. ۽ دنيا جي انقلابي جدوجهد گھٽو تٽو پوئتي ڏڪجي وڃي ها.

مينشويڪ نظريي کي رد ڪرڻ ۽ ان کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ به

بولشويڪ پارٽي، مينشويڪن ۽ يورپي مزدور ليڊرن جي متئين غلط نظريي کان پاڻ کي مڪمل طرح آجو رکي نه سگهي. اهي غلط نظريا مختلف ويس بدلائي، بولشويڪ پارٽيءَ جي صفن اندر گهڙي آيا ۽ وقت بوقت لينن ۽ سندس هم خيال ساٿين جي راهه ۾ روڪ وڪ تي زبردست رندڪون ڪڍيون ڪندا رهيا. ڪن حالتن ۾ انهن انقلابي جدوجهد جي واٽ ۾ جٽ جبل ڪڙا ڪري ڇڏيا. اڳيان جيڪڏهن لينن جهڙو ڪاهوڙي نه هجي ها ته اهي غلط نظريا انقلاب جي قافلن کي ڳجهن جو ڪاڇ ڪري ڇڏين ها. اُن جو سڀ کان خطرناڪ مثال 'بريسٽ' واري "امن عهدنامي" تان لڳل نظرياتي ۽ سياسي ويڑهه جو آهي، جڏهن انهن غلط نظرين روسي انقلاب کي ڏري گهٽ تباهه ڪري ڇڏيو. لينن جيڪڏهن انهن غلط نظرين خلاف حياتيءَ موت جي جبري ويڑهه ۽ تاريخي جاکوڙ ڪري، روسي انقلاب کي جٽ تري تان بچائي ڪيس جيئدان ڏيڻ ۾ ڪامياب نه ٿئي ها ته اهو جيڪر تباهه ٿي وڃي ها. لينن جي بالشويڪ پارٽيءَ ۾ انهن غلط نظرين تي هلندڙ اڳواڻ بن قسمن جا هئا: هڪڙا اهي اڳواڻ هئا، جن انهن نظرين جو ڪنهن رڪ رڪاءَ ۽ اٽڪل سٽڪل بنا، صاف ۽ چٽن اکرن ۾ علي الاعلان پرچار ٿي ڪيو. انهن جي پڏري پٽ پيل غلطين کي صحيح ڪرڻ، عام انقلابين کي انهن کان آگاهه ڪرڻ ۽ سندن اڳيان انهن کي غلط ثابت ڪرڻ ايڏو مشڪل ڪم ڪونه هو. ٻئي قسم جا اڳواڻ اهي هئا، جي ظاهري طرح انهن غلطين سان متفق نظر نٿي آيا، هنن جو وچٽرو موقف، انقلابي تحريڪ لاءِ ٻين جي انتها پسنديءَ کان وڌيڪ خطرناڪ ۽ نقصانڪار هو. ان ظاهري طرح وچٽري، پر حقيقت ۾ وڌيڪ خطرناڪ ٽولي جو اڳواڻ "ليان ٽراٽسڪي" هو. هو لينن جي انقلابي واٽ جو وڏو مخالف هو ۽ سالن جا سال سندس واٽ جي خلاف زهر اوڳاڇيندو رهيو. انقلاب کان ڪجهه وقت اڳ ۾ جڏهن مينشويڪ بلڪل اڪهاڙا ٿي چڪا هئا ۽ بالشويڪ پارٽيءَ کي پنهنجو دائرو وسيع ڪرڻ جي سخت ضرورت درپيش هئي، تڏهن هو بولشويڪ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ ان جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿيو. آڪٽوبر انقلاب اچڻ کان پوءِ ڪيس انقلابي حڪومت جو پرڏيهي وزير

مقرر ڪيو ويو. پر هن پنهنجا غلط نظريا نه ڇڏيا ۽ سمورو وقت پارٽيءَ کي غلط واٽ ڏانهن گهليندو رهيو. تان جو هن جا نظريا ۽ سندس هلت، غلط نظرين ۽ غلط هلت مان بدلجي، انقلاب دشمن نظريا ۽ انقلاب دشمن هلت ٿي پيا. جڏهن بار بار تنبيهن ڪرڻ جي باوجود به هو پنهنجين حرڪتن کان باز نه آيو تڏهن لاچار سندس ٽولي کي پارٽي دشمن ۽ انقلاب دشمن ٽولو قرار ڏيئي، بولشويڪ پارٽيءَ کان خارج ڪيو ويو. ڪيس سوويت يونين مان نيڪالي ڏني ويئي. ان بعد به هو پنهنجي انقلاب دشمن سرگرمين تي قائم رهيو ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين سوويت انقلاب ۽ سوويت يونين خلاف سرمائيدار ملڪن ۾ پنديون پاريندو ۽ سازشون ڪندو رهيو.

ٽراٽسڪي سياست ۾ نهايت سرگرم رهيو ۽ ساڳئي وقت هن تمام گهٽا مضمون ۽ ڪتاب پڻ لکيا آهن. هو پنهنجا غلط ۽ انقلاب لاءِ سخت نقصانڪار نظريا نهايت خوبصورت ۽ عام ماڻهن کي ويساهه ۾ اچڻ جهڙي انداز ۾ پيش ڪري سگهندو هو. جيڪڏهن لينن جهڙو جبرو انقلابي سائنسدان ۽ نظريي دان انهن نظرين جو آپريشن ڪري، انهن جي اندر سمايل انقلاب دشمن گند ۽ زهر کي ٻاهر ڪڍي، ظاهر ڪري، ماڻهن کي اکئين نه ڏيکاري ها ۽ روسي انقلاب جو سمورو عمل لينن جي نظرين کي سورهن آنا صحيح ۽ ٽراٽسڪي جي نظرين کي غلط ثابت ڪري نه ڏيکاري ها ته اڄ تائين ماڻهن لاءِ انهن نظرين جي غلطين کي ۽ سندن انقلاب دشمن ڪر کي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو هجي ها.

غلط خيالن جي ردِعمل ۾ پيدا ٿيل غلط خيال

ڏار ڏار ۽ مخالف خيالن جي وچ ۾ چٽاييٽي ۽ ويڑهه جنهن مان صحيح خيال پيدا ٿيندا آهن، سا قسمين قسمين نمونن جي ٿيندي آهي. ڪڏهن چٽاييٽي ۽ ويڑهه ڪندڙ خيالن مان هڪڙا صحيح هوندا آهن ۽ ٻيا غلط ڪڏهن هڪڙا ٿورا صحيح هوندا آهن ۽ ٻيا وڌيڪ صحيح. ڪڏهن ايئن به ٿيندو آهي جو غلط خيال جي مقابلي ۾ ٻيو اهڙو ئي هڪ طرفو پر اڳئين خيال جي بنهه ابتڙ خيال پيدا ٿيندو آهي، مثال طور: حاڪم طبقن جي وحشي دٻاءَ ماڻهن ۾ مايوسيءَ، خاموشيءَ ۽ تابعداريءَ جا غلط خيال پکيڙيا. انهن غلط خيالن کان بيزار

ٿي، ڪن ماڻهن ۾ اهي خيال پکڙيا ته ظلم سان ڪجهه نه ڪجهه مقابلو ضرور ڪرڻو آهي، سو جيئن ئي دشمن سامهون اچي، تيئن ئي ساڻس ڪونه ڪو مقابلو مڙئي ڪري ڇڏڻ گهرجي، ته جيئن ڪانه ڪا فرض ادائي مڙئي ٿي وڃي. مقابلي ۽ ويڙهه لاءِ صحيح رڻابندي ۽ تياري ڪرڻ، ان لاءِ صحيح وقت ۽ جاءِ جي چونڊ ڪرڻ ۽ ويڙهه جا صحيح طريقا ڳولي ڪڍڻ ۽ ايجاد ڪرڻ ۽ اهڙيءَ طرح سوپ ڪٽڻ جي اڳواڻ خاطري ڪري ڇڏڻ جي ڪا ضرورت ڪانه سمجهي ويئي. هي به خيال پيدا ٿيا ته تياري هر قسم جي خراب آهي، تنهن ڪري هر قسم جي ضابطي ۽ پابنديءَ کي خراب سمجهي، اعلان ڪيو ويو ته ماڻهن تي ڪنهن به قسم جو ضابطو يا پابندي نه هڻڻ گهرجي. اهڙيءَ ريت سياست ۾ 'انارڪزم' يا لاقانونيت ۽ چڙواڳيءَ جي لاڙن جنم ورتو جيڪي اهڙا ئي غلط ۽ عوام لاءِ نقصانڪار لاڙا آهن، جهڙا مايوسيءَ، خاموشيءَ ۽ تابعداريءَ جا لاڙا. اهڙيءَ ريت مينشويڪن جي انهيءَ نظريي ته مزدور سرمائيدارن جي پٺ وٺي سرمائيداري انقلاب آڻين، تنهن هڪڙو اهڙو ئي ردعمل پيدا ڪيو ۽ هڪڙي اهڙي ئي هڪ طرفي ۽ غلط نظريي کي جنم ڏنو. اهو هيءُ هو ته مزدورن کي نه رڳو سرمائيدارن جي اڳواڻي نه ڪپي، پر ڪين هارين جي حمايت به نه گهرجي. زارشاهيءَ جي راڄ ڊاهڻ کان پوءِ نه رڳو سرمائيداري نظام کي ملڪ جي مٿان مڙهڻ نه گهرجي پر وچ وارو وقفو يعني جيئن لينن چيو تيئن مزدورن ۽ هارين جو گڏيل عوامي جمهوري راج قائم ڪرڻ وارو وقفو به نه هڻڻ گهرجي. مزدورن کي اڪيلي سر هڪڙي ئي سَٺ سان زارشاهيءَ کان سوشلسٽ راج جي منزل تي پهچڻ گهرجي. ان غلط نظريي جو سڀ کان وڏو علمبردار ٽراٽسڪي هو.

هاريءَ کان سواءِ انقلاب؟

1905ع ۾ پهرين روسي انقلاب جي موقعي تي ٽراٽسڪيءَ نعرو ڏنو ته: "زار نه پر مزدورن جي حڪومت." اهو نعرو دلفريب هو پر تمام گمراهه ڪندڙ به هو. ڇوته فقط مزدورن جي حڪومت جي معنيٰ هئي سڌي سنئين سوشلسٽ حڪومت! اها ڳالهه زارشاهي دور کان هڪدم

پوءِ واري ڏاڪي تي ناممڪن هئي. ان ڏاڪي تي يا ته سرمائيدارن جي سرمائيدار حڪومت قائم ٿي سگهي ٿي، يا مزدور اڳواڻيءَ هيٺ مزدورن ۽ هارين جي گڏيل عوامي جمهوري حڪومت قائم ٿي سگهي ٿي. خالص مزدور حڪومت جو ڏاڪو ايڏا اڳيرو هو. مزدور- هاري گڏيل عوامي راڄ جي بدران خالص مزدور راڄ جو نعرو ڏيئي ٽراٽسڪيءَ درحقيقت نه رڳو هڪ نهايت گمراهه ڪندڙ ۽ پٽيلائيندڙ نعرو ڏنو پر ساڻگئي وقت هن روسي انقلاب ۾ هاري طبقي جي جيڪا بي پناهه ۽ بنيادي اهميت هئي، تنهن کي لڪايو ۽ ان کان اڻ سڌيءَ طرح انڪار ڪيو.

عظيم روسي انقلاب جي اڳواڻ استالن ان شرارتي ۽ گمراهه ڪندڙ نعري تي روشني وجهندي چيو "مزدور حڪومت معنيٰ هارين کان سواءِ انقلاب." ٻين لفظن ۾ اهو خيالي انقلاب جو هوائي نعرو هو. اهڙو انقلاب ان ڏاڪي تي ۽ ان صورت ۾ وجود ۾ اچي سگهيو ئي نٿي. جي اتفاق سان اهڙو انقلاب اچي وڃي ها، ته به خود ٽراٽسڪيءَ جي چوڻ موجب اهو انقلاب جناءُ فقط تڏهن ڪري سگهي ها، جڏهن ساڻگئي وقت سڄي يورپ جي اڳواڻ ملڪن، جهڙوڪ: انگلينڊ، جرمني ۽ فرانس ۾ به پورهيت انقلاب اچي وڃي ها. اها ڳالهه مُني صدي گذرڻ کان پوءِ به نه ٿي سگهي آهي.

1906ع ۾ هن پنهنجي هڪڙي پمفليٽ، جنهن جو عنوان هو: "اسان جو انقلاب." تنهن ۾ لکيو "يورپي مزدور طبقي جي سڌي سرڪاري مدد کان سواءِ روسي مزدور طبقو پنهنجي اقتدار کي سلامت رکي، پنهنجي عارضي حڪومت کي قيرائي، هڪڙي جناداد سوشلسٽ ڊڪٽيٽرشپ ٻڌائي نه سگهندو. ان ڳالهه تي اسين هڪڙي پل لاءِ به شڪ ڪري نٿا سگهون." ٻين لفظن ۾ جيستائين سڄي يورپ جا مزدور پنهنجي پنهنجي ملڪن ۾ انقلاب آڻي، اقتدار تي قبضا ڪري، پنهنجون حڪومتون نه ٺاهي چڪا هجن ها ۽ جيستائين يورپي مزدورن جون اهي حڪومتون سرڪاري طرح روسي مزدورن جي انقلاب کي سڌي مدد نه ڪن ها، تيستائين ٽراٽسڪيءَ وارو ڏسيل انقلاب ڪامياب نه ٿي سگهي ها.

ان بابت لينن جو جواب هو: "يورپ جي ملڪن ۾ مزدور انقلاب اچن

نہ اچن. روسي مزدورن جو انقلاب اچي سگھي ٿو ۽ ڪامياب ٿي سگھي ٿو. مکيہ شرط هي آهي تہ اول خالص مزدور انقلاب نہ پر مزدورن جي اڳواڻيءَ هيٺ مزدور ـ هاري گڏيل انقلاب برپا ڪرڻ گھرجي. روسي مزدور. روسي هاريءَ کي بہ سجاڳ ڪري. پنھنجو پاڻھن ٻيلي ٻڌائين ۽ انھن سان گڏجي سمورن طبقن جي روسي مظلوم عوام کي پاڻ سان کڻن."

بھرحال ٽراٽسڪيءَ وارو شروعات کان ئي خالص مزدور انقلاب نہ اچي سگھيو ٿي ۽ نہ قائم رهي سگھيو ٿي. خالص مزدور انقلاب جو ٽراٽسڪائي نعرو ان ڪري ھڪڙي سکڻي وات جي ٽڪاءَ کان بہ بدتر هو. اهو سادن سُودن مزدورن کي پنيلائيندڙ ۽ گمراھ ڪندڙ نعرو هو. جنھن تي جيڪڏھن بولشويڪ مڪمل طرح پنيلجي پون ها تہ روسي انقلاب جھڙي نموني آيو ۽ جڏھن آيو تيئن ۽ تڏھن ھرگز اچي ۽ ڪامياب ٿي نہ سگھي ها. اهو نعرو عوام لاءِ خطرناڪ ۽ انقلاب دشمن نعرو هو.

مزدور، هارين سان ٽڪر کائين!

1915ع ۾ ھن روسي مزدورن کي پڙڪايو تہ پورهيت انقلاب جيڪڏھن ڪٽي هارين جي مدد وٺڻ تي مجبور بہ ٿئي، تہ بہ جيسين مزدور طبقو انقلاب جي اوائلي دور ۾ ئي هارين تي وار نہ ڪندو تيسين انقلاب ڪامياب ٿيٽو ڪونھي. ھن نومبر 1915ع ۾ "انقلاب جون واٽون" نالي ھڪڙو مقالو ڇپايو. ان ۾ لکيائين، "پنھنجي انقلاب جي سوپ سلامت رکڻ لاءِ، پورهيت اڳواڻ دستي کي پنھنجي حڪومت جي ٽڪر ۾ اڇٽو پوندو جنھن جي مدد سان مزدور اقتدار ۾ آيا هوندا." ان مضمون جو تت بہ اهو هو تہ روسي مزدور انقلاب جي ڪاميابيءَ لاءِ پنھنجي ملڪي قوتن تي، پنھنجي عوام تي، پنھنجي هارين تي نہ ياڻين. پر اٽلو انھن کي دشمن سمجھي ساڻن ٽڪرجن ۽ رڳو اُن آسري تي هلن تہ ڪنھن ڏينھن ھن سڄي يورپ ۾ ريڪو مزدور انقلاب اچي ۽ من اهي حڪومتون روسي مزدورن کي ھمراهي ڪرائي، کين سندن سرڪار جي مدد ڏيئي، سندن انقلاب کي ڪامياب ٻڌائين! ھن ان مقالي ۾ لکيو "ھڪڙو اھڙو پوئتي پيل ملڪ، جنھن ۾ اڪثريت هارين جي هجي، تنھن ۾ جيڪا مزدور حڪومت قائم ٿيندي، تنھن جي پوزيشن ۾ زبردست تضاد هوندا. اهي

تضاد فقط دنيائي سطح تي حل ٿي سگھندا ۽ سڄي دنيا ۾ يڪي پورھيت انقلاب جي ميدان ۾ ئي حل ٿي سگھندا. پنھنجي نظريي جو نالو ھن "دائمي انقلاب" جو نظريو رکيو.

دائمي انقلاب ڇا آھي؟

دائمي انقلاب جو تصور ھڪ صحيح تصور ھو. ان جي معنيٰ اھا آھي تہ انقلاب کي ھڪ ھنڌ بيھڻو نہ آھي، پر لڳاتار ڏاڪا ٽپي اڳتي وڌندو رھڻو آھي. اھو تصور مارڪس 1850ع ۾ پنھنجي مشھور ۽ معروف "ڪميونسٽ ليگ کي خطاب" نالي مقالي ۾ پيش ڪيو ھو. پر ٽراٽسڪيءَ وارن ان تصور جي اصل مفھوم کي بدلائي ڇڏيو ۽ بقول اسٽالن جي، "ان ۾ گھيرو وسيلي ان تصور کي اھڙو خراب ڪري ڇڏيو جو اھو ان کان پوءِ عملي طرح انقلابي استعمال جي لائق ئي نہ رھيو." (ڏسو اسٽالن جو ڪتاب، "لينننزم جا بنياد" ـ صفحو 34)

لينن، ٽراٽسڪيءَ جي ان تصور کي ان غلط معنيٰ ۾ ڪتب آڻڻ جي مذمت ڪندي پنھنجي مقالي "انقلاب جون ٻہ واڻون" ۾ چيو تہ "ٽراٽسڪيءَ وارو دائمي انقلاب" جو نظريو اڳ مينشويڪ نظريو آھي. ان ھارين جي انقلابي ڪردار کي رد ڪرڻ واري ڳالھہ مينشويڪن کان اُڌاري ورتي آھي." 1917ع واري انقلاب کان ڪجھہ وقت اڳ ٽراٽسڪيءَ "امن جو پروگرام" نالي ھڪڙو پمفليٽ لکيو. اھو ھن انقلاب جي ڪاميابيءَ کان پوءِ 1924ع ۾ ٻيھر ٻہ ڇپايو. ان ۾ ھن لينن جي ان نظريي جي مخالفت ڪئي تہ روس جھڙي ھڪڙي ملڪ ۾ ٻہ سوشلزم قائم ٿي سگھي ٿي. ان نظريي جي مقابلي ۾ ھن "يورپ جي گڏيل رياست" جو نعرو ڏنو. ھن چيو "روس يا انگلينڊ ۾ سوياري انقلاب جو تيستائين سوچي نہ ٿو سگھجي. جيستائين ساڳئي وقت جرمنيءَ ۾ ٻہ انقلاب نہ اچي." ھن لکيو "اسين قومي سطح تي پنھنجي انقلابي جدوجھد شروع ڪريون ٿا ۽ جاري رکون ٿا. اسان کي پوري خاطري آھي تہ اسان جي شروعات ٻين ملڪن اندر جدوجھد کي ھٿي ڏينديء پر جيڪڏھن ايئن نہ ٿيو تہ پوءِ اھو سوچڻ فضول آھي تہ رجعت پسند يورپ جي مقابلي ۾ ڪو انقلابي روس ڏانھن جھلي سگھندو."

جڏهن انهن مايوس ڪندڙ غلط اڳڪٿين جي باوجود روسي انقلاب ڪامياب ٿي ويو ۽ نه رڳو يورپ پر سڄي دنيا جي جبرن رجعت پرست سرمائيدار ملڪن جي گڏيل اڳرائين جو ڏڪ بہ جهلي ويو تڏهن ٽراٽسڪيءَ وري پيو سر آلاپيو چي: "هارين جي مدد سان روس ۾ انقلاب اچي برابر ويو آهي ۽ في الحال ڏڪ بہ جهلي ويو آهي، پر اهو ترقي نہ ڪري سگهندو ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ ازخود ختم ٿي ويندو!" مٿي ذڪر ڪيل "امن جو پروگرام" نالي مقالي ۾ "قلم تازو" جي عنوان سان هن 1924ع ۾ لکيو. "روس ۾ سوشلسٽ اقتصاديات ۾ سچو پچو واڌارو فقط تڏهن ممڪن ٿي سگهندو جڏهن يورپ جي مکيہ ملڪن ۾ مزدور طبقو اقتدار تي قبضو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو."

جنگ مان جند ڪيئن ڇڏائجي؟

روسي انقلاب پهرين جنگِ عظيم هلندي برپا ڪيو ويو. روسي انقلاب اڇڻ شرط بہ مکيہ نعرا هنيا ويا: "هارين لاءِ زمين" ۽ "عوام لاءِ امن." انقلابي حڪومت جي قائم ٿيڻ شرط زمين بابت فرمان جاري ڪري، صدين جو مردار قورو ۽ ظالم وڏيرڪو ۽ جاگيرداري نظام ختم ڪيو ويو. ٻئي طرف جنگِ عظيم هلندي، سيني ملڪن کي سڏ ڏنو ويو تہ جنگ هڪدم بند ڪئي وڃي ۽ صلح جون ڳالهيون شروع ڪيون وڃن. جنگ ۾ زارشاهيءَ جي اتحادين، انگلينڊ ۽ فرانس وغيره اها آڇ ٺڪرائي ڇڏي. زارشاهي روس خلاف وڙهندڙ هڪڙي ملڪ جرمني نٽ نٽان ڪرڻ کان پوءِ نيٽ عارضي جنگ بندي ڪرڻ ۽ ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪرڻ لاءِ آمادگي ڏيکاري.

20 نومبر 1917ع تي بريسٽ جي شهر ۾ روس جي انقلابي حڪومت ۽ جرمنيءَ جي وچ ۾ صلح جي ڳالهہ ٻولهہ شروع ٿي. روس گهرو ويڑهہ جي ڪري نهايت ڪمزور هو. نئين انقلابي حڪومت جا پير ايان ڪچا هئا. ان صورتحال جو ناجائز فائدو وٺي جرمن سامراجي قوروئن صلح لاءِ تمام سخت شرط پيش ڪيا، جن موجب روس کان ڳچ علائقن ۽ معاوضي جي گهُر ڪئي ويئي. لينن جو چوڻ هو تہ انهن ظالم شرطن جي پورائي ڪري انقلاب کي بچايو وڃي، جرمن شرطن جي

سختي گهٽائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪجي ۽ گالهين ۾ جيڪري اينگهه ٿئي اوتري ڪجي. ۽ جي جرمن آخري نامو ڏين تہ پوءِ اهي شرط مجبوراً قبول ڪجن. اها ڪري ۽ سخت بي واجبي قيمت ڏيئي بہ انقلاب کي هر حالت ۾ بچائجي. جي ايئن نہ ڪبو تہ جرمن ۾ پورو حملو ڪندا ۽ ان ڪمزور حالت ۾ هڏهن ملڪ ۾ ڏڪار ۽ تباهي آهي ۽ سڄي فوج ۾ پاڻ آهي، تڏهن مزدورن جا ٽڙ ٽڪڙ ۾ پرتي ڪيل ڪچا، ڪمزور ۽ ناتجربيڪار دستا آزمودگار ۽ تربيت يافتہ جرمن فوجين جي حملي کي روڪي نہ سگهندا ۽ انقلاب جرمنو ڪچيءَ ۾ ئي چيپاڻجي ويندو.

انقلابي لفاظيءَ جا نتيجا

ٽراٽسڪيءَ کي روسي عوام جي انقلابي قوت تي پروسو ڪونہ هو. هن جو سمورو آسرو هو يورپي ملڪن ۾ خاص ڪري جرمنيءَ ۾ انقلاب اچڻ تي. تنهن ڪري هن چيو تہ "جنگ بند ڪرڻ جو ضرور ڪوبہ، پلي جنگ هلي. جيئن جنگ جي تباهي وڌندي، تيئن جرمنيءَ ۾ اندروني گهوٽالو وڌندو ۽ جرمن حاڪم طبقو ڪمزور ٿيندو ويندو. اسان جو انقلاب، هن ڏاڪي تي بچي يا نہ سا اهڙي اهم گالهہ ناهي. ڇوتہ اهو اڪيلي سر هونئن بہ سلامت رهي ڪونہ سگهندو. اهم گالهہ آهي يورپ ۾ انقلاب اچڻ ۽ خاص ڪري جرمنيءَ ۾ انقلاب اچڻ. سو جنگ بند ٿيندي تہ جرمنيءَ ۾ انقلاب جا امڪان ختم ٿي ويندا. تنهن ڪري پلي جنگ هلي ۽ جرمنيءَ وارو انقلاب ويڇهو اچي." بخارين وغيره نام نهاد "تيز انقلابين" جي سوچ بہ ان قسم جي هئي. ٽراٽسڪيءَ چيو تہ "جرمن سرمائيدارن کي جرئت ئي نہ ٿيندي جو اسان جي ملڪ تي حملو ڪن، ڇوتہ کين خبر آهي تہ جي حملو ڪيوسون تہ اسان جي جرمن فوج جا سپاهي ۽ اسان جا جرمن مزدور بغاوت ڪندا ۽ اسان کي پٺ ۾ خنجر لڳي ويندو ۽ سڄو ڀينگو ويري ٿي ويندو. تنهن ڪري جرمنن جا شرط مڃڻ جي ضرورت ڪانهي. مات ڪري پنهنجو منهن وڻي ويسي رهجي." بخارين تہ موڙگر جيئن تہ 'جرمنيءَ خلاف انقلابي جنگ شروع ڪجي' ٽراٽسڪي، بخارين ۽ بين نام نهاد 'تيز انقلابين' ايڏي 'انقلابي' لفاظي ۽ جاڙي بازي ڪئي

جو پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي اڪثريت برغلائجي ويئي.

8 جنوري 1918ع ۾ ان باري ۾ سڏايل هنگامي پارٽي ڪانفرنس ۾ 32 نمائندن بخارين واري انقلابي جنگ شروع ڪرڻ جي رٽ جي فائدي ۾ ووٽ ڏنو. 14 نمائندن ٽراٽسڪيءَ واري ماڻ ڪري ويهي رهڻ واري رٽ جي فائدي ۾ ووٽ ڏنو ۽ فقط 15 ڄڻن لينن جي صلاح موجب جرمنيءَ سان "امن معاهدو" صحيح ڪرڻ لاءِ ووٽ ڏنو. 11 جنوري 1918ع تي لينن مرڪزي ڪميٽيءَ جي ميٽنگ سڏائي. مرڪزي ڪميٽيءَ جي اڪثريت ٽراٽسڪيءَ جي برغلائڻ ۾ اچي ويئي. 28 جنوري 1918ع تي روسي وفد جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ ٽراٽسڪي بريسٽ ۾ جرمنن اڳيان اعلان ڪيو تہ "روسي انقلابي حڪومت اوهان جا شرط قبول نٿي ڪري، پر پاڻ مراد جنگ بند ڪري ڇڏي ٿي ۽ پنهنجي فوج کي توڙي ٿي ڇڏي" ٽراٽسڪيءَ گهر اچي ڇيو تہ هاڻ جرمنن کي مجال نہ ٿيندي جو اسان تي حملي جي جرئت ڪن. ڏن هفتن کان پوءِ 18 فيبروري 1918ع تي جرمنن انقلابي روس تي حملو شروع ڪري ڇڏيو. اها حالت ڏسي ساڳئي ڏينهن شام جو لينن پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو اجلاس گهرايو ۽ سخت ۽ اٽانگي جدوجهد کان پوءِ سن مس فقط هڪڙي ووٽ جي اڪثريت سان (ست ووٽ لينن جي فائدي ۾ ۽ پنج مخالفت ۾ مليا ۽ هڪ ميمبر ووٽ نہ ڪيو) مرڪزي ڪميٽيءَ اهو فيصلو ڪيو تہ جرمنن کي تار ڪري اطلاع ڏجي تہ اسان کي توهان جا شرط منظور آهن. تار ڪئي ويئي، پر جرمن بدمعاشن ٽرٽ ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو ۽ اڳتي وڌندا رهيا. لينن سڄي ملڪ جي عوام نالي اپيل لکي، جنهن جو عنوان هو: "سوشلسٽ مادرِ وطن خطري ۾ آهي." انقلاب جي لال فوج قائم ڪئي ويئي. ان جا پهريان دستا دشمن سان وڃي ٽڪريا. ساڳئي وٽ لينن، ٽراٽسڪيءَ جي انقلابي لفاظيءَ ۽ بڪواس خلاف سخت جدوجهد جاري رکي. هن لکيو تہ "اسان کي انقلابي لفاظيءَ خلاف ويڙهہ ڪرڻ گهرجي. اسان کي اها ويڙهہ ڪرڻي آهي ۽ لازمي طرح ڪرڻي آهي. تہ جيئن ايئن نہ ٿئي جو متان ايندڙ دور ۾ ماڻهو جائز طرح ايئن چئي سگهن تہ انقلابي جنگ جي باري ۾ لفاظين هٽي انقلاب کي تباهہ ڪري ڇڏيو." (ڏسو: "لينن جون مڪمل لکڻيون"، جلد 27، صفحو 29).

هن سمجهايو ته اهي لفاظي ڪندڙ جاڙي باز صلح نامي تي صحيح ڪرڻ جي مخالفت ڪري پارٽيءَ کي هڪڙي خطرناڪ رخ ڏانهن پيا ڏکين ۾ کين انگريز ۾ فرينچ سامراجين طرفان وڇايل ڪوڙڪيءَ ڏانهن ونيو پيا وڃن. انگريز ۾ فرينچ گهرن ٿا ته روسي انقلاب کي جرمن سامراجي گهٽو ڏيئي ماري ڇڏين. (ڏسو: "لينن جي حياتيءَ جو احوال" ـ صفحو 354)

23 فيبروري 1918ع تي جرمنن صلح نامي لاءِ نوان ۾ اڳي کان وڌيڪ سخت شرط ڏياري موڪليا. هنن چيو ته روس پنهنجا لٽيويا، استونيا ۾ يوڪرين جا صوبا اسان جي حوالي ڪري. روسي انقلابي حڪومت پنهنجي فوج ختم ڪري ڇڏي ۾ جرمنن سان نقصانڪار اقتصادي معاهدا وغيره ڪري. ٽراٽسڪيءَ جي انقلابي لفاظيءَ مان انقلاب کي پهتل انهيءَ زبردست نقصان تي تبصرو ڪندي، لينن چيو ته "هنن حقيقت ۾ جرمن سامراجين جي مدد ڪئي آهي ۾ جرمنيءَ ۾ انقلاب جي اسرڻ ۾ وڌڻ ۾ رڪاوٽ وڌي آهي."

لفاظي ڇڏي، ظالم شرط هڪدم قبول ڪري انقلاب کي بچايو

23 فيبروري 1918ع تي لينن مرڪزي ڪميٽيءَ جي ميٽنگ گهرائي ۾ صاف لفظن ۾ مطالبو ڪيو ته "جرمنن جا اهي اڳي کان ٻيڻا ڦورو ۾ ظالم شرط به هڪدم قبول ڪيا وڃن." هن چتاءُ ڏنو ته "جيڪڏهن انقلابي لفاظيءَ ۾ جاڙي بازيءَ واري اها پاليسي جاري رهي ته آئون حڪومت ۾ مرڪزي ڪميٽيءَ تان استعيفيٰ ڏيئي ڇڏيندس." هو غصي ۾ لال پيلو هو ۾ ميٽنگ جي ڪمري ۾ اڇ وڇ ڪندو رهيو. هن اعلان ڪيو ته "آئون اها لفاظي هاڻي وڌيڪ هڪڙي پل لاءِ به برداشت نه ڪندس."

(ڏسو: "لينن جي حياتيءَ جو احوال" ـ صفحو 352)

گرما گرم بحث کان پوءِ مرڪزي ڪميٽيءَ جي اڪثريت لينن واري رٽ جي حمايت ڪئي. (ستن ميمبرن لينن جي حمايت ڪئي، ڇئن مخالفت ڪئي ۾ ڇئن ووٽنگ ۾ حصو نه ورتو.) اهڙيءَ ريت ڳاڻي ڳڻي ڇٽي ٻري، لينن ۾ پارٽيءَ ٽراٽسڪيءَ وارن جي آندل تباهيءَ کي روڪي انقلاب کي بچائي ورتو. ٽراٽسڪي ان هوندي به پنهنجين ڪارستانين ۾ بدستور مشغول رهيو ۾ رات ڏينهن زبان ۾ قلم ذريعي،

انقلابي لفاظي ڪندو ۽ انقلاب جي راهه ۾ رڪاوٽون وجهندو رهيو. هو سڌائين اهي اعلان ڪندو رهيو ته "يورپ ۾ انقلاب نه آيو آهي، تنهن ڪري روسي انقلاب ترقي ڪري نه سگهندو ۽ آهستي آهستي تباهه ٿي ويندو انقلابي پارٽي سڙي ڳري گندي ٿي ويندي." ان ڳالهه کي روس ۽ دنيا جا رجعت پرست ماڻهو روسي انقلاب خلاف هڪڙو هٿيار ڪري ڪتب آڻيندا رهيا. 1926ع ۾ هن مطالبو ڪيو ته "شاهوڪار آبادگارن خلاف اقتصادي حملو ڪيو وڃي." حالانڪ ان وقت اها ڳالهه انقلاب لاءِ ابهرائيءَ واري ۽ نقصانڪار ثابت ٿئي ها. هن سفارش ڪئي ته سرڪاري بنين کي ختم ڪيو وڃي. سندس چوڻ هو ته انهن مان ڦهه ٿيو ٿئي. هن چيو ته گذاب واريون بنيون فقط نالي ماتر آهن. انهن کي به ختم ڪيو وڃي. ڪارخانا به سرمائيدارن کي موٽائي ڏنا وڃن. جو انهن مان فائدو نٿو ٿئي. هن پارٽيءَ اندر رهندي به پنهنجي ٻوهه ۾ پارٽي دشمن تولا ناهيا. انهن کي انقلاب خلاف سازش ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيائين.

نومبر 1927ع تي ٽراٽسڪيءَ پنهنجي حوارين هٿان انقلابي حڪومت خلاف لينن گراد ۾ ماسڪ ۾ مظاهرا ڪرايا ۽ انقلابي حڪومت کي دنيا ۾ بدنام ڪيو. هو مرڻ ڪهڙيءَ تائين ڪامريڊ زبان سان انقلابي لفاظي ڪندو انقلابي صفن ۾ گمراهي ڦهلائيندو ۽ انقلاب کي بدنام ڪندو رهيو. هڪ حد تي پهچڻ کان پوءِ ٽراٽسڪي نظريو فقط هڪ غلط انقلابي نظريو نه رهيو اهو پوءِ ڦري هڪڙي سڌي سنئين انقلاب دشمن ۽ پورهيت صفن اندر سرمائيدارن جو چاڪر نظريو ٿي پيو. هن دنيا جي رجعت پرست قوتن کي پوري انقلابي قوتن خلاف نظرياتي حمايت ۽ سياسي هٿيار گهڙي ڏنا. هن سان هو انقلابي قوتن تي بي رحمانه وار ڪندا رهيا ۽ اڄ تائين ڪامريڊ رهن ٿا. جيئن ته ٽراٽسڪيءَ جي نظريي کي جنم ڏيندڙ حالتون ۽ ڪارڻ دنيا ۾ اڳي وانگر موجود آهن تنهن ڪري ٽراٽسڪائي نظريو به ٽراٽسڪائي جا پوئلڳ اڄ ٻڌائن جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهن. هن جي ڪڏهن بين الاقوامي تنظيم "چوٿين بين الاقوامي جماعت" جي نالي سان موجود آهي جنهن جي اڳواڻي اڪثر ڪٽر ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن جي هٿ ۾ آهي.

پاڪستان ۾ ڪميونسٽ انقلاب جي واٽ

پاڪستان ۾ ڪميونسٽ انقلاب ۽ تنظيم جي موجود حالت ۾ پاڪستاني ڪميونسٽن جي نظريي، حڪمت عملي، چال ۽ تنظيم جو ڪو مختصر خاڪو ڏيڻ ضروري ٿو.

[illegible] آهي، تن ۾ انقلاب آڻڻ بابت مارڪسزم ليننزم ۽ مائو جي نظريي موجب اها ڳالهه صاف آهي ته اڄ جي دنيا ۾ مزدورن جو سوشلسٽ انقلاب ايترو جهڙي طبقي جهڙو انقلاب جي مدد فقط سوڀيا ۽ غريب هاري ڪندي پاڻ ڪيا يا ڪارخانن ۾ انقلاب جي مدد ڪندا ۽ ساڻن ان پڙاندڙ ملڪن ۾ ڪيئن پاڻي جن ملڪن ۾ ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي عام ملڪن، وانگر سرمائيداري نه پر جاگيرداري آهي، ان جا اثر گهڻي پاڻ موجود آهن. اڄ لاءِ صحيح انقلابي حڪمت عملي اها هوندي جيڪا ڪنهن ۽ ڪن ملڪن ۾ اختيار ڪئي ويئي هئي اها هتي نه. انقلاب جي اڳواڻ مزدور نظريي، يعني لينن، مارڪس ۽ ماؤزي تونگ جي انقلابي نظريي جي روشنيءَ ۾ هلندڙ انقلابي مزدور پارٽي ڪري ۽ ان جي مکيه قوت سمورا هاري هجن جن ۾ روز تي ڪم ڪندڙ هاري سوڀيا هاري ۽ ڪيا آبادگار به اچي وڃن ٿا. جيڪي هاري ملڪ غلام آهن ۽ جن کي پنهنجي قومي آزاديءَ جي جدوجهد به هلائڻي آهي يا هلائي رهيا آهن تن لاءِ عام حالتن ۾ اها پاليسي مناسب آهي، جيڪا ويٽنام ۾ اختيار ڪئي ويئي هئي.

ويٽنام ۾ نه رڳو غريب توڙي سڀين، سمورن هارين کي انقلابي جدوجهد جي مکيه قوت تسليم ڪيو ويو. پر جيستائين انقلابي عوامي جدوجهد جاري هئي، تيستائين خود جاگيردار ۽ سردار طبقي کي به ٽن ٽولن ۾ ورهايو ويو. اها ورهاست ان خيال سان ڪئي ويئي ته هر ٽولي جو قومي چوٽڪاري جي انقلابي عوامي جدوجهد ڏانهن رويو ڪهڙو آهي.

پهرئين ٽولي ۾ غدار زميندار رجعت پرست زميندار ۽ ظالم سردار جن پنهنجي وطن ۽ هارين خلاف ڏوهه ڪيا آهن، تن کي شامل ڪيو ويو. ٻئي ٽولي ۾ اهڙا عام زميندار شامل ڪيا ويا، جي انقلابي

عوامي قومي جدوجهد ۾ حصو نه ورندا هجن. ٽئين ٽولي ۾ اُهي زميندار شامل ڪيا ويا، جي انقلابي عوامي قومي جدوجهد ۾ حصو ورن يا جن جو اولاد انقلابي عوامي قومي جدوجهد ۾ حصو ورڻي. جمهوري شخصيتون يا اهي فرد، جن کي جمهوريت سان همدردي هجي، انهن کي به ٽئين ٽولي ۾ شمار ڪيو ويو. انهن ٽنهي ٽولن مان فقط پهرئين کي دشمن قرار ڏنو ويو. ٻئي کي پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويئي ۽ ٽئين کي انقلابي عوامي جدوجهد ۾ عوام جو اتحادي تسليم ڪيو ويو. وري پهرئين ٽولي ۾ ايندڙ عوام دشمنن مان به هرهڪ لاءِ ڌار ڌار پاليسي اختيار ڪئي ويئي. غدارن جي سموري ملڪيت ضبط ڪئي ويئي، پر بين عوام دشمنن جي سموري ملڪيت ضبط نه ڪئي ويئي، پر سندن ڏوهن جي حساب آهر سندن فقط ڪجهه ملڪيت ضبط ڪئي ويئي.

(ڏسو ويتنام سرڪار جو ڇپايل ڪتاب "اقتصادي پاليسي ۽ قومي آزاديءَ جي لڙائي" جو باب پهريون، خاص ڪري صفحي 83 کان 87 ۽ 90 کان 94 تائين)

بين اهڙن ملڪن ۾ به اهڙي پاليسي اختيار ڪئي ويئي ۽ ان جي مدد سان انقلاب کي ڪامياب ڪيو ويو.

پاڪستان جيئن ته هڪڙو هاري ملڪ آهي ۽ ان ۾ سرمائيداري نظام نڪو هينئر حاوي آهي ۽ نڪو ويجهڙائيءَ ۾ ٿي سگهي ٿو ان ڪري انقلابي جدوجهد جو ايندڙ ڏاڪو سڌو مزدور انقلاب يا سوشلسٽ انقلاب (جنهن جو اڳواڻ توڙي مڪيه قوت مزدور هجن ۽ سندن اتحادي سمورا هاري نه پر فقط روز تي ڪم ڪندڙ سرڙيا مسڪين هاري هجن) سو نه هوندو. اسان جي ملڪ ۾ انقلابي جدوجهد جو ايندڙ ڏاڪو عوامي قومي جمهوري انقلاب جو هوندو جنهن جي اڳواڻي پورهيت نظريي جي روشنيءَ ۾ پورهيت پارٽي ۽ مزدور طبقو ڪندا ۽ انقلاب جي مڪيه قوت سڄو هاري طبقو هوندو جنهن ۾ سمورا هاري ۽ آبادگار اچي وڃن ٿا. اسان جي سنڌ جيئن ته قومي غلاميءَ جو شڪار آهي، ان ڪري هتي جيڪڏهن ڪي زميندار يا سندن اولاد پورهيت عوام طرفان پورهيت اڳواڻيءَ هيٺ هلايل انقلابي عوامي قومي

جدوجهد جو سچو پچو ۽ عملي ساٿ ڏيندا، تہ انهن کي سندن ساٿ جي حد تائين انقلاب جو ساٿي تسليم ڪيو ويندو.

روسي انقلاب ۽ هارين جي صحيح حيثيت جي وچ ۾ فرق اهو آهي تہ روس ۾ جيئن تہ سرمائيداري ڇانئجي ويئي هئي ۽ مزدور زبردست اقتصادي، سياسي ۽ نظرياتي قوت بڻجي چڪا هئا ۽ هاري سندن اتحادي هئا، پر پاڪستان ۾ نہ سرمائيداري ڇانيل آهي ۽ نہ وري پاڪستان جي مزدور طبقي جي روسي مزدور طبقي جهڙي مضبوط حيثيت آهي، ان ڪري هتي اڳواڻ برابر پورهيت نظريي جي روشنيءَ ۾ هميشه پورهيت پارٽي ۽ پورهيت طبقو هوندو پر انقلاب جي مکيہ قوت مزدور نہ پر هاري هوندا. سندن مددگار قوت پاڪستان جي مظلوم قومن جي قومي ڇوٽڪاري لاءِ جدوجهد ڪندڙ عوام هوندا، جن ۾ انهن قومن جا محبِ وطن زميندار، سردار ۽ خان بہ شامل ٿي سگهن ٿا.

پاڪستاني تراتسڪائي پنهنجي گروءَ واري اها ساڳي ئي بدنام ۽ ناڪام ڳالهہ ٿا ڪن تہ هارين کي انقلابي جدوجهد ۾ جيڪا اهميت ڏني ويڄي ٿي، تنهن جا هو لائق نہ آهن. پاڪستان جي حالتن جي روس کان بنهہ مختلف هئڻ ڪري ۽ روس، چين، ويٽنام، ڪوريا ۽ ٻين ملڪن ۾ هارين جي انقلابي ڪارنامن سرانجام ڏيڻ ڪري، هو پنهنجي گروءَ وانگر ايئن تہ چئي نٿا سگهن تہ هارين کان سواءِ بہ انقلاب اچي سگهي ٿو پر پوءِ بہ هو ڳالهہ اهائي ڪن ٿا تہ انقلاب جي مکيہ قوت هاري نہ پر مزدور هوندا، هاري فقط سندن اتحادي هوندا. نہ رڳو ايترو پر هو چون ٿا تہ سمورا هاري بہ انقلاب جا اتحادي نہ هوندا، فقط روز تي ڪم ڪندڙ هاري هوندا. هاري طبقي طرفان ڏرتي ڏوڏيندڙ تاريخي، انقلابي ڪارنامن سرانجام ڏيڻ کان پوءِ بہ ۽ دنيا جي اڪثر ڪنڊن ۾ هيترن سارن هاري انقلابن اڇڻ کان پوءِ بہ هي ماڻهو عملي طرح اِها ساڳي ڳالهہ پيا ڪن، جيڪا سندن گروءَ مني صدي اڳ ڪئي هئي. يعني، "هاريءَ کان سواءِ انقلاب."

ڇا پاڪستان سرمائيدار ملڪ آهي؟

ان ڳالهہ جي ظاهر ظهور جهالت ۽ واهيات پڻي کي لڪائڻ لاءِ هو

هڪڙي عجيب ۽ غريب نظرياتي کيڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿا آهيا
هي آهي ته پاڪستان واري ملڪ ڪونهي، اهڙي ته ڪٿان ۽ جاگيرداري
۽ سرمائيداري جهڙي ٻئي آهي. تنهن ڪري پاڪستان بنيادي
طرح هڪڙو جاگيردار ملڪ نه پر سرمائيداري ملڪ آهي. هتي ڪيئي
سياسي ڌارين ۽ ڪتابن جي زور تي، پر مزدورن ۽ سرمائيدارن جي زور تي
آهي. هوڏانهن ڪا نه ڪا ڪوڙ ۽ به گهٽائي روز ٿي اچي ۽ جو ڪم نه ڪندڙ
مزدور جي آهي ۽ زميندار ۽ به گهٽائي (ڏسڻ ۾ زميندار جو نه پر
سرمائيداري طريقي جو پوڪ ڪندڙ جي آهي. سندن اهي ڏاڙهي
وارا روپ به بنيادي آهن. پاڪستان جي ماڻهن جي اڪثريت ڌارين
پاڪستان جي اڪثريت جو گذر بنيءَ تي آهن. پاڪستان جو ڪيئي
آبادي بنيءَ سان ئي آهي ۽ جتي سرمائيداري نسبتي اڪثيڪي طريقي
سان پوڪ ٿئي ٿي. اتي زمين سرمائيداري طريقن سان آباد ڪئي
وڃي ٿي. ۽ اڪثريتي ماڻهو جي زور تي نه پر وڌيڪ طريقي سان
ٻين جهڙي طرح ڪاروبار ۽ صنعت وسيلي قبضي ۾ ڪئي ويئي آهي ۽
پيداواري لاڳاپا اهڙي وڌيڪ ۽ جاگيرداري آهن ۽ نه ئي
سرمائيداري. اهڙي ڪنهن طرح ناٿي ۽ نفعي ۽ مارڪيٽ جي چڪاسڻ
تي ٻڌل ناهن جي بنيادي طرح هڪڙو انڊو ملڪ آهي، جنهن تي
جاگيرداري نظام چالو آهي. بقول ويٽنامي اقتصادي ماهر ڪريين
ڪونگ جي "هتي زمين جي ويهڪ واري قيمت ۽ سرمائي جي زمين ۾
سيڙپ' وارا اقتصادي تصور بنهه ڪا ٿوري معني رکن ٿا. هڪڙي
جاگيردار ملڪ ۾ زمين جو ڏنڊو حقيقت ۾ واپار ناهي پر (پرائي) زمين
ڪمائڻ جو عمل آهي، جيڪو فقط امير ڪري سگهن ٿا. جيڪي
اقتصادي يا سياسي طرح ڏاڍا آهن. هارين جون زمينون رڳو ٻئسن تي
نه پر بنيادي طرح ڏنڊي سان ورتيون وڃن ٿيون. زميندار سرمائيداري
اصولن موجب پوڪ مان ٻئسو ڪمائڻ لاءِ زمينداري ڪونه ٿا ڪن، پر
هو اقتصادي ۽ سياسي دٻاءَ وسيلي زمين ڪمايو. ان مان بٽئي وسيلي
قرلت ٿا ڪن، جنس کي بازار ۾ متائي ناٿي ۾ تبديل ڪن ٿا."

("اقتصادي پاليسي ۽ قومي جنگ" ـ صفحو 24)

[illegible] هڪڙيءَ [illegible] ۾ [illegible] سرمائيدار ڪا [illegible]
[illegible] ٿي [illegible] ڪري [illegible]
[illegible] ۾ [illegible] سرمائيداري ڍانچي جي بلوڪ [illegible]
[illegible] لکين [illegible] جي [illegible]
[illegible] جي [illegible] ڪري، اها سرمائيداري [illegible]
[illegible] آهي، اها [illegible] ۾ [illegible]
[illegible] آهي [illegible] جاگير [illegible]
آهي [illegible] اقتصادي نظام ۾ جاگيرداري ۽ غلامي [illegible]
[illegible] پيدا ٿي آهي [illegible]
[illegible] علائقن ۾ [illegible]
[illegible] ٿيڻ ۽ پاڻ جي [illegible] استعمال ٿيڻ جي [illegible]
[illegible] بنيادي طرح سرمائيدار [illegible] آهي.
[illegible] ملڪ ۾ [illegible] نظام [illegible] سرمائيداري ئي [illegible] آهي، [illegible]
[illegible] آهي ۽ بنيادي طور [illegible] جي جاءِ [illegible]
[illegible] آهي، سا ڳالهه بلڪل غلط ۽ بي بنياد ٿيندي.

ٽراٽسڪيءَ جا پاڪستاني پوئلڳ [illegible] ڪان پوءِ به [illegible] خيال [illegible] پاڪستان [illegible] سرمائيداري ملڪ [illegible] ٿا ته هن ملڪ ۾ اڳتي جو ڪو قومي جمهوري انقلاب نه، پر سڌو سنئون سوشلسٽ انقلاب جو رستو تريءَ تي بهشت جو آهي. اها غلط ڳالهه ٽراٽسڪيءَ يورپ جي ملڪ روس لاءِ ڪئي هئي، جتي واقعي سرمائيداري نظام اچي ويو هو ۽ 70 سال اڳ ڪئي هئي، جڏهن گذريل 70 سالن جا تجربا سندس سامهون نه هئا. جيڪڏهن اڄ ٽراٽسڪي جيئرو هجي ها ته خاطري آهي ته اهو به جيڪر ايشيا جي هڪڙي غريب ۾ غريب ۽ پوئتي کان پوئتي پيل ملڪ پاڪستان کي سرمائيدار ملڪ سڏڻ جي اهڙي حماقت نه ڪري ها. جهڙي سندس لڪير جا فقير پاڪستاني پوئلڳ هينئر ڪري رهيا آهن. سندن اهو نظريو سراسر غلط ۽ بي بنياد آهي، پر انقلاب لاءِ اهڙو ئي نقصانڪار ۽ تباهه ڪندڙ آهي، جهڙو سندن گروءَ جو دائمي انقلاب وارو بگاڙيل ۽ خراب ڪيل نظريو.

نقلي ترقي پسندن جي عوام سان بيشرمائيءَ واري غداري

هر قسم جي مهاجر- پنجابي نقلي ترقي پسندن. انقلاب جي بن مکيہ ۾ بنيادي سوالن تي مظلوم عوام ۾ انقلاب سان نهايت بي شرمائيءَ سان غداري ڪئي آهي. انهن مان هڪڙو آهي هٿياربند جدوجهد جي ضرورت جو سوال ۾ ٻيو آهي پاڪستان جي مظلوم قومن جي قومي جدوجهد جي حقيقي حمايت ڪرڻ جو سوال. هٿياربند جدوجهد کي اقتصادي ۾ سياسي جدوجهد سان ملائي هڪ ڪرڻ جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ حقيقي ڪوششون ڪرڻ بدران هنن سمورن زور لناظيءَ، نعريبازيءَ، اخباري بيان بازيءَ، شوبازيءَ ۾ ناٽڪ سازيءَ تي ڏنو آهي. قومي سوال تي هنن جي بي حيائيءَ جو رڪارڊ ٻہ بنهہ بي مثال آهي.

پاڪستاني ٽراٽسڪائين جي چگائي

پاڪستاني ٽراٽسڪائين انهن پاليسين کي رد ڪيو آهي. هو هٿياربند جدوجهد ۾ قومي جدوجهد جي حمايت جي سوال کي نہ رڳو نظرانداز نٿا ڪن، پر انهن کي هنن زور شور سان کنيو آهي ۾ اهم پيش قدميون ڪيون آهن. هو قومي جدوجهد جي علي الاعلان ۾ سرگرم حمايت ڪن ٿا. هنن بلوچستان واري هٿياربند جدوجهد جي اڳواڻي ڪئي، هنن ان ۾ سهپ، سورهيائي ۾ قرباني جو سنو ريڪارڊ قائم ڪيو. پورهيت بين الاقواميت جو سنو ۾ پاڪستان ۾ اڻ لڀ مثال قائم ڪندي پنجابي ٽراٽسڪائين بلوچ قومي جدوجهد ۾ بلوچن جي پاران پنهنجي قوم جي پنجابي فوج سان بي جگريءَ سان مقابلو ڪيو ۾ ان راهہ ۾ بلوچن جيترين سختيون ۾ عذاب سٺا، پر ان هوندي بہ سندن انهن ٻنهي مسئلن تي موقف، مارڪس، لينن ۾ مائوزي تونگ جي ڏسيل صحيح انقلابي موقف جهڙو نہ آهي. ان ڪري هو انهن مسئلن تي عوام جي صحيح خدمت ڪري، انقلاب کي گهربل رخ ۾ ۾ گهربل رفتار سان اڳتي وڌائي نہ سگهيا آهن ۾ نہ وري وڌائي سگهن ٿا.

هٿياربند جدوجهد جو قسم

هٿياربند جدوجهد جو رڳو هڪڙو قسم ڪونهي. اها انقلابي بہ ٿي سگهي ٿي ۾ انقلاب دشمن بہ. صحيح انقلابي پورهيت هٿياربند

جدوجهد ۾ ٿي سگهي ٿي ۽ چوٽي وچولي طبقي جي غلط ۽ غير انقلابي هٿياربند جدوجهد ۾ ٿي سگهي ٿي. ان بابت مارڪس، لينن ۽ مائوزي تونگ جو صحيح انقلابي تصور اهو آهي ته هٿياربند جدوجهد، انقلابي جدوجهد جو اوچي ۾ اوچو ڏاڪو آهي، جيڪو صحيح انقلابي، نظرياتي، اقتصادي ۽ سياسي جدوجهد کي عروج تي پهچائڻ بعد انهن مان پيدا ٿيڻ کپي ۽ انهن سان ملي هڪ ٿي وڃڻ کپي. اهو گهڻ طرفي عوامي انقلابي جدوجهد جو هڪڙو اهم ترين جزو هجڻ گهرجي. سڄي انقلابي جدوجهد فقط هٿياربند جدوجهد تائين هرگز محدود هئڻ نه گهرجي. جيڪا هٿياربند جدوجهد نظرياتي، اقتصادي ۽ سياسي جدوجهد جي عروج ۽ ڪاميابيءَ مان پيدا ٿيل نه آهي، جيڪا ان جدوجهد جي بنياد، پٽيرائيءَ ۽ ساڻ کان محروم آهي ۽ سندن ڇڇي ڏار نه ٿيندڙ (سگهندڙ) حصو نه آهي، اها هٿياربند جدوجهد صحيح، انقلابي، عوامي پورهيت هٿياربند جدوجهد نه آهي. اها چوٽي وچولي طبقي جي غلط اُبهري ۽ انقلاب کي سخت نقصان رسائي سگهڻ جهڙي قسمت آزمائي آهي. جنهن کي مارڪس، لينن ۽ مائوزي تونگ هميشه انقلاب لاءِ قاتل زهر تصور ڪيو آهي. اهڙي هٿياربند جدوجهد عوام بدران عوام جي دشمن جو هٿيار ٿي پوي ٿي. ان لاءِ جيئن ته سياسي طرح جي گهربل پٽيرائي حاصل ڪانه هوندي آهي، تنهن ڪري دشمن وڏي آسانيءَ سان نه رڳو ان جدوجهد کي چيياٽي ڇڏيندو آهي، پر ان جو ڀهانو ڪري جدوجهد جي اپرندڙ ڪچن سلن کي ۾ ڪچيءَ ۾ ئي چيياٽي ڇڏيندو آهي. دشمن کي عوام تي خواهمخواهه سختيون ڪري، منجهن هراس ۽ دهشت پکيڙڻ جو موقعو ملي ويندو آهي. عوام کي جيئن ته سياسي طرح تيار نه ڪيو ويندو آهي، ان ڪري هو واقعي هراس ۾ اچي ويندا آهن. اهڙي اُبهري، غير سائنسي، غير انقلابي هٿياربند جدوجهد جو ناڪام ٿيڻ لازمي هوندو آهي. جڏهن اها ناڪام ٿيندي آهي، تڏهن سادا سُودا عوام في الحال ايئن پائيندا آهن ته جيڪا ۾ هٿياربند جدوجهد ڪبي، تنهن جو اهوئي حشر ٿيندو. نتيجو اهو نڪرندو آهي ته صحيح انقلابي، عوامي،

پورهيت هٿياربند جدوجهد جي تياريءَ جي راهه ۾ وڏيون رڪاوٽون پئجي ويندیون آهن. ٽراٽسڪائي لفظ ۾ هٿياربند جدوجهد درحقيقت صحيح انقلابي جدوجهد جي [illegible] عوام ۾ وساڻ ڪري عوام کي آن ڪان مايوس ٿي ڪرڻ ۽ صحيح سرپاري انقلابي هٿياربند جدوجهد جي راهه ٿي روڪي ڇڏي.

هڪ طرفي قومي جدوجهد

ساڳيءَ طرح قومي جدوجهد به ڪا [illegible] آهي. وڏيرا ۽ قومي جدوجهد ڪندا آهن [illegible] وڏيرن جي مطلب جي هوندي آهي. سرمائيدار به ڪندا آهن. [illegible] جي مطلب جي هوندي آهي. اڄوڪي دور ۾ انقلابي عوامي قومي جدوجهد اها آهي جيڪا قوم کي نالي ماتر چوڪارو ڏيڻ بدران سندس قسمت ۾ بنيادي ۽ انقلابي تبديلي آڻڻ لاءِ مارڪس، لينن ۽ ماؤ جي انقلابي پورهيت نظريي جي روشنيءَ ۾ هڪڙي انقلابي پورهيت وطن دوست پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ لڙي وڃي. جيڪڏهن سڀ طرفي لڙي وڃي. يعني نظرياتي، سياسي، اقتصادي وغيره سمورن مورچن تي لڙي وڃي ۽ اڳتي هلي، هڪڙي اوچي ڏاکي تي پهچي. موزون وقت تي ان ۾ هٿياربند جدوجهد جو اهم ۽ بنيادي مورچو به شامل ڪيو وڃي. ان قومي جدوجهد ۾ ان ڏاکي جا سمورا وطن دوست طبقا پورهيت نظريي ۽ اڳواڻيءَ هيٺ ناهيل گڏيل قومي محاذ ۾ گڏجي لڙن. ساڳئي وقت ظالم قوم جا پورهيت توڙي مظلوم عوام قوم جا پورهيت پاڻ ۾ جيتري ٻڌي حالتن آهر ممڪن هجي، اوتري ٻڌي ڪري، گڏجي سڄي ملڪ اندر عوامي، قومي جمهوري انقلاب آڻڻ ۾ مظلوم قومن کي قومي خود اختياريءَ جي حق حاصل ڪرائڻ لاءِ محڪم ارادي سان جنگ ڪن. ظالم قوم توڙي سندس مظلوم ٻڌايل قومن جي سڄن انقلابين جو فرض آهي ته انهن مان هرهڪ ڀالهه کي پورو ڪرڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائيندا رهن. مطلب اهو ناهي ته جيستائين اهي سمورا شرط پورا ٿين، تيسين قومي جدوجهد نه ڪبي يا مورڳو ڪرڻ جائز ئي ڪانهي. مثال طور: ايئن هرگز ناهي ته جيستائين اهي سمورا شرط پورا ٿين، جيسين مظلوم قومن

جو عوام ظالم قوم جي پورهيتن کي ريجهائي سندن تائيد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿئي، تيسين قومي جدوجهد جو نالو ئي نه ونجي. مطلب اهو آهي ته قومي جدوجهد جي ڪاميابيءَ لاءِ مٿيون سموريون ڳالهيون ضروري آهن. ۽ انهن مان هر هڪ کي حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ڪرڻ هڪڙو انقلابي قومي فرض آهي. انهن مان ڪنهن به ڳالهه لاءِ صحيح ۽ پرزور ڪوشش نه ڪئي يا مورڳو ئي ڪنهن ڳالهه جي مخالفت ڪئي نه اها ڳالهه انقلابي عوامي قومي جدوجهد کي نقصان رسائيندي.

پاڪستاني تراتسڪائي تولو انهن ڳالهين مان فقط هڪڙيءَ ڳالهه کي اهميت ڏئي ٿو سا به غلط نموني جي. هو عملي طرح فقط هٿياربند جدوجهد جي مورچي کي ئي انقلابي جدوجهد جو اڪيلو مورچو سمجهي ٿو ۽ عملي طرح سمورو زور ان تي ڏئي ٿو. ان هڪڙيءَ ڳالهه تي وڌاءَ ۽ ابهرائيءَ وارو زور ڏيڻ ۽ بين اهم ۽ لازمي ڳالهين کي نظرانداز ڪرڻ ڪري قومي جدوجهد جي ناڪامي يقيني ٿيو پوي. اهو تولو عملي طرح ملڪ جي هڪڙي مظلوم قوم جي قومي جدوجهد کي بين مظلوم قومن جي قومي جدوجهد کان ڪاٽي الڳ ڪري ڇڏي ٿو. مظلوم قومن جي قومي جدوجهد کي ظالم قومن تورڙي سڄي ملڪ جي عوام جي طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهد کان ڪاٽي الڳ ڪري ڇڏي ٿو. مظلوم قومن جي اتحاد کي مظلوم طبقن جي اتحاد کان ڪاٽي ڇڏي ٿو.

ٽاسڪائي

تراتسڪائي نسخي موجب جيڪا قومي جدوجهد هلندي سا نه رڳو سڄي ملڪ جي سمورين ٽوٽن جي وسيع جمهوريت پسند عوام کان ڌڪاريل هوندي پر خود پنهنجي قوم جي وسيع وطن دوست عوام کان به ڌڪاريل هوندي. ان جدوجهد جو سمورو دارومدار اهڙي هٿياربند جدوجهد تي هوندو جيڪا وسيع عوام جي اقتصادي ۽ سياسي جدوجهدن جي وڌڻ ويجهڻ کان پوءِ انهيءَ مان صحيح وقت تي اسريل ۽ نسريل نه هوندي. انهن کان ڪٽيل هوندي ۽ انهن جي مدد ۽ پنپڻ ائيءَ کان محروم هوندي. ان ڪري اها دشمن لاءِ هڪڙو آسان شڪار بڻجي پوندي ۽ گهٽ جٽاءَ ڪري نه سگهندي. اهڙي جدوجهد جو نتيجو اهڙو ئي ٿيندو.

جھڑو ٽراتسڪائي نظريي ۾ وات موجب ۾ سندن اڳواڻيءَ هيٺ لڙيل تازي بلوچ هٿياربند جدوجهد جو ٿيو. اها جدوجهد اڳين ۾ دليريءَ وارين ڪوششن ۾ شاندار قربانين کان پوءِ به گهربل نتيجا حاصل نه ڪري سگهي ۾ خود بلوچ عوام توڙي اڳواڻ به اها دعويٰ نٿا ڪن ته اها گهربل نموني ڪامياب ٿي. بلڪ ڪيترا وطن دوست بلوچ ان کي بلوچ عوامي انقلابي جدوجهد کي سخت ڏڪ رسائيندڙ سمجهن ٿا.

هن ٽولي سنڌي ماڻهن جي پوئتي پيل سياسي ۾ نظرياتي حالت مان ناجائز فائدو ورتي. سنڌي انقلابي پورهيت وطن دوست تنظيمن کي سنڌين جي هٿان ئي تباهه ڪرائڻ لاءِ. سنڌي انقلابي پورهيت ڪارڪنن جي صفن ۾ ڪن نيم ملان ٽائيپ موقعي پرست ۾ لئه باز ماڻهن کي پيون ڏيئي. پڌائي. ڪنڌ چڙهيل گوليون هڻي. ڪيترائي پاڙي ڪري. کين پنهنجو چاڙتو بڻائي ورتو آهي.

پيرن اڳاڙي پارٽي

انهن جي معرفت هو سنڌي انقلابي پورهيت وطن دوست ڪارڪنن کي بَڇون ڪرڻ لڳا آهن. ته هو پنهنجون انقلابي پورهيت تنظيمون ختم ڪري. نام نهاد "پيرن اڳاڻن پورهيتن" جون نام نهاد. "نج ۾ نبار پورهيت پارٽيون" ناهين. انهيءَ چال جو مطلب آهي ته. سنڌي پورهيت عوام کي سنڌ جي چوٽي وچئين طبقي مان اُپريل انقلابي سمجهه ۾ تجربو رکندڙ انقلابي عوام دوست ڪارڪنن ۾ اڳواڻن کان محروم ڪري. کين مهاجر- پنجابي بالادست طبقن ۾ قومن جي نقلي ترقي پسندن. خاص ڪري ٽراتسڪائي نقلي ترقي پسندن جو سٽيو. نظرياتي. سياسي ۾ تنظيمي شڪار بڻائجي. انهيءَ سنڌ دشمن. عوام دشمن ۾ انقلاب دشمن مقصد لاءِ هو "پورهيت پارٽي" ۾ "پورهيت اڳواڻ" جي انقلابي پورهيت تصورن ۾ گهٽ وڌائي ڪري. انهن کي بگاڙي. خراب ڪري. عوام ۾ انقلاب خلاف هٿيار ڪري ڪتب آڻي رهيا آهن.

سڀ شيون هڪٻئي سان لاڳاپيل آهن

ڪائنات ۾ جيڪي به ڀالهيون يا لقاءَ آهن. انهن سيني اندر اندروني ٽڪر ۾ تضاد آهن. انهن ۾ سمورو واڌارو انهن ٽڪرن ۾

تضادن جي ڪري ٿئي ٿو. ساڳئي وقت ڪائنات جا مختلف لقاءَ هڪٻئي سان لاڳاپيل ۽ آهن. هڪٻئي تي دارومدار ۽ رکن ٿا. مختلف شين جي وچ ۾ يا مختلف شين اندر، سندن مختلف پاسن ۽ جزن جي وچ ۾ اهو جيڪو لاڳاپو آهي ۽ اهو جيڪو هڪٻئي تي اثر وجهڻ جو لاڙو آهي، ان کان سواءِ ڪائنات ۾ ڪابه چرپر ڪانه ٿي سگهي ها. اهوئي سبب آهي جو اينجلس "مادي جدليت" کي "دنيائي (عالمي) ڳانڊاپي جي سائنس" سڏيو آهي.

"ڪنهن لقاءَ کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته کيس، سندس جيڪو بين لقائن سان لاڳاپو آهي، تنهن لاڳاپي سميت جاچيو ۽ تپاسيو وڃي." (ڏسو ڪتاب: "مارڪسي- لينني فلسفي جي پيڙهه" - صفحو 126)

"دنيا ۾ ڪابه ڳالهه اهڙي آهي ئي ڪانه، جيڪا بين کان صفا الڳ هجي، هر ڳالهه بين کان متاثر ٿئي ٿي." (ڏسو ساڳيو ڪتاب، صفحو 127)

سماج مختلف ۽ مخالف طبقن مان ٺهيل هوندو آهي. پورهيت عوام ۽ ڦورو ظالم طبقا هڪٻئي جي ابتڙ آهن، هڪٻئي جا دشمن آهن ۽ هڪٻئي سان ويڙهه ڪندا رهندا آهن، پر ساڳئي وقت اهي هڪٻئي سان لاڳاپيل ۽ آهن. هڪٻئي تي اثر ۽ وجهن ٿا ۽ هڪٻئي تي دارومدار ۽ رکن ٿا. ان ڪري هڪ طرف پورهيت عوام ۽ ٻئي طرف ڦورو ۽ ظالم طبقا هڪٻئي کان متاثر ٿين ٿا.

ڦورو ۽ ظالم طبقن جي عوام تي نظرياتي بالادستي رهي ٿي. پورهيت عوام ڦورو ۽ ظالم طبقن جي خيالن ۽ عادتن کان گهٽو متاثر ٿين ٿا. نظرين ۽ ناهڻ تي هميشه ظالم طبقن جي هڪ هٿي رهي آهي، انهيءَ ڪري چوندا آهن ته، "الناس اعلي الدين مُلوڪِهم." يعني: "عوام پنهنجن حاڪمن جي دين تي هلندا آهن." بالادست طبقن جا خيال ۽ نظريا ۽ عوام جي خيالن ۽ نظرين مٿان بالادستي رکندا آهن. هر دور ۾ عوام جي وڏي اڪثريت جا خيال اهي نه رهيا آهن، جيڪي سندن فائدي جا هئا، پر اهي رهيا آهن جيڪي ڦورو ۽ ظالم طبقن جا هئا ۽ جيڪي انهن طبقن عوام کي برغلائي ڪين سيکاريا آهن يا مٿن زبردستيءَ مڙهيا آهن. نه چاهيندي به، اڻ ڄاڻائيءَ وچان عوام جي سوچ

گھٽي ياڳي سندن حقيقي فائدي واري نہ پر حقيقت ۾ سندن دشمنن جي فائدي واري پئي رهي آهي.

اهوئي سبب آهي جو تاريخ ۾ عوام پنهنجي چونڪاري لاءِ جيڪو رستو ورتو آهي، سو اهو ڪونہ هو جيڪو ڪن واقعن چونڪايو. تياري سڳهي، يعني پاڻ ۾ ڳنڍجي، وڏي ۾ وڏو اتحاد ڪري پنهنجن دشمنن سان ڏڪهي. اوچ، ڏاهپ ۽ سوجهيائيءَ واري ويڙهه ڪري جو رستو هو دشمن سان ڪٽر جڙوڙ، اڪيلي سر ٻاڙڻا جي ۽ ٻاڙيائيءَ جي ويڙهين سڪندا رهيا آهن ۽ گهٽي ياڳي مارائيندا رهيا آهن. اهوئي سبب آهي جو حاڪم طبقا عوام جي وڏي اڪثريت کي برغلائي ۽ منجهائي، سندن جڳن موجاري حصي کي لالچائي، پنهنجو مطيع ڪري عوام کي پنهنجن خيالن ۽ نظريي جو پوجاري ٻڌائي. ڪيئن هزارين سالن کان غلام ٻڌائي، وهائي ۽ گهلائي قري ۽ لٽي پاڻ جاوا ڪندا رهيا آهن.

نظرياتي هٿ ڪنڊي

تورو ۽ ظالم طبقن جي نظرياتي هٿ ڪنڊي ۽ ٺاهڙتي سندن ڪهي سلهي جي بي رحمي ۽ ظلم جي حد اها آهي جو نٽشين ۾ اڃا صبح جي ڪڪري کان پوءِ ۽ سوين ٻڪ هزارين سال خواب ۾ سمهڻ موچن لوڇڻ کان پوءِ ۽ پورهيت عوام ڪهي ۽ نظرياتي طرح ڪوڙ ۽ بيوس محتاج ۽ محروم رکيو ويو آهي. جو اهو پنهنجي مڪمل چونڪاري جو صحيح نظريو ۽ پورهيت انقلاب ۽ سرشتو جو ڪو به پاڻ تخليق نہ ڪري سگهيو.

اهو نظريو تورو ۽ ظالم طبقن مان پيدا ٿيل اڻ عوام دوست نظريو ۽ سائنسي ڪوڙ ۽ سلهي ختمي جڳن نظريي يا برخلاف سندن جو ڪو ۽ سندن پنهنجن طبقن جي خيال ۽ نظريي کان ٻڌل ڪو سندن طبقن جي ناڪامي طرفن. يعني پورهيت عوام جا وڏا ۽ پڇڙ پيا انقلابي ۽ سائنسي جي بنياد تي سندن مان توڙي ان جو ڪو ٻڌل ۽ ان کي ڪيئن ڪهي ۽ سماج واري مان ڪوبه ڪيو. ڪاميو نہ ٿيو هو ۽ هاڻي ۽ ڪهي ۽ پنجسي ۽ ماڻهن جي ترنگ رهيو ۽ ان ڪوبه مزدور يا ماڻهو ڪڏهن به ڪاميو ڪهي طرح پورهيت عوام

جي چوٽڪاري جي سائنس، جنهن اڳوڻي علمي، فڪري ۽ سائنسي ورثي مان فيض حاصل ڪيو آهي، ان ورثي تخليق ڪرڻ وارن مان بہ سمورا حاڪم طبقن جا ماڻهو هئا، جهڙوڪ: هيگل، سينٽ، سائمن، فوريئر، اوون ۽ ڊارون وغيره وغيره.

عوام جا کوڙا همدرد

روسي انقلابي جدوجهد هلندي سرمائيدار طبقي پاران سندن ڪيترن ئي نام نهاد "پورهيت دوست" ڇاڙتن نام نهاد "نج ۽ نبار پورهيت جدوجهد" جو نعرو لڳائيندي، اها زوردار قانوني حجت اٽاري تہ عوام کي بين طبقن جا ماڻهو چوري خراب ٿا ڪن، ايئن نہ ٿيڻ کپي. غير پورهيت طبقن جي پڙهيلن کي عوام جي معاملن ۾ ٽنگ اٽکائڻ نہ کپي، عوام ڄاڻي عوام جو ڪم ڄاڻي! ان ڳالهہ تان اهو نظرياتي مناظرو هليو تہ عوام کي چوٽڪارو سندن پنهنجي 'پاڻ مرادي' پيدا ٿيل اندروني سمجهہ ڏيارينديءَ يا عوام دوست انقلابي نظريي دانن طرفان سائنسي نموني خلقيل ۽ ڪائنڪ حاصل ڪيل 'باهرين' سائنسي سمجهہ ڏيارينديءَ؟ عوام تي عوام دشمن طبقن جي صدين جي نظرياتي بالادستي ۽ غلبي کي خيال ۾ رکندي ۽ عوام جي نظرياتي محروميءَ ۽ پستيءَ کي خيال ۾ رکندي، لينن اعلان ڪيو تہ قورو ۽ ظالم طبقن جي ذهني ۽ نظرياتي اشڪنجن ۾ جڪڙيل عوام کي سندس 'پاڻ مرادي' پيدا ٿيل، پوئتي پيل، غلط غير منظم ۽ غير سائنسي سمجهہ جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏيڻ، عوام سان غداري آهي. هن چيو تہ عوام کي چوٽڪارو فقط جديد کان جديد ۽ اعليٰ کان اعليٰ سائنسي سوچ ۽ نظريو ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ هلايل انقلابي جدوجهد ڏيارڻ سگهن ٿا.

اهو نظريو ان علمي، ثقافتي ۽ سائنسي ورثي تي ٻڌل هوندو، جيڪو صدين جي علمي ۽ عملي جاکوڙ کان پوءِ انسان ذات جي بهترين دماغن خلقيو آهي. (اهي بهترين دماغ گهٽو ڪري حاڪم طبقن سان تعلق رکندا هئا يا انهن کي ويجها هئا، چوتہ جيئن مٿي چيو ويو آهي، بدقسمتيءَ سان حاڪم طبقن کي ئي نظرين ناهڻ جو تجربو ۽ مهارت حاصل ٿئي رهي آهي.) لينن پورهيت عوام کي سيکاريو تہ "انقلاب فقط

تڏهن ايندو ڪامياب ٿيندو ۽ ترقي ڪندو. جڏهن هڪڙي پاسي پورهيت عوام جي جدوجهد ۽ ٻئي پاسي ٻين طبقن مان پيدا ٿيل ٻين عوام دوست انقلابي نظريي دانن ۽ سائنسدانن طرفان خلقيل انقلابي پورهيت سمجهه ۽ سُرت جو پاڻ ۾ ميلاپ ٿيندو ۽ اهي پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويندا." پر سڄي دنيا جي عوام دشمن طبقن جو "ابتڙن جي ان انقلابي ميلاپ" جي ڊپ وچان، هميشه جڙ ساهه ٻئي نڪتو آهي. ڪين خبر ٻئي رهي آهي ته عوام وٽ ٻي سڀ طاقت آهي، رڳو ڪين ٻڌي. تنظيم ۽ ويڙهه جا صحيح گس ۽ صحيح واٽون معلوم نه آهن. جي ڪين اها سمجهه پئجي ويئي يا ڪنهن کان هٿ اچي ويئي ته اسان لاءِ قيامت ٿي ويندي! ان ڪري هر ملڪ ۽ دور جي ڦورو ۽ ظالم طبقن ٽيهن ئي نُنهن جو زور لڳائي، هر طرح جا حيلا هلائي، طرحين طرحين نقلي 'پورهيت دوست' نظريا ۽ نعرا ايجاد ڪري، ڪيئي فريب ۽ ڪيڏون ۽ ڀهروپ ڪري، هڪڙي پاسي عوامي طاقت ۽ ٻئي پاسي عوام دوست سرت ۽ سمجهه جي ميلاپ کي روڪڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي.

عوام کي صحيح گس ڏيڪارينڊڙن خلاف دشمنن کي باهيون

ڪين مٿئين وچولي طبقي يا سفيد پوش طبقن جي انهن ماڻهن تي خاص ڪري باهيون پئي رهيون آهن، جيڪي مزدور ۽ هاري نه هوندي ۽ ڦورو ۽ ظالم طبقن منجهان يا انهن جي ويجهو هوندي به ڦورو طبقن سان 'غداري' ڪري، مزدور ۽ هاري عوام سان ملي، هڪ ٿي، ڪين روشني ڏين ٿا ۽ انقلابي جاڙ ۽ سرت ۽ سمجهه سان هٿياربند ڪن ٿا، ان ڪري سندن اها خاص ڪوشش پئي رهي آهي ته مزدور ۽ هاري طبقن مان آيل انقلابين کي مزدورن ۽ هارين جي نظر ۾ خوار خراب ڪري، ڪين انهن جي ئي هٿان اهڙو بي عزت ۽ ذليل ڪرائجي ۽ اهڙو ايذائجي ۽ ڏنگائجي، جو سندن عوام دوستي ۽ انقلاب دوستيءَ وارو جوش ازخود ختم ٿي وڃي ۽ هو سمجهن ته، عوام احمق ۽ ذليل آهن، ڪين پنهنجي نفعي نقصان جي سمجهه ۽ دشمن ۽ دوست جي سڃاڻپ ڪڏهن به نه ٿي سگهندي، تان جو هو عوام دوستيءَ کان توبهون ڪندا، عوام کي گاريون ڏيندا، پڄي وڃي ڦورو طبقن جي قدمن ۾ ڪري پون ۽

وري ڪڏهن ٻُلجي ٻه عوام ۾ انقلاب جو نالو ٿي نه وٺن. ان ناپاڪ مقصد لاءِ ڦورو ۾ ظالم طبقا توڙي سندن دلال، عوام جي همدرديءَ جو ڪوڙو ڏيکارو رچائي، واڳونءَ وانگر ڳوڙها ڳاڙي، ڪڏهن اهو ماتم ڪندا رهيا آهن ته غريب مزدور وغيره ويچارا اشراف ۾ مائٽاٽا ماڻهو آهن، هو جيڪو پنهنجي جاگيردارن ۾ سرمائيدارن سان ٻاڙو ٻه ڪونه ٻولين ها، پر هي سفيد پوش پڙهيل ٽا انهن کي برغلائي خراب ڪن. ڪڏهن وري اهو ڪرميٽ ڪندا رهيا آهن ته ڌارين طبقن جا ماڻهو پيرن اڳهاڙن مسڪين ماڻهن تي حڪم ڇو ٽا هلائين؟ غريب پاڙيا آهن ڇو ٽا ٻين جي پنيان هلن! نه نه، هو پاڻ مڙس ماڻهو آهن! ڇڏي ڏيوِن ته پنهنجي انقلابي جدوجهد پاڻ هلائين! غريبن جي ڳالهه جي وچ ۾ ٻيو ڪوبه نه اچي! ڪڏهن وري چوندا رهيا آهن ته، انقلابي پورهيت پارٽيءَ جا ميمبر رڳو اهي ٽين جيڪي پاڻ بکيا اگهاڙا هجن، جيڪو به ماڻهو مسڪين هجي، ان کي پورهيت پارٽيءَ جو ري پچيو ميمبر بڻائي ڇڏيو! ڪوبه ماني ميڱيءَ وارو يا سفيد پوش انقلابي پارٽيءَ جو ميمبر نه ڪيو وڃي. انهن جو پورهيتن ۾ ڇا وڃي! وغيره وغيره.

هاڻ لينن ڀڃي پري ٽئي

روس ۾ ڪڏهن سرمائيدار سمورا ڏونگ هلائي ٽڪا ۾ انقلاب ڪامياب ٿي ويو تڏهن هارايل سرمائيدار نئون ڏونگ ڪري هڪدم "خاص پيرن اگهاڙي انقلاب" جا حامي ٿي ويا ۾ پنهنجن چاڙٽن پاران اهو مطالبو ڪرڻ لڳا ته، "هاڻي شڪر آهي جو مزدورن ۾ غريبن جو انقلاب اچي ويو آهي، هاڻ ڇڏيو ته جنگ ٻه پيرن اگهاڙا ماڻهو ڪن ۾ حڪومت جو چرخو ٻه اهي هلائين. لينن ۾ ٻيا ڌارين طبقن جا ماڻهو نڪري وڃن." مطلب صاف هو ته "مزدورن جي ڪوبه همراهي نه ڪري، ٻيا انقلابي نظريي دان ڪارڪن ۾ اڳواڻ ڀڃي پري ٽين. اسان کي ڇڏيو ته اسين پورهيت عوام جي گهٽ ڄاڻ، پوئتي پيل سمجهه ۾ اڻ آزمودي ڪاريءَ جو فائدو ونڻي کين گهمائي رکون." لينن بار بار هن سموري ڏونگ جي قلعي کولي، دشمن جي ناپاڪ ارادن کي اگهاڙو ڪيو. هن چيو ته انقلابي پارٽيءَ جو ميمبر انقلابي سمجهه رکندڙ هر

اُهو ماڻهو ٿي سگهي ٿو. جيڪو انقلابي پورهيت نظريي ۽ پارٽيءَ جي ضابطي کي دل جان سان مڃي ۽ ان جي هدايت موجب ڪنهن نہ ڪنهن پارٽي تنظيم ماتحت سرگرميءَ سان انقلابي ڪم ڪري وغيره. پوءِ پلي ڪٽي اهو هاري يا مزدور گهر جو هجي يا نہ. ٻئي طرف پورهيت پارٽي سموري پورهيت طبقي ۽ پورهيت عوام جي نمائنده هوندي. پر ان ۾ سمورو مزدور طبقو ۽ سمورا پورهيت شريڪ ٿي نہ سگهندا. ڇوتہ اها پورهيت طبقي جو اڳواڻ دستو آهي. ان ۾ صرف اهي پورهيت شريڪ ٿي سگهندا. جيڪي غريب ۽ پورهيت هجڻ کان سواءِ پورهيت نظريي ۽ سمجهہ جي گهڻ ۾ گهڻ معيار کي رسي سگهندا هجن ۽ انقلابي ضابطي وغيره جا پابند ٿي سگهندا هجن. اهڙيءَ ريت هو پورهيت عوام سندس انقلابي جدوجهد ۽ سوياري انقلاب خلاف دشمن جي سمورين حرفتن ۽ سازشن کي ناڪام بڻائيندو رهيو.

پورهيت اکر جو انقلابي مطلب ڪهڙو آهي؟

مارڪس، لينن ۽ مائوزي تونگ جي انقلابي سائنس جي ٻوليءَ ۾ پورهيت پارٽي ۽ پورهيت اڳواڻيءَ جي معنيٰ آهي اُها پارٽي يا اها اڳواڻي. جيڪا انقلابي نظريي جي روشنيءَ ۾ پورهيت عوام جي حقيقي ۽ دائمي مفادن لاءِ وڙهي ۽ جيڪا مختلف طبقن جي اهڙن ماڻهن مان ٺهيل هجي، جيڪي ان ويڑهہ ۾ دل جان سان سرگرم ۽ حصيدار هجن، پوءِ پلي ڪٽي اهي ماڻهو پورهيت بڻ بنياد جا هجن يا نہ. ٻئي طرف پل ڪٽي ڪو ماڻهو اگهاڙو نانگو ۽ ستن لنگهڻن تي هجي، پل ڪيترو بہ پورهيو ڪندو هجي ۽ پلي ڪٽي ڪيترو بہ پيڙهيل ۽ ستايل هجي، تہ بہ جيڪڏهن سندس ڳالهيون ۽ خيال، نظريا ۽ عمل اڄوڪي دنيا جي اعليٰ ترين انقلابي پورهيت نظريي ۽ واٽ، يعني مارڪس، لينن ۽ مائوءَ جي انقلابي نظريي ۽ واٽ مطابق نہ هوندا، تہ انهن کي پورهيت ڳالهيون، پورهيت نظريا ۽ پورهيت عمل نہ چئبو. اهڙي قسم جي ڪم ڪندڙ ۽ اڳواڻ کي بہ پورهيت ڪارڪن يا اڳواڻ نہ چئبو. جيڪڏهن اهڙي ماڻهوءَ جون ڳالهيون مورڳو مارڪس، لينن ۽ مائوجي سيڪاريل انقلابي پورهيت نظريي ۽ واٽ جي خلاف ۽ ڪوڙو طبقن جي

نظريي ۾ وات مطابق هوندیون ته ان بکئي اگهاڙي مزدور ماڻهوءَ جي ڳالهين ۾ عملن کي پورهيت دشمن ۾ رجعت پرست ڳالهيون ۽ عمل ۾ اهڙي ڪارڪن ۾ اڳواڻ کي پورهيت دشمن، انقلاب دشمن ۾ جاگيردارن ۾ سرمائيدارن جو چاڙتو ڪارڪن ۾ اڳواڻ ڪري ليڪبو.

ساڳيءَ طرح 'پورهيت سرڪار' جي فقري جو مطلب سڪڙو اکري ۾ لفظي نه ٿيندو. اهو انقلابي سائنس جو هڪ علمي اصطلاح آهي. ان جي معنيٰ اهڙي سرڪار آهي، جنهن جا آفيسر، وزير، ڪامورا، پورهيت گهرن ۾ جاول هجن يا نه هجن. پر مارڪسي- لينني نظريي ۾ وات مطابق پورهيت عوام جي وسيع ۾ دائمي انقلابي مفادن جي سنيال ۾ پرورش ڪن. مطلب ته انقلابي ٻوليءَ ۾ پورهيت لفظ سڪڙو عام لفظ نه آهي، پر سائنسي لفظ آهي. ڪوبہ ماڻهو يا پارٽي يا پورهيت آهي يا نه، تنهن جو دارومدار ان ڳالهہ تي نه آهي ته آيا اهو ماڻهو پورهيت ماڻهو جو پٽ آهي يا نه، يا انهيءَ پارٽيءَ جي ميمبر جا ڪپڙا ڦاڙل ۾ پير اگهاڙا آهن يا نه، پر ان ڳالهہ تي آهي ته اهو ماڻهو يا اها پارٽي مارڪسي- لينني انقلابي نظريي مطابق پورهيت عوام جي وسيع ۾ دائمي انقلابي مفادن جي حمايت ۾ وڙهن ٿا يا انهن جي خلاف.

ڦورن جي راج جي مشينري عوام هلائين ٿا

دنيا جي ٻئي سڃاڻ ۾ سمجهو عوام وانگر سنڌ جا سڃاڻ ۾ سمجهو ڪارڪن ٻہ عوام دشمنن جي اهڙي قسم جي چالن کي صحيح ڪري ويا آهن ۾ انهن خلاف ويڙهہ ڪري رهيا آهن. ڪين خبر آهي ته تاريخ ۾ ڪنهن ٻہ طبقي اکيلي سر نڪا ڪامياب جدوجهد هلائي آهي، نه وري ڪو پنهنجو راج قائم ڪيو اٿن. هر ڪامياب جدوجهد ۾ جدوجهد ڪندڙ طبقن، دشمن طبقن مان پنهنجا حمايتي حاصل ڪري، انهن جي مدد سان سوين ڪتيون آهن.

ڦورو طبقن جو راج شروع کان وٺي اڄ تائين هزارين سال فقط ڦورو طبقن جا ئي ماڻهو پر نه ڦريل طبقن مان پرتي ٿيل مشينري هلائيندي رهي آهي. ان مشينريءَ ۾ ڦورو طبقن جا ماڻهو سدائين هڪڙي تمام ننڍڙي ٽورائيءَ ۾ رهيا آهن. ڦريل طبقن کي ٻہ پنهنجي صدين جي اڻ

جاڻائيءَ، بي سمجهيءَ ۾ اڻ آزمودگاريءَ جي ڪسر پوري ڪرڻ لاءِ دشمن طبقن مان مددگار هٿ ڪرڻا آهن ۽ ويجهن طبقن سان اتحاد قائم ڪرڻا آهن. پورهيت عوام کي سڄي دنيا بدلائڻي آهي، ان لاءِ ڪيس اول پاڻ کي بہ بدلائڻو آهي. مائو چيو آهي تہ "انقلابي جدوجهد نہ رڳو دشمن کي بدلائي ٿي، پر خود اسان ۾ جيڪو ڪن ڪچرو ۽ غلاظت آهي، ان کي ڏوئي صاف ڪري ٿي." عوام دشمن عوام کي ڪٽي ڪهڙيون بہ پيبيون ڏين ۽ ڪنڊ جون گوليون هڻن، پر سجاڳ ۽ سمجهو پورهيت ڪارڪنن کي خبر آهي تہ پورهيت عوام ۾ اڻاھہ ڇڳائين، صلاحيتن ۽ قوتن سان گڏ اڻاھہ برايون، اوگڙ ۽ ڪمزوريون بہ آهن. ڪين ٻين طبقن جي عوام دشمن ماڻهن جي سيڪاريل ۽ مڙهيل انقلاب دشمن ڀالهين کي منهن ڏيڻ لاءِ، انهن طبقن جي عوام دوست ماڻهن کان ڄاڻ، سمجهہ، هنر ۽ ڏاڻ سکڻا آهن. پاڻ کي هڪڙي سوياري انقلابي قوت بنائڻ ۽ دنيا جو حاڪم بنائڻ لاءِ ڪين پاڻ کي بدلائڻ جي ڏکوئي ۽ اوڙ جدوجهد هلائڻي آهي. ٻئي طرف غير پورهيت يا سفيد پوش طبقن مان آيل انقلابين کي بہ پاڻ کي ڏاڪي بہ ڏاڪي بدلائي، پنهنجن طبقن جون عادتون ۽ اوگڙ ڇڏي، پاڻ ۾ مثالي پورهيت ڪارڪن جون عادتون ۽ گڻ پيدا ڪرڻا آهن ۽ پورهيت عوام سان ملي هڪ ٽيٽو آهي، ڪائنس سڪڻو ۽ ڪين سيڪارڻو آهي.

پنجاهہ سالن جي ويڑهہ

ان بہ طرفي عمل کان سواءِ نہ رڳو انقلابي جدوجهد جو ڪامياب ٽيڻ ناممڪن آهي، پر انقلاب آڻڻ کان پوءِ بہ اهو انقلابي عمل اڳ کان بہ وڌيڪ تيزيءَ سان جاري رکڻو آهي. مارڪس دنيا جي پورهيتن کي ٻڌايو آهي تہ "توهان کي 15 سالن، 20 سالن، 50 سالن تائين گهرو ويڑهين ۽ بين الاقوامي ويڑهين مان لنگهڻو آهي. تہ جيئن توهان نہ رڳو موجوده حالتون بدلائي سگهو پر پاڻ کي بہ بدلائي سگهو ۽ پاڻ کي سياسي طاقت استعمال ڪرڻ جي لائق بڻائي سگهو."

(ڏسو مارڪس جو مضمون: "ڪولون ڪميونسٽ مقدمي بابت انڪشاف"۔ مارڪس ۽ اينجلس جون مڪمل لکڻيون، جلد 8، صفحو 506)

انهيءَ خيال کي اڳتي وڌائيندي لينن عوام کي سيکاريو تہ، "پورهيت ڊڪٽيٽرشپ هيٺ اهو ضروري ٿيندو تہ ڪروڙين هارين، ٿوري ملڪيت وارن ملازمن، ڪامورن، سرمائيدار دانشورن کي نئين سر تعليم ۽ تربيت ڏني وڃي، کين پورهيت سرڪار ۽ پورهيت اڳواڻيءَ جي ماتحت ڪيو وڃي، سندن سرمائيدار عادتن ۽ روايتن تي غلبو پاتو وڃي ۽ ساڳيءَ طرح پورهيت طبقي جي ڊڪٽيٽرشپ جي بنياد تي ڊگهي جدوجهد هلائي، خود پورهيتن کي نئين سر تعليم ۽ تربيت ڏني وڃي. پورهيت عوام هڪڙي ڏاڪ سان، ڪنهن ڪرامت جي زور سان، ڪنهن ڪنواري مريم جي حڪم تي، ڪنهن نعري، ڪنهن نُهراءَ ۽ ڪنهن فرمان کي مڃي، پنهنجي ڇوٽي وڇولي طبقي جهڙي ذهنيت ڇڏي ڪونہ ڏيندا. اها مصيبت عوام ۾ عام پکڙيل آهي. ان کي ڪيڙ لاءِ ڊگهي ۽ ڏکي عوامي جدوجهد هلائڻي پوندي." (ڏسو لينن جو ڪتاب: "ڪاپي ڏر جي ڪميونزم هڪڙو ٻاراٽو گوڙ"- لينن جي مڪمل لکڻين جو جلد 25، صفحو 348_347)

ظالماڻي سنڌ دشمن حرڪت

جڏهن تاريخي حالتن ڪري سڄي دنيا جي سڄي پورهيت عوام جي صورت اهڙي آهي، جو ڊگهي، ورن وکڙن ۽ لاهين چاڑهين واري اڙانگي انقلابي جدوجهد هلائڻ ۽ پنهنجو ڪافي ڏهني گند ڪڍرو ان انقلابي جدوجهد جي ڪوري ۾ ساڙي ناس ڪرڻ کان پوءِ ٻہ، انقلابي سوپ حاصل ڪرڻ ۽ ملڪ جو مالڪ ٿيڻ کان پوءِ ٻہ، کين 50 سال ٻيا پنهنجي ذهنن کي سڌارڻ ۽ انهن کي ڦورو طبقن جي خيالن ۽ سوچن کان صاف ڪرڻ جي طوفاني جدوجهد جي ضرورت رهندي، تڏهن اهڙيءَ صورتحال ۾ عوام کي ۽ خاص ڪري انتهائي پوئتي پيل سنڌي عوام کي نام نهاد پيرن اڳاڙي پورهيت پارتي ۽ پيرن اڳاڙي پورهيت اڳواڻي قائم ڪرڻ ۽ اهڙيءَ ريت ٻين طبقن جي عوام دوست ڪارڪنن جي ساڻ، مدد ۽ رهنمائيءَ کان محروم ٿيڻ جو ڏس هڪ نهايت ظالماڻي، عوام دشمن ۽ انقلاب دشمن حرڪت آهي. ڦورو ۽ ظالم طبقن جي صدين جي غلامي سنڌي هارين، مزدورن ۽ ٻي پورهيت

عوام کي ايامن کان اڻ ڄاڻايل، وهمن، وسوسن، جهالتن ۽ گمراهين جي جنهن گنديءَ ڏيڻ ۾ زبردستي گڇائي ۽ ڦاسائي رکيو آهي، هو ان گنديءَ ڏيڻ کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ واجهائي ۽ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. جيڪي ماڻهو سنڌي هارين، مزدورن ۽ ٻي عوام کي اها صلاح ٿا ڏين ته ان ڏيڻ مان نڪرڻ لاءِ مارڪسي- ليننسي انقلابي نظريي ۽ وات مطابق ٻين طبقن جي عوام دوست، انقلاب دوست قوتن جو ساٿ ونڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ رڳو پنهنجي پيرن اڳهاڙائپ تي خوش ٿيو، پاڻ کي دل ۾ نج ۽ نبار پورهيت ليکيو طبقاتي ۽ قومي غلاميءَ جي گنديءَ ڏيڻ ۾ ڦاٿا وينا هجو سي سنڌن دوست نه پر بدترين ۽ ظالم ترين دشمن آهن ۽ عملي طرح عوام دشمنن جي دلالي ٿا ڪن.

عوام دشمن مورچا

پاڪستان جي حاڪم قومن ۽ حاڪم طبقن طرفان گذريل 30 سالن کان وڌي ملڪ جي مظلوم قومن ۽ مظلوم طبقن خلاف جيڪو نظرياتي، سياسي ۽ تنظيمي حملو جاري آهي، ان حملي ۾ انهن عوام دشمنن خود عوام جي اندر عوام خلاف ڪيترائي مورچا کڙا ڪري ڇڏيا آهن. انهن اندرين مورچن مان سڀ کان اڳتي وڌيل عوام دشمن مورچا پناهگير- پنجابي نقلي ترقي پسندن جا آهن. عوام جا اهي قاتل دشمن، انهن مورچن منجهان انقلابي صفن اندر گهڙي، کين همدرديءَ جو دلبو ڏيئي، ويساهي، غافل ڪري، کين ڪُک وارا ڪانَ هڻي، ڪيرائڻ جون ڪوششون ڪندا رهن ٿا.

خطرناڪ ڪتڪ

تجربي ڏيکاريو آهي ته، ٽراتسڪائي ٽولي وارا پاڪستان جي نقلي ترقي پسندن جي سياسي ڪتڪن منجهان ئي هڪڙو ڪتڪ آهن، پر هو نهايت شدمد سان، رات ڏينهن، ٻين عوام ۾ خوار خراب ٽيل پناهگير- پنجابي ترقي پسند ڪتڪن جي گلا ڪندا رهندا آهن. اهڙيءَ ريت هو عوام کي اهو دوکو ڏين ٿا ته اسين انهن سمورن کان ابتڙ آهيون. حقيقت ۾ ٽراتسڪائي توڙي ٻين سمورن پناهگير- پنجابي نقلي ترقي پسند ٽولن (جهڙوڪ: نقوي، نازشي، سي- آر اسلم، حسان

محبوب وغيره نقلي ترقي پسند ٽولن) جو آخري مقصد ساڳيو هڪڙو آهي. هي سمورا ٽولا ملڪ جي مظلوم قومن ۽ مظلوم طبقن جي عوام کي ڪنهن نه ڪنهن آڙ ۾ پناهگير- پنجابي حاڪم طبقن جي بالادستيءَ جي ماتحت ۽ سندن پڇ لٽڪائو ڪري رکڻ گهرن ٿا. منجهن جيڪڏهن ڪو فرق آهي، تہ رڳو اهو تہ هرهڪ ٽولو يا نئي ٿو تہ پناهگير- پنجابي حاڪم طبقن جي بالادستيءَ جو جهنڊو اسان جي هٿن ۾ هجي. ان جي اڳواڻي اسين ڪريون. اها بالادستي جنهن ٻهروپ ۾ لڪائي وڃي، سو اسان جو ٻهروپ هجي، ٻيو ڪونہ. مثال طور: اسلام جو ٻهروپ، پاڪستان جو ٻهروپ، انقلابي جدوجهد جو ٻهروپ، هٿياربند قومي جدوجهد جي حمايت جو ٻهروپ وغيره.

عوام خلاف ٻٽڻ ٽٽڻ

اهي مختلف عوام دشمن ٽولا هڪٻئي جي گلا مان ٻہ ڪٽيو کائين ٿا ۽ عوام خلاف هڪڙي ٻٽڻ ٽٽڻ ناهيو وينا آهن. اهي سمورا پناهگير- پنجابي نقلي ترقي پسند ٽولا ڇڻ پاڻ ۾ صلاح ڪريو مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن کي ڇوٽڪاري جا جيڪي گهٽ کين سُجهن ٿا، سي جهليو وينا آهن. جيڪڏهن ڪو مظلوم سياسي کارڪن ڪنهن وڏي خوش قسمتيءَ سان ۽ وڏي جاکوڙ کان پوءِ ڪنهن هڪڙي پناهگير- پنجابي نقلي ترقي پسند ٽولي جي دوکي جي ديوار کي ڌاهي ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو ۽ پانئي ٿو تہ ڳولا ڪري پنهنجي عوام ۽ قوم جي ڇوٽڪاري جو ڪو صحيح گس هٿ ڪريان، تہ ايجان ٻہ وڪون ٿي مس ڪٽي ٿو تہ هڪدم وڃيو ان پاسي گس جهلي وينل، ڪنهن نہ ڪنهن ٻئي پناهگير- پنجابي نقلي ترقي پسند ٽولي جي وڃايل ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي. هو پهرين تہ هنن کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسي ٿو ۽ ڪانئن ڇڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر هو هڪدم ٻين سيني پناهگير- پنجابي ٽولن تي گارين جو ڏوڙيو لايو ڏين ٿا ۽ اهڙيءَ ريت آخر ڪيس اهو فريب ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو وڃن ٿا تہ جن ماڻهن توکي دوکا ڏيئي، تنهنجي انقلابي زندگي برباد ڪئي آهي، اسين انهن جهڙا نہ پر انهن جي ابتڙ آهيون، اسين ساڳيا اهي انقلابي آهيون، جن جي

توکي سڃي زندگي ڳولا رهي آهي! اهڙيءَ ريت "چورن کان چٽي، گهل تان پيئي" وارو قصو ٿئي ٿو ۽ ڪارڪن اهوئي ساڳيو پناهگير- پنجابي نقلي ترقي پسندن جي ڪنهن نہ ڪنهن گهاٽي ۾ ٻڌجي، چاڪيءَ جي اُٽ وانگر اکيون ٻڌايو آئنده سڃي ٻہ اڳي وانگر پيو ڦيريون پائيندو آهي. گهاٽو ساڳيو هوندو آهي، رڳو جاءِ بدليل هوندي آهي ۽ اُٽ کي ڪاهڻ وارو ڪو ٻيو هوندو آهي! اهڙي حالت ڏسي ماٺهوءَ کي بي اختيار شاهہ جو هيءُ شعر ياد ايندو آهي:

ڪنين ڪامڻ ڪياءِ ڪيئن پنيولئين ڪرها!
اکين مٿي اکيا، پڙ ۾ پيرَ گناءِ،
وڃ ڪِ وسرياءِ ٻڌو جيئن گهاٽي وهين؟

تراتسڪائي ٽولو ٻہ هٿياربند جدوجهد، قومي جدوجهد ۽ خالص پورهيت اڳواڻيءَ جي صحيح مارڪسي- لينني تصور ۾ گهٽ وڌايون ڪري، کين بگاڙي، خراب ڪري، انهن کي عوام جي هٿيارن مان ڦيرائي، پناهگير- پنجابي بالادستيءَ واري نقلي سياست جا هٿيار بڻايو وينو آهي. اهو انهن هٿيارن وسيلي انهن سجاڳ ۽ سمجهو ڪارڪنن جا گهٽ جهليو شڪار ٿو ڪري، جيڪي نقلي نازشي ٽولي توڙي احسان محبوب ٽولي، سي- آر اسلم ٽولي ۽ ٻين پناهگير- پنجابي نقلي ترقي پسند ٽولن جي عوام دشمن، انقلاب دشمن سياست کي نيٺ سڃاڻي، صحيح ڪري، انهن کان الڳ هڪڙي صحيح عوامي قومي جمهوري انقلابي واٽ ڳولي رهيا آهن يا اها وٺي ان تي ڪجهہ اڳيرو ٽي چڪا آهن.

ملڪ جا عوام پاڻ ۾ نہ ملن

پاڪستان جا پناهگير- پنجابي تراتسڪائي چاهين ٿا تہ ملڪ جون سموريون جمهوري، انقلابي ۽ سامراج دشمن قوتون پاڻ ۾ ملي هڪ ٿيڻ بدران ڇڙوڇڙ هجن، تہ جيئن هو منجهانئن هرهڪ کي الڳ الڳ پنهنجي غلط نظريي جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائي، غلط راهہ ڏانهن گهلي سگهن. ٻيءَ حالت ۾ کين ڊپ آهي تہ جي اهي سڀ قوتون هڪٻئي سان بحث مباحثا ڪري، وڙهي جهڙي، رُسي پرچي، کنهن گڏيل راهہ تي

ٺهيون ۾ اتحادن جي ٺهڻ ۾ ڀڃڻ ۾ وري ٺهڻ ۾ وري ڀڃڻ، نيٺ وري به ٺهڻ جي عمل مان گذرنديون، ته پوءِ کين ٽوڙي، ڌار ڪري، ٽراٽسڪائي نظريي ۾ واٽ جو غلام بنائڻ ناممڪن ٿي پوندو. اهوئي سبب آهي جو هنن بلوچ وطن دوستن ۾ سنڌي وطن دوستن کي هڪٻئي کان هميشه پري رکيو آهي. هو مختلف حيلن ۾ بهانن سان کاٻي ڌر جي اتحاد کي ٺهڻ، وڌڻ ويجهڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ نٿا ڏين ۾ سر ڏڻ جي بازي لڳائي، طرحين طرحين حرفتون هلائي، ان کي تاربيبو ڪندا رهيا آهن. اهڙيءَ طرح هي قومي جدوجهد کي اکيلو ۾ ڪمزور ڪندا آيا آهن.

علمي برتريءَ جو ناجائز فائدو

ڪورو ۾ ظالم سماج بالادست طبقن ۾ قومن کي نه رڳو سياسي ۾ اقتصادي ميدانن ۾ عوام مٿان هٿرادو برتري ڏئي ٿو پر علمي ۾ ثقافتي ميدانن ۾ به کين خاص رعايتون، خاص وسيلا ۾ خاص موقعا ڏيئي، عوام کي هٿرادي نموني زبردستيءَ جاهل رکي، بالادست طبقن ۾ قومن جي ماڻهن کي عوام جو علمي ۾ ثقافتي بالادست بڻايو ڇڏي. پاڪستان جا وڏا ٽراٽسڪائي جيئن ته بالادست قومن ۾ طبقن جي ماڻهن، يعني پناهگير-پنجابي سرمائيدار طبقي جي ماڻهن جا پُٽ (جهڙوڪ: محمد پاپا، نجم سيٺي يا سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي چيف جسٽس اي. اي. رحمان جا پٽ وغيره) آهن ۾ جيڪڏهن اتفاق سان سنڌن کو هڪ اڌ ظاهري ليڊر مظلوم قومن منجهان به کڻي آهي، پر اهو به ڪونه ڪو وڏو سردار يا نواب هوندو آهي، تنهن ڪري هو اڪثر يورپ ۾ آمريڪا مان تعليم حاصل ڪيل اعليٰ تعليم يافته ٿين ٿا. کين انگريزي ٻولي ڏري گهٽ مادري زبان وانگر اچي ٿي. هو عام انقلابي ڪتاب ۾ خاص ڪري آمريڪا ۾ يورپ جي بي انداز ٽراٽسڪائي پروفيسرن ۾ عالمن جا لکيل گهڻائي ڪتاب پڙهيو وينا هوندا آهن. سنڌن وچولي طبقي مان پيدا ڪيل اڪثر ننڍا ليڊر ۾ مڪيه ڪارڪن به گهڻائي ٽراٽسڪائي ڪتاب پڙهيل هوندا آهن. کين سمورو وقت سنڌن بين الاقوامي مرڪز جي رهنمائي، پٽيرائي ۾ مدد ميسر هوندي آهي. هو ڪڏهن به اهو ظاهر نه ڪندا آهن ته هو اصل ۾ ڪهڙي نظريي ۾

ڪهڙي واٽ جا پوئلڳ آهن. هو پاڻ کي دنيا اڳيان ٽراٽسڪائيءَ جا نه پر مارڪس، لينن ۽ مائو جا پوئلڳ ظاهر ڪندا آهن. پنهنجي طبقاتي ۽ قومي بالادستي ۽ ان وسيلي حاصل ڪيل ظاهري علمي برتريءَ جو غلط فائدو وٺي، مارڪسي- لينني ڪارڪنن جي بهروپ ۾، هو مختلف تنظيمن اندر گهڙي، هٿ ڏوئي انهن تنظيمن جي سادن سودن ڪارڪنن جي پويان پوندا آهن. اعليٰ تعليم ۽ گهٽي مطالعي جي ڪري هو بحث مباحثي جا ڀڙ ۽ انقلابي لفاظيءَ جا ماهر هوندا آهن، ان ڪري هو انقلابي تنظيمن جي عام نظرياتي ڪارڪنن جي اڳيان علم جا اڪابر، انقلابي افلاطون نظر ايندا آهن. هو هر وقت تمام سرگرم نظر ايندا آهن ۽ جنگ جنگ ڪندا ۽ فوجي فقرا استعمال ڪندا رهندا آهن. هو هڪدم هٿياربند جدوجهد شروع ڪري، اقتدار تي قبضو ڪري، تريءَ تي بهشت ڪري ڏيڻ جون ڳالهيون ڪندا آهن. هو بلوچستان، فلسطين، بيروت ۽ ٻين هنڌن تي ٽراٽسڪائي ڪارڪنن جي ويڑهو ڪارنامن جا حوالا ڏيندا آهن. خير بخش مري، جارج حباش ۽ ٻين جا نالا رومانوي ۽ ڊرامائي انداز ۾ وٺندا آهن ۽ انقلاب بابت الف ليليٰ جي داستان جهڙا داستان ٻڌائيندا آهن.

هن ملڪ ۾ عام طرح ۽ مظلوم قومن ۾ خاص ڪري عوام جي طرفان قائم ڪيل حقيقي انقلابي تنظيمن کي ڪاب بين الاقوامي پنيرائي، رهنمائي ۽ مدد ميسر نه هوندي آهي. سندن اڳواڻ گڙنگ سرمائيدار ۽ ولايت پاس نه هوندا آهن. سندن ڪارڪن عام طرح رڳو سنڌي يا اردو پڙهيل هوندا آهن يا وڌ ۾ وڌ اڏوگابري انگريزي پڙهيل هوندا آهن. ٽراٽسڪائي، سرمائيدار اڳواڻ ۽ سندن اعليٰ تعليم ۽ تربيت حاصل ڪيل نمائندا ڪيترن ئي ڪارڪنن جي مختصر تعليم، سندن واجبي انقلابي سمجهه ۽ تجربي جو وڏي آسانيءَ سان ناجائز فائدو وٺي، کين گمراهه ڪري، کين پنهنجي "ترت ۽ تيز انقلاب" جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائي سگهندا آهن. سندن گرما گرم ۽ تريءَ تي بهشت ڪري ڏيکارڻ جون ڳالهيون عام انقلابي تنظيمن جي ڪيترن عام نظرياتي ڪارڪنن جو عقل چرخ ڪري، سندن پير

ڪيي ڇڏيندیون آهن ۽ هو پائنڊ لڳندا آهن ته هيترا ڏينهن اسان الائي ڪهڙيءَ رُڄ ۾ پئي پٽڪياسين، سچا انقلابي ته سڄي زندگيءَ ۾ اجهي اڄ ۽ هي ڏٺا اٽئون!

ٽراٽسڪائين جي تنظيمي پاليسي

هنن هڪڙي خاص پاليسي ناهي آهي، جا هاڻ ڪافي ڄاڻجي سڃاڻجي چڪي آهي. سندن ڳجهي پارٽيءَ جو هيڊ ڪوارٽر يورپ ۾ آهي. هتي پاڪستان ۾ هو ڪابه هڪڙي، يڪي ٽراٽسڪائي قانوني جمهوري تنظيم نٽا ناهين. ان بدران هو پنهنجا ماڻهو چور دروازن کان ۽ بدليل ويسن ۾ مختلف تنظيمن ۾ داخل ڪن ٽا. اهي اتي ويجي انهن تنظيمن تي يا ته يڪو قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٽا يا اهي اتي رهي انهن کي ڪم ڪرڻ نٽا ڏين. آخر ڏڳهي منظم سازش جي ڪارروائيءَ وسيلي انهن تنظيمن کي اڏوهيءَ وانگر اندران کائي چٽ ڪيو وجي ٽو ۽ قومي جدوجهد، هٿياربند جدوجهد ۽ هڪدم سوشلسٽ انقلاب جي دلفريب نعرن وسيلي انهن تنظيمن مان ڪارڪنن جو ڪافي تعداد پاڻ سان ملائي، نيون خالص ٽراٽسڪائي تنظيمون قائم ڪيون وڃن ٿيون.

پاڪستان ۾ ڪاهي ڏر جي وڏي ۾ وڏي ڪليل تنظيم مزدور ڪسان پارٽيءَ کي ٽراٽسڪائين ٽوڙي چار ٽڪر ڪري ڇڏيو. پاڪستان نيشنل پارٽيءَ ۾ هنن جو هڪڙو وڏو ٽولو موجود آهي. بلوچ استوڊنٽس فيڊريشن جو اڳواڻ رزاق بگٽي به انهن منجهان آهي ۽ انهيءَ ۽ سندس ٽراٽسڪائي ساٿين بلوچ استوڊنٽس آرگنائيزيشن (B.S.O) تي قبضو ڪري ورتو آهي. هن وقت ٽراٽسڪائين جيڪي ڪليل تنظيمون ناهيون آهن، سي هيٺيون آهن. اهي بظاهر هڪٻئي کان الڳ آهن، پر حقيقت ۾ هو سڀ هڪڙي شيءِ آهن:

متحده مزدور فيڊريشن (عثمان بلوچ، ڪرامت)، قومي محاذِ آزادي (معراج محمد خان)، لبريشن فرنٽ راولپنڊي (رفعت پاپا)، محنت ڪش محاذ ملتان (ميان بشير)، بلوچ لبريشن فرنٽ وغيره.

انهن کان سواءِ امتياز عالم ۽ شير علي باچا جي تنظيمن تي به

تراتسڪائين جو ڪافي اثر آهي. تازو سنڌي ڪارڪنن منجهان به مٿئين نموني ڪات هٽي. سازشي طور هڪڙو تراتسڪائي ٽولو ناهيو ويو آهي. انهن سيني ٽولن جي حقيقي اڳواڻي پناهگير- پنجابي ٽولو ڪري ٿو. ڪي بلوچ سردار به نظرياتي طرح انهن جا پوئلڳ آهن.

به وضاحتون

اها ڳالهه صاف سمجهڻ گهرجي ته پاڪستان جي تراتسڪائي اڳواڻن جو اعليٰ تعليم يافته هجڻ سٿي ڳالهه آهي. خراب ڪانهي. خراب ڳالهه اها آهي ته سندن اها اعليٰ تعليم گهٽي ياڻگي سرمائيداري لاڙا رکندا اعليٰ تعليم آهي. سندن مارڪسي- لينني انقلابي مطالعو مٿاچرو محدود ۽ هڪ طرفو آهي. سڀ کان خراب ڳالهه اها آهي ته هو پنهنجي تعليم کي عملي طرح عوام جي فائدي لاءِ ٿورو ۽ عوام جي خلاف گهٽو ڪتب آڻين ٿا. ٻئي طرف ايئن به هرگز نه سمجهڻ گهرجي ته مزدور ۽ هاري صدين جي بي خبرين، اڻ ڄاڻاين، جهالتن، گمراهين، وهمن وسوسن ۽ تعصبن جو ڳاڻي ٽوڙ ٻُجهڪو هميشه لاءِ متي تي ڪٽيو هلندا ۽ ڪين سموري ڄاڻ، هنر، فن، نظريو ۽ سائنس سدائين ٻين طبقن جي عوام دوست ماڻهن کان ئي حاصل ڪرڻي پوندي يا انهن ڳالهين جي هڪ هٿي ڪا هميشه ئي غير پورهيت طبقن وٽ ئي رهندي. عوام انقلاب کان اڳ توڙي انقلاب کان پوءِ، پنهنجي انقلابي جدوجهد وسيلي پاڻ ۾ زبردست تبديليون آڻي رهيا آهن ۽ آڻيندا رهندا.

غير پورهيت طبقن جي علمي، نظرياتي ۽ سائنسي هڪ هٿي ڏاڪي به ڏاڪي گهٽ ٿي رهي آهي. عوام خود حاڪم طبقا بڻجي رهيا آهن. هو گذريل علمي، ثقافتي ۽ سائنسي ورثي مان خراب شيون اڇلائي ڦٽيون ڪري، چڱيون شيون چونڊي هٿ ڪري، ٻين طبقن جي عوام دوست ماڻهن جي مدد سان آهستي آهستي اڳتي وڌي رهيا آهن ۽ ڏاڪي به ڏاڪي نيون ڄاڻون، نوان ڏاڻ ۽ نوان هنر پرائي رهيا آهن. جتي جتي عوام اقتدار تي قبضو ڪري چڪا آهن، اتي عوام خود علم، ثقافت ۽ سائنس جي وسيلن تي قبضو ڪري ۽ ٻيا نوان وسيلا خلقي، نئين عوامي انقلابي علم، ثقافت ۽ سائنس جا خالق بڻجي رهيا آهن. مزدورن ۽ هارين جا پٽ انجنيئر، سائنسدان، اديب، مفڪر، جنرل، سياستدان ۽ نظريي دان بڻجي چڪا آهن ۽ بڻجي رهيا آهن.

جيڪڏهن پاڪستاني ٽراٽسڪائين جي سنڊي چاڙڻن جي چوڻ موجب عوام کي ٻين طبقن جي عوام دوست ماڻهن جي مدد ۽ سچي ساٿ کان محروم رکجي ها ۽ کين سندن ذهني ۽ نظرياتي پستيءَ جي حال تي ڇڏيو وڃي ها، تہ جيڪر عوام هرگز ايترو اڳتي وڌي نہ سگهي ها!

ان کان سواءِ ماڻهو هميشه پنهنجا طبقا بدلائيندا رهندا آهن. عوام جا ماڻهو ظالم طبقن ۾ شامل ٿيندا آهن ۽ ظالم طبقن جا ڪيترائي ماڻهو پنهنجن طبقن کي ڇڏي عوام ۾ داخل ٿيندا آهن. اهڙن ماڻهن مان جيڪي سچي دل ۽ محڪم ارادي سان، توڙ تائين عوام جو ساٿ ڏين ٿا، اهي جڏ پنهنجو اصل طبقو مٽائي پورهيت طبقي ۾ داخل ٿين ٿا. اهي ماڻهو آيا ڪٽي ڪهڙن بہ طبقن مان هجن، پر پوءِ هو عوام جا ماڻهو ٿي پون ٿا ۽ عوام ۾ ئي شمار ٿين ٿا.

پورهيوپڻ قسمن جو ٿيندو آهي: هڪڙو جسماني ۽ ٻيو دماغي ۽ ذهني. ڪورو طبقا فقط دماغي ۽ ذهني پورهئي کي ئي اهميت ڏين ٿا. انقلاب جي سائنس ٻنهي پورهين کي هڪجهڙي اهميت ڏئي ٿي. تنهن کان سواءِ پورهيت فقط اهو نہ آهي جيڪو پنهنجي يا پنهنجي ڪٽنب لاءِ جسماني يا دماغي پورهيو ڪري ٿو جيڪو ماڻهو پنهنجي عوام جي گڏيل فائدي لاءِ جسماني يا دماغي يا ٻنهي قسمن جو پورهيو ڪري ٿو سو بہ پورهيت آهي. بلڪ ٻين کان گهڻو اتم پورهيت آهي، پوءِ پلي ڪٽي هو ڪهڙي بہ طبقي کان عوام جي خدمت ۾ آيو هجي. اهوئي سبب آهي جو غير مزدور غير هاري طبقن مان اڇي پورهيت عوام لاءِ ذهني ۽ جسماني پورهيو ڪندڙ عظيم پورهيت انسانن: مارڪس، اينجلس، لينن، مائوزي تونگ ۽ هوچي منهہ کي سندن اصلوڪن طبقن جي ماڻهن طور نہ پر عوام جي ماڻهن طور بلڪ عوام جي عظيم پورهيت اڳواڻن طور تسليم ڪيو وڃي ٿو ۽ روءِ زمين جا انقلابي پورهيت سندن عظيم پورهيت انقلابي اڳواڻيءَ تي فخر ۽ ناز ڪن ٿا.

جدوجهد ڪريو

ٽراٽسڪائي غلط نظريي، غلط وات ۽ انقلاب دشمن سازش خلاف محڪم ارادي سان ڊگهي، اٽانگي ۽ اورچ نظرياتي، سياسي ۽ تنظيمي جدوجهد ڪرڻ نہ رڳو سنڊ ۾، پر سموري ملڪ ۾ انقلاب جي مکيہ ضرورتن مان هڪ آهي.

عالمي انقلابي پورهيت تحريڪ جو عارضي بحران

[1990ع ۾ ڪجھ معروضي حالتن سبب ۽ ڪجھ سوويت يونين جي آخري وزيراعظم گورباچوف ۽ سندس هم خيال ٽولي جي مغربي سامراج ڏانهن جھڪيل حڪمت عملين سبب سوويت يونين ٽٽي ويئي ۽ سڄي دنيا ۾ هوڪريا پئجي ويا ته روس مان پورهيت راج سان گڏ دنيا مان پورهيت نظريو ۽ عالمي پورهيت تحريڪ جون پاڙون هميشہ لاءِ پٽجي ويون. سنڌ سميت پاڪستان جي ترقي پسند تحريڪ جا وڏا وڏا ٽڪرا ٿيا ڏهي اچي پٽ پيا. ڏسٽا وائسٽا ماڻهو پورهيت عوام جي نظريي ۽ تحريڪ خلاف گوال ۽ جڙ واعدي معاف گواهہ بڻجي. وڏا وڏا بيان ڇپائي، ان تحريڪ کان پنھنجي بيزاريءَ جا اعلان ڪرڻ لڳا.

ان ماحول ۾ پليجي صاحب "ويا اُڏامي ڪک، پڙ تان پاهڙ نہ ڇُري" جو ثبوت ڏيندي هي مقالو لکي. دنيا کي اها حقيقت ٻڌائي ته سوويت يونين جو خاتمو طبقاتي، قومي ۽ سماجي حق ۽ انصاف لاءِ عالمي جدوجهد جي تحريڪ جو خاتمو ناهي. اها جاري رهندي ۽ وري ٻہ منزلون ماڻيندي. تاريخ پليجي صاحب جي اڳڪٿي صحيح ثابت ڪري رهي آهي — مرتب]

صدين پجاڻان، وڏن جنگاڻن کان پوءِ اڪل مني صدي اڳ هڪڙو اهڙو ڦرڪو ڦريو جو ڇٹ پٽن سان لڳي ويا ۽ روس ۽ ڏرتيءَ جي ڪجھ ملڪن ۾ پورهيو ڪرڻ وارا ماڻهو ملڪن جا مالڪ ٿي ويا. انساني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ، مڪر ۽ فريب جي هڪ هٿيءَ جا بنياد خطري ۾ پئجي ويا. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن مٿان صدين کان هلندڙ سرمائيدار سامراجي سلطنت، جنهن تان سج لٿو ئي نٿي، تنهن جون ديوارون لڏڻ لڳيون. ايرن ۽ هيٺن ماڻهن، طبقن ۽ قوتن، جن جي اکين مان ساهہ ٿي نڪتو تن جي منهن تي رونق اچي ويئي. عالمي نظام ۾ ڪئين اهڙيون

تبديليون آيون. جن جو اڳين صدين ۾ ماڻهو تصور به نٿي ڪري سگهيا. پر مني صديءَ کان پوءِ قصو ذري گهٽ الٽو ٿي ويو آهي. اڄ اوير يورپ جا اڳوڻا سوشلسٽ ملڪ، سوشلزم تان هٿ کڻي ويا آهن. خود روس هڪڙي زبردست گهٽ- طرفي گهوٽالي مان لنگهي رهيو آهي ۽ سڄي جهان ۾ پڪارون پئجي ويون آهن ته "سوشلزم ختم ٿي ويئي! پورهيت راڄ جو تجربو ناڪام ۽ تصور غلط ثابت ٿيو!" سرمائيدارن جا اهي خفيه ايجنٽ ۽ ففٽ ڪالمسٽ، جيڪي گذريل پوڻي صديءَ کان پنهنجون تخريبي ڪارروائيون، ٽراٽسڪيءَ جي پوئلڳن جو چوغو پائي پيا ڪن ۽ جن ڪالهه تائين سوشلزم کي تريءَ تي بهشت پيدا ڪندڙ جادوءَ جي ڇڙهي ٿي سڏيو ۽ جن پورهيت عوام کي بتال، ڇڙوڇڙ ۽ اڪيلو ڪري سندن متو رلائڻ لاءِ "گهيرائو جلائو"، "نوجوانن جي قيادت"، "پيرن اگهاڙن جو انقلاب" ۽ ٻيا اهڙا هوائي نعرا هٽي، عالمي پورهيت تحريڪ کي اندران ئي اندران تاريڪيءَ ۾ پئي ڪيو تن جي ته پيگهي مچي ويئي آهي ۽ خوشيءَ وچان هنبوچيون هڻي، تاڙيون وڄائي، "ختم! ختم!" جا اوناڙ ڪري، سڄي دنيا متي تي ڪٽي ڏني اٽن.

نامور آمريڪي ليکڪ مارڪ ٽوئن چيو هو ته "منهنجي موت جي خبر ڪجهه مڙيئي وقت کان اڳي شايع ٿي آهي." انسان ذات طرفان غلامدارن، جاگيردارن، سرمائيدار سامراجين جي خدائيءَ کي، چئلينج ڪرڻ جي ڪوشش کي رسيل رهزن ڏڪن جي اطلاعن تي، جيڪي سڄي دنيا جي عوام دشمنن ۾ ڪڇيون پيون لڳن، سي سمورين نين ڳالهين ۽ حالتن جي باوجود انتهائي وڏاءَ واريون آهن.

1917ع واري انقلاب جي پهرينءَ گهڙيءَ کان وٺي، بلڪ انساني تاريخ ۾ ظالم ۽ مظلوم ماڻهن جي وچ ۾ پهرئين مقابلي جي پهرئين پل کان وٺي، دنيا جي پورهيت دشمن ۽ مظلوم دشمن ماڻهن، تولن، طبقن، قومن، حڪومتن ۽ نظامن جي واردات جو طريقو اهو رهيو آهي ته پورهيتن ۽ مظلومن خلاف هر پل، هر گهڙيءَ نت نين سازشن جا ڄار وڇائيندا رهو. ان سان گڏ بار بار، هر هنڌ ۽ هر ڪنهن کي چوندا رهو ته، "ڪجهه ڪونه ٿيندو"، "ڪجهه ٿيٽو ئي ناهي"، "سوال ئي پيدا نٿو ٿئي"، "مجال آهي جو

ڪجھ ٿئي." اڻ ئي پھر، لڳاتار سيني پاسن کان ۽ سيني هنڌ، ظاهري توڙي ڳجھا حملا ڪندا رهو ۽ جوابي وار ٽيڻ تي ڪُوڪريا ڪريو ته "اسان کي ڪجھ ڪونہ ٿيوا ڏڪ گُسي ويوا" جڏهن پاڻ کي ڪا چڱي موچاري ضرب لڳي ته چئو ته "ايئن ته ٿيندو آهي! اها ته معمولي ڳالھ آهي! ڏينهن ۾ سيڪ ٽي ويندو." پر پاڻ جڏهن وار ڪجي ۽ اڳلي کي ڪا چڱي موچاري چپيٽ اچي ته هڪدم وٽي ڪڳيون هڏجن ۽ ڪُوڪريا ڪجن: "ختما! ختما!" "ڪجھ ڪونہ هوا! اصل هوئي ڪجھ ڪونا جيڪي هو سو ختم ٿي ويو هاڻي سڀ کو پنهنجي گھر پڄي وڃي." "پڄي وڃوا لکي وڃوا"

جڏهن آڪٽوبر 1917ع ۾ انقلاب آيو، تڏهن سڄي دنيا جا سرمائيدار سامراجي يڪ آواز ٿي اعلان ڪرڻ لڳا، "انقلاب هفتو ٻہ مس جتاءِ ڪندو ويو ختم ٿي!" وري پھرين جنگِ عظيم ڪٽڻ کان پوءِ اعلان ڪيائون ته "هاڻ پورهيت انقلاب جي بچڻ جو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿو ٿئي!" پھريائين ڪارنيلوف ۽ دينيڪن جھڙن انقلاب دشمن قذاق جرنيلن هٿان حملا ڪرايائون ۽ پوءِ وري علي الاعلان ميدان ۾ آيا ۽ چوڏهن ملڪن گڏجي انقلابي قوتن تي حملو ڪيو جن ۾ آمريڪا، انگلينڊ، فرانس، جاپان جھڙيون عالمي طاقتون ٻہ شامل هيون ۽ اعلان ٿي ويو ته "انقلابي پورهيت راج جو قصو پورو ٿي ويوا" "ڪيل ختم، پئسا هضما" پر انقلابي پورهيت راج مرڻينگ حالت هوندي ٻہ ڪونہ مئو ۽ سڄي دنيا جي پورهيت دشمنن ۽ مظلوم دشمنن کي شڪست ڏيئي زندهہ رهيو. پوءِ جڏ سڄي دنيا هٿان انقلابي پورهيت راج جو سياسي، اقتصادي ۽ سفارتي بائيڪاٽ ٿي ويو. چرچل جي زهريلن لفظن ۾ اعلان ڪيو ويو ته، "بک ۽ ڏڪار جو راڪاس انقلاب کي گھوگھو ڏيئي پورو ڪري ڇڏيندوا" پر انقلاب نہ رڳو جيئرو رهيو پر وڌندو ويجھندو ٻہ رهيو. پوءِ جرمنيءَ ۽ اٽليءَ کي تيار ڪرائي، مچائي مواڙ ڪري، انهن کي بچ ڪري، ڪائنئ حملو ڪرايائون ۽ چيائون، "هاڻ ڳالھ ختم ٿي ويئي." آمريڪين چيو "ڏيڍ هفتي ۾ ختم ٿي ويندو." انگريزن چيو ته، "نا ڏيڍ مهينو ڪيڍ ويندو." پر خبر تڏهن

پيئي، جڏهن سمورين تباهين ۾ سازشن جي باوجود پورهيت فوجون خود برلن تي وڃي ڪڙڪيون ۾ ان جو گهيراءُ ڪري نازي جرمنيءَ کي نڙيءَ تي لت رکي، ڪيس پيش پوڻ لاءِ مجبور ڪيائون. ان وچ ۾ سڄي دنيا کي، خاص ڪري انقلابي پورهيت تحريڪ کي بليڪ ميل ڪرڻ لاءِ ايٽم بم تيار ڪري، بنا ڪنهن خاص ضرورت جي جپان تي استعمال ڪري، ايٽمي بليڪ ميلنگ، سرد جنگ ۾ هٿيارن جي ڊوڙ شروع ڪري ڇڏي ويئي، پوءِ هائيڊروجن بم، نيوٽران بم، اعصابي ۽ حياتياتي هٿيار ۽ پوءِ خلا مان مار ڪندڙ هٿيار، ايس. ڊي. آءِ. مطلب ته اڻ ئي پهر پورهيت انقلابي تحريڪ خلاف سڀ طرفي ۽ سڀني قسمن جي جنگ جاري رکيائون. ان جنگ جي اقتصادي، سياسي ۽ فوجي دباءَ سبب، پورهيت انقلابين کي پنهنجي بجيٽ جو وڏو حصو خرچ ڪري هٿيارن جي ڊوڙ ۾ حصو وٺڻو پيو جنهن جي ڪري ملڪ جي مالي، اقتصادي ۽ بين وسيلن ۽ ڍانچن تي سهپ کان وڌيڪ دباءُ پوندو رهيو.

انقلابي استادن مارڪس ۽ اينجلس جي چوڻ پٽاندر ڪامياب سوشلسٽ نظام اهو چئبو جيڪو اهڙن سماجن ۾ اچي، جيڪي روس ۽ اوپر يورپ جي ملڪن جهڙا نهايت پوئتي پيل، غريب، جاگيردار بالادستيءَ وارا سماج نه هجن، پر اهڙا سماج هجن، جيڪي جاگيرداري نظام کي ختم ڪري، سرمائيداري نظام قائم ڪري، جاگيرداري نظام جون مڙهيل سموريون پسماندگيون، موڳايون، واڌرپون ۽ بي بنديستيون ختم ڪري، سرمائيداري نظام جي سمورين خوبين کي پاڻ ۾ جذب ڪري، انهن جو پرپور فائدو وٺي، هاڻ ان کان بہ اڳتي نڪري ويا هجن.

انقلابي استادن خبردار ڪيو ته "دنيا جا سرمائيدار ملڪ اهڙي انقلاب کان گهٽ ڊاڪي واري انقلاب کي جيئڻ ڪونہ ڇڏيندا ۽ پاڻ ۾ ٻڌيون ڪري، ان کي ايئن نڙيءَ تي گهٽو ڏيئي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا، جيئن يورپ جي جاگيردار حڪومتن صلاح ڪري فرانس جي سرمائيدار انقلابي تحريڪ کي نڙيءَ تي گهوگهو ڏيئي، ذري گهٽ اڌ مئو ڪري ڇڏيو هو." انهن تنهن ڪري چيو ته "پورهيت انقلاب اهو ڪامياب ٿيندو، جيڪو جيڪڏهن سڄي يورپ جي

ڪجھ. سڀ کان اڳتي وڌيل سرمائيدار ملڪن ۾ ساڳئي يورپ ۾ ساڳئي وقت نہ اچي. تہ بہ گھٽ ۾ گھٽ وقت ۾ ضرور اچي." سندن راءِ هئي تہ پهريون انقلاب جرمني، انگلينڊ، فرانس جهڙن ملڪن ۾ ساڳئي وقت اچي تڏهن ڪم ٿهندو.

تاريخ انسانن هٿان تہ ٿهندي آهي، پر سندن مرضيءَ مطابق نہ. ان جا چڪر ۽ ٽائيم ٽيبل پنهنجا هوندا آهن. ويهين صديءَ ۾ دنيا جي ڪنهن بہ اڳتي وڌيل سرمائيدار ملڪ ۾ پورهيت انقلاب لاءِ ميدان سازگار نہ ٿيو. تاريخ انهن اڳتي وڌيل ملڪن بدران روس جهڙي نهايت پوئتي پيل، جمهوريت جي "ج" کان بہ اڻ واقف، زارشاهي، ييانڪ ڊڪٽيٽرشپ جي پسماندگيءَ، بي بندوبستيءَ، واڙپ ۽ افراتفريءَ جي ڏهڙ ۾ قائل ملڪ ۾، هڪڙي ايري سيري ۽ نهايت ڪمزور پورهيت انقلاب جو امڪان اوچتو روشن ڪري ڇڏيو!

آسمان بارِ امانت نہ تو انست کشید،
قرعۂ فال بنامِ منِ دیوانہ زدند.
(حافظ)

جنهن انقلاب جو بار سڄو يورپ نہ کڻي سگهيو تنهن جو پُڪو پوئتي پيل ۽ لاچار روس جي ماريل ۽ مسڪين عوام جي نالي نڪتو! تراتسڪيءَ جهڙن هڪڙو وڏو بحث شروع ڪري ڇڏيو تہ روس جهڙي پوئتي پيل ملڪن ۾ بہ انقلاب اچي سگهي ٿو ڇا؟ يا اچڻ گهرجي بہ ڇا؟ خود لينن چيو "اهو انقلاب 9 مهينن کان اڳ ڇاول ٻار وانگر ڪچو ۽ ڪمزور هوندو." پر ان اهو بہ چيو تہ "جي مڙسي ڪجي تہ اهو ڪمزور ۽ ڪچو ٻار بچي بہ سگهي ٿو ۽ ڏڪا ڏوما کائي، کنهن ڏينهن مچي مواڙ ٽي، مڙس بہ ٽي سگهي ٿو ٽيڻ گهرجي ۽ اوس ٽيندو." پوءِ وقت کان اڳ ڇاول ان ڪمزور ٻار، يورپ جي مچي مواڙ ٽيل سرمائيدار داداگيرن جي گهيرن، حملن ۽ اڳرائين وچان جيڪي انساني عقل کي چرخ ڪندڙ ڪارناما سرانجام ڏنا، تن جهڙو مثال انساني تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

ننڍو ته ڪوهه پر وڪين آهي وترو
وڇيو ڪاڪ ڪنڊين ۾ پهس پکيءَ جيئن پوءِ
ان ڪر سندو ڪوءِ، ميو مانو نه ٿئي.
(شاهه)

ڪن قبيلن، قومن ۽ ملڪن جي وچ ۾ لڙايون صدين تائين ختم نه ٿينديون آهن ۽ ڪٽ- هار جو فيصلو نه ٿي سگهندو آهي. ٻيو ته نهيو رڳو ويٽنام ۽ چين جهڙي هڪڙي ملڪ کي آزاد ٿي، پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۾ ٻه سؤ سال لڳيو وڃن. اهڙيءَ صورت ۾ اها اميد رکڻ ته جڏهن ٻه سماجي نظام پاڻ ۾ ٽڪربا، تڏهن انهن ۾ ڪٽ- هار جو فيصلو ڪنهن هڪڙيءَ پاڻي پٽ جهڙي لڙائيءَ ذريعي ٿي ويندو، يا وڌ ۾ وڌ پنجاهه سؤ سالن اندر ٿي ويندو سو خيال تاريخي حقيقتن کان اڻ واقفيت ۽ اڻڄاڻائيءَ تي ٻڌل ٿيندو. سماجي نظامن جا ٽڪر صدين جون صديون هلندا آهن. مثال طور: جاگيرداري نظام ۽ غلامدار نظام جي وچ ۾ صدين جون صديون موتمار لڙايون لڙيون ويون. ساڳيءَ طرح سرمائيداري نظام ٻه جاگيرداري نظام تي ڪو پنجاهه يا سؤ سالن ۾ فتح حاصل ڪانه ڪري ورتي هئي. اهو ڪٽ- هار جو فيصلو صدين کان پوءِ، هزارين ننڍين وڏين لڙاين کان پوءِ ٿيو ان ڪري سوشلزم ۽ سرمائيداريءَ جو مقابلو ٻه هڪ اڌ صديءَ جو فيصلو ناهي. اهو صدين جي لڙائيءَ کان پوءِ ٿيڻ وارو فيصلو آهي. مائوزي تنگ ان ڪري صاف لفظن ۾ چئي ويو آهي ته، "سوشلزم ۽ سرمائيداريءَ مان ڪير ڪٽيندو ان فيصلي ۾ صديون لڳي ويندين." انهيءَ وچ ۾ عالمي انقلابي تحريڪ پنهنجي طرف وڌندي وات تي بار بار دشمن جي گهيري ۾ وکوڙجندي، ايا تائين اڳتي وڌندي رهي آهي ۽ ڪڏهن ٻه سڪ جو ساهه ڪٽي، انقلابي عوام جي سمورن بنيادي دردن جي دوا ڪرڻ جي منزل ماڻي نه سگهي آهي. شاندار سماجي پيش قدمين، بي مثال سوين ۽ سماجي معجزن سان گڏوگڏ بکون، ڏڪ، محروميون، بي انصافيون، ظلم، نڱيون، مڪر ۽ جبر مڪمل طرح دور نه ٿي سگهيا. ڪن حالتن ۾ اهي ٿورو گهٽو گهٽيا ته ڪن ۾ وري اڳي کان ٻه وڌي ويا. ڪيترائي

انساني حق ۽ آزاديون، اسرندڙ سوشلسٽ نظام، سرمائيداري نظام اڳتي وڌڻ جي بدران زارشاهي سطح تي ئي پوئتي پيل ۽ پائمال رهجي ويون. سرمائيداري نظام وانگر اسرندڙ سوشلسٽ نظام ۾ وڏا تضاد ۽ گهوتالا پيدا ٿيا، اقتصادي نظام ۾ وڏا زيان ٿيا. ڪيترين حالتن ۾ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جو پراڻو راڪاس، زارشاهي جي ڊريس لاهي، پورهيت راڄ ۽ سوشلزم جا جبا اوڍي، آدم بوءِ آدم بوءِ ۽ ڪندو رهيو. ايئن ۽ ٿيو ته ڪن ڳالهين ۾ ڪوڙ ۽ مڪر پنهنجي صديون پراڻي ريت تي قائم رهيا ۽ فقط پنهنجون هوليون ۽ لهجا بدلايائون. اِها اُها سماجي قيمت هئي، جيڪا زارشاهي نظام کان ورثي ۾ مليل ناپاڪ رجعت پرست نفسياتي، سماجي گهيري ۽ لاڳيتن حملن، اڻ تجربيڪار ۽ ڪچي اسرندڙ انقلابي تحريڪ کان وصول ڪئي، پر هر ويڙهه ويڙهو ڏرين جي خامين ۽ خوبين کي اجاگر ڪندي آهي.

انقلابي قوتون نه رڳو پنهنجي فتحن مان، پر پنهنجي شڪست مان به سکن ٿيون. بقول مائوزيتنگ جي، "انقلاب جي ڪوريءَ ۾ پچي انقلابي قوتون پنهنجي خامين ۽ اوڪٽن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪن ٿيون ۽ ڪندن ٻڌجن ٿيون."

1917ع واري عظيم آڪٽوبر انقلاب کان اڳ پليخانوف، ٽراٽسڪي ۽ ٻين سان جيڪي سخت نظرياتي ۽ تنظيمي ويڙهون ٿيون، تن انقلابي قوتن کي نئين نظرياتي سگهه ۽ مضبوطي عطا ڪئي. انقلاب کان پوءِ مڙهيل گهرو لڙاين ۽ ڏارئين اڳرائيءَ دوران ماراماري، بدحالي، افراتفري ۽ ڏڪار، انقلابي قوتن کي سرخ فوج ۽ فولادي ضابطي واري انقلابي پارٽي عطا ڪئي ۽ پڻ اهڙي سياسي ۽ اقتصادي مشينري ڏني، جيڪا پنهنجي رواجي سگهه کان گهٽا پيرا وڌيڪ سپ طرفو دباءُ برداشت ڪري ويئي. ٻي جنگِ عظيم جي سفارتي، سياسي، فوجي، اقتصادي ۽ انتظامي آزمائشن ۽ مقابلن، عالمي پورهيت تحريڪ کي رڻ زمين جي تاريخ ۾ پهريون پيرو هڪ پورهيت سپر پاور طاقت بڻائي ڇڏيو. سرد جنگ ۽ هٿيارن جي دوڙ کين اعليٰ درجي جي سفارتي مهارت رکندڙ رياست ۽ خلائي قوت بڻائي ڇڏيو.

ڪائنات جي سائنس اسان کي سيکاري ٿي تہ ڪائنات جي هر شيءِ، هر ڳالهہ ۾ واڌارو سڌو سنئون ۽ سدائين اڳتي وڌڻ ۽ سدائين مٽي وڃڻ جي صورت ۾ هرگز نہ ٿيندو آهي. واڌاري جي هر نئين منزل تي پهچڻ لاءِ هر شيءِ، هر ڳالهہ ڪڏهن اڳتي ويندي آهي تہ ڪڏهن پوئتي. انهيءَ اڳتي پوئتي ٿيڻ جي رفتار ڪڏهن تمام سست، بلڪ محسوس ٻہ نہ ٿيندڙ هوندي آهي تہ ڪڏهن برق رفتار ۽ اک چنپ ۾ ٿيڻ واري. جڏهن انقلاب ايندا آهن تڏهن انهن ۾ ٻہ انقلابي عمل شروع کان آخر تائين رڳو اڳتي ۽ رڳو مٽي ڪونہ ويندو آهي. سماجي انقلابن ۽ سماجي نظامن جي تڪر جي دوران ٻہ انقلابي عمل لاڳيتو اڳتي پوئتي ۽ هيٺ مٽي ٿيندو ور وڪڙ ۾ چڪر کائيندو رهندو آهي. اهو ڪڏهن پاتال ۾ ڪريل نظر ايندو آهي تہ ڪڏهن آسمان جي بلندين کي ڇهندو نظر ايندو آهي ۽ ڪڏهن سست ۽ ڪڏهن وڃ کان ٻہ تيز نظر ايندو آهي.

سرمائيداري سماجي انقلاب کي اڃوکي سطح تائين رسڻ ۾ ڪئين صديون لڳيون آهن. انهن صدين ۾ انهيءَ انقلاب اندر ٻيا ڪئين انقلاب آيا آهن. دراصل عظيم سماجي انقلابن اندر، انقلابن جا سلسلا هوندا آهن. اهي ساڳئي وقت اڳتي پوئتي ۽ هيٺ مٽي ٿيڻ، سست رفتارين، جمودن، بحرانن، تباهين، برق رفتار شاندار پيش قدمين، سوين ۽ وڏن ڇالن جا سلسلا هوندا آهن. انقلابي عمل هلندي ان جون ڪچايون، ڪمزوريون، تضاد، هيٺ مٿانهيون نروار ۽ درست ٿين ٿيون. اهو ڪچاين ۽ تضادن جي نرواريءَ ۽ درستيءَ جو عمل هر دفعي انقلابي عمل کي نوان ڇال ڏيڻ ۾ تي رسائي ٿو. سرمائيداري نظام اهڙين ڪئين ڪمزورين، تضادن ۽ تباهين جي نروارين ۽ درستين جي سلسلن مان پار پئي، ننڍا وڏا ڇال ڏيندو، اڳتي پوئتي ٿيندو، لاهين چاڑهين ۽ ورن وڪڙن وارو رستو وٺي هن منزل تي پهتو آهي. پورهيت سماجي نظام، سرمائيداري نظام جي پيٽ ۾ ڪالهوڪو جاول ٻار آهي. ان ڪمزورين، تضادن ۽ بحرانن مان پار پوڻ جا ڪي امتحان پاس ڪيا آهن ۽ ان کان ڏهوڻا سوڻا امتحان ايجا ٻيا پاس ڪرڻا اٿس. ڪيس آزمائش جي ڪوريءَ ۾ پچي ڪندن ٿيڻو

آهي. ڪنهن ڏينهن سرمائيداريءَ جي استحصالي، ڦورو ۽ ظالم نظام کي پوئتي ڇڏي، اڳتي وڌي، دنيا جي عوام کي هڪ نئين، روشن ۽ شاندار دور ۾ داخل ڪرڻو آهي.

هن وقت دنيا ۾ جيڪا نظرياتي، سياسي، انتظامي ۽ خاص ڪري اقتصادي جنگ هلي رهي آهي، سا انقلابي قوتن کي انهن ميدانن ۾ پنهنجون گوناگون ۽ دهيل لياقتون ڪتب آڻي، زبردست ڪمزورين، پسماندگين، افراتفرين، بدحالين ۽ بحرانن جي نشاندهي ڪرائي، انهن سان ويڙهه ڪرڻ ۽ کين زير ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪندي. اها جنگ کين ڪن اهڙن ميدانن ۾، جتي ڪيل واڌ غير حقيقي واڌ ثابت ٿي آهي، تنهن کي روڪڻ ۽ جتي جتي اهڙي ضرورت آهي، اتي پوئتي هٽي، پنهنجون صفون درست ڪرڻ لاءِ ۽ ڪن ٻين ميدانن ۾ مونجهارن، بحرانن ۽ تباهين مان نڪري اڳتي وڌڻ جو چئلينج ۽ موقعا ڏيندي ڪيترين گڙبڙين، بدنظمين ۽ شڪستن جي بظاهر اٽڪل سلسلي جي دوران ۽ ان جي نتيجي طور عالمي انقلابي پورهيت تحريڪ لاهين چاڙهين ۽ ورن وڪڙن جي ڪئين اهڙن ٻين اڳوڻن سلسلن وانگر. هن سلسلي مان به ڪاميابيءَ سان پار پئي سگهي ٿي ۽ ان انتهائي عروج واري ڏاڪي کان به مٿاهين ڏاڪي تي پهچي سگهي ٿي، جنهن عروج واري ڏاڪي کان جمود ۽ لاٿ شروع ٿي ۽ موجوده خطرناڪ گهوٽالي تائين پهتي آهي.

ڪهڙو سماجي نظام ڪيترو سنو آهي، اهو سوال ڪو مذهبي يا ديني سوال ڪونهي، اهو هڪڙو طبقاتي مسئلو ته آهي ئي، پر اهو سڀ کان اول سائنسي مسئلو آهي. سائنس جي نظر ۾ ڪابه ڳالهه ڪوبه لقاءُ، ڪوبه نظام قطعي، آخري ۽ مقدس ڪونهي. ڪائنات جي ٻي هر شيءِ وانگر سماجي نظام به سدائين چرپر ۾ هوندا آهن. انهن ۾ ڪي جڙا اڳي وانگر صحيح ڪم ڪندا رهندا آهن، ڪي مدي خارج پيا ٿيندا آهن ته ڪن ۾ وري وقفي وقفي سان ڪيترن نون جزن جي ڪوٺ پيدا ٿيندي رهندي آهي. سرمائيداري نظام جهڙو پندرهين سورهين صديءَ ۾ هو اهڙو هينئر ڪٿي آهي؟ اهو وقفي وقفي کان پوءِ ڪهڙين ڪهڙين نه

موتمار گردشن ۾ بحرانن جو شڪار ٿيندو رهيو آهي، ٿيندو رهي ٿو ۽ سدائين ٿيندو رهندو! رڳو 1930ع ۾ ان کان پوءِ وارن اقتصادي زلزلن، يورپي جنگين، خاص ڪري پهرين ۽ پي جنگِ عظيم، ڪوريائي ۽ ويٽنامي جنگين ۾ سرمائيداري نظام جي ڏيوالن ۽ تباهڪارين جو حساب ٻڌجي تہ ڏسبو تہ اهو نظام هر دفعي جڙ مري دفن ٿي، وري جيئرو ٿيو آهي. وڏي ڳالهہ تہ ان پنهنجو وجود بچائڻ ۾ نئين سر جيئرو ٿيڻ لاءِ خود پنهنجي مخالف نئين سوشلسٽ نظام کان ڇا ڇا نہ سکيو آهي ۽ ان کان ڪهڙا ڪهڙا نہ نوان تصور ۽ رويا اُڌارا ونڊي پاڻ ۾ جذب ڪيا اٿس ۽ اهڙيءَ حد تائين نئون نڪور ۽ تازو توانو رکيو اٿس.

روزانو فقط اٺ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جي اصول کي نہ مڃڻ تان تہ شڪاگو ۾ پهرين مئي وارو ڪوس ٿيو هو! اڄ سڄي سرمائيدار دنيا اهو اصل اڻ وٽندڙ اصول قبول ڪري چڪي آهي. ويلفيئر رياست جو تصور سرمائيدار تصور آهي ڇا؟ سويڊن، ناروي، انگلينڊ ۽ ٻين ملڪن ۾ سرمائيداري جيڪي ڪجهہ ڪرڻ تي مجبور ٿي آهي، سو خالص ڪلاسيڪل سرمائيدار اصولن مطابق آهي ڇا؟ سوشلسٽ نظام کي بہ ساڳيءَ طرح پنهنجون ڪوٽون ۽ اوٽايون پوربون ڪرڻ لاءِ سرمائيداري نظام کان گهڻو ڪجهہ سکڻ جي ضرورت آهي. جيئن ماڻهن ۾ هڪٻئي جي وچ ۾ تضاد بہ هوندو آهي ۽ ان سان گڏ هڪٻئي تي دارومدار ۽ پاڻ ۾ سهڪار بہ هوندو آهي، تيئن مختلف نظامن جو بہ هڪٻئي سان تضاد تہ هوندو آهي، پر هڪٻئي تي دارومدار پڻ هوندو آهي. گذريل صديءَ ۾ ڪار جو جيڪو پهريون پهريون ماڊل ٺهيو هو اهو جي اڄ تائين ساڳيو هجي ها ۽ اُن ۾ سڌارا ۽ واڌارا نہ اچن ها تہ اڄوڪيون تيز رفتار ڪارون دنيا ۾ وجود ۾ ئي نہ اچن ها. سوشلسٽ نظام جون هر ميدان ۾ گهڻيون ئي ڳالهيون تجربي کان پوءِ بلڪل صحيح ۽ ڪارائتيون ثابت ٿيون آهن. انهن کي بچائڻ، صحيح سلامت رکڻ ۽ زور ونائيندو رهڻ جي ضرورت آهي. ٻيون کي ڳالهيون غلط ۽ مدي خارج ثابت ٿيون آهن. انهن ۾ سڌارن ۽ واڌارن جي ضرورت آهي. خود ڪيترا تصور ۽ نظريا بہ ڪي صحيح ۽ ڪي وري

ناقص يا غلط ثابت ٿيا آهن. ان ڪري جيئن لينن چيو آهي ته، "صحيح جي حفاظت ڪجي، ڪجھ صحيح ڪجھ غلط کي درست ڪجي، غلط کي خارج ڪجي ۽ ڪتل جي پورت ڪجي" تيئن ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهو دنيا جو دستور آهي. ڪنهن شاعر چيو آهي: "Ring out the old and ring in the new." (گھنڊ وڄائي پراڻي کي ٻاهر اڇليو گھنڊ وڄائي نئين کي اندر آڻيو.) هي ڪو تاريخ ۾ توڙي انساني تجربي ۾ پهريون موقعو ڪونهي، جو ڪو پراڻو تجربيڪار ملھ، ڪنهن نئين اسرندڙ سيکڙات ملھ کي ڪا ھڪڙي ٻہ ملھ ماري ويو هجي. سوشلزم شروعاتي شڪستن کان پوءِ سرمائيداريءَ کي سياسي، فوجي ۽ سائنسي ميدانن ۾ ڪئين ملھون ماريون آهن. هينئر جي سرمائيداريءَ کڻي ڪيس ھڪڙي ٻہ اقتصادي ۽ سياسي ملھ ٻي ٻہ ماري ته خير آهي. هر نئين اسرندڙ قوت وانگر سوشلزم ٻہ جيئن هيترا ڏڪ پچائي، ٻيون هيتريون ملھون ماريون آهن، تيئن هي هڪ ڏڪ پچائي ٻہ پس و پيش سرسي حاصل ڪري سگھي ٿو. ان جو بنيادي شرط اهو ۽ فقط اهو آهي ته سڄي عمل ڏانهن رويو مڪمل طرح سائنسي هجي، ڪوبہ تضاد، ڪابہ گڙبڙ نظرانداز نہ ڪجي. اوٽاين، ناڪامين ۽ مجرماٽين حرڪتن کان چشم پوشي نہ ڪئي وڃي، هر ڪارائتي شيءِ ۽ ڳالھ کي سلامت رکي، ان کي زور ونايو وڃي، هر بدلائڻ جوڳي شيءِ بدلائي وڃي، هر ميدان ۾ نيون تخليقي پيش قدميون ۽ واڌارا ڪيا وڃن ۽ مڪمل خوداعتمادي ۽ حوصلي سان سرمائيداريءَ سان هر ميدان ۾ تعاون ۽ ان سان گڏ چٽاپيٽي ۽ مقابلو جاري رکيو وڃي. اينجلز چيو هو ته، "سائنس ۾ خاص ڪري طبعي سائنس ۾ هر نئين واڌاري کان پوءِ جدلي ماديت جي فلسفي جو ٻہ نئين سر جائزو ورتو وڃي." تاريخ سڄي دنيا جي ترقي پسند انسانن کي اهو موقعو عطا ڪيو آهي ته موجوده سماجي گھوٽالو جيڪو نہ انساني سماج جو پهريون گھوٽالو آهي، نہ آخري هوندو. تنهن جو فائدو وٺي، سماجي ترقي، تبديلي ۽ انقلاب سان واسطو رکندڙ سمورن بنيادي اصولن، تصورن، قدرن، نظرين، حڪمت عملين،

ڪم جي واتن، طريقن ۽ پاليسين جي ذري پرزي نئين سر چڪاس ڪئي وڃي ۽ سموري فڪري، نظرياتي، تنظيمي ۽ انتظامي مشينريءَ کي اوور هال ڪري گهربل حد تائين نئين سر نئون ٻڌايو وڃي.

فسانه گشت و کهن شد حديث اسکندر،
سخن نو آر که نورا صلاوت دگر است.
(فرخي)

(سڪندرِ اعظم جا داستان، پراڻا قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌجي ويا، نئون داستان بيان ڪرا نئين جو ميناج ٻيو آهي.)

سڄيءَ دنيا جا عوام دشمن، پورهيت دشمن ۽ انقلاب دشمن انهيءَ وچ ۾ هڪٻئي سان سُر ۾ سُر ملائي جيڪو 'ڪيل ختما' جو راڳ ٻيا آلاپين، اهڙا راڳ ڄاڻو ۽ باشعور، سچا انسان دوست ۽ انقلابي ماڻهو اڳيئي گهڻا ٻڌيو وينا آهن.

برو فسانه و فسون مدم حافظ!
کزين فسانه و افسون مرا بسی يادست.
(حافظ)

(حافظا اهي ڪهاڻيون ٻڌائڻ ۽ ٽوٽا ڦيٽا ڪرڻ بند ڪرا اهڙا قصا ٻڌي ٻڌي برزبان ياد ٿي ويا آهن. هاڻ ڪو ٻيو راڳ ڪڍ.)

اڄڪلهه ماڻهن جي ويرين جي توپي تنبو تي رکي آهي. "نئين عالمي نظام" جون ڳالهيون ڪريو جهليا جهل ئي نٿا ڏين، پر عالمي رجعت پرست قوتن جي هڪ هٿيءَ جو هي نئون دور، جنهن پنهنجا جلوا عراق واري جنگ ۾ ڏيکاريا، سو تمام گهڻو وقت قائم رهي، سو ممڪن نظر نٿو اچي.

اگرچه غم و رنج من درازی دارد عيش و طرب تو سرفرازی دارد،
بر هردو مکن تکيه که دوراں فلک- در پرده هزار گونه بازی دارد.
(خيام)

(جيتوڻيڪ منهنجا غم ۽ ڏک اٽڪت آهن ۽ تنهنجون عيش عشرتون اوج تي رسيل آهن، پر انهن ٻنهي ڳالهين تي پروسو متان

ڪرين! ڇوتہ هي فلڪ پردي جي پٺيان "هزارين قسمن جون راندیون ڪيڏندو رهندو آهي.")

جيڪڏهن دنيا جون امن پسند، جمهوريت دوست ۽ انقلاب دوست قوتون مڙسي ۽ ٻڌي ڪري مقابلو ڪنديون تہ هي ڏينهن بہ گذري ويندا.

جي هانءَ نہ هارين ڪوهيارل!
هي ڏينهن بہ گهاري ويندا سين.
(ایاز)

بگزرا زین روزگارِ تلخ از زهر،
بارد گر روزگار چون شکر آید.
(حافظ)

(هن زهر کان بہ ڪڙي دور مان مڙسي ڪري لنگهي وڃ. ماکيءَ کان مٺن ڏينهن جو زمانو جاڻ ڪي آيو!)

ابن الوقت ۽ موقعي پرست ڪٽي چا بہ چون، پر جن ماڻهن جو ايمان آهي تہ دنيا جو ظالم، ابتو ۽ انڊو چرخو بدلجڻ گهرجي ۽ ضرور بدلبو. سي هر لاهيءَ چاڙهيءَ، رستي جي هر وڪڙ جي باوجود ۽ ڪڏهن ڪڏهن پيرا وڃائي بہ ڇڏڻ جي باوجود، پنهنجي عظيم انسان دوست انقلابي مقصد جي حاصلات جي واٽ تان هڪڙو انچ بہ نہ ٽڙندا ۽ نہ پوئتي ڪو لوٽو هٽندا.

جنين ڏٺي جوءِ، تنين ڪچيو ڪين ڪي.

*

تہ پڻ ٿي ويون، جي پنهونءَ پاڻ لکائيو.

*

توڻي لهين نہ پير، توءِ راحت آهي رڙهڻ ۾.
(شاهہ)

عالمي انقلابي پورهيت تحريڪ ڪائنات جي روز ازل کان جاري گوناگون عالمي، انقلابي عمل جي اٽڪت سفر جي هڪڙي منزل آهي.

جنهن جي واٽ اسپارٽئڪس، سقراط، عيسيٰ ابنِ مريم، حسين ابنِ علي، گليلو، قرة العين طاهره، وان تروئي ۽ ڏرتيءَ جي هزارين، لکين، ڪروڙين پٽن ۽ ڌيئرن جي قربانين ۽ جاکوڙن جي روشنين سان جڳمڳائيندي ۽ باضمير انسانن جي ذهنن ۽ ضميرن کي روشنيون بخشيندي رهي ٿي.

ترجمو: "جڏهن کان تنهنجي زلفن جي هيڻان تنهنجي چهري جي چنڊ کي ڏٺو اٿم، تڏهن کان منهنجي رات تنهنجي چهري جي ڪري ڏينهن وانگر روشن ٿي ويئي آهي."

انسانيت ۽ انقلاب جي پروانن جو ازلي عشق ۽ دائمي قول قرار فقط ڪنهن هڪڙي منزل سان نه، پر سموري سونهاري سفر ۽ سات سان ۽ انهن جي سمورين منزلن سان آهي.

ترجمو: "مئي خاني جي مير جي محبت جو والوازل جي ڏينهن کان ڪن ۾ پاتل اٽڪون، اسين اهڙا ئي آهيون جهڙا هئاسين ۽ اهڙا ئي رهنداسين."

ماڻهن جا ويري ڪٽي ڪيڏا به ڏمڙ مچائين ۽ طعنا مهڻا ڏين، پر جن جي وفا محڪم آهي، تن تي ڪوبه اثر پوڻو ناهي.

ترجمو: "جيڪڏهن طعني ڏيڻ بدران دشمن تلوار جو ڏڪ به هڻي ڪڍي، ته به اسين دوست تان دستبردار نه ٿيندا سين، ڪٽي ڇا به ٿي پوي."

هنن کي خبر آهي ته اهڙي سفر ۾ طوفان ۽ زلزلا قدرتي آهن.

ترجمو: "جيڪڏهن فتني جو طوفان ٻنهي جهانن کي ٽرٽلي ۾ وجهي ڇڏي، ته به اهي ئي اسين هونداسين، اهي ئي اسان جي اکين جا ڏيئا هوندا ۽ اهائي واٽ هوندي جنهن تان دوست جي اچڻ جو انتظار آهي."

روءِ زمين جي سمورن ڪنڊن ۾ جتي به اهڙا سچا انسان دوست ۽ وفادار انقلابي آهن، تن سيني کي سلام آهي.

باد گروه که از ساغر وفا مستند،
سلام ما بر سانید هر کجا هستند.

(جنهن ٽولي جا ماڻهو وفا جي پيالي سان مست آهن، اهي جتي جتي به آهن، انهن کي اسان جا سلام پهچايو.)

(اپريل- مئي 1991ع)

عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جا مسئلا

عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي شروعات جيڪڏهن "ڪميونسٽ پڌرنامي" جي ڇپجڻ واري سال کان ڪئي ويجي تہ اڄ (1980ع ۾) ان عالمي تاريخي تحريڪ جي عمر ذري گهٽ 135 سال ٿي چڪي آهي. تاريخي لحاظ کان جڻ تہ اک ڇنپ ۾ ان تحريڪ عظيم الشان ۽ حيرت انگيز ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. ان هن ڌرتيءَ تي رهندڙ انسانن جي زندگين ۾ اهڙو انقلاب برپا ڪيو آهي، جنهن جو مثال لکين سالن جي تاريخ ۾ نٿو ملي. گذريل لکين سالن جي تاريخ ۾ آڳرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن کان سواءِ باقي سڀ انسان هزارين نسلن تائين نسل در نسل هميشه بکيا، اگهاڙا، مجبور، محروم، بيوس ۽ غلام رهي، هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري هليا ويا. انهن کي اهو سمجهايو ويو هو تہ آدم جي اولاد جو بس اهوئي مقدر آهي.

عالمي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ شامل مختلف ملڪن ۽ ڪنڊن ۽ مختلف رنگن ۽ نسلن جي مردن ۽ عورتن ۽ ٻارن ۽ ٻڍن پنهنجو سڪ، آرام ۽ پنهنجون خوشيون قربان ڪري، پنهنجي جسم، پنهنجي ذهن ۽ پنهنجي روح جي بهترين صلاحيتن ۽ قوتن کان ڪم ونڻي ۽ پنهنجين اميدن، آرزوئن ۽ پنهنجين زندگين جون قربانيون ڏيئي، انساني تاريخ جي ان عظيم ترين ۽ سڀ کان شاندار تحريڪ کي ڪاميابين جي منزلن سان همڪنار ڪري، انساني مقدر کي بلڪل بدلائي ڇڏيو آهي. اڄ هن ڌرتيءَ تي رهندڙ مردن ۽ عورتن مان ٽئين حصي کان بہ وڌيڪ ماڻهو هزارين سالن جي تاريخ ۾ پهريون دفعو پنهنجي قسمت جا مالڪ پاڻ ٻڌجي. هڪ نئين، روشن ۽ شاندار دنيا جي اڏاوت جو بنياد اڌي چڪا آهن ۽ ان بنياد جي مٿان هڪ نئين نظام جي اهڙي خوبصورت ۽ بي مثال عمارت جي اڏاوت ٿي رهي آهي، جنهن جا صدين کان ونڻي دنيا جي هر دور ۾ بهترين انسان خواب ڏسندا پئي رهيا آهن.

هن ڪائنات جي هر شيءِ مادي جي ٺهيل آهي ۽ مادو رڳو حرڪت جي حالت ۾ رهي سگهي ٿو. هن ڪائنات جو ذرو ذرو حرڪت ۾ آهي. سيني شين ۾ مسلسل تبديليون ٿيندیون رهن ٿيون، ڪشمڪش ۾ موجود آهي. چڪتاڻ ۾ موجود آهي. شين جي اندر اها حرڪت، اهو تضاد ۽ اها چڪتاڻ ئي انهن جي وڌڻ ويجهڻ ۽ ترقيءَ جو سبب آهي.

ڪائنات جي ٻين شين وانگر عالمي انقلابي تحريڪ ۾ هر وقت حرڪت ۾ آهي ۽ هر وقت تبديل ٿي رهي آهي. اها ٻه اهڙين قوتن جو ميلاپ آهي، جن جي وچ ۾ اتحاد ۽ ميلاپ سان گڏوگڏ تضاد ۽ ٽڪر ۾ موجود آهي. مارڪس جي زماني کان وٺي اڄ تائين هيءَ تحريڪ ابتڙ ۽ متضاد قوتن، سوچن ۽ عملن جي وچ ۾ هڪجهڙائي، مقابلي ۽ ٽڪر جو آکاڙو پيئي رهي آهي. اها تحريڪ جنهن ڏاکي تي اڄ پهتي آهي، نه ان ڏاکي تي پهچي سگهي ها ۽ نه ئي آئيندي ڪاميابيءَ سان اڳتي وڌي سگهندي.

ڪابه شيءِ هڪ سڌي ليڪ جيان اڳتي نٿي وڌي. هر شيءِ جي وڌڻ جو رستو ورن وکڙن وارو ٿئي ٿو. واڌارو فقط هڪ ئي سطح تي ٻه نٿو رهي، ان ۾ هميشه هيناهيون مٿاهيون اچن ٿيون، ان کان سواءِ ڪابه شيءِ فقط اڳتي نٿي وڌي، پر پوئتي ٻه هٽندي رهي ٿي ۽ ان جو اهو اڳتي وڌڻ ۽ پوئتي هٽڻ ساڳيءَ رفتار سان نٿو رهي. هر شيءِ جي وڌڻ ۾ نهايت سست رفتارين سان وڌڻ جا، ارتقا جا، جمود جا ۽ زوال جا دور ٻه ٽين ٽا ۽ تمام تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌڻ يا پوئتي هٽڻ، تيز ترقي ۽ انقلابي تبديلين يا زوالن ۽ تباهين جا دور ٻه ٽين ٽا. فطرت ۽ انساني زندگيءَ جي وڌڻ جي هر رستي جيان، عالمي انقلابي تحريڪ جو رستو ٻه ورن وکڙن وارو چڪردار ۽ لاهين چاڙهين وارو آهي. اها ٻه ڪڏهن سست رفتاريءَ سان ته ڪڏهن تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌندي رهي آهي ۽ ڪڏهن مختلف رفتارن سان پوئتي هٽندي رهي آهي. ان تي نهايت آهستگيءَ سان اچڻ وارين تبديلين سان گڏوگڏ تمام تيز رفتار ترقيءَ ۽ پسپائيءَ جا دور پڻ ايندا رهيا آهن ۽ ايندا رهندا. البت مجموعي طور تي اها اڳتي ئي وڌي آهي ۽ انساني زندگيءَ ۽ تاريخ کي يڪسر بدلائي ڇڏيو آهي.

اڄ تحريڪ بحراني دور مان گذري رهي آهي

اڄ ڪلهه عالمي ڪميونسٽ تحريڪ هڪ بحراني دور منجهان گذري رهي آهي. سوشلسٽ دنيا جا به عظيم ترين ملڪ: روس ۽ چين هڪٻئي جا جاني دشمن بڻيا بيٺا آهن ۽ هڪٻئي خلاف سامراج سان سازباز ڪرڻ کان به ڪين ٿا ڪيپائين. روس، چين جي سرحدن جي پرسان پنهنجا ميزائيل نصب ڪري ڇڏيا آهن. چين ڪلم ڪلا عالمي سامراجين کي روس سان جنگ ڪرڻ لاءِ پڙڪائي رهيو آهي. چين، ويٽنام کي "سبق سيکارڻ" جي هڪ ڪوشش ڪري چڪو آهي، هاڻي هو هڪ دفعو وري ان کي سبق سيکارڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيو آهي. خود ويٽنام هڪ برادر انقلابي ملڪ ڪمبوڊيا تي حملو ڪري، اتان جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري، اتي پنهنجي فوج جي مدد سان، پنهنجي حامي گروهه کي اقتدار تي قابض ڪرائي چڪو آهي. سندس فوجون ايان تائين اتي موجود آهن. افغانستان ۾ حفيظ الله امين جي دعوت تي آيل برادر روسي فوجن ايندي ئي جيڪو پهريون ڪم ڪيو اهو هيو دعوت ڏيندڙ صدر امين، جنهن اڳ پنهنجي ليڊر صدر نور محمد تره ڪي ڪي قتل ڪرايو هو ان کي قاسيءَ تي چاڙهڻ.

عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي آخري عالمي هاڻ ڪمان، يعني ڪميونسٽ انٽرنيشنل ڪجڻ عرصو اڳ ٽوڙي ڇڏي ويئي آهي. هن وقت ڪجهه ماڻهو چون ٿا ته عالمي انقلابي تحريڪ جو اڳواڻ ايجا تائين روس آهي ۽ ڪجهه چون ٿا ته هن وقت اهڙي اڳواڻي نه ڪنهن وٽ آهي ۽ نه ئي ڪنهن وٽ هجڻ گهرجي. پولينڊ، چيڪوسلواڪيا ۽ هنگريءَ ۾ بغاوتن اٽڪ ۽ فوجي طاقت ذريعي انهن کي ڪچلڻ کان پوءِ هاڻي وري ٻيهر پولينڊ ۾ بغاوت جا اهڃاڻ ظاهر ٿيا آهن ۽ سامراجي وري ڪڇيون هڻي رهيا آهن ته ڪميونسٽ دنيا ۾ هڪ ٻيو زلزلو اچڻ وارو آهي. البانيا، روس ۽ چين ٻنهي تي لعنت ملامت ڪندي، پنهنجي هڪ الڳ دنيا ٺاهيو ويٺو آهي. اٽليءَ جي ڪميونسٽ پارٽي، يورپي ڪميونسٽ پارٽين جي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار ڪري چڪي آهي. رومانيا، روس جي سربراهيءَ واري معاهدي وارسا جو ميمبر هوندي به ۽ يوگوسلاويا جا روس

سان لاڳاپا بحال ٿيڻ جي باوجود بہ افغانستان ۾ روسي فوجن جي موجودگيءَ کي نندي رهيا آهن. اتر ڪوريا، چين ۽ روس جي وچ ۾ جڙ تہ هڪ رسيءَ تي هلڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

ڪا نئين ڳالھ ناهي

عالمي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ بحران جو اچڻ ڪا نئين ڳالھ ناهي. هن تحريڪ جي پهرين هاڻ ڪمان، يعني پهرين انٽرنيشنل، جنهن جو بنياد مارڪس ۽ اينجلس گڏجي 28 سيپٽمبر 1864ع ۾ رکيو هو، اها باکونن ۽ ٻين مخالفن جي سازشن جو شڪار ٿي، ٻن سالن جي ٿوري عرصي ۾ ختم ٿي ويئي. ان کان پوءِ 13 سالن تائين اها تحريڪ ڪنهن هڪ عالمي هاڻ ڪمان کان سواءِ هلندي رهي. 1889ع ۾ اينجلس جي رهنمائيءَ ۾ بي انٽرنيشنل جو بنياد رکيو ويو. اها بہ ڪجھ عرصي کان پوءِ موقعي پرستن جي هٿن ۾ هلي ويئي. 25 سالن جي عرصي ۾ اها موقعي پرستيءَ جي ڏاڍ ۾ ڦاسي، بلڪل نڪمي ۽ بيڪار ٿي پيئي ۽ لينن مطالبو ڪيو تہ ان جي جڳھ تي هڪ اهڙي انٽرنيشنل قائم ڪرڻ گهرجي، جيڪا صحيح معنيٰ ۾ انقلابي هجي. اهڙيءَ ريت لينن 1919ع ۾ ٽئين انٽرنيشنل، يعني ڪميونسٽ انٽرنيشنل جو بنياد رکيو. 1963ع ۾ اها ٽئين عالمي هاڻ ڪمان بہ ختم ڪئي ويئي. ان کان پوءِ اڄ سوڌو ان تحريڪ جي ڪا باقاعدي هاڻ ڪمان ڪانہ ٺهي سگهي آهي. البت دنيا جون ڪيتريون ئي ڪميونسٽ پارٽيون ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ۾ گڏبيون رهنديون آهن ۽ عالمي انقلابي حڪمت عملي ۽ ٻين مسئلن تي گڏيل موقف ناهينديون ۽ چاپيندبون رهيون آهن. هيل تائين اهڙا تي وڏا ميڙ 1957ع، 1960ع ۽ 1969ع ۾ ٿي چڪا آهن. ان کان سواءِ علاقائي ڪانفرنسون بہ ٿيندبون رهنديون آهن. 1975ع ۾ لاطيني آمريڪا جي ڪميونسٽ ۽ مزدور پارٽين جي، 1976ع ۾ يورپ جي پارٽين جي، 1977ع ۾ اولھ يورپ جي پارٽين جي ۽ 1978ع ۾ آفريڪا ۽ وچ اوير جي پارٽين جي ڪانفرنس، اهي ڪانفرنسون ٿي چڪيون آهن. ڪميونسٽ پارٽين جو تعداد

آهستي آهستي وڌي رهيو آهي. 1917ع ۾ دنيا ۾ لينني نموني جي صرف هڪ پارٽي، يعني روسي ڪميونسٽ پارٽي موجود هئي. هاڻي دنيا ۾ ڪميونسٽ پارٽين جو تعداد 100 تائين پهچي چڪو آهي. عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي عالمي راهِ عمل کهڙي هجڻ گهرجي، ان ڳالهه تي روس ۽ چين جي وچ ۾ ڳچ عرصي کان زبردست مناظرو ۽ چڪتاڻ جاري آهي.

تحريڪ جو هڪجهڙو ۽ نرالو هجڻ

هر شيءِ، هر ڳالهه، هڪ ئي وقت ٻين شين جهڙي عام ۽ ٽيندي آهي ۽ ٻين کان مختلف، انوکي، نرالي ۽ خاص ۽ ٽيندي آهي. هر شيءِ جا ڪجهه عام پاسا ۽ ٽيندا آهن ته ڪجهه خاص ۽ انوکا پاسا ۽ ٽيندا آهن. تنهن ڪري هر شيءِ عام ۽ خاص ڳالهين جو اٽوٽ ميلاپ ٽيندي آهي. ڪائنات ۾ اربين کربين مختلف شيون ۽ ڳالهيون آهن. بظاهر اهي سڀ شيون ۽ ڳالهيون هڪٻئي کان نرالين ۽ الڳ الڳ آهن ۽ سندن پاڻ ۾ ظاهري طور ڪوبه رشتو ناتو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي ۽ ظاهري طرح ڏسڻ ۾ ايندو ته ڪائنات مختلف شين ۽ ڳالهين جو مجموعو آهي، پر حقيقت ۾ ايئن ناهي. اهي ظاهري طرح الڳ الڳ نظر ايندڙ شيون ۽ ڳالهيون حقيقت ۾ پاڻ ۾ بي انداز رشتن ناتن ۾ جڪڙيل آهن. هر شيءِ ۽ هر ڳالهه ڪنهن ٻيءَ شيءِ ۽ ٻيءَ ڳالهه مان پيدا ٿئي ٿي ۽ هر شيءِ ۽ هر ڳالهه جي پنهنجي هڪ الڳ تاريخ ۽ ٿئي ٿي. هر شيءِ ۽ هر ڳالهه بذاتِ خود هڪ نظام ٿئي ٿي ۽ ان سان گڏ اها ڪنهن نه ڪنهن وڏي نظام جو حصو ۽ ٿئي ٿي. اهو وڏو نظام وري ايڏا ڪنهن ٻئي وڏي نظام جو حصو هوندو آهي. موجوده دور جي عالمي تحريڪ ۽ انساني سماج جي وڏين انقلابي تبديلين جي عالمي تاريخي عمل جو هڪ حصو آهي ۽ ان جو نتيجو آهي.

تنهن ڪري نه رڳو گذريل 135 سالن کان، پر جڏهن کان انساني معاشرو وجود ۾ آيو، تڏهن کان وٺي هيل تائين انساني معاشري ۾ جيڪي ۽ تبديليون آيون آهن، انهن جي ۽ هن تحريڪ جي وچ ۾ ڪيتريون ئي ڳالهيون هڪجهڙيون ۽ عام آهن. ان کان سواءِ هن

تحريڪ جي نظريي ۽ عمل ۾ تمام گھڻيون ڳالھيون اھڙيون آھن، جيڪي ھر دور ۽ ھر ملڪ ۾ ھڪجھڙيون آھن. مثال طور: ھن تحريڪ جو آخري مقصد سوشلزم ۽ ڪميونزم قائم ڪرڻ آھي. ھن جي رھنمائي انقلابي مزدور نظريو ۽ پارٽي ڪن ٿا، وغيره. اھي ڳالھيون ھن تحريڪ جي زماني ۾ ھر انقلابي پورھيت جدوجھد ۾ ساڳيون آھن، تنھن ڪري اھي ڳالھيون ھن جي عمومي پھلوءَ سان تعلق رکن ٿيون، پر انھن عام شين سان گڏوگڏ ۽ انھن جي باوجود، ھر ھيءَ شيءِ جيان ھن تحريڪ ۾ بہ ڪيتريون اھڙيون ڳالھيون آھن، جيڪي ھر ملڪ ۽ ھر زماني ۾ مختلف ٿين ٿيون. اھي ڳالھيون ھن جي خاص پاسي سان ۽ ھن جي نرالي ۽ انوکي ھجڻ سان تعلق رکن ٿيون.

ڪائنات جي ھين سيني شين جيان عالمي تحريڪ بہ متضاد شين ۽ قوتن جو ميلاپ آھي، جن جي وچ ۾ ھر وقت ڇڪتاڻ جاري آھي. ھن تحريڪ ۾ موجود شين اندر ھڪ طرف ھڪجھڙائي ۽ يڪسانيت آھي، تہ ٻئي طرف اھي ھڪٻئي کان نراليون، انوکيون ۽ الڳ الڳ آھن. ھن تحريڪ ۾ عموميت بہ آھي ۽ خصوصيت بہ. ھن ۾ ھڪجھڙائي ۽ نرالائيءَ جي تقاضائن جي وچ ۾ تضاد آھي ۽ تحريڪ جي ڪل جي تقاضائن ۽ ان جي مختلف جزن جي تقاضائن جي وچ ۾ تضاد آھي. انھن ابتڙ ۽ متضاد تقاضائن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ جاري آھي. انھن منجھان ڪن تضادن کي صحيح طريقي سان حل نہ ڪيو ويو آھي، جنھن ڪري اھي تضاد دوستاڻن تضادن منجھان بدلجي غير دوستاڻا بلڪ دشمنيءَ وارا تضاد ٻڌجي چڪا آھن. جيڪڏھن انھن کي صحيح طريقي سان حل نہ ڪيو ويو تہ حالتون وڌيڪ بگڙجي سگھن ٿيون. انھن جي صحيح حل جي سلسلي ۾ بنيادي ضرورت اھا آھي تہ انھن متضاد ڳالھين ۽ انھن جي متضاد تقاضائن جي وجود کي سڃاتو سمجھيو ۽ تسليم ڪيو وڃي ۽ انھن جي ابتڙ ۽ متضاد پاسن بابت سوچ ۽ عمل ۾ صحيح توازن قائم ڪيو وڃي. ھر پاسي تي صحيح حد تائين زور ڏنو وڃي، نہ وڌيڪ ڏيڻ گھرجي ۽ نہ گھٽ.

دنيا جي ڪجھ ملڪن ۾ انقلاب اچڻ سان، جتي ٻيا تمام گھڻا

فائدا حاصل ٿيا آهن، اتي هڪ نقصان هي ٿيو آهي، جو عالمي ڪميونسٽ تحريڪ پنهنجن بنيادي مسئلن جي سلسلي ۾ عالمي نظرياتي خيالن جي ڏي وٺ، بحث مباحثي ۽ مناظري جي فائدن کان محروم رهجي ويئي آهي. هاڻي انهن مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ انهن جا حل ڳولڻ، پوري دنيا جي ڪميونسٽن جو فرض تصور ڪرڻ بدران ان کي رڳو برسرِ اقتدار ڪميونسٽ پارٽين، بلڪ هن وڏين ڪميونسٽ پارٽين جي وقت جي اڳواڻن جي ذميواري ۽ فرض سمجهيو ويڄي ٿو تنهن ڪري هاڻي نظرياتي بحث مباحثي جو دائرو گهٽجي، رڳو برسرِ اقتدار پارٽين، بلڪ رڳو هن وڏين پارٽين تائين محدود ٿي ويو آهي. اڇڪلهه جي ابتڙ شروع شروع ۾ دنيا جا انقلابي نظرئي دان انقلابي مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۽ پنهنجي ڳالهه مجرائڻ لاءِ هڪجهڙا ذميوار ۽ مستحق تصور ڪيا ويندا هئا.

روس جي انقلاب کان اڳ ۽ ان کان ڪجهه عرصو پوءِ به اختلافي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ۽ بحث مباحثي ۾ پوري دنيا جا ڪميونسٽ سرگرميءَ سان حصو ونڊندا هئا. فتح آخرڪار ان جي ٿيندي هئي، جنهن جي ڳالهه سيني کان وڌيڪ سچي ۽ صحيح هوندي هئي. ان ڳالهه کي نه ڏٺو ويندو هو ته اهو شخص ڪهڙي ملڪ سان تعلق رکي ٿو ۽ سندس ملڪ جي دنيا ۾ ڪهڙي حيثيت آهي. جرمني، آمريڪا، انگلينڊ ۽ فرانس جي مقابلي ۾ روس انتهائي پٺتي پيل ملڪ هو پر روسي پارٽيءَ جي اڳواڻ لينن جون ڳالهيون، ڇاڪاڻ ته انهن ملڪن ۽ سموري دنيا جي ٻين ملڪن جي ڪميونسٽ نظرئي دانن جي مقابلي ۾ وڌيڪ صحيح هيون. تنهن ڪري سڄي دنيا جي عوام ۾ اهي ئي ڳالهيون مڃيون ۽ تسليم ڪيون ويون. اهو ان ڪري ٿيو جو ان دور ۾ صرف هن ڳالهه تي زور ڏنو ويندو هو ته صحيح ڳالهه ڪهڙي آهي. ڪنهن ملڪ جي طاقتور ۽ وڏي هجڻ جو لحاظ نه ڪيو ويندو هو. هاڻي صورتحال بلڪل بدلجي چڪي آهي. هن وقت دنيا جون ڪجهه پارٽيون برسرِ اقتدار آهن ۽ باقي ٻيون برسرِ اقتدار ناهن. جيڪي پارٽيون برسرِ اقتدار آهن، انهن وٽ دولت، پريس، ريڊيو

ٽيليويزن ۽ نشر و اشاعت ۽ پروپيگنڊا جا ٻيا ڪيترائي وسيلا موجود آهن. انهن منجهان ٻن وٽ راڪيٽ، ميزائيل ۽ هائيڊروجن بم بہ آهن. جيڪي پارٽيون اقتدار ۾ ناهن، انهن مان اڪثر پارٽيون پرولتاري بين الاقواميت جي ناتي سان ٻن وڏين پارٽين، يعني روسي ۽ چيني پارٽين مان ڪنهن هڪ جون پوئلڳ ٿي چڪيون آهن ۽ انهن جي رهنمائي ۽ امداد جي احسان جي بار هيٺان دٻجي آهستي آهستي، ان حد تي وڃي پهتيون آهن، جو اهي تقريباً هر ڳالهہ ۾ انهن سان ها ۾ ها ملائڻ کي پنهنجو اخلاقي ۽ ڪميونسٽ فرض سمجهن ٿيون. انهن مان ڪجهہ پارٽين وٽ جيڪڏهن پنهنجو ڪو نقطہء نظر بہ آهي ۽ ان کي عالمي پيماني تي پيش ڪرڻ جا وسيلا بہ آهن، تہ بہ اهي انقلابي فرمانبرداريءَ ۽ حضور شرميءَ سبب اختلافي مسئلن تي پنهنجي اڳواڻ ۽ رهنما وڏي ڪميونسٽ پارٽيءَ سان اختلاف ڪرڻ بابت شايد سوچي بہ نہ سگهندیون. تنهن ڪري عملي طرح هاڻي صورتحال اها وڃي بيٺي آهي تہ ڪميونسٽ دنيا ۾ ان ڏر جي ڳالهہ کي وزن ڏنو ٿو وڃي ۽ صحيح سمجهيو ٿو وڃي، جنهن وٽ پروپيگنڊا جا سڀ کان وڌيڪ وڏا وسيلا، وڌيڪ دولت ۽ وڌيڪ طاقت آهي. جيڪڏهن ڪنهن وٽ اسان جي ملڪ جي ماڻهن جيان، انهن سڀني شين منجهان ڪابہ شيءِ ناهي تہ ان کي انهن معاملن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جي لائق نٿو سمجهيو وڃي. اها ڳالهہ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي مسئلن جي جاچ جوچ ۽ انهن جي حل جي راهہ تمام وڏي ۽ بنيادي رڪاوٽ بڻجي چڪي آهي.

سڀني کي خبر آهي تہ گئليلو برونو نيوٽن، مارڪس ۽ آئن اسٽائن جهڙا ماڻهو جن هن دنيا بابت کي تمام وڏيون سچيون ڳالهيون ڳولي، هن دنيا کي بدلائڻ ۾ مدد ڏني، اهي نہ ڪنهن دولت ۽ طاقت جا مالڪ هئا ۽ نہ هنن وٽ ڪا فوج، ميزائيل يا بم وغيره ئي هئا. جيئن تہ چين ۽ روس ۾ ڪيچ عرصي کان دشمني هلي رهي آهي، تنهن ڪري انهن اختلافي مسئلن تي، اهي ٻئي مخالف ڌريون وڏ کان وڏ رڳو اهوئي سوچين ٿيون تہ ڪهڙي ڳالهہ ڪرڻ سان سندن جهيڙي ۾ سندن پنهنجي ڳالهہ کي طاقت ملندي ۽ سندن پنهنجو پاسو مضبوط ٿيندو.

ان سلسلي ۾ اهي ايترو تہ اڳتي نڪري چڪا آهن، جو سندن طرفان اختلافي معاملن جي سلسلي ۾ پيش ڪيل ادب جي مطالعي مان چٽيءَ طرح معلوم ٿو ٿئي تہ انهن لاءِ هڪڙئي جي وچ ۾ اختلافي معاملن بابت ڳالهہ ٻولهہ ۾ صحيح ۽ غلط سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ فرق کا خاص معنيٰ نٿو رکي. انهن لاءِ سڀ کان اهم ڳالهہ پنهنجي ڳالهہ مڃائڻ آهي، نہ ڪي سچ ۽ حق جي ڳالهہ کي اهميت ڏيڻ. تنهن ڪري سواءِ ڪنهن غير جانبدار ڳوڙهي ۽ باريڪ بينيءَ واري جاچ جوچ، تنقيد، پرک ۽ مضبوط تصديق جي عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي اختلافي مسئلن بابت سندن ڳالهين تي ايمان آڻي ويهڻ. دنيا جي انقلابين لاءِ تمام وڏي گمراهيءَ جو باعث بڻجي سگهي ٿو. دنيا جي انقلابي عوام ۽ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي اها تمام وڏي بدنصيبي آهي، جو تحريڪ جي بنيادي مسئلن بابت انهن جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ رڳو جهڳڙي ۾ تمام بريءَ طرح ڦاٽل بڻ وڏن ڪميونسٽ ملڪن جي پروپيگنڊا مشينريءَ جي تيار ڪيل، گهڙو ڪري هڪ طرفي ۽ جانبدار پروپيگنڊا مواد کان سواءِ ٻيو ڪوبہ مواد ميسر نٿو اچي سگهي.

عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي موجوده تضادن ۽ انهن کي صحيح طريقي سان حل نہ ڪري سگهڻ سبب، پيدا ٿيل موجوده بحران جي صحيح حلن کي ڳولڻ، اڄ پوري انسانيت جي هڪ عظيم تاريخي ضرورت آهي، ڇوتہ هن بحران سبب نہ رڳو پوري تحريڪ بلڪ پوري انسانيت جو مستقبل خطري ۾ آهي.

اها ڳولا رڳو تڏهن حقيقي ۽ بامقصد ٿي سگهي ٿي، جڏهن ان ۾ رڳو بن وڏين برسرِ اقتدار ڪميونسٽ پارٽين جا اڳواڻ ئي نہ، پر سڄي دنيا جون سيئي پارٽيون ۽ سيئي نظرياتي ڪارڪن ۽ سيئي عام ڪميونسٽ حصو وٺي سگهن. ان سلسلي ۾ هيءَ لکڻي بہ عام ماڻهن طرفان ان عظيم ڪم ۾ حصي وٺڻ جي هڪ نهايت معمولي، ادنيٰ ۽ شروعاتي ڪوشش سمجهڻ گهرجي.

موجوده بحران جن ڪجهہ وڏيڪ اهم تضادن جي پيداوار آهي، اهي هيٺيان آهن:

1. تحريڪ جي ڪلي ۽ جزوي، عالمي ۽ قومي ۽ مڪاني تقاضائن جي وچ ۾ تضاد.
2. وڏين برسرِ اقتدار انقلابي پارٽين ۽ بين پارٽين جي وچ ۾ تضاد.
3. علائقائي ۽ قومي تضاد.
4. تحريڪ جي اڳواڻيءَ متعلق روس ۽ چين جي وچ ۾ تضاد.

هڪڙي پاسي تحريڪ جي عالمي تقاضائن ۽ ٻئي پاسي ان جي ملڪي ۽ جزوي تقاضائن جي وچ ۾ ڳانڍاپو

صحيح حڪمت عمليءَ جي ضرورت

هيءَ سموري دنيا هڪ اڪائي آهي. عالمي ڪميونسٽ تحريڪ سڄي دنيا جي تحريڪ آهي. ان جو بنيادي نعرو آهي: "دنيا جا مزدورو هڪ ٿي وڃو!" پر دنيا ۾ رڳو هڪجهڙائي ئي نه پر فرق به آهي. سڄي دنيا بنيادي طرح هڪڙي شيءِ آهي، مادي جي ٺهيل آهي، پر مادي جي ڪا هڪ شڪل ناهي. ان جا ڪروڙ ارب، ڪرب روپ ۽ صورتون آهن. انهن اربن ڪربن مختلف شين سان گڏوگڏ هن دنيا ۾ مختلف ملڪ به آهن، جن جون جاگرافيائي، سياسي، ثقافتي ۽ اقتصادي وغيره حالتون مختلف آهن. دنيا ۾ مختلف طبقن وانگر مختلف قومون به آهن، جن جون پنهنجون الڳ الڳ زبانون، ثقافتون، تاريخون ۽ تاريخي سجاڻپون آهن. ان لاءِ ممڪن آهي ته انقلاب جي سلسلي ۾ جيڪا ڳالهه هڪ ملڪ لاءِ فائديمند هجي، اها ٻين جي لاءِ فائديمند نه هجي، بلڪ انهن لاءِ نقصانڪار هجي. اهڙيءَ طرح دنيا جي ملڪن جي مجموعي حالتن کي مدِنظر رکندي، انقلاب جي جيڪا حڪمت عملي ٺاهي ويئي هجي، اها به هر ملڪ ۾ ساڳئي نموني سان استعمال نه ڪري سگهبي ۽ هڪجهڙا نتيجا نه ڏيڻ سگهندي. ان عام حڪمت عمليءَ کي هر ملڪ جي مخصوص ۽ نرالين حالتن جي پيشِ نظر ڪجهه عام طرح ۽ ڪجهه خاص طرح سان عمل هيٺ آڻڻو پوندو. پر اول ته عالمي گڏيل حڪمت عملي به اهڙي تيار ڪرڻي آهي، جنهن ۾ نه رڳو دنيا جي سڀني ملڪن جي مظلوم انسانن جي گڏيل حالتن ۽

مفادن جو خيال رکيو ويو هجي، پر ان سان گڏوگڏ انهن ماڻهن جي وچ ۾ تفاوتن ۽ فرقن ۽ ان مان هر ملڪ جي عوام جي خاص حالتن ۽ مفادن ۽ انهن جي نرالي هجڻ جو به خيال رکيو ويو هجي. ٻين لفظن ۾ هر انقلابي ڳالهه ۽ عمل ۾ دنيا جي عوام جي جدوجهد جي عام ۽ خاص پاسن جي وچ ۾ صحيح توازن جو هجڻ لازمي آهي. ٻيءَ صورت ۾ ڪاميابي ناممڪن ٿيندي، پر عملي طرح ڏٺو ويو آهي ته عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي حڪمت عملي، تدبيرن ۽ پاليسين ۾ عالمي توڙي ملڪي سطح تي سڄو زور عالمي انقلابي جدوجهد جي عالمي هڪجهڙائي (يڪسانيت) تي ڏنو ٿو ويڄي. ان جي اندر موجود نرالين ۽ هڪٻئي کان الڳ الڳ حالتن، لڪائن ۽ ڳالهين کي نظرانداز ڪيو ٿو ويڄي ۽ مختلف ملڪن ۽ قومن جي خاص حالتن ۽ انهن جي خاص تقاضائن تي نالي ماتر توجهه ڏنو ٿو ويڄي، تنهن ڪري عالمي انقلابي عمل جي واٽ ۽ حڪمت عملي، تدبيرون ۽ پاليسيون جڏهن مختلف ملڪن ۾ استعمال ڪيون ٿيون وڃن ته ان جو ڪو خاطر خواهه نتيجو نڪري، ان خرابيءَ کي دور ڪرڻ تمام ضروري آهي.

پنهنجي قوت ۽ غير ملڪي مدد جي وچ ۾ ڳانڍاپو

مزدور بين الاقواميت جي ناتي سان عالمي انقلابي تاريخ جي مختلف دستن، يعني پارٽين جو هي گڏيل فرض آهي ته اهي پنهنجي حال سارو پنهنجي ساڻي دستن جي هر طرح جي ۽ هر ممڪن مدد ڪن. ان گڏيل مدد کان سواءِ ڪابه پارٽي اڪيلي نه وڌي سگهندي نه رڳو پوئتي پيل ملڪن جون پارٽيون، ترقي يافته برسرِ اقتدار پارٽين جي مدد مان فائدو حاصل ڪري سگهن ٿيون، پر وڌيون ترقي يافته پارٽيون به گهٽ ترقي يافته ۽ پوئتي پيل ملڪن جي پارٽين مان گهڻي ڪجهه مدد حاصل ڪري سگهن ٿيون ۽ ڪندڙيون رهن ٿيون. دنيا جو ڪوبه اهڙو عوامي جمهوري ۽ سوشلسٽ انقلاب برپا نه ٿي سگهيو آهي، جنهن کي برپا ڪرڻ ۽ سلامت رکڻ ۾ ننڍڙين توڙي وڏين برادر پارٽين جي مدد جو حصو نه رهيو هجي، پر هڪ ملڪ ۾ انقلاب جو بنيادي دارومدار ٻاهرين مدد تي نه، پر پنهنجي قوت تي هجڻ کپي، تنهن ڪري

ٻاهرين امداد تي ڀاڙڻ ۾ پنهنجي قوت تي ڀاڙڻ جي وچ ۾ صحيح توازن قائم ڪرڻ کان سواءِ ڪابہ انقلابي تحريڪ صحيح طريقي سان اڳتي نٿي وڌي سگهي. ڏنو ويو آهي تہ دنيا جي ڪافي ملڪن جون پارٽيون عملي طرح پنهنجي قوت تي گهٽ ۾ ٻاهرين امداد تي وڌيڪ ڀاڙين ٿيون. اها ڳالهہ غلط آهي، ان کي درست ڪرڻ ضروري آهي.

ملڪي انقلابي مفادن ۽ عالمي انقلابي مفادن جي وچ ۾ ڳانڍاپو

هر انقلابي تحريڪ جون هڪ وقت ۾ بہ وفاداريون ٽين ٿيون. جيڪي ڪنهن حد تائين هڪجهئي سان ڳنڍيل ۽ ڪنهن حد تائين هڪجهئي جون مخالف ٽين ٿيون. انهن جي وچ ۾ ڳانڍاپي کي سمجهڻ ۽ انهن جي وچ ۾ تضادن کي صحيح طريقي سان حل ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

ملڪي جدوجهد سان وفاداريءَ جي ضرورت

هر انقلابي جدوجهد جو پنهنجي ملڪ ۽ ان جي مزدور ۽ پورهيت عوام سان وفادار هجڻ لازمي آهي. ان کي نہ رڳو پنهنجي عوام جي بنيادي، دائمي، وڏن ۽ اهم مفادن جي ترجماني ڪرڻي آهي، پر ان کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ پنهنجي عوام جي وقتي، عارضي ۽ هر وقت بدلجندڙ مفادن جو بہ خيال رکڻو آهي. ان کي گهرجي تہ پنهنجي ملڪ جي عوام جي من جي موجن کي سمجهي ۽ ڪڏهن بہ پنهنجي عوام جي مزاج ۽ سندس بدلجندڙ من جي موجن کي پرکڻ ۽ پنهنجون پاليسيون ٺاهڻ وقت انهن کي مدِنظر رکڻ ۾ ڪوتاهي نہ ڪري. ان جي پنهنجي عوام جي صحيح، مستقل مزاج ۽ ثابت قدم نمائندي جي حيثيت سان هڪ مضبوط ساک هجڻ ضروري آهي. سندس عمل جي واٽ، حڪمت عملي ۽ سندس انقلابي سڃاڻپ، سندس نظريي، عمل ۽ سندس انقلابي وقار جون پاڙون پنهنجي عوام ۽ ان جي زندگيءَ ۽ تاريخ ۾ مضبوطيءَ سان ڪتل هجڻ گهرجن. جڏهن اهي سڀ ڳالهيون موجود هونديون، تڏهن ئي عوام ان پارٽيءَ کي پنهنجي پارٽي سمجهندا ۽ ان جي اڳواڻيءَ ۾ وڙهڻ، مرڻ مارائڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. ان سان گڏوگڏ پورهيت پارٽيءَ جي حيثيت سان سندس وفاداري انهن مفادن سان بہ ٿئي ٿي، جن کي اها دنيا جي پورهيت عوام جا مفاد سمجهندي هوندي.

اهي عالمي مفاد ڪا آسماني شيءِ نہ هوندا آهن، اهي دنيا جي هر انقلابي پارٽي ۽ پورهيت عوام جا اهي مفاد ٿين ٿا، جن کي هو پاڻ کي سڃي دنيا کان ڪاٽي، اڪيلي سر حاصل نٿا ڪري سگھن ۽ رڳو ٻين سيني سان گڏجي، سمورن جي گڏيل ڪوشش سان حاصل ڪري سگھجن ٿا. انهن عالمي مفادن جو حاصل ڪرڻ هر ملڪ جي عوام لاءِ، پنهنجي ملڪي جدوجهد کي ڪاميابيءَ تائين پهچائڻ لاءِ نهايت ضروري آهي.

بنهي مفادن لاءِ جدوجهد

هر پارٽيءَ لاءِ پنهنجي ملڪي ۽ عالمي بنهي مفادن کي حاصل ڪرڻ ضروري آهي. انهن بنهي مفادن ۽ بنهي فرضن جو هڪٻئي سان گهرو ڳانڍاپو آهي. انهن مان هڪ فرض جو پورائو ٻئي فرض جي پورائي ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. جيڪڏهن هر ملڪ جا عوام پنهنجي پنهنجي ملڪي ۽ قومي مفادن جي بنياد تي پنهنجي ملڪي حالتن مطابق ۽ پنهنجي پنهنجي پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ ۾، سجاڳ، متحد ۽ منظم ٿي جدوجهد نہ ڪندا تہ سيني ملڪن جي عوام ۽ پارٽين جا گڏيل ۽ وڏا عالمي ۽ تاريخي قومي، عوامي ۽ سامراج مخالف مفاد هرگز حاصل ٿي نٿا سگھن. اهي وڏا عالمي تاريخي مفاد، جيڪي هڪ ئي وقت ۾ دنيا جي هر ملڪ جي عوام جا مفاد بہ آهن ۽ پوري دنيا جا گڏيل مفاد بہ آهن، تن جي سلسلي ۾ جيڪڏهن گهربل ڪاميابيون حاصل نہ ٿيون تہ مختلف ملڪن جي عوام ۽ پارٽين جي لاءِ اڳتي وڌڻ جون راهون بلڪل بند يا انتهائي مشڪل ۽ سخت ٿي پونديون.

جيڪڏهن هٽلر ۽ آمريڪا کي شڪست نہ ڏني وڃي ها...

مثال طور: گذريل ٻي عالمي جنگ ۾ فاشزم کي شڪست ڏيڻ جو عالمي ۽ تاريخي عوامي انقلابي مفاد، جيڪو روءِ زمين جي مظلوم عوام جو وڏو گڏيل مفاد هو، سو جيڪڏهن ڪاميابيءَ سان حاصل نہ ٿئي ها ۽ دنيا جي پهرئين سوشلسٽ مادرِ وطن کي شڪست اچي وڃي ها ۽ هٽلري بربريت ۽ ظلم جو ديو روس مٿان ڇانئجي وڃي ها ۽ اُتان سوشلزم جون پاڙون اُکيڙي ڇڏي ها تہ اڄ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ انقلابي جدوجهد هلائڻ جيڪڏهن صفا ناممڪن نہ هجي ها تہ بہ ان

جون راهون ايڏيون سوليون هرگز نه هجن ها. جيڏيون اڄ نازي چنگيزن جي شڪست ۽ تباهيءَ کان پوءِ ٿي چڪيون آهن.

اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪوريا ۽ ويٽنام ۾ آمريڪي سامراج کي شڪست ڏيڻ جو عالمي تاريخي عوامي انقلابي مفاد حاصل نه ٿئي ها ۽ آمريڪي سامراج انهن ملڪن کي غلام بڻائي رکڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ها تہ اڄ دنيا جي هر انقلابي ملڪ ۽ پارٽيءَ لاءِ پنهنجي پنهنجي ملڪي انقلابي جدوجهد ۾ جيڪي آسانيون ۽ سڻا موقعا پيدا ٿيا آهن، اهي ميسر نه هجن ها. آمريڪي سامراجين کي ڪوريا، ويٽنام ۽ ٻين جڳهين تي لغام نه ڏنو وڃي ها تہ اهي هر ملڪ ۾ پنهنجن ڇاڙتن جي مدد سان اڄ کان وڌيڪ عوام دشمن حرڪتون ۽ خرمستيون ڪن ها. ان جي ابتڙ ۽ ان سان گڏوگڏ جيڪڏهن روسي انقلاب دوران سامراجي حڪومتن جي من مستين کي لغام نه ڏين ها ۽ روسي انقلاب جي حمايت ۾ جدوجهد نه هلائين ها تہ روسي انقلاب جو رستو جيترو مشڪل هو ان کان ڪجهہ وڌيڪ مشڪل ٿي پوي ها ۽ ان جا سامراجي گهيري مان بچي وڃڻ جا جيڪي امڪان هئا، سي ايڏا بہ گهٽ هجن ها. ڪوريا ۽ ويٽنام جي جدوجهد ۾ نہ رڳو ڪوريا ۽ ويٽنام جي سرفروش عوام جدوجهدن جا لازوال ڪارناما سرانجام ڏنا، بلڪ آمريڪي عوام سميت روءِ زمين جي باشعور عوام انهن ملڪن جي بهادر عوام جي پرجوش مدد ڪئي ۽ سندن ڪاميابيءَ ۾ ساراهہ جوڳو حصو ورتو. اڄ جيڪڏهن دنيا جي ذري گهٽ هر ملڪ ۾ سامراج خلاف جدوجهدون نہ هلي رهيون هجن ها ۽ اهڙيءَ طرح سامراج ۽ سندس ڇاڙتن جي قوتن کي هر جاءِ تي منتشر ۽ واڙو نہ بنائيندڙ رهن ها، تہ شايد سامراج پنهنجون سموريون قوتون گڏ ڪري، دنيا جي انقلابي عوام جي مفادن تي لڳاتار ڪاريون ضربون هڻڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ها. اهڙيءَ طرح دنيا جي هر ملڪ جي پورهيت عوام جا ملڪي ۽ عالمي عوامي انقلابي مفاد هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن، هڪٻئي کان متاثر ٿين ٿا، هڪٻئي تي دارومدار رکن ٿا ۽ هڪٻئي سان گهري طرح جڙيل آهن. پر انهن ٻنهي قسمن جي مفادن جي پاڻ ۾

رشتيداريءَ ۾ ميلاپ وارو پاسو ان رشتيداريءَ جو رڳو هڪڙو پاسو آهي. ان رشتي جو ٻيو پاسو انهن مفادن جي وچ ۾ تضاد وارو پاسو آهي.

ملڪي ۽ عالمي مفادن ۾ ٽڪر ٿي سگهي ٿو

هر ملڪ جي پورهيت عوام جي انهن ٻنهي قسمن جي مفادن، يعني ملڪي ۽ عالمي مفادن جي وچ ۾ هر وقت رڳو ناهه نڙو رهي سگهي، پر انهن جي وچ ۾ ٽڪر به پيدا ٿي سگهي ٿو ۽ ٽيندو رهي ٿو. جيڪو ڪم ۽ عمل عالمي صورتحال جي حساب سان ضروري ۽ اڻ ٽر بلڪ فائديمند هوندو اهو ڪن حالتن ۾ ڪنهن حد تائين، ڪنهن هڪ ملڪ جي ملڪي حالتن، مفادن ۽ حالتن تي ٻڌل حڪمت عملين ۽ تدبيرن لاءِ ٿي سگهي ٿو ته بلڪل نقصانڪار بلڪ تباهه ڪندڙ هجي.

جُز تي ڪُل کي فوقيت ڏيڻ جو اصول

عام طرح سان زندگيءَ جو اصول آهي ته وڏي فائدي لاءِ ننڍو نقصان سَنو ويندو آهي. انقلابي سائنس جي ٻوليءَ ۾ اسان ان کي "جُزتي ڪُل کي فوقيت ڏيڻ" جو اصول چوندا سين. عام طرح سان انقلابي اصول هي آهي ته جڏهن ڪي مقامي ملڪي انقلابي مفاد وڏن عالمي عوامي مفادن سان ٽڪر کائين ۽ انهن ۾ ڪنهن قسم جي ناهه جو امڪان نه هجي، ته پوءِ اهڙين حالتن ۾ جيڪڏهن ضروري سمجهيو وڃي ته مقامي ۽ ملڪي عوامي انقلابي مفادن کي عالمي عوامي انقلابي مفادن مٿان قربان ڪرڻ گهرجي. سڄي دنيا جي هر سچي انقلابي فرد يا پارٽيءَ جو فرض آهي ته ان اصول تي سختيءَ ۽ پوري سچائيءَ سان عمل ڪري. ان قسم جي قرباني جو "ماسڪو- برلن" ناهه جي سلسلي ۾ يورپي پارٽين پاران انقلابي رويي اختيار ڪرڻ وارو هڪ شاندار روايتي مثال موجود آهي.

ماسڪو- برلن ناهه

انگريز ۽ فرانسيسي وغيره سامراجين جي سامراجي سازش بازين سبب، انقلابي روس جي سرڪار کي ٻي عالمي جنگ کان ٿورو عرصو اڳ مجبوراً نازي جرمنيءَ سان اتحاد جو ناهه ڪرڻو پيو. هي اتحاد جو معاهدو انگريز آمريڪي ۽ فرانسيسي سامراجين جي سازش کي

ناڪام بنائڻ ۾ خاص طرح سان نازي فتني کي پاڙون پٽڻ لاءِ جيڪي وقت ۽ حالتون ضروري هئا. انهن کان حاصل ڪرڻ خاطر ان وقت نهايت ضروري، اڻ ٽر ۾ فائديمند قدم ثابت ٿيو. ان مجبوريءَ واري ناهه کان سواءِ عالمي سامراج جو ان وقت روس کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃڻ قطعي ناممڪن نه هو. پر ان سان گڏوگڏ هن معاهدي جي ڪري هٽلر وقتي طور تي تمام مضبوط ٿي ويو ۽ ان جي سنڊس جرمن عوام ۽ خاص ڪري جرمن ڪميونسٽ پارٽيءَ تي ظلم ڪرڻ جي طاقت وڌي ويئي. هٽلر کي وقتي طور تي اهي وسيلا، اها فرصت ۽ اهي موقعا ملي ويا، جو هو اڳتي وڌي پولينڊ جي عوام کي غلام بڻائي، پولينڊ جي انقلابين جو قتلام ڪري، يورپ تي ڇانئجي وڃي ۽ اتان جي پورهيت انقلابي عوام ۽ سنڊن پارٽين تي هولناڪ وحشياڻا ظلم ڪري. پولينڊ، فرانس، ناروي، سوئيڊن ۽ يورپ جي ٻين ملڪن جي عوام ۽ اتان جي پارٽين جي ملڪي حالتن، مفادن ۽ حڪمت عملين جي نقطهء نگاهه کان هي ناهه نه رڳو نقصانڪار پر تباهڪار ۽ ظالماڻو به هو. جيڪڏهن ان معاهدي کي ان دؤر جي عالمي حالتن، طاقت جي عالمي توازن، مغربي سامراجين جي سازشن ۽ ڳٽ جوڙ دنيا جي پهرين سوشلسٽ رياست جي سر تي سوار خطرن، سنڊن تباهيءَ جي زبردست ۽ فوري امڪانن ۽ زوءِ زمين تان ڪجهه وقت لاءِ سوشلزم جي نشان مٽجي وڃڻ جي امڪان جي پس منظر کان ڪاٽي، رڳو انهن يورپي ملڪن جي عوام ۽ پارٽين جي فوري مفادن جي نقطهء نظر سان ڏٺو وڃي ها ته پوءِ بيشڪ هي ناهه سوشلزم ۽ انقلاب سان سراسر غداريءَ جو هڪ پيمانڪ ۽ تباهه ڪن تاريخي انقلاب دشمن قدم نظر اچي ها. اهڙين حالتن ۾ "جُز کي ڪُل تي فوقيت ڏيڻ" جو انقلابي اصول لاڳو ٿئي ٿو تنهن ڪري جن ملڪن جي پارٽين تي هن ناهه جا نهايت خراب اثر پيا هئا، انهن نه رڳو ان جي مخالفت نه ڪئي، پر پنهنجي فوري تنظيمي ۽ ملڪي مفادن جي قرباني ڏيئي، پنهنجي عوام جي ناراضگي کٽي، پنهنجي دشمن جا طعنا سهي، انهن ان ناهه جي حمايت ڪئي. اهڙيءَ طرح انهن روس جي ڪميونسٽ پارٽي، جيڪا ان وقت

عالمي انقلابي هيڊ ڪوارٽر هئي، تنهن ڪري دنيا ۾ اڪيلو بي يار و مددگار ۽ دنيا جي عوام جي نظرن ۾ قابلِ ملامت ۽ قابلِ نفرت ۽ سامراج جي سازشن کي شڪست ڏني.

ان اصول جو غلط استعمال ۽ ٿي سگهي ٿو

پر جُز کي ڪُل تي قربان ڪرڻ جو اصول هر جڳهه تي ۽ هر وقت لاڳو نٿو ٿي سگهي. هڪ ملڪ جي انقلابي مفاد کي، ٻئي ملڪ جي انقلابي مفاد خاطر قربان ڪرڻ نه هر حالت ۾ ضروري هوندو آهي ۽ نه ئي فائديمند. چوتڪ اهو اصول غلط ۽ ناجائز طور ۽ استعمال ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن انقلابي تاريخ جو غور سان مطالعو ڪيو وڃي تہ ان اصول جي غلط ۽ ناجائز طور استعمال ٽيڪ جا ڪيترائي مثال ملي سگهن ٿا. اهڙو هڪ ڪلاسيڪي مثال عظيم آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب جي برپا ٽيڻ کان پوءِ 1918ع ۾ روس جي نئين انقلابي حڪومت ۽ سامراجي جرمنيءَ جي وچ ۾ ٿاهه جي ڪوشش جي سلسلي ۾ ملي ٿو. جرمن سامراجي انقلابي روس سان ٿاهه لاءِ نهايت سخت شرط لڳائي رهيا هئا. روس جي نئين حڪومت بيحد ڪمزور هئي. روسي فوجن ۾ حوصلو ڪونہ رهيو هو ۽ اهي پنهنجن گهرن ڏانهن واپس ڀاڄ ڪائي ويندیون رهيون. انگريز ۽ فرينچ سامراجي هڪ تير سان ٻہ شڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. انهن جي خواهش هئي تہ جرمني ۽ نئين انقلابي روسي حڪومت، ٻئي ڀاڙ ۾ وڙهي تباهہ ٿين ۽ جرمن فوجون روس سان ٿاهہ ڪري اولاهين محاذ تي ساڻن ويڙهہ لاءِ منتقل ٻہ نہ ٿي سگهن ۽ روس جو انتهائي ڪمزور پورهيت انقلاب ٻہ بچي نہ سگهي. تنهن ڪري انهن جي سخت ڪوشش هئي تہ جرمنيءَ ۽ روس جي وچ ۾ جنگ جاري رهي ۽ طاقتور جرمن سامراجي، روس جي ڪمزور انقلابي حڪومت جو گلو گهٽي ڇڏين. ان لاءِ اهي ڀاڙ ۽ سنڊن روسي ايجنٽ ۽ سنڊن برغلايل روايتي محبِ وطن سوچ رکندڙ روسي ماڻهو زبردست گوڙ مچايو بينا هئا تہ جرمنيءَ سان جنگ بند ڪرڻ جي معنيٰ روسي قوم سان غداري ڪرڻ آهي. ان جي ابتڙ لينن انهن حالتن ۾ روس، روسي عوام ۽ روسي انقلابي حڪومت جي

هر قيمت تي جنگ جي آڪاڙي مان جند ڇڏائڻ ٿي چاهي. هن انقلاب کي هر قيمت تي فوري تباهيءَ کان بچائڻ ٿي چاهيو ۽ ان کي پنهنجي ڪمزوري ختم ڪرڻ جي لاءِ ۽ ڪجھ دير ساھ پٽڻ لاءِ وقفو وٺي ڏيڻ ٿي چاهيو. ان وقفي وٺڻ جي حڪمت عمليءَ خلاف ٽراٽسڪي ۽ بالشويڪ پارٽيءَ جي ڪيترن ئي ٻين اڳواڻن هي راڳ ڳائڻ شروع ڪيو ته جرمنيءَ ۾ انقلاب اچڻ وارو آهي، جيڪڏهن اسان جرمنيءَ سان جنگ ۾ مصروف رهنداسون ۽ جرمنن سان صلح نه ڪنداسون ته جرمني ڪمزور رهندي ۽ جرمن انقلاب لازمي ايندو پر جيڪڏهن اسان جرمن سامراج سان ٺاھ ڪيو ته جرمنيءَ ۾ انقلاب نه اچي سگھندو. انهن چيو ته هن وقت جرمنن سان ٺاھ ڪرڻ معني ايندڙ "جرمن انقلاب" جي پٺيءَ ۾ خنجر ھڻڻ، ان ڪري ان کي هر قسم جي "انقلابي قرباني" ڏيئي، ايندڙ جرمن انقلاب لاءِ راھ هموار ڪرڻ گھرجي. بالشويڪ پارٽيءَ جا اڪثر اڳواڻ ان دليل جي چڪر ۾ اچي ويا. ماسڪو جي پارٽي ڪميٽيءَ ته ايستائين چيو ته اسان جو روسي انقلاب ته پوئتي پيل انقلاب آهي، جيڪڏهن اسان جرمنيءَ سان صلح نه ڪنداسون ته ممڪن آهي ته روسي انقلاب ختم ٿي وڃي، پر ايندڙ جرمن انقلاب وڏيڪ طاقتور، اڳتي وڌيل ۽ مڪمل انقلاب هوندو. تنهن ڪري اسان کي پنهنجي انقلاب جي قرباني ڏيئي، ايندڙ جرمن انقلاب لاءِ حالتون سازگار بنائڻ گھرجن. لينن سوچڻ جي ان خطرناڪ انداز خلاف زندگيءَ ۽ موت جي جدوجهد ڪئي ۽ چيو ته هڪ وجود ۾ آيل زنده انقلاب کي ڪنهن رڳو امڪاني انقلاب لاءِ قربان ڪرڻ، انتهائي خطرناڪ حماقت ۽ انقلاب سان غداري ٿيندي. هن زبردست جدوجهد کان پوءِ وڏي مشڪل سان ان قرباني جي جذبي جي غلط استعمال جي لائين کي ناڪام بڻايو ۽ ڳرين شرطن تي جرمنيءَ سان "بريسٽ ليتوسڪ" وارو ٺاھ ڪري، روسي انقلاب کي بچائي ورتو.

عالمي انقلابي سياست جي هر چال جي تائيد ضروري ناهي!

اڄ بين الاقوامي سياست جي شطرنج جي ميدان تي عالمي انقلابي قوتن جي هر چال اهڙي ناهي، جنهن جي تائيد ڪرڻ هر ملڪ

جي عوام ۾ پارٽيءَ جي لاءِ اشد ضروري هجي يا جنهن جي اهڙي تائيد سان عالمي انقلاب جي لاءِ فائدا نقصانن کان وڌيڪ هجن. وڌين طاقتن طرفان ڪيترائي اهڙا قدم کنيا ٿا وڃن، جيڪي سندن پنهنجي عالمي سياست جي حساب سان بلڪل ضروري ۽ اٽٽر هوندا، پر جن جي تائيد ڪرڻ ۾ سمورن ملڪن جي عوام ۽ پارٽين جي لاءِ نه رڳو سندن پنهنجي ملڪي حڪمت عمليءَ جي حساب سان نقصانڪار ٿئي ٿو، پر مجموعي طور تي ان تائيد سان عالمي انقلاب جي مفاد کي جيترو فائدو رسي ٿو ان کان وڌيڪ نقصان پهچي ٿو. انهن حالتن ۾ اهڙين پارٽين جي لاءِ اهو بلڪل لازمي نه هجڻ گهرجي ته اهي اهڙن قدمن جي تائيد ڪن. ڪڏهن ڪڏهن عالمي انقلابي مفادن جي نقطه نظر سان اها ڳالهه به ممڪن آهي ته وڌين انقلابي طاقتن جي ڪنهن خاص قدم يا قدمن جي هڪڙي پوري سلسلي جي نه رڳو تائيد نه ڪئي وڃي پر ان کان پنهنجي لاتعلقيءَ جو اظهار به ڪجي ۽ ان تي مناسب حد تائين ۽ موزون ڍنگ سان تنقيد به ڪئي وڃي.

ملڪي ۽ عالمي انقلابي تقاضائن جي وچ ۾ نئون توازن قائم ڪيو وڃي

اڄ عالمي سياست جو نقشو ۽ توازن اهڙو سادو ناهي، جهڙو روسي انقلاب جي شروعات ۾ هو. ان وقت دنيا جو پهريون انقلابي پورهيت انقلاب ايترو ڪمزور هو ۽ بين الاقوامي تائيد ۽ مدد جو ايترو گهرجائو هو جو ان کي دنيا جي ٻين ملڪن جي عوام جي ذري جيتري تائيد جي به سخت ضرورت هئي. ان کان سواءِ سندس سلامتي هر وقت سخت خطري ۾ هئي. اڄ عالمي سياست جو نقشو ۽ توازن يڪسر بدلجي چڪو آهي.

اڄ روس ۽ چين کي دنيا جي ٻين ملڪن جي عوام ۽ پارٽين جي ايڏي مڪمل ۽ هر وقت ۽ هر ڳالهه ۾ تائيد ۽ مدد جي ايتري شديد ضرورت ناهي، جيتري شروع شروع ۾ هئي. اڄ اهي مضبوطيءَ سان پنهنجن پيرن تي بيٺل آهن ۽ پنهنجي حفاظت پاڻ ڪري سگهن ٿا. اهي پنهنجين وڌين طاقتن واري سياست جي سمورين چالن جي تائيد ڪرڻ جا وڏ کان وڏ وسيلا خود پاڻ وٽ رکن ٿا. اڄ اهو دور اچي چڪو

آهي، جڏهن ضروري ٿي پيو آهي تہ عالمي انقلابي تحريڪ جي انقلابي ڪُل ۽ جُز جي تقاضائن جو نئين سر جائزو ورتو وڃي ۽ انهن جي وچ ۾ نئون توازن قائم ڪيو وڃي. انقلابي مرڪز يا مرڪزن جي، يعني وڏين انقلابي طاقتن جي حڪمت عملي، تدبيرن ۽ پاليسين جي دنيا جي ٻين ملڪن جي پارٽين طرفان خاص طور تي غير برسرِ اقتدار پارٽين جي طرفان تائيد ۽ پيروي ڪرڻ تي اڄ تائين جيڏو حد ڪان وڌيڪ زور ڏنو پئي ويو آهي، ان کي گهٽ ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي ابتڙ انهن پارٽين طرفان، پنهنجي ملڪي حالتن ۽ پنهنجي جدوجهد جي تقاضائن کي پورو ڪرڻ جي ضرورت تي جيترو تمام گهٽ زور ڏنو پئي ويو آهي، ان ۾ واڌارو ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح نين عالمي حالتن ۾ انقلابي ڪُل ۽ جُز جي تقاضائن جي وچ ۾، هڪ اهڙو نئون انقلابي توازن قائم ڪيو وڃي، جيڪو موجوده عالمي حالتن ۽ طاقتن جي موجوده بين الاقوامي توازن سان وڌيڪ نهڪندڙ هجي ۽ موجوده دور جي انقلابي تقاضائن کي بهتر طريقي سان پورو ڪري سگهي.

هن وقت تائين سڄي دنيا جي عوام جي پنهنجن گڏيل مفادن جي تقاضائن تي، يعني وڏين ڪميونسٽ طاقتن جي ۽ ٻين ملڪن، خاص طور تي غير سوشلسٽ ملڪن جي پارٽين جي گڏيل مفادن جي تقاضائن تي وڌ کان وڌ زور ڏنو پئي ويو آهي. هاڻي انهن ملڪن جي وچ ۾ حالتن ۽ مفادن جو جيڪو فرق آهي، ان جي تقاضائن تي وڌيڪ زور ڏيڻ جي ضرورت آهي. وڏين انقلابي قوتن ۽ قوم جي ٻين پارٽين جي وچ ۾ بنيادي انقلابي هڪجهڙائي ۽ هم آهنگيءَ کي قائم رکندي، انهن جي پاليسين ۾ فرق ۽ مفاصلو هجڻ نہ رڳو اٽٽر آهي، پر ڪن حالتن ۾ فائديمند بہ آهي.

ڪاپي ٿو ڪاپي مڪي ٿو مڪي قسم جي پيروي ڪرڻ جي ضرورت نا هي!

روايت آهي تہ سنڌ جي حاڪم ميرن جي هڪ هندو منشيءَ انگريزن جي دور ۾ انگريزي سکي، انگريزيءَ ۾ نقل نويسيءَ جو ڪم شروع ڪيو. هڪ دستاويز ۾ هن ڏٺو تہ هڪ جڳهہ تي هڪ مُئل مڪ چنبڙي پئي هئي. هوبهو نقل تيار ڪرڻ جو فرض پورو ڪرڻ جي خيال

کان، هن انهيءَ مضمون جو نقل تيار ڪرڻ کان پوءِ هڪ مک ڪي پڪڙي، ان کي ماري، اها ان مضمون تي بلڪل ان ساڳيءَ جڳهه تي چنبڙائي ڇڏي، جنهن جڳهه تي اصل مضمون ۾ مئل مک چنبڙيل هئي. نقل ٿيل مضمون جي آخر ۾ هن پنهنجي مخصوص انگريزيءَ ۾ لکيو تہ، "Copy to copy, Makhi to makhi." يعني، "نقل جو نقل، مک جي مک!" دنيا جي عام پارٽين جي حڪمت عملي، تدبيرون ۽ روزمرهہ جي پاليسين جو وڏين انقلابي طاقتن جي حڪمت عملي، تدبيرن ۽ پاليسين جي "ڪاپي ٿو ڪاپي، مکي ٿو مکي" هجڻ نہ ضروري آهي ۽ نہ فائديمند.

گرمين ۾ اوورڪوٽ پائڻ وارا هندوستاني ڪامريڊ

وڏين ڪميونسٽ پارٽين جي پاليسين جي "ڪاپي ٿو ڪاپي، مکي ٿو مکي" قسم جي حمايت ۽ فرمانبرداريءَ سان، انقلابي تحريڪ کي جيڪي نقصان پهچي سگهن ٿا، ان جي سڀني کان چٽن مثالن منجهان هندوستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ طرفان گذريل دور ۾ روس جي هر ڳالهہ جي تائيد جو مثال ڏنو ويندو آهي. جڏهن 1942ع ۾ هندوستان ۾ "انگريزو! هندوستان خالي ڪريو!" جي تحريڪ زور شور سان هلي رهي هئي تہ هندوستان جا لکين ڪروڙين مرد، عورتون، بار ۽ ٻيا انگريز سامراج جي خلاف اُٿي ڪڙا ٿيا ۽ عوام هندوستان جي ڪيترن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ طوفاني مظاهرا ڪري رهيا هئا، جيلن ۾ وڃي رهيا هئا، سينن تي گوليون کائي رهيا هئا، هندوستان انگريزن جي خلاف ڪاوڙ نفرت ۽ بغاوت جو تهڪندڙ سمنڊ ٻڌجي چڪو هو. ان وقت هندوستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ، روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ان وقت جي لائين جي حمايت ڪندي، هندوستاني ڪميونسٽن کي انگريزن جي جنگي سرگرمين ۾ مدد ڪرڻ جو حڪم ڏيئي ڇڏيو. ڪيترائي ڪميونسٽ شاعر هئا، سندن شعرن کي هندوستان جي انقلابي عوام جي دلين جي ڌڙڪن سمجهيو ويندو هو. اهي انقلابي شاعر انگريز سامراج جي جنگي پاليسين جي حمايت ۾ گهٽين ۽ بازارين ۾ جنگي گيت ڳائڻ لڳا. اهڙيءَ طرح عام انگريز دشمن هندوستانيءَ جي نظر ۾ نہ رڳو اهي اديب ۽ شاعر، پر خود هندوستان

جي ڪميونسٽ پارٽي ۾ برطانوي سامراج جي حامي نظر اچڻ لڳي. اهڙي قسم جي ڊيوٽين ڏيڻ ڪري هندوستان جي ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي عوام جي نظرن ۾ اهو مقام حاصل نه ڪري سگهي، جيڪو ايڏي وڏي پارٽيءَ کي حاصل هجڻ گهرجي. نهروءَ جي هيءَ نڪتہ چيني عام هندوستاني سياسي ماڻهن کي بلڪل بجا ڏسڻ ۾ آئي ته "هندوستان جي سخت گرمين جي موسم ۾ ۽ جيڪڏهن ريڊيو ماسڪو مان اها خبر اچي ته ماسڪو ۾ برف پئجي رهي آهي ۽ سياٽي ۽ موسم سخت سرد رهندي، ته ٻئي ڏينهن هندوستاني ڪميونسٽ گرم ڪپڙا ۽ اوورڪوٽ پائي بازارن ۾ گهمندا نظر ايندا، پلي ڪٽي ان وقت هتي (هندوستان ۾) لُڪ ئي چو نه لڳندي هجي!"

روس ۽ سندس ٻين اتحادين جي ٻي عالمي جنگ ۾ فتح ۽ جپان ۽ ٻين فاشسٽن جي شڪست خاطر هندوستاني انقلابين جو پنهنجي عوام جي نظر ۾، پنهنجي ساڪ خطري ۾ وجهڻ جي قرباني ڏيڻ، ان وقت جي حالتن ۾ گهٽو ڪري سندن ڪاڻ لازمي ۽ اٽتر هو ۽ ان منجهان هندوستاني انقلابي جدوجهد کي جيترو زبردست نقصان پهتو ان کان گهٽو وڌيڪ فائدو عالمي انقلاب کي ان قدم منجهان پهتو پر هيءَ ڳالهہ بلڪل طئي آهي ته ان پاليسي، فيصلي ۽ ان قسم جي ٻين فيصلن هندوستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي هندوستان ۾ سامراج دشمن ساڪ ۽ ان تي هندوستاني عوام جي اعتماد کي ان دور جي پيچيدين حالتن ۾ وڏي ضرب رسائي ۽ اها ڪڏهن ۽ ان ڏڪ جو مڪمل پورائو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهي.

پنهنجي عوام ۾ پنهنجي ساک قائم ڪرڻ لازمي آهي

جيڪڏهن ڪنهن ملڪ جي پورهيت عوام کي هڪ دفعو اها پڪ ٿي وڃي ته اسان جي ملڪ جي انقلابي پارٽيءَ کي اسان جي ملڪ جي حالتن ۽ مسئلن سان ايترو واسطو ناهي، جيترو دنيا جي ڪنهن ٻي وڏي ڪميونسٽ ملڪ جي مسئلن سان آهي، ته پوءِ ان ملڪ جا عوام اهڙي پارٽيءَ کي ڪا وڌيڪ اهميت نه ڏيندا. ماڻهن جيان پارٽيءَ جو وقار ۽ هڪ ڏينهن ۾ نه نهندو آهي. جيڪڏهن ماڻهو ڏسندا ته فلاڻي پارٽيءَ

جون پاليسيون ڪنهن ٻي ملڪ جي پاليسين سان گڏوگڏ روزانو بدلجنديون رهن ٿيون. اها ڪڏهن ڪجهه ۽ ڪڏهن ڪجهه چوندي رهي ٿي ۽ سندس ڳالهين جو اصل سبب ملڪي حالتون نه، پر غير ملڪي هدايتون آهن. تہ ان پارٽيءَ جي پنهنجي عوام ۾ ڪا ساک نہ رهي سگهندي. هر سچي پارٽيءَ کي عوام جي سامهون هي ضرور ثابت ڪرڻو آهي تہ وڌين انقلابي طاقتن جي عالمي حالتن مطابق ناهيل حڪمت عملي، تدبيرن ۽ پاليسين سان گڏوگڏ سندس پنهنجي ملڪي حالتن مطابق ناهيل سندس هڪ پنهنجي الڳ ۽ نسبتاً خودمختيار حڪمت عملي ۽ عمل جي وات بہ آهي. سندس پاليسين ۾ هڪ اندروني گهرو ربط بہ آهي ۽ سندس عمل ۾ ثابت قدمي ۽ استقامت بہ آهي.

پاليسين جو راتو رات بدلجڻ

وڌين انقلابي طاقتن جي ڏينهون ڏينهن بدلجندڙ پاليسين جي پيروي ڪندي، پنهنجي ملڪ جي پاليسين کي ڏينهون ڏينهن بدلائڻ سان، پارٽين جي پنهنجي عوام اندر ساک کي جيڪو زبردست ناقابلِ تلافي نقصان پهچي ٿو اهو خاص طرح سان اهڙن موقعن تي بلڪل صاف محسوس ٿيڻ لڳي ٿو. جڏهن اهڙيون پارٽيون اوچتو اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳن ٿيون، جن جي اوچتو ڪرڻ لاءِ ڪين کي معقول دليل ۽ سبب نہ هوندو آهي. مثال طور: روسي ڪميونسٽ پارٽي دنيا جي ڪنهن ٻي انقلابي پارٽيءَ سان صلاح مصلحت کان سواءِ جڏهن اوچتو وٽي هڪ اعلان ڪيو تہ نہ رڳو روس جو پر پوري انقلابي دنيا جو مجيل انقلابي اڳواڻ جوزف استالن وڏو سفاڪ ۽ قاتل هو ۽ جڏهن انهن سندس لاش کي قبر مان ٻاهر ڪڍي ڦٽو ڪيو تہ دنيا جي ڪيترين ڪميونسٽ پارٽين رات وچ ۾ روسي پارٽيءَ جي پيرويءَ ۾ پنهنجي پاليسي هڪدم بدلائي ڇڏي ۽ استالن کي عظيم ليڊر چوندي چوندي، پلٽو ڪائي، ان کي سفاڪ، قاتل ۽ ڏاڪو چوڻ شروع ڪيو. اهو ڏسي هر ملڪ جا عوام ۽ انقلابي ڪارڪن دنگ رهجي ويا.

خدا خير ڪري، جيڪڏهن...

اڄ جناب برزنيف کي نہ رڳو روس جو پر پوري دنيا جو عظيم اڳواڻ چيو ٿو وڃي، پر خدا خير ڪري، جيڪڏهن سياٽي ان کي

ڪجھ ٿي پوي ۽ سندس جانشين اوچتو ان کي گاريون ڏيڻ شروع ڪن، تہ وڏو امڪان اھو آھي تہ اڄ دنيا جي مختلف پارٽين جا جيڪي اڳواڻ جناب برزنيف جون تعريفون ڪندي نٽا ٿڪجن، اھي روسي پارٽيءَ جي رويي ۾ اوچتي تبديليءَ جي خبر ٻڌندي ئي ھڪدم روسي پارٽيءَ جي سُر ۾ سُر ملائي. جناب برزنيف کي گاريون ڏيڻ شروع ڪندا. خدا خير ڪري، جيڪڏھن واقعي ڪا اھڙي ڳالھ ٿي تہ ظاھر آھي تہ دنيا جي ماڻھن جي نظر ۾ انقلابي پارٽين جي پنھنجي عوام جي سچن نمائندن جي حيثيت ۾ ساک کي زبردست نقصان رسندو. اھڙيءَ طرح چيني پارٽيءَ جي موجوده اڳواڻن ھاڻي جڏھن "عظيم پورھيت ثقافتي انقلاب" جي مذمت ڪرڻ شروع ڪري ڏني آھي، تہ تڏھن چين جي سربراھيءَ ۾ ايمان رکندڙ انھن پارٽين، جن جي زبان انقلاب جي تعريف ڪندي ڪندي سُڪي ويئي ھئي، اھي پارٽيون پلٽو کائي، ھن انقلاب تي اھڙي شدت سان تبصرو ڪرڻ ۾ لڳي ويون آھن، جو ايئن ٿو لڳي تہ جڻ ھي حضرات ازل کان ئي آڳريون ڪٽي رھيا آھن. نتيجي ۾ چين جون پوئلڳ پارٽيون، جيڪي ھن کان اڳ مائوزي تنگ جي شان ۾ قصيدا پڙھڻ ۾ رڌل ھوندیون ھيون، اھي اوچتو ان تي سخت نڪتہ چيني ڪرڻ لڳيون آھن. ٻاھران اشارو ملندي ئي عظيم انقلابي شخصيتن متعلق ھيءَ موقعي پرستيءَ واري پاليسي اختيار ڪرڻ ۽ ھر نئين ايرندڙ سڄ کي سلام ڪرڻ وارو ھي رويو عام پارٽين جي ساک کي پنھنجي ملڪ جي عوام جي نظر ۾ بُريءَ طرح سان ڪيرائي ٿو ڇڏي. اھڙين حرڪتن کي ڏسڻ کان پوءِ ھيءَ ڳالھ ڏاڍي سولي نموني سمجھ ۾ اچي ٿي تہ ايڏو شاندار نظريو ايڏي صحيح عالمي عمل جي واٽ ۽ انقلاب جو ايڏو آزمايل مجرب نسخو ھڻڻ جي باوجود، دنيا جي اڪثر انقلابي پارٽين جو پنھنجي عوام ۾ ايترو گھٽ اثر رسوخ ڇو آھي. سندس رھنمائيءَ ۾ ھلندڙ جدوجھدون ايڏيون ڪمزور ڇو آھن ۽ پنھنجي مخالف حڪمرانن جي مقابلي ۾ سندس سياستدان ايترو ڪمزور ڇو آھي؟

عوام دشمن حڪمرانن جي مخالفت جي پاليسي کي اونڌو ڪرڻ

وڏين ڪميونسٽ پارٽين جي انڌي پوئيواريءَ جا خراب نتيجا ان وقت بہ صاف نظر ايندا آهن، جڏهن وڏيون طاقتون پنهنجي عالمي مصلحت سبب، ڪنهن ملڪ جي عوام دشمن حڪمرانن سان سنا لاڳاپا قائم ڪن ٿيون. اهڙن موقعن تي گهٽو ڪري هيئن ٿيندو آهي، جو اهڙن ملڪن جون پارٽيون، جيڪي ان وقت تائين پنهنجي ملڪ جي عوام دشمن حاڪمن سان جنگ جوٽيندیون پئي رهيون هونديون آهن ۽ سندن سخت مذمت ڪنديون رهيون هونديون آهن ۽ عوام کان پنهنجي ان انقلابي موقف جي ڪري خراج تحسين وصول ڪنديون رهيون هونديون آهن، اهي هڪدم وڏين پارٽين جي پاليسيءَ جي پوئيواري ڪندي، انهن حاڪمن جي نہ رڳو مخالفت ختم ڪري ڇڏين، پر سون مٽان سهاڳو وري هي تہ اهي انهن رجعت پرستن جي تائيد ۽ پٺيرائيءَ لاءِ جواز بہ ڳولي ڪين ٿيون ۽ اهي انهن بدمعاشن کي ترقي پسند ۽ انقلاب دوست جي لقبن سان نوازڻ کان بہ ڪين ٿيون ڪيبائين. تنهنڪري اهڙن ملڪن جا عوام اها ماجرا ڏسي سمجهڻ لڳن ٿا تہ انهن پارٽين جو ڪو انقلابي ضمير ڪونهي ۽ مٿن اعتبار ڪرڻ فضول آهي. ان جو هڪ مثال پاڪستان ۾ چين پرست ٽولن جو پاڪستان جي مختلف آمرن ڏانهن جهڪاءُ آهي. تنهنڪري اڄ بہ اسان جي اکين اڳيان سورنهن آنا سچا چين پرست پاڪستاني ڪامريڊ افغان انقلاب کي غير شرعي ثابت ڪرڻ ۾ لڳا پيا آهن ۽ افغان رجعت پرستن ۽ سامراجي ايجنٽن جي برپا ڪيل غارتگيريءَ واري مهم کي افغان عوام جي انقلابي مزاحمت ثابت ڪرڻ جي خير جي ڪم ۾ مصروف آهن. اهڙي انقلابيت، اهڙن پارٽين کي پنهنجي عوام جي نظرن ۾ انقلاب جو غدار ۽ سامراجي ايجنٽ نہ تہ بہ هڪ حيرت انگيز ڪل جهڙو ۽ خطرناڪ عجوبو ضرور بڻائي ٿيون ڇڏين.

قومي آزاديءَ جي جدوجهدن جي حمايت جي پاليسي ۾ اوچتو تبديلي

وڏين انقلابي طاقتن ۽ قوتن جي پنهنجي حڪمت عملي ۽

بدلجندڙ مصلحتن جي ماتحت ڏينهون ڏينهن دنيا جي مختلف قومي آزاديءَ جي جدوجهدن متعلق سندن پاليسين ۾ به تبديليون ايندیون رهن ٿيون. اهڙين پاليسين جي انڌي تقليد به عام پارٽيءَ کي پنهنجي عوام ۽ خاص طور تي قومي جدوجهد هلائيندڙ قومن جي عوام ۾ رسوا ۽ خوار ڪري ٿيون ڇڏين. ڪردن ۽ ايريٽريا جي عوام جي قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي سلسلي ۾ روس جي پاليسيءَ ۾ اوچتو تبديليءَ ۽ اوپر بنگال جي آزاديءَ جي جدوجهد ۽ ڏکڻ اوپر ايشيا جي بين قومي تحريڪن جي سلسلي ۾ چين جي پاليسين ۾ به تبديليون ايندي ئي. انهن ملڪن جي روس ۽ چين پرست پارٽين پنهنجون پاليسيون به چين ۽ روس جي پاليسين مطابق بدلائي ڇڏيون. نتيجو ظاهر آهي ته اهو نڪتو جو قومي تحريڪ ۾ حصو ونندڙ عوام جو انهن پارٽين تان اعتماد قطعي ڪجي ويو. وڌين طاقتن جي ان قسم جي انڌي تقليد نہ رڳو ملڪي انقلاب جي مفادن جي خلاف آهي، پر خود عالمي انقلاب جي خلاف آهي، ڇوتہ وڌين انقلابي قوتن جي پاليسي جي دنيا جي مختلف پارٽين طرفان تائيد جي اهميت رڳو تڏهن ئي ٿيندي، جڏهن اهي تائيد ڪرڻ واريون پارٽيون پنهنجي ملڪ ۾ ڪا انقلابي ساک رکنديون هجن ۽ ان تائيد ۾ ملڪ جو عوام به شامل هجي، نہ ڪي رڳو ڪجهہ فرمانبردار فرد. مختلف ملڪن جي پارٽين جي آهستي آهستي ساک وڃائي ويهڻ ڪري، انهن ملڪن ۾ انقلابي عمل سست پئجيو وڃي ۽ هڪ نقطي تي پهچي انقلابي جدوجهد نالي ماتر ۽ نمائشي رهجيو. آخر ڪار ڏاڪي به ڏاڪي مفلوج ۽ لولي لنگڙي ٿيو پوي.

برسرِ اقتدار پارٽين ۽ بين پارٽين جي وچ ۾ رشتي جو سوال

دنيا جون وڌيون برسرِ اقتدار ڪميونسٽ پارٽيون، مثال طور: روسي ۽ چيني ڪميونسٽ پارٽيون، جيڪي ڪلم ڪلا يا عملي طور تي تحريڪ جي عالمي مفادن جي نمائندگي ڪرڻ ۽ ان جي سربراهہ هجڻ جون دعويدار آهن، انهن دنيا جي بين ڪميونسٽ پارٽين، خاص طور تي ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي وچولن ۽ ننڍين ملڪن جي پارٽين سان جنهن قسم جا لاڳاپا قائم ڪري رکيا آهن، اهي

اڪثر صحيح قسم جا نڪا ٿيندا. اهي رسمي طرح برابريءَ وارا هوندا يا عملي طور بالادستيءَ وارا ٿيندا آهن. جنهن سان نه رڳو ملڪي تحريڪ کي، پر عالمي تحريڪ کي به زبردست نقصان پهچي ٿو. وڏا انقلابي ملڪ، بين ملڪن جي انقلابي عوام ۾ پارٽين کي هر طرح جي مدد ڏيندا آهن. ان کان سواءِ سندن پنهنجي انقلابي جدوجهد هلندي يا انقلاب کان پوءِ ڪيل ڪارنامن سبب دنيا جي هر ملڪ جي انقلابي عوام ۾ ڪارڪنن ۾ انهن جو زبردست اثر رسوخ رهي ٿو. اهي پنهنجو علم ۽ ادب دنيا جي مختلف زبانن ۾ ترجمو ڪري، سڄي دنيا ۾ ڦهلائين ٿا. پوري دنيا جا انقلابي ماڻهو سندن سورمن کي پنهنجو سورمو ڪري ميجين ٿا. سندن ملڪن کي پنهنجو ملڪ سمجهن ٿا ۽ سندن چپي چپي جي ايتري جاڻ رکن ٿا جيڪا ان سان ايترو ته گهرو لڳاءُ ۽ پيار کن ٿا، جيتري جاڻ اهي پنهنجي وطن بابت ۽ جيترو گهرو لڳاءُ هو پنهنجي ملڪ سان مشڪل سان رکن ٿا. سندن خيالن تي انهن عظيم انقلابي ملڪن جي انقلابي تاريخ جا رنگين انقلابي ڪردار ڇانيل رهن ٿا. سندن پيار، محبت، اميد ۽ اعتماد جي روشنيءَ سان چمڪندڙ اکيون هر وقت انهن ملڪن طرف لڳل رهن ٿيون. اهي پنهنجي رهنمائي ۽ دلداريءَ جي اڄ انهن چشمن مان اُجهائين ٿا. انهن ملڪن ۽ انهن جي عوام جي ڏک ۽ درد کي هو پنهنجو ڏک ۽ درد ۽ انهن جي فتح ۽ ڪامرانيءَ کي اهي پنهنجي فتح ۽ ڪامراني سمجهن ٿا. انهن ملڪن جون ڏرتيون سندن خوابن ۽ اميدن جون سرزمينون بڻجيو ٿيون پون. اتان کان آيل هر انقلابي پڪار سندن لاءِ اسرافيل جي ناد جيڏي اهميت ٿي رکي. اها صورتحال هڪ حد ۽ هڪ عرصي تائين انقلاب لاءِ نهايت فائديمند ٿئي ٿي. سڄي دنيا ۾ انقلابي عوام جي ذهني، فڪري ۽ روحاني طور تي هڪ يا ٻن عالمي انقلابي مرڪزن تي جمع ٿيڻ سبب سامراج، ملڪي رجعت پرستن ۽ عوام دشمنن کي جڻ هڪ فولادي ذهني، فڪري ۽ روحاني ديوار سان ٽڪر کائڻو پئجي ٿو وڃي.

پر ان صورتحال جو هڪ نقصانڪار پاسو به آهي. وڏين انقلابي قوتن سان فڪري ۽ روحاني عقيدت جا جذبا رکڻ سبب، بين ملڪن جا انقلابي ماڻهو انهن ۾ اميدون ۽ آسرن رکڻ سبب، سخت غير

حقيقت پسنديءِ وڏاءَ ۾ خوش فهميءَ جو شڪار ٿي وڃن ٿا. اتان جي هر انقلابي ڳالهه سندن لاءِ آسماني آيت جي حيثيت رکندي آهي. انهن ڳالهين جي سچائيءَ کي ڪنهن شڪ شبهي، ڪنهن سوال جواب ۾ ڪنهن تنقيدي چنڊچاڻ کان مٿانهون سمجهيو ويندو آهي. اتان جي انقلابي اڳواڻن جي ڪنهن غلطيءَ جو ذڪر ڪرڻ سندن نظر ۾ نهايت بي ادبي ۽ گستاخيءَ جي ڳالهه سمجهي ويندي آهي. انهن تي تنقيد ڪرڻ بيهودگي ۽ غداري سمجهي ويندي آهي. سندن ڪنهن ڳالهه جي ترديد ڪرڻ انقلاب دشمني سمجهي ويندي آهي. اها صورتحال ماڻهن جي عقيدت جي اهڙن جذبن کي غلط ۽ غير انقلابي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جي دعوت ڏئي ٿي ۽ اهڙو غلط استعمال اڪثر ٿيندو رهي ٿو.

وڏيون برسرِ اقتدار پارٽيون. دنيا جي ٻين ملڪن ۾ پنهنجي انهيءَ ذهني، سياسي ۽ ايڏا ۾ وڏيڪ روحاني برتريءَ ۽ اثر رسوخ جي ڪري عملي طرح ٻين پارٽين کي گهٽي حد تائين پنهنجو ماتحت ۽ تابعدار بنائي هلائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. اهي گهٽو ڪري پنهنجي مرضيءَ ۽ پسند جي ماڻهن کي پارٽين ٺاهڻ جو پروانو ڏين ٿيون. سندن ئي گروهه کي مزدور انقلابي پارٽي هجڻ جي سند عطا ڪن ٿيون ۽ انهن کي ئي بين الاقوامي مدد ڏين ٿيون. ان سلسلي ۾ اهڙي پارٽيءَ جي اهليت جي هڪڙي تمام اهم ڪسوٽي اها ۾ هوندي آهي ته اها پنهنجي ملڪ جي حالتن جي انقلابي تقاضائن جي ابتڙ ۽ انهن جي سراسر خلاف ڪيتري حد تائين برسرِ اقتدار وڏين پارٽين جي فرمانبرداري ۽ زيردستيءَ جا فرض سهڻي نموني سرانجام ڏيئي سگهي ٿي.

ٻئي طرف ڪڏهن ڪڏهن ايئن ۾ ٿيندو آهي، جو پلي ڪٽي ڪو ماڻهو پنهنجي عوام اندر ڪيترين ئي مضبوط انقلابي پاڙون ڇو نه رکندو هجي، ڪيترو ئي مضبوط انقلابي ڪميونسٽ ڇو نه هجي، پر جيڪڏهن ان ڪڏهن ڪنهن برسرِ اقتدار وڏيءَ پارٽيءَ جي اڳواڻن جي ڪنهن خاص ڳالهه سان ها ۾ ها ملائڻ کان انڪار ڪيو ته پوءِ ان کي ڪير مان مڪ جيان ٻاهر ڪڍي اڇلايو ٿو وڃي ۽ ان کي انقلاب دشمن، سي. آءِ. اي جو ايجنٽ ۽ خبر ناهي ڪهڙن ڪهڙن الزامن سان

نوازيو ٿو وڃي. وڏين برسرِ اقتدار پارٽين ۾ عام پارٽين جي وچ ۾ رشتي جو بدترين روپ اهو هوندو آهي، جڏهن ڪنهن ملڪ جي ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي ملڪ جي عوامي انقلابي پارٽي گهٽ ۾ ڪنهن وڏي ڪميونسٽ طاقت جو پگهاردار ملازم ٿولو وڏيڪ ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

هر وقت وڏين انقلابي قوتن جي پرڏيهي پاليسين جي تابعداريءَ جي تقاضائن کي پورو ڪرڻ ۾ لڳيون رهڻ واريون پارٽيون، رڳو جي حضوري ڪرڻ جون ماهر تنظيمون ۾ اهڙا ئي ڪارڪن پيدا ڪنديون آهن. آهستي آهستي اهڙي قسم جا درباري رشتا، وڏين انقلابي پارٽين ۾ بہ خوشامد پسنديءَ جي علت پيدا ڪري سگهن ٿا. اهي گهٽو ڪري اهڙن ماڻهن جي ٻولا ۾ رهنديون آهن ۾ ڪين ملڪي پارٽين مٿان مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. جيڪي جي حضوري ڪرڻ جون ماهر هونديون آهن ۾ پنهنجي عوام جي جدوجهد جي انقلابي ضرورتن جي مقابلي ۾ سڄو وقت عالمي انقلابي قيادت جي رضامندي ۾ خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻڪ ۾ مصروف رهندا آهن. اهڙيون تنظيمون ۾ انهن جون قيادتون سڄي ملڪ جي جي حضورين ۾ درٻارين کي گڏ ڪري، انهن کي ملڪ جي انقلابي عوام ۾ سڄن انقلابين ۾ تنظيمن کان پري رکنديون آهن. ڇوتہ سندن سارو ڪاروبار شوبازيءَ تي هوندو آهي، ان ڪري انهن کي سڀ کان وڏيڪ خوف اهو هوندو آهي تہ متان حقيقي انقلابي ڪارڪن ۾ عوام سندن پارٽيءَ ۾ نہ شامل ٿي وڃن ۾ ان کي حقيقي جدوجهد هلائڻ تي مجبور نہ ڪري وجهن.

مختلف ڪم جدا جدا ماڻهن کان ورتا وڃن

وڏين انقلابي قوتن جون هر ملڪ ۾ جيڪي بي انتها ضرورتون ٿين ٿيون، انهن کي رڳو ان ملڪ جي ڪميونسٽ پارٽي پورو نٿي ڪري سگهي. وڏيون طاقتون، پلي کٽي اهي انقلابي هجن يا انقلاب دشمن، انهن کي دنيا جي هرهڪ ملڪ ۾ پنهنجن اهڙن ماڻهن جي هر وقت ضرورت ٿئي ٿي، جيڪي هر ڀالهہ ۾ سندن حڪم جي بنا چون چران تعميل ڪن ۾ هر حال ۾ انهن جي حمايت ڪن. وڏين ڪميونسٹ طاقتن کي بہ هر ملڪ ۾ ڪميونسٹ پارٽين ۾ انقلابين کان سواءِ اهڙن

ماڻهن جي ضرورت ٿئي ٿي، جيڪي سندن هر حڪم جي تعميل ڪن ۽ ڪنهن ٻي ڳالهه جي پرواهه نه ڪن. اهڙن ماڻهن کي پنهنجو مختيارنامو ڏيئي، هڪ ملازم جيان انهن کان پنهنجي مطلب جو ڪم وٺي سگهجي ٿو. ان ڪم کان سواءِ انهن کان ٻيو ڪم وٺڻ نه گهرجي، پر اڪثر ايئن نٿو ٿئي. اڪثر ايئن ٿو ٿئي جو اهڙن پگهاردار ملازم پيشي ۽ حڪم جي بندن ماڻهن جي ٽولي تي، ان ملڪ جي ڪميونسٽ پارٽي هجڻ جو ٽيپو به لڳايو ٿو وڃي ۽ سندن هٿن ۾ انقلاب جو ڳاڙهو جهنڊو به ڏنو ٿو وڃي، پوءِ اهڙا ماڻهو سڄي دنيا جي ابن الوقت ماڻهن جي پراڻي رسم مطابق، ان جهنڊي کي موقعي پرستيءَ، عوام دشمنيءَ ۽ انقلاب دشمنيءَ جي گند سان پريل ڪني ناليءَ ۾ گهليندا ٿا وتن ۽ پنهنجي ان گندي‌ءَ حرڪت کي لڪائڻ لاءِ پنهنجا ۽ پنهنجن زبردست ملازم ڇاڙتن جا من گهڙت ڪارناما ۽ ڪامياڀيون ايجاد ڪري، انهن کي وڏي شدمد ۽ فصاحت بلاغت سان بيان ٿا ڪن. اهي اهڙا اهڙا داستان گهڙي ڦهلائين ٿا، جن جي مقابلي ۾ پراڻين فلمن جي ان "هنٽر واري نادير" جا ڪارناما به خسيس بڻجي ٿا وڃن، جنهن جي هڪ مُڪ سان ڪيترائي ماڻهو مٽي اڏامي، ڇت ڦاڙي، آسمان ڏانهن هليا ويندا هئا. ڪنگ ڪانگ جا ڪرتب به سندن فرضي انقلابي ڪرتبن جي پيٽ ۾ ڪنهن ٻار جون معصوم شرارتون نظر اچڻ لڳن ٿا. پنجن ماڻهن جي هڪ ڪمري ۾ ويهي ڪيل سُس پُس کي پنج هزار ماڻهن جو زبردست جلسو لکي موڪلڻ، ٻن- ٽن ماڻهن جي گهٽيءَ ۾ بيهي هُو هُو ڪرڻ کي غصي ۽ نفرت سان پريل زبردست عوامي مظاهرو ڪري ڏيڻ، پنجاهه ماڻهن جي جلوس کي هزارين ماڻهن جو ڇوليون هڻندڙ انساني سمنڊ ڪري ڏيڻ، ملڪ ۾ جيڪڏهن ڪنهن حادثي ۾ ڪا بس اونڌي ٿي پئي ته ان کي پنهنجي اڳواڻيءَ ۾ هلندڙ ڪنهن فرضي ۽ هٿرادو عظيم عوامي جدوجهد جي سلسلي ۾ جوش خروش سان پريل انقلابي عوام جو غصي پريل انقلابي عمل قرار ڏيڻ، ملڪ ۾ جيڪي ڪجهه به ٿيندو هجي، اهو سڀ پنهنجي ڪاتي ۾ لکي موڪلڻ، جتي به جدوجهد جو هڪ پن به ڇُرندو ٻڌو ويو هجي، ان کي پنهنجي اشاري تي سڄي ٻيلي کي لڳل باهه

ڪري مشهور ڪرڻ ۾ ملڪ کي هر وقت پنهنجي انقلابي سرگرمين سان گرم ڪيل هڪ ايرندڙ ۾ ٿهڪندڙ سمنڊ ظاهر ڪرڻ، ان قسم جون ڳالهيون ٻاهي مشهور ڪرڻ، انهن جي ڪهي هٽ جو ڪم آهي. هي ماڻهو پنهنجي سرفروشيءَ ۾ بهادريءَ ۾ ان جي ابتڙ سڄي ملڪ جي عوام جي انقلاب کان بيزاريءَ ۾ انقلاب دشمنيءَ جو نقشو چٽڻ ۾ اهڙي بيان بازيءَ ۾ منظرڪشي ڪندا آهن، جو ڏسڻ ۾ ايندو آهي ته جيڪڏهن اهي ماڻهو عالمي انقلاب ۾ وڌين انقلابي قوتن جي مفادن تي پهرو نه ڏيندا رهن ها ته دنيا جا ڪروڙين اربين رجعت پرست، عوام پنهنجي انقلاب دشمن جذبن سبب، عالمي انقلاب ۾ وڌين انقلابي طاقتن جو خبر ناهي ته ڪهڙو حشر ڪري ڇڏين ها!

وڌين انقلابي طاقتن جا پگهاردار ماڻهو انقلابي پارٽين جي جڳهه پري نٿا سگهن ۾ نه ئي انقلابي پارٽيون پگهاردار ۾ فرمانبردار نوڪرن جو ڪم سرانجام ڏيئي سگهن ٿيون. اهي ٻئي الڳ الڳ ڪم آهن ۾ ٻن مختلف ماڻهن جي تولن جي حوالي ڪرڻ گهرجن، پر ٿئي هيئن ٿو جو هڪ ئي گروهه کي اهي ٻئي ڪم سپرد ڪيا ٿا وڃن، يا ته پگهاردار ملازمن جي پلٽڻ تي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ٽپو هٽي ڇڏيو ٿو وڃي يا وري ڪميونسٽ پارٽين کان اميد رکي ٿي وڃي ته اهي پنهنجي ملڪ جي انقلابي جدوجهد سان گڏوگڏ وڌين پارٽين جي روزانو بدلجندڙ حڪمن جي تعميل ۾ چست ۾ چالاڪ ملازمن واري چابڪ دستيءَ ۾ هوشياريءَ وارا جوهر ڏيکارين ۾ پنهنجي ملڪ جي انقلابي جدوجهد کي ان حساب سان هلائين. اهڙيءَ طرح نه ملازمت جو پورو حق ادا ٿي سگهي ٿو ۾ نه ئي انقلابي جدوجهد جو. انقلاب اهڙن پگهاردار ماڻهن جي وس جي ڳالهه ناهي. عوام انهن کي قبول ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ٿا ڇڏين. ٻئي طرف حقيقي ڪميونسٽ پارٽيون صحيح قسم جي فرمانبرداريءَ جون تقاضائون پوريون نٿيون ڪري سگهن، تنهن ڪري اهي وڌين طاقتن جي نظر ۾ ناڪام نافرمان ۾ انقلاب دشمن ۾ خبر ناهي ٻين ڪهڙن ڪهڙن لقبن سان نوازجڻ جوڳيون ٻڌجي پون ٿيون. اهڙيءَ طرح ٻئي ڪم بگڙيو وڃن.

اهڙيون پگهاردار پارٽيون "نہ خدا مليو نہ وصالِ صنم"، "نہ گهر جا نہ گهاٽ جا" جا جيئرا جاڳندا مثال ٻڌجيو پون. اها صورتحال نہ رڳو لاڳاپيل ملڪن جي انقلابي جدوجهد لاءِ تباهہ ڪُن ٿئي ٿي، پر خود وڏين طاقتن جي مفادن لاءِ بہ نقصانڪار آهي، ڇوتہ انهن فرمانبردار پارٽين جي نااهلين ۽ ناڪامين سبب اهي وڏيون انقلابي طاقتون انهن لاڳاپيل ملڪن جي انقلابي عوام جي حقيقي ۽ پرپور امداد ۽ تائيد کان محروم رهجيو ٿيون وڃن.

اڄ تائين دنيا ۾ جيڪي بہ انقلاب آيا آهن، انهن کان وڌيڪ انقلاب ڇو نہ اچي سگهيا آهن؟ ان جو هڪ سبب هي بہ آهي، جو وڏين انقلابي طاقتن جي پارٽين ۽ ٻين انقلابي پارٽين جي وچ ۾ لاڳاپا صحيح ناهن، جنهن ڪري انهن ملڪن جون انقلابي جدوجهدون پنهنجي ملڪ جي عوام جون سڀ لکل ۽ ڏيل انقلابي صلاحيتون اجاگر ڪري، انهن کي عملي طرح ڪارگر بنائڻ ۾ ناڪام ٿي ۽ وڏين طاقتن جي درباردارئ ۽ فرمانبرداريءَ جي بار هيٺان ڏٻجي، پنهنجي انقلابي پيش قدميءَ جون صلاحيتون وڃائي، مُدي خارج ٿي رهجي ويون آهن. اهو تمام ضروري آهي تہ وڏين انقلابي قوتن ۽ ٻين پارٽين جي وچ ۾ لاڳاپن کي صحيح انقلابي بنيادن تي نئين سر تعمير ڪيو وڃي.

علائقائي قومي تضادن کي صحيح طريقي سان حل ڪيو وڃي

لينن چيو آهي تہ "سوشلزم قومي مسئلي کي پنهنجو پاڻ حل نٿي ڪري، ان جي حل لاءِ صرف حالتون سازگار ڪري ٿي." انهن سازگار حالتن جو پورو پورو فائدو وٺي جيڪڏهن ڪا سوشلسٽ حڪومت يا پارٽي پوري پوري ڪوشش ڪري تہ ڪنهن بہ ملڪ ۾ قومي تضادن کي صحيح نموني حل ڪري سگهجي ٿو تنهن ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ جن ٻن ملڪن جي وچ ۾ قومي بنيادن تي ڇڪتاڻ هجي، انهن جي سوشلسٽ بنجي وڃڻ سان اهي تضاد ۽ جهيڙا، جيڪي تاريخي طرح انهن کي ورثي ۾ مليل آهن، اهي پنهنجو پاڻ ازخود ختم نٿا ٿي وڃن. انهن کي جڏهن پوري ڪوشش سان ختم ڪيو ويندو تڏهن ئي اهي ختم ٿيندا ۽ اهي بہ ڏگهي عرصي ۾ آهستي آهستي ختم ٿي سگهندا، فوري طور هڪ ڏينهن ۾ ختم نہ ٿيندا.

"ڪلهي قاتل ڪنجرو، متو اڳهاڙو"

انقلاب کان اڳ ڪنهن به ملڪ جي انقلابي ماڻهن جو ان علائقي متعلق رويو اهو نڙو رهي، جيڪو ان ملڪ جي حاڪم طبقي جو ٿئي ٿو. انقلاب کان اڳ انقلابي ماڻهو پنهنجو پاڻ کي وطن ۾ بي وطن سمجهندا آهن، جن ڳالهين کي حاڪم طبقا پنهنجي وطن جي ڪاميابي، عظمت ۽ شان شوڪت سڏيندا آهن. عام انقلابي ماڻهو ڄاڻي ٿو ته اهي رڳو حڪمران طبقن جا پنهنجي تسلط کي قائم رکڻ جا بهانا آهن. جن مسئلن کي حاڪم طبقو پوري قوم جي زندگي ۽ موت جا مسئلا ڪري ڏيکاريندو آهي، انقلابي ماڻهن کي خبر آهي ته اهي رڳو حڪمرانن جي اقتدار تي رهڻ يا نه رهڻ جا مسئلا هوندا آهن. حاڪم طبقا جڏهن چون ٿا ته "ملڪ ۾ هيئن هيئن ٿيڻ گهرجي نه ته قوم تباهه ٿي ويندي" ته انقلابي ماڻهن جي خواهش رهي ٿي ته سڄو آهي ته معاملو حاڪم طبقن جي اميدن جي ابتڙ وڃي ۽ حاڪمن جو ٻيڙو ٻڏي. عام حالتن ۾ هر ملڪ جا عام انقلابي ماڻهو پنهنجي حاڪم طبقن جي پنهنجي پاڙيسري ملڪ سان لڙائي جهيڙي جي حمايت نه ڪندا آهن. حڪمرانن طرفان ڇيڙيل خواهمخواهه جي لڙاين ۾ هڪ انقلابي ماڻهو پنهنجي ملڪ جي شڪست چاهيندو آهي، ته جيئن سندس ملڪ جي حاڪمن جا هوش جاءِ ٽين ۽ اهي پنهنجي ملڪ ۾ عوام تي ظلم ۽ تشدد ڪجهه گهٽ ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃن.

جيڪڏهن ڪو انقلابي ماڻهو ڪنهن ملڪ جو رهاڪو آهي، جنهن ملڪ ٻين قومن ۽ ٻين ملڪن تي قبضو ڪري رکيو آهي، پر بعد ۾ ٻيو ڪو وڏو ملڪ، جنهن پاڻ پنهنجي پاڙيسري ملڪن ۽ قومن تي قبضو ڪري رکيو آهي، ان انقلابي ماڻهوءَ جي ملڪ جي حڪمرانن جي غلام ٻڌايل قومن تي قبضو ٿو ڪري، ته اها ڳالهه ان انقلابي ماڻهوءَ لاءِ وڌيڪ اهميت واري نٿي رهي ۽ هو ان ڳالهه تي ڪو خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت محسوس نٿو ڪري. اڃلو هو سوچي ٿو ته، "چڱو ٿيو جو منهنجي دشمن حاڪم طبقي جي طاقت تي هڪ وڌيڪ وار ٿيو." جيڪڏهن بعد ۾ ان وڏي ملڪ ۾ انقلاب اچي ٿو وڃي

تہ هو وڌيڪ خوش ٿو ٿئي تہ. "چڱو ٿيو. اسان جي انقلابي برادر ملڪ وٽ هيڏو سارو علائقو آهي. اهو جلد ايڏو طاقتور ٿي ويندو جو ڪوبہ ان جو وار ونگو نہ ڪري سگهندو." اهڙين ڳالهين ۾ ان ماڻهوءَ جو رويو عام طرح سان سسئيءَ جو پنهنور ڏانهن اختيار ڪيل رويي سان ملندڙ جلندڙ ٿئي ٿو جيڪو شاهہ لطيف هن بيت ۾ بيان ڪيو آهي:

ڪلهي قاتل ڪنجرو، متو اگهاڙو
منهنجو ڪاڙو، پينر هن پنهنور ۾؟

پر پنهنجي ملڪ ۾ انقلاب اچڻ کان پوءِ هڪ انقلابي ماڻهوءَ لاءِ وطن جي معنيٰ ۽ ان ڏانهن سندس رويي ۾ اوچتو هڪ انقلاب اچيو ٿو وڃي. پوءِ سندس وطن جو انچ انچ ان جو پنهنجو ٻڌجيو وڃي. ان وطن جا ڪارخانا، ان جون پنيون، ان جا ڳوٺ ۽ شهر، ان جا جهنگ جهر، ان جا بيابان ۽ ريگستان، ان جا درياهہ ۽ پهاڙ هن جون پنهنجون ذاتي شيون ٻڌجيو ٿيون پون. جن مان هو ڪنهن هڪ معمولي ڪان معمولي شيءِ کي بہ نظرانداز يا ضايع ڪرڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي. هو وطن جي انقلابي مان شان، عزت ۽ غيرت تي ڪنڊجي مرڻ لاءِ تيار ٿي ٿو وڃي. ان وقت جيڪڏهن ڪيس خبر پئجي وڃي ٿي تہ سندس پياري وطن جو ڪو علائقو ڪنهن ٻئي ملڪ وٽ قبضي هيٺ آهي. يلي ڪٽي اهو ملڪ سندس سڄو انقلابي پاڻ ئي ڇونہ هجي. تہ بہ هو نہ چاهيندي بہ ان ڳالهہ کي ايئن نظرانداز نہ ڪري سگهندو. جيئن هو اڳ ان کي نظرانداز ڪندو هو. هو سوچڻ لڳي ٿو تہ جيڪا شيءِ انصاف جي اصول مطابق مون وٽ هجڻ گهرجي. اها منهنجو انقلابي پاڻ پاڻ وٽ ڇو ٿو رکي؟ هو اها ڳالهہ سوچڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي تہ. "جيڪڏهن ٻئي برادر انقلابي ملڪ جي اڳلن حاڪمن جي غلام ٻڌايل ماڻهن کي. انقلاب کان پوءِ سوشلزم جي جهنڊي هيٺان ٻئي برادر ملڪ جي ماڻهن سان متحد ڪري رکي سگهجي ٿو تہ منهنجي ملڪ جي اڳلن حڪمرانن جي غلام ٻڌايل ماڻهن کي. منهنجي ملڪ جي سوشلسٽ انقلاب کان پوءِ ڪنهن ٻئي برادر ملڪ جي سوشلسٽ جهنڊي هيٺان. ان برادر ملڪ جي ماڻهن

سان متحد رکڻ بدران، منهنجي ملڪ جي سوشلسٽ جهنڊي هيٺان مون سان گڏجي متحد ڇونٿو رکي سگهجي؟"

اکثر ملڪ هڪٻئي سان علائقن تي وڙهندا رهندا آهن. هڪ چوندو آهي تہ "هي علائقو منهنجو آهي." ٻيو چوندو آهي تہ "نہ! هي علائقو منهنجو آهي." آخرڪار جيڪو ملڪ وڌيڪ طاقتور هوندو آهي، اهو تڪراري علائقن مٿان قبضو ڪري ٿو وڃي. ٻنهي ملڪن ۾ سوشلزم اچڻ کان پوءِ ٻہ ٻنهنجن علائقن کان محروم ٿي وڃڻ وارا ننڍا ملڪ اهو سوچيندا رهندا آهن تہ "اسان جو جيڪو علائقو وڏي برادر سوشلسٽ ملڪ جي قبضي هيٺ آهي، اهو منهنجي ملڪ کي واپس ڇونہ ملڻ گهرجي؟"

اهڙيءَ طرح ڪيترائي ملڪ پنهنجن ننڍن پاڙيسري ملڪن تي هر وقت حملي آور ٿيندا، کين ماريندا ۽ ستائيندا رهن ٿا. ٻنهي ملڪن ۾ انقلاب اچڻ کان پوءِ ٻہ ٻنهي ملڪن جي ماڻهن جي عادتن ۾ هڪدم تبديلي نٿي اچي. ڪڏهن ڪڏهن ڪي بالادست سوشلسٽ ملڪ ننڍن سوشلسٽ ملڪن تي چڙهي اچڻ جي لاءِ ڪنهن موزون 'انقلابي' بهاني جي تلاش ڪن ٿا ۽ ننڍڙا ملڪ هر وقت انهن کان پري پڃندا رهندا آهن ۽ پنهنجي ڪل بچاءَ ۾ پورا هوندا آهن.

ننڍن توڙي وڏن، ڪمزور توڙي طاقتور انقلابي ملڪن جي وچ ۾ علائقائي ۽ قومي جهيڙي جو مڪمل برابريءَ جي بنياد تي، ايمانداريءَ ۽ ديانتداريءَ تحت، انصاف جوڳو حل تلاش ڪرڻ کان سواءِ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ موجوده بحران کان ڇوٽڪارو هرگز حاصل نٿي ڪري سگهي.

عالمي انقلابي اڳواڻن خلاف اوچتا حملا

وڏيون انقلابي پارٽيون پنهنجن اڳواڻن کي نہ رڳو پنهنجو اڳواڻ ليکين ۽ مشهور ڪن ٿيون، پر اها ٻہ خواهش رکن ٿيون تہ سندن اڳواڻن کي سڄي دنيا جا انقلابي عوام ۽ انقلابي پارٽيون پنهنجو ٻہ اڳواڻ تسليم ڪن ۽ سموري دنيا جون انقلابي پارٽيون گڏجي ڪيس سموري دنيا جو انقلابي اڳواڻ ٻہ تسليم ڪن. جڏهن تہ اها ڳالهہ صاف آهي تہ انهن اڳواڻن کي وڏين

پارٽين جو اڳواڻ مقرر ڪرڻ ۾ دنيا جي ٻين پارٽين جي ڪارڪنن ۽ انهن ملڪن جي انقلابي عوام جو ڪوبه عمل دخل نٿو ٿئي. پر ان هوندي به دنيا جون انقلابي پارٽيون وڌين پارٽين جي وڏن اڳواڻن کي پنهنجو اڳواڻ ۽ سموري دنيا جي انقلابي عوام جو اڳواڻ مڃين ٿيون. ٿيڻ ته هيئن گهرجي جو اهڙن اڳواڻن کي. جن کي اهڙيءَ طرح پوري دنيا جي سموري انقلابي عوام جو اڳواڻ مڃرائڻو ۽ تسليم ڪرائڻو هجي. انهن اڳواڻن ۽ سندن تعليم جي عالمي تاريخي انقلابي رتبي جو ڪاٽو لڳائڻ ۾ سموري دنيا جي عوام جي راءِ ۽ صلاح مصلحت جو عمل دخل هجي. پر جيڪڏهن ايئن نٿو ٿئي يا نٿو ٿي سگهي ته گهٽ ۾ گهٽ ايترو ته ٿي سگهي ٿو جو انهن عظيم اڳواڻن کي سندن بين الاقوامي اڳواڻ هجڻ جي رتبي ۽ اعزاز کان محروم ڪرڻ جي نوبت اچي ته اها ڳالهه هڪ ئي پارٽي رات وچ ۾ طئي نه ڪري ڇڏي جيئن ته اهو اڳواڻ صرف سندن پارٽي جو اڳواڻ ناهي. پر سموري دنيا جي انقلابي عوام جو اڳواڻ مڃيو ۽ مڃرايو ويو آهي. تنهن ڪري سندس ۽ سندس انقلابي تعليم جي انقلابي رتبي ۾ تبديلي پوري دنيا جي انقلابي عوام ۽ انقلابي پارٽين کان پڇي ۽ سندس راءِ وٺي ڪئي وڃي. پر اسان ڏسي چڪا آهيون ته سوويت ڪميونسٽ پارٽي ڪنهن برادر پارٽيءَ سان هڪ به لفظ ڳالهائڻ کان سواءِ مڃيل عالمي انقلابي اڳواڻ جوزف استالن کي سندس اعزاز کان محروم ڪري. ڪيس قاتل. رهزن ۽ غنڊو قرار ڏيئي. سندس لاش کي قبر مان کوٽي ڪڍي ڇڏيو. چيني ڪميونسٽ پارٽي به اهڙيءَ طرح مائوزيتنگ ۽ سندس تعليم جي جوهر کي رد ڪري چڪي آهي ۽ آهستي آهستي سندس عالمي تاريخي حيثيت کان ڪلم ڪلا انڪاري ٿيندي پئي وڃي. ايا ڪالهوڪي ڳالهه آهي. جو اها پارٽي ان انقلابي فرد يا پارٽيءَ کي انقلابي ئي نه سمجهندي هئي. جيڪو مائوزيتنگ ۽ سندس عالمي عمل جي وات بابت تعليم ۽ سندس عظيم "مزدور ثقافتي انقلاب" جهڙن ڪارنامن جي عالمي تاريخي حيثيت کي مڃڻ کان ٿورو به ڪيڪائيندو هو. پر هاڻي ڪنهن به بي برادر انقلابي پارٽيءَ کان مشورو ونڻ کان سواءِ مائوزيتنگ جي نظرياتي قيادت جو تختو اونڌو ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي سڄي دنيا جي چين پرست پارٽين کي حڪم جاري ڪيو ويو آهي ته

اهي مائوزيتنگ کي عالمي انقلابي اڳواڻ مڃڻ ختم ڪن. اها صورتحال سمورين پارٽين جي وچ ۾ برابريءَ وارن جمهوري رشتن جي سراسر خلاف آهي ۽ ان جو تدارڪ ۽ خاتمو نهايت ضروري آهي.

انقلابي مرڪز جو مسئلو

روس ۽ چين ۾ نهي جي اها دعويٰ آهي ته سموري دنيا لاءِ صحيح انقلابي عمل جي وات اهائي صحيح آهي، جنهن تي هو خود هلي رهيا آهن. انهن ۾ نهي جي دعويٰ آهي ته عالمي انقلابي تحريڪ جا اڳواڻ اسين آهيون ۽ ان جو هيڊ ڪوارٽر اسان جو ملڪ آهي. جيتوڻيڪ هاڻي چين اها ڳالهه چوڻ شروع ڪئي آهي ته عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جو مرڪز هڪ ناهي، پر عملي طرح هو جو ڪجهه ڪري رهيو آهي، اهو دنيا جي انقلابي امامت جي دعويٰ کان ڪنهن به طرح گهٽ ناهي.

دنيا جي انقلابي مرڪز جي مسئلي تي خيالن جو اظهار ڪندي مون اڳ هڪ ٻئي مقالي ۾ لکيو هو ته، "انقلابي مرڪز بدلبا رهندا آهن ۽ بدلبا رهندا. دنيا ۾ پنهنجي دور جي ترقي پسند ۽ انقلابي خيالن، نظرين ۽ عملن جو هميشه کو هڪ مرڪز نٿو ٿئي، ڪڏهن کو شهر، ملڪ يا ڪنڊ انهن جو مرڪز ٿئي ٿو ۽ ڪڏهن کو ٻيو."

غلاميءَ ۽ جاگيرداريءَ واري دور ۾ ڪيترين صدين تائين سڀ کان ترقي پسند خيالن جو مرڪز ايشيا هو. چين، هندوستان، ايران، بابل ۽ مصر جون تهذيبون ۽ سندن خيال انهن زمانن جي عالمي تهذيبن ۽ سندن خيالن ۽ نظرين جا اڳواڻ هئا. پوءِ سرمائيداري نظام شروع ٿيڻ کان پوءِ هي مرڪز ٻه بدلجي يورپ ۾ آيو. آمريڪا ته اڃهو ٿورو وقت اڳ ئي عالمي تاريخ جي مرڪزي ميدان ۾ شامل ٿيو آهي، پر ٿوري ئي عرصي ۾ آمريڪي سرمائيداري يورپي سرمائيداريءَ کي پوئتي ڇڏي، عالمي سرمائيداريءَ جي اڳواڻ بڻجي ويئي آهي.

سوشلزم هڪ عالمي تحريڪ آهي، ان جو به سدائين کو هڪ مرڪز نٿو رهي سگهي. ان جو نظريو علم، سائنس، فڪر ۽ شعور جنهن بنياد تي تعمير ٿيو آهي، ان جا بنيادي پٿر به صرف هڪ ملڪ ۾ رکيل ناهن. سوشلزم جي اقتصاديات جو بنيادي پٿر انگلينڊ ۾، فلسفي

جو جرمنيءَ ۾ ۽ سياست جو فرانس ۾ رڪيو ويو. ان جي مڪمل نظريي جا باني جرمن هئا. پهرين سوشلسٽ حڪومت جي اڏاوت ۽ فاشزم کان سندس بچاءَ جي جدوجهد جو اڳواڻ جارجيا جو رهندڙ هڪ ايشيائي (اسٽالن) هو. سوشلزم مزدورن جي ڪنڊ يورپ مان اُٿي، هارين جي ڪنڊ ايشيا تائين پهتي ته ان چيني انقلاب سان گڏ چيني هارين منجهان اپريل چيني انقلابي اڳواڻ مائوزيتنگ کي جنم ڏنو. مارڪس ۽ اينجلس بار بار لکيو آهي ته "ڪنهن به هڪ ملڪ جو مزدور طبقو يا ان جي اڳواڻ انقلابي پارٽي هميشه لاءِ مزدور عالمي انقلابي تحريڪ جا اڳواڻ نٿا رهي سگهن، پر زندگيءَ جي ٻئي عام تجربي وانگر، انقلابي تاريخ جو تجربو ٻ ڏيکاري ٿو ته عام طور تي هڪ دفعو ڪو فرد، پارٽي يا قوم ڪا اڳواڻ پوزيشن حاصل ڪري ٿا وڃن ته پوءِ حالتون پلي ڪٽي ڪيتريون ئي بدلجي وڃن، پر جيستائين انهن جو وس هلي ٿو اهي آسانيءَ سان ان پوزيشن کي ڇڏڻ لاءِ تيار نٿا ٿين."

مارڪس جي زماني ۾ ڪيترن ئي غير جرمن مزدور اڳواڻن، خاص ڪري انگريز ۽ فرينچ سوشلسٽ اڳواڻن، مارڪس جي اڳواڻيءَ کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. انهن ٻين ڳالهين کان سواءِ اهو ٻ سوچيو پئي ته سوشلسٽ تحريڪ جا اصل مرڪز اسان جا ملڪ آهن، نه ڪي جرمني، جيڪا ان وقت ٽڪرا ٽڪرا ٿيل هئي ۽ پوئتي پيل هئي. ان ڪري سندن نظر ۾ ڪنهن جرمن جي سوشلسٽ تحريڪ جي باري ۾ صحيح نظريو رکڻ ۽ ان جي صحيح اڳواڻي ڪري سگهڻ جو سوال ئي پيدا نه پئي ٿيو. ان کان پوءِ جڏهن سوشلسٽ تحريڪ جي اڳواڻي جرمن سوشلسٽ جمهوريت پسند پارٽيءَ جي هٿ ۾ آئي ۽ ڪافي عرصي تائين ان جي هٿ ۾ رهي چڪي هئي، تڏهن وري جرمن سوشلسٽ اڳواڻن پوئتي پيل روس جي هڪ شخص لينن جي نظرين کي ان دور جي رهنما انقلابي نظرين جي حيثيت سان تسليم ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. ٻي عالمي جنگ کان پوءِ روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳواڻن پهريون موقعو ملندي ئي لينن جي عظيم انقلابي جانشين ۽ عالمي انقلابي تحريڪ جي مڃيل مشهور عالمي انقلابي اڳواڻ اسٽالن جي عظيم ڪارنامن ۽ نظرين کي رد

ڪري ڇڏيو. ياد رهي ته استالن نسلي طرح نه رڳو روسي نه هو پر يورپي به نه هو هو ايشيائي هو. اهڙيءَ طرح روسي اڳواڻن استالن کان پوءِ استالن جي جانشين جي حيثيت سان مائوزيتنگ کي پنهنجو ءِ دنيا جي انقلابين جو اڳواڻ تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سندن سوچ مطابق عالمي انقلابي مرڪز پيلا روس کان ٻاهر ڪيئن ٿي وڃي سگهيو؟

نسلي تعصب

پراڻيون سوچون هڪ ڏينهن ۾ ختم نٿيون ٿين. سماجي انقلاب اچڻ کانپوءِ به اهي سوچون دماغن جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ لڪيون ويٺيون هونديون آهن ءِ اتان ويهي حڪم هلائيندڙيون رهنديون آهن. طبقاتي قومي ءِ تهذيبي برادريءَ جي سوچ جي عادتن سان گڏ نسلي برتريءَ جي سوچ جون عادتون به ڪيترن زمانن جي جدوجهد کان پوءِ وڃي بدلجن ٿيون ءِ اهي به مڪمل طرح سان نه. مثال طور: دنيا جا گورا ماڻهو جن گذريل پنج سئو سالن کان دنيا مٿان برتريءَ جا مزا حاصل ڪيا آهن، اهي ڪنهن غير گوري کي پاڻ کان بهتر نه ڇا، پاڻ جهڙو به سمجهڻ لاءِ تيار نٿا ٿين، پلي ڪٽي ٻئي مخالف مزدور انقلابي ڇو نه هجن. دنيا جا ڪارا، سانورا ءِ پيلا انقلابي ماڻهو وڏيءَ خوشيءَ سان، وڏي فخر سان، يورپ جي گورن انقلابي استادن ءِ اڳواڻن کي پنهنجو استاد ءِ اڳواڻ تسليم ڪن ٿا، پر اڪثر گورا يورپي انقلابي ماڻهو ڪوٺن ءِ پهراڙين جي اڻ پڙهيل هارين جي ڪنڊن ايشيا ءِ آفريڪا جي ڪنهن غير گوري، ڪاري، سانوري يا پيلي ماڻهوءَ کي پنهنجي انقلابي استاد ءِ اڳواڻ جي حيثيت سان تسليم ڪرڻ جي لاءِ تيار نٿا ٿين. لينن گراد، ماسڪو برلن، لنڊن ءِ پيرس جي جڳ مڳ ڪندڙ شهرن جي رهاڪو گوري نسل جي مهذب ءِ اعليٰ تعليم يافته دانائن مارڪس، اينجلس ءِ لينن جو جانشين، ڪنهن ايشيائي ڪوٺ جي ڪنهن اڻ پڙهيل هاريءَ جو رڳو ڪجهه واجبي پڙهيل لکيل پُٽ ڪيئن ٿو ٿي سگهي، اها ڳالهه يورپ ءِ آمريڪا جي تعليم يافته مهذب گورن انقلابين جي سمجهه ۾ اچڻ کان ٻاهر آهي.

نسلي احساس ڪمتري

مسئلو رڳو نسلي برتريءَ جو ناهي، پر نسلي احساس ڪمتريءَ

جو ٻہ آهي. نسلي احساس ڪمتريءَ جي احساس ۾ مبتلا ڪارا، سانورا ۽ پيلا ماڻهو اهو سوچي ٻہ نٿا سگهن تہ اسان جهڙن خسيس ماڻهن منجهان اپريل ڪو ماڻهو پلا دنيا جي اڳواڻي ڪيئن ٿو ڪري سگهي ۽ اهو ٻہ يورپ جي گورن صاحب لوڪن جي هوندي؟ ان ڪري اهي سنڌي چوٽي مطابق تہ "ڏاڇي هٽي ڏهہ تہ توڏي هٽي تيرهن" وانگر يورپي گورن ماڻهن کان ٻہ ڏهہ قدم اڳتي وڌي، ڪنهن غير گوري، ڪاري يا پيلي ماڻهوءَ کي دنيا جو انقلابي اڳواڻ شمار ڪرڻ جي ڪفر جي ڪلمي کي زبان مان ڪيندڙ تي غيض ۽ غضب سان لعنت ملامت ڪرڻ لڳندا آهن. ياد رهي تہ خود لينن جي وقت ۾ انقلابي سياسي زبان ۾ لفظ "ايشيائي" (Asiatic) هڪ سياسي گار طور استعمال ٿيندو هو جنهن جو مطلب هو جاهل، اونداهو ۽ وحشي!

اڄ عالمي انقلابي تحريڪ جون ضرورتون اڳ واري دنيا کان بيحد مختلف ۽ جدا ٿي ويون آهن. هاڻي ان لاءِ سڀ کان اهم ڪم دنيا جي انقلابي عوام جي ٿورڙين ٿورڙين ڇڙوڇڙ قوتن کي هڪ جڳهہ تي گڏ ڪرڻ بدران انقلاب کي سموري دنيا جي هر ملڪ اندر وڏائڻو ۽ مضبوط ڪرڻو آهي. هن وقت سڀ کان وڏي ضرورت دنيا جي هڪ انقلابي اڏي کي بچائڻ ۽ سلامت رکڻ جي ناهي، پر انقلاب جي شعلن کي پنجن ئي ڪنڊن تائين ڦهلائڻ ۽ بلند ڪرڻ جي آهي. ان ضرورت جي ماتحت هاڻي هي لازم آهي تہ هر انقلابي پارٽي مزدور بين الاقواميت جي دائري ۾ رهندي ۽ ان جي تقاضائن کي مناسب حد تائين پورو ڪندي نسبتاً هڪ خودمختيار سچي پچي ۽ قابل اعتماد ملڪي انقلابي قوت ٻہ بڻجي ۽ سيني کي اهڙي نظر ٻہ اچڻ لڳي. ان ڪري هاڻي ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ هڪ انقلابي مرڪز تي جيڪو اڄ تائين حد کان وڌيڪ زور ڏنو پيو وڃي، اهو زور گهٽ ڪرڻ گهرجي ۽ دنيا جي مختلف پارٽين جي پنهنجي ملڪ جي حالتن ۽ پنهنجي عوام جي مفادن جي روشنيءَ ۾، پيش قدمي ۽ خودمختيار عمل جي صلاحيتن کي اپاريو وڃي ۽ ڪائنہ وڌ کان وڌ ڪم ورتو وڃي. عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي آئيندي کي روشن رکڻ جي ذميواري رڳو وڏين طاقتن تي نہ رهڻ ڏني وڃي، پر پورهيت بين الاقواميت جي مڃيل بنيادي

اصولن تي مضبوطيءَ ۾ ثابت قدميءَ سان گامزن رهندي، سموري دنيا جي سمورن ملڪن جا انقلابي عوام ۽ پارٽيون پنهنجي پنهنجي ملڪن جي انقلابن ۾ سموري دنيا جي انقلاب جي واڳ مضبوطيءَ سان پنهنجي هٿ ۾ ونڊن. انقلاب جي ڪُلي ۽ جزوي تقاضائن جي وچ ۾، وطن دوستي ۽ پورهيت بين الاقواميت جي تقاضائن جي وچ ۾ هڪ طرف ملڪي سطح تي پيش قدمي ۽ عمل جي خودمختياريءَ جي تقاضائن ۽ ٻئي طرف عالمي انقلابي هڪجهڙائيءَ جي تقاضائن جي وچ ۾ صحيح توازن قائم ڪيو وڃي.

فوجي، سياسي ۽ اقتصادياتي قوت، نسل ۽ قوم، انقلاب آڻڻ ۾ اڳرائي، امداد ڏيڻ جي طاقت ۽ بين قسمن جي برترين جي بنياد تي، هڪ انقلابي پارٽيءَ جي ٻي انقلابي پارٽيءَ تي بالادستي ۽ ان جي انقلابي حڪمت عملي، تدبيرن ۽ پاليسين ۽ ان جي تنظيم ۾ مداخلت کي ڏاڪي بہ ڏاڪي ختم ڪيو وڃي. ڪميونسٽ پارٽين جي وچ ۾ رشتن کي بالادست ۽ ماتحت جي رشتن مان ڏاڪي بہ ڏاڪي تبديل ڪري، انهن کي نہ رڳو رسمي طرح پر حقيقي طرح برابريءَ ۽ برادريءَ جا رشتا ٻڌايا وڃن. جيڪڏهن وڏين برسرِ اقتدار پارٽين سميت دنيا جي هر ڪميونسٽ پارٽي ۽ دنيا جو هر ڪميونسٽ، عالمي انقلابي تحريڪ کي موجوده بحران مان ڪڍڻ لاءِ ۽ ان کي ترقيءَ جي هڪ شاندار راهہ تي هلائڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي ذميدار ۽ جوابدار بنائڻ شروع ڪري ۽ ان جي لاءِ پنهنجين سمورين ذهني، روحاني ۽ عملي صلاحيتن مان ڪم وٺڻ شروع ڪري تہ اسان سمورا انقلابي انسان گڏجي، عالمي انقلابي تحريڪ جي هڪ نئين ۽ شاندار دور جي شروعات ڪري سگهون ٿا. هي اسان سڀني لاءِ هڪ چئلينج بہ آهي ۽ هڪ فرض بہ. اسان ان چئلينج کي قبول ڪنداسون ۽ ان فرض کي پورو ڪنداسون. اسان ان موقعي کي هٿن مان وڃڻ نہ ڏينداسون ۽ ان اعزاز کي ضرور حاصل ڪنداسون.

(عالمي ڪميونسٽ تحريڪ متعلق لکيل هي مضمون 1930ع
۾ "پروڙ" نالي تنظيمي پرچي ۾ ڇپيو)

(سينٽرل جيل حيدرآباد، 1980ع)

سوويت يونين جي ٽٽڻ جا سبب

اڄ جي موضوع جي تقاضا آهي ته پاڻ کي ان سان واسطو رکندڙ ڳالهين جي ڄاڻ هجي، سنڌ ۾ اها ڄاڻ ڪانهي. هن موضوع جي لاءِ، جيئن ماڻهو کا نازڪ آپريشن ڪري ٿو ته ان کي اوترو علم هئڻ کپي، جو اها آپريشن ڪري سگهي. جيڪڏهن علم نه هوندو رڳو چاقوءَ تي زور هوندو ته اها آپريشن ڪامياب هوندي، اهو ڪاسائيءَ وانگر وڍ ٿيندو. تمام گهڻن علمن جي آميزش سان هن ڳالهه جي سمجهه اسان کي حاصل ٿيندي. ڪورٽ ۾ ٽڪي جو ڪيس هلندو آهي ته اسان پنجاهه ڪتاب کڻي ايندا آهيون، اهي ججن جي اڳيان پڙهيو ٻڌائيندا آهيون. ماڻهن جي اڳيان ثابتيءَ کان سواءِ ايئن نٿا هيون ڳالهيون ڪري ڇڏيندا سين ته ڪم نه ٿيندو. علمي گفتگو ۽ غير علمي گفتگوءَ ۾ وڏو فرق آهي. غير علمي گفتگو آهي، "دوزخ ۾ منڪر ۽ نڪير گرز کنيو بيٺا هوندا. تنگاتولي ڪري وڃي جهنم ۾ هٽندا." اهڙي وڏي دهشت انگيز ڳالهه ڪرڻ ۽ جنهن ۾ قيامت جا منظر. دوزخ جو منظر پيش ڪرڻ، ٻئي پاسي علمي ڳالهه ڪرڻ، تنهن ۾ فرق آهي. هن موضوع لاءِ رڳو رف ڳالهه ڪرڻ لاءِ به ويهه- ٽيهه ڪتاب پڙهڻ کپن. هيءَ ڳالهه آسمان مان ڪانه لٿي آهي ته سوويت يونين ڪري پيو. هڪڙو بيان ٽيو. فلاڻو هيئن ٿي ويو. فلاڻو هونئن ٿي ويو. ان طريقي سان ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي. هن مسئلي کي سمجهڻ لاءِ توهان وٽ هڪڙي چڱي موچاري لائبريري هئڻ کپي، تنهن ڪري آئون فقط ان جو تعارف ڪندس، وڌيڪ توهان کي پڙهڻ کپي. نه پڙهندؤ ته پوءِ توهان دشمن جي پروپيگنڊا ڪندڙ ايجنسين جا نه چاهيندي به Mouth Piece ۽ His Master Voice ٿي ويندا. اسين His Master Voice آهيون. اسان واري ايجنسي تمام عياريءَ سان خبر ڏيندي آهي، اها اسين ڏهرائيندا آهيون ۽ ان لاءِ سمجهيو ويندو آهي ته هو وڏو پڙهيل ماڻهو آهي. اها

خبر ڪانهي تہ هي آمريڪا جي C.I.A جي پروپيگنڊا پيو ڏهرائي. لفظ بہ اهي ساڳيا اٽس جيڪي هو چون ٿا ۽ پي هن کي خبر ئي ڪانهي. اها لاعلمي آهي، تنهن جي اسان کي سزا ٿي ملي. آئون توهان کي دعوت ڏيندس تہ هن مسئلي تي مطالعو ڪريو ۽ جيڪڏهن توهان چوندؤ تہ آئون توهان کي ڪتابن جي لسٽ ڏيندس. خوش قسمتيءَ سان هن موضوع تي ڪيترو ئي لٽريچر تمام گهرائيءَ ۾ موجود آهي. انسان ذات ۾ روءِ زمين جي تاريخ ۾ ڪنهن دؤر بابت، خاص ڪري عالمي جنگ بابت ايترو زنده لٽريچر ۽ رڪارڊ موجود ناهي، جهڙو هاڻي ٿيو آهي، جوتہ جرمن سپ رڪارڊ ڇڏي ويا آهن. انهن جي عادت آهي ڪفايت شعاري ۾ رڪارڊ رکڻ. جنرل هيلڊر جنرل اسٽاف هو. تنهن جي ڊائري صحيح سلامت موجود آهي. ڏينهن ڏينهن جو ان احوال ڏنو آهي. تيمورلنگ جي جنگ جي ڊائري پاڻ وٽ ڪانهي، چنگيز خان جي جنگ جي ڊائري پاڻ وٽ ڪانهي، محمد بن قاسم جا پئي ڪيو ۽ جا پئي سوچيو ان جو رڪارڊ پاڻ وٽ ڪونهي. احمد شاهہ ابدالي آيو ڪهڙي ٻيڙي ٻوڙي ويو پاڻ کي خبر ئي ڪونهي، پر جنگِ عظيم جو رڪارڊ ذري ذري معلوم آهي. مثال طور: يالٹا ڪانفرنس ٿي، تنهن جو اسڪرپٽ موجود آهي. جيڪو توهان کي ان زماني ۾ ڏهين- ٻارهين آني ملي ها پر هاڻي پنج روپين ۾ ملندو. آمريڪي صدر ٽرومين ۽ سوويت يونين جي اڳواڻ اسٽالن، انگلينڊ جي وزيراعظم چرچل جي وچ ۾ ڪهڙي گفتگو ٿي، اها باقاعدي ٽيپ رڪارڊ ٿيل آهي. تنهن کان سواءِ پندرهن- ويهن جنرلن ڪتاب لکيا آهن، مثال طور: جنرل رسوليس جو ڪتاب آهي "The cause we serve" جنهن ۾ سيني جيڪي جنگي آپريشنس ڪيا آهن، انهن جون سرٽيفائيڊ ڪاپيون ڏنل آهن. توهان کي اسٽالن گراڊ جي جنگ جو ڪتاب "Order of the day" ملي ويندو. برلن تي حملي جو مارشل زوڪوف جيڪو پلان ناهيو هو، اهو موجود آهي. ان ۾ ڪهڙي بٽالين پهرين حملو ڪندي، پٽيان ڪهڙي ويندي، توبخانو ڪهڙي ٽائيم تي حملو ڪندو، هوائي جهاز ڪهڙي بجي حملو ڪندا، ٽوٽل Planed رڪارڊ موجود آهي ۽ ڏهن- پندرهن روپين ۾ ملي ٿو.

اڄوڪي دور ۾ ڪوڙ ڪرڻ تمام مشڪل آهي. جڏهن آئون ماسڪو ۾ هئس، مون کي هڪ روسي ٻڌايو ته استالن فلاڻي ڳالهه ڪئي. مون چيس ته تون پڙهيل آهين؟ رڪارڊ پڙهيو اٿئي؟ چي: 'نه.' مون چيس، "روسي هجڻ جي معنيٰ توکي روس جي باري ۾ خبر آهي؟" چيائين ته، 'نه.' مون چيس، "اسين سنڌي آهيون. لطيف جي باري ۾ پهريون ڪتاب هڪ جرمن عالم مسٽر ٽرمپ شايع ڪيو هو. اسان کي سنڌ جي باري ۾ گهٽي ۾ گهٽي خبر غير سنڌين ڏني آهي. اسان وٽ ڪجهه ڪونه هو. تيئن توهان روسين جي باري ۾ گهٽي خبر وري مون کي آهي. تون وڃي فلاڻو ڪتاب کولي فلاڻو صفحو پڙهه ته استالن ڪهڙو ليٽر لکيو هو. تون هٽ جا ڊز نه هڻ!" پوءِ اهو ڪتاب ڏنائين ۽ چيائين، "ها، صحيح آهي." رڪارڊ موجود آهي، ان کي پڙهڻ کپي. شين کي علمي انداز سان ڏسو ملن وارين ڳالهين کي رد ڪريو. پاڻ هڪڙي بهتر، سمجهدار ۽ علمي قوم بنجڻ جو آغاز ڪريون، تنهن لاءِ هن قسم جا جيڪي اسان کي دعوتِ فڪر ڏين ٿا ۽ هڪڙي علمي قوم بنجڻ لاءِ، اسان کي پهريون وڪون ڪٽڻ لاءِ، هڪڙو ماحول تيار ڪري ڏين ٿا.

پهرين ته سيني کي سمجهڻ کپي ته عام طور هي سمجهيو وڃي ٿو ته سرمائيداري معنيٰ آزادي ۽ خوشحالي ۽ رحم، شفقت، قرب ۽ انساني آزادين ۽ ڪميونزم معنيٰ بک، ڏنڀو سختي. پڙهيل ماڻهو به اها ڳالهه چون ٿا. اهو دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڪوڙ آهي. دنيا ۾ به سئو کان گهٽا ملڪ آهن، انهن مان ڪميونسٽ ملڪ گهٽا هئا؟ ڪل اٺ يا ڏهه، ٻيا ملڪ سرمائيداري نظام هيٺ رهن ٿا. ڇلي جو نظام ڪهڙو هو؟ پورچوگال جو ڪهڙو هو؟ اسپين جو نظام ڪهڙو هو؟ اٽليءَ جو نظام ڪهڙو هو؟ نازي جرمنيءَ جو ڪهڙو هو؟ ليٽن آمريڪا جو نظام ڪهڙو هو؟ ڏکڻ ڪوريا جو نظام ڪهڙو هو؟ سائوٿ ويٽنام جو نظام ڪهڙو هو؟ سمورن فاشسٽ، غنڊن، بدمعاش ملڪن، عوام کي پيڙهي، انهن جو رت چوسي ڇڏيو هو. اهي ته سڀ سرمائيدار ملڪ آهن. ڇا ڪرپشن فقط روس ۾ هئي؟ ڇا ڪرپشن جي ڪري ملڪ ڪري پوندا آهن؟ ايوب جي بادشاهيءَ ۾ ڪرپشن ڪانه هئي؟ پوءِ پاڪستان ڪري پيو؟ سعودي

عرب ۾ ڪرپشن آهي. پوءِ ڪري پيو؟ اتليءَ ۾ ڪرپشن آهي. پوءِ اهو ملڪ ويو هليو آهي ۽ سرمائيداري نظام ختم ٿي ويو؟ ڇِلي وارو نظام ختم ٿي ويو؟ سرمائيداري ويئي هلي؟ فلپائين ۾ توهان کي خبر ناهي ته ڪيتري ڪرپشن آهي. توهان کي خبر آهي ته ان جي صدر مارڪوس جي ڪرپشن جا هيڏا سارا داستان آهن. پوءِ اتي وارو سرمائيداري نظام ختم ٿي ويو؟ ڪرپشن جي ڪري نظام ختم نه ٿيندا آهن. جرمنيءَ ۾ سرمائيداري نظام هو. هٽلر ڪيڏا ظلم ڪيا. ماڻهن کي پيڙهي. انهن جي چمڙي مان صابڻ ٺاهيائين. اشارو ٿيندو هو ته فلاڻي قيديءَ جي چمڙي مون کي وٽي ٿي. پوءِ ان قيديءَ کي سُئي لڳندي هئي. اهو ماڻهو اتي جو اتي مرندو هو ۽ ان جي فريش فريش چمڙي لاهي. ان مان پرس ٺاهي. تحفي طور ميڊم کي پيش ٿيندو هو. ميڊم ذرو به ڪونه چوندي هئي ته هن ماڻهوءَ کي ماري. هن جي چم مان آئون پرس ٿي ٺاهيان. سوال ئي ڪونهي. "هن جي Skin فرسٽ ڪلاس آهي. خوشبودار صابڻ کپي." قيديءَ جي Skin مان صابڻ ٺهندو هو. ان ڪري جرمنيءَ ۾ سرمائيداراڻو نظام ڪري پيو؟ سرمائيداري نظام بيٺو آهي. هڪڙو ماڻهو ڪري پيو.

نظام ظلمن، بدانتظامين، بيوروڪريسين جي ڪري نه ڪرندا آهن. استالن جي حڪومت ۾ ظلم ٿيو. هٽلر جي ظلمن جو توهان تصور نٿا ڪري سگهو. هٽلر جي ظلمن جو وڏو رڪارڊ آهي. چنگيز خان، هٽلر جي مقابلي ۾ رحيم، شفيق ۽ مهربان هو. توهان ڏٺو ته رومن سلطنت هڪ هزار سالن تائين جيڪي تارچرس جا مثال قائم ڪيا. توهان فلم "دي رومن ايمپائير" ڏٺي هوندي. ڏسو ته ان ۾ ڇا آهي. جيڪا پروپيگنڊا دشمن ڪري ٿو ان کي ٻڌي ماڻهو ورجائين ٿا. پوءِ اسين جاهه ۽ جلال ۾ اچيو وڃا عالم فاضل بڻجيو بيان ٿا ڪريون. استالن جي باري ۾ جيڪا پروپيگنڊا هُنن ڪئي آهي ته ظلم ڪري ڇڏيو اٿن. ڇا استالن سچو ثابت ڪونه ٿيو آهي؟ استالن چيو ته روس جي اندر دشمن جا ايجنٽ وينا آهن. جي هنن کي نه روڪبو ته هي ٽڪتو اونڌو ڪندا. پوءِ توهان ڏٺو ڪونه ته تختو اونڌو ڪري ڇڏيائون.

وس ته جرمنيءَ کي شڪست ڏني، روس ته به ڪروڙ ماڻهو مارائي
اريخ جي وڏي ۾ وڏي جنگ ڪئي. هٽلر خط لکيو ته:
"I prepared the army which is capable to storming the haven."
(مون اهڙي فوج ناهي آهي، جيڪا آسمانن تي چڙهڻ جي قوت
کي ٿي.)

روءِ زمين جي تاريخ ۾ پهريون دفعو ٽن فرنٽن (محاذن) تي هڪ سئو
ٽ ڊويزنس فوج، پهرئين ڏينهن کان جنگ جي آڳ ۾ اڇلائي ويئي.
ٿون جنگ جو طالبِ علم آهيان، توهان پڙهجو. هر سنڌي ماڻهوءَ کي ٻي
جنگِ عظيم جي تاريخ باقاعدي برزبان ياد هجي. سيڪ ڪتاب ميسر
هن. جرمن جا ڪتاب لکيل آهن، جنرل روميل جا پيپرس دستياب
هن، جنرل مونٽگمري آهي، فيلڊ مارشل آئزن هاور جا ڪتاب آهن،
وٽل رڪارڊ موجود آهي. روءِ زمين جي تاريخ جو هن کان وڌيڪ جنگ
جو رڪارڊ ٻيو آهي ئي ڪونہ. روسي جنرل جو ڪتاب آهي "General
Staff at War." يعني جنرل اسٽاف ڪيئن پلاننگ ڪري ٿو. توهان
ارشل ويسڪيسڪي ۽ مارشل چٽيمنڪو جا ٻه ڪتاب پڙهندؤ ته
وهان کي خبر پوندي ته پورو ملڪ ڪيئن ٿو پلاننگ ڪري. هڪڙي
وري قوم ڪيئن ٿي وڙهي. جن ٻي جنگِ عظيم جي ڪهاڻي پڙهي
هي، That is greater story of mankind. هن کان وڌيڪ ڊرامو روءِ زمين
ي پيدا ئي نہ ٿيو. ٻي جنگِ عظيم تي مون کي ڪتاب لکڻ جو خيال
هي، جي وقت مليو ته لکندس، توهان پڙهجو.

استالن سچي ڳالهه ڪئي. استالن چيو ته "انقلاب ۾ جن طبقن
نڪست کاڌي آهي، اهي طبقا پنهنجن ٻاهرين ساٿين جي مدد سان
ندروني طور انقلاب کي ڪلٽي ڪندا." پوءِ ماڻهو پرتي ڪيا ويا ۽
نقلاب کي ڪلٽي ڪيو ويو. گورباچوف جيڪو رحمدل هو. جيڪو
نفيق هو. جنهن آزادي چاهي ٿي. جنهن اوپن سوسائٽي ڪئي ٿي،
ارليامينٽ تي بمباري ٿئي پئي. گورباچوف مات ڪيو وينو آهي. چپ
هي، خاموش آهي، روس جا ماڻهو پنن پيا. هو فقط ڪميونسٽ پارٽيءَ
جي حڪومت خلاف هو. هو يلسن جو غندو ٿيو پيو هلي، جيڪو روس

لاءِ ضياءُ الحق آهي. گورباچوف ان ضياءُ الحق جي خلاف هڪ لفظ بہ ن
ٿو ڳالهائي. مائٽ مٽيءَ ۾ سڄي ايمپائير کي ختم ڪري. سڄي سوويٽ
يونين کي ختم ڪري. رومانيا کي مارائي. پولينڊ جو تختو اونڌ
ڪري. وري معصوم ٿيو مسڪين ٿيو وينو آهي. جڙ تہ هن کي خبر ئي
ڪونهي! هڪڙو اکر ڪونہ ٿو ڪيڙي. جڙ تہ هڪڙو پالتو تتر هجي
بلبل هجي. بلبل اڇي يورپ ۾ ويهي رهي آهي. جڙ تہ هن جو ان ڳالهہ
سان واسطو ئي ڪونهي.

جڏهن ڪميونسٽن جي زماني ۾ گورباچوف لنڊن ويو هو تہ ار
جي مارگريٽ ٿيچر سان ملاقات ٿي هئي. ٿيچر چيو تہ "هي ڪم ج
ماڻهو آهي." گورباچوف جي باري ۾ سڄي روءِ زمين ۾ خبر آئي ت
پهريون دفعو هڪڙي ڪميونسٽ کي برطانوي وزيراعظم سر ٿيفڪيٽ
ڏنو آهي تہ 'هي ڪم جو ماڻهو آهي.'

خرابيون ڪهڙي ملڪ ۾ ڪونهن؟ سائوٽ آفريڪا کان وڌيڪ
بربريت ڪهڙي ملڪ ۾ آهي؟ سائوٽ آفريڪا ۾ نسلي متيبد ٿئي ٿي
جتي ماڻهن کي گڏ هلڻ نٿا ڏين. بس ۾ هلڻ نٿا ڏين. مهاتما گانڌيءَ کي
ٽنگاٽولي ڪري اڇلائي ڇڏيائون. هڪ صديءَ کان دنيا جو بدترين جرم
پيو ٿئي. آمريڪا کي خبر ڪانهي؟ ويسٽرن ميڊيا جيڪا روئي ٿي
روس تي اوچنگارون ٿي ڏئي. اک مان ڳوڙها ٿي ڳاڙي ۽ اسان جا ماڻهو
هنن سان گڏجي ڳوڙها ٿا ڳاڙين ۽ پاڻ کي وڏو دانشور سمجهن ٿا. هنر
کي خبر ڪانهي تہ سائوٽ آفريڪا ۾ ڇا پيو ٿئي؟ سائوٽ آفريڪا جو
ڪارن سان ڪيڏو ويل آهي؟ انسان ذات جي ڪيڏي توهين آهي
نيلسن منديلا جيل ۾ پيو آهي. ڳالهيون هلن پيون. تنهن کي پندرهر
سال ٿي ويا آهن. هي جيڪي آزاديءَ جا مجسما. جيڪي ڊنڊورچي
اسان وٽ پاڪستان ۾ وينا آهن. خاص ڪري سنڌ ۾ ڊنڊورو پيو پٽجي
تہ جمهوريت معني آزادي. توهان New World Order جي آزادي ڏٺي
ڪانہ؟ عراق ۾ ننڍڙن ٻارن جو کير بند ڪري ڇڏيائون. زمين کي آسمار
ڪري ڇڏيائون. پٽ ساڙي ڇڏيائون. ماڻهو ماري ڇڏيائون. صوماليہ ۾ ڇ
ڪيائون؟ بوزنيا ۾ ماڻهن جي نسل ڪشي ڪيائون. نياڻين سان زن

ڪري. انهن تي جبر ڪيائون تہ هليا ويجو. ڏوهہ ڪهڙو آهي جو هو ان
ت ۾ فٽ نٿا ٿين ۽ آمريڪا بهادر ويچارو آهي. آهستہ آهستہ ڳالهيون
بون ٿين. اسرائيل گهٽن ڏينهن کان ويٺو بدمعاشيون ڪري. ڇا ان تي
ڪو گورباچوف آيو آهي؟ گورباچوف کي تڪڙ هئي سو ڳالهيون نہ پئي
ڪري سگهيو. رومانيا ۾ بہ ڳالهيون هنن پئي ڪيون. ان کي هڪڙي
بنهن ۾ ڪيرائي وڌائون. هن کي جيڪي روس جا سپر فورسز مليا هئا.
ي روس جي حريفن جي خلاف استعمال ڪيائين. ويچارن روسين
وس جي حفاظت لاءِ ڪامريڊ لينن جي اڳواڻيءَ هيٺ. جيڪو ڊفينس
بلٽ اتڪل هڪ هزار ميلن جو ٺاهيو هو ڪروڙها ماڻهو مارائي. ٽلين
ين ڊالر خرچ ڪري ٻچا کهائي. جيڪو حفاظتي بيلٽ ٺاهيو هو سو
ن آزاديءَ جي عظيم مفڪر هڪڙي ڏينهن ۾ آمريڪا کي ڏيئي ڇڏيو.
ٿوانيا. لاٽويا. بئلورشيا. رومانيا. پولينڊ. ايسٽرن پرشيا. ٽوٽل علائقو
نهن کي ڪروڙها ماڻهو مارائي ان حفاظتي بيلٽ ٺاهيو هو تہ جرمن
يڪڏهن حملو ڪن تہ اِن پٽ مان لنگهڻو پوي. روس صدين کان وڻي.
يولين جي زماني کان ان بيلٽ لاءِ وڙهندو رهيو آهي. پڙهڻ جي
ضرورت آهي. پڙهندؤ تہ پوءِ توهان کي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويندي تہ ان
لائقي جي فوٽ فوٽ جي ڪيڏي قيمت آهي.

مهربان. قدردان گورباچوف رومانيا کي هڪڙي ڏينهن ۾ ڪلٽي
ڪرائي ڇڏيو. روس ميدان مان ويو هليو آمريڪا اچي ٻئسفڪ سمنڊ
ي ڪنڊيءَ تي ٻيٺو آهي ۽ وچ ايشيا ۾ پهريون دفعو آمريڪا کي
ٻشيا جي ڪنڊ تي سوار ٿيڻ جو موقعو مليو آهي. هن معصوم ٻچڙي
ورباچوف ۽ پياري ضياءُ الحق عرف يلسن جيڪو ڪم ڪيو اهو
ٻديون ڪوشش ڪري آمريڪا نہ ڪري سگهي ها. جيڪو هنن ٻن
ٻالن ۾ ڪري ڏنو. ڇا استالن ڪوڙو هو؟ جنهن چيو پئي تہ اندر
ڪست خورده طبقا. مڪاني ايجنٽ ۽ طبقاتي غدار وينا آهن. اهي
ختو اندران ڪيندا. ڇاڪاڻ تہ ٻاهران انقلابي روس کي. سوشلسٽ
وس کي. لينن جي روس کي. دنيا جي ڪابہ طاقت شڪست ڏيئي نٿي
سگهي. آمريڪا جڏهن ائٽم بم ٺاهيو روسين ڇهن مهينن کان پوءِ

ائٽم بم ٿاهيو. آمريڪا هائيڊروجن بم ٿاهيو. روس نوَن مهينن کان پ
هائيڊروجن بم ٿاهيو. ڪاش! پاڻ کي ٽائيم هجي ها. آئون توهان ک
تاريخون ٻڌايان ها. ريسرچ کان سواءِ ڪابہ ڳالھ ڪانہ ٿيندي. انڪ
اکر ڪپن. تاريخون ڪپن. سڀ ڪجھ ڪپي.

پھريون روسي خلاباز خلا ۾ ويو. پھريون ter Continental
Ballistic Missile روس ٿاهيو. جن جرمنيءَ کي شڪست ڏني. ج
چوڏھن ملڪن جي حملن کي شڪست ڏيئي ناڪام بٽايو. جن جپا
کي شڪست ڏني. جن روءِ زمين جي فوجن کي شڪست ڏني. اھ
انتظام نٽا هلائي سگھن؟ اندر گھيرو هو دشمن جا ايجنٽ ويھي رھ
سي. آءِ. اي وارن اندر ئي اندر استالن جي نالي ۾ گھوڙا گھوڙا ڪر
ڪوڙ ڪري. قصي کي الٽو ڪري ڇڏيو.

سرمائيداريءَ جي معنيٰ جمھوريت ناهي. سنگاپور سيني کا
وڏيڪ ايڊوانس ملڪ آهي. سنگاپور ۾ جمھوريت آهي؟ تائيپي
آهي؟ سائوٿ ڪوريا ۾ شاگرد اڃا تائين وڙھن پيا. روز بغاوتون ٿي
ٿيون. شاگردن کي مارين ٿا. گوليون ھلن ٿيون. بدترين بربريت آھ
سائوٿ ڪوريا سڀ کان وڏيڪ شاهوڪار آهي. اهي شاهوڪ
ڪيئن ٿيا آهن؟ سيني کي خبر آهي تہ تائيپي ڊڪٽيٽرشپ ذريع
سيني مزدورن کي موچڑا ھڻي. انهن کي جيلن ۾ بند ڪري پوءِ پئ
ڪمايا آهن. ڪاش مون کي ٽائيم هجي تہ آئون توهان کي ٻڌايان
آمريڪين اهي ٽائيگر ڪيئن ناهيا آهن. ney are come to not
democracy, they are come to dictatorship. تنهن ڪري سرمائيدار
معنيٰ خوشحالي ناهي. سرمائيداري معنيٰ جمھوريت ناھ
سرمائيداري معنيٰ هيومن رائيٽس ناهن. ۽ هيومن رائيٽس ہ آمريڪ
سنڌ ۽ پاڪستان ۾ ڪري ٿو مهرباني. لک احسان! پر قطر ۾ ن
ڪري؟ ڪويت ۾ نٽو ڪري؟ سعودي عرب ۾ نٽو ڪري؟ شاھ حسب
وٽ هيومن رائيٽس نٽو ڪري؟ تائيپي ۾ نٽو ڪري؟ سنگاپور ۾ ن
ڪري؟ سائوٿ ڪوريا ۾ نٽو ڪري؟ هيومن رائيٽس کي بليڪ
ميلنگ طور استعمال ڪبو. جنهن سان وڙھبو ان لاءِ پروپيگنڊا ڪ

تہ هيومن رائيٽس تي عمل نہ ٿو ڪري جيئن پوليس ڪندي آهي، "ابا، چاهي؟" چي: "ابا، هن جي گهر مان لوڻ نڪتو آهي!" جيڪي ڪلاشنڪوف رکيو وينا آهن، ان کي ڪجهہ نٿا ڪن، لوڻ ۾ مڙس ٻڌا پيا آهن. آمريڪا بہ ايئن ٿو ڪري، ڪوڙا ڪيس ٺاهيو پاڪستان سان ناراض آهي. !Human Rights Violation"

هاڻ چين خبر اٿوَ تہ چا پيو ڪري؟ اوپر ايشيا جا ملڪ وڌي وبا آهن، اها جدا ڪهاڻي آهي، اهي هن سان مقابلو ٿا ڪن. آمريڪا انهيءَ مٿان ڏنڊو ڪنيو آهي تہ اوهين هيومن رائيٽس Violation ٿا ڪريو، مزدورن کي آزادي ڏيو، مزدورن کي وڌيڪ اُجورو ڏيو، پوءِ ابا چا ٿيندو؟ مزدورن کي وڌيڪ مزدوري ملندي تہ اهي گوڙ ڪندا، هنن جو اقتصادي نظام، جيڪو ڏنڊي تي ٻڌل آهي، اهو بيهي رهندو، انهن جي پيداوار گهٽبي ۽ اهي آمريڪا سان مقابلو ڪونہ ڪندا. توهان ڳالهہ سمجهو پيا؟ ان ۾ ايڏو تفرقو وجهيو، جو اهي آمريڪا سان اقتصادي پيداوار ۾ مقابلو ڪري نہ سگهن. انهن جي گهر ۾ گهوٽالو وجهيو، "بابا، هن کي پئسا نٿو ڏئين، هن کي نٿو ڏئين، هن غريب سان ظلم آهي، هن سان ظلم آهي!" تان جو اقتصادي طرح ڏيوالو ڪڍيو ڇڏين، جيئن جاپان جو ڏيوالو ڪڍي ڇڏيائون، تہ جيئن جاپان آمريڪا سان مقابلو Compete نہ ڪري، هاڻي جپان هيٺ پيو وڃي. هاڻي چين جي مٿان هيومن رائيٽس تي ڳٽتيءَ ۾ وينا آهن. هوڏانهن عراق ۾ لکين ماڻهو ماري ڇڏيائون. هيڏانهن فلاڻي خان کي ريبڊئي تي ڳالهائڻ نٿا ڏين، تنهن جي غم ۾ آمريڪا روئي پيو. ڏکڻ آفريڪا ۾ روز ماڻهو مرن پيا، صوماليا ۾ روز ماڻهو مرن پيا، بوزنيا ۾ نياٽين سان زنا پئي ٿئي، تنهن جي ڳٽتي ڪانهي، باقي چين ۾ فلاڻو غنڊو آ، حرامي جو پٽ، سي. آءِ. اي جو ايجنٽ آهي، ان جي ملاقات لاءِ ڪلنٽن ويچارو بيهوش! روئي ٿو، اڪين مان ويچاري کي ڳوڙها آهن، هيومن رائيٽس لاءِ روئي پيو! توڙل فراڊ آهي، تنهن ڪري هي هڪڙو ڪوڙ ڪيو ويو آهي، هڪڙي سازش آهي، ان ۾ گورباچوف ۽ بيا تمام گهڻا ماڻهو شامل آهن.

هڪڙو ڪتاب "People History of England" ملي ٿو، توهان ان

کي پڙهو. ان مان توهان کي خبر پوندي تہ سرمائيداري نظام ڪيئن وڌيو آهي. سرمائيداري ۽ جاگيرداريءَ جو جيڪو جهيڙو ٿيو آهي، ان تي اهو سڄي ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪتاب آهي. توهان کي خبر پوندي تہ نظام ڪيئن وڌهن ٿا. جڏهن نظام وڌهن ٿا، تنهن ۾ ڪيئن هڪڙو نظام ٻئي کي دٻي ٿو. ٻي ملهہ وري هُو ڪٽي ٿو ٿئين ملهہ هُو ٿو ڪٽي، چوٽين ملهہ هُو ٿو ڪٽي. هڪڙو مزيدار ڊرامائي ڪتاب آهي. جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظامن انگلينڊ ۾ ملهون ڪيئن ڪيون، مثال طور: سرمائيداري نظام جاگيرداري نظام جي اندر ٺن۔ چئن ڏاڪن ۾ وڌيو آهي. پهريون ڏاڪو تيرهين صديءَ ۾ اٽليءَ جي شهر ۾ واپار ٽورو وڌي ٿو. پهراڙيءَ ۾ موچي، ڪولهي، تن مان بہ طبقا ٿين ٿا. ماڻهو شهرن ۾ اچن ٿا. يورپ ۾ شهر هئا، هتي شهر نہ هئا. اهي شهر خودمختيار ٿيا. يورپ جون مخصوص حالتون آهن. ايشيا ۾ سرمائيداري ڇو نہ آئي، يورپ ۾ ڇو آئي، ان تي مون کي وڏو ڪتاب لکڻو آهي. وڏو فرق آهي، اسين ڇو رهجي وياسين؟ سبب ڪهڙا آهن، ان تي وڏي ريسرچ ڪرڻي آهي. مثال طور: هڪڙو سبب هي بہ آهي تہ هتي مينهن نٿو وسي، يورپ ۾ مينهن گهڻو ٿو وسي. ٻيو تہ زمين هتي پرائيويٽ ملڪيت ڪانهي، اسٽيٽ پراپرٽي آهي.

بهرحال، تيرهين صديءَ ۾ Renaissance شروع ٿي، ان ۾ دانتي، پيٽريات، ابنِ رشد جو دؤر آهي. ابنِ رشد ڪتاب لکيا آهن. ان دؤر جو بنياد اتان شروع ٿيو. ننڍن ننڍن شهرن ۾ موچي، وادا، ڪاسائي آيا، شهرن ۾ واپار ڪيائون. ان کان اڳ يونان ۽ روم جي عيسائي ملن مذهب جي نالي ۾ اونداهي رات ڪري ڇڏي هئي، ان کي تاريخ ۾ چئبو آهي "The dark ages of Europe" "يورپ جو اونداهو دؤر." ملن چيو "هيئن نہ ڪريو هن تي ريسرچ نہ ڪريو چپ ڪريو! ڪافر ٿي ويندؤ!" ملان هڪ هزار سالن تائين ماڻهن جي سينن تي چڙهيو ويٺا هئا. روم، يونان ۽ هندوستان علم ۽ عرفان جون جيڪي نديون وهايون، جيڪي ايجادون ڪيون، سي ڪيڏانهن ويون، جوليس سيزر ڪيڏانهن ويو. پيٽريات ڪيڏانهن ويو. ارسطو ڪيڏانهن ويو. رات پئجي ويئي، سڀ چپ چپ! ڪفر ڪفر! ڪيڏانهن ويئي هندوستان جي ميٽاميٽڪس ۾ ڪيل

ايجاد زيرو (ٻڙي)، جنهن يورپ جي علمن جا دروازا کولي ڇڏيا. اهو زيرو هندوستان مان عربن وٽ آيو. عربن کان يورپ ۾ ويو. ان زيرو دنيا کي روشن ڪري ڇڏيو. اهي سڀ علم ملن بند ڪري ڇڏيا.

فلاسافر اتان کان قسطنطنيہ ۾ ويا، پر اتان بہ کين ڪيڏي ڇڏيائون. پوءِ اهي جمشيد جي ڏينهن ۾ ايران ۾ آيا. عراق ۾ عباسين جي حڪومت قائم ٿي تہ منصور عباسيءَ بغداد ۾ هنن کي دارالحڪمت قائم ڪري ڏني. اتي ڪتاب لکيا ويا، ٻين ٻولين مان ڪتابن جو ترجمو ٿيڻ شروع ٿيو. تيرهين صديءَ ۾ اهي ترجما يورپ ۾ ويا. يارهين صديءَ ۾، جنهن سال محمد بن قاسم هتي آيو انهيءَ سال اسپين ۾ طارق بن زياد قبضو ڪيو. انهيءَ سال چين تي مسلمان آرمي حملو ڪيو. ستن سالن کان پوءِ مسلمانن قسطنطنيہ تي حملو ڪيو اهو ناڪام ٿيو پر اڳتي هلي اسپين تي قبضو سنڌ تي قبضو تاشقند تي قبضو سڀ هڪڙي سال ۾ ٿيا.

پهريون دؤر هو نوَن ڪتابن جي ڳولا ڪرڻ. ٻيو دؤر 1458ع ۾ قسطنطنيہ تي محمد فاتح قبضو ڪيو رستا بند ٿي ويا. يورپ جا سڀ ملڪ گڏجي شام تي ڪاهي آيا. شام هنن کي شڪست ڏني. اٺ دفعا چڙهي آيا، چوتہ ايشيا طاقتور هو. يورپ ويچارو ڪمزور هو. صليبي جنگين جو دؤر شروع ٿيو. سرمائيداري وڌي. هتان سکيا ٽپڙ ڪٽي ويا. ٿيون محمد فاتح قسطنطنيہ جو دروازو بند ڪيو. واسڪوڊيگا ما ڳري هتي آيو. هتان ڪولمبس آمريڪا جو رستو ڳولي ڪڍيو. "بابا رستا بند ٿي ويا، رستا کوليو واپار تہ ٿيندو هو." ٽپڙ تہ ايشيا ۾ هئا، انڊونيشيا ۾ هئا، سنڌ ۾ هئا. هتي واپاري مرڪز هئا. اهو ٿيون اسٽيپ آهي. يورپ ۾ انهن ڪيٿولڪ مذهب جو تختو اونڌو ڪيو. ڇوٽون Enlightment (نئين سجاڳي) جو دؤر. پنجون Inventions (ايجادن) جو دؤر اهي سرمائيداريءَ جا دؤر آهن. پهريون مرڪز اٽلي، ٻيو نمبر مرڪز هالينڊ، اڳتي هلي پوءِ اسپين، پوءِ پورچوگال ـ ۽ ان کان پوءِ انگلينڊ ۾ ڳري سرمائيداري آئي، اتي مضبوط ٿي، تختگاهہ بدليا، جرمن سرمائيدار جا حامي ٿيا ۽ ڪيٿولڪ بہ حامي ٿي ويا. فرانس، اسپين، انگلينڊ ۽ خود

هينري انون بہ ڪيٿولڪ مذهب اختيار ڪري جاگيرداريءَ جا حامي ٿي ويا. پروٽيسٽ ۾ پيا سرمائيداريءَ جا حامي ٿي ويا. انهن جي وچ ۾ لڙائي لڳي. جاگيرداري ۽ سرمائيداريءَ جي جنگ جي شروعات اتان ٿي. 1526ع ۾ هتي بابر آيو. انهيءَ سال 1526ع ۾ ئي ڪيٿولڪ مذهب جي خلاف Protestion پروٽيسٽن بغاوت ڪئي ۽ وڏيون خطرناڪ جنگيون شروع ٿيون. تنهن کان پوءِ انگلينڊ جي اندر هينري انين جون بہ ڏيئرون. هڪڙي ڪيٿولڪ هئي، جيڪا جاگيرداريءَ جي حامي ٿي، پي ڏيءَ سرمائيداريءَ جي حامي ٿي. انهن ۾نهي عيسائي مذهبي فرقن جي وچ ۾ لڙائي شروع ٿي. لڙائيءَ ۾ ڪيٿولڪ کتي ويا. وري آئي پي پيءُ، تہ ڪيٿولڪ ۽ جاگيردار شڪست کائي ويا، سرمائيدار اچي ويا. وري جو هنن جو پيو پاءُ جيمس پهريون اچي سهڙيو. جيڪو مائي ميري جو پٽ هو تہ وري ڪيٿولڪ پاور ۾ آيا. 1697ع ۾ جاگيردارن تي سرمائيدارن حملو ڪيو. بادشاهہ کي ڳهي چڏيائون. ان کان اڳ ۾ انگلينڊ وارن بادشاهہ کي ڳهي چڏيو. اهو سرمائيدار انقلاب هو. پهريون ۽ آخري دفعو آرمي انگلينڊ تي قبضو ڪيو. آرمي سرمائيداريءَ جي حامي هئي، تنهن ڊڪٽيٽرشپ قائم ڪري سرمائيداري بحال ڪئي، پر جڏهن چارلس ٻيو آيو تنهن وري جاگيرداري قائم ڪئي. اها لڙائي پڇاڙيءَ تائين هلي. ايا تائين انگلينڊ ۾ جاگيرداري ۽ سرمائيداريءَ جي مختلف ميدانن ۾ لڙائي هلي پئي، ختم نہ ٿي آهي.

روءِ زمين تي مختلف نظام ساڳئي وقت گڏ رهندا آهن. توهان ڏٺو تہ اسان وٽ ڪوچڙا ايان تائين وينا آهن. ڪوچڙا اسان جا پيارا دوست! تڏهن ايا شروعاتي ڪميونزم هئي، ايا غلامداري نظام بہ ڪونہ هو. ڪول، پيل، سنڌال ان دؤر جي پيداوار آهن. مختلف سماجي نظام Co-exist ڪندا آهن. هن ئي دؤر ۾ ايا سعودي عرب ۾ غلاميءَ جو نظام آهي، جاگيرداري موجود آهي، غلاميءَ کان اڳ جي دؤر جا بہ نشان موجود آهن. هندوستان ۾ سنڌال وينا آهن. ٻيا اهڙا مجاهد قبيلا وينا آهن. اگهاڙا گهمن پيا. تير ڪمان کڻيو پيا هلن. آئون منيلا ۾ هئس. اهڙا نر ڏٺم جيڪي پئسفڪ ٻيٽن تي آهن. ڇڏيون پايو ڪوئن وانگر

نچن پيا، ڪلن پيا، ڏند پيا ڪڍن، ڳالهائڻ پورو ڪونہ ايندو اٿن. اهي ان دؤر جون علامتون آهن. جاگيردار بہ وينا آهن، سرمائيدار بہ وينا آهن، سوشلسٽ بہ وينا آهن. ايئن ناهي تہ هڪڙي ڪٽيو تنهنڪري هڪڙا هليا ويا، پيا وينا هوندا. هتي جيئن ڪامريڊ سوچي چيو تہ سوشلسٹ نظام قائم ۽ دائم آهي. نظام وبندا ٿوروئي آهن. اقبال چيو آهي:

جہاں میں مردِ مومن صورتِ خورشید ہوتے ہیں
اِدھر ڈوبے اُدھر نکلے، اُدھر ڈوبے اِدھر نکلے۔

توهان جڏهن يورپ جي تاريخ پڙهندا، ان ۾ ڏسندا تہ اڄ سرمائيدار ڪٽي آيا، اڄ جاگيردار ڪٽي ويا، اڄ فلاڻي ڪٽيو. نيپولين جو دؤر آيو. فرينچ انقلاب آيو. جاگيردارن کي شڪست آئي، بادشاهي ختم ٿي. وري جاگيردار شهنشاهي وارو نظام قائم ٿيو. نيپولين شهنشاهيت قائم ڪئي، ان کي ڪڍي ٻيو شهنشاهہ آيو. وري ٽيون شهنشاهہ آيو. وري نيپولين جو پائٽيو آيو. 1870ع ۾ يعني هڪ سئو سالن کان پوءِ وري سرمائيداري نظام بحال ٿي ويو.

نظامن جون لڙايون تمام دڳهيون هلن ٿيون. سرمائيداري قائم ٿيڻ جي لڙائي گهٽ ۾ گهٽ 800 سال هلي آهي. جاگيرداري نظام کي دسي سرمائيداري نظام آيو. هڪڙي جنگ هئي، جيڪا هڪ سئو سال هلي هئي. War of Roses ٽيهہ سال هلي هئي. چرچو ڪونهي، ڪنڊ مٽائي ڪانهي جو ميان يلسن ۽ گورباچوف وارا حرامپائي ڪري، غداري ڪري، ڪتمٽڑيون ڪائي پوءِ ويا هليا، ايئن ناهي.

روس جي اندر تمام وڏي طبقاتي جنگ موجود آهي، اتي ڊڪٽيٽرشپ آهي، فاشزم اچي ويئي آهي. جن اوهان کي مبارڪون ڏيون تہ ابا هي ڪميونسٹ ڪڍيا اٿئون، هاڻ اوهان کي ترقي پسند ٿا ڏنيون، اهي فاشسٹ آهن. آمريڪي بہ چون ٿا تہ فاشسٹ آهن. بوزنيا ۾ روس جو موجوده ڪردار ڪهڙو آهي؟ بوزنيا ۾ انهن قوتن جي خلاف مداخلت پيو ڪري، جيڪي مصيبت ۾ آهن. چوڏهين صديءَ کان پوءِ روس مس مس، روئي روئي، رات ڏينهن ڪري گرم پاڻيءَ تائين پهچڻ

جي جيڪا جدوجهد ڪئي، تنهن سڄي محنت کي هن غدار ٽولي ختم ڪري ڇڏيو. اها ڪوشش پيٽرِ اعظم جي زماني کان وٺي ٽي ته ڪنهن طرح روس گرم پاڻيءَ تائين پهچي. توهان کي خبر هوندي ته گرم پاڻيءَ تائين پهچڻ ۽ بندرگاهن تائين رسڻ، روس جي ازلي ۽ ابدي ضرورت آهي. روس جو وجود آهي ته هو گرم پاڻيءَ تائين پهچي، جتي ماڻهو سمنڊ تائين وڃي. گورباچوف ۽ يلسن جي غدار ٽولي سازش ڪري اهو گرم پاڻي بند ڪيو آهي. روس جي ماڻهن جيڪي تقريرون ڪيون آهن، سي آئون پڙهندو آهيان. انهن چيو آهي ته، "توهان (يلسن ۽ گورباچوف) اسان کي ننڍڙي سلطنت ڪري ڇڏيو آهي. اسان روسي آهيون، سوشلزم کان اڳ به اسين روسي هئاسين، يورپ جي ون نمبر طاقت هئاسين، اسين سپر پاور آهيون، توهان اسان کي آمريڪا جو ايجنٽ ڪري ڇڏيو آهي. اسان اهو ڪيستائين برداشت ڪنداسين!؟"

ڪيرالاجي جي چيف منسٽر اي ايچ نمودري پد هڪڙو ڪتاب لکيو آهي، ان ۾ هن زبردست انڪشاف ڪيا آهن. مثال طور: هن جو چوڻ آهي ته "پاڪستان جي ناهڻ ۾ جناح جو ڏوهه ڪونه هو پاڪستان زوريءَ مڙهيو ويو. گانڌيءَ مذهب جي سياست ڪئي، جناح ڪانه ڪئي." هن دٻاڪيومينٽس ڏنا آهن، ثبوت پيش ڪيا آهن. هي جو پاڻ کي پٽي وينا پڙهائين ته پاڪستان اسلام خاطر نهيو، رڪارڊ موجب ايئن ناهي. ان کان علاوه پين به ڪتاب لکيا آهن. انهن چيو آهي ته مذهبيت جو بنياد وجهڻ وارو گانڌي آهي، جناح ناهي. هاڻي ته جناح ۽ گانڌيءَ جون تقريرون به اڇي ويون آهن، رڪارڊ موجود آهي. اسين وڪيل ماڻهو رڪارڊ تي هلندا آهيون. مون رڪارڊ پڙهيو آهي. توهان پڙهي ڏسجو. پوءِ توهان فيصلو ڪجو ته ڏوهه ڪنهن جو آهي.

بهرحال، ان هڪڙي مزيدار ڳالهه ڪئي آهي. توهان کي خبر آهي ته 1757ع ڌاري ٽيپو سلطان انگريزن جي خلاف بغاوت ڪئي پر ناڪام ٿيو. سراج الدوله بغاوت ڪئي، اها به ناڪام ٿي. سئو سالن کان پوءِ 1857ع ۾ جهانسيءَ جي راڻي تارا ٻائي ۽ ٻين بغاوت ڪئي. مرهٽن سڄو هندوستان گڏ ڪري بغاوت ڪئي، پر فيل ٿيا. پوءِ وري

اهي قوتون، جيڪي انگريزن سان گڏ هيون، جن انگريزن کي مدد ڏني، جيڪي انگريزن جا حامي هئا، جيڪي انگريزن جا ساٿي هئا، هندوستان جي آزاديءَ جي جدوجهد جا غدار هئا، انهن غدارن، انگريزن کي ڪن مان جهلي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. نمودري چوي ٿو ته هو اهڙي دؤر جا، اهڙين قوتن جا نمائندا هئا، جن ۾ طاقت نه هئي. گانڌيءَ وارا، ڪانگريس وارا، ليگ وارا انهن هٿيارن سان ليس هئا، جيڪي انگلينڊ جا هٿيار هئا. جواهر لعل نهرو ۽ ٻيا انگلينڊ جا پڙهيل هئا. هنن اهي ئي هٿيار پئي استعمال ڪيا، جيڪي انگريزن لاءِ ڏکيا هئا. هو گهر جا پيدي هئا. ان کي توهان هاڻي استعمال ڪريو. توهان کي خبر آهي ته آمريڪا سان ڪميونسٽ وڙهيا، انهن پنهنجو وڏو ڪردار ادا ڪيو پر ان تي آئون نٿو ڳالهايان.

مختصر تاريخ ۾ دنيا کي غلام بنائڻ لاءِ اسپين، پورچوگال، ڊچن، انگريزن سلطنتون قائم ڪيون. پندرهين صديءَ کان شروع ٿيا، اوٽويهين صديءَ تائين آيا. چار سئو پنج سئو سالن ۾ هنن جيڪي ڪٽيو روس هنن کان ڏهن سالن ۾ ڪسي ورتو Decolonization ڪيو هنن کي مجبور ڪيائين ته ڪالونيون آزاد ڪريو. ڏهن سالن جي مختصر عرصي ۾، 1960ع ۾ دنيا جا هڪ سئو ملڪ آزاد ٿي ويا. ڇا پاڪستان آزاد ٿئي ها جي روس نه هجي ها؟ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. توهان رڪارڊ پڙهو. هنن لکيو آهي ته جيڪڏهن هندوستان کي آزاد نه ڪيو ويو ته اهو ڪميونسٽ ٿي ويندو ۽ اهو ڪميونسٽ ٿي ويو ته چين سان گڏجي ويندو. پوءِ تباهه ٿي ويندا سين. جنرل ويول چيو ته هنن کي آزاد ڪريو نه ته فساد ٿيندو. فوجون ڪڍي پڇوا هي به مائوزيتنگ واري فوج سان گڏجي ويا ته مري ويندا سين، تنهن ڪري پڇوا روس هنن کي هندوستان چڏي وڃڻ تي مجبور ڪيو.

هاڻي صورتحال هيءَ آهي ته روس ويو هليو هاڻي سيني جي گهوڙا گهوڙا آهي. جيڪو ٿو گڙٻڙ ڪري، ان تي انگريز چڙهيو ويٺو آهي، "هٿيار آئون رکندس، توهين نه رکوا" يعني، دنيا جي هٿيار رکڻ جا پاور هاڻي هوندا آمريڪا ۽ يورپ وٽ. جيئن بهاولپور رياست جو

نواب صاحب ويٺو آهي. هڪڙي ٽڪي وارو ميجر ويٺو آهي. ڪيپٽن ويٺو حڪومت ڪري. نواب صاحب ويٺو رنون پالي. هاڻي نظام ڪهڙو ٽا قائم ڪن؟ سپ پاور آمريڪا وٽ. ڇا آمريڪا جو نائب سفير حڪومت ڪندو؟ اسان وارا وزيراعظم ۽ جنرل سپ ٻلا هٽيو. توپلا ٻوپلا وجهيو. گاڏيءَ تي چڙهيو پيا هلندا. هو آرڊر ڪندا ته بابا فلاڻي کي لاهيو. فلاڻي کي رکو. مون تنهن ڏينهن ڪتاب ۾ پڙهيو ته نظام دکن کان ڪنهن چندو گهريو. چيائين ته انگريزي ريجمينٽ کان موڪل ونان ته پوءِ توکي چندو ڏيان. چندي ڏيڻ جي به صاحب بهادرن کي اجازت نه آهي. 21 توبن جي سلاميءَ وارا پنج روپيا به چندو ڏيو ڪونه سگهن. هاڻي جيڪا حڪومت ٽيندي ۽ ٽئي پيئي. توهان جي اکين اڳيان آهي. توهان کي خبر آهي. صوبيدار بدلي نٽو ڪري سگهجي. نظام اهڙو ٽيو آهي. سنڌ جي خودمختياري ايتري آهي. صوبيدار چون ٽا ته فلاڻي کان پڇو. اهو بدلي ڪندو. هاڻي وزيراعظم هو مقرر ڪندا. اپوائنٽمينٽ آرڊر مٽان ٽو اچي. چوته روس آهي ڪونه. تنهن ڪري هي ويچارا ڪڙٽيو وينا آهن. اڳي ته ڪيائون حرامپايون. مدد ورتائون روس کان. ڪم ڪيائون آمريڪا جو. "تيل ميٽ ونڊي مڙس کان. رهي وڃي يار سان!" استيل مل روس ڏني. مدد روس ڏني. مصر ۾ سوئيز ڪئنال تي حملو ٽيو روس انگلينڊ کي خط لکيو ته. "ياد رکجانءِ روسي راکيٽ خطرناڪ آهن. جي لنڊن تي چار راکيٽ ڪريا ته توهان جو خير ڪونه ٽيندو" حملو بند ٽي ويو. مصر ڏهن سالن کان پوءِ ڦري وري وڃي برطانيا وٽ ويٺو. سيني ملڪن روس کي بليڪ ميل ڪيو. روس کان پئسا به ورتائون. هٿيار به ورتائون ۽ ڪم آمريڪا ۽ برطانيا جو ڪيائون. اهي هاڻ ڪنهن کي بليڪ ميل ڪندا؟ هاڻ روئن پيا. ڪنڊ هيٺ اٽن. سپ بليڪ ميلر ڪڙٽيو ڪنڊ هيٺ ڪيو وينا آهن.

هاڻي مزيدار ڳالهه ٽي آهي. مختلف حوالن سان سمجهڻ واري ڳالهه آهي. نمودري پد چوي ٿو ته انگريزن کي پهتا انگريزن جا يار ۽ سرمائيدار. جاگيردار هارائي ويو. روس آمريڪا جي مقابلي ۾ غداريءَ جي ڪري هارائي ويو. گورباچوف جي غدار ٽولي اندر سرمائيدارن جا

پٽ وينا هئا. مڊل ڪلاس اندران غدار ٿيو وينو هو. تنهن ڪري روس ۾ هاڻي سرمائيدار آيا آهن. اهي آهن انگريزن جي جوڙ جا. جپان سندس جوڙ جو آهي. مليشيا جو مهاتير محمد چوي ٿو ته "تون حرامي آهين. بدمعاشي ٿو ڪرين!" آمريڪا سان ايئن ٿا ڳالهائين. سنگاپور وارو چوي ٿو ته. "تون هيومن رائيٽس جي نالي ۾ مون کي بليڪ ميل نه ڪر!" هي ايئن چو ٿا ڳالهائين؟ هي خود سرمائيدار آهن. "تون سرمائيدار آهين ته مشينريءَ ۾ آئون به زور آهيان." جپان چوي ٿو ته آمريڪا جي مشينري Out of Date آهي.

لو وہ بھی کہتے ہیں یہ بے ننگ و نام ہے
یہ جانتا اگر تو لٹاتا نہ گھر کو میں۔

❊

اڳي ايئن هياس. جو پنهونءَ ڏوتم ڪپڙا.
هاڻي ايئن ٿياس. جو جَت نہ نينم پاڻ سين.

هاڻ جپان. جنهن کي هنن هٿن سان کارائي وڏو ڪيو آهي. اهو هنن جو مال وٺڻ لاءِ تيار ئي ناهي. جپان سڀ ملڪ ڦريو کايو وينو آهي. هنن جيڪو آمريڪي ۽ يورپي فاشسٽ سامراج ٺاهيو آهي. تنهن کي پهچڻ وارا ڪاري ڏينگي جا ڏٽي اچي ويا آهن. اهي آهن سرمائيدار ملڪ. ڏکڻ ڪوريا. تائيپي ۽ چين ۾ به سرمائيداري اچي رهي آهي. ان تي وڌيڪ ڳالهايون ٿا. جيڪا ڪيپيٽلزم ارڙهين صديءَ ۾ هئي. اها هينئر آهي ڇا؟ نه. ان سوشلزم کان سڪيو. سوشلزم جي دٻاءَ هيٺ جيڪي مطالبا انهن ڏينهن ۾ ٿيا. شڪاگو ۾ تن ڏينهن ۾ يوم مئي وارو واقعو ٿيو ۽ مزدورن جيڪي مطالبا ڪيا. سي سڀ سرمائيدارن سوشلزم جي ڪري پورا ڪيا. سرمائيدار سوشلزم تحريڪ جي اڳيان جهڪيا. پنهنجن ملڪن کي ويلفيئر استيٽ ٺاهيائون. روسي سوشلزم جي دٻاءَ ڪري يورپ تبديل ٿيو آهي. سرمائيداري تمام تبديل ٿي ويئي آهي. سرمائيدار هٿيار ڦٽا ڪيا. روسي اچي گڙٻڙ نه ڪن تنهن ڪري مزدورن کي پرچايو وينو هو. هاڻي جرمنيءَ ۾ چون ٿا

تہ گڙبڙ بند ڪريو ۽ ويلفيئر قرض گھٽائڻ شروع ڪيو اٿن، انگلينڊ ۾ دباءُ وڌائڻ شروع ڪيو اٿن. سرمائيداري اڪيون ڏيڪارڻ شروع ڪيون آھن تہ ھاڻي گڙبڙ نہ ڪريو. ھندوستان جي ٽاٽا، برلا ۽ بين چيو آھي تہ آمريڪا اسان کي ڦري ٿو انھن مظاھرا ڪرايا آھن. باباءِ سرمائيداري آمريڪا جي خلاف، ھندوستان جي مظلوم وڻن سرمائيدارن مظاھرا ڪرايا آھن. جپان وڏو سرمائيدار آمريڪي سرمائيدار جي خلاف ٿيو آھي. جيسين روس ھو تيسين سپ حرامي پاڻ ۾ گينگ ناھيو وينا ھئا. ھاڻي ھي چون ٿا تہ اسان سان ظلم آھي، تنھن ڪري مون چيو تہ ايشيا جا مظلوم وڏا سرمائيدارو! پاڻ ۾ ٻڌي ڪريو پاڻ ۾ متحد ٿيو. سرمائيدار ٽاٽا ۽ برلا مظلوم ٿي ويو آھي، جپان جو سرمائيدار مظلوم ٿي ويو آھي، تائيپي جو ھانگ ڪانگ جو سنگاپور جو سرمائيدار مظلوم ٿي ويو آھي. ماٺھو گڏ پيا ٿين، سرمائيداريءَ جي خلاف سرمائيدار گڏ پيا ٿين، قوتون گڏ پيون ٿين، ھڪڙو نئون دؤر اچي رھيو آھي، پر پروگرام ڪھڙو ھئڻ کپي؟ سرمائيداريءَ جي ھڪ ھٿي نہ ھئڻ کپي. سرمائيداري نئين سر ملڪ تي قابض پئي ٿئي، تنھن جي خلاف جنگ ٿيڻ کپي. سرمائيداري جيڪا ھيومن رائيٽس کي بليڪ ميلنگ لاءِ استعمال پئي ڪري، تنھن ۾ Resist (مخالفت) ڪرڻ کپي. قانون جي بالادستيءَ جي ڳالھ ڪرڻ کپي، پر ان جي آڙ ۾ ھو اسان جي خود مختياريءَ ۾ مداخلت ڪري تہ ان جي خلاف ٿيڻ کپي. جاگيرداري ختم ٿيڻ کپي.

وڏيراشاھي لوئر مڊل ڪلاس کي مٿي نہ پئي اچڻ ڏئي، نوڪريءَ ۾ بہ نہ پئي اچڻ ڏئي. پنھنجن پٽن کي ڪوڙا آردر ڏيو ڏي سي ۽ ڪمشنر پئي ناھي. مڊل ڪلاس مٿان پيو نازل ٿئي، ھينان ھنن کي فقير رکڻو آھي، غريب جي ٻار کي ڪاپيءَ تي پاس ٿيڻو آھي. پئسا ڏئي وٺي پنھنجا پٽ ڊپٽي ڪمشنر ڪرائيا، بلڪل ھڪڙو Strategic (حڪمت عملي) پلان آھي تہ فقط مٽئين طبقي کي مڊل ڪلاس ناھيو ھٽراڏو ڪوڙو مڊل ڪلاس ناھيو ان جي خلاف جدوجھد ڪرڻ کپي، قومي ظلم جي خلاف جدوجھد ڪرڻ کپي، طبقاتي ظلم جي خلاف جدوجھد ٿيڻ کپي، سيني قوتن کي وسيع پلان ناھڻ کپي. سوشلزم جي حوالي سان جيئن چين ۾ ٿيو

آهي. ان جو نالو "Planed Market Economy" رکيو اٿن. آئون ماسکو ۾ هئس تہ مون کي اتان جي دوست چيو تہ "خبر اٿئي، روس ۾ سڀ کان وڌيڪ مضبوط ماڻهو ڪهڙو آهي؟" مون چيو "نا" چيائين، "ڊينگ شا پينگ" مون چيو "ڇا جي ڪري؟" چيائين تہ "وڏو اقتصادي انقلاب آندو اٿس. پليندڙ مارڪيٽ اڪنامي (منصوبا بندي واري معيشت) آندائين. هن وڏي مصيبت کي ٻلينس ڪيو آهي." ان ڪري چين جي سامان جي نمائش هئي، مون کي اوڏانهن وٺي هليو. ان تي ماڻهن جا ڳاهٽ اچي ٽيا. نيون مشينون حيرت مان پئي ڏٺائون. اهي ننڍيون مشينون هيون، وڏين ۾ تہ روس بادشاهہ آهي. روس جا راڪيٽ اڄ بہ مريخ کان مٿي ويندا. ايڏا آمريڪا اهڙو راڪيٽ ئي ڪونہ ٺاهيو آهي، جيڪو روس جي راڪيٽ سان مقابلو ڪري. روس اڄ بہ جنگ ۾ سپر پاور آهي، آمريڪا پامريڪا ڪجهہ ڪونهي. وڏا هٿيار استعمال ٽيا تہ روس تباهہ ڪري ڇڏيندن. روس بظاهر ننڍين شين ۾ شڪست کاڌي، وڏين ۾ تہ هو زور آهن: رستا، رود، طاقتون. روسي اڄ بہ خطرناڪ آهن.

اپنے میخانے کو میخانہ تو بن لینے دو،
اپنے دیوانوں کو دیوانہ تو بن لینے دو،
اُٹھ جائیگی یہ گراں باریاں آداب بھی اُٹھ جائیگی،
اور یہ سقوطِ اسباب بھی اُٹھ جائیگی،
خواہ زنجیر چھنکتی، چھنکتی، چھنکتی ہی رہے۔

آمريڪا جي وڏي ۾ وڏي شاعر والٽ وٽمن چيو آهي:

يورپ ۽ آمريڪا! پوئتي ويجو!
تاريخ جي پاڇن ۾ گم ٿي ويجو!
توهان جو دؤر ختم ٿي ويو آهي.
ايشيا، آفريڪا! اڳتي وڏي تاريخ جي اسٽيج تي اچو!
توهان جو دؤر اچي ويو!
مون تاريخ جا پٽڪا ۽ سرگوشيون ٻڌيون آهن.

واقعي، والٽ ويٽمن صحيح چيو آهي. آمريڪي صدر ريگن چيو ٽ "هي ايشيا پئسفڪ جو دؤر آهي. مون پئسفڪ جي ملڪن جو دورو ڪيو آهي، جپانين سان ملاقاتون ڪيون آهن، بلڪل هڪڙي نئين دنيا اڏجي پئي، جنهن جي اقتصادي امامت ايسٽ ايشيا ڪري پئي. چين اتي ئي آهي."

تنهن ڏينهن توهان ايران جو بيان پڙهيو؟ ايران چيو ٽ "اسين، روس، چين ۽ جپان گڏ آهيون ۽ هن سامراج کي نيڪ ڪنداسين." هڪڙو نئون دؤر اچي پيو. ان تي پاڻ ڪڏهن جدا بحث ركون ٽ نئين دؤر ۾ جيڪا صفبندي ٿي آهي، سا بلڪل واضح صفبندي آهي. انٽرنيشنل ليول تي هڪڙيون قوتون هڪڙي پاسي آهن، ٻيون قوتون ٻئي پاسي آهن. تمام هڪڙو دلچسپ سبجيڪٽ آهي، جي توهان ركو ٽ آئون ۽ ٻيا دوست ڳالهائيندا سين ٽ هن وقت دنيا جي بين الاقوامي صفبندي ڪهڙي آهي؟ خاص ڪري اقتصادي ۽ سياسي نقطه نگاهه كان. سماجي طرح ڪهڙيون قوتون ڪيئن آهن؟ هن وقت پيچيده قوتن جو توازن ڪيئن آهي؟ اهو جدا موضوع آهي. پر سامراج لاءِ هن لكيو آهي ٽ جيڪي نظر اچي ٿو سو سراب آهي، جيڪا سامراج جي بالادستي آهي، ان جي پاڙواريءَ تي آهي. انشاءَ الله اها واريءَ تي پاڙ ثابت ٿيندي، پاڻ وري طاقت ۾ ايندا سين ۽ وري نئون دؤر ايندو ۽ هي سڀ غم ميٽجي ويندا. واقعي سرمائيداري ۽ سرمائيدار جو هڪڙو ٽڪر ٿيندو ان جي وچان سوشلزم جون نيون قوتون اپرنديون.

مارڪس ۽ اينگلس چيو هو ٽ "جڏهن سرمائيداري پنهنجون تخليقي قوتون Exhaust ڪندي، تڏهن سوشلزم ٺهندي" يعني سوشلزم جي ختم ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. سوشلزم جو ٽائيم ايجا آيو ئي ڪونهي، هي ٽ وچ ۾ ٽيلر آهي. ڊاڪٽر صاحب صحيح چيو ٽ سوشلزم هن دؤر ۾ اچڻ کپي ۽ اها هڪڙي ملڪ ۾ قائم ٿي سگهي ٿي.

مارڪس ۽ اينگلس چيو هو ٽ "جرمنيءَ ۾ انقلاب ايندو." لينن چيو ٽ "جرمنيءَ ۾ انقلاب اچي ٽ پلي اچي، اسان جو انقلاب برابر هڪڙو وقت كان اڳ ڇاول ڪمزور ٻار آهي. قبول ٿا ڪريون، هي بچي الائي نه بچي، هن ڪمزور ٻار سڄي دنيا کي ڏوڪڙي ڇڏيو آهي. جي

جرمنيءَ ۾ انقلاب آيو تہ پوءِ دنيا گڏ ٿيندي" هي تہ نئون ڄاول ٻار غريبڙو ڇهن مهينن جو ٻار هو تنهن هي جوهر ڏيکاريا. جڏهن سوشلزم سرمائيداريءَ جي اندر گرب ۾ پچي، پختي ٿي وڏو ٻار ٿي، صحتمند ٿي ڄمندو جنهن جو ٽائيم هاڻي ٿو اچي، تڏهن توهان تصور ڪريو تہ ڇا ٿيندو؟ سوشلزم جو دؤر ڪٿي آيو آهي! هاڻي ايندو جڏهن سرمائيداري پنهنجون سموريون قوتون Exhaust ڪندي، پنهنجون تخليقي صلاحيتون وڃائي ويهندي. مارڪس ايئن لکيو آهي. جڏهن سوشلزم جنم وٺندي ۽ اهو صحتمند ٻار ڄمندو تڏهن روءِ زمين تي ڪنهن نئين دؤر جو عروج هوندو. اهو وقت هليو نہ ويو آهي، اهو وقت اچي پيو. ان جي شاندار آڃيان ڪرڻ لاءِ هن ڌرتيءَ کي تيار ٿيڻو آهي.

جيئي سنڌ!

(لاڙڪاڻي ۾ ڏنل ليڪچر)

گورباچوف کي به اها خبر ديرسان پئي

اڳوڻي سوويت يونين جي صدر ميخائيل گورباچوف پنهنجي هڪ تازي مقالي ۾ "ناٽو جو واڌارو هڪ نئين سرد جنگ ڏانهن ڌڪيندو" جي عنوان سان هڪ مقامي انگريزي اخبار ۾ 16 مئي 1997ع تي شايع ٿيو آهي. ان مقالي ۾ هن اولهه جي طاقتن تي سفارتي زبان ۾ روس سان واعدي خلافي، نڱي ۽ دشمني ڪري عالمي ايٽمي جنگ جو خطرو پيدا ڪرڻ جا الزام لڳايا آهن. سندس چوڻ آهي ته اولهه جون طاقتون پنهنجي جنگي هاڻ کمان، يعني "ناٽو" جو دائرو وڌائي، ان ۾ روس جي پاڙيسري رياستن کي شامل ڪري، اهڙو ٽائيم بم پيا ناهين، جيڪو نه رڳو يورپ کي پر عالمي امن کي به تباهه ڪري سگهي ٿو.

ميخائيل گورباچوف کو انتها پسند ۽ اولهه دشمن ڪميونسٽ ڪڌهن به نه رهيو آهي. هو مغربي طرز زندگي ۽ حڪومت جو وڏو مداح رهيو آهي. اهوئي ماڻهو پنهنجي ملڪ ۽ ان جي عوام کي اولهه جي ملڪن جي دوستيءَ واري رستي تي وڃي وڃڻ وارو هو ۽ ايئن ڪندي پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي وجود ۽ خود پنهنجي سياسي حيثيت ۽ قومي وفاداريءَ کي داءَ تي لڳايو. جيتوڻيڪ جيستائين هو روس جو حڪمران رهيو تيستائين مغربي حڪومتن ۽ ان جي ميڊيا گورباچوف جي بي مثال پذيرائي ڪئي. اڄ تائين ڪنهن به روسي حڪمران کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ايتري عالمي تعريف، تحسين ۽ نيڪ نامي حاصل ناهي ٿي، جيتري ميخائيل گورباچوف کي حاصل ٿي. هو دنيا جو پهريون ڪميونسٽ حڪمران آهي، جنهن کي اولهه مان امن جو نوبل انعام عطا ٿيو.

گورباچوف اتر ڪوهه ڪاف جي هڪ هاري گهراڻي جو آهي، جنهن کيترائي سال ٻنين ۾ نوجوانن جي تنظيم ۾ ڪم ڪيو. هو ماسڪو يونيورسٽيءَ مان قانون جي سند حاصل ڪري چڪو آهي. 1952ع ۾ 21 سالن جي عمر ۾ سوويت ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر ٿيو

۾ 1970ع ۾ پنهنجي علائقي استاورو پول جي علائقائي پارٽيءَ جو سيڪريٽري بڻيو. ان کان پوءِ واري سال هو سوويت ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر بڻيو. 1980ع ۾ هو پولٽ بيورو جو باقاعده ميمبر بڻيو. 10 مارچ 1985ع تي سوويت ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ان وقت جي جنرل سيڪريٽري چرنينڪو جي وفات جي پئي ڏينهن هو چرنينڪو جو جاءِ نشين چونڊيو ويو. هن جو خيال هو ته سوويت يونين اها ترقي نه ڪري رهيو آهي جيڪا گذريل ڏهاڪن ۾ ڪري رهيو هو. ان لاءِ هن ملڪ ۾ "ڪلي پٽي" ۾ نئين سر جوڙجڪ جون اصلاحي تحريڪون شروع ڪري ڇڏيون. ٻاهرين ملڪ، هن اولهه جي ملڪن خاص ڪري آمريڪا سان دوستي ۾ ٽاهن جو سلسلو شروع ڪيو. ڊسمبر 1988ع ۾ هن هڪ نئين طرز جي پارليامينٽ جون چونڊون ڪرائي، مئي 1989ع ۾ پنهنجي پاڙ ڪي روس جو صدر چونڊرايو. 1989ع ۾ هڪ طرف هن مشرقي يورپ جي سوويت اتحادي حڪومتن جي خلاف تنقيدي مهم هلائي ته ٻئي طرف اتي جي مغرب دوست قوتن جون بغاوتون شروع ٿي ويون. گورباچوف سوويت اتحادين جي مدد نه ڪئي.

ايئن سوويت اتحادي حڪومتن جي صفائي سوويت- آمريڪي گڏيل مهم جي شڪل اختيار ڪري ويئي. نتيجي ۾ ان جو تختو اونڌو ٿي ويو ۽ گورباچوف اتان روسي فوجون واپس گهرايون. ان کان پوءِ هن سوويت اتحادي ملڪ اوپر جرمني جي اولهه جرمنيءَ سان هڪ ٽيڙ تي ٻه رضامندي ڏيکاري ۽ اجازت ڏني. آخرڪار جيڪو ٽيڙو هو اهو ٽيو. جڏهن گورباچوف جي پاليسين ۽ فيصلن کان تاريخي حساب سان اک چنپ جيتري عرصي ۾ هڪ عالمي سپر پاور سوويت يونين بلڪل اڪيلو ۽ بي يارو مددگار ٿي ويو. تڏهن ان جي ٻه "چٽي" ٿي ويئي، موجوده صدر يلسن کي آندو ويو. جنهن اهو ڪم ٻه ڪري ڇڏيو جيڪو گورباچوف نه ڪري سگهيو. سپر پاور سوويت يونين کي ختم ڪيو ويو. نتيجي ۾ روسي عوام گورباچوف کان سخت بدظن ٿي ويو. گذريل صدارتي چونڊن ۾ جڏهن هو اميدوار بيٺو ته کنهن ٻه سندس سنجيده نوٽيس نه ورتو. روس جي ڪميونسٽ اڳواڻ گنادي زيو گنووف ويجهڙائيءَ

۾ هڪ بيان ۾ چيو آهي تہ، "گورباچوف ۽ (موجوده روسي صدر) يلسن (مغربي طاقتن کي) جيڪي ڪجھ ڏئي سگھيا ٿي، اھو ھنن ڏنو.. عالمي جنگ ۾ روس جا ٿي ڪروڙ رھاڪو موت جي حوالي ٿيا. ھو جنھن مقصد جي لاءِ وڙھيا ھئا، ان مقصد سان موجوده اڳواڻن غداري ڪئي آھي. ھي مظلوم سندن اھو ڏوھہ ھرگز معاف نہ ڪندا." (دي نيوز 18 مئي 97ع)

گورباچوف جا معذرت ڪندڙ چون ٿا تہ برزنيف جي 18 سالن جي اقتدار (1964ع کان 1982ع) جي دوران روس ۾ هڪ سماجي ۽ اقتصادي جمود طاري ٿي ويو ھو جنھن کي دور ڪرڻ لاءِ گورباچوف اھو ڪيو جيڪو ھنن ڪيو. گورباچوف تي اعتراض ڪندڙ ماڻھن جو چوڻ آھي تہ جمود ڪٿي نٿو اچي؟ 1930ع ۾ سرمائيداري نظام جو تقريباً ڏيوالو نڪري چڪو ھو. آمريڪا ۽ پوري يورپ ۾ واويلا مچي ويئي ھئي، پر آمريڪي صدر روزويلٹ ۽ ٻين مغربي سرمائيدار اڳواڻن ان بحران جو تخليقي انداز ۾ مقابلو ڪيو ۽ انھن جا خراب ڏينھن گذري ويا. اڄڪلھ جي ڳالھ آھي تہ آمريڪا، جاپان ۽ يورپ ۾ اقتصادي جمود ھو پر ھاڻي ڪونھي. اڄڪلھ ڏکڻ ڪوريا ۾ حالتون خراب آھن، جيڪڏھن صحيح عمل ڪيا ويا تہ سياڻي حالتون بھتر ٿي ويندیون. ھر شيءِ جي ھڪ تاريخ ھوندي آھي، ھر شيءِ ھڪ تاريخي لاھي چاڙھي مان گذرندي آھي. روسي مملڪت جنھن جي عمر ھن سال 1137 سال ٿيندي، ان تي بہ ڪيترائي لاھا چاڙھا آيا آھن.

باتو خان جي قيادت ۾ منگولن 1240ع ۾ روسي مملڪت جي تختگاھ ڪيئف کي تباھ ڪري ڇڏيو. تقريباً ڏيڍ صديءَ تائين منگول روسي عوام لاءِ عذاب بڻيا رھيا. 1812ع ۾ نيپولين روس تي چڙھائي ڪئي. روسي فوج ميدان ۾ فرانس سان مقابلو نہ ڪري سگھي ھئي، ان لاءِ اھا منظر طور تي پوئتي ھٽي ويئي ۽ تختگاھ ماسڪو کي باھ لڳائي ويئي.

آخرڪار جنرل ڪتوزوف کي غير معمولي جنگي حڪمت عملي ۽ روسي حڪمران طبقي جي ثابت قدميءَ جي ڪري نيپولين ذليل ۽ خوار ٿي واپس ھليو ويو ۽ پوءِ ڪڏھن بہ پاڻ کي سنياليو نہ سگھيو. 1917ع واري آڪٽوبر انقلاب وقت گھرو جنگ شروع ٿي.

ڪورنيلوف، وينيڪن ۽ ٻيا جنرل هٿين خالي عوام جي خلاف ميدان ۾ اچي ويا. پيداوار تقريباً بند ٿي ويئي. آبادیون ويران ٿي ويون. شديد ڏڪار اچي ويو ۽ پوءِ دنيا جي 14 سرمائيدار ملڪن چئني طرفن کان حملو ڪري ڏنو. زيڪو سلاويڪ قيدين بغاوت ڪري ڇڏي ۽ حملو ڪندڙن لاءِ طوفان آٽي ڇڏيو. پر لينن جي اڳواڻيءَ ۾ روسي انقلابي عوام وڙهندو رهيو ۽ ڪامياب ٿيو.

ٻي جنگِ عظيم ۾ 22 جون 1941ع تي رات جي ٽئين وڳي جنهن نازي فوج ٽن طرفن کان روس تي اوچتو حملو ڪيو ان جي باري ۾ ڪجهه ڏينهن پهرين هٽلر، مسوليني‌ءَ کي لکيو هو "قائد! مون اهڙي فوج روس تي حملي لاءِ تيار ڪئي آهي جيڪا خود آسمانن تي حملو ڪري سگهي ٿي." استالن جي اڳواڻيءَ ۾ روس هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ شڪستن مٽان شڪستون کائيندي ۽ برداشت، ثابت قدمي ۽ دليريءَ جا معجزا ڏيکارينديِ وڙهندو رهيو. 10 جولاءِ تي جنگ جي پوري تاريخ ۾ ٽئنڪن جي سڀ کان وڏي جنگ ڪرسڪ جي چوڌاري وڙهي ويئي. روسي مارشل راکو وسڪي جي توپ خاني ۽ هوائي جهازن سان مار ڪندڙ ٽئنڪ شڪن راڪيٽن جرمن ٽئنڪ حملي کي ناڪام بٽائي ڇڏيو. 870 ڏينهن جي گهيري کان پوءِ 27 جنوري 1944ع تي لينن گراڊ جو جرمن گهيرو ٽوڙيو ويو. 23 آگسٽ تي جرمن اتحادي ملڪ رومانيا سوويت فوجين جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا. 7_8 سيپٽمبر تي سوويت فوجون هنگري ۽ بلغاريا ۾ داخل ٿي ويون. 13 اپريل 1945ع تي روسي فوجون آسٽريا جي تختگاهه وائينه ۾ داخل ٿي ويون. 30 اپريل تي سوويت فوجون برلن جي مرڪز تائين پهچي ويون. هٽلر خودڪشي ڪري ڇڏي. 9 مئي 1945ع تي جرمني سوويت يونين آڏو هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا.

گورباچوف سوويت يونين جو اڪيلو اڳواڻ هو جنهن پنهنجي عدم پيدائش ۽ گهٽ عمر سبب نه آڪٽوبر انقلاب ۾ حصو ورتو هو نه گهرو ويڙهه ۾، نه 40_1930ع واري زرعي ۽ صنعتي تعمير جي جدوجهدن ۾ ۽ نه ئي ٻي جنگِ عظيم ۾. هو انهن باهه جي طوفانن سان

کيڏيو ئي نہ هو ان کري هو مغربي سياست ۾ ميڊيا جي خوش آمد ۽ واعدن جي حملن جو تاب سهي نہ سگهيو.

خامي و ساده دلي شيوه جان بازان نيست،
خبري از بري آن دلبر عيار ببار.
(حافظ)

(خامي ۽ ساده دلي جانبازن جو شيوو ناهي. اسان جو دلبر، جيڪو حد درجي جو عيار آهي، ويجي ان جي خبر وٺي اچو.)

هاڻي ايترا سال مغربي پاليسيءَ کي پنهنجي اصلي رنگ ۾ ڏسي ۽ پنهنجي ملڪ تي چئني پاسن کان گهيرو ڏسي هو به احتجاج ڪرڻ لڳو آهي ۽ پنهنجي جاڻايل مقالي ۾ وڏي احتجاجي لهجي ۾ چوي ٿو ته، "بالٽڪ جي ملڪن کان وٺي بولداويه، يوڪرين ۽ ڪوهه ڪاف مان گذرندڙ مرڪزي ايشيا تائين، روس جي چوڌاري گهيرو ڪرڻ جو سلسلو جاري رکڻ جو کهڙو سبب آهي؟ هڪ پيرو وري هينري ڪسنجر ۽ زبنسڪي جا اهي خيال رائج الوقت ٿي ويا آهن ته روسي ناقابل علاج آهن ۽ انهن کي صرف طاقت جي ذريعي ٺيڪ ڪري سگهجي ٿو. ناٽو جو قهلاءُ روسي سماج ۾ مغرب دشمنيءَ جو جذبو پيدا ڪري رهيو آهي ۽ ان کي مغرب جو مخالف بڻائي رهيو آهي. اهڙيءَ طرح هو فوري مستقبل لاءِ خطرا پيدا ڪري رهيو آهي. اهو عمل امن لاءِ خطرا وڌائي رهيو آهي ۽ اها صورتحال صرف يورپ ۾ نہ هوندي."

"...اهو مسئلو جمعيت اقوام جي سلامتي ڪائونسل ۾ بحث هيٺ ڇو ناهي آندو ويو؟ آخر اهو هڪ عالمي مسئلو آهي، جنهن جو تعلق ڏرتيءَ جي سيني ملڪن سان آهي. 1990ع جي شروع ۾ يورپ ۾ هي جيڪو بحث هلي رهيو هو ته جرمني متحد ٿئي يا نہ ٿئي، ان بحث جو هيئن خاتمو ڪيو ويو آهي ته... سرد جنگ جي دوران يورپ ۽ دنيا جي جيڪا تفريق ٿي هئي، اها متجي ويندي. توقع اها ڪئي ويئي هئي ته ناٽو ۽ وارسا پيڪٽ جي وچ ۾ ٽڪراءُ آهي، اهو ماضيءَ جو قصو بڻجي ويندو ۽ بلاڪ آهستي آهستي تبديل ٿي سياسي اتحادن ۾ تبديل ٿي ويندو... هرهڪ کي ان ڳالهه سان اتفاق هو ته يورپي سلامتيءَ جو نظام

اهڙو هئڻ گهرجي، جنهن ۾ سڀ مملڪتون شامل هجن. ته ان راءِ ۾ هاڻي ايتري وڏي تبديلي ڇو آهي؟ روس اوپر- اولهه لاڳاپن جي گهرو جنگ واري منطق کان اڳتي وڏي وڃڻ جي هڪ مافوق الانسان ڪوشش ڪئي آهي. هاڻي اهي نيون سياسي راندیون ڇو شروع ڪيون ڀيون وڃن؟ اها خود مطلب پاليسي. جيڪا ان نقطي تي بدلل آهي ته روس ڪمزور آهي ۽ مغرب جي مدد جو محتاج آهي. ان ڪري هاڻي هي وقت آهي ته دنيا کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري طاقتورن ۾ ورهايو وڃي، ان خود غرض پاليسيءَ جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟... افسوس جو مقام آهي گهرو جنگ جو زهر هاڻي بہ... بين الاقوامي ۽ اندروني پاليسيون، انساني ذهنيت ۽ اخلاقي ۽ نفسياتي محبت کي زهر آلود بڻائي رهيا آهن. وڏيون طاقتون پنهنجي اعلان ۾ ڇا بہ ڇون، پر روس ۽ آمريڪا پنهي طاقتن کي سرد جنگ جي ورثي ۾ جيڪو غلط منطق مليو آهي، ان جي سبب ڪري هڪ ايٽمي جنگ جي امڪان کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي." روسي اڳواڻ عام طور تي ڀاڙون هڻندڙ يا لٻاڙي ناهن هوندا. اهي ڪابہ ڳالهه توري تڪي ڪندا آهن. گورباچوف جهڙي مغرب جي عاشق روسي سياستدان جي ان شديد احتجاج کي نظرانداز ڪرڻ عالم جي امن لاءِ هرگز فائديمند نہ هوندو.

(شايع ٿيو: 15 مئي 1997ع)

قومي عوامي جمهوري انقلاب

قومي جمهوري انقلاب ۾ عوامي جمهوري انقلاب جا اصطلاح مارڪسي سائنس ۾ مارڪس ۽ اينجلس جي زماني ۾ توڙي لينن جي زماني ۾ پيدا ڪونہ ٿيا هئا. اهي روسي انقلاب کان پوءِ واري دور جي پيداوار آهن. پي جنگِ عظيم کان پوءِ جيڪي ملڪ يورپ توڙي ايشيا ۾ ڪميونسٽ پارٽين جي اڳواڻيءَ هيٺ آزاد ٿيا، تن کي سرڪاري طرح عوامي جمهوريتون سڏيو ويو هو. جهڙوڪ: پولينڊ، زيڪوسلاويڪيا، هنگري، اوپر جرمني، البانيا، چين، اُتر ڪوريا ۽ بلغاريہ وغيره. ان وقت قومي جمهوريت نالي ڪوبہ تصور اڃا پيدا نہ ٿيو هو. مارڪسي پوليءَ ۾ جيڪي ٽي اکر: (1) قومي (2) عوامي (3) جمهوريت جا ڪتب آندا ويا آهن، تن جي هتي معنيٰ لفظي نہ پر اصطلاحي آهي، يعني انهن جي معنيٰ عام رواجي نہ پر خاص علمي آهي. جمهوريت لفظ، بادشاهت، آمريت ۽ آپي شاهيءَ جي ابتڙ ۽ ضد طور ڪتب آندل آهي، يعني حڪومت جو اهو طريقو، جنهن ۾ اقتدار بادشاهن ۽ ڊڪٽيٽرن بدان عوام جي هٿ ۾ هجي. عملي طرح هن اصطلاح جي شروعات ۾ معنيٰ هئي: زميندارِي جاگيرداري نظام کي ختم ڪري، ان جي جاءِ تي عوام جي حڪومت قائم ڪرڻ. شروعات ۾ سرمائيدار طبقو جاگيردارن جي سخت مخالفت ڪندو هو. ان وقت اهو عوام ۾ شمار ٿيندو هو. ان وقت جاگيردارن کي ختم ڪرڻ جي اڳواڻي فقط اهو سرمائيدار طبقو ئي ڪري سگهيو ٿي. ان ڪري جنهن انقلاب وسيلي جاگيرداري نظام ۽ ان جي پيداوار بادشاهت ۽ آپي شاهيءَ کي ختم ڪيو ويو، تنهن کي جمهوري جدوجهد سڏيو ويندو هو. جاگيردار حڪومت جي جاءِ تي قائم ڪيل حڪومت کي عوام جي حڪومت يا جمهوريت سڏيو ويندو هو. پر ڇاڪاڻ جو هن جدوجهد جي اڳواڻي سرمائيدار ڪندا هئا ۽ ان جي نتيجي ۾ قائمڪيل نظام عملي طرح سرمائيداري نظام هوندو هو. تنهن

ڪري ان لڪل حقيقت کي کولي بيان ڪرڻ لاءِ مارڪس ۽ اينجلس جاگيرداريءَ خلاف هلايل ان جدوجهد کي فقط جمهوري جدوجهد سڏڻ بدران سرمائيدار جمهوري جدوجهد سڏيو ۽ ان جي نتيجي ۾ آيل انقلاب کي جمهوري ۽ عوامي انقلاب بدران سرمائيدار جمهوري انقلاب ڪونيو. اڄتي هلي جڏهن مزدور طبقي زور ورتو ۽ جاگيرداريءَ کي ختم ڪرڻ واريون جدوجهدون سرمائيدارن بدران مزدورن جي اڳواڻيءَ هيٺ هلڻ ممڪن ٿي پيون، تڏهن اهڙين جاگيردار- دشمن جدوجهدن کي سرمائيدار جمهوري جدوجهد بدران عوامي جمهوري جدوجهد سڏيو ويو. جن ملڪن ۾ سرمائيداريءَ بدران جاگيرداري غالب هئي، جهڙوڪ: پولينڊ، زيڪوسلاويڪيا، هنگري وغيره، تن ۾ سرمائيدارن بدران عوام طرفان هلايل جدوجهدن کي عوامي جمهوري جدوجهدون سڏيو ويو ۽ انهن جي ڪاميابيءَ بعد جيڪي حڪومتون قائم ٿيون، تن کي عوامي جمهوريتون سڏيو ويو.

هتي اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته يورپ جا جيڪي ملڪ عوامي جمهوري جدوجهد ذريعي آزاد ٿيا ۽ جن کي عوامي جمهوريت سڏيو ويو سي انقلاب کان اڳ گهٽ ۾ گهٽ رسمي طرح ڪنهن ٻئي ملڪ جا غلام نه هئا، پر خودمختيار هئا.

پر ڪجهه سال اڳ تائين ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جا ڪيترائي ملڪ اهڙا هئا، جن ۾ نه رڳو جاگيرداري نظام چانيل هو پر اهي ڏارين جا غلام به هئا. ان وقت اتي مسئلو رڳو جاگيرداريءَ کي ختم ڪرڻ نه پر ان سان گڏ ڏارين جي غلاميءَ کي ختم ڪرڻ جو به هو. انهن کي نه رڳو جمهوريت قائم ڪرڻي هئي يعني جاگيرداريءَ کي ختم ڪرڻو هو پر ان سان گڏوگڏ ان جي جاءِ تي سرمائيداري نظام بدران عوامي نظام به قائم ڪرڻو هو. اهو سڀ تڏهن ممڪن ٿي سگهيو ٿي، جڏهن انهن ٻنهي ڳالهين سان گڏ قومي آزادي به حاصل ڪئي وڃي. اهڙيءَ طرح انهن ملڪن ۾ هڪڙو ته قوم کي آزاد ڪرائڻو هو يعني قومي جدوجهد هلائي، ٿورن وڏيرن، رئيسن، خانن، سردارن ۽ نوابن جي جاءِ تي "جمهور" يعني "گهڻي عوام" جو راج يا جمهوريت قائم

ڪرٽي هئي ۽ ٽيون جاگيرداري نظام جي جاءِ تي سرمائيداري نظام بدران سوشلزم ڏانهن ونڊ ويندڙ نظام قائم ڪرڻو هو. ٻين لفظن ۾ سرمائيدار جمهوريت بدران عوامي جمهوريت قائم ڪرڻي هئي، جيڪا اهڙي پُل هئي، جنهن جي وسيلي عوام جاگيرداري نظام کان ٽپي سوشلزم نظام تائين رسي سگهيا ٿي ۽ سگهن ٿا.

اهڙيءَ ريت جتي فقط جاگيرداريءَ جو آزار آهي ۽ قومي غلامي ناهي، اتي فقط عوامي جمهوريت قائم ڪرڻ لاءِ عوامي جمهوري جدوجهد هلائي وڃي ٿي ۽ عوامي جمهوري انقلاب آندو وڃي ٿو. پر جتي جاگيرداري لعنت سان گڏ قومي غلاميءَ جي لعنت به آهي، اتي عوام طرفان جمهوري جدوجهد ۽ انقلاب سان گڏ قومي جدوجهد ڪري، قومي انقلاب به آندو وڃي ٿو. جيئن ته اهي ٽيئي جدوجهدون گڏي هلايون وڃن ٽيون، تنهن ڪري انهن جدوجهدن تي يڪو هڪڙو نالو قومي عوامي جمهوري جدوجهد ۽ انقلاب رکيو وڃي ٿو.

هيئن به ٿي سگهي ٿو ته ڪي ملڪ سڃي جا سڃا ڪنهن ٻئي جا غلام نه هجن، پر ان ملڪ اندر رهندڙ ڪي قومون ٻين جون غلام هجن. جيئن اسين سنڌي ۽ بلوچ قومون پنجابي قوم ۽ مهاجر لساني گروهه جا غلام آهيون. ان ڪاڪي واري جدوجهد جو نالو عوامي جدوجهد رکيو ويو.

هن جدوجهد ۾ هيٺئين ڪاڪي تي اهي سڀ ماڻهو ۽ قوتون ڪٽيون ڪيون ويندیون، جيڪي قومي آزاديءَ جا حامي هجن. ان لاءِ جاگيردار طبقي سان به ڪافي ڇڏ ڇوٽ ڪئي ويندي ۽ ڪيس رعايتون ڏنيون ويندیون. ٻئي ۽ مٽئين ڪاڪي تي اها ڇڏ ڇوٽ جي پاليسي ڪاڪي به ڪاڪي ختم ڪري، جاگيرداريءَ کي يڪو ٻهارو ڏنو ويندو.

پاڪستان ۾ جدوجهد مجموعي طرح عوامي جمهوري جدوجهد آهي، ڇوته پاڪستان رسمي طرح هڪ خود مختيار ملڪ آهي ۽ اهو قومي آزاديءَ جو ڪاڪو ٽپي چڪو آهي. پر جيئن ته پاڪستان ۾ سنڌي ۽ بلوچ ماڻهو پنهنجي قومي حقن واسطي ويڙهه ڪرڻ لاءِ مجبور آهن، تنهن ڪري انهن لاءِ سندن جدوجهد قومي توڙي عوامي جمهوري جدوجهد هوندي. پنجابين، پناٽن ۽ مهاجرن لاءِ اها خالص عوامي

جمهوري جدوجهد هوندي. اها ڳالهه جنهن حساب سان ٿئي ٿي، اهو حساب هينئر ڪجهه بدليو آهي. ڪجهه وڌيڪ تجربي کان پوءِ، بدليل صورتحال ۾ مٿي ذڪر ڪيل "قومي"، "عوامي" ۽ جمهوري اصطلاحن جي استعمال ۾ تبديلي آندي ويئي آهي. جيئن ته ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جا جيڪي ملڪ ڪجهه عرصو اڳ قومي غلاميءَ جا شڪار هئا، سي هاڻ ذري گهڻ سيءَ آزاد ٿي چڪا آهن، تنهن ڪري قومي غلامي پنهنجي روايتي معنيٰ ۾ دنيا ۾ نالي ماتر وجي بچي آهي. اڄ دنيا جي ملڪن جي گهڻي اڪثريت رسمي طرح خود مختيار آهي. ان ڪري اڳوڻي حساب سان يورپ، آمريڪا ۽ جپان کان سواءِ باقي دنيا ۾ هاڻي جيڪي جدوجهدون آهن، سي سڀ فقط عوامي جمهوري جدوجهدون سمجهڻ ڪپن. پر عملي طرح ڏٺو ويو آهي ته اها رسمي آزادي گهڻي ياڳي نالي ماتر آهي ۽ دنيا جا اڪثر ملڪ سامراج جا غلام آهن، سڏيءَ طرح نه پر اڻ سڏيءَ طرح. انهن ملڪن لاءِ آزاديءَ جي جنگ اڃان ختم نه ٿي آهي، ان جو فقط روپ بدليو آهي. ان ڪري اهڙن سمورن ملڪن ڪي حقيقي قومي آزاديءَ جي جدوجهد جاري رکڻ گهرجي. هاڻي اهڙن ظاهري طرح آزاد ٿيل ملڪن جي ماڻهن طرفان سامراجي غلاميءَ خلاف سامراج دشمن جدوجهدن کي به قومي جدوجهدون سڏيو وڃي ٿو. اهڙن ملڪن ۾ مجموعي جدوجهد جاگيرداريءَ خلاف يعني عوامي جمهوري هوندي. پر ملڪ اندر ننڍڙين مظلوم قومن لاءِ اها عوامي جدوجهد سان گڏ قومي جدوجهد به هوندي، جوته انهن کي قومي بالادستيءَ کان به جان ڇڏائڻي هوندي آهي.

اڳتي هلي تجربي جي روشنيءَ ۾ ڏٺو ويو ته جتي قومي عوامي جمهوري جدوجهد هلائڻي آهي، يعني جاگيرداريءَ جي خاتمي توڙي قومي آزاديءَ، بنهي ڳالهين لاءِ جدوجهد ڪرڻي آهي، اتي بهتر ٿيندو ته بنهي جدوجهدن کي گڏ هلائيندي. ان يڪي گڏيل جدوجهد کي بن ڏاڪن ۾ ورهايو وڃي.

پهرئين ۽ هينئين ڏاڪي تي قومي غلاميءَ خلاف جدوجهد تي گهڻو زور ڏنو وڃي ۽ پي جدوجهد تي ان کان ٿورو گهٽ زور ڏنو وڃي. ان

ڏاڪي کي ڪاميابيءَ سان ٽپڻ ۾ قومي آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ عوامي جدوجهد، يعني جاگيرداريءَ جي هر نشان کي کرڻي صاف ڪرڻ جي جدوجهد کي پوري زور شور سان کنيو ويڳي ۾ جاگيرداريءَ جي بڻ بنياد کي ختم ڪيو ويڳي. ان هينئين شروعاتي جدوجهد جي ڏاڪي جو نالو قومي جدوجهد رکيو ويو آهي.

مٿي ذڪر ڪيل انهن جدوجهدن سان بہ اهوئي قانون لاڳو ڪيو ويندو آهي، يعني يڪي قومي عوامي جمهوري جدوجهدن کي ٻن ڏاڪن ۾ ورهائي. هينئين ۾ شروعاتي ڏاڪي کي قومي جمهوري جدوجهد ۾ متئين ڏاڪي کي عوامي جمهوري جدوجهد سڏيو ويڳي ٽيون ۾ ٻنهي ڏاڪن جي جدوجهدن لاءِ هڪڙي يڪي حڪمت عمليءَ تحت مختلف پاليسيون ڪتب آنديون ويڳن ٿيون.

اهڙيءَ طرح ڏنو ويندو تہ قومي جمهوري جدوجهد ۾ عوامي جمهوري جدوجهد جا اصطلاح تاريخي واڌاري جي پيداوار آهن. ٻئي مارڪسي سائنسي اصطلاح آهن ۾ هڪڙي ساڳي جدوجهد جي ٻن ڏار ڏار ڏاڪن جا ڏار ڏار نالا آهن. اهي ٻئي هڪٻئي جون مخالف جدوجهدون ناهن. چيني- روسي جهڳڙي سان انهن اصطلاحن جو ڪوبہ واسطو ڪونهي. ان باري ۾ روس ۾ چين ۾ ڪڏهن بہ ڪو تڪرار يا بحث نہ ٿيو آهي. عالمي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ بہ انهن بابت ڪوبہ اختلاف يا تڪرار ڪونهي.

پاڪستان ۾ ڪنهن بہ ان کي تڪراري نقطو نہ نهرايو آهي. ان بابت هڪڙو بہ ليک نہ لکيو ويو آهي. ان ڳالهہ تان شيعا- سني قسم جو فساد کڙو ڪرڻ جي ڪوشش فقط لکنؤ ۾ دهليءَ جي شوشي بازن جي فتني باز ذهنن جو فتور آهي يا سندن فرمانبردار ڇاڙتن جي جهالت، حماقت ۾ غلامانہ ذهنيت جو ثبوت آهي.

پي جنگِ عظيم جون اهم لڙايون

بڌيءَ سان گڏ ويڙهه ۾ ڪائنات جي ذري ذري اندر سمايل آهي. هن سڀ کان اهم ڪائناتي قانون کي جدلي مادیت جي سائنسي فلسفي جي بولي۽ ۾ "ابتڙ شين (ماڻهن، ڳالهين، حالتن ۽ ڪيفيتن وغيره) جو پاڻ ۾ ميلاپ ۽ پاڻ ۾ ويڙهه" Unity and struggle opposites سڏيو ويندو آهي. جنگ ڀڳو زوري۽، پهلواني۽ ۽ مڙسي۽ جي ڳالهه ڪانهي. انهن ڳالهين سان گڏ ۽ انهن کان مٿي اها هڪ علم، هڪ فن ۽ هڪ سائنس به آهي.

جنگ جا ڪئين درجا، سوين رنگ ۽ هزارين روپ آهن. مڙس ماڻهو ۽ ڏاڍو مڙس هڪڙي ڳالهه آهي ۽ تربيت حاصل ڪيل، نظم ۽ ضبط جو پابند ۽ اعليٰ فوجي منصوبي ۽ قيادت جي حڪمن ۽ هدايتن مطابق وڙهندڙ فوجي سپاهي ۽ ڪمانڊر بنهه ٻي ڳالهه آهي. جهيڙي ۾ سرسي هڪڙي ڳالهه آهي، فوجي ڏاڻ ٻي ڳالهه آهي، فوجي حڪمت عملي ٽئين ڳالهه ۽ انهن سڀني کان الڳ ۽ اعليٰ اها سڀ طرفي فوجي، سياسي، نظرياتي، نفسياتي ۽ اقتصادي جنگ، جنهن جي علم ۽ سائنس کي عام حڪمت عملي سڏبو آهي، سا بلڪل چوٽين ۽ بنهه الڳ ڳالهه.

سورمي ۽ جنرل جو فرق

سنڌ ۾ ڏاڍا مڙسي، مڙس ماڻهو، سورما ۽ شهيد ڪافي پيدا ٿيا آهن، پر سچو پچو جنرل هڪڙو به نه. جنگ جي ڪنهن وڏي ماهر ۽ فنڪار جي پيدا ٿيڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

دراصل تاريخي طرح اسان جهڙي جاگرافيائي، سماجي، اقتصادي ۽ سياسي سطح رکندڙ علائقن ۾ ان قسم جي اوچين ثقافتي ۽ جنگي صلاحيتن ۽ حاصلاتن جو رڳو تصور به نه هجي ته اها عجب جي ڳالهه ڪانهي. بنيادي سوال تاريخي تجربي ۽ سماجي ارتقا جي جن ڏاڪن تان قومون لنگهي آيون هجن، تن جو آهي.

سنڌي ماڻهو جو جنگ جي علم، فن ۽ سائنس کان ۽ دنيا جي

جنگي نظام ۾ جنگ جي تاريخ کان قطعي بي خبر ۽ پرتي پڃندڙ آهن، تنهن جو سبب رڳو اهو ناهي ته کوپي سڃي دنيا بي رحم ۽ ظالم ۽ ٽکن تي وکجندڙ ۽ کميٽي آهي ۽ اسين انهن عيبن کان پري ۽ پاڪ ۽ اشراف ۽ خوددار ماڻهو آهيون، پر بنيادي مسئلو اسان ۾ گهربل جاڻ، همت، صلاحيت، لياقت، جاکوڙ ۽ ثابت قدميءَ جي گڻ جي کوٽ جو به آهي.

پي جنگِ عظيم دنيا جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو جنگي ٽڪر ٿي گذري آهي. ان جي هڪڙي نرالي ڳالهه اها به آهي ته ان جو سمورو رڪارڊ موجود آهي ۽ ان کي پڙهي ۽ ان مان ذهني لطف ۽ علم پرائي سگهجي ٿو.

مضمونن جي هن سلسلي ۾ اسين انسان ذات جي هن عظيم ترين جنگي مقابلي جي سڀ کان اهم لڙاين جون جهلڪون سنڌي ماڻهن اڳيان ان لاءِ پيش ڪنداسون، ته جيئن اسان جي تصور جون سرحدون ڪجهه ويڪريون ٿين.

حملي جي شروعات

1 سيپٽمبر 1939ع تي صبح جو پنجين بجي هٽلر پولينڊ تي ڪاهه ڪئي ۽ جرمن هوائي جهاز پولينڊ ۾ ڏوڪي آيا. يڪا وڏا حملا ڪرڻ بدران جرمن بمبارن جون ڪئين ننڍيون ننڍيون ٽوليون سڃي ملڪ ۾ پکڙي ويون ۽ هوائي اڈن، ريلن ۽ روڊن تي بمباري ڪرڻ لڳيون. ساڳئي وقت پولش پوليءَ ۾ هڪڙي نئين ريڊيو اسٽيشن ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏني. ان اسٽيشن تان پولينڊ جي ماڻهن ۽ فوجين کي پولش هاءِ ڪمان طرفان حڪم ملڻ لڳا ته "هيئن ڪريو هونئن نه ڪريو" ڪن پولش ماڻهن ۽ ڪن فوجين انهن حڪمن تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ افراتفري مچي ويئي، جوته اهي حڪم پولش هاءِ ڪمان نه، پر جرمن هاءِ ڪمان افراتفري پيدا ڪرڻ لاءِ پولش پوليءَ ۾ پئي ڏنا!

هڪ ڪلاڪ کان پوءِ ڇهين بجي صبح جو جرمن فوجون ٽن آرمي گروپن جي صورت ۾ اتر ۽ ڏکڻ طرفن کان پولينڊ تي ڪاهي آيون.

ٻه جرمن آرمي گروپ

اترئين آرمي گروپ جو ڪمانڊر جنرل باڪ هو. ان آرمي گروپ ۾ ٻه آرميون هيون. هڪڙي هئي ٽين جرمن آرمي، جنهن جو ڪمانڊر

جنرل ڪُچلر هو ۽ ٻي هئي چوٽين جرمن آرمي، جنهن جو ڪمانڊر جنرل ڪلوگ هو. پهرين فوج اوپر پرشيا کان ڏکڻ طرف رخ ڪيو ۽ ٻيءَ پولش ڪاريڊار وٽان لنگهي پولينڊ جي ساڄي پاسي واري فوج کي گهيري ۾ آڻڻ لاءِ اوپر طرف رخ رکيو. وڏيڪ اهم ڪردار ڏکڻ واري آرمي گروپ کي مليل هو جنهن جو ڪمانڊر جنرل رنڊي سٽيڊ هو. ان آرمي گروپ ۾ ٽي جرمن آرميون هيون. اهي هيون اٽين جرمن آرمي، جنهن جو ڪمانڊر جنرل بلئسڪووز هو. ٻي هئي ڏهين جرمن آرمي، جنهن جو ڪمانڊر جنرل ريڪينا هو ۽ ٽئين هئي چوڏهين جرمن آرمي، جنهن جو ڪمانڊر جنرل لسٽ هو.

حملي آور فوجن جا فرض

انهن ٽنهي جرمن آرمين کي جدا جدا فرض سونپيل هئا. جنرل بلئسڪووز جي اٽين جرمن آرميءَ کي کاٻي پاسي کان حملو ڪرڻو هو. لوڊز جي ڪارخانن واري علاقن ڏانهن ڏوڪڻو هو. پوزنان جي وڪڙ وٽ وڙهندڙ پولش فوجن کي ٻي فوج کان ڪاٽي اڪيلو ڪرڻ ۽ هٽ وجهائڻو هو ۽ جنرل ريڪينا جي ڏهين جرمن آرميءَ جو پاسو جهلائڻو هو. جنرل لسٽ جي چوڏهين جرمن آرميءَ کي ساڄي پاسي کان حملو ڪرڻو هو. ڪرئڪو شهر ڏانهن ڪاهه ڪرڻي هئي ۽ پولش فوج جي ڪاريٽين پهاڙن وارن جابلو مورچن کي جرمن جنرل ڪليسٽ جي بکتربند (ٽئنڪن) ڪور جي مدد سان ٽوڙي پار ڪرڻو هو.

فيصلو ڪندڙ ڏڪ هڻڻ جو ڪم جنرل ريڪينا جي ڏهين جرمن آرميءَ جي سپرد ڪيل هو جنهن کي پولينڊ جي وچ تي حملو ڪرڻو هو ۽ ڪيس ان ڪم لاءِ جرمن فوجن جي ٽئنڪ دستن جي مڪيہ قوت مليل هئي.

جرمن حملي جو اهو منصوبو جرمنيءَ جي چيف آف جنرل اسٽاف جنرل هيلڊر تيار ڪيو هو ۽ ان تي عمل جي ڪمان جرمن ڪمانڊر انچيف جنرل براڪتسڪ ڪري رهيو هو.

خبردار! نه تہ!

ان ئي ڏينهن يعني پهرين اپريل 1939ع تي برطانيا جي وزيراعظم نيول چيئمبرلين جي وزارت جو اهم اعلان نشر ٿيو تہ جيڪڏهن

جرمني، پولينڊ تي حملي ڪرڻ جي ڏمڪيءَ کان باز نہ آئي تہ برطانيا، پولينڊ کي مدد ڏيئي، سندس حفاظت جو ذمو کڻندو. ڇهن ڪلاڪن کان پوءِ فرينچ حڪومت بہ اهڙو ئي اعلان ڪيو.

جڏهن جرمن حملي جي خبر پيئي، تڏهن برطانيا ۽ فرانس، جرمنيءَ کان مطالبو ڪيو تہ هوءَ پولينڊ جي خلاف اڳرائي بند ڪري ۽ پنهنجون فوجون پولينڊ مان واپس گهرائي وڃي، نہ تہ ٻئي ملڪ سندس خلاف اعلانِ جنگ ڪندا.

ٻن ڏينهن کان پوءِ ٻنهي ملڪن جرمنيءَ خلاف جنگ جو اعلان ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح دنيا جي تاريخ جي وڏي ۾ وڏي جنگ، يعني ٻي عالمي جنگ جي پهرين لڙائي شروع ٿي ويئي.

ڏرين جي فوجي قوت

پولينڊ جي فوج ۾ 30 تيار ڊويزنون ۽ 10 رزروڊ ڊويزنون هيون. وٽس 12 وڏيون ڪيولري برگيڊون هيون، جن مان هڪڙي بکتر بند هئي. وٽس ڪل 25 لک فوجي تربيت يافتہ ماڻهو هئا، جن کي هو جنگ ۾ ڪتب آڻي سگهيو ٿي. فرانس 110 ڊويزنون گڏ ڪيون هيون، جن مان 65 ڊويزنون جنگ ۾ هڪدم داخل ٿيڻ لاءِ تيار هيون، انهن ۾ پنج ڪيولري ڊويزنون، ٻہ مشيني ڊويزنون ۽ هڪڙي ٽئنڪ ڊويزن هئي. ڏکڻ فرانس ۽ اتر آفريڪا ۾ فرينچ قبضي وارن فرينچ علائقن جي بچاءَ لاءِ گهربل فرينچ جرمن فوجن کي ڇڏي، فرينچ هاءِ ڪمانڊ وٽ جرمنيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ 85 ڊويزنون هيون. انهن کان سواءِ وٽس اڌ ڪروڙ فوجي تربيت ورتل ماڻهو هئا، جن کي ٿوري عرصي اندر ميدان ۾ آڻي ٻئي سگهيو.

برطانيا فرانس کي جنگ شروع ٿيڻ شرط يورپي ميدانِ جنگ ۾ ڪم آڻڻ لاءِ چار ڊويزنون ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو.

برطانيا پنهنجي باقاعدي فوج کان سواءِ 26 ڊويزن جي علائقائي فيلڊ آرمي ناهي رهيو هو. تنهن کان سواءِ سندس تاريخي طور مشهور بحري بيڙو هو، جنهن جو دنيا ۾ ڪوبہ ثاني ڪونہ هو.

جرمنيءَ وٽ 98 ڊويزنون موبالائيز ٿيل هيون، جن مان 52 ڊيوٽيءَ لاءِ تيار هيون. عملي طور پولينڊ ۽ فرانس وٽ ڪل 130 ڊويزنون هيون

۽ جرمنيءَ وٽ 98 ڊويزنون هيون. جن مان 36 عملي طور اڻ تربيت يافته ۽ غير منظم هيون. پولينڊ ۽ فرانس جي وچ ۾ جرمني هئي، ان ڪري ٻنهي ملڪن جون فوجون هڪٻئي کان پري هيون. تڏهن بہ فرانس وٽ جرمنيءَ جي 48 تيار ڊويزنن کي روڪڻ لاءِ ڪافي فوج هئي. دراصل فرينچن وٽ ايتري برتر قوت هئي جو هو اولهه طرف جرمن فوجن کي چيڀاٽي جرمنيءَ اندر رائين نديءَ تائين پهچي سگهيا ٿي.

هٽلر حرام؟

پولينڊ جون سرحدون سائڀا ٿي هزار ميل ڊگهيون هيون. پولينڊ جون سليشا جي علاقي واريون ڪوئلي جون کاڻيون جرمن- پولش سرحد جي ويجهو هيون. خالص فوجي نقطءِ نگاهه کان هنن لاءِ بهتر ٿئي ها جي هو پنهنجين مکيه فوجن کي سرحد تائين پوئتي هٽائي وستولا ۽ سان ندين جي پويان ناهيل مورچي بنديءَ منجهان مقابلو ڪن ها. تہ جيئن هو انهن مورچي بندن جو سهارو وٺي، جمي وڙهي سگهن ها ۽ جرمن فوجن جي رستي ۾ وڌيڪ رنڊڪون وجهي سگهن ها.

پر ٽن شين جي ڪري پولينڊ ايئن نہ ڪيو: پهريون تہ پولينڊ کي انگلينڊ ۽ فرانس جي برتر قوت جي مدد جو پروسو هو. ٻيو تہ پنهنجي ماضيءَ جي ڪاميابين جي سهٽي رڪارڊ جي ڪري کيس پنهنجي مڃيل جارحانہ فوجي طاقت تي پورو اعتماد هو. جنگ کان ٿورا ڏينهن اڳ برطانيا جي پرڏيهي وزير، آمريڪي سفير کي خاطري ڏياري هئي تہ روس بدران پولينڊ سان اتحاد ڪرڻ گهرجي. جو اهو روس کان بهتر فوجي قوت هو. دراصل 15 سال اڳ پولينڊ، روس جي حملن کي جارحانہ حملن سان ناڪام بڻائي، کيس زبردست دفاعي شڪست ڏئي چڪو هو.

ٽيون تہ پولينڊ ان ڳالهہ کي پنهنجي اقتصادي ۽ قومي وقار جو مسئلو سمجهيو ٿي، تہ دشمن جيئن ئي سرحدن ۾ داخل ٿئي، تيئن پنهنجو اهم اقتصادي علائقو خالي ڪري، پوئتي هٽڻ بدران هڪدم ساڻس مقابلو شروع ڪيو وڃي. ان ڪري هن پنهنجين فوجن جو ٽيون حصو جرمن- پولش سرحد جي ويجهو پنهنجي اهم ترين اقتصادي علائقي جي حفاظت لاءِ رکيو. ٻيو ٽيون حصو ڪمانڊر انچيف مارشل

سمگلي ربڙ جي ڪمان هيٺ لوڊز ۾ وارسا جي وچ تي مرڪزي لائين جي اتر طرف دشمن تي جوابي وار ڪرڻ لاءِ تيار ڪري بيهاريو ويو.

پولينڊ جي وچ تي باقاعدي بچاءَ جي لائين تعمير ٿي هئي، جنهن جي سهاري دشمن کي گهٽو وقت روڪي سگهجي ها. پر سندس پيل فوج جو جيڪو حصو سرحد جي ويجهو لڙي رهيو هو سو پيدل هئڻ ڪري، جرمن حملي شروعات کان پوءِ گهربل تيزيءَ سان پوئتي هٽي، مورچي بندين جي ان لائين جي اوٽ ونڊي وڃهي نه سگهيو.

پولينڊ جي فوجن جي ڪمانڊر انچيف مارشل سمگلي ربڙ جي ماتحت هيٺيان ڪمانڊر هئا:

جنرل زلنگ، جنرل روميل، جنرل ڪترزيبا، جنرل سوسنڪووسڪي، جنرل پوموزي ۽ بيا.

برق رفتار واڌارو

2 سيپٽمبر تائين جنرل باخ جي آرمي گروپ جي چوٽين جرمن آرمي جنرل ڪلوگ جي ڪمان هيٺ، پولينڊ جي ڪاربدار چيري وستولا ندي‌ءَ جي هيناهين حصي تائين پهچي ويئي ۽ جنرل ڪچلر جي ٽئين جرمن آرمي، اوير پرشيا کان پنهنجو دٻاءُ ناريو شهر ڏانهن وڌائڻ لڳي. جنرل رنڊسيڊٽ جي ڏاکڻي آرمي گروپ جي ڏهين جرمن آرمي جنرل ريڪينا جي ڪمان هيٺ پنهنجي ٽئنڪ فوجن جي وسيلي وارتا ندي‌ءَ تائين پهچي، ان کي زبردستي‌ءَ پار ڪري ويئي. انهي‌ءَ وچ ۾ جنرل لسٽ جي چوڏهين جرمن آرمي ڪريڪو شهر کي پنهي طرفن کان گهيري ۾ آڻڻ شروع ڪيو، جنهن ڪري پولش جنرل زلنگ جي آرمي‌ءَ کي شهر ندا ۽ دوناجيڪ ندين واري علاقي طرف هٽڻو پيو. 4 تاريخ تائين جنرل ريڪينا جا مهڙ وارا ٽئنڪ دستا جرمن- پولش سرحد کان 50 ميل پري پهچي، پليڪا ندي پار ڪري، ويا. 6 تاريخ تائين سندس ڪاپو پاسو ترمناس زو شهر قبضي ۾ ڪري لوڊز شهر جي پويان پهچي ويو ۽ سندس ساڄو پاسو ڪيلس شهر ۾ داخل ٿي ويو. ان ڪري پولش جنرل روميل جي آرمي، جيڪا لوڊز واري محاذ جي حفاظت ڪري رهي آهي، سا گهيري ۾ اچي ويئي ۽ پولش جنرل ڪترزيبا جي

آرمي، جيڪا يوزنان جي ويجهو هئي، سا ان خطري ۾ پئجي ويئي ته هوءَ ٻي فوج کان ڪٽجي ويندي. ٻيون جرمن آرميون به پولينڊ جي فوجن کي گهيري ۾ آڻڻ واري جرمن هاءِ ڪمان جي منصوبي مطابق عمل ڪندي اڳتي وڌنديون رهيون. پولينڊ جون فوجون هڪٻئي کان ڪٽيل حصن ۾ ورهائجي ويون. منجهائن ڪي پوئتي پئي هٽيون ته ڪن وري ٻرپاسي وارين جرمن فوجن تي ڇڙوڇڙ حملا پئي ڪيا.

گهيري مٽان گهيرو

انهن تاريخ جنرل ريڪينا جو هڪڙو ٽئنڪ ڪور، هڪڙي هفتي ۾ 140 ميل وڌي، پولينڊ جي تختگاهه وارسا جي پسگردائيءَ مان لنگهي ويو. ٻئي ڏينهن سندس ساڄي پاسي جون هلڪيون ڊويزنون ڏکڻ طرف وڌي، وارسا ۽ سئندو ميرز شهر جي وچ ۾ وستولا نديءَ جي ڪنارن تي پهچي ويون ۽ اتان اتر طرف وڌيون. انهيءَ وچ ۾ ڪارپيٿين جبلن جي علائقن جي وچ ۾، جنرل لسٽ جي چوڏهين جرمن آرميءَ جون موٽر سوار فوجون دوناجيڪ ٻيالا، وسلوڪ ندين کي زبردستيءَ پار ڪري، پرزي مسل جي مشهور قلعي جي ٻنهي پاسن سان نديءَ جي ڪنارن تي پهچي ويون. اتر طرف جنرل ڪچلر جي ٽئين جرمن آرميءَ جي مهڙ واري ٽئنڪ فوج جي ڪمانڊر جنرل گڊيرين ناريو ندي پار ڪري وارسا شهر جي پٺ ۾ بگ واري لائين تي حملو شروع ڪيو. اهڙيءَ ريت وارسا جي اولهه ۾، وستولا نديءَ جي موڙ وٽ، پولينڊ جي فوج جي چوڌاري جيڪو انبور جهڙو جرمن گهيرو مڪمل ٿي رهيو هو تنهن جي چوڌاري هڪڙو ٻيو جرمن انبور به ڪين گهيري ۾ وٺڻ لڳو. يعني گهيري مٽان گهيرو پوڻ لڳو.

بدنظمي ۾ مونجهارو

پولينڊ جي جرمن ۾ پيدا ٿيل ان بدنظميءَ هڪڙي عجيب صورتحال اها پيدا ڪئي، جو جرمن سپريم ڪمان منجهي پيئي ته پولينڊ جي هاءِ ڪمان هن وقت الائي ڪهڙي منصوبي مطابق پيئي عمل ڪري! پولينڊ جي فوجن جون قطارون ڏوڙ اڏائيندڙ مختلف پاسن ڏانهن پئي آيون ويون. جرمن هوائي جهاز مان سندس جيڪي فوٽا ورتا

ويا. تن مان ڏوڙ سبب صحيح پوزيشن جي خبر نہ ٿي پئجي سگهي. ان ڪري جرمن سپريم ڪمان کي اهو خيال ٿيو تہ اتر ۾ پولش فوجن جو وڏو حصو وستولا ندي پار ڪري ايرندي طرف نڪري ويو آهي. ان ڪري هنن جنرل ريڪينا جي ڏهين جرمن آرميءَ کي حڪم ڏنو تہ اها وارسا ۽ سينڈوميرز شهرن جي وچ ۾ وستولا ندي پار ڪري. جيڪي پولينڈ جون فوجون ڏکڻ- اوپر پولينڈ طرف پڃن تن کي روڪي. پر ڏاکڻي آرمي گروپ جي ڪمانڈر جنرل لسٽ ان ڳالهہ تي اعتراض ڪيو جو ڪيس پڪ هئي تہ پولينڈ فوجن جو مکيہ حصو ايا وستولا ندي پار ڪري گهيري مان نڪري نہ سگهيو آهي. ڪجهہ بحث مباحثي کان پوءِ سندس راءِ قبول ڪئي ويئي ۽ ريڪينا جي آرميءَ کي حڪم ڪيو ويو تہ اها ڦيرو ڏيئي. وارسا جي الهندي طرف زورا نديءَ تي پوزيشن وٺي وڃي بيهي. جيئن ڪوبہ پولش سپاهي يا آفيسر اتان مٿي ايرندي پاسي نڪري نہ سگهي. نتيجي طور پولينڈ جي فوجن جو جيڪو وڏو حصو بچي ويو هو سو وستولا ندي ٽپڻ کان اڳ ۾ ئي قاسي پيو.

10 تاريخ پولينڈ جي ڪمانڈر انچيف مارسل سمگلي پنهنجين فوجن کي عام حڪم ڏنو تہ هو ڏکڻ- اوبر پولينڈ طرف پوئتي هٽن.

نئين بچاءَ لائين؟

پولش جنرل سوسنڪو وسڪيءَ کي ڏکڻ- اوپر پولينڈ ۾ انچارج مقرر ڪيو ويو تہ هو جنگ کي ڊگهي عرصي تائين هلائڻ لاءِ هڪڙي نسبتاً ننڍي محاذ تي بچاءَ جون مورچي بندين تيار ڪري. ٻئي طرف هڪڙي پاسي وستولا نديءَ جي اولهہ ۾ گهيري ۾ آيل پولش فوجن جو گهيرو سخت ٿيندو ويو تہ ٻئي پاسي جرمن تيزيءَ سان وستولا نديءَ جي اوپر طرف وڌي رهيا هئا. تنهن کان سواءِ هو اتر ۾ بگ نديءَ تي پولينڈ طرفان ٻڌل بچاءَ جي لائين ۽ ڏکڻ ۾ سان نديءَ واري بچاءَ جي لائين کي ٽوڙي باهر نڪري آيا. جنرل ڪچلر جي ٽئين جرمن آرمي جي محاذ تي ٽئنڪ جنرل گڊيرين شهر کي هڪڙي وڌي ويڪري گهيري ۾ آڻڻ لڳيون. جنرل لسٽ جي چوڏهين جرمن آرميءَ جي محاذ تي. جنرل ڪليسٽ جون ٽئنڪون 12 تاريخ تي لوو شهر تائين پهچي

ويون. پر اتي ساڻن اهڙو سخت مقابلو ٿيو جو هو اتان اڳتي وڌي نه سگهيون. هو ان ڪري وري اتر طرف جنرل ڪچلر جي فوجن طرف وڌيون. انهيءَ وچ ۾ جرمن فوجون گهٽي واڌاري جو دباءُ محسوس ڪرڻ لڳيون ۽ وٽن تيل جي ڪوٽ ٿي پيئي. ٻئي طرف پولينڊ جي فوج جي ڪيترن دستن پنهنجي غير منظم حالت ۾ ٻه سورهيائيءَ ۽ جوان مردي‌ءَ سان مقابلو جاري رکيو ۽ جرمن فوجن تي ٽڪاوٽ سان گڏ مقابلي جو دباءُ ٻه آهستي آهستي وڌڻ لڳو. پر پولينڊ جي جنگي ڪمان جو نظام اهڙي بري نموني ٽٽي چڪو هو جو اها دشمن جي عارضي ڏرائي ۽ پنهنجين فوجن جي ثابت قدم سخت جاني‌ءَ جو ڀرپور فائدو وٺي نه سگهي. هن پنهنجون قوتون چڙوچڙ حملن ۾ ضايع ٻئي ڪيون ۽ جرمن ٽڪ جي باوجود منصوبي مطابق پنهنجو گهيرو مڪمل ٻئي ڪيو.

جنگ جاري رکو!

17 سيپٽمبر تي مولوتوف- رينٽراپ ڳجهي روسي جرمن معاهدي مطابق سوويت روس جون فوجون اوپر پولينڊ ۾ داخل ٿيون. ٻئي ڏينهن پولينڊ جي سرڪار ۽ فوجي هاءِ ڪمان پولينڊ جي سرحد لتاڙي رومانيه هليون ويون. پر پولش ڪمانڊر انچيف پويان حڪم ڏئي ورتو ته پولينڊ جون فوجون پنهنجي جنگ جاري رکن. گهٽن کي اهو پيغام نه پهتو پر ڪيترن پولش فوجي دستن جرمنن خلاف آخري وقت تائين مقابلو جاري رکيو.

وارسا جي چانوٽيءَ جي فوج تي جرمن فوجن هوا مان ۽ زمين تان زبردست بمباري ڪئي. پر هو انهيءَ رات ڏينهن جي بمباريءَ جي باوجود 28 تاريخ تائين مقابلو جاري رکندا پئي آيا. پولينڊ جي فوج جو آخري اهم دستو 5 آڪٽوبر تائين وڙهندو رهيو گوريلا مقابلو سياري تائين هلندو رهيو. پولينڊ جا 80 هزار سپاهي سرحدون ٽپي غير جانبدار ملڪن ۾ هليا ويا.

دوست ته ههڙا!

انگلينڊ ۽ فرانس جن پولينڊ جي حفاظت جي ضمانت ڏني هئي، سي انهيءَ وچ ۾ سخت بيان بازي ڪندا رهيا. پر عملي طرح منجهانئن ڪوبه پولينڊ ۾ وانگي ڪونه وريو. جڏهن 17 تاريخ تي پولينڊ جو مقابلو پورو ٿي چڪو هو تڏهن فرانس اعلان ڪيو ته اسين جرمني‌ءَ

سان وڙهنداسين. پر سندس حملي مان ڪوبہ ٻوٽو ڪونہ ٻريو ۽ هنن اعلان ڪيو تہ جيئن تہ پولينڊ جو مقابلو ختم ٿي چڪو آهي، ان ڪري وڌيڪ لڙائي فضول آهي ۽ هو مات ڪري ويهي رهيا.

شڪست جا ٽي مکيہ ڪارڻ

پولينڊ جي شڪست جي گهڻن ڪارڻن سان گڏ ٽي مکيہ ڪارڻ هي هئا:

سندس حقيقي عملي مدد فقط سندس پاڙيسري سوويت روس ڪري سگهيو ٿي، جنهن کيس ۽ انگلينڊ ۽ فرانس کي هٽلر جرمنيءَ خلاف پاڻ معاهدو ڪرڻ لاءِ بار بار چيو. پر قومي ۽ طبقاتي تعصب سبب انهن ايئن ڪرڻ کان بار بار انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اهڙيءَ ريت هنن روس کي مجبور ڪيو تہ اهو مغربي ملڪن جي سازشن کان پنهنجي وجود بچائڻ لاءِ جرمنيءَ سان عارضي ناهہ ڪري. ٻيو تہ پولينڊ جي تباهيءَ کان اڳ توڙي پوءِ انگلينڊ ۽ فرانس جي سرمائيدار حڪومتن جو هڪڙو ئي مقصد هو ۽ ان مقصد لاءِ ئي هنن هٽلر کي ڳجهيءَ طرح لائين جو علائقو آسٽريا، چيڪوسلواڪيا ۽ هاڻ پولينڊ جا ملڪ رشوت طور قٻارايا ۽ اهڙيءَ ريت کيس مچائي مواڙ ڪيو هو. ان جو مقصد اهو هو تہ فاشسٽ جرمنيءَ هٿان روس تي حملو ڪرائي، پرائي خرچ تي ان جون پاڙون پٽي، کيس نيست ۽ نابود ڪرائي ڇڏجي. ان مقصد خاطر هن پولينڊ سان پنهنجا واعدا نہ پاڙيا ۽ ساڻس دغا ڪري، کيس مارائي، پاڻ في الحال مات ڪري ويهي رهيا.

پولينڊ جي شڪست جو ٽيون سبب ان جي مدي خارج فوجي حڪمت عملي هئي. پولش هاءِ ڪمان ايجا تائين گهوڙي سوار فوجي وڏي پئماني تي ڪتب آڻڻ جا پور پئي پچايا. ان جي ابتڙ جرمن فوج وٽ هڪ انتهائي اڳتي وڌيل نظريو هو يعني مکيہ ڪم تيز رفتار بکتر بند فوجين ۽ هوائي جهازن کان وٺڻ جو نظريو هو. ان وقت جرمني يورپ جي بهترين ٽئنڪ فوج ۽ هوائي فوج تيار ڪري چڪي هئي.

بي ايمانيءَ جو نتيجو

جرمن- پولش جنگ، ٻي جنگِ عظيم جي پهرين لڙائي هئي ۽ ان

مان جرمنيءَ جي نئين فوجي حڪمت عمليءَ جي يورپ جي بين مدي خارج فوجي حڪمت عملين مٿان برتريءَ جو پتو سيني کي پئجي ويو. پر روس سميت بيون يورپي حڪومتون پنهنجي فوجي حڪمت عمليءَ ۾ گهربل تيزي ۽ گهربل حد تائين تبديليون آڻي نه سگهيون ۽ ان جون ڳريون قيمتون ادا ڪرٽيون پيون.

جرمنيءَ جي رائين علائقن تي زبردستيءَ جي قبضي کان وٺي پولينڊ تي قبضي تائين، فرانس ۽ انگلينڊ پنهنجي هر ڪمزوريءَ جي باوجود، ڪنهن به وقت جرمنيءَ کي چيپاٽي سگهيا ٿي، پر طبقاتي، سامراجي تعصب ۽ ناجائز مقصدن خاطر هنن ايئن نه ڪيو. جرمنيءَ کي ان اميد تي ايجا به زور وٺڻ جا موقعا ڏيندا رهيا ته جرمني روس کي تباهه ڪري، پاڻ به ان مقابلي ۾ ڪمزور ٿئي، پوءِ هي ٻئي معتبر ٿي، يورپ جا چوڌري بڻجي، سيني ڏرين جو مال پاڻ ڦهائين، خاص ڪري چالاڪ انگريز، پر قصو الٽو ٿي پيو ۽ ڪين پنهنجي بي ايمانيءَ جي نهايت تباهه ڪندڙ چٽي پرٽي پئجي ويئي.

روس سوشلست انقلاب آڻڻ جي ڏوهه ۾ سڄي يورپ جي سرمائيدار ملڪن جي نظر ۾ واجب القتل مجرم هو. گذريل پاڻ صديءَ کان سموري سرمائيدار دنيا ڪيس ختم ڪرڻ پوبان لڳل هئي. هي اجگر جيڏو ديو پنهنجي تاريخي پسماندگي، اڻ هوند، افراتفري، ڏڪار، گهرو ويڑهه ۽ باهرين حملن جي تباهين وچان، پنهنجي وجود بچائڻ ۽ آئنده سلامت رهڻ لاءِ سر ڏڙ جي بازي ۾ لڳل هو. جرمني توڙي انگلينڊ ۽ فرانس، توڙي جپان ۽ آمريڪا سندس سر جا ويري هئا. هن جرمنيءَ کان پاڻ بچائڻ لاءِ انگلينڊ ۽ فرانس سان اتحاد ڪرڻ لاءِ ڪين آڇون ڪيون. برطانيا هڪڙي ڏڪ سان ڏهه ڏهه شڪار ڪرڻ تي هريل هو. تنهن روس سان ڳالهين جو سلسلو به نالي ماتر جاري رکيو ۽ اندرو اندر هٽلر اڳيان يورپ جي چيڪوسلواڪيا ۽ پولينڊ جهڙن ڪمزور ملڪن جو ٻل چاڙهي، سندن دل خوش ڪري، سندن هٿان روس جو ڳاڻو مروٽائڻ جي منصوبي تي به عمل جاري رکيو. جڏهن روس انگلينڊ ۽ برطانيا کي منٿون ڪري ڪري ناميد ٿي پيو تڏهن

هٽلر سان صلح ڪئي. روس کي خبر هئي ته هٽلر مون سان نٿو، ان ڪري جو فائدو وٺي، برطانيا ۽ فرانس کي دٻائي، پوءِ نيٽ سان نٿو مون تي حملو ڪندو ۽ ڪڏهن به ڪونه مڙندو. پر جرمني تيار هئي. روس جو حال ڪونه هو. ڪيس پنهنجي وجود بچائڻ لاءِ تيار ٿيڻ لاءِ وقت جي ضرورت هئي. هن هٽلر جي آڇ قبول ڪئي. ان ڪري جي شرط موجب پولينڊ جي اوڀر واري علائقي تي روس جو قبضو ٿيڻو هو. دراصل ان علائقي ۾ اڪثريت انهن ماڻهن جي هئي، جيڪي پولينڊ ۾ رهڻ تي راضي نه هئا. ڇوته اهو علائقو اڳي يوڪرين جو حصو هو. جيڪو ان وقت سوويت يونين جو هڪڙو صوبو هو. پولينڊ وارن جو انهن يوڪرائني ماڻهن سان رويو دٻاءَ ۽ بالادستيءَ وارو هو.

روسي حڪومت سواءِ وقت ويڃائڻ جي بالڪل واري علائقي ۾ جيڪي سرحدي علائقا هئا، انهن تي حڪمت عمليءَ وارو ضابطو حاصل ڪرڻ جي مهم شروع ڪئي، ته جيئن جرمنيءَ طرفان حملي ٿيڻ جي حالت ۾ اهي علائقا جرمن کي ڪم نه اچن. 10 آڪٽوبر تائين هن استونيا، ليٽويا ۽ لٿونيا سان عهدناما ڪري ان جي مرڪزي حدن تي پنهنجون فوجي ڇانوڻيون قائم ڪرڻ جون رعايتون حاصل ڪري ورتيون.

انهيءَ کان هڪ ڏينهن اڳ 9 آڪٽوبر تي هنن باقي رهيل ملڪ، يعني فن لينڊ کي پاڻ لاءِ غير نقصانڪار بنائڻ واسطي سائس ڳالهيون ٻولهيون شروع ڪيون. 14 آڪٽوبر تي روس فن لينڊ کان ڪيس جيڪي گهرون ڪرٽيون هيون، سي تيار ڪري رکيون. انهن گهرن جي سلسلي ۾ هنن ايراضين جي متاسٽاجي تجويز پيش ڪئي.

هن فن لينڊ کي چيو ته اسان کي پنهنجي ضرورت واري علائقي جا ڪجهه ٽڪر ڏيو ۽ ان جي عيوض اسان کان ٻيڻو علائقو وٺو. انهن مقصدن لاءِ هن فن لينڊ کي چيو ته اسان کي هاگ لينڊ، سيسڪاري، لاوانسڪاري، ٽائيٽارسڪاري ۽ لائي وستو جا ٻيٽ ڏيو ۽ ان جي عيوض اسان کان ٻيا علائقا وٺو. ٻيو ته اسان کي ٽيهن سالن لاءِ هيئگو جو بندر ليز تي ڏيو ته اسين اتي بحري اڈو ناهي، ان تي اهڙو ساموندي ڪناري وارو تويخانو لڳايون. جيڪو سامهون واري پالواسڪي واري

بحري اڈي سان گڏ توبزني ڪري ۽ جيڪو بہ فن لينڊ جي نار ۾ زبردستي گھڙڻ جي ڪوشش ڪري، تنهن کي روڪي سگھي. هنن ٻيو مطالبو اهو ڪيو تہ ڪريليا جي استمس ۾ جيڪا توهان جي سرحد آهي، ان کي ايترو پوئتي ڪٽي وڃو جو اتان اسان جي ملڪ جي ٻيو نمبر وڏي شهر لينن گراڊ تي توبزني نہ ٿي سگھي. هنن چيو تہ اهي ٻئي ڪم اهڙي نموني ٿيڻ کپن جو توهان جو بہ بچاءُ ٿئي ۽ اسان جو بہ بچاءُ ٿئي. خاص طرح توهان جي بچاءَ جي لائين، يعني مينر هيم لائين جي بچاءَ واريون قلعي بنديون سلامت رهن. سندن ٿيون مطالبو اهو هو تہ پيتسامو علاقي جي اتر ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ واري سرحد کي اهڙيءَ ريت درست ڪيو وڃي، جو ڪوبہ دشمن راءِ باڄي واري اپپيٽ تي قبضو ڪري، روس جي بندر مورمانسڪ لاءِ خطرو پيدا ڪري نہ سگھي. انهن 'درستين' جي عيوض روس فن لينڊ کي ريپولا ۽ پورا جورپي جا ضلعا ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو. جنهن جي ڪري فن لينڊ جي 1066 چورس ميلن جي علاقي جي عيوض کيس 2134 چورس ميل ڏئي ها، يعني اٽڪل ٻيڻي ايراضي. فن لينڊ اها ڳالھ قبول نہ ڪئي، جو سندس چوڻ هو تہ هونگو واري بندر جي متاستا تہ بلڪل ڪري نٽي سگھجي، ڇاڪاڻ تہ ان جي ڪري اسان جي غير جانبداري متاثر ٿيندي. فن لينڊ اها آڇ قبول نہ ڪئي. تان جو 28 نومبر تي سوويت گورنمينٽ 1942ع وارو اهو عهدنامو رد ڪري ڇڏيو جنهن مطابق فن لينڊ ۽ روس کي هڪٻئي تي حملو نہ ڪرڻو هو.

30 نومبر 1939ع تي سوويت روس فن لينڊ تي حملو ڪيو. روسي فوج پنجن هنڌن کان فن لينڊ ۾ داخل ٿي. هڪڙو حملو لينن گراڊ کان ڪريليا جي استمس وٽان ڪيو ويو. ٻيو لدوگا جي ڏنڊ وٽان ڪيو ويو. ٿيون آرڪٽڪ سمنڊ جي ننڍڙي بندر پيستامو تي ڪيو ويو. ٻہ حملا فن لينڊ جي چيلھ وٽ ڪيا ويا. انهن مان اتر وارو حملو سالا وٽاز ڪيمپي جاروي ڏانهن ڪيو ويو. ڏکڻ طرف واري ڪاھ سمو سالمي جي پرسان ڪئي ويئي.

لينن گراڊ وٽان ڪيل سڌي حملي فن لينڊ جي بچاءَ جي لائين،

يعني مينرهيم جي مهڙ وارن تهن کي ٽوڙي ڇڏيو پر اڳتي وڌي نه سگهيو. لدوگا ڍنڍ واري حملي کوبه واڌارو نه ڪيو. پيتسامو جو ننڍڙو بندر روسين قبضي ۾ ڪري ورتو ۽ اهڙيءَ ريت انهن اهو دروازو بند ڪري ڇڏيو. جتان آرڪٽڪ سمنڊ رستي فن لينڊ کي ٻاهرين مدد ملي سگهي ها. سالا وٽان ڪيمپي جاروي طرف ڪيل بوسنيا جي نار جي اڌ پنڌ تي. حملو ڪندڙ روسي فوجن تي فنلينڊ جي هڪڙي ڊويزن جوابي حملو ڪري روسي فوجن کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو. سموتسالي وٽان جيڪو حملو ڪيو ويو تنهن تي جنوريءَ جي شروعات ۾ جوابي حملو ڪيو ويو. فن لينڊ وارن روسين جي پاسن جي چوڌاري ڦيري پائي، سندن رسد پهچڻ يا سندن واپس وڃڻ جا رستا بند ڪري ڇڏيا. روسي فوجون جتي هيون، اتي ڦاسي ويون ۽ سندن نڪرڻ جي ڪابه واهه نه رهي. جڏهن سندن سمورو رسد کُٽي ويو ۽ بي پناهه ٿڌ کين بي حال ڪري ڇڏيو. تڏهن فن لينڊ جي فوج مٿانئس اوچتو اچي ڪڙڪي ۽ کين پور پور ڪري ڇڏيائين. روسي حملو بريءَ طرح ناڪام ٿي ويو.

اها تاريخي حقيقت سڄي يورپ کي معلوم هئي ته روسي فوج جو اصل کان وڻي گهٽو حال ڪونه هو. زارشاهي روس جي بين ادارن وانگر اها تعداد ۽ مقدار ۾ ته اڳر ديو جيڏي هئي، پر لياقت، تيزي ۽ جنگي نظريي جي ترقي، آمدرفت جي سهولتن، هٿيارن، تعليم ۽ تربيت، ثقافتي معيار ۽ بين ڳالهين ۾ اها يورپ جي هڪڙي معياري فوج نه هئي. 1917ع واري انقلاب ۾ ۽ ان کان پوءِ ٽيل گهرو ويڙهه، ڏڪار اقتصادي تباهه حالي، افراتفري، سماجي انقلاب جي تيز اٿلن پٿلن ۽ اندروني افراتفرين ۽ ڇڪتاڻ جي ڪري ان جي پسماندگيءَ کي ختم ڪرڻ ۽ سرخ فوج کي پهرئين درجي جي جديد يورپي فوج بنائڻ جون ڪوششون ايڏا ابتدائي مرحلن ۾ هيون. تازو ان کي اندروني طرح هڪڙو ڪاپاري ڌڪ لڳو هو. روسي فوج جي هاءِ ڪمان ۾ هڪڙو اهڙو زلزلو آيو هو جنهن ان جي جڙ ته ڳڇي مروڙي ڇڏي. سرخ فوج جا سڀ کان نامور، روشن خيال ۽ قابل جنرل غداريءَ جي الزام هيٺ گرفتار ٿي موت جي سزا جو شڪار ٿي چڪا هئا. هاڻي انهن ۾ باقي

وڃي يا تہ پوڙها جنرل رهيا هئا يا تہ نوان، سيکڙات، گهٽ تجربو رکندڙ ۽ تازي پروموشن مليل جنرل. پوڙهن ۾ مارشل تمرشينڪو، مارشل شپوشينڪوف مارشل جهڙا 1917ع واري سوشلسٽ انقلاب کان وٺي 1922ع تائين 5 سالن واري گهرو ويڑهہ جا ڪامياب سپهہ سالار ۽ انقلابي هيرا هئا، جيڪي هينئر يورپ جي موجوده فوجي جاڙ ۽ مهارت جي معيار جي پيٽ ۾ جڙ ماضيءَ جا شاندار مقبرا بڻجي چڪا هئا. ان سبب جي ڪري انگلينڊ، فرانس، جرمني ۽ ٻين يورپي ملڪن جي فوجي ۽ سياسي حلقن اڳي ئي اندازو لڳائي ورتو هو تہ روس جي فوجي طاقت پروسي جوڳي ناهي. ڪن انهن ڪي پولينڊ جي فوجي قوت کان بہ ڪمزور ليکيو ٿي. اڃگر جيڏي سوويت روس کي پٽڪڙي فنلينڊ هٿان خوار ٿيندو ڏسي، سڄي يورپ ۾ روس تي چٽرون ٿيڙ لڳيون. 20 جنوري تي ريڊيو تي تقرير ڪندي هاڪاري انگريز مدبر ونسٽن چرچل چيو هو تہ "فن لينڊ سڄي جهان جي سامهون سرخ فوج جي نااهليءَ کي اگهاڙو ڪري ڇڏيو آهي." سڄي يورپ ۾ فن لينڊ لاءِ وڏي همدردي ۽ سندس همت ۽ مڙسيءَ لاءِ ساراهہ جا جذبا ڦهلجي ويا. فرانس ۽ برطانيا جي حڪومتن فن لينڊ کي نياپا موڪليا تہ "اسان جي مدد پهتي ڪي پهتي، مڙس ماڻهو ٿجو! متان دل لاهيو." هنن منصوبو ستيو تہ فن لينڊ کي مدد ڏيڻ جي بهاني ۾ واري ملڪ سوئيڊن جي گلي علائقي وارين انهن لوهہ جي کاڻين تي قبضو ڪجي، جن مان جرمنيءَ کي لوهہ سپلاءِ ٿيندو هو ۽ جرمنيءَ خلاف بالٽڪ جي پاسي کان خطرو بنجندڙ هڪڙو اڈو قائم ڪجي.

جڳ مشهور فوجي نظريہ دان ۽ ماهر لڊل هارٽ پنهنجي مشهور تصنيف "پي جنگِ عظيم جي تاريخ" ۾ صفحي نمبر10 کان 49 تائين روس جي فن لينڊ کان هارائڻ جا هيٺيان سبب ڄاڻايا آهن:

1. سوويت اڳواڻن ۽ جنرلن کي اطلاع مليل هئا تہ فن لينڊ جي حڪومت پنهنجي وطن ۾ نامقبول آهي، ان کي رڳو ٿوري ٽيش ڏيي تہ ماڻهو بغاوت ڪندا ۽ حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيندا.

2. انهن غلط اطلاعن ۽ اندازن جي ڪري هنن فن لينڊ تي گهربل ۽ پرپور تياريءَ سان حملو نه ڪيو.
3. فن لينڊ جي جاگرافي اهڙي هئي جو اها بچاءَ لاءِ مثالي ۽ حملي لاءِ وڏين رڪاوٽن سان پرپور هئي. لدوگا ڍنڍ ۽ آرڪٽڪ سمنڊ جي وچ واري علائقي ۾ ڍنڍن ۽ گجگاهه ٻيلن جو هڪڙو اهڙو قدرتي ڄار ٺهيل هو جو حملو ڪندڙن کي کوڙڪين ۾ ڦاسائڻ ۽ ساڻن ارڏو مقابلو ڪرڻ لاءِ اهو مثالي علائقو هو.
4. سوويت روس کان فن لينڊ جي ڪنهن آبادي‌ءَ واري علائقي تائين پهچڻ لاءِ آمدرفت جا وسيلا نه هجڻ جي برابر هئا. روسي شهر لينن گراڊ کان مرمانسڪ شهر تائين، جيڪا 800 ميل ڊگهي اڪيلي ريلوي لائين وئي ٿي، ان جي فقط هڪڙي برانچ لائين فنلينڊ جي سرحد ڏانهن ويئي ٿي. آمدرفت جي وسيلن جي ان کوٽ سبب روس طرفان جيڪي حملا ڪيا ويا، تن ۾ تمام ٿوري فوج استعمال ٿي سگهي. مثال طور: فن لينڊ جي چيلهه وٽ جيڪي ٻه حملا ڪيا ويا، تن مان هرهڪ ۾ فقط 3 ڊويزن روسي فوج ڪتب آندي ويئي. لدوگا وٽ ڪيل حملي ۾ فقط 4 ڊويزن روسي فوج استعمال ٿي سگهي. فن لينڊ تي حملي ڪرڻ لاءِ جيڪو بهترين گس هو ان کي مينرهيم جي بچاءَ لائين جون قلعي بنديون روڪيو ٻينيون هيون، جن ۾ فن لينڊ جي 6 ڊويزن بهترين فوج مورچي بند هئي. جاگرافيائي صورتحال جي ڪري فن لينڊ خلاف ٽئنڪون ڪتب اڇي نه سگهيون، خاص ڪري جنهن تهه سياري ۾ اهو حملو ڪيو ويو تنهن ۾.
5. روس جي مقابلي ۾ فن لينڊ وٽ آمد رفت جو نظام عمدو هو. فنلينڊ وٽ پنهنجي رزرو دستن کي ضرورت مهل ڪٽي ٻه پهچائڻ لاءِ سرحد جي پور وڇوتيءَ تي ڪئين ريلوي لائينون هيون. روسين کي سرحد تي پهچائڻ لاءِ ريلوي جي آخري اسٽيشن کان پوءِ ٻه ڪٽي پنجاهه ميل، ڪٽي ڏيڍ سؤ ميل سفر ڪرڻو پيو ٿي.
6. فن لينڊ جي مينرهيم بچاءَ لائين اهڙي هنڌ هئي، جتي ان جي 70

ميلن جي علائقي مان تقريباً 35 ميل ووڪسي ندي روڪيو ٻيٽي هئي، باقي بچيل علائقي ۾ ڊنڊ ۽ ٻيلن جو ڇار وڇايل هو. فقط سوما جو ئي هڪ ننڍڙو ٽڪر اهڙو هو جتي ڪافي فوج ڪتب آڻڻ جي گنجائش هئي.

7. فن لينڊ جي فوج پنهنجن ٻيلن ۽ ڊنڊن واري ملڪ جي ٻاريءَ ٻاريءَ ڪان واقف هئي ۽ انهن کي حملو ڪندڙ فوج جي خلاف استعمال ڪرڻ ۾ تاريخي طور ماهر هئي. آرڪٽڪ سمنڊ واري تهہ سياري ۾ جميل برف مٿان اسڪيون پيرن ۾ پڌري برف تي ترڻ جا هو ڇڻ ڇائي ڇم ڪان ماهر هئا. فن لينڊ جي فوج جا 80 سوار دستا، پنهنجي جنن جهڙن سفيد ڪپڙن ۾، اوچتو اچي روس جي اڻ واقف فوجين مٿان اوچتا لامارا ڏئي، کين گهيرو ڪري ويندا هئا.

8. روسي حملي جي منصوبي بندي ناقص ۽ مدي خارج هئي. اها فن لينڊ جي سرزمين ۽ فن لينڊ جي فوج جي مخصوص حالتن ۽ صحيح اندازن تي ٻڌل ڪانہ هئي.

سوويت هاءِ ڪمان پنهنجي غلطيءَ کي درست ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. حملي جي نئين رٽا ناهي ان مطابق گهربل تياريون ڪيون ويون. نئين حملي جي ڪمان جنرل ميرتسڪوف جي حوالي ڪئي ويئي. اڳئين ناڪام حملي مان هڪڙو فائدو اهو ٿيو جو اتر طرف جيڪو حملو ڪيو ويو هو تنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ فن لينڊ کي پنهنجا رزرو دستا اوڏانهن موڪلڻا پيا هئا، جنهن جي ڪري وٽس باقي علائقن لاءِ رزرو فوج محدود هئي. نئون حملو پهرئين حملي کان ٻہ مهينا پوءِ، پهرين فيبروريءَ تي شروع ڪيو ويو. يعني چرچل جي مٿي ذڪر ڪيل تقرير کان ڏهہ ڏينهن پوءِ. هن ٻيري خود فن لينڊ جي مينرهيم بچاءَ جي لائين تي سنجيده حملو ڪيو ويو. ان لاءِ چوڏهن ڊويزنون تازي فوج گهرائي ويئي. حملي جو مکيہ دباءُ سوما جي ويجهو 10 ميلن جي ننڍي سيڪٽر تي لڳايو ويو ۽ ان علائقي تي زبردست توپزني ڪري، بچاءَ جي مورچن کي تباهہ ڪيو ويو. سوويت سپاهي ٽٽنڪن ۽ برف گاڏين تي سوار ٿي اڳتي وڌڻ لڳا. فن لينڊ جي جوابي حملن جي

جواب ۾ سوويت هوائي فوج متن حملا ڪيا. ٻن هفتن کان ٿوري وڌيڪ عرصي جي منظم ۽ لاڳيتن حملن کان پوءِ فن لينڊ جي مينرهيم بچاءَ لائين ٽٽي ۽ اڏ ٿي پئي ۽ سوويت فوج اها لائين ٽوڙي ساڃي ۽ کاپي پکڙي ويئي ۽ اتي جيڪا فن لينڊ جي فوج موجود هئي، ان کي قيد ڪري ورتو. تنهن کان پوءِ روسي فوجون ويپوري طرف وڌيون. جميل برف سان ڍڪيل هاگ لينڊ جي ٻيٽ مان نڪري ٻيون روسي فوجون فن لينڊ جي برف سان ڍڪيل نار مان لنگهي، ويپوري جي پٺ ۾ پهچي ويون. فن لينڊ جي فوج ان گهيري جي حالت ۾ ۽ سخت ۽ ارڏو مقابلو جاري رکيو. فرانس ۽ برطانيا جيڪي مدد جا پيغام موڪليا هئا، انهن مان ڪوبه ڪڙتيل ڪونه نڪتو. هاڻي فن لينڊ لاءِ سواءِ پيش پوڻ جي ٻيو ڪوبه رستو ڪونه هو.

6 مارچ 1940ع تي فن لينڊ جي حڪومت صلح جون ڳالهيون هلائڻ لاءِ پنهنجا نمائندا روس موڪليا. عام طرح هڻڻي شڪست کان پوءِ ڪتندڙ ڏر هارايل ڏر جا ڏري گهٽ سپ ڪم جا ٽپڙ ڪانئس کسڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، پر روس جي ليڊرشپ ايئن نه ڪيو. روسين فن لينڊ کان هينيان مطالبا ڪيا:

1. جيڪي اڳوٽا شرط سوويت يونين رکيا هئا، سي پورا ڪيا وڃن.
2. ان سان گڏ فن لينڊ هي ٻئي علاقا ٻه روس کي ڏئي: سالا ۽ سنامون جي ڪميونن واريون ايراضيون، ويپوري سميت ڪريليائي اسٽمس ۽ فشر اپيٽ جو فن لينڊ وارو حصو.
3. فن لينڊ پنهنجي خرچ تي ڪيمپي جاروي کان وٺي نئين فنش روسي سرحد تائين ريلوي لائين ناهي.

15 ڏينهن جي ڳالهين کان پوءِ اعلان ڪيو ويو ته فن لينڊ سوويت يونين جا شرط قبول ڪيا آهن ۽ ٻنهي ڌرين جو ناهه ٿي ويو آهي. بقول لڊل هارٽ جي، ٻنهي ڌرين سمجهداريءَ جو مظاهرو ڪيو. فن لينڊ جي فيلڊ مارشل مينرهيم عام سياستدانن کان وڌيڪ تدبر ۽ دانائيءَ جو مظاهرو ڪيو. هن کي خبر هئي ته فرانس ۽ برطانيا جي مدد جا واعدا ضروري ناهي ته پورا ٿين. تنهن ڪري هن پنهنجي حڪومت کي چيو ته

نوان روسي شرط قبول ڪيا ويڻ... (روسي سربراهه مارشل) اسٽالن پنهنجين اڳوڻن گهُرن ۾ تمام ٿورو واڌارو ڪيو ۽ اهڙيءَ ريت هن پنهنجي اعليٰ تدبر جو ثبوت ڏنو. هن لڙائيءَ جي هڪڙي اهم ڳالهه اها هئي ته ان جي نتيجي طور مغربي ملڪن ۽ جرمنيءَ کي روسي فوج جي لياقت لاءِ اڳتي جيڪا حقارت هئي، تنهن ۾ ايجا ٻيو به واڌارو آيو. روسي فوج جي امڪاني سگهه ۽ روسين طرفان پنهنجين غلطين کي گهربل تيزيءَ سان درست ڪرڻ ۽ پنهنجين لياقتن ۾ گهربل واڌارو آڻڻ جي صلاحيت بابت ڪين سخت غلط فهمي پيدا ٿي. ٻئي طرف انهن ڳالهين ۾ سندن پنهنجي برتريءَ بابت به هو سخت خوش فهميءَ جو شڪار ٿي ويا. جنهن جي اڳتي هلي ڪين مختلف صورتن ۾ ڳري قيمت پرٽي پئجي ويئي.

روسي هاءِ ڪمان ۽ ان جي سپريم ڪمانڊر مارشل اسٽالن کي هن لڙائيءَ هڪڙو اهڙو واڻ وٽندڙ پر ضروري سبق سيکاريو. جنهن جي ڪين سخت گهرج هئي. ان سبق جو فائدو وٺي، اڳتي هلي هنن پنهنجي فوجي لياقت ۾ ڏاڪي به ڏاڪي تيزيءَ سان سڌارا آڻي، نيٺ اها منزل حاصل ڪئي، جتي هنن پنهنجي فوجي قوت ۽ قابليت سان سڄي جهان کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو.

چورن مٿان مور

چورن مٿان مور ٻيا آهن. اخبارن سڄو جهان ڳنڍي ڇڏيو آهي. ڇهن ئي ڪنڊن ۾ ڪٽي به ڪنهن هنڌ ڪا ڏيان ڇڪائڻ جهڙي ڳالهه ٿي ٿئي ته ٻئي ڏينهن فجر سان ئي سڄي دنيا بابت احوال اخبارن ۾ پڙهي ٿي. صبح جو ڪنهن سئي اخبار تي نظر وجهڻ سان جڙ سڄو جهان اکين اڳيان اچيو وڃي، پر ريڊيو ريڊيو آهي. ريڊئي سان ڪير پُڄي؟ ٻئي ڏينهن جو انتظار ڪير ڪري؟ هيڏانهن ڪا ڳالهه ٿي، هوڏانهن دنيا جي ريڊين ڪلاڪ اندر سڄي جهان ۾ پهچائي ڇڏي. ريڊئي جي ان سرسيءَ جو هڪڙو عالمي مثال 9 اپريل 1940ع تي دنيا جي اڳيان آيو. اهو ڏينهن اهو هو جڏهن ٻي عالمي جنگ ڪافي وقت اڳ شروع ٿي چڪي هئي. پولينڊ کي جرمنيءَ هٿان شڪست کاڌي 7 مهينا 9 ڏينهن ٿي چڪا هئا ۽ فن لينڊ کي روس کان 13 مارچ 1940ع تي شڪست کاڌي ڏري گهٽ مهينو اڄي ٿيو هو.

19 اپريل 1940ع جي ڏينهن تي صبح جو سڄي دنيا جي اخبارن جي پهرين سرخي هئي: "ڪالهه برطانيا ۽ فرانس ناروي جي سرحدن اندر گهڙي ويا- ناروي جي ساموندي حد ۾ برطانوي ۽ فرينچ جهازن بارودي سرنگهون وڇائي ڇڏيون." سڄي دنيا کي خبر هئي ته ناروي نه جرمنيءَ جي پاسي هو نه انگريزن ۽ فرينچن جي. ڊينمارڪ، سويڊن، سئيزرلينڊ، بيلجم ۽ ٻين ڪيترن ملڪن وانگر هو هن جنگ ۾ غير جانبدار هو. يورپ ۽ آمريڪا جي اخبارن ۾ ان ڏينهن وڏي شدمد سان ان ڳالهه جي مخالفت ۽ حق ۾ دليل ڏنل هئا ته فرانس انگلينڊ بين الاقوامي قانون جي اها ڀڃڪڙي ڇو ۽ ڪيئن ڪئي؟ هڪڙي طرف مبارڪباد جا بيان هئا ته ٻئي طرف مذمت جا.

ايا اهي اخبارون ڪن پڙهي ڇڏيون ۽ ڪن ايا پڙهيون پئي ته ساڳئي ڏينهن متان ريڊئي جو ڏماڪو ٿيو. سڄي دنيا جي ريڊين سنسني خيز آواز ۾ اهو اطلاع نشر ڪيو ته. "ان ساڳئي ڏينهن فجر جو سوا پنجين وڳي جرمن فوجون ناروي جي ساموندي ڪناري جي بندرگاهن ۾ لهي ويون آهن ۽ پاسي واري ملڪ ڊينمارڪ ۾ به داخل ٿي چڪيون آهن." ناروي ۽ ڊينمارڪ اهڙي هنڌ تي هئا، جو اتان ويهي جنگِ عظيم جي ٻنهي مخالف ڌرين مان ڪنهن کي به وڏو نفعو يا وڏو نقصان پهچائي سگهجي ٿيو. هٽلر اُلهندي طرف فرانس تي حملي جون تياريون پئي ڪيون، تنهن ڪري سندس فائدي جي ڳالهه اها هئي ته هو ڪنهن به محاذ تي نه ڦاسي ۽ سندس طاقت ورهائجي نه وڃي، ان ڪري هو سختيءَ سان ان ڳالهه جو خواهشمند هو ته ناروي ۽ ڊينمارڪ ۾ ڪابه اهڙي گڙبڙ نه ٿئي، جو ڪيس پنهنجون قوتون منتشر ڪرڻيون پون. ٻئي طرف انگلينڊ ۽ فرانس کي هٽلر جي فرانس خلاف ارادن جي خبر هئي، ان ڪري کين ڪپندي ئي اها ڳالهه هئي ته هٽلر کي ٻئي ڪنهن اهڙي ملڪ سان اٽڪايو وڃي، جتي هو پنهنجون فوجون ضايع ڪري، پنهنجي زهر جو ڪافي حصو اتي ڇڏي ۽ حيڪو ڏڪ هو امڪاني طرح اولهه فرانس ۾ هڻڻ وارو هو ان جي قوت گهٽجي وڃي.

لمي فوجي ريس

ان ڏينهن کان 5_6 مهينا اڳ کان وٽي ٻنهي ڌرين جي سياسي ۽ ي ليڊرشپ، ناروي جي حڪومت ۽ هڪٻئي تي ڪڙي نظر رکيو يون هيون ۽ ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ سواءِ اعلان ڪرڻ جي اها ريس وع ٿي ويئي تہ ڪير ٿو ٻئي کان اڳتي وڌي ناروي ۽ ڊينمارڪ کي نجي تابع ڪري.

جنهن ڏينهن پولينڊ جو جرمنيءَ خلاف مقابلو ختم ٿيو يعني 18 پٽمبر 1939ع جي ڏينهن، تنهن جي بنهہ ٻئي ڏينهن 19 سيپٽمبر 19ع تي چرچل پنهنجي حڪومت اڳيان تجويز پيش ڪئي تہ ناروي ي ساموندي حد ۾ بارود جون سرنگهون وڇائي، سويڊن، ناروي ۽ منيءَ جي وچ ۾ آمدرفت بند ڪجي، تہ جيئن سوئيڊن جي لوهہ جو و ناروي جي نارويڪ بندر رستي جرمنيءَ کي نہ رسي سگهي. ٻئي ف جرمنيءَ جي بحري فوج جي ڪمانڊر انچيف ائڊمرل ريڊر ڪٽوبر 1940ع جي شروعات ۾ پنهنجي حڪومت کي تجويز ڏني تہ وي تي قبضو ڪيو وڃي. انهيءَ وچ ۾ 30 نومبر 1939ع تي فن لينڊ ۽ س جي وچ ۾ جيڪا لڙائي شروع ٿي ۽ روس کي جيڪا اوائلي سخت ڪامي ٿي، سا انگريزن ۽ فرينچن لاءِ ڇڙ غيبي امداد ٻڌجي آئي. 16 مبر 1939ع تي برطانوي سرڪار پنهنجي چيف آف اسٽاف کي ايت ڪئي تہ هو فن لينڊ کي مدد ڏيڻ جي بهاني ناروي جي بندرن تي سو ڪرڻ جو منصوبو تيار ڪن. ٻئي طرف بنهہ ساڳئي ڏينهن تي وي جو اڳوڻو بچاءَ وارو وزير ڪئيز لينگ هتلر سان برلن ۾ مليو ۽ کيس ائين تہ، "برطانيا ۽ فرانس جلدي ناروي تي قبضو ڪرڻ وارا آهن. مني منهنجي مدد ڪري تہ مان پنهنجي حڪومت جو تختو اونڌو ري، ناروي تي قبضو ڪري، ان کي جرمنيءَ جو اتحادي ٻڌايان." هتلر س ڪجهہ مدد جو واعدو ڪيو ۽ کيس انتظار ڪرڻ لاءِ چيو.

مهينو پوءِ 15 جنوري 1940ع تي فرانس جي ڪمانڊر انچيف جنرل ميلن پنهنجي وزيراعظم ڊالاڊيئر اڳيان ناروي جي بندرن ۽ هوائي اڈن 'احتياطي قبضو' ڪرڻ جو منصوبو پيش ڪيو. ڏري گهٽ ۾ هفتا

پوءِ هٽلر پنهنجي فوجي صلاحڪارن کي هدايت ڏني ته هو ناروي حملو ڪرڻ لاءِ فوجي منصوبو تيار ڪن. 9 ڏينهن پوءِ 5 فيبروري 940 تي هڪڙي پاسي برلن ۾ هٽلر طرفان ناروي تي حملو ڪرڻ جو منصـ تيار ڪرڻ واسطي مقرر ٿيل خصوصي اسٽاف پاڻ ۾ گڏيو ۽ منصـ تيار ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيائين ته ٻئي پاسي پئرس ۾ اتحادين سپريم جنگي ڪائونسل جو اجلاس ٿيو. جنهن ۾ ناروي تي حملي ج صلاحون ۽ مشورا ٿيا. يارنهن ڏينهن کان پوءِ جرمنيءَ جي الٽ مار جنگي جهاز وارو واقعو ٿيو. اهو جنگي جهاز ڊڪڙ ائٽلانٽڪ کان برطان سپاهين کي جنگي قيدي بڻايو. جرمنيءَ پئي ويو ته وات تي انگريزن تباهه ڪن جهازن ڏسي ورتس. انگريز بحري ٻيڙي جي وزير ونٽ چرچل ان علاقي ۾ ٻيٽل انگريزي جنگي جهاز ڪاسڪ جي ڪپ وئين کي سڏو حڪم ڏنو ته. "هڪدم ناروي جي ساموندي ايراضي گهڙي وڃ. جرمن جنگي جهاز الٽ مارڪ کي گرفتار ڪري ان تلاشي وٺي. انگريز قيدي ڇڏائي وٺ." هن ايئن ڪيو. ناروي جي بح ٻيڙي ڪابه مداخلت نه ڪئي. سندن چوڻ هو ته اسين ايڏي وڏي ق سان مقابلو نه ٿي ڪري سگهياسين. هٽلر کي پڪ ٿي ته ناروي انگريزن ۽ فرانس سان اندرو اندر مليل آهن. ان واقعي جي چوٽين ڏينه هن جنرل وان فاڪن هارسٽ کي ناروي تي حملو ڪرڻ لاءِ فوج ت ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ ڪيس ان فوج جو ڪمانڊر مقرر ڪيو. ان ڏينه هٽلر کيس هدايتون ڏيندي جيڪي لفظ ڇيا، سي هوبهو رکارڊ موجود آهن. هن چيو: "مون کي اطلاع مليو آهي ته انگريز ناروي پنهنجون فوجون لاهڻ وارا آهن ۽ آئون چاهيان ٿو ته آئون انهن کان ا اتي هجان... ناروي تي انگريزن جو قبضو هڪڙي اهڙي چوٽيءَ حڪمت عمليءَ جي سطح واري ڪارروائي ٿيندي. جيڪا ڪين بالٽ سمنڊ وارن ملڪن ڏانهن وڃي ويندي. جتي اسان وٽ نه فوجون آهن سمنڊ جي ڪناري واريون قلعي بنديون... دشمن هڪ اهڙي پوزيـ هٽ ڪري ويندو. جو اتان وڏي هوبرلن تي اچي ڪڙڪندو ۽ اسان پنهي محاذن تي ڪرنگهي جو هڏو ڀڃي رکندو."

چور کوتوال کو ڏانٽي!

ٻئي ڏينهن پئرس ۾ فرينچ وزيراعظم ڊالاڊيئر تجويز پيش ڪئي الٽ مارت جهاز واري واقعي کي بهانو بڻائي، التو ناروي کي جرمنيءَ ڳجهو طرفدار ۽ ڏوهاري ٺهرائي، کيس اوچتو ڏڪ هٽي، سندس ڳاهن تي قبضو ڪري ونڊجي." ٽن هفتن کان پوءِ برطانوي ڪومت ناروي تي حملو ڪرڻ جي فيصلي جي تصديق ڪئي ۽ ي ڪيو ته فن لينڊ جي مدد ڪرڻ جي بهاني 20 مارچ 1940ع تي ي جي ساموندي سرحدن ۾ سرنگهون وڇائي حملي جي شروعات ئي ويندي، پر بنهه ٻئي ڏينهن 21 مارچ 1940ع تي فن لينڊ روس ن هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ اهو بهانو هٿان نڪري ويو.

ها اطلاع ۽ ڪُنڪا

ساڳئي ڏينهن جرمن هاءِ ڪمانڊ کي اطلاع پهتا ته برطانوي ٽوپا ن ناروي جي ڏاکڻي ڪناري تي گڏ پيا ٿين. ٻئي ڏينهن جرمن هاءِ مانڊ کي پنهنجي جاسوسي ڪاتي ذريعي برطانوي فوج جو هڪ هو پيغام هٿ چڙهيو جنهن ۾ اتحادين جي فوجي مسافر بردار زن کي ڪنهن ڳجهي منزل ڏانهن روانو ٿيڻ جو حڪم مليل هو. ڏينهن 15 مارچ تي جرمن هاءِ ڪمانڊ کي اطلاع پهتو ته فرينچ سرن جو هڪڙو تولو چمڙا پوش ڪري سويلين ڊريس ۾ ناروي جي ر برگين تي اچي لٿو آهي. ٻن هفتن کان پوءِ 18 مارچ 1940ع تي ادي سپريم جنگي ڪائونسل جي لنڊن واري اجلاس ۾ فرانس ۽ انيا فيصلو ڪيو ته 15 اپريل تي ناروي جي سمنڊ ۾ بارودي گهون وڇايون وڃن ۽ برگين ۽ بين بندرگاهن ۾ فوجون لاٿيون وڃن وڃن جو پهريون دستو 8 اپريل 1940ع تي روانو ٿئي. پهرين اپريل 1ع تي هٽلر کي اطلاع پهتا ته ناروي حڪومت پنهنجن هوا مار ۽ ونڊي تويخاني کي اجازت ڏيئي ڇڏي آهي ته جيڪڏهن ڪوبه و حملو ڪري اچي ته حڪومت جي اجازت جي انتظار ڪرڻ کان ۽ حملو ڪندڙ تي نظر پوڻ شرط مٿس توبزني ڪئي وڃي، ان ري کيس خطرو ٿيو ته انگلينڊ ۽ فرانس وارا ته رهيا پنهنجي جاءِ

تي. پر خود ناروي وارا جرمن حملي لاءِ وڏو مسئلو کڑو ڪري سگھن
هن ان ڏينهن قطعي حڪم جاري ڪيا تہ ناروي ۽ ڊينمارڪ تہ
اپريل 1940ع تي فجر جو سوا پنجين وڳي حملو شروع ڪيو ويو.

7 اپريل تي اتڪل ٻنپھرن جو ھڪ لڳي پنجن منٽن تي، برط
جي هوائي جهازن، ھڪڙي جرمن بحري ٻيڙي کي تيزيءَ سان نار
جي ڪناري لڳ ويندي ڏٺو. انگلينڊ جي بحري هاءِ ڪ
اسڪاپافلو وٽ بيٺل پنھنجي بحري ٻيڙي کي حڪم ڏنو تہ ان جھ
بحري ٻيڙي کي پڪڙي تباھ ڪيو وڃي. انگريزي بحري ٻيڙو شام
ساڍي ستين وڳي جرمن ٻيڙي پويان روانو ٿيو. هو ڪيس سمنڊ ۾ ڳولڻ
رهيا، پر جرمن ٻيڙو ناروي طرف روانو ٿي چڪو هو.

انگريزن ۽ فرانس جو ناروي تي حملو جيڪو 15 اپريل تي شر
ٿيڻو هو، سو ٽن ڏينهن جي دير سان 18 اپريل تي شروع ٿيو. ان ڏينھ
برطانوي ۽ فرينچ جهاز ناروي جي غير جانبداري توڙي سنا
سامونڊي حدن ۾ داخل ٿي ويا ۽ اتي بارودي سرنگھون وڇائي ڇڏيائ

جيتامڙي جي گُستاخي

برطانيا جو بحري ٻيڙو روءِ زمين جو سڀ کان وڏيڪ طاقتور ٻيڙو
اهو ٽن- چئن صدين کان دنيا جي ستن سمندن جو شهنشاھ رهيو آ
جرمني ڪڏهن بہ ڪا وڏي سامونڊي طاقت ڪانہ رهي آهي. انگريزن
بحري هاءِ ڪمان جي تصور ۾ بہ ڪونہ هو تہ ڪو جرمن بحري ٻيڙي
جيتامڙو ايڏي گستاخي ڪندو. جو ناروي جي اوسي پاسي ۾ بيٺل برطا
جنگي ٻيڙي جي موجودگيءَ ۾ ڪا چرپر ڪرڻ جي جرئت ڪري. جڏ
خبر پيون تہ جرمن جيتامڙي واقعي اها گستاخي ڪئي آهي تہ ڪنهن ک
پنھنجن ڪنن تي اعتبار نہ ٿي آيو. نارويڪ جھڙي 1200 ميل پران
بندرگاھ تائين بہ جرمن بحري جهاز فوجون ڪٽي پھچي ويندا، سا ڳالھ
سندن وسھڑ کان ئي ٻاھر هئي. برطانوي وزيراعظم چئمبرلين ان ڏي
هائوس آف ڪامنس ۾ بيان ڏيندي چيو "اھڙا بہ ڪي اطلاع مليا آھ
جرمن فوجون نارويڪ جي بندرگاھ تي لٿيون آهن، پر اهي اطلاع صح
آهن يا غلط تنهن بابت اسان کي وڏو شڪ آهي."

انگريزن سمجهيو تہ ريڊئي جي پڏرائيءَ ۾ جاڻايل لفظ نارويڪ نہ پر لارويڪ هوندو جيڪو هڪڙو ننڍڙو غير اهم سامونڊي لنگر هو. هنن سوچيو تہ "نارويڪ ڪيئن هوندو؟ اهو تہ جرمنيءَ کان 1200 ميل پري آهي!"

هٽلر سنگين غلطي ڪئي آهي!

ان وقت جي برطانوي بحري ڪاتي جي وزير ونسٽن چرچل ۽ ڏينهن پوءِ هائوس آف ڪامنس ۾ بيان ڏيندي چيو:

"منهنجي راءِ آهي ۽ پڪ منهنجي قابل صلاحڪار جي راءِ آهي تہ مسٽر هٽلر اعليٰ حڪمت عمليءَ واري درجي واري سنگين غلطي ڪئي آهي. ناروي ۽ ڊينمارڪ ۾ جيڪي ٽيو آهي، تنهن مان اسان کي وڏو فائدو پهتو آهي. ناروي جي سامونڊي ڪناري تي هٽلر پاڻ کي ڪيترين ئي پابندين ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي. هن کي سڄو اونهارو اهڙين قوتن سان وڙهڻو پوندو جن وٽ ڪانئس گهٽيون وڌيڪ ۽ برتر بحري قوتون آهن، جيڪي ڪانئس وڌيڪ آسانيءَ سان انهن قوتن کي جنگ جي ميدان تائين پهچائي سگهن ٿيون. مون کي ان صورتحال مان ڪيس موت ۾ ڪوبہ فائدو پهچندو نظر نٿو اچي."

9 اپريل 1940ع جي وڏي اسر جو جرمن فوجن جا اڳواڻ دستا جنگي جهازن ۾ سوار ٿي، اوسلو کان وني نارويڪ تائين سڄي ناروي جي بندرن تائين پهچي ويا.

حملو ڪندڙ پهرين جرمن فوج تمام مختصر هئي. ان ۾ ٻہ ڪروڙ جنگي جهاز هڪڙو پاڪيٽ سائيز جنگي جهاز 7 ڪروڙ جنگي جهاز 14 تباهہ ڪندڙ جهاز 28 ٽوبا جهاز ۽ 10 هزار فوج شامل هئي. حملي لاءِ ٽي ڊويزن فوج مقرر ڪيل هئي، جنهن جو اهو اڳيون دستو مقرر ٿيل هو۔ حملو ڪندڙن ۾ جرمن جو ڪمانڊر جنرل فان فاڪن هاريست هو. ڪنهن بہ بندر تي حملي لاءِ موڪليل سپاهين جو تعداد ٻن هزارن کان وڌيڪ نہ هو. جنگ جي تاريخ ۾ جرمنيءَ پهريون دفعو هن حملي ۾ پئراشوٽ فوجون استعمال ڪيون. اوسلو ۽ استيجو پنجر جي هوائي اڈن تي قبضو ڪرڻ لاءِ انهن هوائي اڈن تي هڪڙي پئراشوٽ بٽالين لاٿي ويئي. حملي ۾ مکيہ ڪردار لفٽ وئيف، يعني

جرمن هوائي فوج ادا ڪيو. جرمنيءَ هن حملي ۾ 800 آپريشنل هوائي جهاز ۽ 250 ٽرانسپورٽ هوائي جهاز استعمال ڪيا.

بندرن تي قبضا

نارويڪ بندرگاهه جرمن بحري اڈن کان 1200 ميل پري آهي. ناروي جي ساموندي ڪنارن جي ٻنهي پاسن کان حفاظت ڪندڙ جهازن حملو ڪندڙ جرمن تباهه ڪن جهازن کي منهن ڏنو پر هنن کين اک چنپ ۾ ٻوڙي ڇڏيو. ڪناري جي بچاءَ واري تويخاني چوُن ٻ ڪانه ڪئي. ان ڏينهن برطانوي تباهه ڪن جهازن جو هڪڙو ننڍڙو ٻيڙو نارويڪ بندر اندر گهڙي آيو ۽ جرمن سان دوبدو مقابلو ڪري هنن کي ٻ ڦٽيائين ۽ پاڻ ٻ ڦٽيو. ٻن- ٽن ڏينهن کان پوءِ برطانوي جنگي جهاز واراسپائيٽ هڪڙي وڏيڪ طاقتور جنگي ٻيڙي سان اچي جرمن جنگي ٻيڙي تي حملو ڪيو ۽ ان کي غرق ڪري ڇڏيائين. پر ان وچ ۾ جرمن فوجون نارويڪ ۾ پنهنجا قدم مضبوطيءَ سان جمائي ويون. ڏکڻ طرف ٽرونڊيم جي بندر تي، قبضي لاءِ موڪليل جنگي جهازن تي، ناروي جي ڪناري تي جهازن سخت تويزني ڪئي. هنن ناروي جي جهازن تي تويزني وچان لنگهي بندرگاهه تي قبضو ڪري ورتو. برگين جي بندرگاهه تي نارويائي جنگي جهازن ۽ توبن جرمن جهازن کي ڪافي نقصان رسايو پر سخت نقصان سهي وڃي ڪنارن سان لڳا ۽ برگين تي قبضو ڪري ورتائون.

تختگاهه تي قبضو

ناروي جي تختگاهه اوسلو تي قبضي ڪرڻ لاءِ ويل جرمن فوج کي هڪڙو صدمو رسيو. جرمن ڪروزز بلوشر. جنهن ۾ فوجي استاف جا آفيسر سوار هئا، تنهن کي اوسڪار بورگ جي قلعي جي تويخاني تارپيڊو هڻي ٻوڙي ڇڏيو ۽ جيستائين شام جو قلعي وارن هٿيار ڦٽا نه ڪيا، تيستائين جرمن فوجون ڪٽي ايندڙ جهاز بندرگاهه ۾ داخل ٿي نه سگهيا. ٻئي طرف شهر تي قبضي ڪرڻ لاءِ موڪليل فوج جو ٻيو دستو يعني پئراشوٽ دستو اوسلو جي فارنيبو هوائي اڈي تي لهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. جنگي جهازن ۾ آيل جرمن فوج کي انهن پئراشوٽ دستن سان گڏجي ناروي جي تختگاهه تي قبضو ڪرٽو هو. اها فوج

ڪناري تي رنڊجي پيئي هئي ۽ قبضي جي ڪارروائيءَ ۾ شريڪ نه ٿي سگهي، پر پئراشوٽ جي ننڍڙن دستن همت ڪري ايئن ڏيکائي ڏني جڙ ناروي جي تختگاهه تي قبضو ڪرڻ لاءِ موڪليو ئي فقط پئراشوٽ فوجين کي ويو هو. انهن همت ڪري نه رڳو سڄي تختگاهه تي قبضو ڪري ورتو پر شام جو شهر جي وڏي چؤڪ تي فتح جي پريڊ پڻ ڪيائون. هنن اوسلو جي شهر واسين کي اهو پتو به پوڻ نه ڏنو ته ڪا حملي ڪندڙ مڪيه قوت شروعاتي طرح ناڪام ٿي چڪي هئي ۽ واٽ ۾ روڪجي پيئي هئي. البت ايترو سو ٽيو جو سمنڊ ذريعي آيل فوجن جي وقت سر نه پهچڻ ڪري ناروي جو بادشاهه ۽ سندس وزير شهر مان کسڪي ويا ۽ ملڪ ڇڏي هليا ويا.

ڊينمارڪ جي تختگاهه ڪوپن هيگن تي به فجر جو ئي حملو ٿيو. صبح جو پنجين وڳي ٿي جرمن فوج بردار جهاز هوائي فوج جي رستي جي حفاظت ۾ اچي بندر تي پهتا. ڪناري تي لهڻ ۾ سندن ڪابه مخالفت ڪانه ٿي ۽ سندن هڪ بٽالين مارچ ڪندي وچي ڊينمارڪ جي فوجي بئرڪن تي پهتي ۽ اوچتو حملو ڪري سندن غفلت جي حالت ۾ متن ڪنترول ڪري ويئي.

برطانوي ۽ فرينچ فوجي هاڻ ڪمان، جرمنن کي ڊينمارڪ ۽ ناروي ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ يا سندن قبضي ڪرڻ کان پوءِ کين اتان تڙي ڪيڍڻ لاءِ ڪوبه ڪارائتو قدم کڻي نه سگهيا. ڪو منصوبو ناهيائون ٿي ته جلد کين ان ۾ ڪوبه ڪو نقص يا ڪانه ڪا رڪاوٽ نظر آئي ٿي ۽ ان منصوبي تان هٽ کڻي ٿي ڇڏيائون.

هاڻي مسئلي جي حل جي فقط هڪڙي صورت نظر ٿي آئي. اها هيءَ ته اوسلو کان اتر طرف ويندڙ بن ڊگهن پهاڙي سلسلن کي مضبوطيءَ سان گرفت ۾ رکي. ٽرونڊيم تي قابض ننڍڙي جرمن فوج کي شڪست ڏئي، ناروي جي مرڪزي علاقي مان جرمنن کي ٻي دخل ڪري ڇڏجي.

حادثن متان حادثا

هڪ هفتي جي صلاح مصلحت ۽ ٻڌڻ کان پوءِ نيٺ ٽرونڊيم جي اتر ۽ ڏکڻ ۾ ناموس ۽ آندلينس وٽ برطانوي فوجون لاٿيون ويون.

ڪاهه ڪندڙ فوجن جو ڪمانڊر جنرل هاٿ بلئڪ کي مقرر ڪيو ويو پر جيئن رات جو هو لنڊن ۾ بحري ڪمان جي هيڊ ڪوارٽر مان هدايتون وٺي موٽيو تہ وات تي دل جو دورو پئجي ويس ۽ ٽڏي تي ئي مري ويو. پئي ڏينهن هڪڙي ٻي جنرل کي سندس جاءِ نشين مقرر ڪيو ويو ۽ اهو اسڪاپا ڊانهن روانو ٿي ويو پر ان جو جهاز جيئن ئي اسڪاپا جي هوائي اڈي تي لهڻ لاءِ هوائي اڈي تي ڦيرا ڏيڻ لڳو تيئن وڃي هيٺ ڦهڪو ڪيائين ۽ اهو جنرل بہ اڇٽ مري ويو. هڪڙي پاسي اها ڳالهہ ٿي تہ پئي طرف برطانوي چيف آف اسٽاف ۽ بحري هاءِ ڪمانڊ پنهنجو منصوبو بدلائي ڇڏيو. هاٿي اهو ڪين خطرناڪ نظر اچڻ لڳو. هاٿي انهن ٻيو گهٽ خطري وارو منصوبو ٺاهي، 13000 فوج کي ٽرونڊيم شهر طرف روانو ڪيو. برطانوي فوجون هن برف سان ڍڪيل اٽانگي وات تي جرمنن جهڙي ڦڙتي ڏيکاري نہ سگهيون ۽ سندن رفتار ضرورت کان ڊگهي ٿي ويئي. پئي طرف جرمنن سندن پٺ ۾ پنهنجا ڪيترائي ننڍا ننڍا فوجي دستا لاٿا ۽ هڪڙو جرمن تباهہ ڪن جهاز بہ اچي ان علائقي ۾ پهتو. ٻيون اتحادي فوجون، جيڪي آندلينس کان روانيون ڪيون ويون، سي وري اوسلو کان گڊبرانڊ واريءَ ڏانهن وڌندڙ جرمن فوجن کان خطرو محسوس ڪندي اڳتي وڌڻ بدران پنهنجو بچاءُ ڪرڻ لاءِ مورچي بند ٿي ويون. سندن حفاظت لاءِ هوائي جهاز ڪونہ هئا. پئي طرف جرمن هوائي جهازن مٿن بمباري شروع ڪري ڏني هئي. تنهن ڪري سندن ڪمانڊرن برطانوي هاءِ ڪمانڊ کي لکيو تہ اسان کي هتان ڪڍوا پهرين ۽ ٻي مئي تي کين اتان ڪڍيو ويو.

پرم ڪيئن رهي؟

هاٿي اتحادين لاءِ پنهنجو پرم رکڻ لاءِ فقط هڪڙي صورت وڃي رهي، يعني نارويڪ تي قبضو. ان لاءِ ويهہ هزار فوج روانو ڪئي ويئي، پر اها سست رفتاريءَ سان اڳتي وڌي. نارويڪ ۾ فقط ٻہ هزار جرمن فوجون هيون. فوجن جي ڪمانڊر جنرل ڊيٽل جرون تباهہ ڪندڙ جهازن جي ملاحن کي بحري فوج جون وردیون لاهي، زميني فوج جون وردیون پائي، ان فوج ۾ داخل ٿيڻ جو حڪم ڏنو ۽ 26 مئي تائين هن

شهر ۾ بندرگاهه مان پنهنجا پير اکڙڻ نه ڏنائين. 27 تاريخ تي جڏهن مٽس ڏٻاءُ سهڻ کان تمام گهڻو وڌي ويو. تڏهن هن جرمن هاءِ ڪمانڊ جي اجازت سان شهر خالي ڪيو. پر ان وچ ۾ هٽلر جو مغرب طرف ڪيل حملو شروع ٿي ۽ ڪافي اڳتي وڌي چڪو هو ۽ نارويڪ ۾ رهيل انگريزي فوجون پاڻ کي گهيري جي خطري ۾ محسوس ڪرڻ لڳيون. هنن پنهنجي حڪومت کي اها ٻڌايو ڇئي ۽ 7 جون تي نارويڪ ۾ داخل ٿيل برطانوي فوجون شهر خالي ڪري واپس هليون ويون. ناروي ۽ ڊينمارڪ مڪمل طرح سان جرمنن جي قبضي ۾ اچي ويا.

ٻڏتر ۽ گهٽي پکائي

ناروي ۽ ڊينمارڪ جنگ جو ميدان بڻجن. اها ٻڌايو هٽلر جي نقصان جي هئي ۽ برطانيا ۽ فرانس جي فائدي جي ٻڌايو هئي. جنگ جي تياري ۾ هنن پهرين شروع ڪئي هئي ۽ پهريائين حملي ڪرڻ وارا ۾ هو ئي هئا. پر هڪڙي پاسي سندن ٻڏتر. گهٽي پکائيءَ ۽ پنهنجي بحري طاقت تي حد کان وڌيڪ اعتماد بلڪ غرور ۽ ٻئي پاسي جرمنن جي تيز رفتار منصوبابندي، محڪم ارادو ۽ ويڙهه جو وڌيڪ گهرو جذبو ۽ ڊسيپلين ۾ مرڪزيت جي اعليٰ سطح برطانيا ۽ فرانس جا سمورا فوجي منصوبا ناڪام بڻائي ڇڏيا ۽ هو بهادريءَ ۽ وسيلن ۾ جرمنيءَ کان ڪنهن ۾ صورت ۾ گهٽ نه هئڻ جي باوجود پنهنجي ناقص فوجي حڪمت عملي ۽ چالن ۽ ويڙهه بابت غلط روين ڪري هار کائي ويا ۽ جرمنيءَ کي سندن خلاف استعمال ڪرڻ لاءِ هڪڙو زبردست علائقو ملي ويو.

ٻڌايو جو اصل سبب

پر برطانيا ۽ فرانس جي ان شڪست جو سڀ کان اهم سبب انهن مان ڪو به ڪونه هو. اهو سبب هي هو ته ڪنهن امڪاني دشمن سان وڙهڻ لاءِ، جيڪا دستور موجب هر حڪومت جي اڳواڻ تياري ٿيل هوندي آهي، سا هنن ۾نهي، خاص ڪري برطانيا ڪانه ڪئي هئي. هي گذريل ڏهن سالن کان ان ڪوشش ۾ لڳا پيا هئا ته هٽلر جرمنيءَ کي زور ونائي، ان نازي درندي کي انقلابي روش تي بچي، ان جو ڪم به پورو ڪرائجي ۽ خود جرمنيءَ کي

بہ روس جھڑي بلا سان ويڑھائي ويڑھائي اھڑي ھڏن جي مٺ ڪري ڇڏجي، جو پچاڙيءَ جو سندس بہ وڃي رڳو ڏانچو بچي. پوءِ سڄو يورپ پيرن هيٺ هجي ۽ "ڪاءُ ڙي وتايا ڪاءُ!" وارو ڪم لڳي وڃي.

هو جرمنيءَ سان وڙهي ان کي ۽ پاڻ کي ڪمزور ڪن ۽ اصل دشمن روس ڏيو تماشو ڏسي، سا ڳالھ هنن لاءِ موت برابر هئي. هنن جي روح ان خيال خلاف بغاوت ٿي ڪئي. هن منزل تي هنن اھڑي تياري نہ ٿي ڪرڻ گھري ۽ اھڑو سخت ويڑھو مود نہ ٿي ٺاھڻ گھريو ۽ اھڑي قطعي ٺوس حڪمت عملي نہ ٿي اختيار ڪرڻ گھري، جنھن مان ھٽلر کي پڪ ٿي وڃي تہ "هي مون کي تباھ ڪرڻ کان سواءِ ڪونہ ڇڏيندا. ھاڻي يا هي ختم يا آئون ختم!" هنن پنھنجو ھٿ اھڑو ھلڪو جھلڻ گھريو ٿي، جو ڪنھن بہ وقت کو موقعو ملي تہ ھڪدم ھٽلر کي وري سمجھائي، قرب ڏيئي ۽ ڪارائي پياري پنھنجو ڪري، وري ڪيس روس خلاف بچي ڇڏجي.

اھوئي سبب هو جو برطانيا ۽ فرانس پنھنجي فوجي ڪمزورين، يعني هوائي فوج ۽ بکتربند فوج جي اڻپوري بندوبست ۽ عام تياريءَ جي ڪوٽ جو گھربل تيزيءَ سان تدارڪ نہ ڪيو ۽ نہ وري اھڑي سخت بندوبست ڪرڻ تي سندن ڪا دل ئي ٿي ٿي.

اڳتي جي تاريخ ڏيکاريو تہ ھٽلر بہ پنھنجي نموني ۽ پنھنجين حالتن آھر انھن ئي خيالن جو هو ۽ هن بہ برطانيا ۽ فرانس سان ھڪ ھڪاڻي هرگز نٿي ڪرڻ گھري. هن جو بہ خيال هو تہ ٻنھي کي داٻو ڏيئي، آڻ مڃائي، وري اصل طبقاتي دشمن، يعني روس کي نيست ۽ نابود ڪري، سموري سرمائيدار يورپ جو هيرو بڻجندس.

سپر پاور! سپر پاور!

اڄ جي دنيا ۾ فقط آمريڪا ئي هڪڙو سپر پاور وڃي رهيو آهي. ٻي جنگ عظيم کان پوءِ هو ٻن سپر پاورن مان هڪڙو بنيو. روس جي زوال کان پوءِ هو هن دنيا جي جهنگ ۾ اڪيلو شينهن وڃي رهيو آهي.

دنيا جو پهريون سپر پاور ايران هو. جنهن جو ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا جي علاقن تي راڄ هو. پوءِ روم ٽيوجيڪو هيستائين جي دنيا جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏي ڊگهي عرصي تائين هلندڙ سلطنت هو. اها سلطنت ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ اٽڪل ڏيڍ هزار سال قائم رهي. پوءِ عرب مغربي دنيا جا سپر پاور ٿيا. اوير جو سپر پاور زمانن تائين چين پئي رهيو آهي. پوءِ چنگيز وارا منگول سپر پاور ٿيا. ساموندي شاهراهن کلڻ کان پوءِ پورچوگال، هالينڊ، ۽ اسپين واري واري سان سپر پاور ٿيا. تان جو اسپين وڃي سيني جو سر موڙ سپر پاور ٿيو. ان کان پوءِ انگريز دنيا جا بالادست ٿيا. انگريز سلطنت تان سج لهندو ئي ڪونه هو. رومي شهنشاهيت کا پوءِ دنيا جي وڏي ۾ وڏي سلطنت انگريز سلطنت هئي.

سوال آهي ته موجوده اڪيلي سپر پاور آمريڪا جي اڪيلي سر سپر پاوري سڌائين هلندي ڇا؟ جواب آهي نا! هر قسم جي وڏي ويڙهه ۽ جنگ ۾ ماڻهن، پارٽين، قومن ۽ ملڪن کي ٽيهن نسن جو زور لڳائڻو ٿو پوي. تخت يا تختو. ان ڪري سندن صلاحيتون ۽ وسيلا گهٽي ڇڪ ۽ دٻاءُ هيٺ اچن ٿا. انهن ۾ اها ڇڪ ۽ اهو دٻاءُ برداشت ڪرڻ جي جيتري قدر طاقت هوندي آهي، اوتري قدر اهي ڇڪون ۽ اهي دٻاءُ انهن جي صلاحيتن ۽ وسيلن کي وڌائي ويجهائي کين وڌيڪ مضبوط ۽ طاقتور ڪندا آهن. پر مقرر سهپ کان ٻنهه ٻاهر ڇڪ ۽ دٻاءُ نه سهي اهي سسڻ ۽ گهٽجڻ بلڪ ٽٽڻ لڳندا آهن.

انهن ڳالهين کي خيال ۾ رکندي عظيم انقلابي سماجي داناءَ اينجلس اٽڪل هڪ سئو سال اڳ اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙي ۾ پهرين جنگ عظيم کان اٽڪل پاڻ صدي اڳ چيو هو ته. "جي هاڻ کا

وڏي جنگ عظيم لڳي ته يورپ جا ڪيترائي تخت ۽ تاج فوت پاڻ
تي ٽڏبا نظر ايندا." ٽيو به ائين. پهرين جنگ عظيم ۾ جرمن، روس ۽
يورپ جي ٻين ڪيترن ملڪن جا بادشاهه بلڪ شهنشاهه يا ته مارجي
ويا، يا ته تڙ ٻڏي ملڪ ڇڏي هليا ويا. ڪجهه ملڪن ۾ عوامي انقلاب
آيا. روس ۾ انقلاب ڪامياب ٽيو ۽ جرمني ۾ ناڪام. سڄي يورپ ۾
انقلاب جي لهر ڊوڙي ويئي. ٻي جنگ عظيم ۾ هارائيندڙ ملڪن
جرمني، جپان ۽ اٽلي ته بلڪل تباهه ٿي ويا، پر سواءِ آمريڪا جي،
جنهن کي ميدان جنگ کان صفا پري هئڻ ڪري جنگ جو ڪوسو واءُ
به ڪونه لڳو ۽ ان اٽلو ٻنهي جنگين مان خوب ڪمائي جاوا ڪيا. ٻيا
فاتح ملڪ به ڏري گهٽ تباهه ٿي ويا.

برطانيا ڏري گهٽ ڏيوالي ۾ اچي ويو ۽ برطانوي سلطنت جنهن تان
سج ئي ڪونه لهندو هو سا جڙ اک ڇنپ ۾ ڏوڙ ٿي اڏامي وئي. روس جا ٻه
ڪروڙ ماڻهو جنگ ۾ ختم ٿي ويا ۽ سندن اقتصادي پيجرو تباهه ٿي ويو.
ٻي جنگ عظيم کان پوءِ به هن لاءِ ويڙهه ختم ڪونه ٿي ۽ آمريڪا روس
کي تباهه ڪرڻ لاءِ روس تي سرد جنگ ۽ هٿيارن جي جنگ مڙهي ڇڏي.
انقلاب کان اڳ سڄي يورپ ۾ زار شاهي روس هر طرح پوئتي پيل ۽ چت
خاني ۾ هو. پهرين جنگ عظيم، انقلابي جنگ، آمريڪا، برطانيا، فرانس،
جپان، زيڪو سلويواڪيا ۽ نون ٻين ملڪن يعني ڪل چوڏنهن ملڪن
جي گهڻ طرفي گڏيل حملي پسماندگيءَ، ڏڪار ۽ تباهيءَ خلاف جنگ،
سرمائيدار ملڪن جي اقتصادي، سياسي ۽ سفارتي گهيرن ٽوڙڻ لاءِ
جنگ، نئون اقتصادي نظام قائم ڪرڻ لاءِ جنگ، ٻي جنگ عظيم، سرد
جنگ، دوست ملڪن کي مدد ڏيئي بچائڻ جي جنگ، نون هٿيارن جي
ناهڻ ۽ تيار ڪرڻ جي ڊوڙ واري جنگ، انهن لاڳيتن ۽ ساهي به پڻڻ نه
ڏيندڙ جنگين جي ان اڻ کٽ سلسلي روس جي عوامي اقتدار ۽ نظام کي
هٽي ادوڙي وڏو ۽ اهو ڪجهه وقت اڳي نيٽ ڏهي پيو.

پر آمريڪا سان به،

هم تو ڊوبي هين صنم،
تم کو يي لي ڊوبينگي.

وارو ڪم ٿيو. جيئن اڳ چيوسين، پنهي وڏين جنگين جي ڪري سندن چانديءَ ٿي وئي ۽ ڪيس قارون جا خزانا هٿ چڙهي ويا. رات وچ ۾ اربن ڪربن ڊالرن جا ڏڪ هٽي. گڏنگ شاهوڪار ملڪ بنجي ويو ۽ جڳ هڪيءَ کان ٿي ڦاتو سڄي يورپ بلڪ سڄي دنيا جي تباهيءَ جي پيڙهه تي سندس اقتصادي، سياسي ۽ فوجي برتري جو شاهي محل اڏجي راس ٿي ويو. پر سرد جنگ ۾ هٿيارن جي ريس، روس کي ته سندن کان سڪائي ڇڏيو. پر ان آمريڪا جي اقتصادي ۽ سياسي صحت کي به آهستي آهستي روڳ لڳائڻ شروع ڪيو. سندن ٽنگون سڄي دنيا ۾ اَڪي پيون. تان جو فوجي طرح به ڪيس ڪاپاري ڏڪ لڳڻ شروع ٿيا. ڪوريا ۾ ڪتي نه سگهڻ کان پوءِ ويٽنام آمريڪا جي آندن ۾ هٿ وجهي ڇڏيو. دنيا جي مست هاٿيءَ کي ويٽنامي مڇرن هلاڪ ڪري وڏو ۽ سندن شان مان کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو:

من ارچہ در نظر یار خاکو شدم
رقیب نیز چنین محترمہ نہ خواهد ماند.

(اسين جي ڪٽي يار جي نظر ۾ ڏوڙ ٿي وياسين ته مڙيئي خير آهي،
(خدا ڪندو ته) رقيب به وٽس کي ايڏيون وڏيون عزتون ڪونہ ماڻي سگهندا!)

ڪاڏي ڪوهہ به ڪٽيو ويجن. اڄ سڄي دنيا جو ڏاتار ٻي دنيا جو ته نهيو پر خود پنهنجن شهرين جو به قرضي آهي. سندس بجيٽ ڪن زماني کان ٻارهوئي ڪوٽ ۾ آهي.

اڄ ڏسين جي ڏاتار جا ڪيترائي ٻچا دانهون ڪري چون پيا ته، "اسين بکيا، اگهاڙا ۽ پارن جا ستيل آهيون." آءٌ آمريڪا ۾ مهينو ڪن هوس ته اهو سڄو حال روبرو ۽ ٿي وي ٿي ڏٺم ۽ ٻڌم ۽ اخبارن ۾ پڙهيم. گهٽن عام ماڻهن چؤطرف غريبي ۽ بدحاليءَ ۽ بيروزگاريءَ بابت دانهن ٿي ڪئي.

جڏهن جنهن کي تباهہ آمريڪا ڪيو ۽ چين ۽ روس جي دشمنيءَ ۾ آسمان تي رسايو به آمريڪا، تنهن جا ڪارخانيدار اڄ چون پيا ته آمريڪا پوئتي پيل ملڪ آهي. ڪيس بجيٽ جو حساب ڪتاب نيڪ

رکڻ ۾ اقتصادي ۽ مالي ڊسپيلين قائم رکڻ نڻو اڇي ۽ آمريڪا مال سنو ٿهيل نه هوندو آهي، وغيره وغيره.

لو وہ بي کهتي هي که يہ بي ننگ و نام هي،
يہ جانتا اگر تو لٹاتا نہ گهر کو مين.
(غالب)

غازي بش جنهن آمريڪي ماڻهن کي خوش ڪري صدارتي اليڪشن ۾ فتح کي يقيني بنائڻ لاءِ عراق کي اول دلبو ڏيئي، ڪائنس ڪويت تي حملو ڪرائي، پوءِ وري ڦري مٿس حملو ڪري، ڪيس ساڙي ٻاري رک ڪري ڇڏيو. سو ويچارو فاتح مٿي کي هٿ ڏيو ڦريو ماريو مظلوم ٿيو وينو آهي. آمريڪي ماڻهن نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيس.

سائنس ۾ پڙهائيندا آهن تہ:

"Every action has an equal and opposite Reaction."

"هر عمل جو اوترو ئي ۽ ان عمل جي ابتڙ رد عمل ٿيندو آهي."

آمريڪي اکيلي سر سپر پاوري ٻہ پنهنجو رد عمل آهستي آهستي پئي ظاهر ڪري. دنيا آمريڪا جي اکيلي سرمستيءَ ۾ خوش ناهي. هنن کي ڪو گهرجي جو آمريڪي هڪ هٿيءَ جي هاڻوڪن ۽ آئنده جي امڪاني هاجيڪار اثرن کان کين نجات ڏياري يا گهٽ ۾ گهٽ هر ڳالهہ جي باوجود آمريڪا وٽ ٻين ملڪن مٿان دٻاءُ وجهڻ جي جيڪا بي پناهہ قوت آهي: تنهن کي حد اندر رکي.

اڄ ڪلهہ دنيا جي پريس ۾ پئي امڪاني سپر پاور جي ايرڻ بابت آسون ۽ خوفن پريون قياس آرايون هلندڙ آهن. جپان جيڪو اڄ دنيا جو ٻيو نمبر اقتصادي قوت آهي. سو اکيلي سر آمريڪا کي چئلينج نڻو ڪري سگهي. سندس سائيز ننڍڙي آهي. وٽس پنهنجو ڪچو مال ڪونهي. سندس فوجي طاقت اٹاهہ تي سگهي ٿي پر ان جو ڳاڻي ڳڻپ خرچ سندس اقتصادي حالت تي وڏو دٻاءُ وجهندو ۽ ڪيس ان ميدان ۾ پوئتي ڏکي ڇڏيندو. جرمني تمام زور آهي پر سندس سپر پاور ٿيڻ لاءِ گهربل فوجي طاقت تي جيڪو خرچ ايندو سو سندس اقتصادي پوزيشن خراب ڪري ڇڏيندو.

هي ڳالهه ته يورپ ۾ جرمنيءَ جي وري ايرٽ خلاف سخت جذبو موجود آهي. خود انگريز به ان ڳالهه ۾ خوش ناهن ته ڪو جرمني وري اهڙي پوزيشن ۾ اچي سگهي جو هٽي اڳي وانگر يورپ کي آزار ۾ وجهي. چڏي سيني کي خبر آهي ته روس وري ايرندو پر ان لاءِ ڪافي وقت کپي. فرانس نيڪ آهي پر سپر پاوريءَ لاءِ ايڏا ڪجهه گهرجي. مطلب ته في الحال دنيا جي سياسي مبصرن کي سرمائيدار صنعتي ملڪن مان ڪو به ٻيو سپر پاور ٿيڻ جي وزن کٽڻ جهڙو نظر نٿو اچي.

مزي جي ڳالهه اها آهي جو هاڻ ماڻهو ٻيو امڪاني سپر پاور ترقي يافته سرمائيدار ملڪن بدران ٽين دنيا جي پوئتي پيل ملڪن ۾ پيا ڳولين. في الحال نالو اهڙي عجيب غريب ملڪ جو پيا ونن، جيڪا بکي بلا ويچاري پنهنجي پيٽ ۾ جهلي ٻيئي آهي، جنهن کي گذريل ٻن ٽن صدين کان جڙ ٻچا وات ۾ آهن ۽ جنهن جا ايڏا ڪالهوٽي ڪالهه "غريب جي جوءِ جڳ جي ياڃائي" واري ڳالهه وانگر اوڙي پاڙي جي ماڻهن ٻوٽ پٽي پئي ڪاڏا. الائي ڪٽان ڪٽان جا ماڻهو ڪاهيو اچيو سندس ڇاتيءَ تي چڙهيا وينا هوندا هڻ ۽ جيڪا نرڙ تائين قڏن، فسادن، جهيڙن، جنگين جي ڏپ ۾ گتي ٻيئي هئي. ڪيترن عالمي رسالن ۾ چين جي ٻئي نمبر سپر پاور بنجڻ جي امڪان لاءِ هيٺيان دليل ڏنا پيا وڃن:

1. وٽس ملڪ وڏو ۽ قدرتي وسيلا گهڻا آهن.
2. ملڪ جا ماڻهو نه اجايا ٿورا آهن ۽ نه اجايا گهٽا.

هونئن ته ان ۾ تمام گهڻا ماڻهو آهن، پر جيڏو ملڪ آهي، جيترا وسيلا هينئر موجود اٿس، واڌو جيتري قدر اُهي وسيلا، مڙسي ۽ قابليت سان وڌائي ويجهائي سگهجن ٿا، ان حساب سان چين جا ايترا ماڻهو اجايا گهٽا ناهن.

3. چين ٽئين دنيا جو اڪيلو وڏو ملڪ آهي، جنهن آبادي جي اڻ رٽيل واڌ تي فولادي ضابطو رکيو آهي، اتي زال مڙسن کي هڪڙي ٻار جڻڻ جي اجازت آهي پوءِ چاهي اهو ٻار پٽ هجي يا ڌيءُ.

آمريڪا ۾ ڊاڪٽر وقاصيءَ مون کي چين بابت هڪڙي زبردست فلم ڏيکاري، جنهن ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻار جڻڻ يا نه جڻڻ جي مسئلي بابت هڪڙو سچو واقعو ڏيکاريل هو. مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ پيڪا

ساهرا تہ نهيو پر اوڙو پاڙو جج جيوري ۽ پارٽيءَ جا نمائندا سڀ اچي گڏ ٿيا هئا ۽ جنهن اعليٰ سطح جي سنجيدگي، ارادي جي پختگي، سياٽپ، ڏاهپ، قرب ۽ محبت جي آميزش سان اهو معاملو پيش ڪيو، بڏو بحث هيٺ آندو ۽ فيصلو ڪيو ويو تنهن کي ڏسي ماڻهو واقعي دنگ رهجي ٿي ويو. تہ بيشڪ عظيم تهذيبون ماڻهن کي عظيم سياٽپون، عزم ۽ ماڻهپا بخشين ٿيون ۽ بيشڪ اهي ماڻهو پاڻ ۾ وڏا انقلاب آڻڻ ۽ پنهنجون تقديرون بدلائڻ جا لائق ۽ ان جا حقدار آهن

4. چين هڪ وڏو علاقائي فوجي طاقت آهي، ان ۾ اقتصادي وسيلن جي سهپ سارو ۽ فقط ان حد اندر لاڳيتي خاصيت جي توڙي مقدار جي لاڳيتي واڌ پيئي آندي وڃي.
5. چين جي اقتصادي صورتحال، "رٿيل سوشلسٽ مارڪيٽ جي اقتصاديات" (Planned socialist market economy)

جنهن تي سامراجي پروپئگنڈا مشينري چٽرون ڪري، ان کي "سوشلزم جي ليبل هيٺ سرمائيداري" جو طعنو ڏيئي خوار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، تنهن جي بنياد تي نہ رڳو روس جي پيٽ ۾ اڳتي وڌندڙ آهي، پر خود ايشيا ۾ بہ چين هڪڙي اقتصادي وڏي شيءِ پيو بنجي.

6. ان جو ثبوت اهو آهي جو آمريڪا ۽ يورپ سان سندس واپار ۾ سندس روانگي وڌيڪ ۽ آمد گهٽ آهي ۽ سراسري طرح ڪيس هر سال ٻنهي هنڌان اربين ڊالر بچن ٿا.
7. جپان سان سندس اقتصادي تعاون وڌي رهيو آهي. ٻنهي کي هڪ ٻئي جي سخت گهرج آهي، چين کي جپان جي ٽيڪنيڪي ڄاڻ، انتظامي، تجربي، واپاري صلاحيتن ۽ پيداوار جا وسيلا پيدا ڪندڙ اعليٰ درجي جي مشينري جي ضرورت آهي ۽ جپان کي سندس اٽاهہ مارڪيٽ، خريداريءَ جي ڪافي قوت ۽ تمام گهٽي ۽ گهٽن قسمن جي ڪچي مال جي ضرورت آهي.
8. چين ۽ جپان جا سفارتي ۽ سياسي تعلقات ٺيڪ رستي تي سمجهہ، ڏاهپ، ثابت قدمي ۽ دور انديشيءَ سان اڳتي وڌي رهيا آهن. تازو جپان جي تاريخ ۾ پهريون پيرو جپان جو شهنشاهہ چين ويو جيڪا ڳالهہ ٻنهي ملڪن جي تعلقات ۾ هڪڙو اهڙو تمام وڏو قدم آهي.

جيڪو انهن لاڳاپن جي سطح کي گهٽو اوچو ڪندو ۽ سندن راهه ۾ موجود گهٽيون تاريخي رڪاوٽون دور ڪري سگهندو.

9. چين جا روس سان به سياسي لاڳاپا نيڪ ۽ اقتصادي لاڳاپا سڏريا آهن. روسي، چين جي اقتصادي ترقي کي وڏي رشڪ جي نظر سان ڏسن ٿا. ٻه ٽي سال اڳ ماسڪو ۾ هڪڙي ڪچهريءَ ۾ روسي ڪميونسٽ پارٽي جي هڪڙي نمائندي دوست مون کان پڇيو "توهان جي خيال ۾ اڄ روس ۾ لينن کان پوءِ ٻيون مبر مقبول ليڈر ڪير هوندو؟" مون چيو "گورباچوف" چيائين: "وري ڏکو هڻ." مون کي صحيح جواب ڪونہ سجهيو. چيائين، "گابا گتا" مون چيو "گتا" چيائين، "ڊينگ شيائو پينگ!" تن ڏينهن ماسڪو ۾ چيني ڪارخانن ۾ ٺهيل سامان جي نمائش پئي ٿي. گريگري مون کي ائين ڪاهي اوڏانهن وٺي هليو جيئن هڪڙا سنگتي ٻين کي گهلي ڪنهن وڏي ميلي تي وٺي ايندا آهن. روسي، مردن، عورتن ۽ ٻارن جي وڏي تعداد وڏي چاهه سان چيني مشينري ۽ شيون پئي ڏٺيون. روس ۾ري مشينري ۾ ته دنيا جي چوٽيءَ تي هو. پر ننڍي مشينري ۽ روزمره جي استعمال جي معمولي شين کي وڏي پئماني تي پيدا ڪرڻ ۽ ماڻهن جي روزمره جون ننڍڙيون دل گهريون خوشيون ۽ ضرورتون پوريون ڪري، سندن دل خوش ڪرڻ جي ننڍڙي ۽ معمولي ڳالهه لاءِ ايڏا وقت ڪڍي نہ سگهيو هو ۽ ايڏا انهن جو وارو ڪونہ آيو هو ان ڪري اهو روسي اقتصادي مشين لاءِ ٻاراڻي کيل جهڙي ان ننڍڙي خسيس ڪم ۾ پوئتي رهجي وڃڻ ڪري مار کائي ويو.

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو پهرين وڏين ڳالهين کي پورو ڪري، پوءِ ننڍڙين ڳالهين کي پورو ڪرڻ جي چڪر ۾ وڏا وڏا ڏڪ کائي ويندو آهي.

10. چين دنيا ۾ تهذيبي ۽ ثقافتي وڏو ۽ اڳواڻ ٽي رهڻ جو هزارين سالن جو نفسياتي، انتظامي، سماجي، فوجي، سفارتي ۽ ثقافتي تجربو رکي ٿو. تاريخ جي ننڍڙن وقفن کي ڇڏي، وڏو ٽي رهڻ، چين جي قومي عادت ۽ قومي ريت رهي آهي. ان ڪري سپر پاور جي سمورين تقاضائن ۽ ڍنگن، فضيلتن ۽ آدابن بابت اهو قومي

طرح قابل ۽ سڃاڻ آهي. ڪيس ان مرتبي کي رسڻ ۽ ان تي قائم رهڻ ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ ۾ ڪابه قومي نفسياتي مشڪلات پيش ڪانه ايندي.

11. چين جي ليڊرشپ نهايت تجربه ڪار آهي. اها جدوجهد، جنگ، دوستي، دشمني، سڪار ڏڪار ڪوٺ، واڌ، شڪست ۽ فتح جا سمورا امتحان فل پاس ڪريو وينو آهي، تنهن ڪري ان لاءِ سياسي، اقتصادي، سفارتي ۽ فوجي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ توڙي ضرورت مهل هڪڙي هنڌ بيهي يا ڇپ هڻي ويهي رهڻ يا مورڳو گمنام ٿي وڃڻ آسان ڳالهه ۽ هلي چلي آهي.

12. چين جي شاندار جنگ آزادي، گوريلا جنگين، چيانگ ڪائي شيڪ، جپان ۽ آمريڪا خلاف سورهيائي واري جنگ، لانگ مارچ، مائوزي تنگ جي شخصيت ۽ ٻين سببن جي ڪري هيترين سارين اڻ وٽندڙ ڳالهين ۽ روسي آمريڪي مخالف پروپئگنڊا جي باوجود چين جي نالي ۾ ايڏا تائين هڪڙو سحر، هڪڙو جادو ۽ هڪڙي خاص ۽ غير معمولي ڪشش آهي.

13. جڏهن روس جيڏو سپر پاور پنهنجا اندروني سياسي ۽ اقتصادي مسئلا حل ڪري نه سگهيو ۽ آمريڪي سي آءِ اي جي روس اندر ڪيل سازش کي منهن ڏيئي نه سگهيو تڏهن چين جي ثابت قدميءَ سڄي دنيا ۾ سندس واسطي عزت پيدا ڪئي آهي ۽ غيرجانبدار ماڻهن کي قائل ڪيو آهي ته چيني واقعي سمورين سخت مخالف حالتن کي ڪاميابي سان منهن ڏيئي ڄاڻن.

14. ويجهڑائيءَ ۾ هندستان جنگ، خانه جنگي ۽ بدحالي جي ايڏن ڏکڻ دورن مان ڪونه لنگهيو آهي جيڏو چين، پر چين ان ساريءَ تباهي مان بي پناهه طاقت حاصل ڪري اڳتي وڌيو آهي، بهرحال چين هڪ دفعو وري دنيا جي اڳيان هڪڙو معجزو بنجي نظر اچي رهيو آهي. اڳي اهو معجزو رڳو نظرياتي، فوجي، سياسي ۽ سفارتي هو هاڻ اهو اقتصادي به آهي.

چين في الحال سپر پاور بنجي سگهي يا نه، پر اها ڳالهه بلڪل صاف پئي آهي ته ڪلهه واري مئل ماريل ۽ بدحال چين جو سياڻي

واري دنيا ۾ شمار دنيا جي وڏن سياسي، اقتصادي ۽ فوجي مهندارن ۾ ٽيٽو آهي

اها ڪرامت هوندي دنيا جي عظيم انقلابي اڳواڻ مائوزي تنگ جي نظرئي ۽ رهبري ۽ چيني ڪميونسٽ پارٽي ۽ عوام جي اتڪل هڪ صديءَ کان بہ مٿي عرصي واري سخت، اٽانگي، ۽ ورن وڪڙن واري جدوجهد ۽ سندس حوصلن، سهپ، ثابت قدمين، سورهائين ۽ قربانين جي.

ڪڙي ۽ ڪڙهي، پر ۾ پير پنهون جو
سڪ ٻڌائين سندرو جانب لاءِ جڙي،
لانچي لڪ لطيف چئي، منڌ جهيڙي ۽ جهڙي،
پٽيءَ تان نہ پڙي، جي عمر سپ ائين ڪري.
(لطيف)

سوشلزم جي يورپ مان تڏاويڑهه

سياسي صورتحال جي معنيٰ آهي سڄي جهان جي سياسي صورتحال، جنهن ۾ پنهنجي هن ڳوٺ جي به، سنڌ جي به، پاڪستان جي به ۽ سڄي جهان جي سياسي صورتحال اچي ويجي ٿي. اڄ اخبار ۾ پڙهيوسين ته روس کي مغربي بلاڪ، يعني سرمائيدار بلاڪ ۾ شامل ٿيڻ کپي. يعني يورپ ۾ لينن، مارڪس، اينگلس جيڪي رياستون ٺاهيون هيون، اهي وري باقاعدي سرمائيدارن جي حوالي ٿيندیون. اها اڇوکي دؤر جي وڏي ۾ وڏي حقيقت آهي، ته سوشلزم جي يورپ مان مڪمل طرح تڏا ويڑهڻ جي ڳالهه ٿي چڪي آهي. ان مان ماڻهو هي ٿا نتيجو ڪڍن ته آئيندہ جيڪا دنيا هجي، سا هن کان به سڻي هجي. اڄ به مون کان هڪ ماڻهوءَ ان باري ۾ سوال پڇيو ته، جيڪا يورپ ۾ صورتحال ٿي چڪي آهي، ان جي روشنيءَ ۾ پاڪستان ۽ ٻين اهڙن ملڪن جو جيڪو عوام آهي، تنهن جو سياسي ۽ اقتصادي نظامن جي باري ۾ ڪهڙو رويو هڻڻ کپي. يعني، ڪهڙن سياسي ۽ اقتصادي نظامن جي لاءِ انهن کي جدوجهد ڪرڻ کپي؟ ڇاڪاڻ جو سوشلسٽ ملڪ ته ويا پورا ٿي، هاڻي ڪهڙو نظام هڻڻ کپي؟

دنيا ۾ به نظام هئا: هڪڙي کي سوشلزم وارو نظام چئون ٿا، ٻيو سرمائيداري نظام چئون ٿا. کي ماڻهو چون ٿا ته اسلامي نظام به آهي ۽ هندوستان ۾ چون ٿا ته هندو نظام به آهي. اڳي چوندا هئا ته ٽيون عيسائي نظام به آهي، پر هاڻ عيسائي نظام تان هٿ کڻي ويا آهن. اڳي هندو نظام، اسلامي نظام ۽ ٻڌ نظام جون ڳالهيون هليون پئي. موجوده دنيا ۾ به وڏا نظام، سرمائيداري ۽ سوشلسٽ نظام هئا. هڪڙو ويو باقي سرمائيداري نظام بچيو آهي. يا ته ماڻهو هٿ ڏرمي ڪري ته، "مين نه منيسان- مين جو آکيا گابا ته گابي ڪيوين ٽيسي!" اسين هروپرو سوشلزم سوشلزم پيا ڪنداسين. سوشلزم ٿئي نه ٿئي، هلي نه هلي،

اسان جو ڪم ڪهڙو؟ "سُر ٽهي نه ٽهي- وٺ رينگٽ ڪي!" "بابا، اسين سوشلسٽ آهيون، پنهنجيءَ ڀَالهه تي ٻيٺا آهيون، پوءِ جيڪو ٿيو."

هڪڙو طريقو اهو آهي، يا ته جيڪا حقيقت پسندي آهي ته دنيا ۾ سرمائيداري نظام وڃي بچيو آهي، ته پوءِ سرمائيداري نظام هن ملڪ ۾ آٽڻ ڪپي. سرمائيداري نظام ڪا اهڙي بري شيءِ ناهي. سرمائيداري نظام جي مارڪس وڏي تعريف ڪئي آهي. توهان پڙهيو هوندو. سرمائيداري نظام مارڪس جي لفظن ۾ "جڻ جادوءَ جي هڪڙي جَڙِي آهي، جيڪا سماج کي صدين جي ننڊ مان جاڳائي ٿي." مارڪس ڪميونسٽ پڌرنامي ۾ لکيو آهي ته "جيڪي قوتون ستيون پيون هيون، تن کي سرمائيداري اڌاري ٿي." قرآن ۾ آهي ته، 'قمب يزني.' (منهنجي حڪم سان اٿي پئو!) تيئن جڻ ته ستل قومن کي 'قمب يزني' حڪم ٿو ڏئي ۽ هو جاڳيو پون. صدين کان ننڊاکڙيون قومون جيڪي آفيم کايو ستيون پيون هيون، سرمائيداري جڻ ته هڪڙي جڙِيءَ سان انهن کي اڌاري بيهاري ڇڏيو ۽ اهي حرڪت ۾ اچن ٿيون. سرمائيداري نظام معنيٰ ريڊيو ٽي. وي، ٽيليفون، موٽرون، موبائيل، انٽرنيٽ وغيره. سرمائيداري نظام معنيٰ وڏيراشاهي ۽ جاگيرداريءَ جو خاتمو. سرمائيداري نظام معنيٰ مخدوم صاحب جن، پير سائين پاڳاري صاحب جن ۽ ٻيا، جيڪي اسان جا بزرگ ۽ اسان جا روشن خيال اڳواڻ آهن، تن جي قيادت ۽ انهن جي بالادستيءَ جو خاتمو.

سرمائيداري، جاگيرداريءَ جي خلاف آهي. سرمائيداري ڪا ايڏي معمولي ڀَالهه ڪانهي، جو ماڻهو سڄو ڏينهن پيا چون ته سرمائيداريءَ کي ختم ڪريو. سرمائيداريءَ کي ختم ڪريو! ان کي اهڙي ڀَالهه ڪري پيش ڪيائون، جو جڻ ته بنهه ڪنهي، ردي، بيڪار ۽ هر حالت ۾ خراب شيءِ آهي، ايئن ناهي. ڪن شين جي پيٽ ۾ ته سرمائيداري آسمان آهي، اهي شيون ڪهڙيون؟ غلامدار نظام ۽ جاگيردار نظام جي پيٽ ۾ سرمائيداري جڻ ته بهشت آهي، آسمان جي بلندي آهي، تنهن ڪري اهڙي ڇڪي شيءِ آهي ته پوءِ ان لاءِ جدوجهد ايڏي ڪا شرمساريءَ جي ڀَالهه ڪانهي، جو ماڻهو چوي ته هن پاڪستان جي ملڪ ۾ جاگيرداري ۽ غلامداري نظام، قبائلي نظام، ڪارو ڪاري وارو نظام، پير پرستيءَ وارو

نظام ملن وارو نظام ان جي جاءِ تي سرمائيداري نظام اچي ۽ سرمائيدار آزاديون هجن، انساني حق هجن ۽ ٻيون سڀيون ڳالهيون هجن ۽ موٽرون، ريلون، ريڊيا، علم، چٽاپيٽي، تيزي، افيشنسي- زبردست ڳالهه آهي، پر اسان جا رويا لڪير جي فقيريءَ وارا آهن، اکران دي وچ اڙجڻ وارا آهن، لفظن جو غلام ۽ محتاج ٿيڻ وارا يا لفظن کي جن معنائن ۾ اسين اڳي استعمال ڪندا رهندا آهيون، هروپرو انهن معنائن ۾ شين کي استعمال ڪرڻ وارا نه هئڻ ڪپن.

سرمائيداري تمام وڏي شيءِ آهي، زبردست شيءِ آهي، پر سوشلزم ان کان بهتر آهي، بشرطيڪ اها سوشلزم ڪامياب به ٿئي، هلي به سگهي. جي نه ته سرمائيداري هڪڙو وڏو آئيڊيل آهي، ٻين جي پيٽ ۾ هڪڙو وڏو آدرش آهي. شايد اڄوڪي سوال پڇندڙ جو خيال هو ته هيستائين جو هروپرو اسين سوشلزم، سوشلزم ڪندا رهيا آهيون، هاڻ وري پنهنجي زبان سان ڪيئن چئون ته اسين سرمائيداريءَ جا حامي آهيون. سرمائيدار رڳو استحصال جي معنيٰ ۾ نه، رڳو ڪارخانن جي ڦرلٽ جي معنيٰ ۾ نه، سرمائيدار رڳو مزدورن جو رت پيئندڙ جي معنيٰ ۾ نه، سرمائيدار معنيٰ جمهوري آزاديون، انساني حق، ترقيون، ادارا، سائنس، ٽيڪنالوجي. اسين سرمائيداريءَ کي بهتر سينس ۾ هتي نافذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون، سرمائيداريءَ جي رجعت پرست لاڙن کي ختم ڪرڻ ۽ سرمائيداريءَ جي ترقي پسند ۽ جمهوري لاڙن کي هٿي ڏيڻ لاءِ سرمائيداريءَ جي ڳالهه ڪريون ته اها عيب جي ڳالهه ناهي، اها هڪ بهتر ڳالهه آهي. اها ڳالهه چوڻ کان پوءِ، پنهنجي ذهن تان اهي پردا صاف ڪرڻ کان پوءِ، اسين ڇڻ ته پنهنجي تقدير جي ڪنهن آخري ڪڙي تي پهتل آهيون.

هڪڙي سائنسي ماڻهوءَ لاءِ، هڪڙي انقلابي ماڻهوءَ لاءِ، هڪڙي حقيقت پسند ماڻهوءَ لاءِ، سدائين رستا ڪليل هوندا آهن. جدلي مادیت ۾ سماج ۾ واڌارو ڇاڪي ڇئجي، بلڪ ڪائنات ۾ واڌارو ڇاڪي ڇئجي، ان جي تشريح هيءَ ڪئي ويئي آهي ته "واڌارو سدائين اڳتي نه هوندو آهي، پر پنٽي به هوندو آهي." معنيٰ ته اسين سوشلزم ڏانهن وڌندا هلون ۽ پوئتي موٽي سرمائيداريءَ ڏانهن نه اچون، ايئن ناهي. پوئتي هٽڻ به

واڌاري جي معنيٰ ۾ شامل آهي. واڌارو سدائين سڌي ليڪ ۾ نه ٿيندو آهي، واڌارو ورن وڪڙن ۾ ٿيندو آهي. واڌارو سدائين (ڪائنات جي واڌاري جي ڳالهه پيا ڪريون) ساڳيءَ سطح تي نه هوندو آهي. ڪڏهن واڌارو ڪري ماڻهو هيٺ هليو ويندو آهي، ڪڏهن مٿي چڙهي ويندو آهي. ڪڏهن رستو سڌو هوندو آهي، ڪڏهن رستو ورن وڪڙن وارو هوندو آهي. ڪڏهن واڌاري وارو رستو اڳتي ويندو آهي، ڪڏهن رستو پوئتي ويندو آهي. ڪڏهن رستو تيزيءَ سان اڳتي ويندو آهي، ڪڏهن رستو تيزيءَ سان پوئتي ويندو آهي. ڪڏهن رستو آهستي آهستي اڳتي ويندو آهي، ڪڏهن رستو آهستي آهستي پوئتي هٽندو آهي. اهي طوفاني تبديليون به واڌاري ۾ شامل آهن. شيون جونءِ وانگر سُري سُري اڳتي وڌن، اهي به واڌاري جي تصور ۾ شامل آهن. شيون وڌندي وڌندي اوچتو بيهي رهن ۽ واڌارو بند ٿي وڃي، بظاهر اهو Continue of continuity اهو به واڌاري ۾ شامل آهي. شين جو لاڳيتو تسلسل سان وڌڻ، اهو به واڌارو آهي. شين جي تسلسل ۾ رڪاوٽ پوڻ، اهو به واڌاري جو حصو آهي. ڪائنات جي واڌاري جي سڄي تصور ۾ ڪائنات جو واڌارو ڪندي بيهي رهڻ، تسلسل ٽٽي پوڻ، اهو به واڌاري جي تصور ۾ شامل آهي. ايئن ڪونه چئبو ته هاڻ واڌارو بند ٿي ويو نه تسلسل ٽٽڻ به تسلسل جو هڪڙو حصو آهي. Irregularity is part of regularity. ماڻهو جيڪڏهن Irregularly ملي، ڪڏهن ڪڏهن ملڻ به باقاعدگي آهي. جڏهن کو ماڻهو باقاعدگيءَ سان ڪڏهن ڪڏهن پيو ملي، سال ۾ پنج پيرا، ڇهه پيرا، جڏهن کپي ملي وڃي ٿو ان ۾ به هڪڙو تسلسل ته آهي. ابا سال ۾ پنج - ڇهه پيرا ته ملي ٿو ڪڏهن ڪڏهن ٿو ملي، اهو بي قاعدي آهي، پر اها بي قاعدگي جاري آهي، بي قاعدگي ختم ٿيل ناهي. هر سال بي قاعدي نموني ملڻ به ته هڪڙي باقاعدگي آهي. تنهن ڪري بي قاعدگي ۽ باقاعدگي لفظ اچوت ناهن، اهي هڪبئي تي دارومدار رکن ٿا، هڪبئي سان ملن ٿا ۽ هڪبئي جي معنائن ۾ سمايل آهن.

ان ڪري جيڪڏهن اسين سمجهون ته اسين سوشلزم ڏانهن وڌي سگهون ٿا ته وڌون، اسين سمجهون ته سوشلزم وارو ماڊل نه هليو ته نه

هليو ڇوتہ اسين سائنسدان آهيون. مثال طور: پاڻ ڏسون ٿا تہ هي ريڊيو سوني (Sony) ڪمپنيءَ جو آهي، سٺو بہ آهي، ٽاپ بہ آهي، عاليشان بہ آهي، پر هي هلي نٽو تہ پاڻ چونداسين تہ هي نٽو هلي. پاڻ ايئن ڪونہ چونداسين تہ سوني ڪمپني جو ريڊيو آهي، ضرور هلندو! پوءِ تہ مذهب ٽي پيو. پاڻ ريڊئي جي باري ۾ ڪو مذهبي عقيدو نٿا رکون. ڪو چوي تہ لکيو پيو آهي تہ سوني ريڊيو فرسٽ ڪلاس آهي، تنهن ڪري هي خراب ٿيندو ئي ڪونہ! لکيو پيو آهي تہ سوشلزم سيني کان بهتر آهي تہ هروپرو ٿئي، نظرياتي طرح تہ ڳالهہ بهتر آهي، پر تجربو ڇا ٿو ڏيکاري؟ تنهن ڪري جيڪي ديانتدار مارڪسي- ليننسي آهيون، ديانتدار سوشلسٽ آهيون، ديانتدار سائنسي نقطہء نظر رکندڙ ماڻهو آهيون، سي جيڪي هوندو سو چونداسين. سوشلزم جيڪڏهن فيل ٽي ويئي تہ پاڻ سائنسدانن جي حيثيت ۾ چونداسين تہ ابا پنجاهہ سال اسان سمجهيو تہ هلندي، پنجاهہ سالن جو تجربو ڪيوسين، ڪانہ هلي. اسين اعلان ڪنداسين تہ نٽي هلي. پنهنجي پارٽي آهي، هلي ٽي تہ هلي ٽي. نٽي هلي تہ چونداسين نٽي هلي. هروپرو چئون تہ پارٽي هلي ٽي، ايئن ڪرٽو ناهي.

تنهن ڏينهن مون پڙهيو ويني. هڪڙو سورهين صديءَ جو ماڻهو آهي، تنهن چيو آهي تہ "جيڪو ماڻهو چوي ٿو تہ عيسائي مذهب ٻئي کان بهتر آهي، اهو سياڻي چوندو تہ عيسائي مذهب جو مون وارو فرقو ٻين فرقن کان بهتر آهي، پوءِ چوندو تہ عيسائي مذهب جي مون واري فرقي جي جيڪا تشريح آئون ٿو ڪريان، اها انهن تشريحن کان بهتر آهي، جيڪا ساڳئي فرقي جا ٻيا ماڻهو ٿا ڪن. پوءِ چوندو تہ آئون سيني کان بهتر آهيان!" يعني اوهان شين جي باري ۾ زبردستيءَ طئي ڪري ڇڏيو تہ هيءَ ڳالهہ صحيح آهي، ان کان پوءِ توهان ٽڪو بہ ڪونہ لهو.

تنهن ڪري جڏهن بہ توهان سائنسي واڌ تان ٽڙيا، سچ جي واڌ تان ٽڙيا، حقيقت جي واڌ تان ٽڙيا، تہ پوءِ ڪم لهي ويندو. سچ جي باري ۾ هڪڙي ماڻهوءَ ڇيو آهي تہ "جيئري ماڻهوءَ جو احترام لازم آهي، باقي جيڪو ماڻهو مري ويو تنهن جو فقط هڪڙو حق آهي تہ ان بابت سچ ڳالهايو." جنهن ڏينهن توهان سچ جو رستو ڇڏيو تنهن

ڏينھن سموريون ليافتون، سموريون چڱايون، سموري خوشبوءِ دنيا مان نڪري ويندي. سائنسدان تہ پوءِ اسين رھياسين ڪونہ. پوءِ تہ ٿياسين پير پرست. پوءِ اسان ۾، ملن ۾ ۽ مذھبي ماڻھن ۾ فرق ڪھڙو؟ جيڪڏھن اسين ديانتداريءَ سان اھو سمجھون تہ سوشلزم فيل ٿي آھي، ختم ٿي آھي، تہ پوءِ اھو مڃڻ ۾ شرم جي ڪھڙي ڳالھ آھي؟

ھي سماج جيڪو ڪيترائي سال ھليو آھي، انساني سماج تہ ھيستائين ڪروڙھا سالن کان ھليو اچي ۽ انسان کي انساني صورت ۾ تقريباً 25 لک سال ٿيا آھن. تنھن ۾ الاھي لاھيون چاڙھيون آيون. الائي ڇا مان ڇا ٿي ويو سوشلزم جي تاريخ تہ مني صديءَ جي آھي، ان ۾ آسمان ڪھڙو ڪري پيو!؟ وري ان کي ٺيڪ ڪنداسين. تنھن ڪري اھا ڳالھ پنھنجي طئي آھي تہ سوشلزم ھجي يا ڪجھ بہ ھجي،

"ہم سخن فہم ہیں، غالب کے طرفدار نہیں۔"

اسين سچ جا پانڌيئڙا آھيون. سچ سان وابستگي سپ کان پھرين آھي.

تمام گھٽا سال اڳ ھڪڙي بادشاھ چيو تہ "انصاف ٽيڙ ڪپي، پلي ڪٽي آسمان ڪري پوي" تنھن ڪري سچو ٽيڙ ڪپي. سائنسي ڳالھ ڇڪجي، ٻيا سڀ نتيجا حقير آھن. تنھن ڪري سوشلزم جيڪڏھن فيل ٿي آھي تہ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا واقعي سوشلزم فيل ٿي آھي؟ ٻيو سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا سرمائيداري واقعي ئي اسان جا مسئلا حل ڪري سگھي ٿي؟ اسان جي اڳيان جيڪي ثبوت آھن، ڇا انھن ثبوتن مان اھا ڳالھ ثابت ٿئي ٿي تہ سوشلزم قطعي ناڪام ٿي چڪو آھي؟ نمبر ٻيو تہ اسان سرمائيداريءَ جي باري ۾ جيڪي پڙھيو آھي ۽ جيڪو سرمائيداري آدرش آھي، ڇا اھو آدرش ھن وقت اسان جي مسئلن کي حل ڪري سگھي ٿو؟ ۽ اھو آدرش اسان لاءِ ميسر آھي؟ اھو آدرش اسان وٽ ڪم ڪندو؟ جيئن مارڪس چيو ھو 'قمب يزني.' ڇا اسان وٽ اھو 'قمب يزني' ڪم ڪندو؟ ان جي جاچ ڪرڻ جي ضرورت آھي.

آئون ھي چوڻ چاھيندس تہ سوشلزم جو تجربو قطعي فيل ڪونہ ٿيو آھي. دراصل اھو تجربو ايڏا ٿيو ئي ڪونھي. جن حالتن ۾ اھو

تجربو ٿيڻ کپي، اهي حالتون ته اڄان آيون ئي ڪونهن. سوشلزم جي باري ۾ مارڪس ۽ اينجلس چئي ويا آهن ته "نئون نظام پراڻي نظام جي گرڀ مان پيدا ٿيندو آهي. نظام کي پيٽ ٿيندو آهي. پهرين نظام ننڍڙو هوندو آهي، پوءِ وڌو ٿيندو آهي، جوان ٿيندو آهي، پوءِ هن کي حمل ٿيندو آهي. ان کان پوءِ جيڪو نظام ايندڙ آهي، اهو ان جي پيٽ ۾ پيدا ٿيندو آهي، سرجندو آهي، پوءِ جڏهن هُو مرڻ کي پهچندو آهي ته ان جي جاءِ تي هي نئون نظام قاتي ٻاهر ٽواچي." پوءِ جيئن ٻار جمي ٿو جيئن مائيءَ کي سور ٿا ٿين، تيئن نئين نظام کي به سور ٿيندا آهن، انهن کي توهان جنگ چئي سگهو ٿا، ان کي انقلاب چئي سگهو ٿا، فساد چئي سگهو ٿا، جيڪي وٽي سو چئو. ان کان پوءِ نئون نظام پيدا ٿيندو آهي، ته ڇا سرمائيداري نظام پوڙهو ٿي، پاڻ مان سوشلزم کي جنم ڏئي، ختم ٿيڻ تي آهي؟ جواب آهي ته نا. سرمائيداري نظام ته چگو ٻلو وينو آهي، پوڙهو ٿيو ئي ڪونهي! سرمائيداري نظام پنهنجي عروج تي پهچي، تيستائين سوشلزم جون قوتون ان مان وڌن ٻيون، جمن ٻيون. پر ڇا هڪڙي نظام جي جمڻ لاءِ ضروري آهي ته ٻيو نظام مري چڪو هجي؟ ٻين لفظن ۾ ته ڇا هن ڪائنات ۾، هن انساني سماج ۾، هڪڙي وقت تي فقط هڪڙو ئي نظام هوندو آهي؟ جواب آهي ته نا. پوڙهو به پيو تڳندو آهي، ان جي پاسي ۾ نئون به پيو وڌو ٿيندو آهي. دراصل ٻ- ٻ، ٽي- ٽي نظام يعني پوتو به جيئرو آهي، ان جو ڏاڏو به جيئرو آهي، ڏاڏهن ڏاڏهن پڑڏاڏو به جيئرو هوندو آهي. پاڻ وٽ هينئر پوتو به آهي، پيءُ به آهي، ڏاڏو به آهي ته پڑڏاڏو به آهي. پوتو سوشلزم، پيءُ مثال طور سرمائيداري، تنهن جو ڏاڏو جاگيرداري، تنهن جو پڑڏاڏو قبائلي نظام، تنهن جو پڑڏاڏو اوائلي ڪميونسٽ نظام، جيڪو اوهان هينئر ٽي- وين تي ڏسندا هوندؤ.

اڄان تائين هندوستان جي ٻيلن ۾ ماڻهو وينا آهن، جن لوهه ڏٺو ئي ڪونهي. انهن جون زالون گڏ آهن، سڀ گڏ ٿا شاديون ڪن. هينئر انهن وٽ ماڻهو ويا. "اسلام عليڪم، بابا! زالون؟" چي: "زالون سڀ اسان جون گڏ آهن." خير آهي، ماءُ وڏي وينِي آهي. اُتي اڄان تائين

مادري نظام آهي. ماڻهو چگا پلا وينا آهن. هيو ته نئون نظام هڪڙي ڏک سان ڪونه ٿيندو آهي. جيڪا به نئين شيءِ نهي ٿي، هڪڙي ڪوشش، ٻي ڪوشش، ٽئين ڪوشش، چوٿين ڪوشش، پنجين ڪوشش. توهان هن سڄي ڪائنات تي نظر ڊوڙايو. محمود غزنويءَ جي ڪاهن کان شروعات ڪريو. محمود غزنوي هندوستان فتح ڪرڻ لاءِ سترهن ڪاهون ڪيون ۽ سوشلزم کي قائم ڪرڻ لاءِ مڪيه ڪاهون گهٽيون ٿيون آهن؟ سوشلسٽ نظام قائم ڪرڻ جي پهرين ڪاهه ڪهڙي ٿي؟ ڪهڙي سال ۾ ٿي، ڪنهن ڪئي ۽ ڪهڙي شهر ۾ ڪئي ويئي؟ پهرين ڪاهه تڏهن ٿي، جڏهن 1827ع ۾ پئرس جي مزدورن بغاوت ڪري مزدورن جي حڪومت قائم ٿي ڪئي. اها تڏهن جي ڳالهه آهي، جڏهن نيپولين بوناپارٽ جي حڪومت جو تختو اونڌو ٿي ڇڪو هو. نيپولين ختم ٿي ڇڪو هو ۽ دنيا جي سمورن جاگيردار ملڪن فرانس جي مٿان زبردستيءَ جاگيرداري نظام مڙهي بادشاهت کي قائم ڪيو. سرمائيدارن چيو ته اسين سرمائيداري نظام ٽا قائم ڪريون. مزدور وچان پيدا ٿيا، تن چيو ته اسان کي مزدور حڪومت کپي. ساڳئي وقت تي ٻئي ٽيئي جاگيرداري قوتون، سرمائيداري قوتون به موجود هيون ۽ پاڻ وارا ڪامريڊ به اڳي ٻيهي رهيا، 16 هزار مزدور هئا. "بابا سوشلزم کپي، هي ته پراٽيون ڳالهيون پيا ڪريو!" ڪميونسٽ پڌرنامي کي لکئي ايڏا به سال مس ٿيا هئا. هنن چيو ته هينئر ئي ٽا ڪميونزم ناهيون. ڪميونسٽ پڌرنامو پڙهي هنن تي سال بغاوت ڪئي. "پئرس تي ٽا قبضو ڪريون!" ايڏا جاگيردار ۽ سرمائيدار پاڻ ۾ وڙهيا پئي، مزدورن چيو ته اسين ٽا پنهنجو قبضو ڪريون. پوءِ جاگيردارن پئرس جي شهر ۾ هزارين مزدور قتل ڪري ڇڏيا، هڪڙو ڪونه ڇڏيائون. اها پهرين ڪوشش هئي.

ٻي ڪوشش هئي پئرس ڪميون. پر ان دفعي به تمام گهٽن هنڌن تي بغاوتون ٿيون، هيڏ گري ۾، ويسٽرن يورپ ۾، مختلف شهرن ۾ بغاوتون ٿيون. 1848ع جون بغاوتون سڄي يورپ ۾ ڦريل هيون. ماڻهن هڪ ڏک سان سرمائيداري ٽي آندي. مزيدار ڳالهه اها آهي ته انهيءَ سال 1827ع ۾ جرمني ۾ سرمائيداري نظام ٽي قائم ڪيائون. هنن فرانس ۾ سوشلزم ٽي

آندي، اوپر يورپ جي ملڪن ۾ هنن سرمائيداري ٽي قائم ڪئي. ڪن ملڪن ۾ اها سرمائيداري اچي ويئي هئي، جيئن جرمنيءَ ۾ آئي، پر هينگري، رومانيا، بلغاريا ۾ اها سرمائيداري آٽڻ جي ڪوشش ناڪام ٿي. بادشاهه وري چڙهي ويهي رهيا، جاگيرداري نظام وري به قائم ٿي ويو. ماڻهن ڪوششون ڪيون، پر اهي ناڪام ٿيون، جيئن هاڻ سوشلزم قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون، اها ناڪام ٿي ويئي. سوشلسٽ نظام قائم ڪرڻ جي اها چوٽين ڪوشش هئي. ٻي ڪوشش پئرس ڪميون هئي، ٽئين ڪوشش 1905ع ۾ ناڪام ٿي. چوٽين ڪوشش آڪٽوبر وارو انقلاب آهي. توهان فيبروريءَ جي انقلاب جي ڳالهه چونٿا ڪريو؟ فيبروري انقلاب به سوشلسٽ انقلاب هو. جيتوڻيڪ ان جي قيادت مينشويڪن وٽ هئي. اها چوٽين ڪوشش هئي، پر ان ۾ بولشويڪن کان هوءَ پارٽي زور ٽي ويئي. انهن چيو ته اسين سوشلسٽ آهيون. اهي به سوشلسٽ هئا، انهن جي ليڊنگ به سوشلسٽن وٽ هئي ۽ اها چوٽين ڪوشش هئي. ساڳئي سال فيبروري ۾ ڪوشش ڪيائون، پر هو همراهه کٽي ويا. سترهين آڪٽوبر ۾ لينن وارا وري آيا.

چڱو، توهان کي اها خبر آهي ته سوويت يونين ڪيئن قائم ٿي، يا سوويت يونين ڪهڙي تاريخ قائم ٿي؟ هي جيڪي رياستون آهن، سي ڪهڙي تاريخ ڏيون؟ جواب آهي ته ڪنهن به هڪ تاريخ تي اهي سڀ ڏڻ ڪونه ٿيون هيون. هڪڙي سال ۾ هڪڙي رياست ڏڻ ٿي، ٻئي سال ٻي ٺهي، ٻئي مان ٽئين ٺهي، پوءِ ريشين ناهيائون. ايئن ننڍڙو ننڍڙو ٿي، ذرو ذرو ٿي رياستون ڏڻ ٿيون. هي چون ٿا ته رياستون ٽٽي ويون. بابا هي رياستون هڪ ئي وقت ڏڻ ٿي ڪونه ٿيون هيون. سوويت يونين هڪڙي ڏينهن ۾ قائم ئي ڪانه ٿي هئي، سوويت يونين مرحليوار ڪڏهن هڪڙي رياست ڏڻ ٿي. ڪڏهن ٻي ٿي، ڪڏهن ٽئين ٿي. چوٽين ٿي، نعرا پئي هٽيا، اهو تمام وڏو دؤر هو جو وڃي 1924ع تائين مڪمل ٿيو. سترهين کان ونٽي شروع ٿيا، ايئن ذرو ذرو ڪري، سِرَ سِرَ ڪري هي 1917ع ۾ انقلاب قائم ٿيو ۽ انقلاب اچي 1990ع ۾ ختم ٿيو يعني انقلاب هڪڙي سال قائم ٿيو، ٻئي سال ان ٽي حملو ٿيو، ان کي

ختم ڪيو ويو. جواب آهي ته اهو غلط آهي، ايئن هُيو ئي ڪونہ 1917ع ۾ شروع ٿيو. انهيءَ سال آڪٽوبر ۾ ئي بغاوت ٿي ۽ اها بغاوت مسلسل 1921ع تائين هلي. پهرين روس جي قوتن بغاوت ڪئي، پوءِ چوڌهن ملڪن حملو ڪيو. پوءِ جپان ان ۾ شامل ٿيو. جرمني به گڏ هو سيني گڏجي روس تي حملو ڪيو. پوءِ يوگوسلواڪيا جا قيدي جيڪي ريلن ۾ وينا هئا، انهن به بغاوت ڪئي، پوءِ ننڍين قومن بغاوت ڪئي، پوءِ پولن بغاوت ڪئي، پوءِ ترڪن بغاوت ڪئي. هڪ هڪ ماڻهو بغاوت ڪئي. بغاوتن جو هڪڙو سمنڊ اٿلي پيو. پوءِ انهن سان وڙهيا. پوءِ ڏڪار پئجي ويو. قهر جو ڏڪار جنهن ۾ ماڻهو ماڻهن کي کائيندا هئا، کاڌي لاءِ ڪجهه ڪونہ هو. پوءِ وري جنگ مڙهيائون. صبح بغاوت، شام بغاوت، رات بغاوت، ڏينهن بغاوت. چؤطرف واڳون هئا، جيڪي ڦري ويا. پوءِ انهن مان جند ڇڏايائون. پوءِ بک، ڏڪار پوءِ وري جناب هٽلر صاحب کي تيار ڪري، مددون ڏئي، اهو غندو ڏياري موڪليائون. ٻہ ڪروڙ ماڻهو مري ويا. پوءِ وري جرمنيءَ کي شڪست ڏنائون. هاڻ گهر وينا آهيون. روز ويلٽ جي سيڪريٽري لکيو آهي ته مون کي چيائون ته تون ٻڌائجان ته اسان ائٽم بم ٺاهيو آهي، متان سياڻي ڪو اسان کي ميار ڏئي ته اسان کي ٻڌايوَ ئي ڪونہ. تنهن ڪري تون استالن کي ٻڌاءِ. پر اهڙي نموني ٻڌائينس، جو سمجهي نہ. تنهن ڪري چيائين ته اسان ٻہ- ٽي ڇٽا گڏجي ويناسين ته ڪهڙن لفظن ۾ استالن کي اطلاع ڏيون جو استالن ٻڌي ۽ سمجهي نہ ۽ ميار ٻہ نہ ڏئي. پوءِ ويهي ٺاهيوسين ڊرافٽ. هڪڙو ڊرافٽ، ٻيو ڊرافٽ، ٽيون ڊرافٽ. جملو هڪڙو، پر ڪهڙو جملو چئون؟ پوءِ هن لکيو ته، مون استالن کي ٻڌائي ڇڏيو، پر ڪيس پتو ئي ڪونہ پيو. هن سمجهيو ته معمولي قسم جو بم ٺاهيو اٿن. وري جنرل زوڪوف چيو ته، هن ٻڌايو پر اسين ته اڳ ۾ ئي ائٽم بم ٺاهي رهيا هئاسين، تنهن ڪري استالن کي اسان چيو ته تون اهڙو مڪر ڪر جڙ ته توکي خبر ئي ڪونهي ته ائٽم بم ٽيندو ڇا آهي، سو استالن لنوائي ويو. چيائين ته استالن اسان جي هدايت تي اهڙي ڏيڪائي ڏني، جڙ ته ڪجهه ٽيو ئي ڪونا بهرحال، ائٽم بم، پوءِ

هائيڊروجن بم، پوءِ راڪيٽ، پوءِ جنگيون، پوءِ وري ملڪ آزاد ٿيا. ويٽنام جي جنگ جو خرچ، ڪوريا جي جنگ جو خرچ، ابيسينيا آزاد پئي ٿئي، موزمبيڪ، انگولا، رڳو خرچ، خرچ، خرچ.

هيو چيائون ته اسين آسماني ۽ خلائي هٿيار ٺا ناهيون. سرمائيدارن چيو ته هاڻ هنن کي خرچ ۾ وجهو ته کٽن. جنگ ۾ ته ڪونه ٽڪا. ڏکار ۾ به سوشلزم نه مئي، هٿيار به نوان ناهي ڇڏيائون، هاڻ هنن کي ڏوکڙن ۾ ڪتايون، ان ۾ ڪامريڊ پاڙي ٽيندا. واقعي ئي ڪامريڊ ڪُتي ويا. ڪامريڊ جنگ ته ڪري سگهن ٿا، بکون به ڪاتي سگهن ٿا، پيٽ به ٻڌن ٿا، ماني، ريلون بند ٿي ويون، ڪاڏو ڪتي ويو ڪامريڊ وڃن ڪيڏانهن؟ اڳيان هجي ڪو استالن جهڙو ماڻهو جو ڊسيپلين رکي. حالتون به اهڙيون هيون، انهن جو ڏوهه ڪونه هو. قربانيون ڏيئي ڏيئي صفا چتا ٿي پيا. هر شيءِ جي حد ٽيندي آهي.

ڪامريڊ مائوزيتنگ چيو آهي ته "ڪي ڪي وڏا انقلاب ان ڪري ناڪام ٽيندا آهن جو اهي بنيادي طرح صحيح نه هوندا آهن." مثال طور: ڪن ماڻهن چيو ته اسين همالياه جبل سر ٿا ڪريون، پوءِ اهي مري ويا، پوءِ ٻيا ماڻهو انهن تان ڪِليا. چيائون: "گڏهه جا قر هئا، بيوقوف هئا، هاڻ سائين همالياه جبل ٽو سر ٽئي!" پوءِ دنيا ڏٺو ته همالياه جبل سر ٽيڙ جهڙي جڳهه هئي، پر هنن جي قوت ڪٽي پئي، تجربو گهٽ هو باقي همالياه جي چوٽي ڪا اهڙي شيءِ ڪونه هئي جا سر نه ٽئي. سوشلزم ڪا اهڙي شيءِ ناهي جيڪا ڪامياب نه ٽئي. ٽيڙ جهڙي شيءِ آهي، پر قوتون ڪٽي پيون، مڙس طاقت ۽ پهچ ۾ جواب ڏيئي ويا. ستر سال وڙهيا، جاسوسيون ٽيون، اندر ماڻهو پرتي ڪيائون. سوشلزم جنهن قسم جو مواد ڪنيو اهو مواد ايڏو ناقص هو ايترو محدود هو جو آخري حدن تي ٽٽي پيو ماڻهو ٽٽي ويا.

سوشلزم جا پنهنجا فائدا به هئا ۽ ڪي حدون ۽ محدوديٽو به هو. لينن چيو آهي ته "روسين کي چئو ته ڪائنات فتح ڪرڻي آهي ته چوندا تيار آهيون ۽ جي چئو ته هي پنڪچر آهي، اهو ناهي وڻو ته چوندا، 'اهو اسان کي ڪونه ايندو!' 'يلا هي نٽ ڪري ويو آهي، اهو ناهيو،' چي: 'اهو اسان

کان ڪونہ ٿهندوا' 'ڪائنات تي حملو ڪرڻو آهي.' چوندا، 'هلوا' 'جبلن تي حملو ڪرڻو آهي.' چوندا، 'هلوا' 'هي لک ماڻهو هلي ماريون.' چوندا، 'هلوا' 'هيءَ نئين مشين ٺاهڻي آهي.' 'اها ڪونہ ٿهندي!'

روس ۾ ماڊرنائيزيشن ڪانہ هئي، روس تہ غلام ترين ملڪ هو، ٻوٽ ٻڌل ملڪ هو. روسي ماڻهن ۾ افيشنسي (لياقت) ڪانہ هئي. توهان روسي ناول پڙهيا آهن؟ انهن ۾ خود ڪلامي هئي، پاڻ سان هم ڪلامي، فلسفيانا ڳالهيون، بي وسيءَ جو احساس، ڪائنات جون خبرون، ٿڪي جو ڪم بہ ڪونہ ڪري سگهي، اهو ڇا آهي؟ سرمائيداري اتي آئي ڪونہ هئي، اتي فقط جاگيرداري موجود هئي، غلاميءَ جو دؤر هو. ماڻهن وٽ اختيار ئي ڪونہ هئا. ماڻهو پنهنجن پيرن تي بيٺل ئي ڪونہ هئا. ماڻهو رڳو ڳالهيون ڪندا هئا. تصور تمام شاداب ۽ زبردست هئا، پر ماڻهن ۾ افيشنسي (لياقت) ڪانہ هئي، پوءِ هنن کي ڏوڙايو ڏوڙايو ڏنڊي سان هلائين، پر ڏنڊي جي بہ حد آهي. جڏهن ماڻهن کي ڇڏيو ويو تہ ماڻهو ڦاڻءِ ٿي ڪري پيا.

قومون ڪو هڪڙي ڏينهن ۾ ٿورئي ٿهنديون آهن. منگول ڪيئن ٿهيا هئا؟ منگول جڏهن ٻارهين صديءَ ۾ آيا تہ انهن جو ڪنهن نالو ڪونہ ٻڌو هو. عربن ڪڏهن پنهنجي ملڪ تي بادشاهي بہ ڪانہ ڪئي، ڳوهون ڪائيندا هئا. فردوسيءَ جو مشهور شعر آئون هميشہ پڙهندو آهيان. فردوسيءَ چيو آهي تہ:

"اسان جا ابا ڏاڏا،
دنيا جي پهرين شهنشاهت جا وارث هئا،
عربن جا ماڻهو ڳوهن جو گوشت کائي،
۽ اُنين جو کير پي،
انهن جو مزاج ۽ دماغ
ايترو خراب ٿيو آهي،
جو ڪنعان ۽ ڪسرا جي
تختن جي آرزو ٿا ڪن.

اي آسمان، تُڪَ اٽئي!
اي آسمان، تُڪَ اٽئي!

ڪٿي ايراني، ڪٿي عرب ڳوهون ڪائيندڙ غلام!؟ پوءِ جڏهن عرب اُٽيا، انهن جي پرورش ٿي، صحرائن ۾ جنم ورتائون، تهذيب ۽ تمدن پچي هڪڙي حد تي پهتي، تہ هنن ۾ هڪڙو چال آيو. حالتون سازگار ٿيون، رومي سلطنت جهڪي ٿي، ايراني سلطنت کي زوال آيو. ان زماني جو دارا ٿيون هڪڙو پاڙيو شهنشاهہ هو جيڪو اڳوٽي شهنشاهہ کي ماري پوءِ آيو هو اهو پچي ويو. ڪرتس جي پهرين لڙائيءَ ۾ هي پهريون ايراني شهنشاهہ هو جيڪو جنگ مان پچي ويو. ٻئي پيري ۾ پچي ويو ٽئين پيري ۾ پچي ويو. ايراني تمام بهادر هئا.

جيئن نهائينءَ ۾ ماڻهو ڪا شيءِ پچائيندو آهي، تيئن قومون صدين تائين پچن ٿيون. روسي پڪل قوم هئي، اهي فساد ڪري سگهيا ٿي، قرباني ڪري سگهيا ٿي، تہ ڇا ايڊمنسٽريشن نٿي هلائي سگهيا؟

پروفيسر ايرڪ سپريم، هڪڙو ردي ماڻهو جيڪو عيسائي آهي، هڪڙي مسلمان ڇوڪريءَ سان عشق ٿيس، پوءِ مسلمان ٿيو. پوءِ وري ڪامريڊي ڇڏي وڃي پروفيسر ٿيو ان هڪڙو زبردست آرٽيڪل لکيو آهي. شايد مون وٽ ان جي ڪاپي ۾ هوندي. مون ڪنهن دوست کي چيو تہ ان جو ترجمو ڪر. دنيا ۾ منگولن کان پوءِ ٻيو نمبر وحشي قوت ڪهڙي هئي؟ ٻارهين صديءَ کان پوءِ جيڪو مادرن دؤر آهي، تنهن ۾ وڏي ۾ وڏي وحشي قوت ڪهڙي هئي؟ هڪڙا تہ منگول هئا، ٻيا هئا جرمن نازي وحشي. مارشل ڪيٽل جي آفيشل تقرير آهي تہ جرمني گهٽي پاپوليشن برداشت نٿي ڪري سگهي، تنهن ڪري يورپ جي ٻين ملڪن جي آبادي جرمنيءَ کان گهٽ هئڻ گهرجي، تنهن ڪري ٻين ملڪن کي بکون ماري، انهن جي آبادي گهٽ ڪرڻ کپي. ايترن ماڻهن کي جيئرو رکڻ ۾ اسين ڏڏل ناهيون ۽ جرمن جيڪو "Order of the Day" ڪڍيو هو، تنهن ۾ چيو ويو تہ روس کي شهرن جي ڪا ضرورت ڪانهي، روس شهرن کي ڇا ڪندو!؟ تنهن ڪري سڀ شهر، ماسڪو، لينن گراڊ ڊاهي، انهن کي ڳوناٽو علائقو ڪيو وڃي ۽ روسين

کي وڌيڪ پڙهائيءَ جي ۽ ضرورت ناهي، هنن کي رڳو ا ب ت، جوڙ ۽ ڪٽ سيکارڻ ڪپي، ته جيئن اهي اسان جا نوڪر ٿي پاٽي پاٽي پرين.

ايرڪ سپريم لکيو آهي ته، سوشلزم شڪست کاڌي، پر هن معجزا ڪيا. سپريم لکيو آهي ته، روس ۾ پهريون دفعو مڪمل روزگار ڏيڻ واري سوشلسٽ حڪومت هئي. روءِ زمين تي ڪڏهن ۽ ڪنهن حڪومت ماڻهن کي مڪمل روزگار نه ڏنو هن حڪومت مڪمل روزگار ڏنو Modernization ٿي. ماڊرن آرمي ۽ ماڊرن سلطنت هيتري عرصي ۾ ٿي نٿي سگهي، پر سوشلزم ڪئي. هيڏي وڏي قوت، جيڪا انگلينڊ ۽ فرانس جي شهنشاهتن کي لتن سان ڌڏي هلي ويئي، تنهن کي سوشلزم شڪست ڏني. روسي سڄي يورپ تي قبضو ڪري ويا، چيائون ته سائنس ۽ ٽيڪنالوجي ۾ ايشيا پوئتي آهي، ايشيائي ملڪ سائنس ۽ ٽيڪنالوجي ڪيئن استعمال ڪندا؟ هنن سائنس ۽ ٽيڪنالوجي کي پوئتي ڏڪي ڇڏيو. Inter Continental Ballistic Missile جي مقابلي ۾ آمريڪا ۽ يورپ جڙ ته راندڪا هڻا. اڄ ڏينهن تائين Ballistic Missile جي معاملي ۾ روس چوي ٿو ته آمريڪا ڪجهه ۽ ڪونهي. روس وٽ جيڪي راڪيٽ آهن، سي ته مريخ تائين پهچي سگهن ٿا. ڪامريڊ ڪٽي پيا آهن ته ٻي ڳالهه آهي، مشينري وڪٽي ٽپڙ تين وال پيا ڪن ته ٻي ڳالهه آهي، پر جيڪا مشينري ڪامريڊن ناهي آهي، تنهن جهڙي بهترين ٽيڪنالوجي پروفيسر ۽ نه ڪري سگهيا آهن.

نظام هڪڙي ڪوشش سان ڪونه ٺهندا آهن. هندوستان فتح ڪرڻ لاءِ بابر ڪئين زمانن کان حملا ڪندو رهيو. انگلينڊ 1857ع ۾ هندوستان تي قبضو ڪرڻ لاءِ ڪو پهريون حملو ڪيو هو چا؟ انگلينڊ ته سورهين صديءَ کان، جهانگير کان ۽ اڳي، اڪبر جي زماني کان وٽي هتي آيو. اڳي جڏهن ايلزبيٿ هئي، تڏهن پهرين ڪمپني ٺهي هئي. رڳو هندوستان جهڙي ننڍڙي ملڪ تي سرمائيداري قبضو ڪري، تنهن لاءِ صدين جون صديون لڳي ويون. انگلينڊ ۽ يورپ کي ڪلهوڙا پڃائي ڇڏيندا هئا. مير جڏهن ناراض ٿيو ته اوهان وارو دڪان آهي، نه ته نڪرو ٻاهر! انهن کي ڪڇ جو راڻو پڃائي ڇڏيندو هو. اهي پادر ڪائي، رلي،

پني. ڏکا جهلي هتي آيا. پوءِ ته ملڪ جا مالڪ ٿي ويا. اهو تاريخي داستان آهي. انگريز بهادر چين ۾ ويا هئا. پر انهن کي اتي اچڻ کونہ ڏنائون. وڏو داستان آهي. توهان کي پڙهڻ کپي.

سرمائيداري نظام گهڻيون ئي رڙيون ڪري. روئي روئي. شڪستون کائي. بيڙو تي. برا حال ڪِري. ذليل ۽ خوار تي. پوءِ دنيا تي چانئجي ويو. سوشلزم کي هن دنيا ۾ ڪامياب ٿيڻ کان پهرين شروعات هن ايري لڏي ڪري چڏي هئي. جڏهن ايان هنن جو تائيم ئي ڪونہ آيو هو. تڏهن کان وٺي مولائي لڳا پيا آهن. پهرئين ڏڪ سان ستر سال حڪومت ڪري ويا. ٻئي دفعي ڪجهہ ڏينهن حڪومت ڪيائون. ٽئين دفعي ستر ڏينهن حڪومت ڪيائون. پئرس ڪميون ۾ ٻاهتر ڏينهن اندر ملڪ جا مالڪ ٿي ويا. 1917ع ۾ آيا تہ ستر سال حڪومت ڪيائون. ٻاهتر سال اڳي جا آهن.

آئون هميشہ چوندو آهيان تہ انقلاب جا تختگاهہ بدلبا رهندا آهن. هن جديد دؤر ۾ انقلاب جو پهريون تختگاهہ انگلينڊ هو پر انگلينڊ کان بہ اڳ ۾ سرمائيداري اقتدار جو جيڪو پهريون عجيب غريب تختگاهہ هو سو هو هالينڊ. پهرين پهرين باقاعدي سرمائيدار حڪومت هالينڊ ۾ هئي ۽ جڏهن هالينڊ ۾ سرمائيداري باقاعدي پنهنجي عروج تي. استيٽ جي ليول تي آئي. تڏهن هالينڊ ڪالوني هو. ان وقت يورپ ۾ سپ کان سپر پاور اسپين هو. ڪولمبس. فرڊينن. ازابيلا. انهن جو ملڪ اسپين سپر پاور هو جنهن کان راڻي ايلزبيٿ ڏڪندي هئي. انگلينڊ رڳو ان ۾ هو تہ رات خير سان ڪيئن گذري. صبح ڪيئن ٿئي. انگلينڊ جي ملڪ اسپين کان ڏڪندي هئي. اسپين جي وات مان نڪتل پٽڪو يورپ ۾ ٽرٽلا وجهي چڏيندو هو. ان تي تمام سٺا ڪتاب لکيل آهن. جن مان هڪڙو ڪتاب "The Super Power of Middle Ages" آهي. ان کان پوءِ سرمائيدار انقلاب جو ٻيو مرڪز انگلينڊ هو. ٽيون مرڪز فرانس هو. چوٿون مرڪز آمريڪا هو. آمريڪا ۾ جيڪو بورجوا ڊيموڪريٽڪ انقلاب آندو ويو تنهن ۾ آمريڪا جي اندر هڪڙي وڏي مفت جي زمين. نوان ماڻهو. فيوڊل ازم

جي عدم موجودگي، Anti Colony Struggle، انهن شين سرمائيداريءَ
کي اهو فروغ ڏنو جو ان پوءِ جهل ئي ڪونہ ٿي ڏني ۽ اهي زنجيرون
ڪيڊي ڇڏيائين. اتي اها سرمائيداري آئي، جنهن سيني داستانن کي
بورو ڪري ڇڏيو. آمريڪا ۾ جهڙي سرمائيداري آئي، تهڙي دنيا ۾ آئي
ڪانہ. جاگيرداريءَ جو نالو نشان ڪونہ هو. هنن کي هڪڙو ڪنڊ مفت
۾ ملي ويو. سرمائيداريءَ جي تجربي لاءِ قدرت کين اهو ڪنڊ ڏيئي ڇڏيو
۽ ماڻهو سڀ ڏکويل، آزادي پسند، تن کي غلام ملي ويا، انهن کي
استعمال ڪيائون. 61_1860ع جي لڙائيءَ ۾ غلامي بہ ختم ڪري
ڇڏيائون. هاڻ سرمائيداري پوري طاقت سان هلي پيئي ۽ سرمائيداريءَ
سوشلزم کان بي پناهہ سکي. سرمائيداريءَ سوشلزم کان سکڻ جا وڏي
۾ وڏا تجربا آمريڪا ۾ ڪيا. شڪاگو جو ڪوس ڪٽي ٿيو؟ مزدورن
جي پهرين پهرين لڙائي ڪٽي ٿي؟ شڪاگو ۾. پهريان پهريان مزدور
ليڊر چارٽس تحريڪ 1830ع ۾ انگلينڊ ۾ ٿي.

اوهين جيڪڏهن حضرت عيسيٰ کان اڻ صديون اڳ جي دؤر جي
آمريڪين جا خيال پڙهندؤ تہ اوهين حيرت ۾ پئجي ويندؤ ۽ توهان کي
خبر پوندي تہ آمريڪا جي سرمائيداري ۽ سرمائيدار مفڪر چا ٿو
ڳالهائي؟ ان جا آئيڊيلس ۽ آدرش ڪهڙا آهن؟ بهرحال، تنهن کان پوءِ
ساسکو بغاوت جو مرڪز ٿيو. هاڻي دنيا ۾ انقلابي واڌاري جو مرڪز
چين آهي. اهو پهريون دفعو ايشيا ۾ ڦري آيو آهي. هڪڙو دؤر هو جڏهن
سڄي دنيا جي طاقتن جو مرڪز ايشيا ۾ هو. جيئن هاڻي ايشيا يورپ
جي تابع آهي، تيئن ايران هڪ اهڙو مرڪز هو جتان ويهي يورپ تي ۽
چين کنڊن تي حڪومت ٿيندي هئي ۽ ان جو هيڊ ڪوارٽر ايشيا ۾ هو
۽ ان شهر جو نالو آهي سوسا، ايران. دنيا جي پهرين سلطنت، پهرين
شهنشاهت، تن کنڊن تي حڪومت ڪندڙ منشي گهراڻي جي
شهنشاهت ايران_ اها پهرين سلطنت هئي، جنهن جي يونان تابع هو،
مصر جيڪو آفريڪا ۾ آهي سو تابع هو، جارجيہ تابع هئي، لٽويا تابع
هئي، روس جو ڏاکڻيون حصو تابع هو، ڪريڊ تابع هو، پونچ سمنڊ جو
ڪنارو تابع هو، هينگري ۽ يورپ جا ٻيا علاقا تابع هئا.

ان دؤر کان پوءِ پھريون دفعو وري بہ انقلابن جو نون خيالن جو مرڪز چين جو شھر پيڪنگ ٿيو آھي، جيڪو ايشيا ۾ آھي. مون اڳي بہ چيو ھو تہ روس وارو ھيڊ ڪوارٽر نہ ٻيھندو ھيڊ ڪوارٽر ڦرندو سو ڦري ويو. ھن کان پوءِ ٻئي ھنڌ ڦرندو. ممڪن آھي تہ ھندوستان ۾ اچي، پر في الحال تہ پيڪنگ ئي ويو آھي، ٻيو تہ ڪٿي بہ ڪونھي. روس تہ ٽٻڑ پورا ڪيا، يورپ تہ ڏاڙھي ڪوڙائي، نون خيالن جي لحاظ کان يورپ تہ ويھي رھيو. ھاڻي ھيڊ ڪوارٽر پيڪنگ آھي.

ھاڻي اچون ٿا ان ڳالھ تي، تہ سرمائيداري ڏسو تہ ڪيڏي زبردست آھي، پر ڇا سرمائيداري اسان جي مسئلن کي حل ڪري سگھي ٿي؟ جواب آھي تہ، نا! تنھن ڏينھن جرمن ... گوئٽي انسٽيٽيوٽ جو سيڪريٽري نوجوان آھي ۽ اھو وڏو ھڪڙو استاد ماڻھو آھي، پنھنجو يار آھي. اھو سدائين گھرائيندو آھي ۽ آئون ھميشہ ويندو آھيان. اھو وڏا وڏا مناظرا ڪرائيندو آھي. اڳي مناظرو ڪرايو ھئائين تہ سوشلزم جو مستقبل ڇا آھي؟ الاھي ماڻھو گڏ ٿياسين. دراب پٽيل ھو، ٻيا ھئا. سڀ خفتي خفتي گھرائيندو آھي. ھن ڀيري گھرايائين، ھڪڙو برلن يونيورسٽيءَ جو ماھر ھو، تنھن اقتصادي نظامن جي تبديليءَ تي زبردست ليڪچر ڏنو. مون جڏھن سوال ٿي پڇيو تہ چيائين، "پليجا صاحب! توھان جيڪي بہ زھريلا سوال پڇو سي پلي پڇو، پر سوال ھڪڙو پڇجو." مون جيڪو سوال پڇيومانس، اھو اوھان کي بہ ٻڌائيندس. ان ٻيون ڳالھيون تہ گھٽيون ڪيون، پر ھڪڙي ڳالھ ھيءَ ڪيائين تہ، "پنھنجي ملڪ جي ٽئين حصي کي، باقي ٻين ٻن حصن جي برابر ڪرڻ لاءِ جيترا پئسا پنجن سالن ۾ سڄي يورپ ۽ آمريڪا گڏجي ڏيڻ جي ملڪن کي امداد طور ڏنا آھن، تنھن کان ڇھوٽا پئسا اسان مشرقي جرمنيءَ کي ڏنا آھن تہ ھو اسان جي ليول تي اچي وڃن." وڌيڪ چيائين، "اسين ذري گھٽ ويھي رھيا آھيون، رڳو ھنن کي ليول تي آڻڻ لاءِ." ٻيو چيائين، "اسين ڪارخانا وڪڻون پيا. مشرقي جرمنيءَ ۾ جيڪي ڪارخانا ھئا، تن کي پرائيويٽ پيا ڪريون. اسين تمام آھستي آھستي ٽپڑ پيا وڪڻون. اڳھ وڌي ويا آھن. ماڻھو اسان جي

خلاف ٿي ويا آهن. سوشلزم تمام خراب شيءِ هئي، پر ان ۾ سستائي هئي ۽ سينڌي ماڻهن کي ڪجهه نه ڪجهه ملندو هو. هاڻ ڪجهه ماڻهن کي گهٽو ملي ٿو ڪجهه ماڻهن کي بنهه نٿو ملي. سوشلزم ۾ ڪي فائدا هئا، جيڪي اسين ڏيئي نه سگهياسين، تنهن ڪري اسان کي الاهي پئسا هنن کي رشوت طور ڏيڻا پوندا تہ جيئن ماڻهو ماٺ ڪن."

آئون لنڊن هئس، تنهن ڏينهن بي. بي. سيءَ تان ٻڌايائون تہ سوشلسٽ پولينڊ جو صحت جو نظام يورپ جو بهترين نظام هو جيئن سوشلزم ختم ٿي آهي تہ پوءِ ڏيکاريائون تہ ماڻهو پيا آهن، دوائون مهانگيون آهن، انجيڪشنون آهن ڪونہ، پئسو گم آهي. سوشلزم آهي ڪونہ. جيڪا ماڻهن کي ڏيندي هئي، غريب ماڻهو تباهہ ٿي ويو آهي. چيائين، "لاش پيا آهن، ڪجهه بہ ڪونہ ٿيو. ماڻهو مري ويا." ٻيو هن انڪشاف ڪيو تہ "جيڪي حڪومتون اوهين ڏسو پيا، هي سرمائيدار پارٽيون ڪٿي پيون وڃن، اهي سرمائيدار ڪونهن، اهي سوشلسٽ پارٽيون آهن، جن پنهنجا نالا بدلايا آهن ۽ تمام گهٽا ڪميونسٽ اليڪشن ۾ چونڊجيو اچن پيا." انهن جا مثال ٻڌايائين تہ فلاڻي جي آزاد جمهوري پارٽي، ان جو اڳوڻو نالو ڪميونسٽ پارٽي آف پولينڊ هو. ڪميونسٽ پارٽيون نالا بدلايو اهي ساڳيا اقتدار ۾ اچن پيا. ڪانئس پڇيو ويو "مشرقي يورپ کي اوهين يورپين ڪامن مارڪيٽ جو ميمبر ڪندؤ؟" چيائين، "نا" چيائين تہ، "جيڪي ماڻهو يورپ ۾ اچن ٿا، اسين ايترن ماڻهن کي ڪارائي نٿا سگهون." مون چيس، "پوءِ اوهان ماڻهن کي ڏٽا ڏنا تہ اسين ماڻهن کي ڪارائينداسين، شاهوڪار ڪنداسين، شاهوڪار تہ اوهين ڏهن ماڻهن کي ڪري سگهو ٿا، هن مخلوق کي ڇا ڏيندؤ؟" چيائين، "ڪونہ ٿيندو اهو وڏو مسئلو آهي. سوشلزم جو ڌهڙ سڀني ڳالهہ آهي، پر سوشلزم جي ڌهڙ کان پوءِ جيڪا قيمت اسان کي پرٽي پوندي، سا اسين نٿا پري سگهون."

آئون هي ٿو چوڻ چاهيان تہ سرمائيداريءَ جيڪو هوڪو ڏنو تہ اسان وڏا مسئلا ٿا حل ڪريون، سو تہ پنهنجي ملڪ يورپ، جيڪو سندس دادلو آهي، تنهن کي بہ پيرن تي نٿا بيهاري سگهن ۽ ٽوٽلي

سرمائيداري نظام ۾ ان کي آڻي سگھن ٿي نٿا. چيائين، "اھو نظام تبديل ڪنداسين." ايترا پئسا ڪٿان ايندا؟ ڪارخانا ڪير ونندو؟ "اسان وٽ پئسو ڪونھي، اسين ڪونہ ٿا ڏيئي سگھون."

ہم توڈوبے ہیں صنم، تم کو بھی لے ڈوبیں گے۔

پئسن جي چڪر ۾ سوشلزم ته ويھي رھي، پر آمريڪا ڏيوالي ۾ آھي. آمريڪا جي بجيٽ ۾ ڪوٽ آھي. آمريڪا سڄي دنيا کي چيو آھي ته بابا ڏوڪڙ ڏيو ته آئون فوج رکان، مون وٽ ايترو پئسو ڪونھي جو آئون فوج رکان، اوھين چندو ڪري مون کي ڏيو ته فوج ھلايان. اتان جي اخبارن لکيو آھي... پنھنجي خرچ تي ڪونہ ٿيندو خرچ ھو ڏيندا، ھي ڏنبو ڪٽندو، ھي پاڙي جو غنڊو ٿيندو، پئسا ونڻي غنڊاگردي ڪندو. ريگن جي زماني کان ونڻي آمريڪا جي بجيٽ ڪوٽ ۾ آھي ۽ ان کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ ھزار حيلا ڪري ٻينا آھن، پر اھي حيلا ڪامياب نٿا ٿين.

اڄ "سرواڻ" اخبار ۾ ھڪڙي احمق جو مضمون آھي، جنھن جون ھينگون پيون پون ته، "دنيا ۾ چؤطرف امن آھي، جمھوريت ٿي ويئي آھي، ماڻھو خوشحال ٿي ويا آھن، فقط سنڌ ۾ ظلم آھي!" اسين انگلينڊ ۾ ھئاسين، تڏھن ھڪڙي دوست رِيل ڏيکاري ته آمريڪا دنيا کي چوي ٿي ته پنھنجا ھٿيار ناھيو. آمريڪا پئسفڪ سمنڊ ۾ پنھنجو بحري ٻيڙو وڌائي رھي آھي، آمريڪا فوجون وڌائي رھي آھي، آمريڪا ائٽمي ھٿيار وڌائي رھي آھي. اڄ ھن اخبار ۾ پڙھيو، چيائين ته آمريڪا پئسفڪ سمنڊ ۾ جنگ جي جيڪا پاليسي اختيار ڪري ٿي، ان کي دنيا جي ايسٽ ويسٽ وار کان الڳ سمجھجي. ان جون ضرورتون جدا ۽ انفرادي آھن. معني ته دنيا ۾ جيڪو ... ٿيو آھي، جيڪو صلح ٿيو آھي، اھو صلح پلي ٿئي. اتي اسين پنھنجون فوجون وڌائينداسين. آمريڪا جمھوريت ڪئي آھي، پر سعودي عرب ۾ اھا ڪالھ غنڊاگردي ھوندي. عرب جي رياستن ۾ جمھوريت ڪانہ ايندي. سائوٿ آفريڪا ۾ جمھوريت ڪانہ ايندي. اتي اھي ويندا ھوندا. يعني، جتي جتي فاشي نظام آھن، انھن کي Touch نہ ڪبو. برما ۾ غنڊاگردي ڪريو بدمعاشيون

ڪريو. تنهن کي نوبل پرائيز ڏيو پر برما کي ڪن مان جهلي آمريڪا رڳو لوڏو ڏي ٿو. "پاڻيا! ڇا وينو ڪرين؟" ٿو هو بيهي سگهندو؟

آمريڪا جون اهي فلمون ڪٿي آهن، جيڪي ماسڪو ۾ روز ڏيکارييون هيون؟ ماسڪو ۾ اڄ هيئن ٿي ويو اڄ بغاوت ٿي وئي، اڄ فلاڻو ٿي ويو. اهي فلمون برما جي باري ۾ نٿا ڏيکارين؟ اهي فلمون سائوٿ آفريڪا جي باري ۾ نٿا ڏيکارين؟ اهي فلمون ڪوريا جي باري ۾ نٿا ڏيکارين؟ اهي فلمون سنگاپور جي ڊڪٽيٽري نظام جي باري ۾ نٿا ڏيکارين؟ هڪڙي پيري مزو ڪيائون، بي. بي. سي تان ڏيکاربائون. توهان کي خبر آهي ٿه هن شهرن جي وچ ۾ ڊاريڪٽلي ٽيليويزن ٿي سگهي ٿي، مثال طور: پاڻ هتان ويهون، روس جو ڪوبه شهر ان سان ڪٽي ملايون ٿه ٿي. وي ۾ پاڻ سان وينا ڳالهائيندا. انهن جي استوڊيو ۾ ماڻهو وينا هوندا، پنهنجي استوڊيو ۾ به ماڻهو وينا هوندا، پاڻ ٻيا هڪٻئي سان ڳالهائيندا سون. هڪڙي ڏينهن آئون انگلينڊ ۾ هئس، تڏهن ڇا ڪيائون جو ماسڪو ۽ لنڊن کي پاڻ ۾ ملايائون. ماسڪو ۾ هڪڙا ماڻهو وينا هئا ۽ ٻيا لنڊن ۾ وينا هئا. انهن جي وچ ۾ ڳالهيون هليون. هِنن کان سوال پڇيائون، پوءِ وري هُنن کان سوال پڇيائون. پوءِ هنن پاڻ ۾ ڊاريڪٽلي ڳالهايو. هِن ٿي ڳالهايو ٿه هُن ٿي جواب ڏنو. هُن ٿي ڳالهايو ٿه هِن ٿي جواب ڏنو. هِنن کان پڇيائون ٿه، "روس ۾ بغاوت ٿي آهي، ان جي باري ۾ توهان جو تاثر ڪهڙو آهي؟" ٿه انگلينڊ جي ماڻهوءَ چيو "توهان ڇا سوچيو؟" هن چيو ٿه، "مون سوچيو ٿه KGB ڪٽي آهي، ڪيڏانهن ويئي؟" هن جي چوڻ جو مطلب هو ٿه KGB جي توهان هيڏي پبلسٽي پئي ڪئي، KGB کي پتو ئي ڪونه پيو ٿه بغاوت پئي ٿئي. ٻيو چيائين، "گورباچوف کي پالڻ ۾ آمريڪا جي انٽيليجنس کي گهٽا ڏينهن لڳا آهن؟" اهو انگريزن پئي چيو ۽ روسين کان جڏهن سوال پڇيائون ٿه، "اوهان جي جدوجهد ۾ چون ٿا ٿه ٻيا ماڻهو شامل ڪونه هئا؟" چيائين، "ها، ٻيا ماڻهو ڪير ڪونه هئا، آئون هئس، منهنجا سنگتي هئا. اسان تي پٿر اڇلايائون، مون کي ڏڪ هنيائون. ٻيا شهر شامل ڪونه ٿيا. اسين رڳو اڪيلا وڙهياسين پئي، روس جا ماڻهو

آيا ئي ڪونہ! هن جيڪا ڳالھ ڪئي تہ ٻيا حرامي شامل ئي ڪونہ ٿيا، رڳو اسين پنج- ڏھ هزار ماڻھو هئاسين، سي گڏجي وياسين. پچيائينس، "اوهان ۾ ڪميونسٽ هئا؟" چي، "هئا ئي ڪونہ!" وري پچيائينس، "عام ماڻھو هئا؟" چي، "هئا ئي ڪونہ!"

اسان جا ماڻھو اڃ پڙهيل آهن، جيئن حسين بخش وارا هئا. گورباچوف جي غم ۾ اڻي بيهي رهيا. جناب خليل قاضي جھڙا اڻپڙهيل جت اچي گڏ ٿيا. ۽ ڪتابڙيون پڙهي انهن جتن هڪڙا فلسفا شروع ڪيا. اوهان ڏسو پيا تہ سائوڻ آفريڪا ۾ ڇا پيو ٿئي؟ سائوڻ آفريڪا ۾ ڪيترن سالن کان وڃي بلڪ اڃ صدي ٿي ويئي آهي، هڪڙو وحشي ترين فاشسٽ نظام آهي. ڪارن ماڻھن سان قهر ۽ غضب آهي. آمريڪا چوي ٿي تہ انهن تي پريشر ۽ نہ وجهو ان جو بائيڪاٽ ۽ نہ ڪريو. چوتہ ايئن ڪم خراب ٿيندو. گورباچوف هڪڙي ڏينهن ۾ رومانيا کي ڪلٽي ڪري ڇڏيو. سڄي يورپ کي ڪلٽي ڪري ڇڏيائين، روس کي ۽ ڪلٽي ڪري ڇڏيائين. توهان کي خبر آهي تہ گورباچوف جيڪو صدر هو سو ڪهڙي حساب سان صدر هو؟ ڪهڙي سال ۾ ڪهڙي اليڪشن ٿي، جنهن ۾ گورباچوف صدر چونڊيو ويو؟ گورباچوف Elected ماڻھو ڪونہ هو. گورباچوف جي ڪابہ اليڪشن ڪانہ هئي. هاڻي مزو هي ٿيو تہ جيڪو ماڻھو ڊاريڪٽلي چونڊيو ئي ڪونہ ۽ جنهن پارٽيءَ جي نمائندي طور صدر ٿيو. تنهن پارٽيءَ کي خنجر هڻي ختم ڪري، پاڻ صدر ٿيو ويٺو هو. ويجهڙائيءَ وارين ڪيترين ئي صدين ۾ ڪڏهن ۽ ايئن ڪونہ ٿيو آهي تہ هڪ پارٽيءَ جو اڳواڻ پنهنجي پارٽيءَ کي ختم ڪري، ان جي خلاف ٿي، پاڻ وري صدر ٿيو ويٺو هجي.

آئون چوڻ هي ٿو چاهيان تہ ايسٽرن يورپ ۾ جيڪو Process هو اهو ڪئين سالن تائين هلي سگهيو ٿي. جيڪڏهن ان کي سڌارٽو هو تہ ۽ ڪم ٿيڻا هئا، پهريون تہ چين وارو طريقو اختيار ڪرڻو هو. چين ۾ جيڪا انڊير نگري ۽ پسماندگي هئي، تنهن کي دور ڪرڻ لاءِ چينين جيڪو ڪم ڪيو اهو روسين ۽ نہ ڪيو. ڊينگ زيائو پينگ اهڙو ڪهڙو ڪم ڪيو جو گورباچوف ۽ نہ ڪيو ۽ جنهن جي ڪري تباهي

ٿي ۽ سڄو نظام تباهه ٿي ويو؟ چڱو هن کان اڳ ۾ پاڻ هي سوال ٿا پڇون ته روس ۾ ته جيڪي تباهيون آيون، تن جون مکيه ڪارڻ ڪهڙو هو؟ مکيه ڪارڻ جيڪو ٻڌايو به ويو ۽ جيڪو قابل قبول به آهي. روس جيڪو ويهي رهيو اهو ڇو؟ تنهن جو مکيه ڪارڻ ڪهڙو هو؟ اهو سياسي هو. فوجي هو. نفسياتي هو يا اقتصادي هو؟ جواب آهي ته اقتصادي هو. ڊينگ زيائو پينگ جيڪو اقتصادي نظام قائم ڪيو. چينين ان جو آفيشنل نالو رکيو آهي: "Planed Market Economy."

سوشلزم جي اقتصادي نظام جي پيڙهه جو پٿر آهي Planning (رٿابندي) ۽ سرمائيداريءَ جو آهي مارڪيٽ اڪانامي. هن انهن ٻنهي کي گڏيو. سرمائيدار ملڪن ۾ هڪڙي ليول تي تمام وڏي Planning ڪئي، پر اهي چون ڪونه ٿا. اها ايتري Developed ڪونهي ۽ انهن کي اهڙي ضرورت به ڪانهي، تنهن ڪري Plan کي هو Loose ۾ رکي سگهن ٿا. هتي تمام Height ليول جي Planning جي ضرورت هئي، تنهن ڪري هنن Planed Economy (رٿابند معيشت) رائج ڪئي. چينين اقتصادي ميدان ۾ ٻيو ڪهڙو اهم قدم کنيو؟ جيڪو سنگِ ميل آهي، جنهن معاملي کي اڳتي ڪيو؟ چين ڪهڙا قدم کنيا؟ هن هڪڙو نئون تجربو ڪيو اهو هي ته Free Economic Zones قائم ڪيائون. "بابا هي علائقو آهي، اتي جنهن کي وٽي اهو اچي ڪارخانا قائم ڪري ٻئي هنڌ نه رڳو ان هنڌ. جنهن کي کپي سو پلي اچي سرمائيداري رائج ڪري" ان جا رولس ۽ ريگيوليشن هئا، ڪنٽرول هو پر بنيادي طرح سرمائيداري نظام هو. ٻيو ته زراعت ۾ ماڻهن کي وڏو ڪيائون. ويٽنام به ان مان فائدو وٺي ٿو.

اڳي Economic تي تمام گهٽي Concentration (توجهه) هئي. هنن هڪڙي نئين ڳالهه ڪئي. منظم طرح پوئتي هٽيا. سائنسدان ماڻهن کي پوئتي هٽڻ ۾ عيب ڪهڙو؟ مارڪسي ماڻهوءَ کي شرم ڪهڙو؟ سچ کان شرم ڪهڙو؟ جنهن کي سچ کان شرم آهي، اهو ڪوڙو ماڻهو آهي. هنن ڏٺو ته ڏنڊو نٿو هلي، تنهن ڪري پوئتي هٽيا. اڳي مائوزيتنگ جو وڏو زور هو ته جتي گهٽي Concentration ٿيندي، اتي پيداوار گهٽي ٿيندي. سرمائيداري به ايئن آهي، جتي وڏو ڪارخانو هوندو، اتي مال سستو

ٿيندو. زراعت ۾ به هنن سمجهيو ته جيئن زميندارين وڏيڪ هوندي، گهٽا ماڻهو گڏ هوندا. تيئن شيون سستيون پونديون ۽ پيداوار وڏيڪ ٿيندي. تجربي ڏيکاريو ته ماڻهو پوئتي پيل هئا ۽ انهن جون پيداوار ڪرڻ جون عادتون پسمانده هيون، تنهن ڪري چيائون ته زراعت ۾ اهو ڏنڊو نه هلندو. پوءِ هزارين ايڪڙن جون گڏيل زميندارين ٽوڙي ڇڏيائون. ڊينگ زيائو پينگ چيو ته قرض به ڏبو پر ننڍا ڪيت هجن. يعني جنهن کي جيتري وٽي اوتري زمين وٺي، پلي وڃي زميندار ٿئي. سرمائيداري صفا زور نه ٿي وڃي، تنهن کي روڪڻ لاءِ هنن جيڪو طريقو اختيار ڪيو اهو آهي ته زمين فرد جي نه هوندي، زمين فيملي جي هوندي. سڄي فيملي جي زميندار هوندي. اهو سسٽم ويٽنام وارن جاري ڪيو.

آئون بئنڪاڪ ۾ هئس، اتي مظاهرو ٿيو. ويٽنام جي ماڻهن زراعت تي پنهنجي ٽيسز پيش ڪئي. اها ڳالهه پيش ڪئي ته اسين هي نظام ٽا قائم ڪريون، ته هن اقتصادي نظام کي درست ڪري ورتو، ڪجهه ڪنٽرول ڪيائين، بهتر بڻايائين ۽ سماجي نظام کي ڏر ڏنائين. هن چا ڪيو جو زراعتي نظام کان سواءِ ٻئي ڪنهن به نظام کي تبديل ڪونه ڪيائين. پريس ڪولي ڇڏيائين. پريسن جي مٿان رجعت پرست قابض ٿي ويا. سڀ ٽي. ويون انهن جي حوالي، هينان جنهن شيءِ جي شڪايت هئي ته ابا بيماري ڪانهي، بيماري ته اتي ڇڏيائون، رڳو ماڻهن کي اجازت ڏنائين ته اوهين وجهو پٽڪو گهوڙا گهوڙا ڪريو ته ماڻهو ٽومري. سڀ ٽپڙ پورا ٿي ويا. سڀ پيا گهوڙا گهوڙا ڪن، تنقيد ڪن. رڳو هئي تنقيد، علاج ڪجهه ڪونه هو. نتيجو اهو نڪتو جو سڀ ٽپڙ پورا ٿي ويا.

آمريڪا به سائوٿ آفريڪا جي باري ۾ چوي ٿي ته پاڻ کي تبديل ڪريو ڪويت کي به ايئن چوي ٿي، پر انهيءَ جي اندران ويٺي گهٽون هٽي ته هيئن ڪريوا جيئن پاڪستان کي پئي چوي، توهان کي به چوي ٿي ته سڌروا ملٽري گهٽ ڪريو. فلاٽو ڪريو. پر آهستي آهستي پاڪستان کي ڪيرائڻ واري ڳالهه ڪانه ٿي ڪري. جيڪا گورباچوف ڪئي هئي. آمريڪا ان سان وڙهي به ٿي، پر پردي ۾ چوي ٿي، "فوج گهٽايو. شين جا اگهه وڌايو. مهانگائي ڪريو. غريب ٽورو

وٽن، شاهوڪار وڏيڪ وٽن. شاهوڪارن کي وڏيڪ پرافٽ ٿئي، ڪارخانن جا اڳهه وڏيڪ ڪريو. مزدورن کي موچڑا هڻو!" مطلب تہ، انهن کي ڪيئن شاهوڪار ڪجي. هن هٿ وٺي مشرقي يورپ کي ڀاهي، ميدان ڪري، ڪميونسٽ پارٽيءَ کي بہ ختم ڪري، هاڻ نہ جو پٽ پاڻ فرسٽ ڪلاس ٽيو وينو آهي. هن شيءِ تي جيئن جيئن اوهين غور ڪندؤ توهان ڏسندؤ تہ هڪڙي تمام پيانڪ قسم جي جلدبازي ۽ لاپرواهيءَ کان ڪم ورتو ويو.

گورباچوف تمام گهڻو وقت اڳي جڏهن مارگيٽ ٿيچر سان ملڻ لنڊن ويو هو تڏهن مارگيٽ ٿيچر هن لاءِ چيو هو تہ "هي اهڙو ماڻهو آهي جنهن سان توهان ڪاروبار ڏنڈي جي ڳالهه ڪري سگهو ٿا." مارگيٽ ٿيچر جو مٿس جيڪو اعتماد هو، واقعي هن پاڻ کي ان جي لائق ثابت ڪيو يعني سرمائيداري وڏي شان شوڪت سان آندائين، تنهن هن کي تباهه ڪري ڇڏيو. جي سڏو سرمائيداري آڻي ها تہ مخالفت ٿئي ها. لينن جو مقبرو ڀاهي ڇڏيائون، ان تي ماٺ ڪيو وينو هو. پارٽيءَ کي بچائڻ، انقلاب بچائڻ، سڏارا آڻڻ، ڪجهه دير ڪرڻ، ڪجهه ٽائيم ڏيڻ، ان جي لاءِ تيار ناهي، تنهن ڪري هي پنڌ جي گهتيل آهي.

روس جو سمورو اثر رسوخ، روس جي رياست جا سمورا وسيلا، روس جي KGB، انهن سيني کي ڪتب آڻي، Planed نموني سان سوشلزم جو تڏو سڄي يورپ مان پٽائڻ جو سهرو جناب ميخائيل گورباچوف جي سر تي آهي. جيئن ڪنهن ماڻهوءَ کي قتل ڪري، هنڊ ۾ وجهي دفن ڪرائجي ۽ پچاڙيءَ جو قاتل کي بہ ماري ڇڏجي. يعني ڪميونسٽ پارٽيءَ کي استعمال ڪيائين ۽ پوءِ ان کي بہ قتل ڪرائي، ان کي سيل مهر ڪرائي، پاڻ شينهن ٽيو نر جو پٽ ٽيو وينو آهي.

روس کي تہ هنن ختم ڪري ڇڏيو پر هاڻ جيڪا صورتحال آهي، تنهن کي منهن ڪيئن ڏجي؟ جڏهن آمريڪا جا نمائندا آيا هئا، هيومن رائيٽس جون بہ عورتون ۽ هيومن رائيٽس سان واسطو رکندڙ آمريڪي سفارتخاني جو هڪ ماڻهو اهي ٽيئي جنهن دعوت ۾ آيا هئا، ان ۾ آئون بہ هئس. پاڪستان جا مختلف ماڻهو هئا. اتي سنڌياڻي

تحريڪ جي ڳالهه نڪتي تہ ان کي خراج تحسين ڏجي، هيئن ڪجي، هونئن ڪجي وغيره. پوءِ مون جرمن کان هڪڙو سوال پڇيو. "ان ڳالهه جي ڪهڙي ضمانت آهي تہ اوهان کي هيءَ جيڪا بي پناهه قوت ملي آهي، تنهن جي مدد سان اوهين ۽ آمريڪا وارا گڏجي وري بہ ارڙهين صديءَ وارو دؤر شروع ڪندا تہ ماڻهن تي پستول ڪٽي بيهندا، جپان کي چوندا تہ دروازا کول نہ تہ آئون توتي حملو ٿو ڪريان. چين کي چوندا تہ هي رستو مون کي ڏيو نہ تہ آئون اوهان کي موچڑا ٿو هڻان. اهو جيڪو ڪم اوهين ارڙهين صديءَ ۾ ڪندا هئا، دنيا ۾ اوهين داداگيري ۽ غنڊاگردي ڪندا هئا، هاڻ جڏهن روس ويو هليو. تڏهن ڪهڙي شيءِ آهي ۽ جڏهن هاڻي يورپ ۽ آمريڪا گڏيا آهن، انساني تاريخ ۾ پهريون پيرو هڪڙي سچي پچي آمريڪي- يورپي عالمي سلطنت ٺهي آهي، ان کي ڪهڙي ڳالهه ان کان روڪيندي تہ پي سڄي دنيا کي نپوڙي، ان جي مٿان ڏنڊو ڪٽي، ان کي موچڑا هڻي، سيني رياستن جون رياستي آزاديون ختم ڪري، پوءِ انهن کي جوڙپور جي مهاراجا ۽ ڪ ڇ جي راجائن جي حيثيت ڏئي، نالي ۾ هيڏين توبن جي سلامي، هٿيار پيا آهن، والا پيا آهن، مهاراجا اچي پيو پاور ريزيڊنٽ جي تابع آهن، سڄي دنيا کي Reduce ڪري، هڪڙي آمريڪين- يورپين سلطنت جي تابع ڪرڻ ۾ رڪاوٽ ڪهڙي آهي؟" صفا هڏي ويو. چيائين، "اسين پاڻ غريب آهيون، اسين جرمن پاڻ ۾ وڙهيل آهيون، يورپي پاڻ ۾ وڙهيل آهيون، اسين پاڻ ۾ نهون ڪونہ ٿا. حالتون خراب آهن." پر جيڪا اصل ڳالهه هئي، اها ڳالهه ڪرڻ لاءِ هو تيار ڪونہ هو.

پوءِ مون هيومن رائيٽس واري هڪ عورت کان پڇيو تہ، "سنڊياٽي تحريڪ جي ڳالهه تہ پيئي ٿيندي، پر مون کي ٻڌاءِ تہ آمريڪا ۾ آمريڪي ماڻهن جي جمهوري آزادين کي ختم ڪري، انساني حقن کي مانو ڪري، آمريڪا جي روايتن کي پوئتي ڌڪي، 1950ع جي ڏهاڪي ۾ Un- American جي نالي ۾ ميڪ آرٿر جو جيڪو دؤر هو جنهن ۾ هرهڪ ماڻهو جنهن انساني حقن جي ڳالهه ٿي ڪئي، تنهن کي چيائون ٿي تہ تون ڪميونسٽ آهين ۽ تنهنجون حرڪتون آمريڪا دشمن

آهن. اهو ڏهن سالن جو دؤر هو جنهن ۾ ڪيڙ ڪاٽ ۾ وجهي چڏيائون. اهو دؤر اڇڻ ۽ آمريڪا ۾ فاشست نظام قائم ٿيڻ جا ڪهڙا امڪان آهن؟" پوءِ مون هن کي سمجهايو ته، "هر دؤر ۾ جڏهن ريپبلڪن پارٽي آمريڪا ۾ قبول ناهي ۽ ڊيموڪريٽڪ پارٽي مڪر ۽ منافقيءَ سان جمهوريت جي ڳالهه ڪندي آهي، پر غريب ماڻهن جي ڳالهه ٻه ڪندي آهي، هينئر جيڪي سيٽون ريپبلڪن پارٽي کٽيون آهن، اها ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ کي اڇڻ ڇو ڏئي؟ ۽ هيءَ جيڪي ايريون سيريون ڳالهيون پئي ڪري، هن ريگن جي دؤر کان پوءِ غريباڻيون ڳالهيون بند ڪري چڏيون. ريگن چيو ته هٿيار ناهيو ۽ هارن جو ڪير بند ڪري چڏيو. پوڙهن کي جيڪي ڊبل ٽيل آهن، تن کي بند ڪري چڏيو." چيائين، "ها، ايئن آهي." مون چيو "هي دؤر ايئن وڏندو. سپريم ڪورٽ ۾ جيڪي نوان جج پرتي ڪيا ويا آهن، سي رجعت پرست آهن. ايئن جيڪڏهن سپريم ڪورٽ ۾ تي جج وڌيڪ ٿيا ته اوهان وٽ اها هئي جيڪا پهرين ڏينهن ۾ هئي، جيڪو 1871ع ۾ سپريم ڪورٽ اعلان ڪيو ته غلامي آمريڪا جي آئين مطابق آهي. اها هڪڙي جسٽس جي ججمينٽ آهي ته غلامي انساني حقن جي خلاف ناهي." مون چيو ته، "اوهان وٽ ان جسٽس جهڙا ماڻهو پيدا ٿيندا. سپريم ڪورٽ انهن جي حوالي پيئي ٿئي. آمريڪي لا (American Law) ۾ جوابدار کي پنهنجي صفائيءَ جا حق مليل آهن، اهي گهٽ ڪيا ويا آهن، جا اهي فاشزم جي نشاندهي نٿا ڪن؟" هن چيو ته، "ايئن برابر آهي." تمام مايوس ۽ بلڪل اداس ٿي ويئي. سندس عمر ٽيهه ڪن سال هئي.

مون کي بئنڪاڪ ۾ پي هڪڙي عورت گڏي، جيڪا ڪوئڪر هئي. ڪوئڪر صوفي قسم جا ماڻهو هوندا آهن. مون کي چيائين ته، "هل ته پاڻ آئيس ڪريم ونون." پوڙهي مائي هئي. مون پڇيس ته، "آمريڪا جو ڪهڙو حال آهي؟" چيائين ته، "خراب آهي." مون پڇيس، "ڪيئن؟" چيائين ته، "ريگن ته هنن جو دلال هو غريب جو يار هو جنهن کي هنن پرتي ڪيو هو ۽ ان کان اهي ڪم ڪرايائون پئي. هي بش وڏي خاندان جو فرزند ارجمند آهي، هي ته خود سرمائيدار ۽

سي- آءِ- اي جو ماڻهو آهي. هي ته پينگ ڪري ڇڏيندو." اها ٻه مهينا اڳ جي ڳالهه آهي. جڏهن آئون ويٽنام پئي ويس. پچاڙيءَ جو مون کي چيائين ته، "ڏهن سالن کان پوءِ جيڪڏهن آمريڪا ۾ آزاديون هونديون ته آئون وري ايندیس ۽ تنهنجي پچا ڪنديس. پر جيڪڏهن اسان جي متان فلم وڏائون ته آئون ڪاڻ ايندیس. سمجهي ويجانءِ." مون چيس ته، "هن حڪومت ۾ آمريڪا ۾ فاشزم اسري رهي آهي. ڏسجي ته اها فاشزم ٽي اڳتي نڪريو وڃي يا آمريڪا جي حقن لاءِ وڙهندڙ ماڻهو اڳتي ٽا نڪريو وڃن؟ انهن جي وچ ۾ Race آهي." چيائين. "ها، جيڪڏهن ان Race ۾ اسين ڪتي وياسين ته آئون وري ايندیس."

آمريڪا ۾ وڏو ٽڪر ٽيڙ وارو آهي. يورپ ۾ به ٽيڙ وارو آهي. توهان کي خبر آهي ته هيءَ جيڪا جرمني گڏي آهي، ان سان يورپ کي ڪيڏو خطرو آهي. مائي ٽيچر ته رڙيون پيئي ڪري ته هن کي گڏ نه ڪريو! جرمني جي گڏجي ويئي ته هي پاور هي ملڪيتون، هي ٽپڙ- جرمنيءَ کي ته ڪڏهن قيامت تائين ايترا پاور هٿ ئي ڪونا! جرمني ته مادرن ڪاڻ هئي. توهان کي خبر آهي ته جرمن يورپ جا وحشي هئا. توهان هنن جا مضمون پڙهو، نتشي کي پڙهو، رگو وحشت! انهن جو هر فلسفي وحشي. "طاقت! طاقت! طاقت!" هينئر توهان برلن ۾ ٻيندوءِ گاڏيءَ ۾ چڙهندوءِ ته عورتون توهان کي جاءِ ڪونه ڏينديون. اتي پوليس وارا مون کي اچي پهتا. مون پچا ڪئي ته هي ڪير هئا؟ چيائون ته هي تو وارا ڪامريڊ هئا. مشرقي جرمنيءَ جي پوليس هئي.

برلن ۾ پنهنجو دوست رهندو آهي، جيڪب آباد جو هندو آهي. جرمن مائيءَ سان شادي ڪيو ويٺو آهي. مون کي پنهنجي گهر وڃي ويو. ان مائيءَ سان ڳالهيون ٻولهيون ٿيون. چيائين ته، "اسين جرمن حرامي آهيون. اسان جي ڳالهين تي متان لڳين! سيني آفيسن ۾ نازي وينا آهن. حڪومت نازي پيا هلائين. منهنجو مڙس هندو آهي، عقل ڪونهيس، چوي ٿو ته سڀ جرمن اشراف ٽي ويا آهن. اهي اشراف ڪونهن، وڏا حرامي آهن. اسين صدين کان پوءِ وري ورنداسين."

گاڏيءَ ۾ پئرس کان برلن پئي آيس، ڪو Reservation جو چڪر

هو. مون کي هڪ نوجوان مليو جيڪو انگريزي سکي رهيو هو. مون ان کي انگريزيءَ ۾ چيو ته سيٽ وٽي ڏي. چيائين ته. "گارڊ کي بيئر پيار پاڻهي سيٽ ڏيئي ڇڏيندو. پئسن جي ضرورت ناهي." مون چيو هتي به اهو ڏنڏو هلي پيو. شڪر الحمدالله! ههڙا جي ڪم ٿين، پوءِ ته مزا آهن. پوءِ گهبرائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي! جرمن جي شهر برلن ۾ به اهي وينا بيئر پيئن، پوءِ انهن کي ڏاڍا بيئر بيئر پياريا سون. اسان کي ويهاري ڇڏيائون. پوءِ گارڊن سان ڪچهريون ڪيونسين. سو آئون ته هميشه جيڪي پيا ملن، تن سان ڪچهريون پيو ڪندو آهيان. مون ان نوجوان سان به ڪچهري ڪئي. مون چيس، "هاڻي دنيا ۾ امن ٿيندو سپ پائر آهن. دنيا ڏاڍي بدلجي ويئي آهي، نسلن جا رنگ بدلجي وبا. هاڻي امن قائم ٿيندو." چيائين، "ايجا هڪڙي نندڙي سُهڻي جنگ ٿيندي" مون چيو "چا ٿو چوين؟" چيائين، "تلافيءَ خاطر هڪ نندڙي ۽ سهڻي جنگ ضرور ٿيندي" هڻي هڻي آئون ڇتو ٿي پيس، پر هو ان ڳالهه تان ڪونه لٿو. اهو ويهن سالن جو چوڪرو هو جنهن جا خيال روشن هئا. پهريان ته جرمني ... هئي، هاڻ سپ ٽپڙ هنن وٽ. انگلينڊ هنن جي اڳيان پينگيو ملڪ آهي. آمريڪا ته ڪٽل ملڪ آهي. ڏوڪڙ ۽ مال جرمنيءَ وٽ آهن، ان وٽ طاقت به آهي ۽ خرچ به انهن جو گهٽ آهي. هٿيار به نوان اٽن. ائٽم بم جا به تجربا ڪريو وينا آهن. هينئر مال آهي جپان وٽ، پيو جرمنيءَ وٽ. جرمني ايري پيو ۽ جرمني آمريڪا سان Compete ڪرڻ چاهي ٿي. جرمني، انگلينڊ کي ڏسڻ ٿي چاهي. جرمني، فرانس مان بيزار آهي.

هڪ پيري آئون برلن کان ماسڪو پئي ويس، پراگ ۾ آيس پئي. منهنجي پاسي ۾ هڪڙي جپاني ڇوڪري اچي ويني. ڳالهين تان ڳالهيون ڪندي مون کانئس پڇيو. "جپان جي ڏي خبر؟" چيائين، "اسين غريب آهيون." مون چيو "ڪيترا غريب آهيو؟" چي: "الاهي غريب آهيون." مون چيو "غريب نه هجو ته پوءِ چا ڪريو؟" چيائين، "آمريڪين کي موچڑا هڻون!"

وري منيلا وياسين. جپانين جا لشڪر اچي وينا. هڪ همراهه

اچي منهنجي پاسي ۾ ويٺو. منهنجي اڳيان ٻٽاڪ هنيائين ته، "آئون پشاور مان ٿي آيو آهيان!" مون چيو. هي اسان تي رعب پيو رکي، سو مون وري چيومانس ته، "جپان جي صورتحال ڪيئن آهي؟ توهان هاڻ سپر پاور ڪڏهن ٿا ٿيو؟" چيائين، "نو نو..." مون چيو ته، "اڪنامڪ سپر پاور ته توهان آهيو." چيائين، "ڪجهه ماڻهو ايئن چون ٿا." مون چيو، "جيڪي اڪنامڪ سپر پاور ٿيندا آهن، تن کي ملٽري سپر پاور ٿيڻ کان سواءِ چاڙهو ئي نه هوندو آهي. را مٽيريل ڪٽان آڻيندؤ؟ ماڻهن کي موچڙا هڻي ونندؤ." سڄي ڳالهه ڪيم. تڏهن کلي پيو. مون چيو، "پوءِ ڪهڙو خيال آهي؟ توهان جي سپر پاور ٿيڻ ۾ رڪاوٽ ڪهڙي آهي؟" چيائين، "آمريڪا."

هينئر مضمون پڙهيم جيڪو هڪ آمريڪيءَ لکيو آهي. چيائين: "جپاني حرامي آهن. هنن جي اندر آمريڪا جي خلاف هڪڙي وڏي نفرت جي مهم پئي هلي. اهي چون ٿا ته اسان آمريڪا جا گهٽا نخرا سٺا آهن، پر آمريڪا هينئر پوئتي پيل آهي. ان جون مشينون ڪنيون آهن. هنن کي مشين ٺاهڻ نٿي اچي. جپان جي سامهون ايڏي ٽڳ ڪري ڳالهائين ٿا. جن کي پنهنجي اڪنامي هلائڻ نٿي اچي." منهنجو ته اندر ٺري پيو ته هڪڙي ايشيائي ملڪ ڳالهه ڪئي ته آمريڪا وارا جڏا آهن. جن کي مشينون ٺاهڻ نٿيون اچن. چيائين ته، "انهن کي اقتصادي نظام هلائڻ ڪونه اچي، سندن بجيٽ ڪوٽ ۾ هي جاهل ماڻهو آهن."

هي مون کي يادگيري پيئي جڏهن چينين انگلينڊ جي سفير کي خط لکيو ته، "اوهين اڃ سڏريل، پوئتي پيل آهيو. اوهان جو ملڪ ڪٽل آهي. اوهان کي جرئت ڪيئن ٿي جو شهنشاهه جي سرزمين ۾ قدم رکو ٿا ۽ چؤ ٿا ته اوهين اسان لاءِ مال کڻي آيا آهيو؟ اوهان جي اڃ سڏريل ملڪ ۾ ڪو اهڙو مال هوندو ڇا، جو چين جي شهنشاهت جي ملڪ ۾ رهندڙ ماڻهن جي ڪتب اچي سگهي؟" ته چيائون، "اسين پيڪنگ اچون؟" چيائون ته، "بابا هي تهذيب ۽ تمدن جو شهر آهي. توهان جهنگلي ماڻهو شهر ۾ ايندا ته ماڻهو اوهان تي کلندا، ڳوٺ هليا ويجو! او هُتي ڪٿنئين ۾ وينا هجو اتي ڇڳا آهيو."

۽ واقعي به چين ان وقت الائي ڪهڙين بلندين تي هو. هي بلڪل ڇڏ هئا. وري هي جو پڙهيم ته منهنجو اندر نري پيو. مون چيو. واهه ڙي نر جا پٽا هڪڙو ته گهٽ ۾ گهٽ اهڙو آهي. چيني به ايئن ڪن ٿا، جپان وارا چون ٿا ته اسان جي مٿان هاڻ ٽيڪنالوجي آهي. آمريڪا کي به ٻوتون تمام وڏو چئلينج ڪرڻ واريون آهن: هڪڙو جپان، پيو جرمني. جرمني جنگ ڪرڻ چاهي ٿي. تنهن ڪري سڀ جرمن سمجهن ٿا ته يورپ کي خطرو آهي ۽ مون کي پروفيسر چيو ته. "خبر اٿئي، هنن جو آخري آرامگاهه ۽ اميد ڇا آهي؟ بچاءَ جو آسرو ڪهڙو آهي؟" جيائون. "اهو روس آهي. روس سلامت رکڻ کپي. اهو ٽڪرا ٽڪرا نه ٽيئي. روس طاقتور هجي ته جرمن کي موچڑا هٽي." چيائين. "جرمن طاقتور ٽيندا آهن. اهي سوشلزم ٻوشلزم واريون ڳالهيون پراڻيون ٿي ويون آهن. هينئر يورپ خطري ۾ آهي." جرمنيءَ کي ڪيئن چئجي ته تون طاقتور نه ٿيءُ؟ طاقتور ته ٿي رهيو آهي. خطرو ته وڌي ويو آهي. هيترا جرمن گڏ ٿي وبا آهن. هيڏا خوفناڪ آهن. هيتريون جنگيون ڪريو وينا آهن. هن ڀيري هنن مان جيڪو هٿلر اٿندو تنهن کي ٻيو ڪير ڪونه ٻڃندو. تنهن کي روس سنپالينڈو تنهن ڪري جيڪو اسين خيال ٿا ڪريون ته "سوشلزم ڇلا گيا، فلانا آگيا هي." هي جيڪو بڪواس وينا ڪن. هتي جا ڪالم نگار جاهل ۽ جٿوڙ آهن. پاڪستان جٿوڙ ۽ جاهلن جو ملڪ آهي. ڪوڙيون چوپڙيون پڙهندا.

ٽيڪنالوجي جي خيال کان هڪڙو نئون دؤر پيو اچي. نمودري پد جو ڪتاب آهي. "هندوستان جي جنگ ۽ جدوجهدِ آزادي" تنهن ۾ هن لکيو آهي ته. "1857ع ۾ هندوستانين هارايو ۽ انگريزن کٽيو. ان جو سبب هي هو ته هندوستانين هڪڙو پراڻو مدي خارج قبائلي ۽ جاگيرداري نظام سرمائيداري جي مقابلي ۾ وري بحال ڪرڻ ٿي گهريو. پر انهن کي شڪست ملي ۽ ان جنگ ۾ بابو جيڪو هو مڊل ڪلاس جو. بنگال جو ۽ مدراس جو سو انگريزن پاران وڙهيو. ان چيو ته اسان کي بادشاهه بادشاهه. مرهٽا سردار هردار. مغل شهنشاهه. اسان کي نه کپن. سرسيد احمد خان مسلمانن ۾ مڊل ڪلاس جو هو. تنهن وري هندو مڊل

ڪلاس راجا رام موهن راءِ وارا پهريان سڌارڪ هئا... اهي سڄا لڏا انگريزن جي پاسي هئا، هنن جي پاسي ڪونہ هئا، يعني پاڻ جن کي غدار چئون ٿا، اهي غدار جيڪي انگلينڊ جي پاسي هئا، انهن ڇيو تہ انگلينڊ کي ڏسيو. جيڪي پراٽي زماني جا علمبردار هئا، اهي ساڻن وڙهيا. اهي ڦٻي ڪونہ سگهيا، ڇاڪاڻ تہ انهن هڪڙي پراٽي مردار نظام کي جيئارڻ گهريو ٿي. بي طاقت، بي سهارا ۽ مقابلي ۾ نہ ايندڙ نظام جي زور تي ان کي بحال ڪري هن نئين نظام انگريزن کي ڏسڻ چاهيو ٿي. اهي فيل ٿي ويا. ان نظام جي جنگ ۽ ويڙهہ ۾ جيڪي غدار هئا، سي وري ٿيا نوان هندو راجا رام موهن راءِ، سر سيد ۽ ٻيا ماڻهو. انهن ماڻهن اچي نيون قوتون پيدا ڪيون. اهي اچي انگريزي سکيا، انگريزي قانون پڙهيا، ٽيڪنالاجي هٿ ڪيائون، غدار ٿيا، غدار ٿي فوج ۾ پرتي ٿيا، وڙهيا، يروشلم ۾ ويا، جرمنن سان وڙهيا، ٽيڪنالاجي سکي اهڙي طاقت ۾ آيا جو انگريزن کي چيائون تہ، ڀڄا! هاڻ گهر وڃو!"

آئون چوڻ هي ٿو چاهيان تہ روسي ويچارا پوئتي پيل هئا. زارشاهي ان ۾ گڏيل هئي. سوشلزم ويئي تہ گهٽو زور زارشاهي تي ڏنو ويو. پراٽا عقل، پراٽا ذريعا، پراٽا درويش هئا. هن آمريڪي نظام کي مارائيندو. جيڪي ماڻهو اڄ جا غدار آهن ۽ سياڻي جا باغي آهن، يعني جيڪي هن سرمائيداري عالمي نظام ۾ ايندا، ايشيا، آفريڪا ۾ بہ دلال قوتون آهن، غدار قوتون آهن، جيڪي چون ٿا تہ سوشلزم جون پراٽيون ڳالهيون ڇڏيو. سوشلزم ۾ ڇاهي؟ ڪجهہ ئي ڪونہ ٽيندو. اسين جمهوريت چاهيون ٿا، اسين آمريڪي آزادي چاهيون ٿا، اسين هيومن رائيٽس چاهيون ٿا، اسين حق چاهيون ٿا، اسين سرمائيداري نظام چاهيون ٿا. اهي قوتون جڏهن روءِ زمين تي گڏبيون تہ انهن جو جرمنيءَ سان ٽڪر ٽيندو، جپان ۽ آمريڪا سان ٽڪر ٽيندو. مثال طور: سنگاپور جو ماڻهو هنن سان وڙهندو، جپان جيڪو هنن جو ايجنٽ آهي، جيڪو سرمائيدار آهي، سو تہ وڙهي ڇاڪي ٿو. جڏهن سرمائيدار، سرمائيدار سان وڙهندو، تڏهن ان جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيندو. سڄي يورپ تي جڏهن هي سرمائيداري نظام آڻيندا، پراٽو نظام Efficient

ڪندا، Unefficent نظام کي رد ڪندا. پوءِ پهريون دفعو ورلڊ مارڪيٽ نهندي، جيئن انگلينڊ ۾ جڏهن هندوستان پهريون دفعو گڏ ٿيو تڏهن اها قوت ٿي جنهن انگريزن کي باهر ڪڍيو. پهرين هنن هندوستان کي سڌاريو. ريلون، ڪارون، ماڊرنائيزيشن ڪري، هندوستان جي قوتن کي ان پوزيشن ۾ آندائون جو هو سچ پچ ان ڳالهه جي لائق ٻڌجي پيا تہ انگريزن سان وڙهبو. پر گانڌي تہ انگلينڊ مان پڙهي آيو هو. جواهر لال نهرو تہ اتان ٿي آيو هو. سياش چندر بوس تہ انگلينڊ ۽ جرمني مان ٿي آيو هو. ماڊرن، ماڊرن، ماڊرن! انگريزن جي سهاري سان، انگريزن جي شاگرديءَ ۾، انگريزن جي اڳيان هٿ ٻڌي، انگريزن جي مدرسي ۾ پڙهي جيڪي قوتون تيار ٿيون سي هنن جا پيءُ هئا. اهي سڀ ٽيڪنالاجي سکيل هئا، تيئن هاڻي جيڪو آمريڪا ۽ سرمائيدار نظام سان مقابلو ڪندو سو سيڪنڊ ورلڊ، ٽرڊ ورلڊ جون اهي قوتون پلس يورپ جون جمهوري قوتون، پلس آمريڪا جي اندر جيڪي محروم طبقا آهن، جيڪي هاڻي چون پيا تہ بابا روس تہ ويو هليو سرد جنگ تہ ويئي هلي، هاڻ هٿيارن جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ هاڻي اسڪولن ۾ پڙهائي ڇو نٿا ڪريو؟ هاڻي دوائون مهانگيون ڇو آهن؟ هاڻي غريبن لاءِ مفت دوائن جو انتظام ڇو نٿا ڪريو؟ سڄي اکنامڪ تي پريشر پوندو. اهي جيڪي ڄاڻو آهن، يورپ جا، ايشيا جا، آفريڪا جا، آفريڪا ۾ بک ڇا آهي؟ اڄي تہ چيائون تہ سوشلزم گندي آهي، ماڻهن کي نٿي کارائي، پر سرمائيداري ڇو نٿي کارائي سگهي؟ اسين سڀ سرمائيدار آهيون، سرمائيداريءَ جا ماڻهو آهيون. اسين سڀ توهان جا تابعدار آهيون، توهان جي رعيت آهيون، سوشلزم کي باهه ڏي، روس کي تباهه ڪر، چين نہ ڪپي، توهان جا ماڻهو آهيون، کارايو ڇو نٿا؟ ۽ سوشلزم جي مقابلي ۾ سرمائيداري Efficient نظام آهي، ان جي Efficiency کي ڇا ٿيو آهي؟ ڏيکاريو نہ! هي ڪونہ ڏيکارينداً، تنهن ڪري هڪڙي تمام وڏي لڙائي، اربيلا جي جنگ جيڪا سڪندر ۽ يونانين ۽ ايرانين جي وچ ۾ ٿي، اهڙي اربيلا جي جنگ، دين بين ڦو جي جنگ، اهڙي استالن گراڊ جي لڙائي، هڪڙي وڏي ۾ وڏي لڙائي هنن ٻن نظامن جي وچ ۾

ٿيٽي آهي، هن سرمائيدار نظام جي اندر ٿيٽي آهي. سرمائيداري ۽ سوشلزم جي وچ ۾ جيڪي باقيات آهن، اهي چين، ويٽنام، ڪوريا ۽ خود روس جي اندر وڌهندا. توهان ڏٺو ته روس ۾ لينن جي مقبري کي ڪيڏ چاهين ٿا ۽ برلن جي اندر به لينن جي مقبري جي خلاف ماٺهن اتي مظاهرا ڪيا آهن. مايون لنيون ڪٽيو بينيون آهن. ان تي مارڪس ڳالهايو آهي، ته هر انقلاب يا هر تحريڪ پنهنجي وت کان وڌيڪ وڄي ڪمزور ٿيندي آهي. ماٺهو پائين ٿا ته هيءَ شيءِ جتي پهتي آهي، واقعي ئي هن جي پهچ ايتري هئي. حقيقت ۾ اها پهچ اوستائين نه هوندي آهي. هر شيءِ پنهنجي وت کان وڌيڪ مارو ڪندي آهي، پوءِ وري ان کي پوئتي هنڌو پوندو آهي، تيئن انقلاب به پنهنجي وت کان وڌيڪ مارو ڪيو ۽ وڃي انگولا کان موزمبيق تي پهتو هاڻي پوئتي هنيو آهي. ايترو پوئتي هنيو آهي جو نالو نشان ڪونهيس. ماٺهو پائين ٿا ته جيترو پوئتي هنيو آهي ته واقعي ئي ان کي ايترو پوئتي موڙڻ جي مجبوري آهي، ايئن ناهي. جيترو انقلابي تحريڪ پوئتي موڙي آهي، اوترو هن کي موڙڻ جي ضرورت ڪانهي. ان کي ٽورو وري اڳتي وڌڻ ڪپي. تمام گهڻيون قوتون، جيڪي هاڻي Resist ڪنديون، جڏهن گورباچوف وارو دؤر ختم ٿيندو ۽ ماٺهو اگهاڙا ٿيندا، تڏهن بيون ستل قوتون هاڻي ايندیون.

(ڪارڪنن کي ڏنل ليڪچر)

آمريڪي ۽ يورپي شهنشاهيت دنيا کي وري فتح ڪري رهي آهي

اڄ کان گهڻا سال اڳ جي ڳالهه آهي، بهار جي موسم پنهنجي اوج تي هئي، منهنجي هٿ ۾ هڪڙي ڳري بيگ ۽ ڪلهي تي ٿيلهو لٽڪي رهيو هو. سج نڪرڻ وارو هو. آءٌ تيز تيز هلندو پيرس کان ريل گاڏي ۾ سوار ٿيس. آءٌ تمام گهڻي وقت کان پوءِ ريل گاڏي ۾ سفر ڪري رهيو هئس ريل گاڏي به عجيب شيءِ آهي. هڪ بلبل هزار داستان جيان هر مسافر کي الڳ الڳ ٻوليون ۽ داستان ٻڌائي ٿي ۽ سڀ کان گهڻيون ڳالهيون ريل کان جيل ۽ جيل کان ريل وڃڻ وارن مسافرن کي ٻڌائي ٿي. پيپلز پارٽي ۽ جنرل ضياءَ جي مارشل لا وارن ڏينهن ۾ ساڙيندڙ گرمي ۽ سخت سردين ۾، سنڌي وڏيرا شاهي ۽ لانگ بوٽن جي عتاب جو شڪار اسان ڪاري ٽوپي وارن خطرناڪ قيدين لاءِ پرمسرت تجربو هوندو هو ڇو ته اسان لاءِ ريل گاڏي صرف ريل گاڏي نه هئي پر هڪ اهڙي مهربان ۽ شفيق هستي هئي جيڪا قيدين کي جڙ هٿ مان وڃي جبر ۽ ڏاريائي جي جهنم مان ڪڍي ڪجهه گهڙين جي مختصر آزادي ۽ پنهنجائپ جي جنت تائين پهچائيندي هئي. ان زماني ۾ ريل گاڏي جو سفر منهنجي لاءِ سڀ کان وڌيڪ پسنديده سفر هو.

مون ٽرين کان ٻاهر نظر وڌي ته ايئن لڳو جڙ ڪنهن سينيما هال ۾ اڇي وينو آهيان ۽ دري کان ٻاهر مختلف بدلجندڙ اسٽيشن تي هڪ ئي وقت ڪيتريون رومانوي فلمون گڏ هلي رهيون آهن. مون کي لڳو ته هي منظر مون اڳ به ڏٺا آهن. هڪ دفعو نه سؤ دفعا. دنيا جي عظيم ترين شاهڪار ناولن جي صفحن ۾. اهي ئي ساوا ساوا وڻ، ننڍا ننڍا پاٽي جا چشما، نه ڪٽندڙ سرسبز ۽ خوبصورتي جا سوين دلفريب نظارا هئا. ريل گاڏي جنهن علائقي مان گذري رهي هئي، ان جي قدم قدم تي هزارين سالن جي تاريخ جي رنگين ۽ نرالن ڪردارن جا خاموش پڙاڏا ٻڌڻ ۾ آيا ٿي ۽ انهن جي ڪارنامن جون يادگارون اڃي رهيون هيون.

اسين شارليمن، جون آف آرڪ، روسو، بالزاڪ، والٽيئر، ڊانٽن رابسپيئر، نپولين، "ٻن شهرن جي ڪهاڻي" مادام بوواري، "بي باڪ ڪهاڻيون"، جي سر زمين تان گذري رهيا هئاسين. آءٌ پيرس مان ٽرين ۾ سوار ٿيو هئس ۽ اوپر طرف برلن وڃي رهيو هئس. تاريخ جي ڏنڊلي پاڇي ۾ هلندي نه ڇاڻ ڪنهن مهل ڪنهن ڇيو ته "جرمني اچي ويو." مون غور سان ٻاهر ڏٺو ها! منظر ڪجهه بدليل هو. منجهند ٽيڙ واري هئي. آ جرمني جي متعلق سوچڻ لڳس، جيڪو عظيم مذهبي اڳواڻ مارٽن لوٿر عظيم موسيقار بيٿوون، عظيم خيال پرست فلسفي هيگل، انقلابي عالمن دانائن مارڪس ۽ اينجلس، جابر حاڪمن، فولادي شهزادي بسمارڪ شهنشاهه فريڊرڪ اعظم ۽ خوني درندي هٽلر جهڙن ماڻهن جو وطن هو.

مون سان گڏ ويٺل نهايت خوبصورت نوجوان خبر ناهي ڇا پڇيو پوليءَ نه انگريزي هئي نه فرينچ، مون اندازو لڳايو ته جرمن هوندي، مون انگريزي ۾ ڇيو ته "معاف ڪجو! مون کي جرمن پولي ڪانه ٿي اچي." هن ڇيو "توهان کي انگريزي اچي ٿي" مون هاڪار ۾ ڪنڊ ڏوڙيو. اسان هڪ ٻئي سان پنهنجو تعارف ڪرايو. هو تمام سٺي انگريزي ڳالهائي رهيو هو مون ڪائنس سندس، سندس خاندان ۽ ملڪ جي حالتن بابت سوال ڪيا هو ڏاڍوخوش هو. هن جي محبوبه هن کي اسٽيشن تي وٺڻ لاءِ اچڻ واري هئي. هن کي سٺو روزگار هو. هن کي پنهنجي والد جي فرم جو نمائندو ٿي انگلينڊ وڃڻو هو. ان لاءِ انگريزي سکي رهيو هو. سياست جون ڳالهيون ٿيون ته اندازو ٿيو ته هو ڏهين ۽ باخبر آهي. ڳالهين ڳالهين ۾ مون ڪيس ڇيو ته "توهان جرمني يورپي تاريخ جا ظالم ڪردار به آهيو ته مظلوم به توهان تي رومي سلطنت کي تباهه ڪرڻ جو الزام آهي، يورپ ۾ مذهبي جنگين ۾ توهان جو مرڪزي ڪردار آهي. يورپي طاقتون توهان کان ڊڄن ٿيون، پر انهن کي جڏهن به موقعو ملندو آهي توهان جي ملڪ جا ٽڪر ٽڪرا ڪري ٿيون ڇڏين. هٽلر ۽ نازين توهان کي سڄي دنيا ۾ بدناه ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي شڪر آهي امن ٿي ويو آهي ۽سڀ جهيڑا ختم ٿي ويا ۽ هاڻ توهان صحيح ٿي ويا آهيو. هاڻي بس رڳو خيال رکجو ته وري ڪا جنگ نه ٿئي. "امن آهي ته سڀ ڪجهه آهي." هن بي صبري سان ڇيو ته "هڪ منٽ! امن ٿيندو پر ڪجهه دير کان پوءِ."

مون ڇيو ته "ڪڏهن؟"

هن چيو "هڪڙي وڏيڪ جنگ کان پوءِ!"

مون حيران ٿي هن جي منهن ۾ ڏٺو. هو بلڪل سنجيده هو ۽ چيائين ته "مون کي توهان جي جذبن جي خبر آهي ۽ ان جي لاءِ احترام آهي پر هڪڙي وڏيڪ جنگ ته ٿيڻي آهي."

"چو؟" مون سوال ڪيو.

"جرمني سان ٿيل تاريخي زيادتين جي تلافي جي لاءِ." هن چيو. "توهان وري ٽين جنگ عظيم جي باهه ٻرڪائيندؤ؟" مون سوال ڪيو. "جنگ عظيم نه پر هڪ ننڍڙي سني خوبصورت جنگ. جرمن قوم سان انصاف ڪرڻ واري پياري پياري جنگ." هن چيو. مون کي ايئن لڳو ته مون سان گڏ ويٺل جاندار انسان نه پر هڪڙو درندو آهي. پاڻ جهڙن انسانن تي حملو ڪري، انهن کي ۽ انهن جي ٻارن ٻچن کي جهلي غلام بنائڻ، انهن جي گهرن، مال متاع، ٻنين ۽ انهن جي علائقن ۽ ملڪن تي قبضو ڪرڻ ۽ اهڙي طرح وڏيون حڪومتون، سلطنتون ۽ شهنشاهتون قائم ڪري مٽ جيترن ماڻهن کي عيش ڪرائڻ ۽ ٻين لکين ڪروڙين انسانن کي جانورن جهڙي زندگي گذارڻ تي مجبور ڪرڻ انساني تاريخ جي طاقتور ماڻهن، گروهن، طبقن ۽ قومن جو پراڻو ڏنڈو رهيو آهي. پنهنجي شڪار تي بي خبري ۾ حملو ڪرڻ ۽ آخري دم تائين ان کي خوش فهمي ۽ غفلت ۾ رکڻ صرف جرمنين ۽ جاپانين جو ئي نه، تمام حملي آورن ۽ غلام بنائيندڙن جو پراڻو دستور رهيو آهي. جنهن جي نشاندهي چيني سن زو هندستاني چاڻڪيه ۽ يورپي ميڪاولي جهڙن عالمي تاريخي سطح جي سياسي ۽ فوجي ماهرن بخوبي ڪري ڇڏي آهي.

جهڙي طرح دنيا جون پهريون حڪومتون ايشيا ۾ عراق، مصر ۽ چين جهڙن علائقن ۾ قائم ٿيون. اهڙي طرح دنيا جي پهرين شهنشاهيت به ايشيا ۾ ئي پيدا ٿي. ان ايراني شهنشاهيت جو باني سائرس اعظم هو. ان شهنشاهيت جو نه صرف ايران تي تسلط هو نه صرف موجوده پاڪستان جهڙن ڪئين ايران جي ٻاڻيسري علائقن ۽ ملڪن تي قبضو هو پر ان جو سڪو يورپ ۽ آفريڪا جي يونان ۽ مصر جهڙن ملڪن تي به هلندو هو. اهڙي طرح ايراني شهنشاهيت بين البراعظمي شهنشاهيت هئي ۽ دنيا جي چئن براعظمن تي ڇانيل هئي.

ان کان پوءِ دنيا ۾ ڪيئن براعظمي شهنشاهيتون پيدا ٿيون. مثلا: رومي شهنشاهيت، عربن جي شهنشاهيت ۽ ترڪن جي شهنشاهيت.

اڄ کان تقريبن ساڍا پنج سؤ سال اڳ جڏهن سلطان محمد فاتح جي قيادت ۾ 29 مئي 1453ع تي ترڪن ايشيا ۽ يورپ کي ملائڻ واري مشهور ۽ معروف شاهراه ريشم جي آخري منزل يعني باسفورس جي پاڻي واري رستي تي قائم شهر قسطنطنيه تي قبضو ڪري ورتو ۽ اهڙي طرح يورپ ۽ ايشيا جو واپاري رشتو ٽٽي ويو ته جاگيرداري جي ڪڪ مان پيدا ٿيندڙ يورپي سرمائيدار کي شديد پر في الواقع خطرناڪ ڏڪ لڳو. يورپ ان وقت ايشيا جي مقابلي ۾ مالي طور تي تمام غريب ۽ مسڪين هو پر ان جي اندر ايرندڙ نئين ۽ برتر سماجي نظام يعني سرمائيداري يوناني ۽ رومي تهذيبي اساس تي نئين سڃاڻي جي ڪئين هڪ ٻئي مٿان علمي، ادبي، ثقافتي، فڪري، سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي لهرن يورپ جو رنگ ئي بدلائي ڇڏيو ۽ ان کي سياسي، اقتصادي ۽ فوجي ميدانن ۾ وڏا وڏا ٽپا ڏيئي ايشيا کان اڳيان نڪري وڃڻ ۽ اڳتي هلي ان کي پنهنجو محڪوم ۽ غلام بنائڻ لاءِ تيار ڪري ڇڏيو هو.

يورپ پرتگال جي قيادت ۾ يورپ کان ايشيا وڃڻ لاءِ شاهراه ريشم جي زميني رستن جي متبادل ساموندي رستو ڳولهي ڪڍڻ جي مهم شروع ڪري ڇڏي. اهڙي طرح يورپ ۾ اهو دور شروع ٿيو جنهن کي تاريخ ۾ نون رستن ۽ علائقن جي تلاش جو دور چيو ويو آهي. شاهراه ريشم کي بند ڪري ڇڏڻ کي ايڏا 40 سال ئي گذريا هئا جو 12 آڪٽوبر 1492ع تي ڪولمبس آمريڪا دريافت ڪيو ۽ وينگليگ جي بيٽ تي وارد ٿيو. ان واقعي کي ڇهه سال ٽپا هئا جو اوير ۾ پرتگالي امير البحر واسڪو ڊي گاما 20 مئي 1498ع تي هندستان جي اتر ۾ مالابار جي ساموندي شهر ڪالي ڪٽ پهچي ويو.

اهڙي طرح وڏي تيزي سان ايشيا، آفريقا، آمريڪا جا رستا تلاش ڪيا ويا، جنهن سان انهن ڪنڊن جي ماڻهن ۽ علائقن کي محڪوم ۽ غلام بنائڻ جو اهڙو سلسلو شروع ڪيو ويو جيڪو ڇهن پنجن صدين تائين جاري رهيو. هڪٻئي پٺيان پورچوگال، اسپين، فرانس، هالينڊ ۽ برطانيه ايشيا، آمريڪا ۽ آفريقا ڪنڊن جي وڏن علائقن تي پنهنجون شهنشاهيتون

قائم ڪري چڏيون. دنيا کي غلام بنائڻ جي هن عمل ۾ به يورپ جي قيادت پورچوگال ڪئي پر جلد ئي ان جو اوپريون پاڙيسري اسپين هن کان اڳتي نڪري ويو. 17هين صدي جي وچ تائين اسپين يورپ جو سپر پاور رهيو پر 17 هين صدي جي پڄاڻي تائين اسپيني شهنشاهيت آهستي آهستي دم ٽوڙڻ لڳي ۽ ميدان ۾ پورچوگالي، ولندیزي، فرانسيسي ۽ برطانوي شهنشاهيتون رهجي ويون. انهن مان پوءِ برطانوي شهنشاهيت سڀني کي پٺيان چڏي وئي. انهيءَ دور ۾ آمريڪا به پنهنجا پير پکيڙيا ۽ فلپائن ۽ ٻين جزيرن تي قبضو ڪري ورتو ۽ پوءِ اڳتي هلي جاپان جي اندر گهڙي ويو. اهڙي طرح يورپي ۽ آمريڪي گورن، عيسائي سرمائيدار ملڪن تقريبن سڄي دنيا تي پنهنجو تلسط قائم ڪري ورتو.

سوويت يونين جي خاتمي تي عالمي ميڊيا اعلان ڪيو ته هاڻي عالمي جنگ جو خطرو هميشه لاءِ ختم ٿي ويو. هاڻي ڪنهن ملڪ کي فوجون رکڻ جي ڪا خاص ضرورت نه پوندي. فوجن تي خرچ ٿيڻ واري رقم تعليم، صحت، ماحوليات ۽ دنيا جي غريب ملڪن جون حالتون بهتر بنائڻ ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي نعمتن کي عوام جي هٿ وس ڪرڻ ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ استعمال ڪيو ويندو پر:

"يون نه ٿيا، فقط مين ني چاها ٿا يون هوجائي."

جيتوڻيڪ سوويت يونين جي زوال کان پوءِ آمريڪا، يورپي سرمائيدار ملڪن جو دنيا ۾ ڪو به حريف نه رهيو هو. ان جي باوجود مغربي ملڪن سوويت يونين جي زوال کان پوءِ پنهنجي فوجي طاقت کي صرف ان حد تائين گهٽايو جو انهن جي اقتصادي بدحالي ٽيڪ ٿي سگهي. انهن بحر اوقيانوس جي گڏيل آمريڪي، يورپي فوجي هاءِ ڪمان برقرار رکي ۽ هو فوجي قوت کي نه صرف برقرار رکيو ويٺا آهن پر ان کي تمام گهڻو وڌائي. روس جي سرحدن تائين وڌائي رهيا آهن ۽ اويرين ملڪن کي ان جي ڪمان ۾ آڻي رهيا آهن.

اڄ آمريڪي يورپي فوجي قوت انهن بلندين تي آهي جنهن جو گذريل وقتن ۾ ڪڏهن تصور به نه ٿي ڪري سگهيو. اهڙي طرح اڄ روءِ زمين جي تاريخ ۾ پهريون دفعو ڏرتي تي اهڙي شهنشاهيت جنم ورتو

آهي جنهن جي اڳيان هڪڙي عالمي سرمائيدارانہ پورچوگالي، ولندیزي، مغل، منگول، هٽمبرگ جهڙيون شهنشاهيتون ڪا بہ معنيٰ نٿيون رکن. هي صحيح آهي، تہ هيءَ شهنشاهيت صرف هڪ ملڪ جي بالادستي تي ٻڌل ناهي ۽ ان جو نالو بہ روايتي شهنشاهيت ناهي پر اها عملاً گڏيل شهنشاهيت آهي. اها جنهن کي چاهي ناڪابندي ڪري ان کي جڏو ڪري سگهي ٿي. جهڙي طرح عراق کي اپاهج ۽ معذور ڪيو ويو ۽ ڪيوبا کي ڪيو پيو رڄي ۽ ايران خلاف اهڙيون ڪارروايون ڪرڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن. ڪجهہ وقت اڳ ئي هنري ڪسنجر لکيو آهي تہ "في الحال" چين جي خلاف ڪو بہ انتهائي قدم نہ کڻڻ گهرجي ايستائين جو واقعي ان جي ضرورت نہ پئجي وڃي.

مطلب تہ چين جي خلاف انتهائي قدم اصولن امڪان کان ٻاهر نہ آهي جڏهن بہ مناسب سمجهيو وڃي يا ضرورت پوي تہ چين جي خلاف بہ "مناسب ڪارروائي" ڪري سگهجي ٿي.

15 هين صدي کان جيڪي مغربي شهنشاهيتون قائم ٿيون، انهن دنيا کي محڪوم ڪرڻ لاءِ جيڪو طريقہ ڪار اختيار ڪيو هو ان کي گن بوٽ ڊپلوميسي يا جنگي ٻيڙي جي سفارتڪاري چيو وڃي ٿو. ان ۾ ڏمڪيون ۽ فوجي حملا شامل هئا. اڄ يورپ جا ملڪ ۽ آمريڪا عملا متحد ٿي دنيا کي وري نئين سر فتح ڪري رهيا آهن. شهنشاهيت سازي ۽ غلامداري جو عمل 1960ع جي ڏهائي ۾ جڙ هميشہ هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو هو ان عمل کي وري ٻيهر ورجائي رهيا آهن. دنيا کي وري حڪم جي تابع ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو پيو وڃي پر ان جا طور طريقا ساڳيا پراڻا ناهن. انهن جا هٿيار بہ سڀ جا سڀ اهي ناهن. جيڪي ڪئين صدين اڳ هئا پر اڄ انهن جي جنگي برتري پهرين کان بہ وڌيڪ آهي. پر هو پنهنجي جنگي طاقت جي اهڙي نمائش گهٽ ڪن ٿا جهڙي هنن عراق ۾ ڪئي هئي. اڄ ڪلهہ هنن جا هٿيار اقتصادي ۽ سفارتي، جمهوري ۽ انسانيت دوست آهن. هنن پنهنجي اقتصادي ۽ سياسي مفادن تي جمهوريت نوازي ۽ انساني همدردي جا پردا چاڙهي رکيا آهن. اقتصادي طور تي ملڪن کي "سڌو" ڪرڻ لاءِ هنن وٽ آءِ ايم ايف ۽ عالمي بئنڪ ۽ هاڻي عالمي واپاري تنظيمون موجود آهن. انساني همدردي جا هٿيار ئي آهن جو انساني حقن ۽ انساني همدردي جي نالي تي

اقتصادي ۽ سياسي طور تي ناپسنديده ملڪن کي چيو ڇي ٿو ته توهان ٻارن ۽ قيدين کان محنت ڪرايو ٿا ۽ پنهنجي مزدورن کي گهٽ معاوضو ڏئي. انساني حقن جي خلاف ورزي ڪريو ٿا، ان لاءِ توهان جو مال تمام سستو آهي ۽ ڊمپنگ ڪريو ٿا. اهي خاميون يقيناً انهن ملڪن ۾ هونديون پر انهن خامين جو جيڪو استعمال ڪيو وڃي ٿو اهو انساني همدردي جي ڪري گهٽ ۽ پنهنجي رقيب جي مال کي ميدان مان هٽائي پنهنجو مال مهانگي اگهه تي وڪڻڻ جي مقصد کي نظر ۾ رکڻ وڌيڪ آهي.

جن ملڪن جا حڪمران ۽ آفيسر شاهي غيرملڪن جي حڪمران طبقن جي شفقت هيٺ وڌيا ويجهيا آهن ۽ انهن جي اطاعت ۽ فرمانبرداري تي هريل آهن، انهن جا حڪمران ۽ آفيسر گهٽو ڪري گلوبلائيزيشن کي پنهنجي ملڪ جي مفادن جي سوديبازي ڪرڻ ۽ پنهنجي سياسي ۽ اقتصادي خودمختياري کي سستي اگهه تي وڪڻڻ جي لاءِ ڀهانو بنائيندا آهن. ان لاءِ هو گلوبلائيزيشن جا دليل ڏيندا آهن ۽ مجبوري جون ڳالهيون ڪندا آهن. مجبوريون بلڪل آهن، اڄ جي دور ۾ ڪوبه ملڪ ان طريقي سان خودمختيار نٿو ٿي سگهي جهڙي طرح مغل شهنشاهه خودمختيار هوندا هئا.

هن ڪائنات جون سڀ سنيون ڳالهيون ۽ قوتون هڪٻئي تي دارومدار رکن ٿيون. هڪ ٻئي کي متاثر ڪن ٿيون، ايتري تائين جو هڪ ٻئي ۾ گڏجي وڃن ٿيون. اڄ جي دنيا پهرين جي پيٽ ۾ گهٽو وڌيڪ باهمي دارومدار جي دنيا آهي. سڄي دنيا بي انداز اقتصادي، سياسي، ثقافتي ۽ بين رشتن ۾ سلهاڙجي هڪ ٿي وئي آهي پر ان جي هڪ ٿيڻ جا هڪ نه پر به معنائون ۽ مطلب آهن. هڪ اهو ته هڪ ٻئي تي دارومدار اهڙي طرح ڪيو وڃي جو جيڪو دولتمند هجي اهو غريب کي کائي وڃي، جو ته "اسين هڪ آهيون." جيڪو طاقتور هجي اهو ڪمزور کي هضم ڪري وڃي جو ته "اسين هڪ آهيون" ٻيو مطلب هي آهي ته جيئن ته اسين هڪ آهيون، ان ڪري اسان کي پنهنجن پنهنجن انفرادي مفادن ۽ مقصدن کي اهڙي طرح هم آهنگ ڪرڻ گهرجي جو اهي اسان جا گڏيل مفاد ۽ گڏيل مقصد ٿي وڃن. اسين هڪ ٻئي جي مشڪلاتن ۽ پريشانين جو خيال ڪري گڏجي ڪم ڪريون. اڄ گلوبلائيزيشن يا عالمگيريت جي نالي تي جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي ان ۾

سڀ ۾ خراب ٻئي شيون شامل آهن. اسان کي مثبت ۾ سنين شين مان وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪي منفي ۽ نقصان ڏيندڙ آهن انهن کان بچڻ گهرجي. جهڙيءَ طرح اندروني طور ايوب خان جي زماني ۾ پاڪستان جي صنعتڪاري جي نالي تي زرعي سيڪٽر کي ڦري هڪڙو بوگس صنعتي سيڪٽر ناهيو ويو ۽ ننڍن صنعتڪارن کي ڪروڙين اربن جي ڦرمار ڪرڻ جي موڪل ڏني وئي هئي ۽ جيئن اڄ نجڪاري جي نالي تي قومي وسيلن کي تقريبن مفت ۾ هڪ ٻئي ۾ ورهايو پيو وڃي، اهڙيءَ طرح گهٽن سالن کان عالمي سطح تي گلوبلزم جي نالي تي ڪمزور ملڪن کي ٻڌائي، هڪ طرفو تريفڪ هلايو پيو وڃي. ڪجهه ماڻهن جو ڪم صرف حڪم صادر ڪرڻ ٿئي ڪيو ويو آهي، جڏهن ته بين جو ڪم صرف حڪم مڃڻ مقرر ڪيو ويو آهي. ان هڪ طرفي تريفڪ سان دنيا جو ڪاروبار گهٽو وقت نه هلي سگهندو. طاقتور يا ڪمزور ٻنهي قسم جي ملڪن جي ضرورتن جو خيال رکيو ويندو تڏهن ئي معاملا چڱي طرح طئي ٿي سگهندا. نظر ايئن ٿو اچي ته جيڪڏهن موجوده رجحان قائم رهيا ته ڪجهه ڏهاڪن کان پوءِ 21 هين صدي ۾ ڪنهن وقت به ٽين دنيا جي ڪٿين ملڪن جي غافل ۽ نااهل حڪومتن جي حيثيت اها وڃي رهندي جيڪا انگريز سلطنت ۾ والياڻ خيرپور، بهاولپور، پرت پور ۽ پٽيالا رياست جي هئي. يعني راجائن، مهاراجائن ۽ نوابن وانگر ٽين دنيا جا حڪمران به بي شڪ ملڪن ۽ حرم سرائن ۾ مڃن کي وٽيندا رهن، شڪار ڪندا رهن، ٻنهنجي ٻنهنجي ملڪن کي ٻنهي هٿن سان ڦريندا رهن ۽ ٻنهنجي ملڪ جي ماڻهن تي جيڪي چاهين سو ظلم ڪن پر انهن ٽي ملڪن جو اقتدار اعليٰ ان دور جي ريزيڊنٽس ۽ غير ملڪي سفيرن جي هٿ ۾ ئي هوندو. انهن جي اقتصادي اڇي ۽ ڪاري جا مالڪ عالمي شهنشاهيت جا نمائندہ ادارا، آئي ايم ايف ۽ عالمي بئنڪ هوندا. يعني "ملڪ مغل شهنشاهه جن حڪم ڪمپني بهادر جو" يا خدانخواسته "ملڪ دولت خداداد پاڪستان ۽ حڪم سفير باتدبير، آئي ايم ايف بهادر ۽ ورلڊ بئنڪ بهادر جو."

آمريڪي يورپي عالمي شهنشاهيت جي پاڇي هيٺ رهڻ وارن پاڪستان جهڙن ملڪن کي جيڪڏهن زنده رهڻو آهي ۽ خيرپور ۽ جوڌپور رياستن جي حڪمرانن جي حيثيت کان بچڻو آهي ته انهن کي پنهنجا طريقا بدلڻا پوندا، پنهنجي سوچ، ذهنيت ۽ ادراڪ ۾ بنيادي انقلاب آڻڻو پوندو.

(شايع ٿيو: 27 مئي 1997ع)

سامراج دنيا کي ويڑهائي ڇڏ ڪري رهيو آهي

ڪونج نہ لکيو پاڻ، ماريءَ سندي من ۾،
اوڇتي پرياڻ، وڳر هٽي ويڇون ڪيا.
(شاهہ)

هندوستان ۽ پاڪستان ايٽمي ڌماڪا ڪيا آهن. هن نيڪ ڪم جي بسم الله خيرن سان اهنسائي گانڌيءَ وادي ۽ سيڪيولر پارٽ سرڪار جي هٿان ٿي آهي.

پاڪستان ۽ هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هٽي. ڪي ڏينهن ڳڻتيون پچائي، نيٺ ڳيتون ڏيئي ڏيئي، منهن جو پڪو ٿي، پارٽ جي نقش قدم جي پيروي ڪري ڇڏي آهي.

پهرين مهاتما ٻڌ، اشوڪ اعظم ۽ مهاتما گانڌيءَ جي اصولن جي علمبرداريءَ جي دعويدارن ڪي ڏينهن خوشيءَ جون ڪڇيون پئي هنيون تہ وڏي ڪيپ ڪتي اٽڪون هاڻ وري اسان وارن قلمي ۽ قلمي غازين جي جهمر، قصيده خواني ۽ بڙڪ بازي شروع آهي. في الحال تہ نواز شريف کي پيپون ڏيئي، قائداعظم ثاني ٻڌائي، آئين جو بنيادي حصو ڪاٽا ڪرائي، عوام کان بنيادي حق کسرائي ورتا اٽن اڳتي ڏسجي تہ هٿي ٿا وڃي ڳالهہ جو ڏنگ ڪن.

هندو مذهبي پيشوا چئي ويا آهن تہ "هي ۽ دنيا سڄي مايا آهي. جيڪي نظر اڃي ٿو سو حقيقت ۾ ناهي. سڀ نظر جو دوکو آهي." سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ:

اڃي پگ مَ پس، اندر مڙيوئي اڳڙيون.

ڪائنات جي سائنس اسان کي سيکاري ٿي تہ هن جهان ۾ ڪابہ شيءِ قطعي، آخري، سدائين هڪ هنڌ ۽ هڪجهڙي حالت ۾ ڪانهي. هر شيءِ يا ڳالهہ سدائين بدلجندڙ، مشروط، حالتن تي دارومدار رکندڙ ۽ انهن مطابق ڦرندڙ گهرندڙ آهي.

عام طرح سنيون شيون ۾ سچا ماڻهو سدائين هر ڳالهه ۾ سنا ۾ سچار رهن ۾ عام طرح برا ۾ ڪوڙا ماڻهو سدائين هر ڳالهه ۾ اڳلي جي ٻيٽ ۾ برا ۾ ڪوڙا هجن، سو ضروري ناهي:

ڏرن ٽا چـرخ جـا ڦـيـرا،
ڪڏهن ڪهڙا، ڪڏهن ڪهڙا.

عام طرح پاڪستان جي روشن خيال ماڻهن ۾ هندوستاني سياسي ليڈرن کي نسبتاً وڌيڪ صحيح، سنجيدو بردبار پنهنجي توڙي دنيا جي عوام جو خير خواهه، سامراج جي دباءَ ۾ سازشن جو مخالف ۾ اڪثر معاملن ۾ حق تي هلندڙ سمجهيو ويندو آهي ۾ ليگي ۾ پاڪستاني حضرات کي ان جي ابتڙ سمجهيو ويندو آهي، پر اها ڳالهه سدائين صحيح هجي، سو هر حالت ۾ ضروري ناهي. اها ڳالهه هڪ دفعو وري ڏماڪن جي معاملي ۾ ظاهر ٿي چڪي آهي.

نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو بنهي ملڪن جا ڪيترا انصاف پسند، امن پسند، دور انديش ۾ انسان دوست ماڻهو ايٽمي بمن جي تباهه ڪندڙ نتيجن کي سامهون رکندڙ بنهي ملڪن مان ڪنهن جي به طرفان ڏماڪا ڪرڻ جي مخالفت ڪري رهيا آهن. البت پاڪستان ۾ هڪڙي "ساڌن سان سنمڪ ۾ پٽنچن سان پوري" باقاعدي ۾ بااثر لابي اهڙي به آهي، جيڪا "چور کي چوي ٿي چوري ڪر ۾ ساڌ کي چوي ٿي ته پنهنجو گهر سنيال" ۾ جيڪا ساڳئي وقت مها هندوستاني ۾ مها پاڪستاني نعرا هڻندي، بنهي ملڪن جي سرڪارين کي خوش ڪري، ڪين پاڻ ۾ ويڙهائيندي ۾ بنهي کان مال ڪائيندي رهي ٿي.

پارت جي اڳوڻي وزيراعظم گجرال تنهن ڏينهن پارتي پارليامينٽ ۾ اٿي اعلان ڪيو ته، "آئون پوري ذميواريءَ سان اعلان ٿو ڪريان ته پارت سرڪار جا ڪيل هي ڏماڪا پارت جي سلامتيءَ خاطر نه ڪيا ويا آهن." هن واضح اشارو ڏنو ته هي ڪڏو ڪم حڪمران پارتيءَ پنهنجي پارتي مفادن ۾ سامراجي مفادن خاطر ڪيو آهي ۾ نه پارتي عوام جي مفادن خاطر. اڳوڻي وزيراعظم ديو گوڙا به ساڳيءَ طرح ساڳي ڳالهه ڪئي.

انهن ڏميوار پارٽي مدبرن جي بااصول ڀالهه پنهنجي جاءِ تي ساراهڻ جوڳي آهي، پر هونئن عام طرح پارٽ ۾ حڪمران پارٽيه جنتا پارٽيءَ جي تنگ نظر، تعصبي، سامراج پرست، نفرت سان ٽمٽار ۽ هلڪڙين ڀالهين تي پارٽ جا ڏسٽا وائسٽا ماڻهو جيئن عام چونڊن ۾ پير ٻڌي بيهي رهيا ۽ ڏماڪن بعد هنن جي ڏمڪيءَ واري فسطائي لهجي کي جيڪا موٽ ملي، تنهن پاڪستان جي ڪيترن اهڙن ماڻهن کي صدمو رسايو هوندو جن سمجهيو ٿي ته پاڪستان جي جاگيرداراڻي، دلال سرمائيداراڻي ۽ سامراج پرست سياسي ماحول ۾ ڪٽي ڪهڙيون به سطحي، غير سنجيديون ۽ هوائي توائي ڀالهيون ٿيندڙيون رهنديون هجن پر پارٽ اسان کان گهڻو وڏو ملڪ آهي ۽ سندن ليڊرشپ وڏيڪ پڙهيل ڳڙهيل، باشعور آهي، اتي ڪا جهڙي تهڙي اگهاڙي ننگي تعصب ۽ ڏمڪيءَ جي ڀالهه نه هلي سگهندي.

ڪنهن زماني ۾ ماڻهن ۾ مشهور ڀالهه هئي ته "جي سمنڊ جي تري ۾ به مڇيون پاڻ ۾ وڙهي پون ته سمجهڻ گهرجي ته انهن کي به انگريزن ويڑهايو آهي." گذريل پنجن صدين کان دنيا ۾ جيڪي ڪجهه وهي واپري ٿو تنهن جو سڀ کان وڏو اڪيلو ڪارڻ مغربي سامراجين جا مفاد آهن. اهي سامراجي پنجن صدين کان دنيا جي عوام جي ڇاتيءَ تي چڙهيا وينا آهن. وچ ۾ 1917ع کان 1990ع واري مني صديءَ جي عرصي ۾ روس جو عظيم آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب سندن رستي ۾ رڪاوٽ بڻيو. ان سندن گهڻيون ئي چلهين تي چڙهيل ديگڙيون اونڌيون ڪري، سندن ذري گهٽ ڪئي ڪمائي ڪٽ ڪري ڇڏي. پر اها رڪاوٽ به سازشون ڪري نيٽ دور ڪري ڇڏيائون. باقي رهيل ڪهيل فوري طور موجود مڪيه رڪاوٽون آهن فقط به: چين ۽ ٻيا ٿورا سوشلسٽ ملڪ ۽ ايران، عراق، ليبيا ۽ ٻيا سامراج مخالف جوشيلا مسلمان ملڪ يا سندن جوشيلو سامراج مخالف عوام. انهن کي ختم ڪرڻ بنا مغربي عالمي سامراج هن سموري جهان جو مالڪ مختار بنجڻ ۽ ذري گهٽ خدائيءَ جي درجي حاصل ڪري وڻڻ جو خواب پورو ڪري نٿو سگهي.

سامراج سڀ عوام دشمن ڪم پاڻ محنتون ڪري ۽ نقصان

سهي ڪونہ ڪيا آهن. هن جو مڪيہ هٿيار پنهنجي مخالف ماڻهن کي پاڻ ۾ ويڑهائڻ آهي. هو هر ڏرمان هر قسم جا بي ايمان، لالچي، ڦروپيا ۽ غدار ماڻهو ۽ ٽولا پرتي ڪري، سندن پاڻ ۾ جنگاڙ ڪرائي، کين ويڑهائي ناس ڪرائي ڇڏي ٿو.

هندوستان ۽ پاڪستان جي تاريخ جي ڄاڻن کي معلوم آهي تہ ڪيئن آخري وائسراءِ لارڊ مائونٽ بيٽن ورهاڱي وقت خونريز فساد ڪرائي. پنهي ملڪن کي هڪبئي جو رت پياڪ دشمن بڻائي ڇڏيو.

روس ۽ چين کي بہ سامراج ويڑهايو. چين ۽ پارت جي دوستي ۽ پائپي ڦٽائي. کين هڪبئي جو جاني دشمن بڻائي. نهروءَ جي ماسات جنرل پي- ايم ڪئول ۽ بين پارتي جنرلن معرفت نهروءَ اڳيان ڪوڙيون رپورٽون پيش ڪرائي. پارتي- چيني جنگ بہ سامراج ڪرائي. جنهن جي نتيجي ۾ هندوستان پنهنجي غير جانبدار پاليسي ترڪ ڪري. ايتري قدر آمريڪا جي ڪيچ ۾ هليو ويو جو پنڊت نهروءَ جهڙي عالمي غير جانبدار تحريڪ جي سربراهہ عرب ملڪن جي جاني دشمن اسرائيل کان اسرائيلي جهازن ۾ گولو بارود وصول ڪيو. آمريڪا جي سفير پروفيسر جي- ڪي گالبريٿ کي جڙ عملي طور (Defacto) هندوستان جو سپريم ڪمانڊر بڻائي. چين سان جنگ جي نگراني سندس حوالي ڪري ڇڏي!

"... (آمريڪي) سرڪار جو خيال هو تہ (پارت کي) جيڪا فوجي مدد ڏجي. تنهن جو ٻٽو مقصد هجي: هڪڙو تہ آمريڪا ۽ هندوستان جي وچ ۾ دوستاڻا تعلقات قائم ڪجن. ٻيو تہ چين ۽ روس جي وچ ۾ چڪتاڻ کي وڌيڪ تيز ڪجي." (ڏسو ڪتاب "ايوب خان". ص: 499. ان وقت آمريڪي هندوستاني معاملن جي آمريڪي پرڌيهي وزارت واري انچارج ڪارل ڪيس جي مصنف الطاف گوهر سان ڳالهہ ٻولهہ.)

هڪڙو ٽيون بہ مقصد هو: اهو هو سامراج مخالف پرڌيهي وزير ڪرشنا مينن کي ايٽن ڪيڏائڻ. جيئن 1965ع جي جنگ کان پوءِ ايوب هٿان پاڪستاني پرڌيهي وزير ذوالفقار علي ڀٽي کي ڪيڏايو ويو.

19 نومبر 1962ع تي وزيراعظم پنڊت نهروءَ آمريڪا کي هڪبئي

بان ۾ خفيہ خط لکيا، جن ۾ هن پنهنجي ملڪ جي حفاظت جڙ تہ مڪمل
ح آمريڪا جي حوالي ڪري ڇڏي هن آمريڪا کي چيو تہ اسان کي
ن خلاف بمباري ڪرڻ لاءِ هوائي جهاز موڪل. ٻيو تہ اسان جي شهرن
ي هوائي حفاظت ڪر. تہ جيئن اسين چيني فوجن تي بمباري ڪريون.

صدر ڪينيڊي، پنڊت نهروءَ جو پويون خط پنهنجي زال
ڪلين کي ڏنو جنهن جون واڇون ٽڙي پيون. پارٽ- چين جنگ جا
ملا آسمان تائين پهچائي سگهجن تہ سامراج کي ٻيو ڇا کپي!
ڪلين چيو "مون سمجهيو هو تہ هو (نهرو) رڳو ٻيلي ڊانسر آهي،
ي تہ جنگي جوڌو آهي." پرڏيهي وزارت جي اعليٰ عملدار ڪارل
ڪين جو تبصرو هو "اهو (نهروءَ جو) خط هسٽريا جي دوري وارو خط
ي. هن چريائيءَ واري خط ۾ هو اسان کي چوي ٿو تہ چين تي بمباري
ڪريو." (ڪتاب "ايوب خان"، ص: 499)

بهرحال آمريڪا جي الله ٻڌي "آمريڪي هوائي جهاز بردار بحري
هاز هند ۽ چين وچ ۾ جنگ جي باهہ ۾ ڇڪائڻ لاءِ ڪلڪتي جي
سمان هگلي نديءَ جي چوڙ وٽ سمنڊ ۾ اچي لنگر انداز ٿيو. مٽس هوا
ن تيز رفتار بمبار هوائي جهازن جو ٻيڙو ۽ ٻيا خوفناڪ جنگي هٿيار
ٻيل هئا." (مهاتما گانڌيءَ جي برطانيا واري ڳُجهي نمائندي ۽ پوءِ
ليامينٽ جي ميمبر سڌير گهوش جي 15 مارچ 1965ع تي پارٽي
ليامينٽ ۾ ڪيل تقرير. ڏسو سنڊس ڪتاب "گانڌيءَ جو نمائندو.")

آمريڪا جي فقط هڪڙي دلي دعا هئي تہ چين ۽ هندوستان جي
ڇ ۾ جنگ هلندي هلي. ٻيهي نہ. جيستائين پيڙ ٻڌجي ٻنهي ملڪن
ي ساڙي ٻاري سامراج جي پيرن جي خاڪ نہ ڪري ڇڏي، تيستائين
نہ ٽئي. بقول هارورڊ يونيورسٽيءَ جي نيمن فائونڊيشن جي نگران
بمس سي ٽامپسن جي. "جي جنگ ڪافي دير هلندي رهي ها تہ وجهہ
و هوا" پر چين سڄو ڪم خراب ڪري وڌو. هن هڪدم جنگ بند
ڪري پنهنجون فوجون اصل مورچن تي گهرائي ورتيون!

هندوستان جي پرڏيهي وزارت جي اڳوڻي سيڪريٽري جي- اين
ڪشت ان سلسلي ۾ تازو هڪڙو اهم ترين انڪشاف ڪيو آهي. هن

چيو تہ 1963ع ۾ آمريڪا، هندوستان کي آڇ ڪئي تہ توهان وار ڪري ائٽم بم ناهي ونو نہ تہ چين ناهي ويندوا"

(ڏسو رسالو "ايشيا ويڪ"، 29 مئي 1998ع، ص: 09

دنيا جا جيڪي بہ ۽ جتي بہ انسان دشمن ڪم ٿين پيا ۽ صدير کان ٿيندا پيا اچن، تن جو هڪڙو اڪيلو بنيادي ڪارڻ عالمي سامراج ۽ سندس عوام دشمن، انسان دشمن آدمخور مفاد آهن. اه ڳالهہ ڪڏهن بہ نہ وسارڻ گهرجي.

بي- جي- پي رجعت پرست سرڪار تان آمريڪا اڃڪلهہ قربان قربان پيو ٿئي. بوگس بنياد پرستي يلي ڪٽي صيهونيت جي آڙ هجي يا ڪنهن بہ ئي مذهب ۽ هندو مت جي آڙ ۾، اها بري بلا آهي. ا ڪي سامراج جي سازش جو تخم سمجهڻ گهرجي. ان مان انسان ذات ڪي فائدو ٿيڻو ڪونهي.

آمريڪا بي- جي- پي ڪي جنهن سازش ذريعي اقتدار ۾ آڻائي ڪانئس هي سامراج پرست ڏنڊو ڪرايو سا في الحال سامراج جو مرضيءَ موجب ڪامياب نہ ٿي سگهي آهي.

ايڏا بہ وقت آهي تہ ٻنهي ملڪن جو عوام ۽ باشعور حلقا ٻنهي ملڪن جي حڪومتن تي گهربل دٻاءُ وجهي، گهٽ ۾ گهٽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ هڪٻئي تي حملو نہ ڪرڻ جو معاهدو ڪرائين.

(روزاني "ڪاوش" حيدرآباد، پهرين جون 1998ع

سرمائيداري- جمهوريت، خوشحالي ۽ امن جي ديوي نہ آهي

عالمي ميڊيا جا پنڊت ۽ عالمي سرمائيدار "عالم"، "ماهر"، مفڪر هڪ عرصي کان سوويت يونين جي زوال کان پوءِ طرح طرح جا "منطقي" نتيجا ڪڍي وڏي وٿوق سان ۽ جوش خروش سان ٽين دنيا جي سامهون پيش ڪري رهيا آهن. مثلاً:

1. سرمائيداري جي معنيٰ آهي جمهوريت، انساني حقن جو احترام، خوشحالي ۽ امن امان.
2. قومي ملڪيت جي هر صورت ۾ معنيٰ آهي صنعتن جي تباهي ۽ پنهنجي قومي صنعتن کي ملڪي ۽ غيرملڪي سرمائيدارن جي هٿن ۾ وڪڻي ڇڏڻ صنعتي ترقي جي ضمانت آهي.
3. ٽين دنيا جي ملڪن کي پنهنجي پنهنجي ملڪي معيشت جي تحفظ جي لاءِ ڪي به قدم نہ کڻڻ گهرجن ۽ "سپر دم مايئہ خويش را، تودانی حساب کم و بيش را کي." جي مصداق پنهنجي پوري معيشيت کي عالمي تجارتي ڪميشن جي درآمدات لاءِ کولي ڇڏڻ گهرجي.
4. سرمائيداري نظام دنيا جو فطري اقتصادي نظام آهي ۽ اهو آئيندي ٽائين دائم ۽ قائم رهندو. اهو ئي انسانيت جو اقتصادي مقدر آهي ۽ اهو ئي هن جي قسمتن کي سنواريندو.
5. دنيا جي محروم ۽ مظلوم ماڻهن جي طرف کان ڪئي ويندڙ ڪنهن به ڪوشش جي نتيجي ۾ سماجي اقتصادي نظام جي ڪا عوام جي حق ۾ تبديلي هاڻي خارج از امڪان آهي.

جيڪڏهن سوويت يونين جهڙو ديوقامت سپر پاور جنهن نازي جرمني کي شڪست ڏئي ڇڏي هئي ۽ پوري آمريڪا ۽ يورپ جا تڏا تپائي ڏنا هئا، اهو به هلي نہ سگهيو تہ ٻئي ڪا ان قسم جي ڪوشش بي

سود ثابت ٿيندي. ان لاءِ نہ صرف ٽين دنيا جي بلڪ سڄي روءِ زمي
جي غريبن، بيواهن، مزدورن، هارين ۽ پيڙهيل پنتي پيل ماڻهن ک
آئيندہ پنهنجي دائري ۾ رهڻ گهرجي ۽ انهن کي هميشه هميشه جي
سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ سماجي اقتصادي پيش قدمي جي حوالي س
انهن جي هٿ ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي. جيڪو ڪجهہ ضروري ۽ مناس
سمجهيو ويو، اهو دنيا جي خوشحالي ۽ ترقي جا علمبردار، روشن خي
۽ جمهوريت نواز سرمائيدار ڪندا. مٿين ذڪر ڪيل دعوائن
سچائي جو جزو گهٽ آهي. مثلا حقيقت هي آهي تہ:

سرمائيداري ۽ جمهوريت هڪڙي ڳالهہ ناهن

چوڏهين پندرهين صدي کان ونڊي يورپ تي سرمائيداري نظام
زور شروع ٿيو هو. صدين کان يورپ سرمائيدار رهيو آهي. پر يورپ
جمهوريت صدين تائين نالي ماتر ۽ سطحي هئي. گهڻن سرمائيد
ملڪن ۾ ڪئين صدين تائين ووٽ جو حق صرف دولتمند ۽ ملڪيہ
وارن مردن تائين محدود هو. گهڻن سرمائيدار ملڪن ۾ غلامي جو نظ
باقاعدي قائم ۽ احترام لائق هو. انهن صدين ۾ اتي عورت ۽ مرد ج
امير ۽ غريب جي، ڪاري ۽ پوري جي، يورپي ۽ ايشيائي جي برابري
واضح تصور بہ موجود نہ هو.

ٻيو تہ ڏهيو پر، انساني غلامي جي سخت خلاف ۽ جمهوريت ج
عظيم ترين علمبردار آمريڪي صدر ابراهام لنڪن جهڙو عالمي ط
شهيد جمهوريت تسليم ڪيل انسان بہ پنهنجي دور ۾ فرمائي رهيو ه

"منهنجو پورن ۽ ڪارن جي وچ ۾ سياسي ۽ سماجي برابري را
ڪرڻ جو ڪوبہ ارادو نہ آهي. ٻنهي نسل جي ماڻهن جي وچ ۾ هڪ
اهڙو جسماني فرق آهي، جو منهنجي نظر ۾ هي فرق هن ڳالهہ ج
اجازت ئي نہ ڏيڻي تہ هو مڪمل برابري جي بنياد تي هڪ ٻئي س
گڏ زندگي گذاري سگهن ۽ جو تہ انهن ٻنهي جي وچ ۾ فرق هڪ
تائين لازمي ٿي وڃي ٿو. ان حد تائين آءٌ ۽ جج ڊگلس هن ڳالهہ جي
۾ آهيون تہ منهنجي نسل جي ماڻهن (يعني پوري رنگ جي ماڻهن) ک
برتري واري حيثيت حاصل هجي... آءٌ نہ هاڻ، هن کان پهرين ڪڏهہ

بہ، هن ڳالهه جي فائدي ۾ هوس يا آهيان تہ نيگرو ماڻهن کي ووٽر يا جوري جو ميمبر ڪيو وڃي يا انهن کي سرڪاري عهدي جو اهل يا پورن ماڻهن سان شادي ڪرڻ جو اهل قرار ڏنو وڃي." 04 آگسٽ 1858ع تي تقرير- جارج سينليبس جي ڪتاب "عظيم خيال" ص 445_444)

جڏهن گهٽن يورپي سرمائيدار ملڪن ۾ صدين کان پوءِ، عوام گهٽا جمهوري حق ۽ ادارا حاصل ڪري ورتا، تڏهن بہ انهن ملڪن جي حڪمرانن جمهوري حقن کي پنهنجي ملڪ يا علاقي تائين محدود رکيو. اسپين ۽ پورچوگال جي ڳالهه تہ ڇڏيو خود آمريڪا، فرانس، هالينڊ ۽ برطانيا جهڙن جمهوريت جي چيمپيئن ملڪن ٽين دنيا جي پنهنجي اثر هيٺ وارن ملڪن ۾ بدترين قسم جي آبادڪار ۽ آمرانہ ۽ جاگيردارانہ نظام کي رائج ڪيو ۽ حتي الامڪان اتان جي عوام کي جمهوريت جي فائدن کان صدين تائين محروم رکيو. هن صدي ۾ جڏ اسان جي اکين سامهون دنيا جو سڀ کان وڏو سرمائيدار ۽ سڀ کان وڏو جمهوريت جو علمبردار ملڪ آمريڪا ٽين دنيا جي ملڪن خواه خود يورپ ۾ جنرل سمٽس، جنرل فرنيڪو، جنرل پنوشي، جنرل ٽيو سنگ من دي، مارڪوس جهڙن ڪيترن ئي عوام دشمن، جمهوريت دشمن، آمرن جي پٺيراڻي ڪندو رهيو آهي.

برطانيا، ملیشيا، هندستان ۽ ٻين والاريل ملڪن ۾، فرانس، ويٽنام ۽ الجزائر ۾ ۽ آمريڪا ويٽنام ۾ جيڪي جمهوريت جا جوهر ڏيکاريا ۽ انساني حقن جو احترام ڪيو، اهو سڄي دنيا کي معلوم آهي. نسل پرست ڏکڻ آفريقا، هٽلر، جرمني، مسوليني جي اٽلي، فرنيڪو جي اسپين، سالازار جي پورچوگال، پنوشي جي چلي وغيره فسطائي ملڪن جو نظام سرمائيدارانہ هو سوشلسٽ يا ڪو ٻيو نہ هو. پر انهن ملڪن جي حڪمرانن جيڪا انساني حقن ۽ جمهوريت جي حالت ڪئي، اها سڀني کي معلوم آهي.

اڄ جي دور ۾ اسرائيل، انڊونيشيا، ڏکڻ ڪوريا جو نظام سرمائيدارانہ آهي، پر اتي جنهن قسم جي انساني حقن جي پاسداري ۽ جمهوريت نوازي رائج رهي آهي، اها کنهن کان لڪل ناهي.

سرمائيدارانہ نظام، اقتصادي ترقيءَ خوشحالي جو ضامن نہ آهي

دنيا ۾ ڏيڍ سو کان وڌيڪ ملڪ آهن. انهن ۾ سوشلسٽ ملڪ ڏڻ کن هئا، جيڪي هاڻي سوڙها ٿي ۽ چار ويجي بچيا آهن. مثلا چين، ويٽنام، اتر ڪوريا ۽ ڪيوبا. باقي تقريبن ڏيڍ سو ملڪ سڀ جو سڀ سرمائيدارانہ اقتصادي رستي تي گامزن آهن. انهن مان اڪثر ملڪن جو عوام بکيو اگهاڙو ۽ تقريبن ڏڪار واري صورتحال ۾ آهي. خود ڏکڻ يورپ جي اسپين، پورچوگال ۽ يونان جهڙن ملڪن جي معجزاتي ڪاميابي جا بنيادي سبب اقتصادي گهٽ، سياسي وڌيڪ آهن. آمريڪا پنهنجي عالمي سياسي مفادن جي پيش نظر روس، چين ۽ ويٽنام سان سرد جنگ ۾ پنهنجي انهن والاريل علائقن کي پنهنجي اسٽريٽجڪ مفادن جي پيش نظر فوجي اڈن ۾ "غرق نہ ٿي سگهندڙ طياره بردار جهازن" جي طور تي استعمال ڪيو. ان جي عيوض هن اتي نہ صرف اربين ڊالرن جي سرمائيڪاري ڪئي پر انهن ملڪن جي مقامي واپارين ۽ صنعتڪار طبقن کي غيرمعمولي رعايتون ڏئي انهن کي اُپاريو. اتي اهڙيون برآمدي شيون تيار ڪرايون ويون، جيڪي آمريڪي مارڪيٽ ۾ آساني سان وڪامي سگهن. انهن مان هر هڪ ملڪ کي پين آمريڪي طرفدار ملڪن جي مقابلي ۾ وڏا وڏا برآمدي ڪوٽا ڏئي مالا مال ڪيو ويو. انهن ملڪن ۾ آمرانہ حڪومتون ٺهرائي مزدورن کي شهري حقن ۽ آزادين کان محروم ڪري، انهن کان معمولي معاوضي تي تقريبن جبري محنت وٺي مقامي سرمائيدارن کي گهٽ اُجر تي سستين ٺهيل شين جي عيوض عالمي سطح جا مهانگا اگهہ ڏياري. انهن کي رات وچ ۾ ارب پتي ناهي ڇڏيو ويو. صنعتڪارن کي عوام جي خزاني مان اربين ڊالرن جا قرض معمولي وياج تي ڏنا ويا. مطلب ڳالهہ جو تہ هي معجزا تہ آهن پر بنيادي طور تي آمريڪي هم گير سرد جنگ جي حڪمت عملي جا معجزا آهن ۽ نہ ڪي صرف انهن ملڪن جي سرمائيدارن جي اقتصادي ۽ اعليٰ ڪارڪردگي جا.

آمريڪا ۽ يورپ جي اقتصادي برتري جو سبب اها بي تحاشا قرلٹ آهي، جيڪا انهن پنج سو سالن تائين دنيا جي چئن ڪنڊن جي ماڻهن ۽ انهن جي قدرتي ۽ انساني وسيلن کي ناجائز استعمال ڪري ۽ هڙپ

ڪري ڪئي ۽ انهن ڪنڊن جي ڪروڙين اربين انسانن کي بکيو، اگهاڙو، فاقن ۽ ڏکار ۽ جنگ جي تباهين جو شڪار ڪري ڪئي آهي.

سرمائيداري امن دوست نہ آهي

سرمائيدارانہ نظام جي قائم ٿيڻ تائين سڄي انساني تاريخ ۾ جنگين ۾ جيترا ماڻهو مئا يا معذور ٿيا، انهن کان گهڻو وڌيڪ انسان سرمائيدارانہ نفعي جي جنگين ۾ قتل ٿيا يا معذور ٿيا. صرف ٻي جنگ عظيم ۾ صرف هڪ ملڪ يعني روس ۾ ٻہ ڪروڙ انسان سرمائيدارن جي پڙڪايل جنگ جي باهہ جو شڪار ٿيا. هيروشيما ۽ ناگاساڪي سرمائيداري جي جمهوريت نوازي جو شاهڪار آهن. اڄ سرد جنگ جي خاتمي کان پوءِ سرمائيدار ملڪن جي سڄي دنيا جي عوام کي بار بار نيست ۽ نابود ڪرڻ جي لاءِ جيترا خطرناڪ هٿيار جمع ڪري رکيا ويا آهن ۽ روزانو جيترا نوان نوان خطرناڪ هٿيار ناهي رهيا آهن. ان جو ۽ معاهدہ اوقيانوس جي جنگي هاءِ ڪمان کي روس جي سرحدن تائين وڌائڻ جو مقصد صرف تفريح خاطر نٿو ٿي سگهي. تاريخ اسان کي سيکاري ٿي تہ سرمائيداري نظام ۽ جنگ صدين تائين لازم ۽ ملزوم رهيا آهن.

اجتماعي قومي ملڪيت نقصانڪار نہ آهي

اڄ ڪلهہ گهٽا ماڻهو چون ٿا تہ قومي ملڪيت يعني ملڪ جي عوام جي مشترڪ ۽ اجتماعي ملڪيت جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي. قوم جي هر شيءِ ڪلن مٺ عيوض وڪٽي ڇڏيو وڏي ترقي ڪندڙ هي ڇڻ هڪ طلسم آهي، جنهن سان غريب ملڪ اڪ چنبہ ۾ دولتمند ٿي ويندا. پر هي مفروضو صحيح نہ آهي. خود هن نسخي جا سرمائيدار موجد بہ ان تي عمل گهٽ ڪن ٿا. جڏهن جپان، آمريڪا ۾ ڪا حساس صنعت خريد ڪري ٿو تہ آمريڪا ۾ وڏي ناراضگي پيدا ٿيندي آهي تہ جپان جو اسان جي معيشيت ۾ ايترو عمل دخل نہ هجڻ گهرجي. خوددار ملڪن جا سمجهو ماڻهو پنهنجي قومي معيشيت جي حساس ۽ نازڪ شعبن تي غير ملڪي ڪمپنين جي تسلط کي ناپسند ڪن ٿا. هر ملڪ ۽ قوم لاءِ هي ضروري هوندو آهي تہ ان جي معيشيت جيڪا قوم جي وجود جي ڪرنگهي جو هڏو هوندي آهي، اها

اهڙي طرح ڪنهن جي قبضي ۾ نه هلي وڃي جو هو جڏهن چاهي موڙ ڏئي ڇڏي. فيڪٽرين ۽ سروسز کي جڏهن چاهي جام ڪري ڇڏي ۽ اهڙي طرح پنهنجي مفاد جي لاءِ ملڪ جي حڪومت تي اهڙو ناجائز دباءُ وجهي سگهي جو اهڙي حڪومت اهڙين نازڪ صنعتن ۽ خدمتن جي ان جي قبضي ۾ هئڻ سبب ان جي هٿن ۾ ڪٺ پتلي بنجي وڃي.

اهڙي طرح ملڪي معيشيت سڄي جي سڄي جو ملڪي يا غيرملڪي سرمائيدارن جي هٿن ۾ هجڻ، ڪنهن ملڪ جي، خاص ڪري ٽين دنيا جي وڏي دباءُ ۾ رهندڙ ملڪن جي عوام جي فائدي ۾ هرگز نه آهي.

ڪنهن ملڪ جي وسيع عوام ۽ سرمائيدارن جا سمورا مفاد هميشه هڪ جهڙا نٿا ٿين. انهن جي وچ ۾ هم آهنگي سان گڏ تضاد به موجود هوندو آهي. تمام گهٽا اقتصادي قدم اهڙا هوندا آهن، جيڪي عوام جي مفادن جي مدنظر انتهائي ضروري ۽ لازمي هوندا آهن پر ملڪي يا غير ملڪي مفادن جي مدنظر لازمي ته ڇا صحيح به نه هوندا آهن. مثلا اقتصادي ميدان ۾ گهٽا شعبا اهڙا هوندا آهن، جن ۾ نفعو بلڪل گهٽ ملڻ جي توقع هوندي آهي، پر ڪجهه حالتن ۾ ته انهن ۾ ڪافي نقصان لاءِ به تيار رهڻو پوندو آهي. اهڙن شعبن تي سرمائيڪاري به گهٽي مقدار ۾ گهربل هوندي آهي. پر انهن ڳالهين جي باوجود اهي شعبا اهڙا نازڪ هوندا آهن، جن کان سواءِ ملڪ جي اقتصادي ترقي ناممڪن هوندي آهي. مثلاً فولاد جي صنعت، جيڪا ڪنهن به ملڪ جي مناسب ۽ جائز خود انحصاري جي لاءِ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکندي آهي ۽ پوءِ اهو جو چيو وڃي ٿو ته قومي ملڪيت جي معنيٰ آهي سراسر نقصان جو ڪاروبار. هيءَ ڳالهه هر حالت ۾ صحيح نه آهي. اسان جي ملڪ ۾ جيڪي قومي ادارا آهن. انهن جي گهٽي ترقي نه ڪرڻ جو سبب هي ناهي ته بظاهر خود ئي اهي ڪارخانا بطور قومي ملڪيت جي منافعو نه ٿا ڪمائي سگهن. اصل ڳالهه هيءَ آهي ته انهن قومي ملڪيت ۾ ورتل ڪارخانن ۽ ٻين Facilities کي حڪمران ٽولا پنهنجي سياسي استحصالي ۽ مالي ڦرلٽ جو نشانو بنائين ٿا مثلاً هڪڙي ڪارخاني ۾ جيڪڏهن ضرورت ۽ گنجائش ايتري آهي ته هو 50 ملازمن کي رکي ڇڳي طرح

ڪاروبار ڪري سگهي ٿو ۽ منافعو ڪمائي سگهي ٿو تہ اهڙن ڪارخانن تي توهان جيڪڏهن پنهنجي جيالن ۽ ڪارڪنن کي نوازڻ جي لاءِ يا پنهنجو سياسي اثر رسوخ وڌائڻ جي لاءِ 500 ماڻهو مسلط ڪري ڇڏيندا تہ 450 غير ضروري ماڻهن جي پرتي ان ڪارخاني جو ڏيوالو ڪيڻ جي ضمانت ٿي ويندي. اهڙي طرح جتي بن آفيسرن جي ضرورت آهي، اتي جيڪڏهن اقرباپروري ۽ بي ايماني ڪري 17 آفيسر آندا وڃن تہ بہ نتيجو اهو ئي نڪرندو. پوءِ جيڪڏهن حڪمران سياستدانن جون ڪميشنون ۽ مفت خور ۽ ڪوتاهہ انديش مزدور ليڊرن جا ناز نخرا بہ شامل ڪيا وڃن تہ ان يونٽ جي تباهي ۽ قومي ملڪيت جي تصور جي بدنامي ۾ ڪا بہ ڪسر رهجي نہ ويندي.

جيڪڏهن اهي ڳالهيون ختم ڪيون وڃن تہ ڪو بہ سبب ناهي جو هي ڪارخانا ملڪي معيشت ۾ ڪليدي ڪردار ادا ڪرڻ سان گڏوگڏ منافعو نہ ڪمائين ۽ ڪاروباري ڪاميابي حاصل نہ ڪري سگهن.

(شايع ٿيو: 10 اپريل 1997ع)

سرمائيدار ملڪن ۾ وڌندڙ گھوٽالا
يا
سرمائيداري، سوشلزم، سامراج ۽ ٽين دنيا

ڏکيو ۽ ڊلو چاڙھو

سرمائيداري نظام هميشه وقفي وقفي سان گھوٽالن جو شڪار ٿئي رهيو آهي ۽ رهڻو آهي. 1930ع واري بحران سرمائيداريءَ جي وات مان جڙ رت آڻي وڌو هو. هاڻ هو انهن گھوٽالن مان چڙھڻ ۾ وڌيڪ ڪاريگر ٿي ويو آهي. پر انهن کي صفا ختم ڪرڻ ان جي وس ۾ ڪونهي. هڪ وقفي کان پوءِ، ڇهه سال اڳ 1989ع ۾ عالمي سرمائيدار نظام ۾ دستور موجب گھوٽالو پيدا ٿيو. سندس پيداوار لاڻ ۾ اچي ويئي. اها لاڻ هي جنگِ عظيم کان پوءِ ڏٺل ۾ ڏٺل لاڻ آهي. جيتوڻيڪ عالمي سماجي موسم هن وقت عالمي سرمائيداري نظام لاءِ فائديمند آهي پر ان ڏٺل لاڻ مان چاڙھو ڏاڍي ڏکئي نموني ۽ ڏاڍي ڊلي رفتار سان پيو ٿئي.

اڄڪي سرمائيدار اقتصادي ماهرن جي اڳڪٿي اها هئي ته عالمي واپار ۾ 1993ع ڌاري ساڌا چار سيڪڙو واڌ ايندي. پر جنوري 1994ع ۾ گيٽ (GATT) طرفان ورتل جائزي مطابق حقيقت ۾ عالمي واپار فقط ٻه سيڪڙو وڌيو آهي. 1993ع ۾ عالمي پيداوار توقع کان تمام گھٽ وڌي. يعني فقط ٻه سيڪڙو وڌي. ان مان تصديق ٿي ته 1989ع کان وٺي عالمي سرمائيدار پيداوار ۾ جيڪا لاڻ شروع ٿي آهي. اها 1993ع تائين جاري رهي آهي.

عالمي مالياتي فنڊ پنهنجي 1994ع واري ڇهه ماهي رپورٽ ۾ چوي ٿو ته عالمي اقتصاديت جنهن جي باري ۾ اڳڪٿي اها ڪئي ويئي هئي ته اها 3.2 سيڪڙو وڌندي. سا ٻه سيڪڙو کان ٻه ٽورو گھٽ وڌي آهي. بهرحال 1994ع جي واسطي جيڪي اشارا موجود آهن ۽ 1995ع جي

باري ۾ عالمي بئنڪ جيڪي اڳڪٿيون ڪيون آهن، تن مان ظاهر ٿو ٿئي ته جيئن لاڳ سيني هنڌ ساڳيءَ حد تائين ڪانه ٿي. تيئن ان لاءِ مان نڪرڻ جو عمل به سيني هنڌ هڪجھڙو ناهي. پھرين ڳالھ ته هيءَ آهي ته سرمائيداري نظام ۾ وقت بوقت ايندڙ گھوٽالن مان چڙھڻ جي جيڪا عام رفتار هوندي آهي، هن ڀيري چاڑھي جي رفتار ان اڳوٽي چاڑھي جي رفتار کان وڌيڪ ناهموار ۽ ڊلي آهي. آمريڪا لاءِ ڪٽيل اندازو اهو هو ته ان جي واڌاري جو في سيڪڙو 4 هوندو پر اڳڪٿي اها آهي ته 1995ع ۾ سندس واڌارو فقط 2.9 سيڪڙو مس هوندو.

سرمائيدار دنيا ۾ تازي عالمي اقتصادي لاڳ سپ کان پھريائين ڪٽنائا ۽ برطانيا ۾ ظاهر ٿي. هاڻي انهن ملڪن لاءِ توقع آهي ته 1994ع ۽ 1995ع ۾ انهن جي پيداوار ۾ واڌ جو سيڪڙو 3 هوندو. ساڳيءَ طرح جرمني ۽ فرانس جي باري ۾ اندازو آهي ته انهن ۾ هر سال 2 سيڪڙو واڌ ايندي. اٽليءَ ۾ پيداوار ۾ واڌ 1994ع ۾ ڏيڍ سيڪڙو مس آئي آهي. جپان ايڏا تائين لاڳ ۾ قابو آهي. جپاني سرڪاري ذريعا اها ڳالھ قبول ڪن ٿا ته سال 1993ع کان مارچ 1994ع تائين جپان جي آمدني اڳي جي پيٽ ۾ هڪ سيڪڙو گھٽ هئي.

بيروزگاريءَ وارو چاڑھو

بھرحال اها جيڪا آهستي آهستي، هيڪندڙ نموني، لاڳ پيئي گھٽجي، تنهن جو روزگار جي حالت تي ڪوبه چڱو اثر ڪونه پيو آهي. جيتوڻيڪ آمريڪا ۾ بيروزگاريءَ جو سيڪڙو جيڪو اڳي 8 هو، سو هاڻي گھٽجي 6 ٽيو آهي پر ته به آمريڪا ۾ جيتري بيروزگاري اڄ آهي، اوتري ٻي جنگِ عظيم کان پوءِ هيستائين ڪڏهن به کانه هئي. جيڪي نوان روزگار کوليا ويا آهن، اهي عارضي آهن، ڇوٽا موٽا آهن ۽ انهن مان باقاعدي روزگار نٿو ملي. سرمائيداريءَ جي هن ڏاکي تي هڪڙي نئين قسم جي بيروزگاري ظاهر ٿي آهي. هاڻ اهو جيڪو روڪجي روڪجي لاڳ مان مٿي چاڑھه پيو ٿئي، ان کي سڃي دنيا ۾ بيروزگاريءَ وارو چاڑھو (Jobless growth) سڏيو پيو وڃي. دنيا جي چوويھن سپ کان اڳتي وڌيل سرمائيدار ملڪن جي وزارتي ڪائونسل

جون 1994ع ۾ اندازو لڳايو ته انهن ملڪن اندر ڪم ڪندڙ ڪل مزدورن جو $8^{1/2}$ سيڪڙو يعني ساڍا ٽي ڪروڙ مزدور بيروزگار آهن. 1995ع جي باري ۾ اڳڪٿي اها آهي ته اها بيروزگاري فقط ڏهائي ۾ سيڪڙو گهٽبي. ٻئي طرف انهن بيروزگارن جو تعداد نون بيروزگارن پيدا ٿيڻ جي ڪري ايڏا ۾ وڌندو. دنيا جي سڀ کان اڳتي وڌيل ستن سرمائيدار ملڪن جي سربراهن جي جيڪا جولاءِ 1994ع ۾ چوٽيءَ جي گڏجاڻي ٿي، تنهن ۾ اندازو لڳايو ويو ته انهن دنيا جي ستن سڀ کان وڌيڪ ترقي يافته صنعتي ملڪن جي اندر بيروزگاريءَ جو انگ ۾ ڪروڙ چاليهه لک ٿيندو. گذريل ڏهن سالن ڪن ۾ جيڪي ڪجهه ڪيو ويو آهي، تنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته سرمائيداري پنهنجي گهوتالي کي حل ڪرڻ لاءِ نوان نوان طريقا استعمال ڪري ٿي.

غريب دنيا کي قرڙ جا نوان طريقا

دنيا جو مالي سرمايو جنهن ۾ اڄي فقط کي چند ملڪ شريڪ هئا، تنهن ۾ هينئر گهڻن ملڪن جو سرمايو شامل ڪيو ويو آهي، ان ڪري عالمي سرمائيداريءَ کي ان ۾ هٿي ملي آهي ته عام لاڙ جي باوجود، دنيا جي ملڪن خلاف، خاص ڪري ٽئين دنيا جي ملڪن خلاف، اها پنهنجي نفعي جو اگهه نه رڳو برقرار رکي، پر وڌائي به. تنهن کان سواءِ سرمائي جون جيڪي مختلف قسمن جون علائقائي گڏپون ٽين پيون، تن پڻ سرمائيداريءَ جي مختلف مرڪزن کي انهيءَ ڳالهه ۾ مدد ڪئي آهي ته هو نه رڳو پنهنجي اقتصادي پوزيشن برقرار رکن، پر ان کي مستحڪم ۽ ڪشادو به بڻائين. انهيءَ عمل دوران عوام کان قرلٽ جا نت نوان طريقا ڳولي ڪڍيا پيا وڃن. ان عمل جا مکيه نتيجا اهي نڪتا آهن ته سرمائيدار ملڪن جي اندر غريب عوام کان توڙي دنيا جي ٻين ملڪن جي عوام کان، خاص ڪري ٽئين دنيا جي ملڪن جي عوام کان قرلٽ ۾ تيزي آئي آهي.

تضادن ۾ ٽڪرن جو شديد ٿيڻ

اڄي جو عالمي سوشلسٽ نظام عالمي سامراج جي رستي ۾ رڪاوٽ ٿيو بيٺو هو. ان جي روس ۾ ڌهي پوڻ ڪري آمريڪا جي اڳواڻيءَ ۾ عالمي

سامراج دنيا تي هڪڙو نئون سرمائيدار سامراجي عالمي نظام مڙهڻ جا خواب پيو لهي ۽ انهيءَ ڳالهه تي سندرو ٻڌيو ٻيٺو آهي ته سڄي دنيا تي پنهنجي بالادستي مڙهي. انهيءَ ڪري گذريل سالن ۾ عالمي سامراج سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي ميدانن ۾ سخت اڳرائيءَ وارو موقف اختيار ڪريو ٻيٺو آهي ۽ نتيجي طور هڪڙو اهڙو دؤر شروع ٿيو آهي، جنهن ۾ هن دؤر جا پنج ئي بنيادي عالمي ٽڪر ۽ تضاد وڌيڪ شديد ٿيا آهن.

پورهئي ۽ سرمائي جي وچ ۾ ٽڪر

مٿي ذڪر ڪيل سرمائيدار ملڪن جي بحران ۽ گهوٽالي مان نڪرڻ جي عمل ۾ جيڪا اينگهه ٿي پئي آهي، اها سرمائيدار ملڪن ۾ پورهيت عوام ۽ سرمائيداريءَ جي وچ ۾ تضاد ۽ ٽڪر کي شديد ۽ تيز ڪري رهي آهي. اها حقيقت انهن ملڪن جي پورهيت عوام جي بيروزگاريءَ، غريبيءَ ۽ بي اجهائيءَ مان ظاهر آهي. برطانوي صنعتن جي فيڊريشن جي چوڻ مطابق 1979ع کان 1993ع تائين 14 سالن جي عرصي ۾ برطانيا جي صنعتن ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن جو تعداد 40 سيڪڙو گهٽجي ويو. جرمنيءَ ۾ رڳو هڪڙي سال 1991ع ۾ ساڍا اٺ لک مزدور بيروزگار ٿي ويا ۽ 1994ع ۾ پنج لک ٻيا مزدور بيروزگار ٿيا. جرمنيءَ ۾ ئي ساڍا ٻاهتر ($72^{1/2}$) لک ماڻهو غريبيءَ جي سطح کان به گهٽ درجي جي زندگي گذارين ٿا. انهن مان اڌن لکن وٽ مٿي ڍڪڻ لاءِ اجهو ڪونهي. جرمنيءَ ۾ بيروزگاري 8.9 سيڪڙو آهي ۽ ان جي اپرندي واري حصي ۾ ته اها 17.1 سيڪڙو آهي. جپان ۾ بيروزگاريءَ جو سيڪڙو 2.7 آهي ۽ بيروزگارن جو تعداد 15 لکن تائين پهتل آهي. بيروزگاريءَ جو اهو انگ جنگِ عظيم جي پوءِ واري جپاني تاريخ ۾ سڀ کان وڏو آهي.

ٻن ٽن صدين کان ونڊي دنيا جا پورهيت ۽ ترقي پسند انسان سرمائيداري ڦرلٽ ۽ ان جي مزدورن تي ظلم خلاف اهڙيون سورهيائيءَ واريون جدوجهدون ڪندا، قربانيون ڏيندا رهيا آهن. جن "انٽرنيشنل" ۽ "مارسيلز" جهڙن جڳ مشهور لافاني انقلابي نغمن کي جنم ڏنو آهي. انهن جدوجهدن مان هڪڙو مثال 1886ع واري شڪاگو واري جدوجهد جو آهي، جنهن جي ياد ۾ ان تاريخ تي سڄي جهان ۾ مزدورن جو عالمي ڏينهن ملهائجي ٿو.

عوام کي تڏو ڪرڻ لاءِ

انهن جدوجهدن جي ڪري ۾ خاص ڪري 1917ع واري عظيم آڪتوبر سوشلسٽ انقلاب کان پوءِ جڏهن نازي جرمني ۾ جپان کي شڪست ڏئي سوشلسٽ ڪئمپ قائم ٿي، تڏهن سرمائيدار سامراجي دنيا مزدور طبقي کي تڏو ڪرڻ ۾ سرمائيداري راج کان بغاوت ڪرڻ کان روڪڻ ۾ کين سرمائيداري نظام هيٺ راضي رکڻ لاءِ سيني جي پلائيءَ واري حڪومت (Welfare State) جو تصور پيش ڪيو. ڪيترن سرمائيدار ملڪن ۾ خانگي ڪارخانن سان گڏ پبلڪ جي پلائيءَ لاءِ شعبا (Public Sectors) قائم ڪيا ويا، جن ۾ صنعتون لڳايون ويون ۾ روزگار ميسر ڪيو ويو. تنهن کان سواءِ غريبن کي بيروزگاري الاٿونس. وڌي عمر جو الاٿونس ۾ ٻيون قسمين قسمين سهولتون ۾ رعايتون ڏنيون ويون. پر جيئن ئي عالمي سرمائيداري ۾ سامراج کي سوويت يونين ۾ سوشلسٽ ڪئمپ جو ڊپ لٿو آهي، تيئن ئي سندن مزدورن ۾ عوام ڏانهن رويو اڪ چنپ ۾ بدلجي وري اهڙو بي رحم، آڪٽوپاز ۾ فرعوني بڻجي ويو آهي. جهڙو سوشلزم جي عروج کان اڳ واري دؤر ۾ هو. هنن عام پلائيءَ جي حڪومت (Welfare State) جي پچري کي ڌاهڻ شروع ڪيو آهي. ان شعبي جا ڪارخانا، جائيدادون ۾ ٻيا ادارا وڪڻي ڇڏيا اٿن. ڇانتيون عام ٿي ويون آهن ۾ ٻيا ب ڪئين رنگ اهڙا پيا ٿين جڙ ته مزدور ۾ غريب طبقي نالي کا شيءِ هاڻ سرمائيدارن جي ليکي ۾ ئي ڪانه رهي آهي.

آئي تو يون ڪ گويا...!

آئی تو یوں کہ گویا ہمیشہ تھی مہربان،
اور جو گئی تو گویا کبھی آشنا نہ تھی۔

اهو عمل سڀ کان وڌيڪ تيزيءَ سان آمريڪا ۾ ڪيو پيو وڃي. ڪلنٽن تازو اعلان ڪيو ته موجوده سماجي ٻهبوديءَ جي پروگرامن ۾ 70 لک ڊالر اڃا ب ٻيا گهٽايا ويندا. سرمائيداريءَ جي انهن غريب دشمن قدمن جي ڪري قدرتي طرح پورهيت عوام جي مٿان زبردست بار پئجي ويو آهي. جنهن جي ڪري عوامي جدوجهدن ۾ واڌارو آيو آهي.

گذريل ڪجھ سالن ۾ پورھيتن طرفان پنھنجي حقن کي بچائڻ لاءِ ڪئين زبردست ھڙتالون ڪيون ويون آھن.

سرمائيدار حڪمران ٽولا لوڏن ۾

عوام جي ان بي چينيءَ ۽ رنجش جو اظھار ڪيترن ملڪن ۾ چونڊن ۾ ٿيو آھي. گذريل سال جون 1994ع ۾ يورپي پارليامينٽ جون جيڪي چونڊون ٿيون ھيون، تن ۾ ساڄي ڌر جي رجعت پرست بالادست قوتن ڪجھ ميدان ھارايو آھي. برطانيا ۾ رجعت پرست حڪمران مردار پارٽيءَ 14 سيٽون وڃايون. جرمنيءَ ۾ ڪرسچن ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ کي فقط 40 سيڪڙو ووٽ مليا. فرانس جي وچڑي ساڄي پاسي واري حڪومت کي فقط $25\ ^{1/2}$ سيڪڙو ووٽ مليا. ھالينڊ ۾ حڪمران ڪرسچن ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ پنھنجي ووٽن جي ٽئين پٽي وڃائي ڇڏي. جپان ۾ حڪمران لبرل پارٽيءَ ۽ پنجاھ سالن جي حڪمرانيءَ کان پوءِ حڪومت وڃائي ڇڏي. ڪيترن سرمائيدار ملڪن ۾ رشوت خوريءَ جون وڏيون خواريون ٿيون آھن، جن جي ڪري سرمائيدار حڪمران پارٽيون ڏڪڻلي ۾ پئجي ويون آھن. انھن خوارين جي ڪري جپان ۾ اٽليءَ ۾ حڪمران پارٽين جو چونڊن ۾ تختو نڪري ويو. ٻئي پاسي ڪيترن ملڪن ۾ روشن خيال سوشل ڊيموڪريٽڪ ۽ اڳوٽين ڪميونسٽ پارٽين چونڊن ۾ پنھنجي پوزيشن بھتر بڻائي آھي. اٽليءَ ۾ جيتوڻيڪ ساڄي ڌر جي نئين اتحاد 630 مان 360 سيٽون کٽيون آھن، پر نئين سر ٺھيل اطالوي ڪميونسٽ پارٽي ۽ کابي ڌر جي وچ ۾ جڙيل اتحاد، ساڄي ڌر جي پارٽيءَ کان پوءِ، مخالف ڌر جي سڀ کان وڏيڪ اثرائتي پارٽي بڻجي ايريو آھي. ان کان اڳ اٽليءَ جي سمورن وڏن شھرن ۾ ميونسپالٽين جي چونڊن ۾ ترقي پسند ڌر جي پارٽين وڏي اڪثريت سان کٽيو. اسپين جي ڪميونسٽ پارٽي يورپي پارليامينٽ جي چونڊن ۾ ڪافي سيڪڙو ووٽ کنيا آھن. اڳوٽي اوپر جرمنيءَ ۾ جمھوري سوشلزم جي پارٽيءَ گذريل چونڊن ۾ 30 سيٽون کٽيون ۽ اھڙيءَ طرح ڪيس جرمن پارليامينٽ ۾ نمائندگي ملڻ جو حق حاصل ٿيو آھي.

مزدورن جي هڙتالن جو احتجاجي عمل هڪڙي پاسي ۽ ٻئي پاسي چوندن ۾ ساڃي ڏر جي حڪمران پارٽين کي جيڪي ڏڪ لڳا آهن، اهي ٻئي ڳالهيون گڏجي ڏيکارين ٿيون ته گهٽو ڪري سيني اڳتي وڌيل سرمائيدار ملڪن ۾ عوام جي اندر ناراضگي وڌندڙ آهي. جتي جتي ڪاپي ڏر جون روشن خيال ۽ ڪميونسٽ پارٽيون موجود آهن ۽ عوام جي اڳواڻي ڪري، انهيءَ ٻي چينيءَ کي ترقي پسند ۽ جمهوري جدوجهدن جي صورت ۾ اڳتي وڌائين ٿيون، اتي هنن عوام جي تائيد حاصل ڪئي آهي.

فاشزم پکڙي رهي آهي

پر جتي جتي اهڙي باشعور ۽ مضبوط اڳواڻي ناهي، اتي رجعت پرست قوتون اها ڪوشش ڪري رهيون آهن ته عوام جي ٻي چينيءَ کي پنهنجي ناجائز سياسي فائدن لاءِ ڪتب آڻين. فرانس، جرمني، اٽلي ۽ سپني کان وڌي ڳالهه ته آمريڪا ۾ نيون فاشي قوتون ايري رهيون آهن. اها ڳالهه ڏيکاري ٿي ته ايندڙ دؤر ۾ هڪڙي پاسي رجعت پرست ساڃي ڏر جيڪا عوام جي ٻي چينيءَ کي پنهنجي ناجائز مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ چاهي ٿي ۽ ٻئي پاسي ڪاپي روشن خيال ۽ ڪميونسٽ ڏر جيڪا عوام جي حق جو بچاءُ ڪرڻ چاهي ٿي ۽ انهن کي ايڏا ۽ وسيع ڪرڻ چاهي ٿي، انهن جي وچ ۾ سخت سياسي ويڙهه ٿيڻ جا امڪان آهن.

اڄ روشن خيال ڪاپي ڏر ۽ ڪميونسٽ پارٽين جي وچ ۾ سڄي يورپ اندر وسيع تر هم آهنگي پيدا ٿي رهي آهي ۽ نيون ڪوششون ٿي رهيون آهن ته اهي ٻئي ڌريون گڏجي يورپي يونين جي مخالفت ڪن ۽ سرمائيدار ملڪن جي اندر ڦرلٽ ۾ جيڪا تيزي آئي آهي، ان کي پيدا ڪندڙ پاليسين کي مڙس ٿي منهن ڏيڻ ۾ عوام جي اڳواڻي ڪن.

گهوٽالي جو نزلو غريبن تي ڪيرائڻ

سرمائيداري ۽ سامراج پنهنجي هن اندروني گهوٽالي مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ان گهوٽالي جو سڄي جو سڄو نزلو ٽئين دنيا جي غريب ملڪن تي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ ڪائنڪ وڏ ۾ وڏ ڦرلٽ ڪري پنهنجي کوٽ پوري ڪري رهيا آهن. انهيءَ جي ڪري سامراجي ملڪن جي اندر به تضاد ۽ ٽڪر وڌن ٿا، ڇاڪاڻ جو هر

سرمائيدار ملڪ ضرورت مهل وس پڄندي ٻئي سرمائيدار ملڪ جي سرمائيداريءَ کي ڏڪ ڏيئي پاڻ هن بحران مان مٿي چڙهڻ چاهي ٿو.

سامراجي ملڪن جي اندر تضاد ۾ ٽڪر

عالمي سرمائيداريءَ جا مکيہ مرڪز ٽي آهن: (1) آمريڪا (2) جپان، ۽ (3) جرمني. انهن ٽنهي مان هرهڪ ڏر هرهڪ مرڪز پنهنجي پوزيشن کي وڌيڪ مستحڪم ۽ مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

يورپي ملڪن کي ڪافي حد تائين ملائي هڪ ڪرڻ واري ماسترڪ جي عهدنامي جي بحال ٿيڻ کان پوءِ يورپ جي گڏپ جو عمل وڌيڪ اڳتي وڌيو آهي. انهيءَ عمل جو جوهر اهو آهي ته يورپ جي سمورن ملڪن جي هڪ هٿيءَ واري سموري سرمائي کي ملائي هڪ ڪيو وڃي ۽ ان مقصد لاءِ يورپ جي ڏار ڏار سرمائيدار قومن جي قومي خودمختياريءَ کي جهڪو ڪيو وڃي، ته جيئن يورپي هڪ هٿي سرمايو يورپي قومن جي انفراديت کان مٿاهين قسم جو روپ ونڊي سگهي ۽ ميمبر ملڪن جي قومي پاليسين طرفان وڌل رڪاوٽن کان آزاد ٿي. اعليٰ قسم جي آزاديءَ واري چرپر جو حق حاصل ڪري سگهي ۽ اهڙيءَ طرح فيصلو ڪندڙ اقتصادي ۽ سماجي ميدانن ۾ جيئن وٽيس تيئن ڪارروائيون ڪري سگهي. ٻيو ته يورپي يونين جو اختيار هاڻي فقط اقتصادي مسئلن تائين محدود ناهي، اهو هاڻي سياسي، فوجي ۽ پرڏيهي پاليسيءَ جي ميدان تائين پڻ پهچي ويو آهي.

دنيا جي عوام خلاف يورپي اقتصادي، سياسي ۽ فوجي ٻڌي

يورپي هڪ ـ هٿي سرمائي جي اها غير معمولي گڏپ ان سرمائي جي سڃي يورپ ۾ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي چرپر ڪرڻ لاءِ حالتون سازگار ٻڌائيندي ۽ گهٽ ـ قومي ڪمپنين جي واڌاري کي هٿي ڏيندي انهيءَ کان سواءِ اها بين الاقوامي طرح يورپي سرمائي جي پوزيشن کي بين جي پيٽ ۾ بهتر ڪندي ۽ يورپي سرمائي اندر وري يورپ جي مضبوط ترين اقتصاديت يعني جرمنيءَ جي اقتصاديت جي پوزيشن کي مضبوط ڪندي. اهي ڪوششون شروع ٿي ويون آهن ته يورپ اندر سيني يورپي ملڪن جون گڏيل فوجي هاءِ ڪمانون قائم ڪيون وڃن.

ايئن ڪرڻ سان هيستائين جيڪا نيٽو جي فوجي معاهدي وسيلي آمريڪا جي يورپ مٿان بالادستي پئي رهي آهي، اها خطري ۾ پئجي ويندي. پئي طرف آمريڪا اها ڪوشش ڪري رهيو آهي ته نيٽو جو اختيار اولهه يورپ جي سرحدن کان ٻاڪٽي وڌايو ويڃي. 1994ع جي پچاڙيءَ تائين اويرِ يورپ جا 22 ملڪ، جن ۾ سوويت يونين جون اڳوٽيون جمهوريتون ٻه اڇي وڃن ٿيون، سي نيٽو جي "امن لاءِ پائيواري" واري پروگرام ۾ شامل ٿي ويا آهن. حالانڪ ايڏا انهن کي نيٽو جي مڪمل ميمبرشپ نه ملي آهي.

يورپي ماڻهن جو جرمنيءَ کان خوف قائم آهي

انهيءَ عمل جي دوران خود يورپي ملڪن جي وچ ۾ ڪيترا ٽڪر ٿي پيا آهن. اندر ئي اندر سڄي يورپ مٿان اهو خوف چانيل آهي ته يورپ جي مٿان جرمني وري ٻه ڇانئجي ويندي. تازو ڊينمارڪ ۾ يورپ جي گڏپ واري ماسٽرڪ عهدنامي بابت عام رايو ورتو ويو ۽ جرمنيءَ بابت ان خوف جي ڪري ان عهدنامي ۾ ڊينمارڪ جي شامل ٿيڻ جي رٽ کي رد ڪيو ويو. انهيءَ ئي سبب ڪري برطانيا طرفان يورپ جي گڏيل سڪي رائج ڪرڻ واري تجويز جي مخالفت ڪئي پئي وڃي. ان جي جاءِ تي جيڪو اِي۔ ايم۔ آر (E.M.R) يا ايڪسچينج ريٽ مڪئنزم نالي مالي نظام قائم ڪرڻ جي تجويز هئي، ان کي به ترڪ ڪيو ويو آهي.

آمريڪا سان ٻڌيءَ جو پهريون شهيد۔ ميڪسيڪو

پئي طرف آمريڪا، ڪئناڊا ۽ ميڪسيڪو جي وچ ۾ جيڪو واپاري عهدنامو ٿيو آهي، جنهن کي "نارٿ اٽلانٽڪ فري ٽريڊ ايگريمينٽ" يا نافٽا (NAFTA) سڏجي ٿو، ان جي عمل ۾ اچڻ کان پوءِ آمريڪي ڪنڊ ۾ به هڪڙو تضاد پيدا ٿي ويو آهي ۽ ان ڪنڊ ۾ به هڪڙي قسم جي بي چينيءَ واري ڪيفيت چانيل آهي. ڪلنٽن تازو چيو آهي ته هي عهدنامو فقط انهن ٽن ملڪن، يعني آمريڪا، ڪئناڊا ۽ ميڪسيڪو تائين محدود ڪونه هوندو پر سنه 2005ع تائين سڄي آمريڪا کي ان ۾ شامل ڪيو ويندو. ان واپاري عهدنامي جو فائدو سڀ کان گهٽو آمريڪا کي پهتو آهي، جيڪو ميڪسيڪو جي سستي

پورهئي ۾ ڪچي مال کي استعمال ڪري رهيو آهي ۽ پنهنجو تيار ٿيل مال ڪئناڊا ۾ سستي رهيو آهي. رڳو 1993ع ۾ آمريڪا جي گھٽ- قومي ڪمپنين ميڪسيڪو مان 40 ارب ڊالر نفعو ڪمايو. جيڪا رقم ميڪسيڪو جي ڪُل قرض جي ٽئين پتي جيتري آهي. انهن طريقن سان آمريڪا پنهنجي اقتصاديت کي، جيڪا ڏهن سالن کان ۾ مٿي عرصي کان رولي ۾ آهي، تنهن کي وري بحال ڪرڻ چاهي ٿو ۽ جپان ۽ جرمنيءَ جي پيٽ ۾ پنهنجي صورتحال بهتر بنائڻ چاهي ٿو. ايتري ۾ ئي نافتا جو پهريون شهيد نروار ٿي چڪو آهي. اهو آهي ميڪسيڪو. جنهن جي اقتصاديت جو ڪجهه مهينا اڳ صفا تختو نڪري ويو ۽ خواريءَ کان بچڻ لاءِ آمريڪا کي اربين ڊالر قرض ڏيئي ڪيس اقتصادي جيئدان ڏيڻو پيو آهي.

ايشيا، جپان جي پاچي هيٺ

اڄوڪو جپان، ايشيا جي مکيه اقتصادي قوت ۽ سڄي دنيا جو ٻيو نمبر اقتصادي مرڪز آهي. پنهنجي مضبوط اقتصاديت ۽ ين سڪي ذريعي پنهنجا نفعا وڌائڻ لاءِ اهو ٻين ملڪن ۾ اڳي کان ۾ وڌيڪ نفعي واريون سيڙپون ڪرڻ ۾ رڌل آهي. 1987ع کان وٺي 1990ع تائين جپان جي ايشيا جي اندر سڌي سيڙپ ۾ ارب ڊالرن کان ڊرامائي نموني وڌي وڃي 8 ارب ڊالر ٿي ويئي آهي. اوپر ايشيا ۾ سندس سيڙپ پنجوٽي ٿي ويئي آهي، ان ڪري سندس ديون جيڏيون گھٽ- قومي ڪارپوريشنون جپان کان ٻاهر پنهنجي پيداوار ايتري گھٽي ڪري ويون آهن جو اها سندن گھرو پيداوار کان ۾ وڌي ويئي آهي. جپاني سرمائي جي اها بالادستي ۽ نتيجي طور ايشيائي ملڪن جو جپاني سيڙپڪاريءَ مٿان دارومدار ۽ محتاجي، انهن ڳالهين جا لازمي طرح سياسي نتيجا نڪرڻا آهن. انهيءَ ڪري جپان جي ٻين ٻن عالمي اقتصادي مرڪزن، يعني يورپي يونين ۽ نافتا (NAFTA) جي پيٽ ۾ پوزيشن وڌيڪ مستحڪم ٿيندي. ڪوششون ڪيون ٻيون وڃن ته ايشيا پئسفڪ اقتصادي ڪارپوريشن يا اپيڪ (APEC) نالي هڪڙو اقتصادي واپاري سپر بلاڪ ٻڌايو وڃي، جنهن ۾ ٻين سان گڏ آمريڪا، جپان ۽ چين ۾ شامل

هجي. ان سلسلي ۾ تازو انڊونيشيا ۾ انهن ملڪن جي سربراهن جي چوٽيءَ واري ڪانفرنس ٿي گذري آهي. عالمي سرمائيداريءَ جا اهي ٿي مرڪز هڪٻئي سان گڏپ ۾ تعاون ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجون پنهنجون اقتصادي پوزيشنون وڌيڪ ڪان وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان چٽاپيٽيون ڪري رهيا آهن ۽ سنڊن وچ ۾ واپاري لڙائيون شروع ٿي ويون آهن. جيڪي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ شديد ٿينديون وڃن. مثال طور: جپان کي آمريڪا جي مٿان واپار ۾ 60 ارب ڊالرن جي برتري حاصل آهي ۽ آمريڪا ان برتريءَ کي گهٽائڻ لاءِ جپان تي زبردست زور بار آڻي رهيو آهي تہ اها پنهنجي سڪي ين جي قيمت ڊالر جي مقابلي ۾ وڌائي. جپان ان جي مخالفت ڪري رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ ين جي قيمت ڊالر جي مقابلي ۾ وڌائڻ جي ڪري سنڊس مال ٻاهرين ملڪن ۾ مهانگو ٿي ويندو ۽ ان ڪري گهٽ ڪامندو. ان ڏٻاءَ جي باوجود جپان جي ين جي قيمت گهٽجي رهي آهي. ان ڪري اندروني طرح جپان جي اندر واڌاري ۾ گهٽتائي اچي رهي آهي ۽ اهو پوئتي پئجي رهيو آهي ۽ ساڳئي وقت ان جون ٻاهرين ملڪن ۾ سيڙپڪاريون وڌي ويون آهن. ڇاڪاڻ جو اتي ين نبستاً سستو آهي ۽ اتي جي مال جي پيٽ ۾ جپاني مال وڌيڪ سستو آهي.

اهو تضاد انهن مسئلن تي وڌيڪ ظاهر ٿيو آهي. جيڪي ويجهڙائيءَ وارن سالن ۾ ميدان ۾ آيا آهن. هائٽيءَ تي آمريڪي حملي جي سلسلي ۾ فرانس. آمريڪا جي مخالفت ڪئي ۽ رواندا ۾ بہ فرانس ۽ آمريڪا جا موقف مختلف آهن. يوگوسلاويا ۾ جيڪا خونريزيءَ واري صورتحال پيدا ٿي آهي ۽ بوسنيا ۾ جيڪا گهرو لڙائي هلي پئي. تن جي باري ۾ آمريڪا ۽ ڪيترن يورپي ملڪن جا موقف هڪٻئي جي مخالف آهن. ايندڙ سالن ۾ اهي تضاد وڌيڪ شديد. وڌيڪ گهرا ۽ ويڪرا ٿي سگهن ٿا.

سرمائيدار سامراج ۽ ٽئين دنيا جي ملڪن جي وچ ۾ تضاد

جيتوڻيڪ سرمائيدار سامراجي ملڪن جي وچ ۾ ڪافي تضاد آهن. پر ان جي باوجود ٽئين دنيا کي قرڻ ۽ لٽڻ جي مسئلي تي انهن

ملڪن جي وچ ۾ ڪافي حد تائين ٻڌي آهي. جي-7 (G-7) نالي سامراجي ملڪن جي ٽولي جي نمائندن جون باقاعدي گڏجاڻيون ٿين ٿيون، جتي هو نه رڳو اقتصادي معاملا نبيرين ٿا پر پي سڄي دنيا جي باري ۾ سياسي ۽ پرڏيهي پاليسين جي مسئلن تي به پنهنجا موقف هڪٻئي سان نهڪائين ٿا.

تازو سامراجي ملڪن ۽ ٽئين دنيا جي ملڪن ۾ تضاد وڌيڪ شديد ٿيا آهن. عالمي سامراج لاءِ اقتصادي توڙي سياسي ميدانن ۾ هينئر جيڪي فائدي واريون حالتون آهن، تن جي ڪري ٽئين دنيا جي ملڪن مٿان سندن دباءُ ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي. اقتصادي ميدان ۾ سامراجي ملڪن جي وچ ۾ واپار جي مسئلن تي جيڪي اختلاف هئا، سي هو نبيرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن، جنهن جي ڪري عالمي واپار بابت گيٽ 1994ع جو عهدنامو ٿيو آهي ۽ عالمي واپاري تنظيم (World Trade Organization) قائم ڪرڻ جو معاملو طئي ٿيو آهي.

ناڻي جو ابتو وهندڙ واهه!

گيٽ جو عهدنامو جڙ گھڙ- قومي ڪارپوريشن ۽ عالمي سامراج کي هڪڙو قانوني پروانو ڏئي ڇڏي ٿو ته ٽئين دنيا جي ملڪن جي عوام کان ڦرلٽ اجا به تيز ڪن ۽ اتان وڌ ۾ وڌ نفعي جون رقمون ٻاهر ڪڍي پنهنجن ملڪن ڏانهن ڪٽي وڃن. اهو عهدنامو ٽئين دنيا جي ملڪن کي پنهنجي اقتصاديت ۾ اهڙيون تبديليون آڻڻ تي مجبور ٿو ڪري، جن جي ڪري سندن ملڪي سياسي خودمختياري ۽ اقتصادي پاڻ ڀرائيءَ کي ڏاڪ رسي ٿو. تنهن کان سواءِ عالمي مالياتي فنڊ ۽ عالمي بئنڪ ٽئين دنيا تي جيڪا بالادستي قائم ڪريو ۽ ان تي جيڪي شرط مڑهيو وينا آهن، تن جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو ٽئين دنيا جي ملڪن ۾ شاهوڪار ملڪن جو پئسو اڇڻ جي بدران اتلو ٽئين دنيا مان وڌيڪ رقم نڪريو پوين پيرن سرمائيدار ملڪن ڏانهن پيئي وڃي. عالمي بئنڪ جيڪا سالياني رپورٽ سيپٽمبر 1994ع ۾ ڏني آهي، تنهن مان معلوم ٿو ٿئي ته دنيا جي قرضي ملڪن (جن ۾ اسان جو ملڪ پاڪستان به شامل آهي) مان 1994ع جي پهرين ڇهن مهينن ۾ 73 ڪروڙ ڊالر نڪري سرمائيدار ملڪن ڏانهن ويا آهن.

عالمي بئنڪ جا نسخا ناڪام ثابت ٿيا

مارچ 1994ع ۾ عالمي بئنڪ، آفريقا جي باري ۾ جيڪا رپورٽ ڏني، تنهن ۾ اها ڳالهه مڃي ويئي آهي ته عالمي مالياتي فنڊ جا نسخا آزمائڻ کان پوءِ ڇويهن ملڪن مان ويهه ملڪ پنهنجي اقتصاديت کي بهتر بنائڻ ۾ ناڪام ٿي ويا آهن، باقي اهي ڇهه ملڪ، جن کي انهن نسخن مان ڪجهه نه ڪجهه فائدو رسيو آهي، اتي به غريبيءَ کي هٽائڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ته به 30 سال ٻيا لڳندا.

گيٽ جي تازي عهدنامي ٿيڻ کان اڳيئي صورتحال اها آهي جو ٽئين دنيا ڏينهون ڏينهن وڌيڪ غريب ٿيندي وڃي، مثال طور: لاطيني آمريڪا جي اقتصادي ڪميشن رپورٽ ڏني آهي ته لاطيني آمريڪا جي ماڻهن جو 61 سيڪڙو غريبيءَ جي گهٽ ۾ گهٽ ڏاکي کان به هيٺ زندگي گذاري رهيو آهي. دنيا جي ويهن سڀ کان غريب ملڪن جي سالياني آمدني اڳي کان به پنج سيڪڙو گهٽجي ويئي آهي. جمعيت اقوام جي بين الاقوامي پورهيت تنظيم جي 1993ع واري رپورٽ مطابق سال 2000ع تائين دنيا جي ماڻهن جو پوراڏ، غريبيءَ جي هيٺين سطح کان به غريب رهندو.

غريبن تي قرض جو مرض وڃي وڌندو!

جن کي اسرندڙ ملڪ ڇيو وڃي ٿو تن جو ڪل قرض وڃي ڏينهون ڏينهن وڌندو. عالمي بئنڪ اندازو لڳايو آهي ته ٽئين دنيا تي سرمائيدار سامراجي دنيا جو چڙهيل قرض 1992ع تائين وڌي 123 ارب ڊالر ٿي ويو. انهيءَ جي معنيٰ ته اهو قرض اڳين سالن کان 56 بلين، يعني 3.5 سيڪڙو وڌي ويو آهي. بئنڪ اندازو لڳايو آهي ته 1993ع ۾ اهو قرض 6.5 سيڪڙو وڌيو. ان جي معنيٰ ته شاهوڪار ملڪن کان غريب ملڪن ڏانهن پئسو اڇي، تنهن جي بدران الٽو غريب ملڪن کان هڪڙو ناڻي جو واهه شاهوڪار ملڪن ڏانهن پيو وهي.

عالمي امن جون کوڙيون خوشخبريون

هي جو توتارا وڃائي دنيا کي ٻڌايو ويو هو ته سرد جنگ ختم ٿي ويئي آهي ۽ هاڻي دنيا ۾ قيامت تائين امن جو بول بالا رهندو سا ڳالهه هڪڙي رڄ ثابت ٿي آهي. جيتوڻيڪ يورپي سوشلسٽ ملڪن جي

وارسا فوجي معاهدي کي ختم ڪيو ويو آهي پر آمريڪا نہ رڳو پنهنجي سرمائيدار سامراجي ناٽو فوجي معاهدي کي ختم نہ ڪيو ۽ پنهنجا فوجي اڈا ب ختم نہ ڪيا. پر انهن جو عمل پاڻ وڌندو ويڃي. هي جيڪو چيو ويو هو تہ روس جي ختم ٿيڻ کان پوءِ ان جو ڦل امن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو اها ڳالهہ سراسر غلط ثابت ٿي آهي. سوويت يونين کي ختم ڪري فوجي خرچ گھٽائي. بچيل رقم مان دنيا جي غريب عوام جي پلائي ۽ بهبودي جا ڪم ڪيا ويندا. اهو آسرو بہ سراسر ڪوڙو ۽ فريبي ثابت ٿيو آهي. جيتوڻيڪ 1987ع کان وٺي 1994ع تائين دنيا ۾ جنگ تي خرچ 935 بلين گھٽيو. پر ان باري ۾ 1994ع جي عالمي بئنڪ جي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ "اها ڳالهہ ڏاڍي مايوس ڪندڙ آهي تہ جيئن وڌندڙ فوجي بجيٽ جي دؤر ۾ سماجي ۽ انساني پلائيءَ جي ڪمن کي نظرانداز ڪيو ويو هو. تيئن هاٿي جڏهن فوجي خرچ گھٽايو پيو وڃي. تڏهن بہ انهن پروگرامن کي پاسيرو اڇلائي ڇڏيو ويو آهي."

سرڪڙ ڦاهيون وڃن سوڙهيون ٿيندیون

گيٽ جي معاهدي عالمي بئنڪ ۽ عالمي مالياتي فنڊ جون اقتصادي سرڪڙ ڦاهيون روز وڃن ٿيئن دنيا جي ڪروڙين عوام کي سوڙهو ڪنديون ۽ سندن مصيبتن ۾ واڌارو ڪنديون. انساني واڌاري بابت 1994ع واري رپورٽ مطابق صورتحال هاڻ ان حد کي وڃي پهتي آهي جو دنيا جي ڪل آبادیءَ مان پنجين پٽيءَ جيترا شاهوڪار ماڻهو دنيا جي ڪل آمدنيءَ جي ڏهن پٽين مان ساڍيون اٺ پٽيون کٽيو وڃن ۽ دنيا جي ڪل آبادیءَ جي اها پنجين پٽي. جيڪا سڀ کان غريب آهي. ان کي ڪل عالمي پيداوار جي ڏهن پٽين مان فقط ڏيڍ پٽي نصيب ٿئي ٿي.

سامراج ۽ ٿئين دنيا جي وچ ۾ تضاد ۽ ٽڪر جي تيز ٿيڻ جو لازمي نتيجو اهو نڪري پيو جو غريبي، بک، دربدري ۽ بيماري ٿئين دنيا جي ملڪن جو جڙ مقدر بڻجي ويا آهن. اڪثر ڏکڻ ڪوريا، سنگاپور جهڙن ملڪن جو مثال ڏيئي چيو ويندو آهي تہ سڄي دنيا جي سرمائيدار ملڪن جو جيڪو مال اڇي، سو بنا ڊل جي پنهنجن ملڪن ۾ اچڻ ڏيو تہ پوءِ توهان جو ملڪ بہ انهن ملڪن جهڙو شاهوڪار ٿي ويندو.

هٿرادي ترقي

اها ڳالهه تمام ٿورو نوٽ ڪئي ويندي آهي ته انهن ملڪن ۾ جيڪو واڌارو ٿيو آهي، تنهن جو بنيادي ڪارڻ اهو آهي ته اتي سرمائيداريءَ کي زور ونائڻ لاءِ سندن ملڪن جا وڏا وسيلا سيڙايا ويا آهن. تنهن کان سواءِ سامراج، روس ۽ چين جي مقابلي ۾ انهن ملڪن کي ڪڙو ڪرڻ لاءِ ۽ ڪيس سڄي ايشيا لاءِ مثال بنائڻ لاءِ انهن ملڪن جي سرمائيداري نظام کي تمام گهڻيون هٿراديون ٽيڪون ۽ ٽنب ٽوٽيون ڏنيون آهن. انهن کي خاص ڪري آمريڪا ۾ پنهنجو مال وڏن اگهن تي وڪڻڻ لاءِ امپورٽ ڪرڻ جون تمام گهڻيون رعايتون ڏنيون ويون آهن. انهن ملڪن جي ترقيءَ جو هڪڙو ٻيو سبب اهو به ٿيو ته اتي زميندارين ختم ڪري زرعي سڌارا ڪيا ويا، جنهن جي ڪري پهراڙيءَ جي زراعتي ميدان ۾ پيداواري قوتن جي رستي ۾ جيڪي رڪاوٽون هيون، اهي آزاد ٿيون.

سلامتي ڪائونسل يرغمال ٿيل آهي!

سياسي ميدان ۾ سامراج پنهنجي بالادستي مڙهڻ لاءِ بين ملڪن جي اندروني معاملن ۾ دست اندازيون ڪيون آهن، انهن تي اقتصادي پابنديون لاڳو ڪيون ويون آهن ۽ جمعيت اقوام جي سلامتي ڪائونسل کي جڙ يرغمال بڻائي. عالمي سامراج جي هٿيار طور ڪتب آندو پيو وڃي. عراق واري لڙائيءَ کان پوءِ سامراج صومالیہ، روانڈا، لائيبيريا ۽ هيٽيءَ تي حملا ڪيا آهن. عراق ۾ آمريڪا پنهنجي سامراجي مفادن خاطر انسانيت سوز پابنديون مڙهي، عراق جي عوام لاءِ دردناڪ صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي ۽ ظالماڻيون ڪارروائيون ڪندي هن کي ڏري جيترو به رحم ڪونہ پيو آهي.

انهن دست اندازين خلاف سڄيءَ دنيا ۾ احتجاج وڌي رهيو آهي. لاطيني آمريڪا ۾ سائوپولو فورم ۾ روشن خيال ۽ ترقي پسند قوتن پاڻ ۾ ڳالهيون ڪيون آهن ۽ انهن مسئلن تي سوچ ۽ ويچار ڪيو آهي ته اقتصادي قرلٽ ۽ قرض جي دباءَ کي منهن ڏيڻ ۽ سماجي تبديلين آڻڻ واسطي هڪٻئي سان سات ڪيئن ڏجي. ميڪسيڪو ۾ ميڪسيڪو جي اصل باشندن جي چياپاس ۾ ڪيل بغاوت ان ڳالهه جو ثبوت آهي

تہ سامراج جي خلاف ماٺھن جو احتجاج شديد تر ٿيندو پيو وڃي.

جيتوڻيڪ غير جانبدار ملڪن جي تحريڪ "نام" (NAM) جي قوت ڪافي گھٽجي ويئي آھي، پر تازو جڪارتا ۾ جيڪا غير جانبدار ملڪن جي ڏھين چوٽيءَ جي ڪانفرنس ٿي، تنھن ۾ جيڪو موقف اختيار ڪيو ويو آھي، اھو ڪافي اھم آھي. دنيا جي اتر جي شاھوڪار ۽ ڏکڻ جي غريب ملڪن جي وچ ۾ جيڪي تضاد آھن، انھن جو اظھار ڪيترين ئي بين الاقوامي ڪانفرنسن ۾ ٿي چڪو آھي. جھڙوڪ: 1992ع ۾ اقوام متحده طرفان ڪرايل ڌرتيءَ بابت چوٽيءَ جي ڪانفرنس، 1993ع ۾ جنيوا ۾ ڪرايل انساني حقن جي ڪانفرنس ۽ قاھره ۾ سيپٽمبر 1994ع ۾ ڪرايل آبادي ۽ واڌاري جي باري ۾ ڪانفرنس.

ٽئين دنيا جي ڇوٽڪاري جون تحريڪون اڌ رنگ ۾ مبتلا!

بھرحال اڄڪي غير جانبدار ملڪن جي تحريڪ، عرب ليگ ۽ بين فورمن جي صورت ۾ جيڪي زبردست عالمي عوامي تحريڪون ايريون ھيون، سي ھاڻي پنھنجو سامراج دشمن ڪردار ڪافي حد تائين وڃائي چڪيون آھن ۽ يا تہ بلڪل اڌ رنگ ۾ مبتلا آھن يا صفا ڇڙوڇڙ ڪيون ويون آھن. ان صورتحال ۾ آمريڪي سامراج کي اھو سونھري موقعو مليو آھي تہ ھو ڪيترين آزاديءَ جي تحريڪن جي مٽان پنھنجي مرضيءَ وارا ناھ مڙھي سگھي.

آمريڪي دباءَ ھيٺ فلسطين جي قومي آزاديءَ جي تنظيم کي ان ڳالھ تي مجبور ڪيو ويو آھي تہ اسرائيل ۽ فلسطين جي وچ ۾ جيڪي بنيادي تضاد ھئا، تن کي حل ڪرڻ کان سواءِ ۽ اسرائيل عرب ملڪن جي ايراضين کي خالي ڪري، تنھن بابت اقوام متحده جي ٺھرائن کي نظرانداز ڪندي، اھا اسرائيل سان ناھ ڪري ان جي ڪري پي- ايل- او (P.L.O) جو جيڪو فلسطين جي ڪميونسٽ پارٽي ۽ فلسطين جي آزاديءَ جي عوامي محاذ سان اتحاد ھو سو ٽٽي پيو آھي ۽ اھي ٻئي تنظيمون پي- ايل- او کان الڳ ٿي ويون آھن. آمريڪا عرب ملڪن تي دباءُ وجھي رھيو آھي تہ اھي بنيادي مسئلن جي طئي ڪرڻ بنا ئي اسرائيل سان ٺھي وڃن. ان باري ۾ اردن، آمريڪا جي چوڻ ۾ اڃي ويو آھي ۽ شام

تي آمريڪي دباءُ وڌي رهيو آهي. انهن ڪوششن عرب اتحاد ۾ وڏو رخنو وڌو آهي. دراصل خود يروشلم جي مسئلي تي به اسرائيل وڏي هوڏ ٻڌيو وينو آهي ۽ ان تي ڪنهن به قسم جي مناسب ناهه ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. انهيءَ وچ ۾ ڏکڻ لبنان تي عيسائي وحشي حملا جاري آهن ۽ فلسطين جي مهاجرن جو مسئلو اڃا حل ڪونه ٿيو آهي.

آئرلينڊ ۾ آءِ- آر- آءِ (I.R.I) تنظيم انهيءَ ڳالهه لاءِ جدوجهد ڪندي رهي آهي ته انگريز اتر آئرلينڊ خالي ڪن. انهن ان ڳالهه لاءِ راضپو ڏيکاريو آهي ته جنگ بندي ڪئي وڃي ۽ برطانيا سرڪار سان ڳالهيون ڪيون وڃن. ٽي سگهي ٿو ته ان ڪري آئرلينڊ ۾ هٿياربند ٽڪراءُ جهڪو ٿئي. پر سوال آهي ته برطانيا آئرلينڊ کي خالي ڪندو يا نه؟ ان باري ۾ صرف اميد ئي ڪري سگهجي ٿي.

اقوام متحده جي نگراني

جمعيت اقوام جي نگرانيءَ هيٺ ڪمبوڊيا ۾ جيڪي چونڊون ٿيون. سي ڪاميابيءَ سان مڪمل ٿيون. سهانوڪ ۽ اڳوڻي وزيراعظم هنسن جي وچ ۾ جيڪو ناهه ٿيو آهي. تنهن هن گهرو ويڑهه ۾ قاتل ملڪ ۾ هڪ قسم جي ناپر آندي آهي. پر سامراج مڙي نٿو. هو ٿائيليئنڊ معرفت باغين کي مدد ڏيئي ۽ جن علائقن ۾ هيرن جون کاڻيون آهن، تن کي ڦريندي هن ملڪ جي امن امان کي نقصان پهچائڻ جون ڪوششون جاري رکيو اچي.

لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۾ ترقي پسند قوتون آمريڪي سامراج جي بالادستي ۽ آمريڪي سامراج جي چاڙڻين حڪومتن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ پنهنجي صف بندي ڪري رهيون آهن ۽ تمام وڏيون قربانيون ڏيئي پنهنجي جدوجهد کي اڳتي وڌائي رهيون آهن. انهن قوتن کيترن ملڪن ۾، جهڙوڪ: السلواڊور وغيره ۾ پنهنجا انقلابي اڏا ۽ علائقائي اثر رسوخ کي قائم رکندي، حڪومتن سان ڳالهين ٻولهين ذريعي پنهنجا معاملا نبيريا آهن. آمريڪي سامراج بهرحال مرڪزي ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۾ ترقي پسند قوتن جي واڌاري کي روڪڻ جي لاءِ دست اندازيون جاري رکيو اچي.

آمريڪي سامراج آفريقا ۾ اٿوپيا، موزمبيق ۽ يمن جهڙين ترقي

پسند حڪومتن جو تختو اونڌو ڪرڻ آهي ۽ هيءَ جي تاريخ ويڪر آهي آفريڪا جي ملڪن ۾ اها ڪلهه ڪلا اڳرائي ۽ دست اندازي سياسي سطح تي بہ جاري آهي. آمريڪي سامراج موجوده عالمي صورتحال کي انهيءَ لاءِ استعمال پيو ڪري تہ انهن ملڪن جي ڪيترين حڪومتن کي دٻائي پنهنجي پئرن جي خاڪ ڪري.

ڪيتري زماني کان وٺي آمريڪا متحده جي تقاضا آهي تہ اولهه صحارا ۾ عام راءِ ورتي وڃي يعني ريفرينڊم ڪرايو وڃي پر مراڪش آمريڪا جي مدد سان ڪنهن بہ قسم جو ريفرينڊم ڪرڻ ڏيڻ کي سموريون ڪوششون جي باوجود سامراج انهيءَ پوزيشن ۾ ڪونہ رهيو آهي تہ اهو ڏکڻ آفريڪا جي ماڻهن جي شاندار ۽ سورهيائيءَ واري پيش قدميءَ کي صفا روڪي ڇڏي.

نيلسن منديلا عام چونڊون ڪٿي صدر ٿيو آهي. اها ڳالهه ڏکڻ آفريڪا جي نسلي امتياز جي خلاف شاندار ۽ سورهيائيءَ واري ڏڳهي ۽ سخت اڻانگي جدوجهد جي ڪاميابيءَ جو نشان آهي. هيستائين ڏکڻ آفريڪا کي عالمي سامراج ان مقصد لاءِ استعمال ڪندو رهيو آهي تہ آفريڪا جي ڏکڻ ۾ جيڪي ترقي پسند حڪومتون آهن، تن جو تختو اونڌو ڪيو وڃي. هاڻي جيڪا تاريخي تبديلي آئي آهي، تنهن جي نتيجي طور سامراج جو انهيءَ علائقي ۾ مورچو ذري گهٽ ڏهي ڇڏيو آهي. انگولا ۽ موزمبيق ۾ سامراج تمام گهڻي ڪوشش ڪئي تہ عوام جي مقصدن کي ناڪام بڻايو وڃي ۽ اتي سندس فرمان مڙهيا وڃن. پر سامراج ان ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيو آهي. انگولا ۾ سامراج يونيٽا پارٽيءَ جي مدد ڪندو رهيو آهي. تہ جيئن جمهوري عمل جو تختو اونڌو ڪيو وڃي. ان جي باوجود اتي جي ترقي پسند MPLA پارٽيءَ عام چونڊن ۾ وري ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. لميبيا ۾ سوايو جي پارٽيءَ سام نجوما جي اڳواڻيءَ هيٺ تازو 70 سيڪڙو ووٽ ڪٽي شاندار فتح حاصل ڪئي آهي.

اقتصادي مشينري گورن نسل پرستن جي قبضي ۾

ڏکڻ آفريڪا ۾ ان عظيم ڪاميابيءَ آفريڪا جي عوام ۾ اعتماد پيدا ڪيو آهي ۽ منجهن هڪڙو نئون جذبو ڦوڪيو آهي. پر آزاديءَ لاءِ

وڏهندڙ ترقي پسند ANC جن ٻوس حالتن ۾ هي ناهه ڪيو آهي، تن حالتن ۾ هو ان ڳالهه تي مجبور ٿيا آهن ته ڊيڪ ورڪ ۾ بوٽي ليزي جهڙن گورن ۽ ڪارن رجعت پرستن کي به حڪومت ۾ شامل ڪن. تنهن کان سواءِ اقتصادي مشينريءَ جون سڀ اهم ڪليون ۽ پرزا ايا تائين گوري اقليت جي هٿ ۾ آهن، جن کي سامراج جي زبردست پٺيرائي حاصل آهي. ان ڪري موجوده عالمي صورتحال ۾ ANC جي ترقي پسند پارٽيءَ جي مٿان دٻاءُ وڌي رهيو آهي. عوام ANC جي ڪاميابيءَ جي باري ۾ جيڪي اميدون رکيون هيون، انهن جي پوري ٿيڻ جي خاطري ڪانه ٿي ڏسجي. ان ڪري صورتحال ۾ ڏکيائيون ۽ پيچيدگيون پيدا ٿيون آهن ۽ ترقي پسند قوتن جي لاءِ هڪڙو چئلينج ڪڙو ڪيو ويو آهي.

انهيءَ عرصي ۾ نام نهاد اسلامي بنياد پرستيءَ کي وري ڪڙو ڪيو ويو آهي. اهي قوتون عوام جي ٻڌيءَ کي ڪمزور ڪن ٿيون. سامراج خلاف گڏيل جدوجهد جي پٽ ۾ چرو هڻن ٿيون ۽ جمهوري ۽ ترقي پسند سماجي لاڙن ۽ قوتن کي ڪمزور ڪن ٿيون. ان جا مثال الجزائر، سوڊان، مصر، يمن، پاڪستان ۽ ٻين ملڪن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. سامراج ان سلسلي ۾ دست اندازي ڪري انهن قوتن کي عوام جي ڏيان هٽائڻ لاءِ استعمال ڪندو.

انهن سڀني ڳالهين جي باوجود ٽئين دنيا جي ملڪن ۽ تحريڪن جي وچ ۾ سامراج مخالف اتحاد قائم ٿيڻ لاءِ حالتون سازگار ٿي رهيون آهن.

اڳوڻا سوشلسٽ ملڪ

سرمائيداري ۽ بازاري اقتصاديت (Market Economy) عوام جي بنيادي مسئلن جو حل ناهن. اها ڳالهه هن ڊرامائي نموني ثابت ٿي چڪي آهي ته جن ملڪن ۾ سوشلزم ڏهي اچي دلال سرمائيداريءَ واري پٽ تي ڪري پيئي آهي. اتي سوشلسٽ نظام عوام کي جيڪو سماجي تحفظ ڏنو هو سو ڏري گهٽ ختم ڪيو ويو آهي. ماڻهن جي رهٽي ڪهٽيءَ جون حالتون بنهه بدتر ٿي ويون آهن ۽ اخلاقي ۽ ثقافتي زوال حد کان وڌي ويو آهي. اهڙن ملڪن ۾ سامراج جي دست اندازي يوگوسلاويه ۾ سڀ کان وڌيڪ دردناڪ ۽ سڀ کان وڌيڪ غير انساني نموني ظاهر ٿي آهي. اتي سامراج جي وچ ۾ ٽپي پوڻ جي ڪري نسلي ڇڪتاڻ ڇوٽ

چڙهي ويئي آهي. سامراج ان ڳالهه ۾ ڪامياب ٿيو آهي ته يوگوسلاويه کي پنجن ٽڪرن ۾ ورهائي ڦٽو ڪري هاڻي ان کي پنجن مان وڌائي نو ٽڪر ڪرڻ جا ارادا ٿا نظر اچن. يوگوسلاويه کي ٽوڙي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ ۾ جرمنيءَ جو هٿ پڌرو نظر پيو اچي. بوسنيا وارو ٽڪر ماڻهن مٿان نت نيون مصيبتون ۽ عذاب نازل ڪري رهيو آهي.

آمريڪي سامراج سوويت يونين جي پراڻين جمهوريتن مٿان دباءُ وڌائي رهيو آهي ته هو آمريڪا جي ايٽمي هڪ هٿيءَ هوندي پنهنجا ايٽمي هٿيار ناس ڪري ڇڏين. تنهن کان سواءِ اهو ان ڳالهه جي همت افزائي ڪري رهيو آهي ته هن علائقي ۾ نسلي ۽ مذهبي ڇڪتاڻ وڌي وچ ايشيا جي ملڪن ۾ نام نهاد اسلامي بنياد پرستي هن سموري علائقي جي سالميت ۽ امن امان کي خطري ۾ وجهي رهي آهي.

يلتسين جي روس تباهيءَ جي ڪناري تي

يلتسين جي روس ۾ عالمي بئنڪ جي رپورٽ پٽاندر 1991ع کان 1992ع تائين ماڻهن جي في ماڻهو آمدني بظاهر 17 سيڪڙو گهٽجي ويئي، پر حقيقت ۾ اها ان کان به وڌيڪ گهٽجي ويئي آهي. 1990ع ۾ ماڻهن جي جيڪا خريداريءَ جي قوت هئي، سا اڌ کان به گهٽ وڃي رهي آهي يعني 42 سيڪڙو. روسي رسالي "تروڊ" جي چوڻ موجب روس جا پنج ڪروڙ 40 لک ماڻهو يعني اٽڪل 40 سيڪڙو ماڻهو سخت غريبيءَ جي سطح کان به ڪريل حالت ۾ رهن ٿا. روبل جي قيمت ڊرامائي طرح گهٽائي ويئي آهي ۽ هڪڙي ڊالر جي عيوض ٽي هزار روبل ملن ٿا. اڳ هڪڙي روبل عيوض اٽڪل ڏيڍ ڊالر ملندو هو هاڻي سوشلسٽ دؤر ۾ ٽي هزار روبل ڏبا تڏهن فقط هڪڙو آمريڪي ڊالر ملندو.

مغربي جمهوريت جو جيڪو نقلي نمونو روس تي مڙهيو ويو آهي، تنهن روس کي ڦيرائي يلتسين جي بي رحم آپيشاهيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. سيپٽمبر 1993ع ۾ خود پارليامينٽ تي وحشي خوني حملو ڪيو ويو ۽ پارليامينٽري جمهوريت کي ڪچليو ويو. اها ڳالهه چٽيءَ ريت ڏيکاري ٽي ته رجعت پرست اونڌي انقلاب (Counter- Revolution) جو حقيقي چهرو ڪهڙو ٻيانڪ آهي.

انهيءَ وچ ۾ عوام جون جدوجهدون وڏي رهيون آهن. 1993ع جي پارليامينٽري چونڊن ۾ يلتسين کي سخت ڏکيءَ رسيو روس جي ڪيترن علاقن ۾ ڪميونسٽ ميڙاڪا ٿي رهيا آهن ۽ اڄ هاڻي روزمره جو دستور بڻجي ويا آهن ۽ سندن تعداد وڌي رسيو آهي. گذريل چونڊن ۾ روسي وفاق جي ڪميونسٽ پارٽيءَ پنهنجي اتحادين سان گڏجي ڪل ووٽن جا ذري گهٽ 37 سيڪڙو ووٽ ڪنيا. هاڻي هو ان پوزيشن ۾ آهن ته روس جي پارليامينٽ يعني دوما تي اثر انداز ٿي سگهن. پارليامينٽ يلتسين سان ٽڪر ۾ آهي.

روس ۾ سجاڳيءَ جا نوان سلا ڦٽي رهيا آهن!

روسي وفاق جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ٽئين ڪانگريس ٿي چڪي آهي. ڪميونسٽ ۽ روشن خيال قوتن کي گڏي هڪ مضبوط مخالف پارٽي ٺاهڻ جي سلسلي ۾ اهو هڪڙو اهم قدم آهي. ساڳئي وقت جيڪا وڌندڙ عوامي بيچيني آهي، تنهن کي ساڃي ڏرجون رجعت پرست قوتون به استعمال ڪري رهيون آهن. نتيجي طور فاشي قسم جون پارٽيون ايري رهيون آهن. روس ۾ هلندڙ جدوجهد هاڻي ڪاپي ڏرءِ ساڃي ڏرجي وچ ۾ ٿي رهي آهي ۽ انهن ۾ ماڻهن جي وڏيل سجاڳيءَ واري تحريڪ ڪميونسٽن ۽ ڪاپي ڏرجي فائدي ۾ وڃي رهي آهي.

ساڳيءَ طرح يوڪرين ۽ بيلوروس ۾ چونڊن ۾ ڪميونسٽن کي ڪافي تائيد حاصل ٿي آهي. ٻين جمهوريتن ۾، يعني لٽونيا، ليٽويا ۽ آذربائيجان ۾ انقلاب مخالف قوتن اليڪشنن ۾ ڪافي وڃايو آهي. منگوليا ۾ به ڪميونسٽن ڪافي قوت حاصل ڪئي آهي.

اهم ڳالهه هيءَ آهي ته هنگري ۽ پولينڊ ۾ اڳوڻن ڪميونسٽن اليڪشنون کٽي، نيون حڪومتون ناهيون آهن. جيتوڻيڪ ليڪ وليسا ايجان تائين به صدر آهي، پر ان جي باوجود هن کي حقيقي طرح پارليامينٽ جي مٿان ڪوبه ڪنٽرول يا قبضو ڪونهي. بلغاريا ۾ اڳوڻا ڪميونسٽ شاندار فتحون حاصل ڪري گذريل چونڊن ۾ کٽي، وري به حاڪم بڻجي ويا آهن، پر انهن واڌارن جي معنيٰ اها ڪانهي ته انهن ملڪن ۾ سوشلزم وري بحال ٿي ويئي آهي. اهو عمل تمام ڏگهوءِ اٽانگو هوندو.

چين تيزيءَ سان ترقي پيو ڪري

چين جي آڪٽوبر 1992ع ۾ ڪيل چوڏھين ڪانگريس اھو فيصلو ڪيو آھي تہ مارڪيٽ مطابق ڪم ڪندڙ سوشلسٽ اقتصاديت جي عمل کي وڌايو وڃي تہ جيئن اقتصادي واڌارو ٽئي. چين ۾ سال 94-1993ع ۾ سالياني اپٽ ڊڪي سال کان 13.4 سيڪڙو وڌيڪ هئي. رڳا اھا ھئي تہ اھا اپٽ ھر سال ان سيڪڙو وڌيڪ پر ان جي پيٽ ۾ اھا چوڏھن سيڪڙو وڌي ٻاھرين ملڪن سان واپار بدستور وڌي رھيو آھي ۽ ان جي واپار ۾ اسٽي ۽ روانگي 1992ع کان 18.2 سيڪڙو وڌيڪ آھي. اڄ چين ۽ آمريڪا سان واپار ۾ توازن تمام وڏي حد تائين چين جي فائدي ۾ آھي.

چيني اقتصادي سڌارن جا چار بنيادي اصول

عوامي چين جي جمهوري حڪومت پاران ان ڳالھ کي ڏھرايو ويو آھي تہ اقتصادي سڌارا چئن بنيادي اصولن تي قائم رھندي ڪيا ويا آھن. اھي چار بنيادي اصول ھي آھن: (1) سوشلسٽ واٽ تي قائم رھڻ، (2) مارڪسزم، لينننزم ۽ مائوزي تونگ جي فڪر تي ثابت قدم رھڻ، (3) عوامي جمهوري آسريت جي نظام تي قائم رھڻ، ۽ (4) ڪميونسٽ پارٽيءَ جي رھنمائيءَ تي قائم رھڻ.

تيز اقتصادي واڌاري جي ڪري جيڪي نيون سماجي ۽ اقتصادي گھٽ وڌائيون ٽينديون، انھن کي حل ۽ انھن چئن اصولن جي روشنيءَ ۾ ڪيو ويندو.

ويٽنام

ويٽنام ۾ جنوري 1994ع ۾ جيڪا ڪميونسٽ پارٽيءَ جي قومي ڪانفرنس ڪئي ويئي هئي، تنهن ايندڙ دؤر جي لاءِ سماجي فرض کي مقرر ڪيو آھي. ڪانفرنس جي دستاويزن مطابق ويٽنام تمام وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪيون آھن. مهانگائي جيڪا اڳي 1991ع ۾ 67 سيڪڙو هئي، تنهن کي 1993ع ۾ صفا ڏاھي 5.2 سيڪڙو تي آندو ويو آھي. ملڪ جي في ماڻھو آمدنيءَ ۾ واڌاري جو نشان 5.5 يا 5.6 سيڪڙو واڌاري جو ھو تنهن کي پار ڪري 7.2 سيڪڙو واڌارو حاصل ڪيو ويو آھي.

ڪيوبا ۾ تمام ناسازگار حالتن جي باوجود پارٽيءَ جي جيڪا

چوٽين ڪانگريس 1992ع ۾ ٿي هئي، تنهن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته ڪيوبا جي پارٽي ۽ عوام ان ڳالهه تي پختي ارادي سان بيٺل آهي ته سوشلسٽ اصولن تي قائم رهبو ۽ سوشلسٽ نظام جي حفاظت ڪبي. عالمي سرمائيدار سامراج جي انتهائي قسم جي اشتعال انگيزين ۽ مجرماڻين ناڪي بندين جي باوجود ڪيوبا سوشلزم جي رستي تي بدستور ثابت قدميءَ سان گامزن آهي.

اتر ڪوريا جي جمهوري عوامي راج ۾ زرعي توڙي اقتصادي پيداوار مقرر ڪيل نشانن کان اڳتي نڪري ويئي آهي. عوامي جمهوري ڪوريا خودمختيار ۽ پاڻ تي ڀروسو ڪندڙ واڌاري جي راهه تي هلندي ڪاڌي، ڪپڙي، اجهي ۾ پاڻڀرائي حاصل ڪري ورتي آهي ۽ آمريڪا جي طرفان نيوڪليائي (ايٽمي) جنريٽر لڳائڻ جي سلسلي ۾ پيدا ڪيل مونجهارن ۽ رڪاوٽن جي باوجود اڳتي وڌي رهي آهي. ساڳيءَ طرح لائوس ۽ ڪمبوڊيا جي انتهائي پسماندگيءَ کي سڌارن ذريعي ختم ڪرڻ جي لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي.

عالمي انقلابي تحريڪ جي نئين صف بندي

ان صورتحال ۾ بين الاقوامي عوامي انقلابي تحريڪ جي صورتحال، جيڪا اڳي مونجهاري ۾ مبتلا هئي، سا هاڻي نئين صف بندي ۽ نئين حياتي حاصل ڪرڻ جي دؤر مان گذري رهي آهي. اٽليءَ جي ڪميونسٽ پارٽي ڪجهه سال اڳ ڪميونسٽ نالو ۽ سرخ جهنڊو ترڪ ڪري ڇڏيو پر هڪڙي ئي سال جي اندر هن پارٽيءَ جي ميمبرن مان ٽئين حصي کان ۽ وڌيڪ ميمبرن نئين اطالوي ڪميونسٽ پارٽي قائم ڪئي آهي ۽ مارڪسزم جي انقلابي اصولن کي هن صورتحال ۾ بلڪل اهم ۽ بامعني تسليم ڪندي، انهن سان وفاداريءَ جي وات تي قائم رهڻ جو اعلان ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح ڪيترن يورپي ملڪن ۾ ڪميونسٽ پارٽيون ۽ ڪميونسٽ تحريڪون بدستور جاري آهن، خاص ڪري اسپين، پورچوگال، فرانس ۽ يونان ۾. نتيجي طور يورپي سطح تي انهن پارٽين جي وچ ۾ شروعاتي قسم جي تعاون جون ڪوششون شروع ٿيون آهن.

لاطيني آمريڪا ۾ ڪميونسٽ پارٽيون پاڻ ۾ مليون آهن ۽ ڪوشش ڪري رهيون آهن ته آمريڪي سامراج طرفان NAFTA قسم جا عهدناما مڙهڻ جي ڪوششن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ گڏيل حڪمت عمليون تيار ڪيون وڃن. نيپال ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي فتح پڻ هڪ اهم اڳتي قدم آهي. صاف پيو ڏسجي ته جيئن سرمائيداريءَ جو بحران وڌيڪ گهرو ٿئي ٿو ۽ جيئن پنج بنيادي عالمي تضاد وڌيڪ تيز ٿين ٿا، تيئن عوام دوست، روشن خيال، ترقي پسند ۽ ڪميونسٽ قوتون مارڪسزم- ليننزم جي انقلابي اصولن تي عمل ڪندي، اڳتي نموني سان اڳتي پيش قدمي جاري رکنديون. پر قومي ۽ سماجي چوٽڪاري ۽ آزاديءَ جي قوتن طرفان اهو عمل باقاعدي لاڳيتو ۽ سولو نه هوندو. اهو پنهنجي اوائلي دؤر ۾ اڃ لاڳيتو ۽ پيچيدو هوندو ۽ مڪمل ٿيڻ ۾ تمام گھڻو وقت ونڊندو.

اڄ جي صورتحال ۾ جڏهن سامراج دنيا جي غريب دوست، عوام دوست، روشن خيال ۽ ترقي پسند قوتن مٿان يلغار ٻڌيو ٻيٺو آهي، تڏهن دنيا جي عوام کي انهن عالمي عوام دوست، روشن خيال ۽ ترقي پسند قوتن سان پنهنجو لاڳاپو ۽ اتحاد مضبوط ڪرڻو پوندو. کين انهن جدوجهدن جي پٽيرائي ڪرڻي آهي، جيڪي ٽئين دنيا توڙي سرمائيدار ملڪن جا عوام پنهنجي چوٽڪاري ۽ سماجي تبديليءَ لاءِ ڪري رهيا آهن.

هندوستان جي صورتحال جو تجزيو

هندوستان جي اندر ويجهڑائيءَ جي سالن ۾ به عام چونڊون ٿي چڪيون آهن، جن ۾ ڪنهن به پارٽيءَ کي اڪثريت حاصل ڪانه ٿي آهي. 1991ع جي چونڊن ۾ ڪانگريس کي اڪثريت ڪانه هئي ۽ هنن هِتان هُتان ڪجهه ميمبر توڙي پوءِ پارليامينٽ ۾ پنهنجي اڪثريت ناهي هئي. هاڻي اها ڳالهه صاف ٿي چڪي آهي ته هندوستان ۾ تمام وڏي عرصي کان جيڪا هڪڙي پارٽيءَ جي حڪومت هئي ۽ هندوستاني اقتدار تي جيڪا ڪانگريس پارٽيءَ جي هڪ هٿي هئي، اها هاڻي ختم ٿيڻ جي ويجهو آهي. تازو مڌيه پرديش ڪرناٽڪا ۽ بهار جي صوبائي چونڊن ۾ جيڪا ڪانگريس

شڪست کاڌي آهي. تنهن کان پوءِ سڄي ٿو ته ڪانگريس
هندوستان مٿان حڪومت ۾ تبديلي اچڻ جا امڪان آهن ۽ ا
جاءِ تي پارتيا جنتا پارٽي ۽ ٻيون فرقي پرست پارٽيون هڪڙي پا
عوام دوست، روشن خيال ۽ ترقي پسند پارٽيون ٻئي پاسي ان جي جاءِ
والاري رهيون آهن.

1989ع ۾ ڪانگريس جيڪي اقتصادي پاليسيون شروع ڪ
هيون، انهن تي هندوستان جي غريب دوست، عوام دوست ۽ ترقي پسند
پارٽين ۽ ماهرن طرفان سخت تنقيد ڪئي ويئي آهي. انهن تنقيد
ڪندڙن جو چوڻ آهي ته هندوستاني اقتصاديت، جيڪا ڪانگريس
جي اڳوڻي دؤر ۾ پنهنجن پيرن تي بيٺل هئي، تنهن جي مختلف
ميدانن کي ڏاڪي بہ ڏاڪي غير ملڪي مالي سرمائي لاءِ کولي ڇڏيو
ويو آهي. اندروني سطح تي ملڪي اقتصاديت کي هر قسم جي
ضروري ضابطن کان ڇڏواڳ ڪري، هندوستان جي هڪ هٿي
سرمائيدارن جي حوالي ڪري ڇڏي ويئي آهي. عام پلائيءَ جي پبلڪ
سيڪٽر کي ڏاڪي بہ ڏاڪي ڏانو پيو وڃي. عوام جي پلائيءَ جو خرچ
تمام گهٽو ڪاٽيو ويو آهي، ان ڪري پورهيت طبقي ۽ غريب عوام
جون مصيبتون اڳي کان وڌي ويون آهن، جنهن جي ڪري گذريل چئن
سالن جي عرصي ۾ سڄي هندوستان ۾ چار عام هڙتالون ٿي چڪيون
آهن. هي اقتصادي پاليسيون صفا ننگيون، اگهاڙيون، شاهوڪار
پرست، غريب دشمن ۽ وڏن سرمائيدارن ۽ غير ملڪي سرمائيدارن
جون تابعدار پاليسيون ليکيون وڃن ٿيون. انهن جي وسيلي هندوستان
جي پاڻ تي پاڙيندڙ معيشت کي مڪمل طرح اونڌو ڪيو ويو آهي.
عالمي مالياتي فنڊ ۽ عالمي بئنڪ هندوستان لاءِ جيڪو نسخو ڏسيو
هو، ان کي سئو سيڪڙو لاڳو ڪيو ويو آهي. هاڻي پبلڪ سيڪٽر
ختم ڪري، پبلڪ جون ملڪيتون تين وال ڪري، سرمائيدارن کي
ڏيڻ جو عمل شروع ڪيو ويو آهي.

هندوستاني معيشت ۾ بي لغام سرمائيدارن کي ڪنهن حد تائين
ضابطي ۾ رکڻ لاءِ جيڪي قائدا قانون هئا، سي رد ڪيا ويا آهن ۽ هڪ

هٿي سرمائي جي ڇڙواڳ اڙهه زورائيءَ جي راهه ۾ سموريون رڪاوٽون ختم ڪيون ويون آهن. عوام جي ٻلائيءَ لاءِ پئسا سيڙائڻ ۽ عوام تي خرچ ڪرڻ جو سڄو پروگرام هاٿي وڃي نالي ماتر بچيو آهي. وڏين ڪارپوريشنن کي ٽئڪس ۾ تمام گھٽيون رعايتون ڏنيون ويون آهن. غير ملڪي ڪمپنين کي ڪن حالتن ۾ ڪن ايراضين ۾ هندوستاني ڪمپنين کان به وڌيڪ رعايتون ڏنيون ويون آهن. مجموعي پيداوار جيڪا 1981ع کان ونڊي 1991ع جي عرصي ۾ 5.3 سيڪڙو جي رفتار سان وڌي هئي، تنهن جو واڌارو هاٿي وڃي 3 سيڪڙو بينو آهي. گذريل ٽن سالن ۾ زراعت جي واڌاري جو سالياتو سيڪڙو فقط هڪ سيڪڙو آهي ۽ صنعت ۾ فقط به سيڪڙو آهي.

هندوستان تي 1993ع تائين ڪل ٻاهريون قرض 2 لک 83 هزار ڪروڙ هو. اندروني قرض 4 لک 83 هزار 545 ڪروڙ آهي. هندوستان جي خانگي شعبي جي ٻارنهن سئو وڏين ڪمپنين 1993ع ۽ 1994ع ۾ 83 سيڪڙو نفعو ڪمايو هو. اهو ايشيا جو سڀ کان وڏي نفعي جو رڪارڊ آهي. پبلڪ ڪارخانن جا شيئر، جيڪي مارڪيٽ ۾ وڪيا ويا آهن، اهي ايتري ته سستي اگھ تي وڪاميا آهن جو ان جي ڪري عوام کي وڪري جي پهرين ٽن چڪرن ۾ ٻارهن هزار ڪروڙ روپيا نقصان پهتو آهي. هندوستان ۾ جيڪا غير ملڪي سيڙپ ٿي رهي آهي، تنهن تي اعتراض اهو ڪيو ويو آهي ته اها سيڙپ گھٽي ياڳي ڪنهن به پيداواري عمل ۾ ڪانه پئي ٿئي ۽ فقط اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ٿئي پئي.

رائو سرڪار جيڪو فخر سان اعلان ڪيو هو ته اسان وٽ نوي ارب ڊالر فارين ايڪسچينج جا رزرو آهن، ان جي اصل حقيقت اها آهي ته ان رقم جون ٽن مان به پتيون اهي رقمون آهن، جن کي گرم پئسا چوندا آهن. ان جي معنيٰ آهي ته اهي پئسا ڪنهن به وقت واپس پنهنجي وطن وڃي سگھن ٿا، جوته اهي ڪنهن به تعميري ڪم ۾ سيڙيل ناهن. هندوستاني قوم دوست تنقيد نگارن جو چوڻ آهي ته انهن پئسن تي جيڪو هندوستان کي وياج ڏيڻو پوي ٿو، اوترو مالڪن کي دنيا ۾ ٻئي ڪنهن به هنڌ ڪونه ملندو. تنهن ڪري اهي سيڙپڪار اهي پئسا

هندوستان ۾ رکي. پاڻ هندوستان کي نقصان ڏيئي رهيا آهن هندوستان ۾ اهي پئسا کجهه به ڪونه پيا ڪن ۽ ملڪ کي ڪو به فائدو ڪونه پيو ٿئي. التوانهن جو ڳرو وياج پري ڏيڻو پوي ٿو. 1991ع کان 1992ع تائين هندوستان ۾ مهانگائيءَ جي واڌ جو سيڪڙو 13.6 هو 1992ع کان 1993ع تائين 7 سيڪڙو هو. 1993ع کان 1994ع تائين 0.8 سيڪڙو هو. 1994_1995ع ۾ مهانگائيءَ جي اڃا به وڌڻ جو امڪان آهي.

تنقيد ڪندڙن جو چوڻ آهي ته هندوستان جي زرعي پاليسي گذريل پنجن سالن ۾ شعوري طرح وڏن زميندارن ۽ شاهوڪار آبادگارن کي فائدو ڏنو آهي. ٽئين دنيا جي ٻين سرمائيدار لاڙا رکندڙ حڪومتن وانگر هندوستان سرڪار به ان افساني جي بار بار وڏي پروپيگنڊا ڪئي آهي ته واڌاري جو هڪڙوئي اهو طريقو آهي ته پاڻيرو اقتصادي نظام ختم ڪري. پنهنجي اقتصادي نظام کي دنيا جي سرمائي وارن جي حوالي ڪري. ان کي سامراج جو پڄ بڻايو ويڄي. انهيءَ تي هندوستان جي عوام دوست اقتصادي ماهرن تمام وڏي تنقيد ڪئي آهي. انهن چيو آهي ته ايئن ڪرڻ بدران ڪاري ناٽي تي سخت بندش وڌي ويڄي ۽ جن اربين روپيا نفعا ڪمايا آهن. تن کان ٽئڪس ورتو ويڄي ۽ اهو پئسو عوام جي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ سيڙايو ويڄي. پبلڪ جا ڪارخانا گهٽائڻ بدران وڌايا ويڄن. اهڙيءَ طرح هندوستان ۾ هڪڙي وڏي تحريڪ هلي رهي آهي ته هندوستان کي آمريڪا جو پڄ نه بڻايو ويڄي.

پرڏيهي پاليسيءَ جي ميدان ۾ نرسمهارائو سرڪار هندوستاني پرڏيهي پاليسيءَ کي سامراج جي پاليسين سان ٺهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان آمريڪي سامراجي مفادن خاطر پنهنجون فوجون صومالیہ موڪليون. سرڪار اعلان ڪيو ته اها پنهنجون فوجون هائٽي موڪلڻ لاءِ تيار آهي. هاٽي هندوستان اڳي جيان ٽئين دنيا جي ملڪن جي حقن جي حفاظت جو علمبردار نه رهيو آهي. آمريڪا ۽ هندوستان جي وچ ۾ باقاعدي گڏيل فوجي مشقون ٻيون ٽين ۽ ٽريننگ پروگرام ٿيا آهن. ٻنهي ملڪن جي فوجن جي وچ ۾ لاڳاپا مضبوط ڪرڻ لاءِ گڏيل استينڊنگ ڪاميٽيون ٺاهيون ويون آهن. تازو ٻنهي

ملڪن جي بحري ۽ هوائي فوجن جي وچ ۾ لاڳاپا وڌائڻ جي ڪميٽين کي به قائم ڪيو ويو آهي. مخالف ڌر جو چوڻ آهي ته آمريڪا ۽ هندوستان جي وچ ۾ هيءَ جيڪا فوجي ڳنڍ جوڙ ٿي رهي آهي، ان جا هندوستان جي سلامتي ۽ پرڏيهي پاليسيءَ تي اٿٽر نموني برا اثر پوندا.

اڳي جو هندوستان ڊيگو گارشيا، جتي آمريڪي ايٽمي هٿيارن جو اڏو آهي، ان اڏي کي همٿائڻ جا مطالبا ڪندو رهيو آهي، اهي مطالبا ڪرڻ هن هاڻ ڇڏي ڏنا آهن. ٻئي طرف معروضي حالتن جي مجبوريءَ کري هندوستان سرڪار چين، روس ۽ ويٽنام سان پنهنجا لاڳاپا بهتر بڻايا آهن ۽ ڪوشش ڪري اهڙا ناهه ڪيا آهن، جن جي ڪري انهن ڌرين جون فوجون هاڻي لڙائيءَ واري لائين کان پوئتي وڃي رهيون آهن.

پاڪستان جي ابتڙ حالت

پاڪستان جي صورتحال هندوستان کان تمام گھڻو ابتر آهي. ان جو ڪجهه تفصيلي تجزيو جدا مقالي ۾ ڪيو ويندو.

سري لنڪا

سري لنڪا ۾ جمهوري قوتن هن ڀيري سرسي حاصل ڪئي آهي ۽ چندريڪا ٽنگا صدر ٿي آهي ۽ ماٽس مسز بندرا نائيڪي وزيراعظم ٿي آهي. جيڪا گھرو لڙائي هلي رهي هئي، تنهن کي ختم ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڳالهيون ٻولهيون هلي رهيون آهن.

بنگلاديش

بنگلاديش ۾ هن وقت مخالف ڌر ۽ سرڪار جي وچ ۾ وڏو ٽڪر آهي. خالده ضياءُ جي حڪومت تي مخالف ڌر جو الزام آهي ته اها نام نهاد اسلامي رجعت پرست قوتن کي اسلام جي نالي ۾ هُشي ڏيئي رهي آهي، ان جي ڪري بنگلاديش ۾ جمهوري عمل متاثر ٿي رهيو آهي. هن وقت اتي تمام گھڻي ڇڪتاڻ آهي.

افغانستان مملڪت ٽڪرا ٽڪرا ٿي رهي آهي

افغانستان ۾ نجيب الله گورنمينٽ خلاف سازش ۽ بغاوت ڪري، ان جو دغا سان تختو اونڌو ڪرائڻ کان پوءِ خدا، خدا جي رسول ۽

اسلام جي راهہ ۾ سر فدا ڪرڻ جي دعويدار "مجاهدين" جي اصلي خود پرست، موقعي پرست ۽ سامراج پرست ڪردار جا پول پڌرا ٿي چڪا آهن. سڄي دنيا اڳيان اها حقيقت ظاهر ٿي پيئي آهي ته همراهن ڏگهيون ڏاڙهيون ڪٽي ڇڏايون آهن ته فڪر ڪونهي، اصل ۾ مجاهد ٻجاهد ڪونهن. هو اهي آمريڪي ڪُتي ڪائڻ وارا مجنا آهن جن پنهنجي پيٽ پرڻ لاءِ هٽي افغانستان جي مملڪت کي ٽڪر ٽڪر ڪري وڏو آهي ۽ افغانستان جي عوام کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي. هن سڄي عمل مان جيڪڏهن ڪو سچ پچ شريف ۽ وطن دوست ۽ عوام سان وفادار ماڻهو نڪتو آهي ته اهو ڊاڪٽر نجيب الله آهي، جنهن پنهنجي وطن ۽ قوم جي خاطر اقتدار تان دستبرداري ڪئي ۽ ان کان پوءِ سائٽس دوکو ڪري کيس گرفتار ڪيو ويو.

هن وقت ڏسجي ٿو ته ترقي پسند قوتن جي تعاون کان سواءِ ۽ خاص ڪري ڊاڪٽر نجيب کي آزاد ڪري سندس ساٿ حاصل ڪرڻ کان سواءِ افغانستان جي ٽڪر ٽڪر ٿي ويڙ جو امڪان ختم نہ ٿيندو. ڊاڪٽر نجيب جي ئي هڪڙي پارٽي آهي، جيڪا موجود حالتن ۾ افغانستان کي گڏ رکڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

نيپال

نيپال ۾ موجوده حڪومت تمام چڱي شروعات ڪري چڪي آهي. نيپالي پورهيت انقلابي عوام تمام ڏڪهو عرصو جدوجهدون ڪيون آهن. ايشيا ۾ عوامي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ عوام مان جيڪي سڀ کان وڌيڪ ارڏا ۽ ذهين انقلابي ماڻهو آهن، نيپالي انقلابي انهن جي پهرين صفن منجهان آهن.

دين ايمان ڀڃسو، فقط پڃسو!

جن جن ملڪن ۾ عالمي مالياتي فنڊ ۽ عالمي بئنڪ جي پروگرام تي عمل شروع ٿيو آهي، اتي جو سماجي دين ۽ ايمان رڳو پڃسو ويڃ رهيو آهي. اتي رشوت خوري بدترين صورت اختيار ڪري چڪي آهي. روس، هندوستان، پاڪستان ۽ بين هنڌن تي ڪريون لٽون ۽ ڏاڙا عام جام ٿي ويا آهن. روس کي ته انساني قتل جو تخت گاهہ ڪوٺيو ويو آهي

هندوستان ۾ رشوت خوريءَ ۽ ڦرلٽ بابت خواريون چوٽ چڙهيل آهن. پاڪستان جا مختلف حڪمران ٽولا رشوت خوري، ڦرلٽ ۽ عوامي خزاني تي ڏاڙن جا عالمي رڪارڊ ٽوڙيو وينا آهن.

سامراج ۽ سوشلزم جي وچ ۾ ٽڪر

گذريل سالن ۾ آمريڪي سامراج باقي رهيل سوشلسٽ ملڪن جي مٿان سڀ طرفي چڙهائي شروع ڪري ڇڏي آهي. ان ڪري سرمائيدارن، سامراج ۽ سوشلزم جي وچ ۾ عالمي ٽڪر هن تاريخي دؤر جو سڀ کان بنيادي ٽڪر آهي. ان تضاد ۾ وڏيڪ شدت آئي آهي.

انهن سوشلسٽ ملڪن مان ڪن ملڪن آمريڪي سامراج جي چڙهائيءَ جو ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪيو آهي. سامراج پنهنجا ناپاڪ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اندروني ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ جو هٿيار استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، پر ان سان گڏ هو وقت اچڻ تي فوجي دٻاءُ ڪتب آڻڻ يا ان جو ڏڪو ڏيڻ کان به نٿو گسي. ان جو سڀ کان ويجهڙائيءَ وارو مثال ڪيوبا جو آهي. آمريڪي سامراج جي اقتصادي گهيري ۽ ناڪابنديءَ جي ڪري ڪيوبا لاءِ وڏيون مشڪلاتون پيدا ٿيون آهن. اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ ٺهراءُ پاس ڪيو آهي ته ڪيوبا جي ناڪي بندي ختم ڪئي ويجي. ان ٺهراءَ کي نظرانداز ڪري آمريڪي سامراج ڪيوبا جي عوامي انقلاب ۽ سوشلسٽ حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ ڪيوبا ۾ دست اندازي ڪري رهيو آهي. ڪيوبائي عوام سوشلسٽ نظام جي بچاءَ لاءِ عوامي ٻڌيءَ جو هڪ اهڙو مثال قائم ڪيو آهي، جنهن کي ڏسي سڄي دنيا جي جمهوري قوتن جي دل خوش ٿي ويئي آهي. ڪيوبا جي انهيءَ مضبوط موقف جي سڄي دنيا ۾ ساراهه ڪئي ويئي آهي ۽ ان سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو آمريڪا ڪيوبا ۾ پنهنجن مقصدن ۾ ڪامياب نه ٿيو ۽ نتيجي طور آمريڪا جي سرڪار ان ڳالهه تي مجبور ٿي ته هو 9 سيپٽمبر 1994ع تي ڪيوبا سان في الحال هڪ ناهه ڪري موجوده حالتن ۾ اها ڪيوبا جي عوام جي آمريڪي سامراج خلاف هڪڙي اهم فتح آهي.

اتر ڪوريا خلاف سازش ناڪام

آمريڪا جيئن هڪڙي هٿرادي هنگامي صورتحال پيدا ڪري عراق تي حملو ڪيو هو تيئن هن چاهيو ته ڪوريا ۾ به هڪڙو هٿرادو هنگامو پيدا ڪري، بهانا بڻائي، اتر ڪوريا جي عوامي انقلابي حڪومت کي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائي، ان کي گوڏن پر جهڪايو ويڃي. انهيءَ لاءِ ان ڪوريا جي جمهوري عوام ۽ عوامي جمهوري راڄ جي خلاف گهيري، ناڪي بندي ۽ فوجي دست اندازيءَ جا هٿيار استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان لاءِ بهانو اهو ڏنو ويو ته عوامي جمهوري ڪوريا پنهنجي ايٽمي ڪارخانن جي معائني ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي، حالانڪ بين الاقوامي ايٽمي قوت جي ايجنسيءَ بار بار ان ڳالهه جي تصديق پئي ڪئي آهي ته عوامي جمهوري ڪوريا وٽ نه ايٽمي هٿيار آهن نه اها اهڙا هٿيار پيدا ڪرڻ جي ويجهو پهتل آهي. آمريڪا هر دفعي اها ڳالهه قبولڻ کان انڪار پئي ڪيو ۽ عوامي جمهوري ڪوريا ان باري ۾ جيڪي به تجويزون پيش ڪيون ٿي، تن مان ڪابه قبول نه ٿي ڪيائين، پر چين اقوام متحده جي سلامتي ڪائونسل ۾ سخت موقف اختيار ڪري آمريڪي فوجي دڙڪي کي ناڪام بڻائي ڇڏيو. نتيجو اهو نڪتو جو آگسٽ 1994ع ۾ عوامي جمهوري ڪوريا ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڳالهين جو چوٿون دؤر ٿيو ۽ آمريڪا عوامي جمهوري ڪوريا سان ناهه ڪرڻ قبول ڪيو. هن ناهه ۾ انهيءَ ڳالهه کي به خيال ۾ رکيو ويو ته عوامي جمهوري ڪوريا کي سڃي دنيا کان ڪاٽي رکڻ جي عمل جو خاتمو ڪيو ويڃي ۽ آمريڪا عوامي جمهوري ڪوريا سان سفارتي ناتا قائم ڪري.

انساني حقن لاءِ ڳٽتيءَ جي آڙ ۾...!

آمريڪا اها چتي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته چين طرفان انساني حقن جي خلاف ورزيءَ جو بهانو بڻائي. چين کي انهيءَ ڳالهه تي مجبور ڪيو ويڃي ته هو پنهنجا دروازا سامراجي ڦرلٽ لاءِ صفا کولي ڇڏي. آمريڪا دڙڪو ڏنو آهي ته چين جيڪڏهن سندس ڳالهه نه مڃي ته کيس جيڪي ٻين وانگر واپاري سهولتون حاصل آهن، سي بند ڪيون

ويندیون. پر چين آمريڪا جي مٿان واپار جي معاملي ۾ جيڪا بالادستي رکي ٿو ۽ چين جي طرفان جوابي قدم تي آمريڪا کي جيڪو نقصان پهچڻ جو انديشو آهي، تنهن جي ڪري مجبور ٿي آمريڪي حڪومت في الحال چين جي واپاري حيثيت برقرار رکي آهي، پر آمريڪا ايجان تائين چين کي گيٽ (GATT) جو مڪمل ميمبر بنجڻ نٿو ڏئي.

آمريڪا چين جي سالميت کي نظرانداز ڪري تائيوان کي اڳي کان گهٽا خطرناڪ هٿيار ڏئي. چين خلاف تائيوان وارو پتو استعمال ڪري رهيو آهي. هانگ ڪانگ ۾ برطانيا جي سامراجي حڪومت اها ڪوشش ڪري رهي آهي ته هانگ ڪانگ جيڪو پهرين جولاءِ 1997ع تي چين کي موٽي ملڻو آهي، تنهن جي واپسيءَ ۾ پيچيدگيون ۽ رندڪون پيدا ڪيون وڃن. برطانيا روز ڪوڙ ڪو بهانو ڪريو وينو آهي. تازو بهانو ڪيو اٿس جمهوري چونڊن ڪرائڻ جي ضرورت جو پر انهن سڀني ناپاڪ ڪوششن جي باوجود آمريڪي سامراج انهن سوشلسٽ ملڪن کي بليڪ ميل ڪرڻ ۽ انهن ۾ سوشلسٽ نظام جو تختو اونڌو ڪرڻ ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيو آهي. دراصل آمريڪا کي مجبور ڪيو ويو آهي ته اهو ويٽنام جي اقتصادي ناڪي بندي ختم ڪري.

دائمي گهوٽالن جو شڪار نظام

سوويت يونين ۽ اوپر يورپ جي سوشلسٽ نظام جي ڀاهجڻ جي نتيجي طور بين الاقوامي ميدان ۾ طبقاتي قوتن جو توازن تاريخي لحاظ کان ڪجهہ وقت لاءِ سرمائيداري نظام ۽ عالمي سامراج جي فائدي ۾ ٿي ويو آهي. دنيا جي عوام دوست ۽ ترقي پسند تجزيي نگارن، اقتصادي ماهرن ۽ نظريي دانن جو اهو نقطہء نظر بدستور مضبوطيءَ سان قائم آهي ته انسان ذات اڄ جن مکيہ مسئلن ۾ الجهيل آهي، تن جي واسطي سرمائيداري ڪوبہ تسليءَ جوڳو حل نٿي ڏسي. ان جي ابتڙ اها هميشه وانگر اڄ بہ ڪروڙين انسانن کي گندگي، محتاجي، فاقاڪشي، مصيبتن ۽ غلاميءَ جي زندگيءَ جي گندي ڏبڻ ۾ اڇلائي رهي آهي.

حقيقت ۾ سرمائيداري هڪ اهڙو سماجي سرشتو آهي، جيڪو نہ هيستائين ڪڏهن گهوٽالي کان آزاد رهيو آهي ۽ نہ هن کان پوءِ بہ

ڪڏهن رهي سگهي ٿو. اڄ جي مخصوص طبقاتي قوتن جي توازن ۾ اها سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ بين الاقوامي مارڪيٽ جي واڌاري کي ڪتب آڻيندي ۽ سرمائيدار ملڪن اندر توڙي بين الاقوامي سطح تي غريب پورهيت عوام ۽ ٽئين دنيا جي غريب ملڪن جي عوام کان ڦرلٽ کي وڌيڪ تيز ڪندي پنهنجن مسئلن کي منهن ڏيئي پيئي سگهي. نتيجي طور اڄوڪي دؤر جا پنج ئي بنيادي تضاد ۽ ٽڪر ڏينهون ڏينهن وڌيڪ شديد ٿيندا وڃن. اهي پنج تضاد ۽ ٽڪر آهن: (1) سامراج ۽ سوشلزم جي وچ ۾ تضاد ۽ ٽڪر، (2) سامراج ۽ ٽئين دنيا جي ملڪن وچ ۾ تضاد ۽ ٽڪر، (3) سامراجي ملڪن جي وچ ۾ تضاد ۽ ٽڪر، (4) پورهئي ۽ سرمائي جي وچ ۾ تضاد ۽ ٽڪر، ۽ (5) وڏيراشاهي ۽ سردارشاهي وارن ملڪن ۾ راڄن جي ماڻهن ۽ هارين جو سردارن ۽ وڏيرن سان تضاد.

هن دؤر جو مکيہ ڪردار ۽ نوعيت اڄي وانگر هينئر بہ انسان ذات جي سرمائيداريءَ کان سوشلزم ڏانهن وڌڻ واري آهي. ان ڪري انهن پنجن ئي تضادن مان مرڪزي تضاد ۽ ٽڪر عالمي سامراج ۽ سوشلزم جي وچ وارو تضاد ۽ ٽڪر آهي.

عالمي انقلابي تحريڪ نيون توانائيون حاصل ڪرڻ لڳي آهي

عالمي سامراج موجوده صورتحال جو فائدو ونندي سڄي دنيا تي پنهنجي بالادستي مڙهڻ ۾ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهيو آهي. ان جو پهريون نشانو اڳوڻن سوشلست ملڪن ۾ سرمائيداريءَ جو بول بالا ڪرڻ آهي. پر اهو ڪم ايترو آسان ۽ سادو ثابت نہ ٿيو آهي. جيترو سامراجين طرفان سمجهيو ويو ٿي. حالتن مان صاف نظر پيو اچي تہ روس ۾ سوشلزم جي زوال جي واقعن کان پوءِ بين الاقوامي انقلابي پورهيت تحريڪ ۾ جيڪو گهوٽالو پيدا ٿيو ۽ مارڪسزم- ليننزم جي مٿان زبردست نظرياتي چڙهائي شروع ڪئي ويئي، اهي پڻ عارضي ڪيفيتون ثابت ٿي رهيون آهن.

صاف نظر اچي رهيو آهي تہ جيئن سرمائيداريءَ جو گهوٽالو وڌيڪ گهرو ٿيندو تيئن ئي دنيا جا پورهيت غريب عوام لازمي طرح وري پنهنجي نئين صف بندي ڪندا ۽ سرمائيدار سامراجي چڙهائين سان مقابلي جي جدوجهدن ۾ پنهنجو پاڻ کي نئين سر تازو توانو ۽ طاقتور بڻائيندا.

آمريڪا خطري ۾ آهي!

اڄڪلهه آمريڪا ۾ هڪڙو دفعو ٻيهر "آمريڪا خطري ۾ آهي!" جي گهوڙا گهوڙا ٿي رهي آهي. هن ڪان پهرين پهريون نمبر دشمن روس هو هاڻي چين کي اهو اعزاز ڏنو ويو آهي ۽ ان جي خلاف نفرت ۽ دشمني جو هڪڙو ممڙ مچايو ويو آهي. وقفي وقفي سان آمريڪي عوام جي هٿن ۾ Dragon Strike (ديو جو حملو) ۽ The Coming Conflict of China (چين سان ٽڪراءُ ٿيڻ وارو آهي) جهڙو ڪو وار ڪانڊاريندڙ ڪتاب ڏنو ويجي ٿو. جنهن ۾ ٻڌايو وڃي ٿو ته چين ڪيئن ٽين عالمي جنگ شروع ڪري انساني تهذيب کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ لاءِ پر پيو ڪيڙي.

چين اڄ ڪلهه پنهنجي اقتصادي صورتحال ڪجهه بهتر بنائڻ ۽ پنتي پيل دفاعي ساز سامان کي ڪجهه ٺيڪ ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪري رهيو آهي، ان کي بنياد ناهي هي چيو وڃي ٿو ته هو نه صرف اوپر ايشيا جي علاقي لاءِ پر خود آمريڪا جي لاءِ به خطرو بڻجي ويو آهي. چين جنگ جي فن جو اهڙي طرح سڀ کان پهريون گهر آهي، جهڙي طرح جديد فلسفي جو پهريون گهر يونان ۽ سلطنت جي ڪارو وهنوار جي علم جو پهريون گهر هندستان هو. دنيا ۾ جنگ جي فن متعلق پهريون ڪلاسيڪي ڪتاب "جنگ جو فن" اڄ کان اڍائي هزار سال پهرين جنرل سن زو لکيو هو جيڪو اڄ به دنيا جي وڏين وڏين فوجي اڪيڈمين ۾ پڙهايو وڃي ٿو. ان متعلق مشهور ناولن جي مصنف ۽ "جنگ جو فن" ڪتاب جي انگريزي مترجم جيمس ڪلئول لکيو آهي ته، "جيڪڏهن آئون آمريڪا جو صدر هجان ها ته ان ڪتاب کي لازمي قرار ڏيئي هر آمريڪي جنرل جو ان مان امتحان ونان ها ۽ جيڪو جنرل ان امتحان ۾ فيل ٿئي ها. ان کي نوڪري مان ڪيڊي ڇڏيان ها." چيني جنگي قائد مائوزي تنگ هن ڪتاب ۾ ٻڌايل بنيادي جنگي اصولن مان تمام گهڻو فائدو حاصل ڪيو. ويٽنامي

جنرل جياپ ۽ هن جي ساٿي "عوامي جنگ" جي نظريي، عام راهہ عمل، حڪمت عملي ۽ ترڪيبن جي فن کي بلندين تي پهچائي ڇڏيو. چين جي سڃي فوجي حڪمت عملي جي پيڙهہ هن ڳالهہ تي آهي تہ چين هڪ تمام وڏو غريب ملڪ آهي. هن وٽ ماڻهو گهٽا آهن پر وسيلا گهٽ آهن، جو تہ هو مسلسل بن صدين کان مغربي سامراج جي دٻاءُ ۾ آهي، پوري ويهين صدي چين اندروني خانہ جنگي ۽ ٻاهرين حملن جي لپيٽ ۾ رهيو آهي، انقلابي فتح کان پوءِ انقلاب جي تعمير نو ۾ ٻہ هن کي تمام زبردست مشڪلاتن مان گذرڻو پيو. هو هڪ ئي وقت ڪوريا، هندستان، ويٽنام، جپان، روس ۽ آمريڪا سان ٽڪراءُ ۾ رهيو آهي، ان لاءِ هن وٽ اهڙا وسيلا ناهن جو هو جديد هٿيارن جي ڊوڙ ۾ دنيا جي گهڻن ئي طاقتن سان مقابلو ڪري سگهي.

انگريزي رسالي "ايشيا ويڪ" جي تخميني مطابق چين وٽ سائيا اوٽنيهہ لک فوج آهي، جڏهن تہ هندستان وٽ سائيا يارنهن لک فوج آهي. چين پنهنجي فوج تي پنهنجي بجيٽ جو 14 سيڪڙو خرچ ڪري ٿو ۽ ان جو ڪل خرچ تقريبن سائيا ست بلين ڊالر آهي، جڏهن تہ هندستان ان کان تقريبن ٻيٽي شرح سان يعني 52 سيڪڙو خرچ ڪري رهيو آهي. جيئن تہ چين جي دفاعي بجيٽ 67 بلين ڊالر ۽ هندستان جي 38 بلين ڊالر آهي، ايشيا ۾ جنگ جي تياري تي سڀ کان وڌيڪ رقم اهو ملڪ خرچ ڪري ٿو. جنهن متعلق ماڻهن جو خيال آهي تہ هن جو جنگ سان ڪو بہ تعلق ئي ڪونهي. جو تہ هن جي آئين ۾ جنگي تيارين جي اجازت ئي ڪانهي. اهو ملڪ آهي جپان! جيڪڏهن چين، هندستان، ڏکڻ آمريڪا، ويٽنام ۽ انڊونيشيا جي فوجي بجيٽ ملائي وڃي تہ بہ جاپان جي فوجي بجيٽ ان کان وڌيڪ يعني 50 بلين ڊالر آهي. جپان آمريڪا جو پراڻو اتحادي آهي. چين وٽ تقريبن چار هزار لڙاڪا هوائي جهاز ۽ هڪ سؤ چاليهہ لڙاڪا جهاز آهن، جن ۾ مگ 29 ۽ ميراج 2000 شامل آهن. هندستان وٽ وڪرم سميت بہ ايئر ڪرافٽ ڪيريئرس يعني هوائي جهاز بردار بحري جهاز آهن، چين وٽ اهڙو ڪو بہ جهاز ڪونهي. چين جي دفاعي

انتظامن ۾ آبدوزن جي وڏي اهميت اهي، جيڪي تعداد ۾ ٽيهڻ آهن. چين روس کان سگهوئي 27 لڙاڪا جهاز خريد ڪري رهيو آهي، ان کان سواءِ هن روس کان ست سؤ ڊور مار مگ 31 لڙاڪا جهاز ٻاهڻ جو لائسنس حاصل ڪري ورتو آهي، هڪڙي ايشيائي دفاعي ماهر جو چوڻ آهي ته چين هوا بازي جي ٽيڪنالاجي ۾ هڪ نسل جي محنت کي بچائڻ چاهي ٿو. آمريڪي ڪارپوريشن هيريڊ تي فائونڊيشن جي سينيٽر پاليسي تجزيئي نگار رچرڊ فشر جو چوڻ آهي، جيڪڏهن چين سکوئي 27 روسي جديد جهازن جي ٽيڪنالاجي تي عبور حاصل ڪري ونڊي ٿو ته هو آمريڪا جي ايشيا ۾ فضائي برتري کي چئلينج ڪرڻ جي پوزيشن ۾ اچي ويندو.

دراصل جديد چين هميشه ان خوف ۾ مبتلا رهيو آهي ته هن کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ لاءِ گهٽا ئي ملڪ ملي هن تي حملو ڪندا. ان خوف جو سپ کان پهرين ڀرپور انداز ۾ اظهار چين جي ان وقت جي وزير خارجہ مارشل چين جي پنهنجي پيڪنگ ۾ ڪيل 19 سيپٽمبر 1965ع واري پريس ڪانفرنس ۾ ڪيو هو. هن چيو هو ته، "16 سالن کان آمريڪي حملي جو انتظار ڪندي منهنجا وار اڇا ٿي ويا آهن. جيڪڏهن آمريڪي سامراجي اسان جي خلاف جارحاني جنگ شروع ڪرڻ جو پڪو ارادو رکن ٿا ته پوءِ هو جڏهن چاهين تڏهن هليا اچن، سياٽي ئي هليا اچن. هندستاني رجعت پرست، برطانوي سامراجي ۽ جپاني جنگ باز ۽ هن سان هليا اچن. جديد منحرف (سوويت يونين) ۽ ڏکڻ ماناچي انهن سان شامل ٿئي. نيٽ اسان ئي ڪتنداسين." ان ئي سال يعني 1965ع ۾ ئي چين جي تحفظ جي راهه عمل ۽ حڪمت عملي متعلق هڪڙو زبردست بحث شروع ٿي ويو هو. چيني فوجي ماهرن ۾ ۽ متضاد رايا موجود هئا. هڪڙي راءِ جو اظهار چين جي ان وقت جي چيف آف دي آرمي اسٽاف مارشل لوجوئي چنگ ڪيو هو. هن مئي 1965ع ۾ شايع ٿيل پنهنجي هڪ مضمون ۾ چيو هو ته چين جو دفاع اهڙي طرح ڪيو وڃي جهڙي طرح سوويت يونين ٻي عالمي جنگ ۾ ڪيو هو.

حملي آور فوجن کان جيترو اڳتي ممڪن ٿيئي، ايترو اڳتي وڌي مقابلو ڪيو ويڃي ۽ شهرن ۽ ٻين جاين جي حفاظت ڪئي ويڃي. هن مقابلي جي ڪرنگهي جو هڏو پيشيور فوج هوندي ڇو ته هوءَ ئي جديد ترين هٿيار استعمال ڪري سگهندي. انهن هٿيارن مان ڪجهه ته چيني صنعت ڏيندي، باقي روس کان حاصل ڪرڻا پوندا. ان لاءِ سوشلسٽ ڪيمپ کي متحد ڪيو ويڃي ۽ آمريڪي سامراج خلاف وسيع ترين متحده محاذ قائم ڪيو ويڃي. هن دفاعي لائين جي حمايت سابق وزير دفاع مارشل پينگ تي هوائي، صدر ليو شائوچي ۽ ٻيا مرڪزي چيني ڪميونسٽ اڳواڻ ڪري رهيا هئا. جن جو روسي وزير اعظم خروشچوف جي پاليسين جي حمايت جي طرف لاڙو هو. ان جي ابتڙ راءِ ان وقت جي وزير دفاع ۽ مارشل لن پيائو جپان جي فتح جي ويهين ورسي جي موقعي تي شايع ٿيل مضمون ۾ ڏني هئي جنهن جو عنوان هو "عوامي جگ جي فتح زندهه باد" ان مضمون جو تت هي هو ته چين جيڪڏهن يورپي ۽ آمريڪي روايتي طريقن مطابق يعني هڪ جاءِ تي ڇمي جنگ ڪرڻ جي طريقن کي آزمائيندو ته هن کي ڪاميابي حاصل نه ٿيندي. چين کي خود پنهنجي روايتي طريقن کي استعمال ڪرڻ گهرجي. يعني گوريلا جنگ. ان سان گڏ متحرڪ جنگ ۽ ان کان پوءِ ڇمي جنگ ڪرڻ. هن چيو ته جيڪو چينين ڪيو هو اهو ويٽنامي به ڪري چڪا آهن ۽ ان جي ذريعي سڄي دنيا جي مظلوم عوام ڪامياب ٿي سگهي ٿي. هن دفاعي لائين جي حمايت چيئرمين مائوزي تنگ، وزير اعظم چو اين لائي ۽ مارشل لن پيائو وغيره ڪري رهيا هئا. جيڪا حڪمت عملي آخرڪار قبول ڪئي وئي، اها هئي دفاعي عوامي جنگ جنهن ۾ گوريلا توڙي متحرڪ جنگ ۽ ڇمي جنگ ڪرڻ ٽئي طريقا استعمال ڪيا ويندا. هتي هيءَ ڳالهه ذڪر جوڳي آهي ته هڪڙي روايت مطابق جڏهن 1965ع جي جنگ هلندي فيلڊ مارشل ايوب خان ۽ ذوالفقار علي ڀٽو صلاح مشوري لاءِ پيڪنگ ويا هئا ته انهن کي به ان قسم جي جنگ جي ذريعي جنگ جاري رکڻ جو مشورو ڏنو ويو هو. اڄ به چين جي پوزيشن تقريبن اها ئي آهي، يعني هو دفاعي طور تي انتهائي مضبوط ۽ تقريبن ناقابل شڪست آهي.

غالبن هو ميدان جنگ ۾ پنهنجي پاڙيسرين کان وڌيڪ طاقتور آهي. پر هو سمنڊ پار وڃي ڪنهن سپر طاقت سان جديد ترين هٿيارن جي ڪڏيل بري، بحري ۽ هوائي جنگ وڙهڻ جي پوزيشن ۾ ايڏا تائين ناهي. چين جي هاڻوڪي توجهه بنيادي طور تي پنهنجي اقتصادي حالت سڌارڻ ئي آهي. چين چاهي ٿو ته هو ڪنهن ٻي طاقت جو نقل نه ڪري ۽ اهي هٿيار خريد يا تيار ڪري، جيڪي هن جي خصوصي حالتن لاءِ موزون هجن. جهڙي طرح هو هوائي جهاز بردار وڏن جهازن جي بدلي چاهي ٿو ته ڏور مار ڪندڙ راڪيٽن کان گهڻو ڪم وٺي. تائيوان جي هڪڙي جنگي ماهر ايندري گينگ جو چوڻ آهي ته چين کي پنهنجي دفاعي مشڪلاتن جو حل ميزائيلن ۾ نظر اچي ٿو. ان کان سواءِ چين وٽ جيڪي آبدوزن جو ٻيڙو آهي. اهو به تمام جديد آهي ۽ ڊيزل تي هلي ٿو. چيني فوج وٽ 6 آبدوزون اهڙيون آهن جيڪي نيو ڪليئر ميزائيلن سان هٿياربند آهن. هن روس کان لڪو ڪلاس جون ٻه آبدوزون خريد ڪيون آهن ۽ هو ايندڙ سال خريد ڪندو. انهن آبدوزن ذريعي چين پنهنجي ملڪ جي آسپاس چيني ۽ تجارتي جهاز راني تي نظر رکي سگهي ٿو. آمريڪي وزارت دفاع جو چوڻ آهي ته چين روسي ٽيڪنالوجي جي مدد سان نون قسمن جون آبدوزون حاصل ڪري رهيو آهي. جيڪي جهازن کي تباهه ڪرڻ وارن ڪروز ميزائيلن سان ليس هونديون. چيني فوج کي ايڏا جن ٽيڪنالوجين تي عبور حاصل ڪرڻو آهي. انهن مان هڪ اڏامندڙ جهازن جي مدد سان ٻارڻ ڏيڻ ۽ ٻي بحري، بري ۽ هوائي جهازن جي گڏيل حملي جي ٽيڪنيڪ شامل آهن. انهن ٽيڪنالاجين تي عبور حاصل ڪرڻ ۾ هن کي ڪجهه وقت لڳندو. بهرحال ڪنهن کي چينين جي محنت، ذهانت، هنرمندي ۽ ڪاريگري ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ۽ هو سمجهن ٿا ته چين پنهنجي اقتصادي ۽ سياسي مسئلن جيان وڏن فوجي مسئلن کي به جلد ئي تسلي بخش طور تي حل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو.

آمريڪا نڪسن ۽ مائويزي تنگ واري پهرين دوستي واري معاهدي جو دم پريندي تائيوان کي چين کان الڳ رکڻ جي ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي. هن تائيوان جي پوٽا چار لک فوج کي هٿيار ڏنا آهن جن

ڇهه سؤ ٽينڪون، ارڙهن تباهه ڪن جهاز 4 آبدوزون، ٻه سئو پنجهتر اين 5 ويڑهاڪ جهاز ۽ ڏيڍ سئو ايف 16 ويڑهاڪ جهاز شامل آهن. يعني 13 بلين ڊالر. جيڪو سندس آمدني جو 5.6 سيڪڙو آهي. آمريڪا پنهنجي ٻين اتحادين کي به هٿيارن جي ڊوڙ ۾ اڳيان ڏکي ڇڏيو آهي. اتر ڪوريا به چين کان ٻيٽي رقم يعني 14.4 بلين ڊالر خرچ ڪري رهيو آهي ۽ هن وٽ ڇهه لک سٺ هزار فوج آهي. چار آبدوزن، ست تباهه ڪن جهاز ۽ تقريبن چار سؤ ويڑهاڪ هوائي جهاز آهن جن ۾ سٺ ايف 16 ويڑهاڪ جهاز شامل آهن. آمريڪا پنهنجي حامي ملڪن يعني تائيوان، اتر ڪوريا، جپان جي ذريعي به چين تي تمام گهٽو دٻاءُ وجهي رهيو آهي. تبت ۽ سنڪيانگ ۾ هو پنهنجي ڳيجهو ٻڌن ۽ ملن ذريعي چين خلاف تخريبي ڪارروايون ڪرائي رهيو آهي. آمريڪا اهو سڀ ڪجهه ان لاءِ ڪري رهيو آهي جو روس جي زوال کان پوءِ هن جي اک جو ڪنڍو صرف هڪڙو وڃي رهيو آهي، جيڪڏهن چين باقي نه رهيو ته هن جي سامهون دنيا ۾ ڪابه امڪاني وڏي طاقت نه رهندي ۽ هو دنيا کي اهڙي طرح هلائي سگهندو. جهڙي طرح قديم زماني ۾ رومي شهنشاهت وارا هلائيندا هئا. سڄي دنيا هن جي مطيع، فرمانبردار ۽ غلام ٻڌجي وبندي ۽ ڪنهن کي به "چون" ڪرڻ جي جرئت نه ٿيندي. چين جو وجود ۽ هن جي ترقي ۽ خودمختياري ٽين دنيا جي آزادانه وجود لاءِ ڪيتري ضروري آهي، اها ڳالهه ٽين دنيا جا اڪثر ملڪ چڱي طرح سمجهن ٿا.

(7 آگسٽ 1997ع)

IMPERIALIST GLOBALIZATION AND THE WORLD REVOLUTIONARY PROCESS

سامراجي گلوبلائيزيشن ۽ دنيا ۾ انقلابي تبديليءَ جو عمل

مغربي دنيا جي نظريي دانن مطابق گلوبلائيزيشن هڪ فطري ۽ اٽتر عمل آهي. جنهن ۾ نه رڳو سموري دنيا کي ترقي ۽ واڌارو آڻڻ لاءِ بي پناهه گنجائش موجود آهي. پر ان جي سامهون انتهائي اهم چئلينج پڻ موجود آهن. انهن جو چوڻ آهي ته تاريخ اهو ثابت ڪيو آهي ته ذاتي ملڪيت ۽ منڊي تي ٻڌل معاشيات بهتر نتيجا ڏئي ٿي. دنيا جي آزاد منڊي جي حصي طور سمورا ملڪ اندروني طور تي آزاد منڊيءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ پابند آهن.

اڄوڪي دنيا جون حقيقتون ۽ گذريل 150 سالن جي تاريخ اهو ٻڌائي ٿي ته گلوبلائيزيشن کو نئون لقاءُ ڪونهي. 1848ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي پڌرنامي ۾ مارڪس اڳ ئي لکيو هو ته، "سرمائيدار دنيا جي منڊي جي استحصال ذريعي پيداوار ۽ کپت کي هر ملڪ جي اندر عالمگير سڃاڻپ ڏئي ٿو. سرمائيدار پيداواري اوزارن ۾ تڪڙي بهتري ۽ مواصلات ۾ تمام وڏي آسائي پيدا ڪري نه رڳو سمورين پر انتهائي وحشي قومن کي به تهذيب يافته بڻائي ٿو."

آزاد سرمائيداري جي هڪ هٽيءَ واري سرمائيداري ۾ تبديلي ۽ سامراجيت جي دؤر جي شروعات ان ڳالهه جي تصديق ڪئي. موجوده گلوبلائيزيشن جي معني آهي ته انهن سمورن تضادن جو وڌيڪ گهرو ۽ وسيع ٿيڻ، جيڪي ويهين صديءَ جي شروعات ۾ سامراجيت سان گڏ ظاهر ٿيا.

سامراجي گلوبلائيزيشن ۽ انقلاب (1960_1900ع)

(Imperialist Globalization and Revolution: 1900-1960)

1900ع کان 1910ع واري ڏهاڪي ۾ هڪ هٽيءَ واري سرمائيداري

برطانيا، فرانس، جرمني، آمريڪا، بيلجيم، هالينڊ ۽ روس (سطحي طو
تي) ۾ بالادست هئي. معاشي بحران، جن انهن ملڪن کي لوڏي وڌو. کار
فرار ٿيڻ لاءِ اهي سمورا ملڪ ڪالونيون بنائڻ واري سياست ۾ مصروف
ٿي ويا. دنيا جي ڪاب ڪنڊ سامراجي طاقتن جي هيڻ ۽ لالچ کان بچي
سگهي. سامراجي گلوبلائيزيشن ڪالونيون فتح ڪرڻ سان وجود ۾ آئي
اضافي پيداوار جي بحران سبب ڪجهه سامراجي ملڪن کي ڪالونيز
جي وڏيڪ حصي تي قبضي ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي، جنهن ڪري
پهرين عالمي جنگ لڳي ۽ ان ۾ هڪ ڪروڙ ماڻهو موت جو شڪار ٿيا
اهڙا وحشي ۽ عام وگوڙ ۾ فساد انسان ذات اڳ ڪڏهن به نه ڏٺا هئا.

انسان ذات جي تاريخ ۾ پورهيت طبقو سڀ کان وڏيڪ انقلابي
طبقو آهي. پورهيت طبقي جي اها تاريخي ذميواري آهي ته سرمائيدار
طبقي (جيڪو انساني تاريخ جو آخري ۽ سڀ کان وڏيڪ ظالم
استحصال ڪندڙ طبقو آهي) جو خاتمو آڻي. دنيا مان ماڻهوءَ جو ماڻهو
هٿان استحصال ختم ڪري. پر اهو صرف روس ئي هو جتي پورهيت
طبقي هارين کي پنهنجو اتحادي بڻائي، پنهنجي انقلابي قوت ۽ زور
لڳائي، روسي سرمائيدار ۽ 9 فوجي مداخلت ڪندڙ سامراجي ملڪن
جي هٿياربند قوتن کي ختم ڪيو.

سامراجي گلوبلائيزيشن 1920ع ۽ 1930ع جي ڏهاڪن ۾ زور ورتو
دنيا جي اڪيلي ۽ واحد سوشلسٽ ملڪ ڏانهن سيني سامراجي قوتن
جو دشمناڻو رويو. ڪالونيون بنائڻ واري عمل جو وڏيڪ پکڙجڻ ۽ زور
وٺڻ ۽ نيم ڪالوني بڻايل ملڪن کي وڏيڪ تابع بنائڻ ۽ سموري دنيا
جي ڪچي مال ۽ منڊي تي قبضو ڪرڻ جي لاءِ سامراجي قوتن جي
وچ ۾ تضادن جو وڏڻ سامراجي گلوبلائيزيشن جي سڃاڻپ بڻي.

1929ع ۾ سرمائيدار دنيا جو بحران اضافي پيداوار جو بحران هو
جيڪو مالي ڏيوالپڻي سان ڳنديل هو. وڏن سرمائيدار ملڪن ا
بحران مان عوامي پلائي ۽ ڳرن هٿيارن وارن پروگرامن ذريعي نڪرڻ
جي ڪوشش ڪئي، جنهن جي نتيجي طور ٻي عالمي جنگ لڳي
جنهن دوران سامراجيت جهڙي مجرم ۽ وحشي نظام هٿان 5 ڪرو

ماڻهو موت جو ڪاڄ ٻڌيا. ان فاشسٽ مخالف جنگ جي دوران 2 ڪروڙ 30 لک روسي ماڻهن سوويت يونين ۽ سموري دنيا کي فاشزم کان بچائڻ لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو. سوويت يونين مشرقي يورپ جي ملڪن اندر فاشسٽ مخالف انقلابن جي فتح ۾ مدد ڪئي، جيڪي ڳچ هلي اشتراڪي انقلاب ۾ تبديل ٿي ويا.

بي عالمي جنگ جي دوران چيني ۽ ڪوريائي عوام فاشسٽ قبضي ۽ ان جي اتحادين خلاف پنهنجي قومي آزاديءَ جي جنگ کي زور ونرايو. فاشسٽ قبضاگيرن کي شڪست ڏئي، چيني ۽ ڪوريائي عوام پنهنجي جدوجهد جو رخ آمريڪي سامراج ۽ ان جي مقامي دلالن ڏانهن ڦيرايو ۽ سامراج مخالف ۽ جمهوري انقلاب آڻي فتح حاصل ڪئي، جيڪو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳواڻي ۾ اشتراڪي انقلاب ۾ تبديل ٿي ويو. انهن ڪاميابين ايشيا ۽ آفريڪا اندر انقلابي تحريڪن کي وڏي سگهه ڏني، جن 1950ع ۽ 1960ع وارن ڏهاڪن دوران ڪالونيون ٻڌايل ملڪن اندر فتح حاصل ڪئي.

آمريڪي سامراجيت بي عالمي جنگ جي شروعات ۾ جمهوري نوڙي فاشسٽ ملڪن کي هٿيارن جو وڪرو ڪري پاڻ کي مالامال ٻڌايو. آمريڪا يورپ سان جنگ ۾ دير سان شامل ٿيو. ته جيئن فرانس، اٽلي ۽ جرمنيءَ اندر اشتراڪي انقلاب جي فتح کي روڪي سگهجي. جنرل پيٽن (Patton) اتحادن ۾ تبديلي آڻي هٽلر جي فوج سان گڏجي ماسڪو تي چڙهائي ڪئي. آمريڪا جائز فوجي جواز کان سواءِ هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ جي آبادي کي برباد ڪري ڇڏيو. جيڪا سوويت يونين جي خلاف هڪ ڏمڪي ۽ سرد جنگ جي شروعات هئي. آمريڪي سامراج هٽلر جي سوشلزم خلاف مڪمل جنگ کان پاڻ کي ڌار ڪندي ڪوريا جي خلاف جنگي اڳرائي ڪئي، جيڪا اصل ۾ چين ۽ ڪنهن حد تائين سوويت يونين جي خلاف جنگ جي پيش بيني هئي، پر سامراج ڪوريا ۾ شڪست کاڌي، جتي ان جو مقابلو ڪوريائي عوام جي جرئتمندانه مزاحمت سان هو جنهن جي سڀني اشتراڪي ملڪن ۽ امن ۽ آزاديءَ جو بچاءُ ڪندڙ قوتن پڻ مدد ڪئي.

1950ع جي ڏهاڪي دوران انسان ذات جي ٽئين حصي جو سوشلسٽ نظام ۾ داخل ٿيڻ، ٽئين دنيا (Third World) اندر سامراج مخالف ۽ ڪالوني مخالف (Anti Colonical) انقلابن ۾ اُپار ۽ خود سرمائيدار ملڪن اندر پورهيتن ۽ عوام جي جدوجهد ۾ واڌارن جهڙن عملن سامراج خاص طور آمريڪي سامراج کي صفا ڏوڏي ڇڏيو.

عالمي سطح تي موقعي پرستيءَ کان رد انقلاب تائين

From Opportunism to Counter- Revolution on a World Scale)

سامراجيت ان لائق آهي جو هن موتمار مشڪلات مان پاڻ کي باهر ڪيڊي سگهي، جيڪڏهن اسان جي دؤر جا هيٺيان 3 مکيه انقلابي لاڙا موقعي پرستيءَ جو شڪار ٿي ويڻ:

1. سرمائيداريءَ جي استحصال کان آزاد ملڪن ۾ سوشلزم قائم ڪرڻ لاءِ هلندڙ جدوجهد.
2. محڪوم ملڪن اندر سياسي ۽ معاشي آزاديءَ لاءِ هلندڙ جدوجهد.
3. سامراجي ملڪن جي اندر پورهيت طبقي جي انقلابي جدوجهد.

سوويت يونين اندر خروشچيف ۽ Revisionism جي اقتدار ۾ اچڻ جي ڪري ان انقلابي سياست ۾ ڌار پيا، جنهن جي شروعات لينن ۽ استالن ڪئي هئي. هڪ ٻئي پٺيان سمورن مارڪسي ۽ لينني قانونن ۽ قاعدن جو خاتمو ڪيو ويو. Revisionist ترميم پسندن اعلان ڪيو ته سوشلزم جي آخري فتح ٿي چڪي آهي، سرمائيداريءَ جي واپسي ناممڪن بڻجي چڪي آهي، سوويت يونين ۾ طبقاتي جدوجهد ختم ٿي چڪي آهي ۽ سرمائيدار ۽ سرمائيدار عنصرن جي خلاف پورهيتن جي آمريت جي وڌيڪ ضرورت ناهي رهي. انقلابي تعليم کي بنيادي ڦر کار آجو ڪري پوءِ ان تي مڪمل پابندي مڙهي ويئي. پارٽيءَ ۽ رياست جي اڳواڻن ۾ سرمائيدار خيال ۽ رويا داخل ٿيندا ويا. سرمائيدار معيشت جا قانون ڏاڪي بہ ڏاڪي متعارف ڪرايا ويا، جنهن جي شروعات 1965ع ۾ سرمائيدار منافعي جي قانون کي ٻيهر قائم ڪري ڪئي ويئي. سرمائيدار معيشت جو ڪارو ناٽو ۽ ذاتي طور تي مالامال ٿيڻ وارا لاڙا وڌيا.

ان نظرياتي، سياسي ۽ معاشي ڦيڙ ڀاڙ جي نتيجي طور 1990ع ۾

سرمائيداري وڌيڪ چڙواڳ صورتن ۾ وري ڇائنجي ويئي. اڳوڻي سوويت يونين ۾ 1990ع جي پيٽ ۾ 1999ع ۾ پيداوار 57 سيڪڙو ۽ يوڪرين (Ukraine) ۾ 39 سيڪڙو تائين وڃي پهتي. 8 سالن ۾ روس جي آبادي گهٽجي 60 لکن تائين وڃي پهتي. موت جي شرح، جنم جي شرح کان ٻيڻي ٿي ويئي. سراسري عمر 64 سالن کان گهٽجي 61 سالن تائين پهتي ۽ 60 سيڪڙو آبادي جي آمدني گذر سفر ڪرڻ جي معيار کان ٻه ڪِري پيئي.

سرمائيدار دنيا جي اندر جن ڪميونسٽ پارٽين اندر موقعي پرست لاڙا موجود هئا، خروشچيف پاران هڪ دفعو ترميم پسنديءَ جو طريقو اختيار ڪرڻ کان پوءِ اهي پارٽيون پڄ ڌاهه جو شڪار ٿي ويون ۽ سرمائيداريءَ جو حصو بڻجي ويون. ٽئين دنيا (Third World) جي اندر ڪيتريون ئي سامراج مخالف ۽ انقلابي پارٽيون موقعي پرستي ۽ ترميم پسنديءَ جي ڏماڪي (Explosion) سان اثرانداز ٿيون. انقلاب دشمن تختا ڪيڻ وارين ڪارروائين ڪيترن ئي سامراج مخالف جدوجهد سان وفادار رهندڙ اڳواڻن کي ڪيڏي ٻاهر ڦٽو ڪيو. نون سربراهن نيم ڪالونيءَ واري ڍانچي اندر پراڻن دلالن واري حيثيت اختيار ڪئي. اهي ڪامورا (Bureaucrats) ۽ Comprador سرمائيدار بڻجي ويا. وڇڙي ڦوتن کي سامراجيت پاران اُپاريو ويو ته جيئن انهن ملڪن جي مٿان پنهنجو سياسي ۽ معاشي قبضو برقرار رکي سگهجي.

موجوده گلوبلائيزيشن جون خاصيتون

(The Characteristics of the Current Globalization)

اهو سامراجي گلوبلائيزيشن جي نئين ڏاڪي جي باري ۾ آهي جيڪو هن وقت دنيا ۾ موجود آهي. موجوده گلوبلائيزيشن ڪا نئين شيءِ ناهي پر هن گرهه تي ان جو ڦهلاءُ ۽ انهن سمورن تضادن جي وڌيڪ شدت ۽ ٽڪراءُ آهي، جيڪي 1900ع ۾ سامراجيت جي وجود سان گڏ ظاهر ٿيا. سموري دنيا لاءِ فطري ۽ فائديمند عمل واري ڳالهه کي پاسي رکندي، گلوبلائيزيشن استحصال، بالادستي، دٻاءَ ۽ ڦرلٽ کي وڌائي سامراج مخالف ۽ سرمائيدار مخالف انقلابي تحريڪن کي جنم ڏئي ٿي، جيڪي دنيا ۾ اڳ ڪڍهن به ناهن ڏٺيون ويون.

معاشي فوٽيت ۾ برتريءَ جي نقطءِ نظر کان Information Technology، مواصلات (Communication) ۽ Transport جي شعبن ۾ انقلاب، گلوبلائيزيشن جي موجوده ڏاکي جون خاصيتون آهن، پر عالمي سطح تي غير قومي ڪارپوريشنن (Transnational Corporations) جو پاڻ ۾ غير قانوني طور تي گڏ ٽيڻ پڻ ان جا سبب آهن.

موجوده گلوبلائيزيشن تن ڪنديل يا پيچيده (Intertwining) قوتن جو نتيجو آهي:

1. وڏيون غير قومي ڪارپوريشنون (Big Transnation Corporations)
2. سامراجي رياستون، جيڪي پنهنجي هڪ هٿي ۾ عالمي اتحادين جو ٻچاءُ ڪن ٿيون.
3. عالمي ادارا، جن تي سامراجي رياستن ۽ انهن جي غير قومي ڪمپنين جي بالادستي آهي، جيئن آءِ- ايم- ايف (I.M.F)، عالمي بئنڪ (World Bank) ۽ عالمي واپاري تنظيم (World Trade Organization) وغيره.

حقيقت ۾ سامراجيت جي چيرڦاڙ ڪبي ته دنيا تي ان جي بالادستي مالي سرمائي جي عالمي سطح تي هڪ هنڌ گڏ ٽيڻ ذريعي نظر ايندي. موجوده گلوبلائيزيشن انتهائي گهري بحران جو اهڃاڻ آهي، جنهن سامراجي دنيا کي لوڏي وڌو آهي ۽ گهڻ قومي ڪمپنين کي محڪوم ملڪن جي سمورن منافعي جي وسيلن کي ڦٻائڻ تي مجبور ڪري وڌو آهي ۽ سموري دنيا جي پورهيت طبقي جي استحصال کي انتها تي پهچائي ڇڏيو آهي.

اڳوڻا سوشلسٽ ملڪ

(The Formerly Socialist Countries: Powder Kegs)

سوشلسٽ ملڪن جي اندر رد انقلاب (Counter Revolution) بنا ڪنهن شڪ جي سامراجيت جي فتح آهي، پر اها فتح سرمائيدار ۽ سامراجي دنيا جي تضادن کي ڪڍهن بہ ماڻويا ڪمزور نہ ٿي ڪري، ان جي ابتڙ تضادن کي وڌيڪ تيز ٿي ڪري. روس جي 40 سيڪڙو معيشت هڪ مافيا (Mafia) جي هٿ ۾ آهي، جيڪا دنيا جي طاقتور ۽

جاتل سجاتل مافيائي قوت بڻجي چڪي آهي. آزاد منڊي جي فائدن بابت بهترين تقريرون ان حقيقت کي وڌيڪ لڪائي نہ ٿيون سگهن تہ سرمائيداري حقيقت ۾ هڪ مافيائي نظام (Mafia System) آهي. اڳوڻي سوويت يونين جي رياستن جي نئين سرمائيدار جي قومي غداري، آمريڪي ۽ يورپي ڪالونين اندر باوقار قومن جي قومي تذليل، پورهيتن جي ڪم ڪرڻ وارين حالتن جو غير يقيني حد تائين هيٺ ڪِرڻ جي نتيجي طور نيون عظيم انقلابي جدوجهدون اڀرڻ لاءِ آهن. سامراجيت، جنهن کي بحران ڏکي ۽ لوڏي رهيا آهن، کوشش ڪري رهي آهي تہ ڪيسپين سمنڊ (Caspian Sea) ۽ سائبيريا جي حيرت انگيز ذخيرن تي قبضو ڄمائي. روس جي خلاف نيٽو (NATO) اڳ ئي جنگ جي تياري ڪري رهيو آهي، پر اڳوڻي سوويت يونين جي خلاف ڪابہ اڳرائيءَ واري جنگ سوشلسٽ انقلاب جي قوتن کي وڌيڪ سگهارو ڪندي.

ٽئين دنيا: آزاد منڊي جي نالي هيٺ وري مڪمل ڪالونيون بنائڻ

(The Third World: Complete Recolonization by the "Free Market")

1970ع جي ڏهاڪي دوران، جيڪو عالمي سامراجيت لاءِ هڪ تمام ڏکيو دؤر هو، ٽئين دنيا جي قومي ۽ Comprador سرمائيدار کي بنيادي ڍانچي جي تعمير ۽ ڪچي مال جي پيداوار لاءِ صنعتون لڳائڻ لاءِ تمام وڏي پيماني تي قرض کڻڻ تي مجبور ڪيو ويو ۽ ساڳئي وقت غير قانوني طريقن وسيلي ڪيس ذاتي طور تي شاهوڪار ٽيڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويو. جنهن جو بنيادي مقصد عوام جي بنيادي ضرورتن تي ٻڌل قومي صنعت جي تخليق کي روڪڻ هو. مقامي سرمائيدار کي ڳري ۽ تباهہ ڪندڙ قرض گوڏن ۾ آڻي بيهاريو. سامراجي حڪمن جي تعميل ڪرڻ لاءِ انهن عوام کي ايڏا بہ وڌيڪ ڏيڻ شروع ڪيو. 1970ع ۾ 61 ارب ڊالر ٽوٽل قرض وڌي 1999ع ۾ 2554 ارب ڊالر ٽوٽل قرض تي وڃي پهتو.

اهو تمام ڏکيو هوندو تہ ان ۾ ايڏا وڌيڪ اضافو ڪري سگهجي. ڪيترن ئي ملڪن جو ٻاهر ويندڙ ناٽو قرض جون قسطون جاري رکڻ لاءِ ڪافي ناهي. سامراجيت گهٽن ملڪن کي ڪچي مال جي پيداوار لاءِ قرض کڻڻ تي مجبور ڪيو. نتيجي طور اضافي پيداوار جي بحران

ڳر ڪنيو جنهن ٽئين دنيا جي ڪيترن ئي سرمائيدارن کي ٽڪائي ۽ بيزار ڪري وڌو. 99_1998ع دوران ٽئين دنيا مان برآمد ٿيندڙ ڪچي مال جي قيمت ۾ غير معمولي لاٿ نظر آئي. ٽئين دنيا اندر پنهنجي پيداوار زوريءَ موڪلڻ لاءِ سامراج ٽئين دنيا اندر نهندڙ سامان ۽ زرعي پيداوار خلاف بچاءَ جا نوان طريقا ايجاد ڪري رهيو آهي. آزاد واپار تي Liruguay Rolind سان گڏ سامراج ڇڙواڳ معيشت مڙهي ڇڪو آهي. جنهن جي موٽ ۾ ٽئين دنيا جي ملڪن کي سواءِ واعدن جي ٻيو ڪجهه ناهي ڏنو ويو جيڪي ڪڏهن ب ناهن پاڙيا ويا. بچاءَ (Protectionism) اولهه جي سماجي تباهيءَ کي روڪڻ جو هڪ هٿيار آهي، پر اهو 4 ارب ماڻهن لاءِ موجود عذاب کي وڌيڪ اُپاري رهيو آهي. WTO جي ذريعي سامراج ٽيڪنالاجيڪل ۽ سائنسي ترقيءَ تائين پهچ کي ايجا ب وڌيڪ ڏکيو بڻائي رهيو آهي. ٽئين دنيا جي اربين عوام کي زنده رهڻ لاءِ بهتر خوراڪ ۽ دوائن جي ضرورت آهي. گهٽ قومي ڪمپنيون دوائن ۽ کاڌ خوراڪ جي سامان تي ڳريون قيمتون مڙهي، زوريءَ هڪ هڪ روپيو اوڳاڙي رهيون آهن.

Bureaucratic and Comprador سرمائيدار جيڪو سامراج آڏو ڪاب مزاحمت ڪرڻ جي قابل نه هو بحران مان نڪرڻ لاءِ معاشي خودمختياريءَ کان لاتعلقي جو اعلان ڪيو ۽ پنهنجي قومي ملڪيت وڪري لاءِ رکي ڇڏي انهن کي پنهنجي قومي صنعت کي خانگائڻ (Privatization) تي مجبور ڪري برآمد (Import) کي ڇوٽ ڇڏيو ويو جنهن ڪري ڪمزور پيداواري قوتون تباهه ٿي ويون.

محڪوم ملڪن اندر غير علائقائي يا پرڏيهي سيڙپڪاري گلوبلائيزيشن جو نام نهاد فائدو آهي. پيداواري سيڪٽر، جن ۾ تمام وڏيون پگهارون هونديون هيون، هاڻي پرڏيهي بڻجي چڪا آهن. گهٽي پرڏيهي سيڙپڪاري بجلي، ڪپڙي ۽ چمڙي جي صنعت ۾ ٽيڙ ڪري مقامي پيداوار ۾ وڏي پيچ ڌاهه ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ انهن ملڪن ۾ نوڪرين تي عارضي طور بندش وڏي ويئي آهي. 1995ع ۾ ميڪسيڪو ۾، 1997ع ۾ سائوٿ ايسٽ ايشيا ۾ ۽ 1998ع ۾ برازيل ۾

معاشي بحران جي ڪري تمام وڏو سرمايو آمريڪا ڏانهن منتقل ٿيو. ان سرمائي جي منتقلي جي نتيجي ۾ رڳو هن سالن دوران آمريڪا 300 کان 400 ارب ڊالر حاصل ڪيا. اضافي پيداوار سامراجي ملڪن لاءِ هڪ مصيبت بڻجي چڪي آهي، جنهن ڪري هو محڪوم ملڪن اندر پيداواري قوتن کي اڳ ۾ وڏيڪ تباهه ڪري رهيا آهن. شاهوڪار ملڪن اندر اضافي پيداوار ٿئين دنيا جي ڪيترن ملڪن اندر جتي سامراج قومي سرمائيدار کي اُپرڻ نه ٿو ڏئي، پيداوار ۾ لاٿ آڻي رهي آهي. ايڏا تائين ان ڪوڙ کي وري وري ورجايو پيو وڃي ته سرمائيداري نظام تمام وڏي ترقي آڻي ٿو ۽ سوشلزم ناڪام ٿي چڪو آهي. جڏهن ته اسان اڄ ۾ ٿئين دنيا جي انهن ملڪن، جيڪي صنعتي طور تي ڪجهه ترقي يافته هئا ۽ اڳوڻن سوشلسٽ ملڪن اندر پيداواري قوتن جي وڏي تباهي ڏسي رهيا آهيون.

موجوده گلوبلائيزيشن جا ٻه روپ آهن: هڪ، عالمي سطح تي سامراجي معاشي بالادستي کي ڦهلائي وڏيڪ سگهارو ڪرڻ ۽ ٻيو مظلوم ۽ محڪوم عوام کي ورهائيندڙ عنصرن کي وڏيڪ سگهه بخشڻ.

سامراجيت نسلي، قومي ۽ مذهبي تضادن کي Globalize ڪري رهي آهي، ته جيئن مظلوم عوام کي هڪٻئي سان ويڙهائي، مارائي سامراجي بالادستيءَ خلاف عظيم الشان ۽ گڏيل مزاحمت کي روڪي سگهجي. گلوبلائيزيشن عالمي دهشتگرديءَ پيدا ڪئي آهي ۽ وڏيڪ فوجي قوت پيدا ڪرڻ لاءِ ميڊيا کي نفسياتي جنگ جو هڪ هٿيار ڪري استعمال ڪيو آهي. عراق جي خلاف 1991ع ۾ اڳوڻي فوجي ڪارروائي معاشي جنگ جي شڪل ۾ پوءِ ۾ جاري رهي ۽ ان معاشي اڳرائيءَ کي مختلف وقتن تي فوجي حملن ذريعي طاقت بخشي ويئي. سامراجي گلوبلائيزيشن جي خوبصورت ديويءَ جي نانءَ تي 15 لک عراقين جي جان جي قرباني ڏني ويئي. اسرائيل جي ذريعي وچ اوير جي خلاف سامراجي اڳرائي پڻ هڪ مثال آهي، جنهن جي خلاف فلسطيني عوام جي جرئت مندانه سامراج مخالف جدوجهد اڄ ۾ جاري آهي.

روانڈائي ۽ يوگنڈائي فوجن جي مداخلت ذريعي، سامراجيت

ڪابيلا (Kabila) ملڪ جي خلاف وحشي اڳرائي ڪئي آهي، جاڪاڙ تہ هن کي ڊپ آهي تہ آفريڪا جي دل اندر هڪ آزاد ۽ طاقتور ڪانگو (Congo) وجود ۾ اچي سگهي ٿو. ان جو مقصد ڪانگو جيڪو هڪ شاهوڪار ملڪ ٿيڻ جي سگهہ رکي ٿو جي سياسي ۽ معاشي بالادستيءَ واري خواهش کي ختم ڪرڻ آهي.

سامراج دنيا جا اهم معدني ذخيرا، مثال طور: سون، هيرا، فولاد ۽ قيمتي عنصر، جهڙوڪ: Niofium، Tantalum ۽ Columfuim زوريءَ ڦٻائڻ چاهي ٿو. ڪانگو ۾ منظم نسل ڪشي ۽ قتلام جو ذميوار آمريڪي سامراج آهي، جنهن ۾ جنگ ۽ تباهيءَ جي ڪري 30 لک ماڻهو موت جو ڪاڄ بڻيا.

ڪولمبيا ۽ Eucador جي ڪميونسٽ ۽ سامراج مخالف تنظيمن جو وڏندڙ ڪردار آمريڪي سامراج کي پريشان ڪري رهيو آهي، جيڪو واشنگٽن جي مفادن جو بچاءُ ڪندڙ ڪ٦پٽ حڪومتن ۽ گهڻ قومي ڪمپنين جي بالادستيءَ جي بچاءَ لاءِ انهن ملڪن تي حملا ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيو آهي.

دنيا جي پورهيت عوام جو شديد استحصال

(Super- Exploitation of the World's Working Class)

گلوبلائيزيشن جي مڙهيل دباءَ کي وڌائيندي، ساڳيون گهڻ قومي ڪمپنيون سامراجي توڙي محڪوم ملڪن جي پورهيت عوام جي خلاف ڪارروائيون ڪري رهيون آهن. پگهارن ۾ گهٽتائي، نوڪرين جي ٽورڙي عرصي وارن معاهدن کي وڌيڪ مختصر ڪرڻ، Part- time jobs کي عام ڪرڻ، The growth of flenifility ڪم جي جڳهہ جو وڌيڪ سوڙهو ٿيڻ، فيڪٽرين جي تالابندي، سماجي تحفظ جو خاتمو بيروزگاري الائونس کي محدود ڪرڻ، ڪمپنين تي ٽيڪس ۾ ڏينهون ڏينهن گهٽتائيءَ باوجود پيداوار تي ٽيڪس ۾ اضافو انهن ڪارروائين جا ڪجهہ مثال آهن.

جسماني ۽ ذهني دباءَ، بيماري ۽ موت جي قيمت تي پورهيتن مان وڌ مان وڌ فائدو حاصل ڪري پيداوار ۾ واڌارو آندو ويو آهي.

معيشت ۽ سرمائي جو بحران (Economic and Financial Crises)

سامراجي گلوبلائيزيشن مالي سرمائي جي جواري ۽ Parasitic خاصيت جي وڏي پيماني تي نشاندهي ڪري ٿي. آمريڪي اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي ذخيرو ڪيل سامان جي بحران سبب 4 ڪرب ڊالر گم ٿي چڪا آهن. نتيجي طور آمريڪا اندر جپان ۽ يورپ جي سامان جي برآمد ۾ وڏي گهٽتائي ايندي. ان ڏينهن جڏهن انهن قرض ڏيندڙ ملڪن پنهنجو سرمايو پاڻ وٽ گڏ ڪرڻ شروع ڪيو ته آمريڪي معيشت جو کهڙو بہ انجام ٿي سگهي ٿو.

آمريڪي (گهرو سامان- ڪمپنين- رياست) قرض تمام وڏي تاريخي سطح تي پهچي چڪو آهي. 1981ع ۾ آمريڪي مجموعي پيداوار (US Gross Domestic Product) جي 14 سيڪڙو کان وڌي 1991ع ۾ 189 سيڪڙو تائين پهچي چڪو آهي. جيڪڏهن ڪو وڏو عارضي بحران پيدا ٿيو ته اهو نہ رڳو پورهيتن لاءِ بربادي آڻيندڙ ڏيوالپڻي کي اُپاري سگهي ٿو پر قرض واپس نہ ٿيڻ سبب ڪيترين ئي فيڪٽرين ضبط ٿي سگهن ٿيون. اڳوڻين سوشلسٽ رياستن، محڪوم ملڪن ۽ سامراجي مرڪزن اندر عوام جي مفلسي ۽ محرومي مالي بحران ۽ اضافي پيداوار جي بحران کي بد کان بدتر ڪندي. ڪيترن ئي سالن کان وڌي Automobile Sector اضافي پيداوار ۽ Over Capacity جي ور چڙهيل آهي. هڪ کان پوءِ ٻيو ملڪ بحران جو شڪار ٿي رهيو آهي. جيئن 1995ع ۾ ميڪسيڪو 1997ع ۾ سائوٿ ايسٽ ايشيا ۽ 1998ع ۾ برازيل ۽ روس بحران جو شڪار ٿيا. جپان 10 سالن تائين جمود جو شڪار رهيو. 2001ع جي شروعات ۾ نئين ٽيڪنالاجي واري سيڪٽر (New Technology Sector)، جنهن کي هڪ هٿيءَ واري سرمائيداري جي ناقابلِ شڪست طاقت سمجهيو ويندو هو ۾ پڻ اضافي پيداوار جو بحران پيدا ٿيو.

اهي سمورا سبب ۽ محرڪ جيڪي مستقبل ۾ هڪ وڏي بحران کي اُپاري سگهن ٿا، پيدا ٿي رهيا آهن ۽ عالمي سطح تي اهو بحران هن نظام کي صفا لوڏي وجهندو. سوويت يونين جي زوال کان پوءِ وڏن

سامراجي ملڪن وچ ۾ موجود تضاد ڏينهون ڏينهن وڌيڪ واضح ۽ گهرا ٿي رهيا آهن.

آمريڪا: هڪ بالادست قوت

(The United States: A Hegemonic Power)

آمريڪا، جيڪو واحد فوجي سپر پاور پڻ آهي، معاشي ۽ خاص طور تي فوجي معاملن ۾ سڀ کان وڌيڪ طاقتور سامراجي قوت آهي، پر سرمائيداريءَ جو موروثي قانون ناهموار واڌارو (Unequal Development) معاشي تعلق کي تبديل ڪري رهيو آهي. 1945ع ۾ آمريڪا جي گهرو پيداوار (G.D.P) دنيا جي مجموعي پيداوار جو 50 سيڪڙو هئي. 1999ع ۾ آمريڪا جي گهرو پيداوار 28.8 سيڪڙو تائين گهٽجي ويئي، جڏهن ته يورپي يونين جي 27.3 سيڪڙو ۽ جپان جي 14.5 سيڪڙو آهي. هڪ اندازي مطابق 2020ع تائين آمريڪا جو دنيا جي مجموعي پيداوار ۾ 10 کان 15 سيڪڙو حصو ٻيهندو، جيڪو گهٽو ڪري يورپ، جپان ۽ چين جي حصي جي برابر هوندو.

يورپي يونين: هڪ ممڪن رقيب

(The European Union: A Possible Rival)

يورپي يونين سڀني يورپي سامراجي ملڪن لاءِ هڪ گڏيل Project جوڙيو آهي، جيڪو وڏين يورپي هڪ هٿيءَ وارين ڪمپنين جي گهرجن مطابق آهي. يورپي هڪ هٿيون آمريڪي ۽ جپاني ڪمپنين جي مقابلي ۾ دنيا جون نيون منڊيون فتح ڪرڻ چاهين ٿيون. ڪوبہ هڪ يورپي سامراجي ملڪ اڪيلي سر آمريڪي ۽ جپاني بالادستيءَ جو مقابلو ڪرڻ جي اهل ناهي. يورپ مڪمل ٽيڪ کان اڃا گهٽو پري آهي. ان جي مڪمل ٽيڪ واري جوڙجڪ آڏو وڏن ملڪن جون خواهشون رڪاوٽ آهن. هڪ طرف جرمني گهٽو ڪري پنهنجي مرضي مڙهي رهيو آهي، جڏهن ته فرانس ۽ برطانيا کي وري پنهنجون ترجيحون آهن. پر يورپ جون سموريون هڪ هٿيون يورپي يونين جون وڏيون منڊيون پاڻ وٽ رکڻ چاهين ٿيون، ته جيئن آمريڪي ۽ جپاني هڪ هٿين جي ٻيٽ ۾ پاڻ کي مضبوط ۽ سگهارو

ڪري سگھجي. واپاري ۽ مالياتي معاملن ۾ آمريڪا ۽ يورپي يونين جي وچ ۾ موجود تضاد ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن. آفريڪا ۽ عرب دنيا تي بالادستي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻنهي ۾ شديد مخالفت موجود آهي. آمريڪا، روس کي باز رکڻ لاءِ ۽ اوير يورپ کي فتح ڪرڻ لاءِ يورپ جي سگھاري مدد چاهي ٿو. يورپ پڻ ايئن چاهي ٿو. چاڪاڻ ته يورپي گھڻ قومي ڪمپنيون پڻ گڏيل منڊين مان فائدو حاصل ڪنديون. دنيا تي پنھنجي گڏيل سامراجي بالادستي قائم رکڻ لاءِ نيٽو (NATO) آمريڪا ۽ يورپ جو لازمي حصو آهي. نيٽو آمريڪا ۽ يورپي سامراج جي هٿياربند ٻانهن آهي، جيڪا مسلسل روس، چين ۽ ٽئين دنيا جي ملڪن کي سڌيون ڌمڪيون ڏيئي رهي آهي. الجيريا جھڙو ملڪ، جنهن 1975ع ۾ سامراج مخالف جدوجهد ڪئي، نيٽو سان گڏجي فوجي مشقون ڪيون آهن ۽ جنگي فوجي معاهدي مطابق ڳالهيون ڪري رهيو آهي. ٻئي پاسي آمريڪا، نيٽو تي اڪيلي سر ڪنٽرول برقرار رکڻ چاهي ٿو ته جيئن ضرورت پوڻ تي يورپ جھڙي مخالف قوت کي ڪمزور ڪري ورهائي سگھجي. آمريڪا پنھنجي معاشي ۽ فوجي بالادستيءَ کي چئلينج ڪندڙ عالمي يورپي طاقت جي ايرڻ ۾ رڪاوٽ وجھڻ چاهي ٿو. يوگوسلاويه جي خلاف اڳرائيءَ واري جنگ حقيقت ۾ وچ اوير ۽ Caspcian Sea جي تيل جي ذخيرن ڏانهن ويندڙ رستن تي قبضو ڪرڻ جي جنگ هئي ۽ روس جي خلاف جنگي تيارين جو حصو هئي، پر آمريڪي ۽ يورپي گھڻ قومي ڪمپنين جا مفاد انهن علاقن ۾ هڪٻئي سان مطابقت نه ٿا رکن. تنهن ڪري يورپ جنگي اڳرائين لاءِ پنھنجي الڳ فوج جوڙڻ جو فيصلو ڪيو آهي. يورپ ان ڳالھ کان باخبر آهي ته فوجي قوت کان سواءِ منڊين ۽ علاقن تي پنھنجي بالادستي قائم نه ٿي ڪري سگھجي.

29 مئي 1999ع تي يوگوسلاويه جي خلاف وڌي جنگي اڳرائيءَ جي دوران فرانس ۽ جرمني سرڪاري سطح تي اعلان ڪيو ته، "يورپي يونين کي اهم وسيلا مهيا ڪرڻ لاءِ اهي پنھنجي سگھ مطابق پائيواري ڪندا، ته جيئن عالمي بحران کي منهن ڏيئي سگھجي ۽ ان ۾ ڪابه سڌي سنئين آمريڪي مداخلت شامل نه هوندي." آمريڪا کي

اهو ڊپ آهي ته نيٽو کان الڳ يورپي فوج جڙي سگهي ٿي، جيڪا اڳتي هلي آمريڪا جي پنهنجي فوج سان مقابلو ڪري سگهي ٿي. يورپ نون هٿيارن جي ڊوڙ جي مخالفت ڪري رهيو آهي ۽ آمريڪا Anti-Missile Defense System جوڙڻ جي شروعات ڪرڻ چاهي ٿو.

آمريڪا هن سموري بحران مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ فوجي اڳرائين جو رستو اختيار ڪري رهيو آهي ۽ وڏي عالمي جنگ جي تياري ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ عوامي جمهوري ڪوريا سان گڏوگڏ چين ۽ روس مکيه نشانو بڻبا. پر يورپ ڇاڪي ٿو ته اهو پڻ اُن پاليسيءَ کان متاثر ٿيندو.

جپان جي طاقت ۽ ان جون ڪمزوريون

(Strengths and Weaknesses of Japan)

جپان جي صنعتي ۽ مالي طاقت ڪيترن ئي معاملن ۾ آمريڪا سان سخت چٽاييتي ڪندڙ آهي، پر فوجي طور تي آمريڪا جي ٻيٽ ۾ ڪمزور ۽ ايشيا ۾ اڪيلو ۽ ڪنڌائتو هجڻ ڪري جپان ۾ اها سگهه ناهي جو هو عالمي سطح تي آمريڪا جي بالادستيءَ جي جڳهه والاري سگهي. موجود Exchange Value مطابق 2000ع ۾ جپان جي مجموعي گهرو پيداوار (G.D.P) 4610 ارب ڊالر آهي، جيڪو آمريڪي گهرو پيداوار جو 46.5 سيڪڙو ۽ يورپ جي مجموعي گهرو پيداوار جو 59 سيڪڙو آهي. 1996ع ۾ آمريڪا ۾ جپان جي سرمائيڪاري (سيڙپ) 36.5 سيڪڙو هئي، جڏهن ته ايشيا ۾ وري 30.5 سيڪڙو هئي. 1999ع ۾ آمريڪا کي جپان سان واپار ۾ 77.5 ارب ڊالرن جو تمام وڏو نقصان پيو جيڪو گهٽو ڪري ڪارن ۽ بجلي جي سامان جي برآمد سبب پيو پر جپان هڪ گهٽن ٻيٽن وارو ملڪ هئڻ جي باوجود ڪچي مال ۽ توانائيءَ جي ذخيرن کان محروم ملڪ آهي ۽ هڪ آزاد چائنا سان منهن ڏيئي رهيو آهي. جنهن جي معاشي طاقت ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي ۽ هر محاذ تي ايشيا ۽ سموري دنيا سان هُن (چين) جا لاڳاپا مضبوط ٿي رهيا آهن. چائنا پنهنجي صوبي تائيوان کي ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي، جيڪو جپان جو اهم معاشي پائيوار آهي ۽ چائنا هڪ ڏينهن ايئن ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندو.

ڏکڻ ڪوريا، جيڪو جپان سان نہ رڳو مقابلو ڪندڙ پر ان جو پائيوار پڻ آهي، ڪوريا جي گڏجڻ واري عمل بابت پنهنجي حڪمت عمليءَ تي ٻيهر نظرثاني ڪري رهيو آهي. جيتوڻيڪ ايڏا تائين آمريڪا، جاپان جو اهم معاشي پائيوار آهي پر جاپان ڏينهون ڏينهن آمريڪا تي پاڻڙ (پنهنجي Dependance) گهٽائي رهيو آهي، پر اها Eurasian خطي سان لاڳاپا پيدا ڪرڻ کان سواءِ حاصل ٿي نہ ٿي سگهي ۽ هاڻي جاپان، چين ۾ اهم سيڙپ ڪندڙ ملڪ آهي. اتر ۽ ڏکڻ ڪوريا گڏجڻ واري عمل (Reunification) ذريعي چين، سائبيريا ۽ Central Eurasia جي آزاد رياستن جي توانائيءَ جي ذخيرن تائين رسائي حاصل ڪري سگهن ٿا. ايشيا کي لوڏيندڙ تبديلين کي سامهون رکندي، ٻن قسمن جي امڪانن کي پرکي سگهجي ٿو:

1. جيڪو اڪثريتي خيال آهي تہ آمريڪي ٽولي ۾ پرپور نموني سان شامل ٿي، جپان آمريڪي فوج جي جهنڊي هيٺ آزاد واپار مان پرپور فائدا حاصل ڪري سگهي ٿو.
2. جيڪو اقليتي خيال آهي تہ جاپان کي پنهنجي بالادستي قائم ڪرڻ لاءِ الڳ مضبوط فوج جوڙڻي پوندي، تہ جيئن هو ايشيا ۾ جتي چاهي، اُتي فوجي مداخلت ڪري سگهي.

ان طريقي سان ئي جاپان پنهنجي ڪچي مال جي ذخيرن تي فوجي قبضي کي مستحڪم رکي سگهي ٿو. جيڪڏهن آمريڪا، چين سان ڪنهن بہ وڏي جنگ ڪرڻ جي اُبهرائپ ڪئي تہ جاپان جي صورتحال غير واضح يا اڻ چٽي هوندي. ڪيترائي آمريڪي تجزيي نگار ان امڪان کي رد نہ ٿا ڪن تہ آمريڪا ۽ چين جي وچ ۾ ڪنهن بہ وڏي فوجي ٽڪراءَ جي صورت ۾ جاپان يا تہ غير جانبدار رهي سگهي ٿو يا وري چين سان اتحاد ڪري سگهي ٿو.

چين: هڪ خودمختيار ۽ عظيم طاقت جو اُڀار

(China: The Emerjance of a Big Independent Power)

چين دنيا ۾ سامراجي بالادستيءَ جي آڏو هڪ تمام وڏو چئلينج بڻيل آهي. گذريل ٻن ڏهاڪن (80ع ۽ 90ع) دوران پنهنجي نظام ۾

ڏاکي ۾ ڏاکي سڏارا آڻي Growth Rate 8 سيڪڙو تائين پهچائي چڪو آهي. 1990ع کان 1999ع تائين پنهنجي مجموعي گهرو پيداوار کي ٽيڀو (Triple) ڪري چڪو آهي. اڳوڻي سوويت يونين ۽ اوپر يورپ ۾ سرمائيداريءَ جو مڪمل چانئجڻ ۽ انهن ملڪن جو آمريڪي سامراجيت آڏو اطاعت ڪرڻ، سامراجي جنگي اڳرائيءَ ۾ اضافي (عراق- يوگوسلاويه- ڪوسووو) چيني سياست جي سامراج مخالف ڪردار کي وڌيڪ سگهارو ڪيو آهي.

سامراج يقيناً اهو نه ٿو چاهي ته چين خاص طور تي ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا ۽ آفريڪا سان پنهنجا سياسي لاڳاپا ۽ معاشي لاڳاپا مضبوط ڪري. ته جيئن پنهنجي گڏيل ڪوشش کي تقويت پهچائي. سامراجي بالادستيءَ کان آجا ٿي سگهن. سامراجي طاقتون انساني حقن جي نام نهاد نعري هيٺ تائيوان ۽ تبت جي مسئلي کي استعمال ڪري. چين جي ڪميونسٽ پارٽي ۽ سرڪار لاءِ مسئلا کڙا ڪري. ان کي ڪمزور ڪري رهيون آهن. پورهيتن جي آمريت کي ختم ڪري نيم ڪالوني (Neo Colonial) واري حڪومت قائم ڪرڻ سامراج جو بنيادي مقصد آهي. آمريڪا کي اها پڪ ناهي ته هو اندروني طور تي انقلاب دشمن سرگرميون ڪري. چيني ترقيءَ ۾ ڇڪ ڏاهه آڻي سگهندو. چين پنهنجو پاڻ کي هڪ آزاد عالمي طاقت طور مضبوط ڪري سگهي ٿو. آمريڪا پڻ چين سان جنگ ڪرڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪري سگهي ٿو.

بش انتظاميا (حڪومت) چين کي ايڪيهين صديءَ جو سپ کان وڏي جنگي دشمن جو درجو ڏيڻ تي غور ڪري رهي آهي.

ڪوريا جي خلاف نوان خطرا (New Threats against Korea)

اتر ۽ ڏکڻ ڪوريا جي پرامن گڏجڻ واري عمل (Reunification) آمريڪا جي لاءِ هڪ اهم مسئلو بڻجي ڇيو آهي. ڪوريا جو امڪاني گڏجڻ آمريڪا جي اتر- اوپر ايشيا (North- East Asia) ۾ بالادستيءَ آڏو حقيقي خطرو نظر اچي رهيو آهي. ڪوريا جو گڏجڻ اتر- اوپر ايشيا ۾ آمريڪا جي (هٿياربند سپاهين ۽ ميزائيلن سان گڏ) فوج جي

موجودگيءَ آڏو سوال کڙو ڪري ڇڏيندو جيڪو آمريڪي ۽ جاپاني سامراج کي خطي جي بچاءَ (Reginal Security) جي نئين صورت تي غور ڪرڻ تي مجبور ڪندو.

سيپٽمبر 2000ع جي رپورٽ ۾ آمريڪا جي بچاءَ واري وزارت اهو اعلان ڪيو ته، "ڪوريا جي معاملي تي آمريڪا کي وڏي سطح جي جنگ ڪري سگهي ٿو."

روس جو سامراج مخالف قوت طور اُپار

(The Anti- Imperialist Potential of Russia)

Compradore ۽ مايا جهڙي روس جي نئين سرمائيدار جو روسي عوام مٿان مضبوط ڪنٽرول ناهي. روس جو عوام هڪ تمام وڏي سامراج مخالف قوت آهي. سامراجي نيم ڪالوني بڻجي پنهنجو وقار وجائڻ ۽ قومي طور تي پيڇ ڏاهه جو شڪار ٿيڻ جي ڪري روس ۽ آمريڪا جي وچ ۾ موجود تضاد مستقبل ۾ اڃا وڌيڪ گهرا ٿيندا. اهو روس جي عظيم مفاد ۾ آهي ته هو سامراجي چنبي کان آزادي چاهيندڙ نئين دنيا جي ملڪن سان ويجهڙائپ پيدا ڪري ۽ سوشلسٽ ملڪن سان پنهنجا معاشي لاڳاپا وري بحال ڪري. اڳوڻي سوويت رياستن کي گڏجڻ لاءِ اتساهي. سوويت يونين هڪ سوشلسٽ رياست طور پنهنجي پيهر وجود جا امڪان روشن ڪري سگهي ٿو. 1996ع کان "شنگهائي گروپ" (Group of Shanghai) قائم ڪيو ويو آهي، جيڪو معاشي، سياسي ۽ فوجي طور تي تعاون کي مضبوط ڪرڻ جي خيال کان هر سال چين، روس، قازڪستان، ڪرغستان ۽ تاجڪستان وڏيڪ ويجهو آڻي رهيو آهي.

عالمي جنگ جو خطرو (The Denger of a World War)

بدترين بحران جي ڪري آمريڪي سامراج پنهنجي معيشت کي Militarization ۽ مهاڏو اتڪائيندڙ پاليسي اختيار ڪري سگهي ٿو ۽ گهري ۽ لاڳيتي بحران جي برقرار هڻڻ سبب نئين عالمي جنگ ڏانهن وڻي وڃي سگهي ٿو. عالمي طاقتن جي ناهموار ترقي پڻ عالمي جنگ ڏانهن وڻي وڃي سگهي ٿي. آمريڪا جي بالادست حيثيت هڻڻ جي ڪري ڏماڪيدار ۽ تباهي آڻيندڙ هٿيارن ٺاهڻ جي تياري ڪئي پئي وڃي، جيڪا نئين عالمي

جنگ کي اُپاري سگھي ٿي. جيڪڏھن آمريڪا ھڪ نئين عالمي جنگ شروع ڪرڻ جي شروعات ڪئي تہ اڳيئي ظلم برداشت ڪندڙ عوام جي گھٽائي وڌيڪ ڏاڍ ۽ ظلم جو شڪار ٿيندي. تنھن ڪري پورھيت ۽ انقلابي عوام جو اھو فرض آھي تہ دنيا ۾ ھر ھنڌ آمريڪا جھڙي شيطاني طاقت جي خلاف ويڙھ ڪن ۽ ان جي مٿان فتح حاصل ڪن ۽ قومي عوامي، جمھوري ۽ سوشلسٽ انقلاب لاءِ نوان گس ۽ رستا تلاش ڪن.

دنيا ۾ ايرندڙ نيون انقلابي ۽ سامراج مخالف سوشلسٹ جدوجھدون

Towards a new upsurge of revolutionary anti imperialist and ocialist struggles in the world)

سامراجي قوتن کي اھا خوش فھمي ھئي تہ اوپر يورپ ۾ سوشلزم جو زوال مجموعي طور تي سموري دنيا ۾ سوشلزم جو زوال ثابت ٿيندو پر اھا خوش فھمي حقيقت ثابت نہ ٿي.

عوامي جمھوري ڪوريا، ڪيوبا، ويٽنام، لائوس ۽ چين پنھنجي سياسي ۽ سماجي آزادي برقرار رکيو ويٺا آھن. ڪيوبا جي ترجمار واضح ڪيو ھو تہ "گلوبلائيزيشن دنيا کي ڪنٽرول ڪرڻ چاھي ٿي پر ھڪ ملڪ (ڪوريا) اھڙو بہ آھي، جيڪو مزاحمت ڪري اھڙا نتيجا ڏيئي سگھي ٿو جيڪي ٻيا ملڪ نٿا ڏئي سگھن. اڄ روزانو 35 ھزار ٻار بک جي ڪري موت جو شڪار ٿين ٿا، پر انھن مان ڪوبہ ٻار ڪيوبيائي ناھي. ھزارين ماڻھو صحت جون سھولتون نہ ھجڻ ڪري موت جو شڪار ٿين ٿا، پر انھن مان ڪوبہ ڪيوبيائي ناھي. ھن وقت ڪتاب ۽ اسڪول نہ ھجڻ ڪري لکين ڪروڙين ماڻھو جھالت واري زندگي گذاري رھيا آھن، پر انھن مان ڪوبہ ھڪ ڪيوبائي ناھي. نئين چڑواڳ (Neo Liberal) ۽ بالادست گلوبلائيزيشن سموري انسان ذات سان گڏ اسان جي خلاف بہ جارحيت آھي، پر اسان ان اڳرائيءَ جو جواب وڌيڪ انقلاب ۽ پنھنجي ملڪ اندر سوشلزم کي مضبوط ڪري ڏينداسين. اسين اڳتي وڌي رھيا آھيون ۽ اسين فتح حاصل ڪنداسين اسين اِھا پڪ ٿا ڏياريون تہ ڪيوبا زوال جو شڪار نہ ٿيندو."

اها حقيقت ته آمريڪي سامراج سمورين ڪوششن باوجود ڪيوبا، وامي جمهوري ڪوريا، ويٽنام ۽ لائوس جهڙن ننڍين ملڪن ۾ سوشلزم ي بنيادن کي ختم ناهي ڪري سگهيو جنهن مان سوشلسٽ خيالن جي اقت ۽ آمريڪي سامراج جي ڪمزوري ظاهر ٿئي ٿي. سامراجي دنيا ي تضادن کي ڀائيندي ۽ محدود ڪرڻ جي ڪوشش، سامراجي لوبلائيزيشن جي خلاف انهن سمورين قوتن جي جوابي مزاحمت کي الميِ سطح تي اُڀارندي، جيڪي بي انتها غربت، استحصال ۽ ڦرلٽ، لادستي، دهشتگردي ۽ جنگ جو عذاب پوڳي رهيون آهن.

اهو خيال پختو ٿيندو پيو وڃي ته پيداوار جو سرمائيداراڻو طريقو (Capitalist Mode of Productio انسان ذات جي بنيادي Survival سان ظابقت نه ٿو رکي. سامراج سچ پچ ته هڪ قاتل Genocidal ٻڌجي چڪو هي. پيداواري قوتن ۽ ٽيڪنالاجي جي بي انتها (Explosive) ترقي جيڪا سامان جي لاتعداد پيداوار ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿي) ۽ انسان ت جي اڪثريت وٽ وسيلن جي ڪوٽ ۽ غربت سبب منڊين جي ڪوٽ گهٽتائيءَ جي وچ ۾ تضاد وڌي رهيو آهي. سرمائيداري پورهيتن کي سماني ۽ ذهني طور تي تباهه ڪري، اڻ ڄاڻائي ۽ جهالت کي برقرار کي، رجعت پرست گهرو ويڑهن ۽ فاشسٽ گروهن کي قوت فراهم ڪري، هٿياربند وڳوڙن ذريعي قتلِ عام ڪرائي، واپار تي بندشون مڙهي، ڪار، بيمارين ۽ وبائون پکيڙي، صرف ۽ صرف منڊين جي مالڪن ي هڪڙي ننڍي گروهه کي فائدو پهچائي سگهي ٿي.

انسان ذات گهٽي عرصي تائين ان وحشي ۽ غير انساني قسمت تي ٿي ياڙي سگهي. استحصال، ڀاءَ ۽ دهشتگردي، جيڪي سامراجي لوبلائيزيشن جي سچاڻپ آهن، ويهين صديءَ کان وڌيڪ سامراج خالف انقلابن ۽ سوشلسٽ انقلابن ۾ اُڀار پيدا ڪندا. ماضيءَ کان ڏيڪ اسان جي دؤر ۾ به عظيم انقلابي لاڙا هٽ ۾ ڏئي March ڪري رهيا آهن: هڪ محڪوم ملڪن اندر جمهوري ۽ سامراج خالف انقلاب ۽ ٻيو سرمائيدار ملڪن جي اندر سوشلسٽ انقلاب. ۽ جمهوري انقلاب جي مڪملي (Fullfillment) انقلابي قوتن کي

سوشلسٽ انقلاب جي ڏاکي ڏانهن وٺي ويندي سامراجيت، جيڪا پ
ڪجهہ نہ صرف سرمائيداريءَ جي هڪ هٿي آهي، جي فساد ۽ وڪوڙسا
مهاڏو اٽڪائيندڙ عوام ان حقيقت جي ڄاڻ حاصل ڪري چڪو آهي
سرمائيداري نظام ڪڏهن بہ چوٽڪاري جو رستو نہ ٿو ٿي سگهي
تجربي اهو ثابت ڪيو آهي تہ انقلابي قومي سرمائيدار مثال طور: جنهن
الجيريا ۾ ڪالوني مخالف (Anti- Colonial) جنگ جي اڳواڻي ڪئي
عوام جي حاصلات کي برقرار نہ ٿو رکي سگهي. ذاتي مفاد جي ڪري ا
قومي سرمائيدار ويجي سامراج جي پر ورتي ۽ الجيريا کي نيم ڪالون
جي ڏهڙ ۾ قاسائي ڇڏيو. صرف ۽ صرف پورهيت طبقو ٻين محنه
ڪندڙ طبقن (Toiling Classes) سان اتحاد ڪري، سامراج مخالف
انقلاب جي اڳواڻي ڪري، مستقبل ۾ ان کي سوشلسٽ انقلاب ۾ تبديل
ڪرڻ لاءِ تيار ڪري سگهي ٿو. تاريخ ۾ اڳي کان بہ وڌيڪ عوام ج
ثقافتي ۽ روحاني ترقي، عظمت، وقار ۽ گذر سفر لاءِ سوشلزم هڪ قطع
ضرورت بڻجي چڪو آهي ۽ تاريخ ۾ اڳ کان وڌيڪ echnological
Development سوشلزم کي ممڪن بڻايو آهي.

پيداواري قوتن جي بي پناهہ ترقي انسان ذات کي اها قوت ڏني آهي تہ ه
سموري دنيا جي عوام کي معاشي محروميءَ مان باهر ڪڍي سگهي. اها قو
حاصل ڪرڻ جي ڪري سماج تمام جلدي بک، بيماري، اڻ ڄاڻائي ۽ جهالہ
کي فتح ڪري وٺندو. سماج ان شيطاني خول (Hellish- Strait Jacket) ک
ختم ڪري ڇڏيندو جنهن ۾ ذاتي ملڪيت پيداواري ذريعن کي قي
ڪري چڪي هئي. سماج جي ٻيهر جوڙجڪ سوشلسٽ بنيادن ت
هوندي وڏي سرمائيدار جي خلاف پورهيتن جي آمريت، جنهن جو بني
عوام تي هوندو معاشي ۽ سماجي نظام جي تبديليءَ جي بنيادي گهر
آهي. سامراجي وحشي قوتن جي خلاف اها آمريت عوام جي وڏ
اڪثريت لاءِ حقيقي جمهوريت کي ممڪن بڻائيندي. سوشلزم عوام
تعليم، سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ پيداواري قوتن کي ايترو تہ تيز ۽ ايترو
وسيع ڪندو جيترو اڄ تائين سامراج ڪڏهن بہ ناهي ڪري سگهي
پيداوار جي رڃابندي عوام جي مادي ۽ ثقافتي ضرورتن مطابق ڪئي ويندي

Internationalist طور اسان ڪميونسٽ گلوبلائيزيشن جي معروضي ۽ فطري ارتقائي عمل جي خلاف ناهيون. آخري نتيجي طور عالمي سطح تي، پر وفاقي سوشلسٽ رياستن جو هڪ عالمي نظام آهي. ان جي رهنمائي، اتحاد ۽ گڏيل مدد جي اصولن مطابق ڪئي ويندي ۽ رڪاندي‌ءَ سان ترقيءَ ۾ واڌارو آندو ويندو. پورهيت بين الاقواميت عوام جي وچ ۾ اتحاد جي رهنمائي ڪندي، سمورين نسلي ۽ قومي رڪاوٽن کي ڪيڏي ٻاهر ڦٽو ڪندي، امتيازي عمل، رويا ۽ شاونزم کي ختم ڪندي، عوام ۾ هم آهنگ فائدن جي ڏي وٺ ڪندي، ڪاروباري مفاد کان سواءِ علم ۽ ڄاڻ هڪٻئي ڏانهن منتقل ڪئي ويندي، دنيا جي سمورن خطن ۾ شاندار ۽ هموار ترقي ايندي. جيڪڏهن تعاون واري ماحول (Cooperative Framework) ۾ سموري عوام جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي، مٿين بنيادن تي پيداوار جي رڪابندي ڪئي ويئي.

کم لٹو ـ کاڳر ڦاٽو!

آمريڪا دنيا سان ڇا ٿو ڪرڻ ڇاهي؟

خيرن سان آمريڪي سامراجي دادلي عراقي وزيراعظم نوري المالڪي لاءِ بہ ڏاهاڳ جو ڏينهن اچي ويو!

خبر رسان ايجنسي (اي ايف پي) جو اطلاع آهي تہ 28 مارچ يعني آڄر ڏينهن تي عالمي پريس اڳيان دانهون ڪندي پنهنجي قوم جي هن قاتل ۽ وطن دشمن خونخوار ڊڪٽيٽر چيو آهي تہ مون سان چونڊن ۾ زبردست دوکو ٿيو آهي. اقوام متحده وٽ فرياد ڪري ڪري ٿڪو آهيان. ڪا ڳالهہ نٿا پڌن.

ڪابہ ڏانڊلي ڪانہ ٿي آهي!

هوڏانهن ساڳي خبر رسان ايجنسيءَ 30 مارچ تي واشنگٽن ڪان اطلاع ڏنو آهي تہ آمريڪا جي عراق واري سفير هڪ پيرو وري چيو آهي تہ عراق ۾ 7 مارچ تي ٿيل عام چونڊون بلڪل صحيح ۽ درست هيون ۽ انهن ۾ ڪابہ ڏانڊلي نہ ٿي آهي. هن چيو تہ مالڪيءَ خاطري ڏياري آهي تہ هو قانون جي دائري اندر رهندو. هن وڌيڪ چيو تہ عراق جا ماڻهو بہ چاهين ٿا تہ سمورا عراقي سياستدان قانون جي دائري ۾ ئي رهن.

سڏري وڃ!

سفارتي ٻوليءَ ۾ ڏنل هن ظاهري طور عام رواجي بيان ۾ آمريڪا طرفان جناب مالڪي صاحب کي جيڪو پيغام ڏنل آهي، تنهن جو سولي سنڌيءَ ۾ جيڪو مطلب ٿئي ٿو سو هي آهي تہ، "سڏري وڃ! چونڊن ۾ ڏانڊليءَ بابت ڦشري بند ڪر! نہ تہ تون پاڻ سمجهين ٿو...!"

وڏيري هياس، چنيسر جي راڄ ۾،
ڏهلين، ڏمامين، نقرين ٿي پل پل پچياس،
ڏولي ڏيلياس، ٽيس ڏاهاڳ ڏيهہ ۾.
(شاهہ)

وزيراعظم مالڪي صاحب پريس وارن کي اهو ڪوٺ ٻڌايو ته آمريڪي سامراج جي "بليجان!" "بليجان!" ۽ هشيءَ تي مست ٿي، مڱيءَ ۾ اچي، هن پنهنجي اباڻي وطن عراق جي مظلوم عوام سان سالن جا سال ڪهڙيون ڪربلائون ڪيون ۽ ڪرايون. ڪهڙيءَ بيدرديءَ سان سندن ٻچا کهايا، گهر ۽ خاندان برباد ڪيا، رت جون ندیون وهايون، سندن قومي وجود جون پاڙون پٽيون ۽ کين چورو چنو ۽ يتيم ٻارن جو هجوم ٻڌائي کين ڏينهن رات رت رئاڙيو.

ياد رهي ته عراق اهوئي ملڪ آهي، جيڪو دنيا جي سڀ کان اوائلي تهذيب ۽ تمدن جو مالڪ ملڪ هو. جيڪو سميري اسيريائي، بابلي تهذيبن جو گهر هو. جنهن دنيا کي ان وقت سڀ کان اڳلي تهذيبي فن، يعني لکڻ جي فن جو تحفو ڏنو. جنهن ان کي حمورابي قانون جي صورت ۾ پهريان قانون ڏنا. جنهن اڄتي هلي مغرب جي سڀ کان وڏي ثقافتي حاصلات، يعني يوناني فلسفي ۽ سائنس کي (جڏهن اهي مغرب مان عيسائي مذهبي جنونين هٿان تڙجي نڪتا هئا) پنهنجي هاڪاري جڳ مشهور شهر بغداد، خليفي منصور عباسيَ جي اڏايل بغداد ۽ هارون الرشيد ۽ الف ليلیٰ جي ڪهاڻين واري بغداد ۾ دارالحڪومت ٺهرائي، ان ۾ انهن جا عربي ترجما ڪرائي محفوظ رکيو ۽ دنيا ۾ پکيڙيو ۽ مسلمانن ان علم، فلسفي ۽ سائنس سان پاڻ کي به هٿياربند ڪيو ۽ ان کي ڇار چنڊ لڳائي واپس ان دور جي نسبتاً پوئتي پيل يورپي ملڪن کي تحفي طور ڏنو. ان بغداد مٿان جڏهن 1258ع ۾ هلاکو جي وحشي منگول ڪٽڪن ٺهري قيامت ڪڙڪائي هئي، تڏهن فارسي جي شاعر آسمان ڏانهن منهن ڪري ٻاڪاريو هو:

آسمارا حق بود گر خود ببارد بر زمين،
بر زوالِ ملک مستعصم امير المومنين.

(آسمان تي فرض آهي ته امير المومنين مستعصم جي ملڪ جي بربادیَ تي پاڻيَ جي برسات بدران رت جي ڇوڙهن جي برسات وسائي!)

منگول قيامت

ان بغداد تي ان منگول قيامت جي زماني کان ساڌا ست سئو سال

پوءِ ايڪيهين صديءَ جي شروعات ۾ آمريڪي وحشي ڳٽڪن پنهنجي سر توڙي پنهنجن نوري المالڪي جهڙن قوم جي قاتلن هٿان سالن جا سال، روزانو اٽ ئي پهر جيڪا تباهي ۽ بربادي آندي، انهن ان عراق جي ڪروڙين انسانن جو رت نچوڙي، انساني تاريخ جي وحشانيت ۽ بربريت ۾ درندگيءَ جي تاريخ جا شايد سمورا رڪارڊ توڙي ڇڏيا.

شايد عراقي وزيراعظم صاحب کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه ويندي آهي ته سامراج کي ڪائنس جيڪو ڪم ونڊو هو سو وٺي ڇڏيائين، هاڻي ڪيس هن پارن ڪرائي جي قاتلن جي وڏيڪ گهرج ڪانهي ۽ نه وري سندس سڃڻن کيس سمجهايو ته هاڻ متو پٽڻ، دانهون ڪرڻ ۽ ٻاڪارڻ مان ڪجهه ٻه ڪونه ورندو.

چئي چنيسر جام سين، ليلا! لکاءِ مَ تون،
ايءُ ڪانڊ ڪنهن جو نه ٿئي، نڪا مون نه تون،
روئنديون ڏنيون مون، ان در متي دادليون.
(شاهه)

رڳو اگهاڙي وحشي قوت ڪافي ناهي

دنيا جي ننڍڙن، وڏن توڙي فيل مست عوام دشمنن ۽ انسانيت جي ويري قوتن کي جڙ ته روز ازل کان وٺي اها خبر آهي ته دنيا جي ڪروڙين اربين مظلوم ماڻهن کي هميشه لاءِ بيوس ۽ غلام رکي، کين ڦرڻ لٽڻ لاءِ سکٽي اگهاڙي وحشي قوت، ڏاڍ ۽ دهشت ڪافي ناهن. کين خبر آهي ته جيستائين ماڻهن کي طرح طرح جي روز بدلجندڙ نت نين غلط فهمين، گمراهين، خوش فهمين، تعصبن، ساڻن ۽ دشمنين ۾ مبتلا نه رکبو، تيستائين کين پنهنجو هميشه لاءِ ٻڌو ٻانهو ڪري رکي ڪونه سگهبو.

عراق جي عوام جي اڪثريت شيعن جي آهي، پر گهٽي وقت کان مٿن حڪومت سني حاڪم ڪندا رهيا آهن. آمريڪي حملي آورن ۽ قبضاگيرن عراق تي حملو ۽ قبضو ڪرڻ شرط شيعن سڪرَن کي چيو ته هڪدم اتي ڪڙا ٽيو ۽ مها شيعا ٻڌجي سنين کان صدين جا حساب ڪتاب ونو ۽ ويڙ پاڙيو. نوري المالڪي جهڙا هڪدم هٿرادا مها شيعا ٻڌجي اتي ڪڙا ٽيا ۽ سڀ حساب چڪتو ڪرڻ لڳا. مڙس ڪيڙن ۾ نه پيا ماپن.

پر هاڻ آمريڪا کي شيعن جي غلبي جي وڌيڪ ضرورت ڪانهي، چوتہ هو هاڻ نٽا چاهين تہ سامراج مخالف ايران جي شيعن حڪمرانن جي طاقت ۾ واڌارو ٿئي. هاڻ هو ايران تي حملا ڪرڻ جا سانباها پيا ڪن، تنهن ڪري هاڻ ڪين شيعو عراق نہ پر سني عراق گهرجي، ان ڪري هو ڇڻ رات وچ ۾ سني اسلام جا حمايتي ۽ علمبردار بڻجي ويا آهن. هو اسرائيل سان گڏ سني مسلمان حڪومتن کي بہ ايران متان ڪڙڪائڻ گهرن ٿا.

ان ڪري نوري المالڪي جهڙن کي ڪيي عياد علوي جهڙن هٿرادن نرم ۽ وچٿرن ۾ هوا ڀري، ڪين عراق جو مالڪ بڻائي. آمريڪا جي ايجنٽ مسلمان حڪومتن سان ملائي، اسرائيل کي ٽڏو ۽ معقول بنائڻ جا ڊراما ڪرائي، ايران کي تباهہ ۽ برباد ڪرائڻ جو بندوبست ڪرڻ چاهين ٿا.

پهريان مينهن، پويان مينهن

وارا ڇمارا آهن. چوندا آهن تہ "ڪن کي پهريان مينهن ڏئين، ڪن کي پويان." اڄ جيڪو آفريڪا ڪنڊ سڄي دنيا ۾ وڌيڪ اونداهو ۽ برن حالن ۾ آهي، اهو ڪنهن زماني ۾ دنيا جو پهريون نمبر ڪنڊ هو. انسان، انسان انهيءَ ڪنڊ ۾ بڻيو اتان ئي ٻين علائقن ۽ ڪنڊن ۾ پکڙيو. پوءِ وارو آيو ايشيا ڪنڊ جو جتي دنيا جون پهريون تهذيبون (مصري، عراقي، موهن جو دڙو، چيني وغيره)، پهريان مذهب، پهريون شهنشاهتون (ايراني، مصري وغيره) قائم ٿيون. پوءِ وارو آيو يورپ ۽ آمريڪا جي ڪنڊ جو. اڄڪلهہ آمريڪا وارن جي ايجا بہ بلي بلي آهي، البتہ وچ ۾ دور آيو عربن ۽ ٻين مسلمانن جو جن اموي، عباسي، مغل، ترڪ وغيره وغيره سلطنتون برپا ڪيون. وڏي ڳالهہ تہ يوناني روشن خيالي ۽ سائنس جو ٻيو جنم يورپ ۾ نہ پر بغداد ۽ ايران وغيره ۾ آيو. جتان اسپين ۽ يورپ ۾ پکڙيو. آخري زبردست پر نهايت قدامت پرست ۽ مطلق العنان مسلم شهنشاهيت عثماني ترڪيءَ جي هئي، جيڪا صدين جون صديون اوير يورپ ۽ وچ مشرق تي ڇانيل هئي. آخر سڄي يورپ جي حڪومتن هم صلاح ٿي، گڏجي هڪڙي طرف پاڻ سڌي طرح فوجي حملن ذريعي تہ ٻئي طرف ترڪن جي زيردست عربن جون ڪوڙيون همدرد بڻجي، انهن

کي بدنام برطانوي دهشتگرد لارنس آف عربيا جي اڳواڻيءَ هيٺ ترڪائي، ڪائنس ترڪن خلاف بغاوتون ڪرائي. ترڪي سلطنتن کي ٻوڙي ڇڏيو. لارنس جي فرمانبردارن انعام ۾ سامراج پرست بادشاهتون حاصل ڪيون. تان جو پهرين جنگِ عظيم ۾ ترڪيءَ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ويو. مصطفيٰ ڪمال وارن ان جو مس مس ڪو ٽڪر بچائي ورتو. هن وقت وري ائٽلانٽڪ سمنڊ کان وٺي پئسفڪ تائين نالي ماتر آزاد مسلمان ملڪ آهن، پر انهن تي سامراج هڪڙي پاسي جاهل ۽ جنوني، ٻئي پاسي غدار ۽ وطن فروش سامراج جي چمچن، قبائليت ۽ جاگيرداريءَ جو قبضو ڪرائي ڇڏيو آهي. ٽئين پاسي انهن سيني جي پٽ ۾ "مظلومِ اعظم" اسرائيل جو خنجر ڪپائي ڇڏيو ويو آهي، جيڪو سيني جي ڪنڊ تي ڇڙهيو ويٺو آهي.

اسرائيل جي ڪل آبادي 75 لک آهي، جنهن ۾ 26 سيڪڙو (14 لک) اسرائيلي عرب آهن، باقي 61 لک اسرائيلي آهن. انهن مان به 20 سيڪڙو اسرائيلي، اسرائيلي شهريت ته وٺي چڪا آهن، پر ان ۾ رهن ڪونه ٿا. سندن تعداد اٽڪل 20 سيڪڙو آهي. (Max- Hastings ڊيلي ٽائيمس، 29 مارچ 2010ع.) مطلب ڳالهه جو ته اسرائيل ۾ اسرائيلي چڪي تاڻي اڌ ڪروڙ کن ٽيندا، جن آمريڪا ۽ يورپي سامراج جي هشيءَ تي سڄي دنيا مٿي تي کڻي ڇڏي آهي.

اسرائيل عراق ۽ شام جا ائٽمي ري ايڪٽر تباهه ڪري ڇڏيا

1981ع ۾ اسرائيل عراق جو ڪو سيرڪ وارو ائٽمي ري ايڪٽر تباهه ڪري ڇڏيو ۽ 2007ع ۾ شام جو ائٽمي ري ايڪٽر تباهه ڪري ڇڏيو. (ڊيوڊ اي سنگر ـ روزانه "نيشن"، 29 مارچ 2010ع)

"آمريڪا هر سال اسرائيل کي ٽي بلين ڊالر موڪلي ٿو ۽ ٻيءَ طرف جون مددون ڏي ٿو. اسرائيل آمريڪي مدد جي ڪري اقتصادي ٽيڪنالاجيڪل ۽ فوجي راکاس بڻجي پيو آهي. آمريڪا جي "نسدق" NASDAQ ايڪسچينج تي سڀ کان وڌيڪ ڪمپنيون اسرائيل جون داخل آهن ۽ اهي جپان، ڪوريا، هندوستان ۽ چين کان تعداد ۾ وڌيڪ آهن. اسرائيل دنيا جي پنجون نمبر طاقتور فوجي قوت

آهي. اسرائيل کي آمريڪا جون سڀ کان جديد هٿيارن جون ٽيڪنالاجيون مليل آهن، جنهن ڪري اهو دنيا جو هڪڙو جبرو هٿيارن جو واپاري بڻجي پيو آهي.

گذريل 5 سالن ۾ اسرائيل جي في ماٺهوءَ جي آمدني يورپ جي گهڻن ملڪن جي ماٺهن جي آمدنيءَ کان وڌيڪ آهي.

(ڊيلي ٽائيمس، 25 مارچ 2010ع، ص: A8)

اخبار "ڊان" (ص: 12) 29 مارچ 2010ع تي لکيو ته، "اسرائيل جي هڪڙي سينيئر وزير آڇ جي ڏينهن چيو ته، "حماس سان ويڙهه ۾ اسان جا ٻه اسرائيلي سپاهي مارجي ويا آهن. حماس کي اسرائيل ختم ڪري ڇڏيندو. هن چيو ته اسان ان بابت کو ٽائيم ٽيبل نٿا ڏئي سگهون." ياد رهي ته تازي غزه تي ڪيل اسرائيلي حملي ۾ 13 اسرائيلي سپاهي ۽ 1400 بي هٿيار فلسطيني مرد، عورتون ۽ ٻار قتل ڪيا ويا. غزه ۾ پاڻن جا پاڙا ڌاهي ميدان ڪيا ويا، هزارين فلسطيني بي گهر بڻايا ويا. هڪ پاسي اسرائيل جون فلسطين خلاف وحشي درندن واريون ڪارروائيون ڪن زمانن کان هلندڙ آهن، ته ٻئي پاسي مسلمان ملڪن جي سامراج پرست حڪومتن جون مجرماڻيون خاموشيون. نه رڳو انڊونيشيا، پاڪستان، بنگلاديش ۽ ملائيشيا چپ آهن، پر سعودي عرب، مصر، اردن، گلف جون رياستون وغيره وغيره، ائٽلانٽڪ سمنڊ کان ونڊي پئسفڪ سمنڊ تائين پکڙيل مسلمان حڪومتن جون زبانون سبيل آهن.

فقط ترڪي جيڪا هنن کان اڳ ۾ آمريڪا جي ٻانهن ٻڌي غلام هئي ۽ مسلمانيءَ جي نالي مان بيزار هئي، ايتري قدر جو ترڪيءَ جي وزيراعظم جي زال مٿي تي پوتيءَ جو پلاند رکندي هئي ته ٻه ترڪيءَ جي فوج، سندس عدالتون ۽ سندس پريس سيڪيولر غيرت ۾ اچي زمين آسمان هڪ ڪري ڏيندیون هيون. تنهن جي وزيراعظم طيب اردگان پهريون دفعو اسرائيلي وزيراعظم کي فلسطين مٿان وحشي ظلم ڪرڻ تي زبردست چنڊ ڪيڊ. تازو ان چيو آهي ته چا مڊل ايسٽ جي ملڪن ۾ ڪو اهڙو آهي، جيڪو ايٽمي هٿيارن پنوهارن جو مالڪ هجي؟ (يعني اسرائيل) ته پوءِ ايران ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جو ان تي

وٽ ونان لڳي ويئي آهي. ان کي تباهه ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن؟

ڊيلي ٽائيمس 30 مارچ 2010ع، ص: 9 تي لکيو آهي ته، "آمريڪا جي ڪانگريس (جيڪا اسرائيل ۾ يهودي ارب پتين جي جڙ ته روز ازل کان ٻڌي ٻانهي آهي، ان ترڪيءَ کي ان گستاخيءَ جي سزا ڏيڻ لاءِ هڪڙو ٻهراڙ پاس ڪري ترڪيءَ تي الزام هنيو آهي ته هن پهرين جنگِ عظيم ۾ ارمينيا، جيڪا سندس سلطنت جي حدن ۾ داخل هئي، تنهن ۾ ارمينيائي ماڻهن جي نسل ڪشي ڪئي هئي! ان جي ڪيس هينئر ٿي سزا ملڻ گهرجي." مطلب ته "مٿا پر، پٽجن پيا هيل!"

دنيا جي هيترن سارن مسلمان ملڪن جي سامراج جي چاڙتن اڳڙي جي گڏن نام نهاد حاڪمن مان ڪنهن ۾ به جرئت ڪانه ٿي ڏسجي جو ڪٽي آمريڪي ڪانگريس کان پڇي ته، "اوهان جي مغربي حڪومتن روس جي پورهيتن جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ سازش ڪري، بي جنگِ عظيم جو آڙاهه ٻارائي، سڄي دنيا جا جيڪي ڪروڙين انسان مارائي، ساڙائي، رک ڪرائي ڇڏيا ۽ هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ ۾ هڪڙيءَ رات ۾ لکين جپاني مرد، عورتون ۽ ابهم ٻار ائٽمي جهنم جي حوالي ڪري ڇڏيا، تن جي آمريڪا ۽ يورپ کي ڪيتري ۽ ڪهڙي سزا ملڻ گهرجي ۽ ان لاءِ اوهان آمريڪي ڪانگريس وارا انصاف جا ابا ڪڏهن ۽ ڪهڙي ڪارروائي ڪري رهيا آهيو؟"

ٻئي طرف روس جيڪو اڳي ايران تي سخت پابندين مڙهڻ جو مخالف هو تنهن کي به آمريڪا ڦيرائي ويو آهي ۽ هو ايران خلاف پابنديون لڳائڻ جي حد تائين ڪڙو ٿي ويو آهي. هاڻي وڌين ويٽو پاور جي مالڪ طاقتن مان اڪيلو چين وڃي بچيو آهي. جيڪو اڃا تائين ته چوي پيو ته پابندين واري سياست غلط آهي، سڀ معاملا ڳالهين ذريعي حل ٿيڻ کپن.

تازو عرب ليگ جي ميٽنگ ٿي آهي. جنهن ۾ اسرائيل خلاف ۽ فلسطين ۽ ايران جي فائدي ۾ موقف انتهائي ڍلو ڍلو ۽ ڪنهن نه ڪم جو اختيار ڪيو ويو آهي. فلسطين جي حماس ان جي سختيءَ سان مذمت ڪئي آهي. آمريڪا جي حد درجي جي ڪوشش اها آهي ته

فلسطين بابت مڙيئي ڪو نڙڪ نڪجيءَ وارو نالي ماتر ٽاهه ڪرائي. دنيا کي ٻڌائجي تہ فلسطين جو مسئلو حل ٿي ويو. هاڻي عربن ۾ مسلمان دنيا کي اسرائيل مان نہ پر ايران مان خطرو آهي! تنهن ڪري سڀ ان تي ڪڙڪي پئو! اڪثر عرب ۽ ٻيا مسلم دنيا جا حاڪم سڳورا آمريڪا جي هر فرمان لاءِ باادب باملاحظہ تيار ٿيا وينا آهن. هوڏانهن هن جي حڪم ڏيڻ جي دير آهي تہ هيڏانهن هي "ايران مان خطرو!" "ايران مان خطرو!" جي واويلا مچائي ايران کي ورائي ويندا ۽ اهو جيڪو اڪيلو مسلمان ملڪ آهي. جيڪو پنهنجي قومي خودمختياري ۽ قومي حقن جي حفاظت لاءِ سامراج اڳيان سر تريءَ تي رکي ميدان ۾ وينو آهي. تنهن جي موجوده ثابت قدم. خودمختيار ۽ سرفروش حڪومت کي ڌاهي. اتي پاڻ جهڙو پاڙ جو تنبو ٽولو حاڪم بنارائي ويهارائي. آمريڪا وٽ سرخرو ٿي. شاباسون ۽ انعام اڪرام حاصل ڪرڻ ۾ جنبي ويندا.

(روزاني "ڪاوش" حيدرآباد. 15 اپريل 2010ع)

ٽئين دنيا سامراجي مافيا جي مها چارڻ قاتل آهي

منهن ۾ موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس،
اهڙو خام خبيث، ڪيڏي ڪوه نه ڇڏئين.
(شاهه)

ڪونج نه پسين ڪک، ڏب جنين سين ڏيبو
ماريءَ ماري لک، وڳر هٽي ويڇون ڪيا.
(شاهه)

ڏوهارين ۽ ڪرمنل ماڻهن جي اهڙي تنظيم، جنهن ۾ هڪڙي تنظيمي ڍاڪي هينان ٻيو ۽ ٻئي هينان ٽيون ڍاڪو هجي ۽ جنهن جا ظاهري مقصد هڪڙا ۽ جائز ۽ اصل مقصد ٻيا ۽ ناجائز هجن، تنهن کي مافيا چئبو آهي.

"مافيا" لفظ جو بڻ بنياد

مافيا جي شروعات اٽليءَ لڳ سسليءَ جي ٻيٽ ۾ ڪئين صديون اڳ ٿي. پهرين اها هڪڙي ڳُجهي تنظيم هئي، جنهن جو هڪڙو نيڪ ۽ جائز مقصد اهو هو ته سسليءَ تي قبضي ڪندڙ ڌارين ماڻهن، جهڙوڪ: عربن، نارمن ۽ اسپيني حملي آورن کي ملڪ مان ڪڍي ٻاهر ڪڍجي ۽ سسليءَ جي ٻيٽ جي ماڻهن کي آزاد ڪرائجي. پر پوءِ آهستي آهستي اهي ٽولا، جيڪي اڳي هڪڙي نيڪ ۽ وطن دوست مقصد لاءِ ٺهيا هئا، سي منظم ڏوهاري ٽولن ۾ تبديل ٿي ويا. پهرئين ڏوهاري دؤر ۾ انهن جو ڪم هو زميندارن پاران هارين کي هيسائي دٻائي رکڻ. ارڙهين ۽ اوڻيهين صديءَ ۾ اهي ٽولا اهڙا طاقتور ٿي ويا جو خود زميندارن لاءِ به عذاب بڻجي ويا ۽ خود انهن کان به پيتا ۽ چندا ونڻ لڳا. نه ته اهي سندن فصلن کي باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيندا هئا. هنن هڪڙو قائدو ناهي ڇڏيو هو، جنهن جو نالو رکيو هئائون "اومرتا" (Omerta)، جنهن موجب ڪنهن

کي به اهو حق نه هو ته مافيائي ڏوهارين خلاف کنهن به اختياريءَ وارن وٽ فرياد داخل کرائي يا انهن خلاف شاهدي يا ثابتي ڏئي. جيڪڏهن کو ايئن کندو هو ته مافيائون ان جو جڙ ۾ بچو تباهه کري ڇڏيندیون هيون.

مافيائي کانفيدريشن

سن 1900ع ڌاري اولهه سسليءَ جي ڳوٺن جي مافيائن پاڻ ۾ ملي هڪڙي مافيا کانفيدريشن ٺاهي ۽ ٻيٽ جو سڄو کاروبار پنهنجي قبضي ۾ کري ڇڏيائون. "1920ع ۾ (اٽليءَ جي فاشي ڊڪٽيٽر) بينيٽو مسوليني جي حڪومت مافيا جي هزارين شڪي چاڙتن کي گرفتار کري، متن مقدما هلائي، کين ڳريون سزائون ڏياري، مافيائن کي ذري گهٽ ناس کري ڇڏيو. پي جنگ عظيم جي ختم ٿيڻ ۽ اٽليءَ تي آمريکي قبضي ٿيڻ کان پوءِ آمريکا جي قابض اختياريءَ وارن مافيائن جي گهٽن چاڙتن کي جيل مان کڏي ڇڏيو ۽ هو وري مافيائن قائم کرڻ جي کم کي لڳي ويا."

(انسائيکلوپيڊيا برٽئنيکا ـ جلد ستون، ص: 665)

آمريکين کي اهي مافيا وارا پنهنجي جاسوسي سرگرمين ۾ ٻين ڏوهاري کمن لاءِ گهربل هئا. اٽليءَ جي پالرمو شهر جي مافيا صنعت، کاروبار ۽ تعميري کمپنين کان ٻنگ ونڊ ۽ اسمگلنگ کرڻ جا ڌنڌا شروع کيا. تان جو 1970ع ۾ پالرمو جي مافيا هيروئن تيار کري آمريکا موکلڻ جو کاروبار شروع کيو. ان ڌنڌي مان کين زبردست پيدائش ٿيڻ لڳي، جنهن کري مختلف مافيائن جي وچ ۾ جهيڙا شروع ٿي ويا. تان جو اٽليءَ جي مافيائن جا کرمنل ماڻهو آمريکا لڏي ويا ۽ اتي وڃي مکاني مافيائون ٺاهي نوان ڌنڌا شروع کيائون.

"شريف کاروباري ماڻهو"

1930ع جي شروعات ۾ اٽليءَ کان ويل ڏوهارين آمريکا جي مکاني آئرش يهودي ۽ ٻين ڏوهاري ٽولن کان ڏوهن جو کاروبار کسي ورتو. 1930ع ۽ 1931ع ۾ سڄي آمريکا جي مافيائن، ڏوهارين جي سيني گينگن کي منظم کري، گڏيل ليڊرشپ ٺاهي. هنن پوءِ جوا جا اڏا هلائڻ، مزدورن ۾ ٻين ٽريڊ يونينن کي ڏوهاري مقصدن لاءِ استعمال

ڪرڻ، بئنڪن کان قرض وٺي ڪائي وڃڻ، نشيدار شين جا ڏنڊا ۽ چڪلا هلائڻ شروع ڪيا. اهو آمريڪا جو سڀ کان وڏو منظم ڏوهاري ڪاروباري ادارو بڻجي ويو. انهن ڏوهن مان جيڪا اٿاهه دولت پيدا ڪئي، سا انهن جائز ڪاروبارن، يعني هوٽلن، ريسٽورانٽن، تفريح گاهن ۾ سيڙائي ۽ اهڙيءَ ريت هو "شريف" ڪاروباري ماڻهو بڻجي ويا. 1950ع ۽ 1960ع ۾ مافيا جي خلاف آمريڪا سرڪار جاچ شروع ڪئي. 1950ع ڌاري آمريڪا ۾ 24 وڏا مافيا گروپ هئا. ڪرمنل ہوليءَ ۾ اهي 24 "ڪٽنب" سڏيا هئا.

آمريڪا جي گهٽن شهرن ۾ مافيائي ٽولن جو سربراهه فقط هڪڙو گروپ يا هڪڙو "ڪٽنب" هوندو هو. پر نيو يارڪ شهر ۾ پنج "ڪٽنب" هوندا هئا، جن گڏجي هڪڙي "ڪميشن" ناهي، جيڪا نيو يارڪ جي مافيائي ڏوهارين جي وچ ۾ چيڑي نبيري ڪرڻ واري جڙ سپريم عدالت بڻجي ويئي. هرهڪ "ڪٽنب" يعني ڏوهاري ٽولي جو هڪڙو چوڌري هو. جنهن کي باس (پوتار) يا ڊان چئبو هو. جنهن جي اختياريءَ کي فقط ڪميشن چئلينج ڪري سگهي ٿي. انهن "ڊانن" جي هيٺان مافيا جا ڪيترا ٻيا "عملدار" هئا، جن تي مختلف نالا رکيل هئا، جهڙوڪ: ڪنسيگليئر (Consigliore) يا صلاحڪار، ڪاپورجيم يا نائب يا ليفٽيننٽ. انهن جي هيٺان وري "سپاهي" هئا، جيڪي مافيائن جا "جائز ڪاروبار" هلائيندا هئا.

(انسائيڪلوپيڊيا برٽئنيڪا ـ چاپو پندرهون، جلد 7، ص: 666ـ665)

آمريڪي مافيا آمريڪي سماج جي هڪڙي وڏي ۽ غيبي قوت آهي. جنهن کان ٻيا ته نهيو پر خود آمريڪي حڪومت، فوج، عدالت ۽ سي. آءِ. ايڇ. ڪن ٿا هٽن. اها جنهن جي ٻ پويان پوي، ان جو ڊينگو ڊيري ڪري سگهي ٿي. چيو وڃي ٿو ته ان جا ڪيترائي ايجنٽ شريف ۽ معزز بڻيا اعليٰ ترين مرتبن ۽ عهدن تي فائز ٿيا ويٺا آهن ۽ مافيا جي حڪم تي ٽرٽلو مچائي سگهن ٿا. مافيائن جون ڪارستانيون هر ڪنهن کي نظر يا سمجهه ۾ نه ايندڙيون آهن. جن قومن، علائقن ۽ ملڪن کي مافيائون چهٽي ويندڙيون آهن، تن کي زمانن تائين پتو نه

پوندو آهي ته چا پيو ٽئي، جوته ظاهر ۾ اتان جو سڀ ڪم ڪار اڳي وانگر قاعدي قانون ۾ هليءَ چليءَ مطابق سنئين سڏي نموني ۾ دستور موجب هلندو پيو نظر ايندو آهي. مافيائن جي ڪارستانين جا جيڪي اونڌا ابتا نتيجا اوس نڪرڻا هوندا آهن، سي ماڻهن کي ايئن اتفاقي ڳالهين وانگر نظر ايندا آهن، جيئن رستي جي خراب ۾ بيهودي موڙ جي ڪري جيڪي حادثا لازمي ۾ اڻ ٽر نموني ٽيڻا هوندا آهن، سي عام رواجي ماڻهن کي اتفاقي لڳندا آهن. چي: "فلاڻو ڊرائيور پيٽسان انڌو! ٽرن اهڙو اوچتو ڏنائين جو ڪار ڪلتي ٽي پئي!"

جيڪي گڏهين کي گج پهرائين ٿا

تان جو ڏوهاري مافيائون گڏهين کي گج وجهي، پنهنجن ايجنٽن کي زندگيءَ جي اعليٰ کان اعليٰ ۾ شاندار کان شاندار منصبن ۾ مسندن تي فائز ۾ قابض ڪري، سڄي سماج کي اونڌي چڪر ۾ ڦاسائي، ابتو ڦيرائڻ شروع ڪري ڇڏيندیون آهن. انسان روز ازل کان اهڙن انسانن سان ظلم ڪندو رهيو آهي، جن کي هو ڪنهن به سبب ڪري پاڻ کان گهٽ يا ڪمزور سمجهندو رهيو آهي. آمريڪي- يورپي گورا حاڪم طبقا، جيڪي گذريل پنج سئو سالن کان ايشيا، آفريڪا ۾ لاطيني آمريڪا جي علاقي جي ماڻهن، يعني ٽئين دنيا جي ملڪن جي ماڻهن کي پاڻ کان ڪمزور ڏسي، کين ڦرندا ماريندا رهيا آهن، سي انهن کي پاڻ جهڙو انسان ڪري ڪونہ ليکيندا رهيا آهن. پنهنجن ملڪن اندر هو اتي جي ماڻهن سان گهٽي ياڳي سرمائيدار جمهوريت جي حساب ڪتاب سان هلندا آهن، پر ٽئين دنيا جي ماڻهن سان هو ڪهڙي به وحشي ۾ غير کان غير انساني حالت ڪندي نہ ڪيبائيندا آهن. هنن سوين سالن کان ٽئين دنيا جي ماڻهن کي ڦريو لٽيو ۾ غلام ڪري هلايو آهي. چاليهہ- پنجاهہ سال مس ٽيا جو روس جي عظيم آڪٽوبر انقلاب جي ڏيءَ ڪري هو ٽئين دنيا جي ملڪن جي ماڻهن کي اڳي وانگر ظاهر ظهور ۾ علي الاعلان غلام رکي نٿا سگهن، ان ڪري هنن کين رسمي طرح "آزاد" ڪري ڇڏيو آهي.

گھوڙو جي گاھ نہ کائي تہ پوءِ

ھاڻ انھن ملکن وٽ رسمي طرح پنھنجا آئين ۽ قانون، پنھنجون سياسي پارٽيون، پنھنجون "آزاد ۽ غير جانبدار" چونڊون، پنھنجا "چونڊيل" ميمبر، وزير، وزيراعظم، پنھنجا رھبر ۽ ليڈر، پنھنجا صدر، پنھنجا بادشاھ، پنھنجون "چونڊيل" اسيمبليون ۽ پنھنجون "آزاد ۽ غير جانبدار" عدالتون ۽ حڪومتون آھن. کين پنھنجا پنھنجا ڏاڙيون، پنھنجا ڪاروبار، پنھنجون زمينون ۽ پنھنجا ڪارخانا آھن، جن ۾ ھو رسمي ۽ قانوني طرح جيئن وڻين تيئن ڪري سگھن ٿا. ھو رسمي قانوني طرح "مڪمل طرح آزاد ۽ خود مختيار" ۽ پنھنجي قومي ۽ ملڪي مرضيءَ جا مالڪ آھن. جيڪي وڻين سو ڪن. کين ڪوبہ جھلڻ پلڻ وارو ڪونھي، پر چوندا آھن تہ "جي گھوڙو گاھ نہ کائي تہ پوءِ کائيندو ڇا؟"

آزاديءَ جو من گھڙت قصو

سامراجي ملکن جي اپت ۽ ڪمائي، سموري دولت ۽ شاھوڪاري، سموري لئہ ۽ رعب تاب، سموري حڪومت ۽ دٻدٻو سمورا مزا ۽ عيش عشرتون آھن ئي ٽئين دنيا جي ملکن جي پورھيت ۽ مظلوم عوام جي پورھئي ۽ وسيلن جي ڦرلٽ جي پيداوار. سو جي اھي عوام، انھن جا پورھيا، انھن جون دولتون ۽ انھن جا وسيلا ٽي ويا سڄ پڄ سندن ۽ ھو ٽي ويا سڄ پڄ آزاد، تہ پنيان سامراجين لاءِ رھيو ڇا؟ اُن مسئلي کي منھن ڏيڻ لاءِ ھنن ٽئين دنيا جي ملکن جي عوام جي مٿان اقتدارِ اعليٰ منجھان صفا ھٿ کڀي ڇڏڻ ۽ کين مڪمل طرح آزادي ڏيئي، پاڻ وڃي پنھنجي گھر ويھي رھڻ بدران، انھن ملکن جي عوام کي آزاديءَ بدران اھا شيءِ ڏني آھي، جنھن جي نالي کي ذوالفقار علي ڀٽي پنھنجي ھڪڙي انگريزي ڪتاب جو عنوان بڻايو آھي، يعني Myth of Independence ("آزاديءَ جو من گھڙت قصو"). ان جي سنڌي ترجمي جو عنوان بہ ٺھڪندڙ آھي "نالي ماتر آزادي"

ھن قسم جي آزادي ۽ خود مختياري ھڪڙو اھڙو ھٿرادو ۽ من گھڙت قصو ھوندو آھي، جنھن جو ھر روپ، ھر رنگ، ھر ادا، جڙتو نڪيءَ جو ناھہ ۽ مومل جو مند ھوندو آھي. سامراجي مافيائن جي ور چڙھيل

ملڪن جي ايڪڙ ٻيڪڙ فردن کي ڇڏي ٻيا "عظيم رهنما"، "قومي محسن"، "چونڊيل" ميمبر، وزير، وزيراعظم، صدر، سرڪاري عملدار سڀ جا سڀ پراوا غلام، سامراجي حڪم جا بندا، چاڪرن جا چوڪر ۽ ياڙ جا توبرا چڙهيل وڪاڙل گهوڙا هوندا آهن، چونڊون جعلي هونديون آهن، پارليامينٽون، اسيمبليون، عدالتون، صدارتي محل، سيڪريٽريٽ، آفيسون ۽ اعليٰ توڙي ادنيٰ سرڪاري ۽ عوامي ادارا درحقيقت قومي مفادن جي خريداري ۽ وڪري جون بازاريون ۽ قومي ۽ عوامي آسودگيءَ، ترقي، عزت آبروءَ ۽ وقار کي تين وال ڪرڻ جا نيلام گهر هوندا آهن. قومي ۽ ملڪي خدمت، نمائندگي ۽ اڳواڻيءَ جي ڀهروپي لباس ۾ اهي فرد ۽ ٽولا سامراج جون پاليل ڪرائي جون قاتل ڏوهاري مافيائون هونديون آهن، جيڪي سامراجي آقائن پاران قوم ۽ عوام خلاف سفاڪ کان سفاڪ ۽ غليظ کان غليظ ڏوهه بنا هيڪ جي ڪندا رهندا آهن. عالمي سرمائيدار سامراج هڪ عالمي مافيا آهي، جنهن جو گاڊ فادر يا چوڌري اڄڪلهه آمريڪا بهادر آهي. اڄي ٻه- ٽي سئو سال سامراجي ملڪن ۽ سندن پالتو مافيائن جو چوڌري انگريز بهادر هو. سندن شهنشاهيت مٿان سج لهندو ئي ڪونه هو. ڇهن ئي ڪنڊن ۾ ڪئين ملڪن جا وڏا وڏيرا، پوتار، سردار، نواب، راجا، مهاراجا، امير، خان، بادشاهه بلڪ شهنشاهه ٻه سندس زر خريد غلام، حڪم جا بندا ۽ پنهنجن پنهنجن ملڪن جا مافيائي ڏوهاري ۽ ڪٽم جا ويري هوندا هئا. ان باري ۾ رڳو هڪڙي ملڪ ايران جو مثال ئي ڪافي آهي.

مافيا جو نپايل شهنشاهه

شهنشاهه ايران جي ظالم ۽ سفاڪ جاسوسي اداري بدنام زمانه ساواڪ جي سربراهه ۽ شهنشاهه جي ٻالپڻ جي دوست ۽ زندگيءَ جي ساٿي ليفٽيننٽ جنرل حسين فردوست شهنشاهه جي عروج ۽ زوال بابت پنهنجي ڪتاب ۾ ايران جي شهنشاهه، شاهي خاندان، وزيرن، جنرلن ۽ ليڊرن بابت جيڪي ڳجها احوال ظاهر ڪيا آهن، تن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته اهي ماڻهو جن جا ظاهري لقب القاب وڏي جاهه جلال وارا هئا ۽ جيڪي ايران ۽ ايراني قوم جا نمائندا، گهٽگهرا ۽

فدائي ٿي سڏيا ۽ سمجهيا ويا. سي سڀ هڪڙي ڳجهي بي حياءَ ۽ بي شرم ڏوهاري سامراجي مافيا جا ميمبر هئا. جن جو ڪم هو سموري زندگي پنهنجي ۽ پنهنجي انگريز ۽ آمريڪي سامراجي آقائن جي فائدي لاءِ ايراني مملڪت ۽ ايراني عوام خلاف سنگين، غليظ ۽ هرگز معاف نه ٿي سگهڻ جهڙا اتاهه ڏوهه ڪرڻ، کين تباهه ۽ برباد ڪرڻ.

پهريون ڏوهاري غدار ايراني قذاق جنرل رضا خان (رضا شاهه) هو. جنهن جي هٿان انگريزن اڳوڻي ايراني حڪومت جو تختو اونڌو ڪرايو ۽ ڪيس ايران جو بادشاهه ڪري ٺاڦيو. جڏهن اڳتي هلي رضا خان کان انگريزن جي فرمانبرداريءَ ۾ ڪوتاهي ٿي، تڏهن کيس هڪدم لاهي جلاوطن ڪري ڇڏيائون.

نئون انگريز غلام

پوءِ انگريز سامراجي ڏوهاري مافيا جي ايران ۾ سربراهي ڪرڻ لاءِ رضا خان جي وڏي پٽ محمد رضا کي ڊيوٽيءَ سان لڳايو ويو. جڏهن انگريزن محمد رضا (عرف شهنشاهه ايران محمد رضا شاهه پهلوي) کي پنهنجو غلام بڻائي ورتو تہ سندس نظر نندي ياٽس علي رضا تي پئي... "محمد رضا بادشاهه ٿي ويو ان کان پوءِ به (مڪاني انگريز ايجنٽ) مسٽر ٽرات (کيس ڊيجارڻ لاءِ) چوندو هيو تہ محمد رضا کان سواءِ شاهي خاندان جا ٻيا به ماڻهو آهن جن کي اسان حڪومت ڏيارڻ سگهون ٿا... مسٽر ٽرات جو اشارو علي رضا ڏانهن هيو..." رضا خان جي حڪومت جي زماني ۾ انگريزن جي ايران ۾ دست اندازي ڳجهي هئي، پر شاهه محمد رضا جي حڪومت جي زماني ۾ اهو عمل دخل علي الاعلان هو..." (حسين فردوست ـ ص: 124)

ڊاڪٽر مصدق کي دنيا ۾ ايران جو وڏو انقلابي سپوت ليکيو ويندو آهي، پر معلوم ٿو ٿئي تہ معاملو ڪجهه ٻيو هو. "1949ع ۾ مصدق جي اڳواڻيءَ هيٺ پارليامينٽ جي ميمبرن جو تعداد هڪ هزار تائين ٿي چڪو هو... هنن آمريڪا جي پشت پناهيءَ هيٺ پارليامينٽ ۾ ڪن خاص مسئلن تي بحث شروع ڪيو." (ساڳيو ڪتاب ـ ص: 115)

"1951ع ۾ مصدق وزيراعظم ٿيو. جيستائين منهنجي ڄاڻ آهي

تہ مصدق انگريزن جو ايجنٽ هيو. ان کان سواءِ ايران ۾ الاهي خاندان انگريزن لاءِ ڪم ڪندا هئا. اهو سلسلو قاچار بادشاهن جي ڏينهن کان شروع ٿي چڪو هو." (ساڳيو ڪتاب_ ص: 116)

آندن ۾ هٽ

سامراجين جا ڪيئن پنهنجن چاڻتن جي آندن ۾ هٽ پيل هئا. تنهن جو هڪڙو مثال شاهہ ايران هٿان مصر جي بادشاهہ جي پيٽ کي طلاق ڏيارڻ وارو آهي. "انگريزن فيصلو ڪيو تہ مصر جي بادشاهہ فاروق کي تخت تان هٽايون. تنهن ڪري هنن سڀ کان اول (فاروق جي پيٽ) فوزيہ کي محمد رضا کان طلاق ڏياري. تہ جيئن نہ رڳو ٻنهي ملڪن جا مسئلا الڳ الڳ ٿي وڃن. پر هڪٻئي جي مدد لاءِ نہ اچن." (ص: 126)

هر هنڌ حاضر ناظر

"ان ڳالهہ جي سيني کي خبر آهي تہ توڻي (شهنشاهہ) محمد رضا جو گهر هجي يا ڊاڪٽر عبدالڪريم جو گهر هجي يا ڪائي ٻي جاءِ هجي. برطانوي ملٽري انٽيليجنس (MI-6) جا ملازم هر هنڌ موجود هوندا هئا. تہ جيئن جيڪو بہ اطلاع ملي اهو هڪدم برطانيا جي حڪومت تائين پهچائين." (ص: 129)

برطانوي خفيہ سروس جو ماڻهو شهنشاهہ جو ڊاڪٽر!

"جڏهن محمد رضا (شاهہ ايران) کي بيماريءَ جي ڊپ الاهي تنگ ڪيو تہ (يا ٽس) علي رضا سنڊس علاج لاءِ ڊاڪٽر عبدالڪريم کي گهرايو. جنهن ايران جي انقلاب تائين سي. آءِ. اي۽ برطانوي خفيہ سروس لاءِ ڪم ڪيو." (ص: 130)

"شاهہ جو ڊاڪٽر هئڻ ڪري ڪيس ملڪ جي 80 ادارن جو سربراهہ بڻايو ويو هو. جن ۾ ڏاڍا هٽي ڪروڙين روپيا ڪمايائين. هڪ پيري هن محمد رضا کي چيو تہ. "مون کي اجا بہ وڌيڪ اختيار ڏيو. مان سڀ کان وڌيڪ ادارا هلائي سگهان ٿو." (ص: 131_130)

شاهہ جي پيٽ

"محمد رضا (پنهنجي پيٽ) اشرف جي سامهون ڪونہ ڳالهائي

سگھندو ھو." (ص: 138) ڇوتہ ھوءَ عالمي سامراجي مافيا جي ماڻھو ھئي. "اشرف پھلوي کي عھدي، سفارت يا وزارت سان ڪوبہ غرض ڪونہ ھيو. ھوءَ ھر مھيني پنجاھہ لک تمن ونندي ھئي ۽ عشق بازيءَ تي خرچ ڪندي ھئي. اشرف ھڪڙي جواري عورت ھئي. ھوءَ جواري گڏ ڪري (شھنشاھہ ايران) محمد رضا جي محل ۾ وڃي ويندي ھئي. ھن جو ھڪڙو دوست سڪندري ھيو... سڪندريءَ اشرف جي مدد سان مھرآباد ايئرپورٽ ويجھو انتھائي مھانگي زمين ڇڪڙن مٽ تي خريد ڪري، ڪروڙين روپين ۾ وڪٽي، ڪوڙ مال ڪمايو. ھو اڪثر محمد رضا وٽ جوا کيڏندو ھو. ھڪ ڀيو جواري، جنھن جا اشرف سان لاڳاپا ھئا، اھو حاجي ھيو. محمد رضا ھڪ رات ۾ پنج ڪروڙ تمن سڪندريءَ کان ھارايا. جڏھن محمد رضا وٽان پئسا ختم ٿي ويندا ھئا تہ اشرف کيس چيڪ بڪ ڏيندي ھئي، جنھن تي محمد رضا صحيح ڪري ٻئنڪ مان پئسا وصول ڪندو ھو. اشرف اسمگلر بہ ھئي. ھوءَ آمريڪا جي مافيا تنظيم جي ميمبر ھئي، بلڪ ڪئين ڀيرا ھن مختلف ملڪن ۾ ھيروئن اسمگل ڪئي. جڏھن محمد رضا کي درخواست ڪئي ويئي تہ اشرف جون سرگرميون ملڪ ۽ قوم لاءِ بدناميءَ جو ڪارڻ آھن، تہ ھن مون کي چيو تہ، "تون اشرف کي سمجھاءِ." پر مان ڪيئن ٿي کيس سمجھائي سگھيس! 1977ع ۾ ھڪ ڀيري اشرف ھڪڙي ماڻھوءَ سان گڏ گاڏيءَ ۾ پيئي ويئي. پوليس کان بچڻ لاءِ ھو شھر جي ٻوئين رستي کان ٻگا پيئي ويا. ٻوءِ خبر پيئي تہ آمريڪي مافيا جو ماڻھو ساڻس گڏ گاڏيءَ ۾ سوار ھيو." (ص: 144)

"بنيادي طور تي اھو چئي سگھجي ٿو تہ محمد رضا جي ڏينھن ۾ جيڪو بہ وزيراعظم ٿيو آھي، ان کي برطانيا جي ٽنيرائي حاصل ھئي." (ص: 149)

اسلام جو وڏو علمبردار

شاھہ ايران بہ ٻين سامراجي ڇاڙتن مسلمان حاڪمن وانگر اسلام جو وڏو علمبردار بڻيو ويٺو ھوندو ھو. اندرو اندر ھو بہ ٻين وانگر مسلمانن جي بدترين ويرين سان مليو ويٺو ھو. بلڪ انھن جو ڇاڙتو ٿيو ويٺو

هو. "شاهه ايران محمد رضا شاهه پهلوي (ڳجهه ڳوهه ۾) اسرائيل کي تسليم ڪيو هو تنهن کان پوءِ اسرائيلي سفارت خاني ايران ۾ ڪم شروع ڪري ڇڏيو. اهي لاڳاپا ايڏا ويجهڙائيءَ وارا هئا جو شاهه ايران اسرائيل کي فوجي اڏا بہ ڏنا ۽ اسرائيل جي جاسوسي تنظيم (موساد) ايران ۾ سڀ کان وڌيڪ طاقتور ترين تنظيم هئي. اسرائيل، ايران کي پنهنجو جگري دوست ۽ اتحادي سمجهندو هو. اسرائيل، ساواڪ (ايراني جاسوسي ايجنسي) جي عملدارن کي فوجي ۽ جاسوسي شعبن ۾ تربيت ڏني. تنهن هوندي بہ محمد رضا کي جرئت نہ ٿي تہ هو حڪومتي سطح تي اسرائيل کي تسليم ڪرڻ جو اعلان ڪري. بلڪ آمريڪا ۽ برطانيا بہ کيس اهو مشورو ڏيندا هئا تہ اسرائيل سان سفارتي لاڳاپن کي ڳُجهو رکيو وڃي. انهن ڏينهن ۾ ايران، اسرائيل ۽ (سامراجي چاڙڻن) عرب ملڪن جي وچ ۾ رابطي جو ڪم ڪندو هو." (ص: 235_234)

آمريڪا کي فوجي اڏن ۽ فوجي معاهدي جي آڇ

ٻين ملڪن، خاص ڪري سامراجي چاڙڻن جي ماتحت ملڪن سان عالمي سامراج جي پرڏيهي پاليسي نهايت سخت موقعي پرست، عيار، بي حياءِ، بي رحم ۽ سفاڪ هوندي آهي. ٽئين دنيا جا ڪاسترو سوئيڪارنو ۽ نيڪروما جهڙا عوام دوست، وطن دوست ۽ جمهوريت دوست اڳواڻ کين ڏڻي نہ وڻندا آهن. هو انهن جا جاني دشمن هوندا آهن ۽ سدائين وينا انهن کي نيست ۽ نابود ڪرڻ لاءِ گهات گهڙيندا آهن. ٽئين دنيا جا اهي اڳواڻ، جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين سندن صلاح، راضپي، آشيرواد يا مدد سان اقتدار ۾ ايندا آهن، جهڙوڪ: جمال عبدالناصر، ڊاڪٽر مصدق، صدر صدام، ذوالفقار علي ڀٽو وغيره. اهي جڏهن سندن ڪا ڳالهه نہ مڃيندا آهن، تڏهن هو انهن جي سر جا ويري ٿي پوندا آهن. جيسين انهن کي تباهه ۽ برباد نہ ڪري وڃندا آهن، تيستائين کين سک جو ساهه کڻڻ ڪونہ ڏيندا آهن. انهن سان جيڪا حالت ٿي، سا دنيا ڏسي چڪي آهي. (ڀٽي صاحب، يحيٰ جي زوال کان پوءِ 20 ڊسمبر 1971ع تي پاڪستان اچي پاڪستان جي حڪومت جي چارج ونڊ کان ۽ ڏينهن اڳ 18 ڊسمبر 1971ع تي آمريڪي صدر

نڪسن ۽ پرڏيهي وزير سان ڳُجهيون ملاقاتون ڪيون. جن جي ڳالهه ٻولهه جو رڪارڊ پڌرو نه ڪيو ويو. 20 ڊسمبر 1971ع تي پٽي اچڻ شرط وڏن ملڪن جي سفيرن سان ملاقاتون ڪيون. انهن مان سڀ کان پهرين ملاقات آمريڪي سفير سان ڪيائين ۽ ڪيس چيائين ته آمريڪي صدر (نڪسن) ۽ پرڏيهي وزير مون سان ملاقاتن ۾ حد کان وڌيڪ قرب سان پيش آيا ۽ آئون به ساڳي موٽ ڏيڻ گهران ٿو. 7 فيبروري 1972ع تي پٽي صاحب، آمريڪي نمائندي سلز برگر سان آمريڪا سان ويجها فوجي لاڳاپا رکڻ جي ڳالهه ڪئي. 15 فيبروري 1972ع تي پٽي سرڪار ISID جي معرفت آمريڪا کي پاڪستان ۾ فوجي اڈا قائم ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ ۽ پاڻ ۾ فوجي معاهدو ڪرڻ جي آڇ ڪئي.

(ڏسو ڪتاب "آمريڪي دستاويز" ـ مرتب: روئيداد خان، ص: 799، 795، 768، 755)

مافيا جا رهزن فرشتا

هو پنهنجن ڏوهاري، داداگير ۽ دهشتگرد چاڙتن، جهڙوڪ: چليءَ جي جنرل پنوشي، انڊونيشيا جي جنرل سوهارتو، ويٽنام جي جنرل نگودن ڊيم، شاهه ايران، ڏکڻ ڪوريا جي سنگمنري، فلپائين جي مارڪوس، ارجنٽينا، برما، تائيوان، ڏکڻ آمريڪا، پاڪستان ۽ ٻين ملڪن جي فوجي جنتائن جي جنرل کي جڙ بازار منجهان پٽ تان ڪٽي، تومن مٽان مڙهيندا آهن ۽ انهن زر خريد غلامن کي "مردِ آهن"، "نجات ڏيارينڊڙ"، "عظيم اڳواڻ"، "اعليٰ محسن" جا لقب ڏيئي، پنهنجي عالمي پروپيگنڊا مشينريءَ ذريعي پڌائي پڌائي وڇي ستين آسمان جي چٽ تائين پهچائي، پنهنجي سامراجي مقصدن لاءِ ڪائنئ پنهنجي پنهنجي قوم ۽ عوام ۽ سڄي دنيا جي قومن ۽ عوام خلاف سنگين ڪان سنگين وحشانيت ۽ دردنگيءَ وارا ڏوهه ڪرائيندا آهن.

چاڙتن جي سياسي ۽ سماجي صفائي

دنيا جي جڳ مشهور وڏي ماهوار آمريڪي انگريزي رسالي "ريڊرس ڊائجسٽ" ۾ باقاعدگيءَ سان دنيا جي رجعت پرست بادشاهن ۽ سامراجي چاڙتن جي شان ۾ قصيدا لکيا ويندا آهن ۽ کين انسان جي روپ ۾ فرشتو ۽ پنهنجي قوم ۽ انسان ذات لاءِ عظيم ۽ اڻ لڀ

تحفو ڪري پيش ڪندا آهن. (ڏسو "ريڊرس ڊائجسٽ" رسالي جي مختلف پرچن ۾ اهڙين هستين بابت قصيدن جهڙا مضمون: چلي جي قاتل جنرل پنوشي ۽ ڪمپنيءَ بابت ڊسمبر 1973ع جو رسالو- ص: 148، انڊونيشيا جي درندي جنرل سهارتو بابت فيبروري 1973ع جو رسالو- ص: 35، مئي 1978ع جو رسالو- ص: 39، گهانا جي فوجي ڊڪٽيٽر جنرل انڪراهه بابت جولاءِ 1966ع جو رسالو- ص: 21، ٿائيليند جي فوجي جنتا بابت آڪٽوبر 1966ع جو رسالو- ص: 97، سعودي بادشاهن بابت فيبروري 1967ع ۽ جولاءِ 1978ع جو رسالو- ص: 44، فلپائين جي ڊڪٽيٽر مارڪوس بابت مئي 1981ع جو رسالو- ص: 27 وغيره.

پر جيئن ئي عالمي سامراجي مافيا جي ڪنهن چاڙتي مان جيڪو ڪم ونڊو هوندو آهي، سو نڪري ويندو آهي ۽ هو مافيا لاءِ بي فائدو يا چٽي بٽجي پوي ٿو. تيئن ئي بي رحمي ۽ سفاڪيءَ سان سندس سياسي يا خود جسماني صفائي ڪري ڇڏي ويندي آهي. مارڪوس، سنگمنري، شاهه ايران، لياقت علي خان، اسڪندر مرزا، ايوب، يحيٰ، ضياءُ الحق، جنرل نگوڊين ڊيم، جنرل پنوشي، ارجنٽائيني فوجي جنتا، جنرل سالا زار (پورچوگال) ۽ ٻيا سوين سامراجي پٽيلا ڪم لٽي ڪان پوءِ خود سامراج هٿان ايئن "صفا" ٿي ويا جو پچاڙيءَ جو ڪن جا لاش به صحيح سلامت ليپي نه سگهيا.

ٽاڪيل حاڪم

پاڪستان پنجاهه سالن ڪان عالمي سامراجي مافيا ۽ سندس حڪم جي بندن رهزن چاڙتن جي اشڪنجي ۾ قاتل آهي ۽ ابتو گس ونيو پٽيرو پيو وڃي. سندس حاڪم ان ڪري مها ڪوڙا ۽ ڪرپٽ آهن جو ڪين خبر آهي ته سندن اقتدار جو اصل بنياد اهو ناهي ته هو ڪوڙا يا سچا چونڊيل عوامي نمائندا يا اڳواڻ آهن يا ناهن، پر ان ڳالهه تي آهي ته هو سخت گير، بي رحم ۽ انتقام پسند عالمي سامراجي مافيا جا پرتي ڪيل، سيڪاريل، پاڙهيل ۽ ٽاڪيل "ليفٽيننٽ" يا ڪمدار ۽ ڪاراوا آهن ۽ مڪمل طرح ان جي ئي رحم ڪرم تي آهن. ڪين فقط ۽ فقط پنهنجي آقائن کي هر حال ۾ خوش رکڻو آهي. ملڪ کي نفعو ٿئي يا نقصان يا

ملڪي عوام رنج هجي يا راضي هجي، تنهن جي قطعي پرواهه ڪيڏي ڪانهي. ڪين خبر آهي تہ عوام کي خوش ڪرڻ لاءِ ہـ- چار منيون ڳالهيون ءِ ہـ- چار بي شرمائيءَ وارا ڪوڙ ڪافي آهن. پر سامراج جي حڪم عدولي ڪبي يا سندس ڪم جو نہ رهبو تہ لياقت عليءَ، اسڪندر مرزا، ايوب خان، يحيٰ خان، يٽي، ضياءُ الحق ءِ نواز شريف وارو حشر ٿيندو.

چاڪيءَ جي گھاٽي ۾ ڦيرا پائيندا اڪين ٻڌل اٿ

پاڪستان تي پنجاهه سالن کان قابض سامراج پرست مافيا پنهنجي عالمي سامراج جي ناپاڪ مقصدن ءِ پنهنجي پيٽ جي دوزخ کي ڀرڻ لاءِ هن سماج جا ٻوٽ پٽي، ان کي ڪرٽي ڪائي، هڏن جو پيچرو ڪري ڇڏيو آهي. عظيم پورهيت انقلابي داناءَ لينن جي چواڻي ڏورو ءِ ظالم قوتن جي بقا ءِ تسلط جو دارومدار "ڪوڙ ءِ سنگينن" تي ٽڪيو ٿو. پاڪستاني حاڪم ٽولن "ڪوڙ ءِ سنگينن" جي استعمال ۾ حدون ڪري ڇڏيون آهن. قوم دوستي ڪوڙي، اسلام دوستي ڪوڙي، قائد دوستي ڪوڙي، جمهوريت دوستي ڪوڙي، آئين ءِ قانون جي بالادستيءَ جي هام ڪوڙي، سياسي پارٽيون جعلي، سندن منشور ڪوڙا، چونڊون ڪوڙيون، چونڊن جا نتيجا ڪوڙا، اسيمبليون ءِ پارليامينٽون سڪٽا ڏسڻ جا سھٽا ٽوهه. هڪڙن ڪوڙن کي لڪائڻ لاءِ ٻيا هٽن ٽا، ٻين کي لڪائڻ لاءِ ٽيان هٽن ٽا سنڌ، سرحد، بلوچستان ءِ بنگال ۾ سندن رهزني عالمي رڪارڊ ٽوڙيو ويٺي آهي. هو پنهنجي پيٽ پرستيءَ جي ڪري پاڻ ہ بليڪ ميل ٿين ٽا ءِ قوم کي ہ خوار بليڪ ميل ءِ تباهه ڪن ٽا. هنن جا فيصلا ويهہ- ٽيهه سيڪڙو خالص سندن ناجائز فائدن لاءِ ٿين ٽا. سندن سٺ- ستر سيڪڙو عوام دشمن فيصلا عالمي سامراج جي حڪم تي ءِ ان جي مطلبن لاءِ ٿين ٽا. سامراج هن ملڪ ۾ ہ ٻين ملڪن وانگر هڪڙن غلامن کان هڪڙا ناجائز فيصلا ڪرائي، انهن کي مارائي يا ردييءَ جي ٽوڪريءَ ۾ ڦٽو ڪري، وري ٻيا غلام پرتي ڪري، انهن کان اهي ٻيا ناجائز فيصلا ڪرائي ٿو جيڪي اڳيان غلام نٽا ڪن يا نٽا ڪري سگهن. ايئن سلسلو هلندو رهي ٿو. لياقت علي خان کان وٺي نواز شريف ءِ بينظير تائين سڀ عالمي سامراجي مافيا

جي چاڪيءَ جي گهاٽي جي اکين ۾ڏل اڻن وانگر ڦيرا پائيندا ۽ ملڪ کي لتاڙيندا، ڦريندا، ان کان وڌ ڦرائيندا ۽ تباهيءَ جي ڪناري طرف ڌڪيندا رهيا آهن. هي جيڪي بچن شال تڪليف ونيِ، اسان جا نوان نجات ڏيارڻ وارا ٻڌجي آيا آهن، تن جا حال ۽ پورا سارا ٿا ڏسجن. تان جو اسين اتي اچي ٻيٺا آهيون جتي:

ہم وہاں ہیں کہ جہاں ہم کو بھی،
کچھ ہماری خبر نہیں آتی۔
(غالب)

اچو تہ مافيائي مهاچار کي ٽوڙي اڇتي وڌون!

ڪامياب عمل لاءِ صحيح ڄاڻ ۽ سمجهه جو بنياد لازمي آهي. اڄوڪي دؤر جي وڏي ۾ وڏي عوام مخالف حقيقت عالمي سامراجي مافيا ۽ ان جو عالمي سطح تي هر ملڪ اندر عوام دشمن مافيائي مهاچار آهي. ان مهاچار مان نڪري اڇتي وڌڻ لاءِ دنيا جي عوام ۽ خاص ڪري ٽئين دنيا جي اسان جهڙن ملڪن جي عوام کي ان مهاچار جي لقاءَ کي ڏسڻ، پروڙڻ ۽ پرجهڻ پوندو. تڏهن ئي اسين هڪ وڏي اٽانگي جدوجهد هلائي، ان مهاچار کي ڇني، ٽوڙي ان مان ٻاهر نڪري، قومي چوٽڪاري، آزادي، خود مختياري، خوشحالي ۽ ترقي ۽ خوشيءَ جي منزل کي رسي سگهنداسون.

(روزاني "ڪاوش" حيدرآباد، 12 فيبروري 2000ع)

مغرب ۽ مشرق جي تاريخي جنگ جو نئون دؤر

اولهه اوپر جون هڪ ٻئي تي ڪاهون

انساني تاريخ جي شروعات کان اولهه ۽ اوپر پاڻ ۾ وڙهندا اچن. شروعات ۾ دنيا ۾ گهڻيون وڏيون ڪاهون اوپر (ايشيا) کان اولهه (يورپ) ڏانهن ٿيون آهن. آريا، هون، ستين، منگول، ترڪ ۽ ٻيا ڪئين ايشياٽڪ قبيلا ۽ قومون يورپ تي ڪاهيندا ۽ قبضا ڪندا رهيا آهن. يورپ جون هاڻوڪيون قومون گهڻي ڀاڱي انهن ڪاهيندڙ جي نسلن مان پيدا ٿيون آهن.

اولهه جون اوپر تي چار وڏيون ڪاهون

اولهه هن کان اڳ اوپر تي چار وڏيون تاريخي ڪاهون ڪيون آهن. اٽڪل ٽيويهه صديون اڳ اولهه (يورپ) کان يوناني سپه سالار سڪندر اعظم اوپر (ايشيا ۽ آفريقا) تي ڪاهي آيو ۽ اولهه ايشيا ۽ اتر آفريقا جا ڪئين ملڪ تابع ڪري واپس وري ويو. سندس ڪاهه جا اثر گهڻو وقت قائم رهيا.

ٻي وڏي ڪاهه رومي سلطنت جي ٿي جا وڏي عرصي تائين هندستان جي اتر اولهه جي علائقن تائين اولهه ايشيا جي ڪئين ملڪن تي قابض رهي. اولهه تي اوپر جي تي وڏي ڪاهه اٽڪل اٺ سو سال اڳ صليبي جنگين جي صورت ۾ ٿي. سڄي عيسائي يورپ فلسطين تي قبضو ڪرڻ لاءِ شام ۽ مصر تي چڙهه ڪاهون ڪيون، پر انهن ڪاهُن ۾ يورپ کا خاص ڪاميابي حاصل نه ڪري سگهيو.

يورپ ۽ پوءِ آمريڪا جي ٽين ۽ وڏي ۾ وڏي ڪاهه اٽڪل پنج سو سال اڳ 1458ع کان شروع ٿي آهي ۽ اڄ تائين جاري آهي. انهن پنجن سو سالن ۾ يورپ ۽ آمريڪا ذري گهٽ آفريقا، ايشيا، آسٽريليا ۽ لاطيني آمريڪا غلام بنائي ورتا.

عظيم آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب

1917ع ۾ روس ۾ عظيم آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب برپا ٿيو جنهن

سويت يونين کي پيدا ڪيو جيڪو 1991ع تائين قائم رهيو. پنهنجي مني صدي جي زندگيءَ ۾ سوويت يونين تاريخ جي سڀ کان مختصر عرصي ۾ زندگيءَ جي سڀني شعبن ۾ جيڪا برق رفتار ترقي ڪئي، تنهن جهڙا مثال دنيا جي تاريخ ۾ گهٽ ملندا.

سڄي دنيا کي خبر آهي ته جيڪڏهن سوويت يونين ذري گهٽ اڪيلي سر نازي درندن جي اوچتي ڪاهه کي سالن جا سال بي مثال سورهيائي ۽ تصور کان ٻاهر قربانين سان شڪست ڏيئي، برلن تي قبضو ڪري نازي جنگي مشين کي پرزا پرزا نه ڪري ڇڏي ها ته اڄ يورپ ته ڇا آمريڪا جا به ٽپڙ ٽين تي هجن ها. جنگ عظيم کان پوءِ سڄي دنيا ۾ قومي ۽ طبقاتي نجات جي هر تحريڪ پوءِ ڇاهي اها الجزائر جي هجي يا ڪيوبا جي، ڪوريا جي هجي يا ويٽنام جي، مصر جي هجي يا انگولا، موزمبيق يا نڪارا گوئا يا ٻين ملڪن ۽ قومن جي، سوويت يونين جي سڌي يا اڻ سڌي واهر سان ئي ڪامياب ٿي سگهي. ٻي حالت ۾ سامراج، آمريڪا ۽ يورپ ان کي ڪچيءَ ۾ ئي ائين چيپاٽي ڇڏين ها. جيئن اهي دنيا جي سمورن غلام ملڪن جي آزاديءَ جي جدوجهدن کي گذريل پنجن صدين جي عرصي ۾ رت ۽ ٻاهه ۾ غرق ڪندا رهيا آهن.

يورپ ۽ آمريڪا جي پنج سو سالن ۾ قائم ڪيل شهنشاهيت جي سياسي مورچن کي دنيا جي عوام سوويت يونين جي اڳواڻيءَ هيٺ ۽ سندس مدد سان هڪ هڪ ڪري ڌاهي پٽ ڪري ڇڏيو.

1960ع ۾ سوويت يونين جمعيت اقوام ۾ باقاعدي ٺهراءَ پاس ڪرائي، اهو فيصلو ڪرايو ته آئنده روءِ زمين تي ڪو به ملڪ ڪنهن ٻئي ملڪ جو غلام نه رهي. اهڙيءَ ريت عالمي سطح تي وڏي جدوجهد کان پوءِ تاريخي حساب سان جڙ ته هڪڙي لحظي ۾ سامراج جا غلام ملڪ هڪ ٿي آزاد ٿي ويا.

اڄ مغربي سامراج اوپر تي چوٽين تاريخي چڙهائي ڪري رهيو آهي. روس جي زوال کان پوءِ سموري دنيا ۾ مظلوم ماٺهو طبقا ۽ قومون مغرب گوري عيسائي ٽورو ڪيني پرور ۽ حد درجي جي تعصبي نسل پرست سامراج جي مست هاٿيءَ جهڙي اڪيلي سپر پاور جي رحم ڪرم تي آهن ۽ هن نيري آسمان هيٺ ان سامراج کي چئلينج ڪندڙ

سندس جوڙ جو ٻيو ڪوبہ سپر پاور ڪونهي. هي سامراج جي ٻہ اکيائي، تعصب، بغض ۽ ڪيني جو هڪڙو مثال عراق تي ڪاهہ آهي، اسرائيل هزارين ايٽم ناهيو اقوام متحده جا سمورا نهراءَ قاڙيو رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ وجهيو سانُ پاڏو ٽيو ٽاڏيون ڏيندو وتي، تنهن جي باري ۾ رڳو دانهن ڪرڻ جي بہ ڪنهن کي اجازت ڪانهي. ٻئي طرف عراق کي اقوام متحده جي نهرائن جي آڙ ۾ جلائي، ساڙي، سندن ٻچا فاقن ۾ ماري کيس تباهہ برباد ڪيو ويو آهي تہ ان جو داد فرياد ڪرڻ وارو ڪير آهي.

دنيا جي باشعور مسلمان عوام لاءِ سوچڻ جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ اهڙي صورتحال ۾ جيڪي نام نهاد "مجاهدين" گذريل سالن کان آمريڪي ڊالرن، ٽينڪن، هوائي جهازن، توپن، راڪيٽن سان افغانستان ۾ رت جي راند پيا ڪن ۽ پنهنجي فوجن جي واپسيءَ ۽ ڊاڪٽر نجيب جي قتل کان پوءِ بہ وڏي شانَ مانَ سان الله اڪبر جا فلڪ شگاف نعرا هڻي خود هڪ ٻئي جو قتلام جاري رکيو اچن ۽ ان وچ ۾ سڄو افغانستان ۽ رونگ ۾ پاڪستان بہ تباهہ ڪري ڇڏيو اٿن، ان "جهاد" جو اصل فائدو اسلام ۽ دنيا جي مسلمان عوام کي پهچايو اٿن يا اسلام ۽ دنيا جي مسلمانن جي بدترين دشمن اسرائيل ۽ يهودي آمريڪي سامراج کي پهچايو اٿن؟"

پنهنجي ان "جهاد" وسيلي پاڪستان ۽ افغانستان کي مضبوط ڪيو اٿن، يا افغانستان کي خانہ جنگي ۽ برادر ڪشيءَ ذريعي ۽ پاڪستان کي هيروئني ۽ ڪلاشنڪوف ڪلچر ۽ فرقي وار قتلامن ذريعي ساڙي باري ٻنهي مسلمان ملڪن جا ترا ڪيڙي، کين ڪنگال ڪري، آمريڪا جو غلام بنائي ڇڏيو اٿن؟

اڄ بہ ڪشمير ۾ جهاد ڪرڻ لاءِ "مجاهدن" جون فوجون پاڪستان ۾ تيار ٿيون ٻينيون آهن. هتي بہ حالتون اهڙيون اچي ٿيون آهن جو ماڻهو پچڻ تي مجبور آهن تہ اهي اصل خطرو ڪنهن جي لاءِ آهن؟ ڪشمير تي قابض هندستان لاءِ خود پاڪستاني عوام ۽ ان جي انڊي منڊي جمهوري نظام لاءِ؟ غور ڪري ڏٺو ويندو تہ انهن جا اصل وار پاڪستان جي مسلمان عوام تي ٿي رهيا آهن. پاڪستان جي اندر جوطرف قتل ۽ غارت جي باهہ باري ڏني ويئي آهي. سڀ کان وڏو خطرو پاڪستان جي

امن، پائيچاري، جمهوريت ۽ سالميت کي آهي. اهڙي طرح عملي طرح اهڙي قسم جي رٿيل ۽ واکاڻيل "اسلامي انقلاب" جو اصل فائدو هندستان رجعت پرستن، اسرائيل ۽ يهودي آمريڪي سامراج کي ٿيندو. ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي افغانستان جهڙي تباهيءَ، خونريزيءَ، طوائف الملوڪيءَ، انتشار ۽ تفرقي بازيءَ جي ور چڙهي تباهه ٿيڻ کان پوءِ اسرائيل ۽ سندس آقا يهودي آمريڪي سامراج لاءِ هن علاقي مان هڪڙي وڏي رڪاوٽ دور ٿي ويندي ۽ سندس واسطي هن علاقي ۾ ملڪ سجو منائي ٿي پوندو. پاڪستان جا ملڪ دشمن، منافق ۽ مڪار حڪمران ٽولا ان مسئلي تي قدرتي طور تي چپ آهن، پر سوچيندڙ ماڻهو قدرتي طرح سخت فڪرمند ۽ بي چين آهن.

سوچن، فڪرن، ويسا هن ۽ نظرين جي زبردست جنگ

سماج ۾ هڪڙي طرح روشن خيالي، ترقي پسندي، سماجي ۽ قومي نجات، جمهوريت ۽ سماجي انقلاب جون قوتون ۽ ٻئي طرف تنگ نظري ۽ تعصب، رجعت پرستي، سماجي ۽ قومي غلامي، آپيشاهي ۽ سماجي زوال جون قوتون هر دور ۾ ۽ زندگيءَ جي هر ميدان ۾ پاڻ ۾ ٻکين پيل رهيون آهن. ڪڏهن هڪڙي ڌر غالب آهي ته ڪڏهن ٻي ڌر. پاڪستان ۾ لاڳيتيون مارشل لائون نه فقط مشڪلاتون، قيد، ڦٽڪا ۽ ڦاهيون کٽي ايندیون رهيون آهن، پر طبقاتي ۽ قومي غلامي مڙهيندڙ جابرن، آمرن، سندن آقا سامراجين لاءِ ۽ سندن پڇ لٽڪائڻ لاءِ گهربل ذهني، فني، فڪري، نظريا هٿيار پنوهار ۽ ساز سامان به کٽي ايندیون رهيون آهن ۽ جڙتو "انقلابي"، "قومي"، "ادبي"، "فني" "روحاني"، منشيات جا اڏا کولي ماڻهن کي نظرياتي چرس، گانجا ۽ هيروئنون کارائي منجهائن هوش حواس ۽ سمجهه فڪر ۽ نظرياتي چٽائي ۽ پختگي جا گڙ ڪيڙي کين وهمن، وسوسن، ڪوڙ وڏاءَ، وهم، اجائي يخي، بهتان طرازي، انڌي پوڄا جي نشن جا گهيرت ڏيئي، مت مان ڪيڙي، پنهنجي پليت عوام دشمن ۽ مظلوم دشمن، جمهوريت دشمن، طبقاتي ۽ قومي ڦرلٽ ۽ جبر وارن سامراج پرست ناپاڪ مقصدن جي حاصلات لاءِ کين هٿرادو لانڙيو ۽ قلمي ڪهاڙي باز ڪري استعمال ڪندا رهيا آهن.

سنڌ کي علمي ادبي ۽ ثقافتي حملي جو پهريون نشانو بنايو ويندو رهيو آهي. اسان وٽ سڀ کان پهرين شين، ماڻهن، لقائن ۽ ماجرائن جون سڃاڻپون شناسون، فرق ۽ تميزون ختم ڪيون ويندیون رهيون آهن، کين پنهنجي ابتڙن ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي. ڇيو پئي ويو آهي تہ فرق وري ڇا جا؟ وطن سان وفا ۽ غداريءَ ۾ آخر ڪهڙو فرق آهي؟ سڀ ڳالهيون هڪ جهڙيون بلڪ ساڳيون آهن. سڀ خير آهي، ڇا جا مڙس ڇا جا ياڙيا، ڇا جا نظريا ڇا جا فڪر؟ اصل ڳالهه آهن ذاتي تعلقات، قومي طبقاتي ۽ مظلوميت جي رشتن جي ڪهڙي اهميت؟ بابا زمانو بدلجي ويو آهي! ڇڏيو اهي پراڻيون ڳالهيون، ڪنهن نئين بادشاهه جي ڳالهه ڪريو دليل، ثبوت، تفصيل، باريڪ بينيءَ جي جاچ، فرق، ابتڙيون، چڱاين منائين جون تميزون، روشن مستقبل تي ايمان، عوام سماجي انصاف، سامراج سان مقابلو عوامي انقلابي جدوجهد، قومي طبقاتي، سامراج مخالف سياست، ثابت قدمي، توڙ ڪرڻ، سر جون ستون ڏيڻ، قربانيون ڏيڻ، سڀ ڏاڏي آدم جي واريءَ جون ڳالهيون! نشن ۽ ماجرائن جون اصليتون ڦيرائي سچن پچن ماڻهن مان هٿرادا بت ناهي، مجاور بنجي پوڄائون ڪرايو. فڪري توائي پٽو نظرياتي ۽ ذهني انارڪي ڦهلايو قلندر جا پوڄاري پيدا ڪريو پاڻ پڙهيل، نيم حڪيم "شاعرن"، "اديبن"، "عالمن"، "دانشورن"، "نقادن"، ڪالم نگارن، جون وڏيي حساب سان ڪيپون ۽ مافيائون تيار ڪريو. چوطرف فڪري ۽ نظرياتي قبضا گيري ۽ والار ڪري ڇڏيو. پن بہ چرڻ نہ ڇڏيو. گوئبلز جا رڪارڊ ٽوڙيو ۽ ضياءُ الحق جي روح کي ثواب پهچايو.

اسان جي وڏي مان شان وارو شاعر شيخ ايياز جيڪو زندگيءَ جي پهرين دور ۾ وطن دوستيءَ، ترقي پسنديءَ، انقلاب ۽ سامراج مخالفت جو فني ۽ فڪري علمبردار هو جنهن انهن سرچشمن مان سيراب ٿي وطن دوست، ترقي پسند ۽ انقلابي شاعري ڪئي ۽ ان ڪري مقبول جي آسمانن تي پهتو ۽ جيڪو ان ڪري رجعت پرستن جي ڪک جو ڪان بنيو ۽ سندن عتاب هيٺ آيو ۽ جيڪو اٽڪل 1968ع واري دؤر ڪان پوءِ رفتہ رفتہ انهن فني ۽ فڪري سرچشمن کان لا دعويٰ ٿي پچاڙيءَ جو ويچي انهن ساڳين قوتن جو حامي پوئلڳ ۽ علمبردار ٿيو جن

سندس توڙي سندس ساٿاري وطن دوست سنڌي اديبن ۽ سنڌي عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو تنهن جي لاڏاڻي پراڻن سنڌ دشمن رجعت پرستن سان فڪري طور سرجهلائو بنيل نون عقل دشمن، فڪر دشمن، ترقي دشمنن ۽ نظريہ دشمن ماڻهن جي جڙ چاندي ڪري ڇڏي.

ايياز جي پهرئين فني ۽ فڪري تخليقي دور بابت سنڌي عوام کي جيڪا جائز طرح بي پناهہ محبت ۽عقيدت آهي ان کي آڙ بنائي هنن پنهنجي ڪريل عوام دشمنن، آمريت پرست، دهشتگرد پرست، ۽ سامراج پرست ناپاڪ علم دشمن، ادب دشمن ۽ شعور دشمن مقصدن لاءِ ايياز جي پهرين دور جي عظيم ترقي پسند ۽ انقلابي شاعري کي جنم، اوسر ۽ عروج ڏيندڙ روشن خيال ترقي پسند فن، فڪر ۽ ساڻ سان توڙ نيائيندڙ ۽ ان جي نفي ڪندڙ سوچن جي نفي ڪندڙ ماڻهن، سوچن ۽ نظرين خلاف پنديون ۽ ڦٽڪارون ٻارڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن. ڪنن ۾ هٿ وجهي ڪوڙيون اوچنگارون ڏيئي، ڏنڊيڪارون ڪري، چاتيون ڪٽي ستي بي حيائيءَ سان منهن تي ڪوڙ ڀالهائي، هڪڙيءَ مان بي ڪري، انٽي جو گهوباٽو بنائي هو پاڻ کي ايياز جا ادبي ۽ ثقافتي وارث ۽ جانشين بلڪ مالڪ مختيار بنائي ڪوڙو حشر پٽي رهيا آهن.

سنڌي ماڻهو هزارين آفتن جي وات ۾ اچي ويا آهن. ڪين علمي، ادبي، فني، فڪري ۽ نظرياتي مامرن جي ڪا گهٽي خبر ڪانهي، ضيا جي پالتو مافيا جي سرپرستيءَ هيٺ سنڌي تعليم علمي طرح ختم ڪئي ويئي آهي، ان ڪري خود ڪيترن پڙهيل ماڻهن ۾ علم، ادب، فن، فڪر ۽ نظريي جي اهميت جي جاڻ ۽ ان مان چاهہ خير کو ويجي رهيو آهي، ان ڪري سنڌ جي باشعور ۽ روشن خيال، اديبن، شاعرن، عالمن، محققن، مفڪرن ۽ تنقيد نگارن جو فرض آهي تہ هو شعور دشمن، نظريہ دشمن قوتن جي سازشين ڪانڊين ۽ لاڙين جي تازي ڦٽڪي بازيءَ جو نوٽيس وٺن، سندن ڪوڙ بهتانن جا وکا پڌرا ڪن ۽ وڏي جرئت، بي رياييءَ ۽ عملي ادبي ڪاوش ۽ تحقيقات وسيلي سنڌ جي صحيح علمي، ادبي، فني، فڪري ۽ نظرياتي وات تي سونهپ ڪن. ان لاءِ ضروري آهي تہ هو ان باري ۾ گهربل مطالعو تحقيقات ۽ غور فڪر ڪري پنهنجي سوچ جي نتيجن کي عوام اڳيان پيش ڪن. ان قومي

ڪم ۾ آئون به ٻين سان گڏ پنهنجي پتيءَ جو مطالعاتي، تحقيقاتي، فڪري پورهيو ڪرڻ ۾ ان جون حاصلاتون سنڌي عوام اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. جيئن ئي ٿوري واندڪائي ملي تيئن جيڪو حال هوندو سو دوستن اڳيان پيش ڪبو.

ڪنهن جي پرواهه ناهي!

پيءَ پيءَ جي قيادت جي ويجهي هڪڙي دوست کي ٻئي سال اڳ مون چيو ته، "همراهن کي هوشيار ڪيو ته ڪجهه سرت ڪن، صفا پٽڙيءَ تان لهي ويا آهن! ڏسجو متان ڪٽي گاڏيءَ ڪلٽي نه ڪري وجهن ۽ پاڻ سنڌي ماڻهو نه ڏٺي، نه ورتي، ري گناهه ڏچي ۾ نه پئجي ويون!" چيائين:

"ادا! همراهن کي تو مون جهڙن جي ڳالهه ٻڌڻ جي ضرورت ڪهڙي؟ آمريڪا سندن پاسي، جنرل سندن حامي، صدر سندن پنهنجو، حڪومت سندن هٿ ۾، باقي ٻيو پنٽي رهيو ڇا آهي، جنهن جو الڪو ٿئين؟" نواز شريف حڪمران ٽولي جي ته ڳالهه ئي اور آهي! سڄو پاڪستان جڙ ٽڪن تي وڃي اتفاق فائونڊري جي ذاتي ملڪيت بنائي ڇڏيو اٿن. هاڻي "ڪاءُ ڙي وتايا ڪاءُ!" وارو ڪم لڳو پيو آهي، لامحدود اقتدار جي نشي ۾ الرٽ، اڪيون ٻوٽيل، اقتدار جي گاڏي جهاني بليٽ ٽرين واري هوائي رفتار سان اڏائيندا ڪنهن اڙ ڏنل اوڙاهه ڏانهن ڏوڪيندا هلن. ماڻهن جا ساهه مٺ ۾ آهن. ڪا خبر ناهي ته ڪيڏي مهل ڪهڙي تباهي مچائي ڇڏين.

پاڪستان جي حڪمران ٽولن جي پراڻين روايتن موجب موجوده حڪمران ٽولي به مختلف صوبن ۾ مختلف ادارن جي ماڻهن کي قسمين قسمين سبز باغ ڏيکاري، کين هڪ ٻئي خلاف استعمال ڪيو آهي ۽ ڪم ڪيڙ کان پوءِ کين دروازي جو رستو ڏيکاريو آهي.

هينئر اي اين پي کي "چوٽي" ڏني اٿن، جوڊيشريءَ سان به اک ٻوٽ راند پيا ڪن. دهشتگردن کي "نرم" ڪرڻ لاءِ لٽ ۽ چٽ جو ساز سامان به تيار رکيو ويٺا آهن. اڳئين هر "ڪم ڪيڏائو" ٽولي وانگر هن ڪم ڪيڏائو ٽولي جو حشر به سٺو ٽيٽو ڪونهي چؤطرف ڪاري ڏڳي جا ڏٽي اٿي ڪڙا پيا ٿين.

اڳوڻي چيف جسٽس پاڪستان جناب سجاد علي شاهه، اڳوڻي

صدر جناب فاروق لغاري ۽ اڳوڻي وزيراعظم محترمہ بينظير پٽو کن اخباري رپورٽن موجب مبينہ طور هڪ ٻئي پنيان ۽ هڪ ٻئي جون شاهديون واري ۽ حوالا ڏيئي تازي بحران ۾ پاڪستاني فوج جي ڪردار تي جيڪا ۽ جهڙن لفظن ۾ روشني وڌي آهي، اهڙي چٽن ۽ غير مشروط لفظن ۾ ان اداري تي روشني اڳي ٻنهہ گهٽ ٻئي آهي.

ڳوڙهو غور ويچار ڪري ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ پاڪستان جي ترقي ۽ تنزل ۾ چهن ڏرين جو بنيادي ڪردار رهيو آهي.

(1) انگريز ۽ آمريڪي حڪومتون ۽ سندن پاڪستاني چاڙٽا، (2) فوجي جنرل، (3) مذهبي گروهہ ۽ پارٽيون، (4) جديشري، (5) سياسي پارٽيون ۽ (6) صدر.

جيستائين انهن سمورين ڏرين جي پنجاهہ سالن جي ڪردار تي مڪمل ۽ سچ پاسائين روشني نہ پيئي آهي، تيستائين نہ پاڪستان جي تباهيءَ جا ڪارڻ سمجهہ ۾ ايندا ۽ نہ موجوده اوڙاهہ مان ٻاهر نڪرڻ جي واٽ لينديءِ ان ڪري ان خير جي ڪم ۾ جيترو جلد هٿ پويءِ اوترو چڱو.

اقتصادي ميدان ۾ "بي سرد جنگ" جاري آهي

ڪجهه وقت اڳ 27 مارچ 1997ع تي منهنجو هڪ ڪالم "آمريڪي يورپي شهنشاهيت دنيا کي وري فتح ڪري رهي آهي" جي عنوان سان روزاني جنگ ۾ ڇپيو هو. تازو هڪڙي مقامي انگريزي اخبار جي 13 آڪٽوبر 1997ع جي اشاعت ۾ ڇپيل هڪ خبر مطابق ملائيشيا جي وزيراعظم مهاتير محمد ڪنهن ملڪ جو نالو وٺڻ کان سواءِ چيو آهي ته دنيا ۾ هڪڙو نئون سامراجي دور شروع ٿي ويو آهي، جنهن ۾ اڇوٽن غلام ملڪن کي وري غلام بنائڻ جي مهم هلائي رهيا آهن!

اهي ملڪ پنهنجي دولت کي استعمال ڪري اسان جي ملڪ کي بہ غلام بنائڻ چاهين ٿا. ملائيشيا جي اترين ٻيٽ لانگ ڪاوي ۾ هڪڙي جلسي کي خطاب ڪندي هن چيو ته جن ملڪن کي قرض جي ضرورت آهي، انهن ملڪن کي قرض ڏيندڙن جي مرضيءَ جي اڇيان پنهنجا گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ اقتصادي قوت کي استعمال ڪيو پيو وڃي. هن چيو آهي ته اهي حاسد قوتون آهن ۽ کي ترقي پذير ملڪ جيڪڏهن ڪجهه ترقي ڪن ٿا ته انهن کي ساڙ ٿو ٿئي. کين حسد ٿيو آهي ته ملائيشيا ايڏي تڪڙي ترقي ڇو ڪئي آهي ۽ ڇو هتي جي سينيءَ ماڻهن کي روزگار پيو ملي؟ هو چاهين ٿا ته هن ملڪ کي وري ڪٽائي ڪنگلو ڪيو وڃي، تنهن ڪري انهن سازش ڪري بين الاقوامي ستوڙين هٿان اسان جي سڪي رنگت جي قيمت ڪيترائي آهي. اهو هيٽن کي ڏهائڻ ۽ عالمي آمريت مڙهڻ جو طريقو آهي. هن آمريڪي ڪرب پتيءَ ستوڙيءَ جارج سوروس تي الزام لڳايو ته هن مجرماڻي سازش ڪري سڪن جي سٽي بازيءَ جي ذريعي ڏکڻ اوڀر ايشيائي ملڪن جي سڪي جا ملهه ڪيرايا آهن ۽ ملائيشيا جي معيشت جنهن ۾ هر سال 8 سيڪڙو واڌ ٿي آهي، ان کي تباهه ڪرڻ لاءِ ملائيشيائي سڪي جي قيمت گذريل ٽن مهينن ۾ 30 سيڪڙو ڪيرائي

چڏي وئي آهي ۽ ملائيشيا جي استاڪ جي قيمتن کي وڏو ڏڪ هنيو ويو آهي. مهاتير محمد چيو آهي ته اسان کي هن طوفان مان ٻاهر نڪرڻو آهي. هن واپارين کي چيو آهي ته هو شين جو ملهه نه وڌائين ۽ ڪارخانيدارن کي چيو اٿس ته هو مزدورن کي نه ڪڍن. مهاتير محمد اعلان ڪيو آهي ته انشاءَ الله اسين جديد دور جي هن غلاميءَ جي طوق کي پنهنجي ڳچيءَ مان جلد کان جلد لاهي اڇلائيندا سين.

مغربي سرمائيدار سامراجي ميڊيا جي جادو بيان، خيالي افسانا ۽ داستان تيار ڪندڙن 1991ع ۾ سوويت يونين جي خاتمي جي باري ۾ جيڪي الف ليلىٰ جهڙيون ڪهاڻيون گهڙي سڄي جهان تي جادو ڪري کين ڇڙ ته پنڌ پهڻ ڪري چڏيو آهي، انهن مان هڪڙي مشهور طوطي مينا جهڙي ڪهاڻي هيءَ آهي ته سرد جنگ ختم ٿي وئي. سوويت يونين هرو پرو ڪٽي دنيا ۾ هل ٻکيڙو ۽ دنگو فساد ڪري چڏيو هو. هاڻي ان جي خاتمي کان پوءِ دنيا ۾ عالمي سرمائيداري جي ڇانو ۾ هڪڙي پرامن عالمي پائيچاري قائم ٿي وئي آهي. هاڻي دنيا ۾ وڏي ۽ ننڍي، طاقتور ۽ ڪمزور جي وچ ۾ ڪوبه ٽڪر، ڪوبه مقابلو ڪوبه جهيڙو ناهي، سڀ هڪ ٻئي جا خير خواهه آهن.

ايڪ هي صف ۾ ڪڑي هوگئي محمود و ايازِ
نه ڪوئي بنده رها نه ڪوئي بنده نواز

*

صاحب و محتاج و غني ايڪ هوئي
تيري دربار ۾ آئي تو سبهي ايڪ هوئي.
(اقبال)

بدقسمتي سان اهي سڀ ڳالهيون ٽالهيون ڳالهيون ثابت ٿيون آهن. حقيقت ڪجهه ٻي آهي. هين ڪواڪب ڪچ، نظر آتي هين ڪچ.

گذريل ڇهن سالن جي تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي ته غريب ۽ امير، ڪمزور ۽ طاقتور قوتن جي وچ ۾ سرد جنگ ڏروبه ختم ناهي ٿي، ان جي فقط هڪڙي شڪل ختم ٿي آهي. وڏ ۾ وڏ ڪٽي اهو ڇئي سگهون ٿا ته هڪڙي قسم ۽ سطح جي سرد جنگ کان پوءِ ٻئي قسم ۽ سطح جي سرد

جنگ لڳي آهي. جيئن پهرين جنگ عظيم کان پوءِ ٻي جنگ عظيم لڳي، ايڏا بہ ايئن چئجي تہ صحيح ٿيندو تہ جيئن انگريز چوندا آهن.

The king is dead. Long live the king.

(بادشاهت سلامت گذاري ويو. بادشاهہ سلامت زنده آبادا!) مطلب تہ هڪڙي بادشاهہ جي مرڻ کان پوءِ ان جي جاءِ تي هڪدم ٻيو ماڻهو بادشاهہ ٿي ويو. وچ ۾ وٽي پيئي ئي ڪانہ. تيئن چئي سگهجي ٿو تہ ساڳئي اهڙي نموني پهرين سرد جنگ جي ختم ٿيندي ئي بنا وچ جي وٽيءَ جي ٻي سرد جنگ شروع ٿي وئي ۽ هلي رهي آهي. البت ٻنهي جنگين جي نوعيت ۽ سطح ۾ تمام وڏو فرق آهي. پهرين سرد جنگ ٻن جوڙ جي منظم قوتن ۽ ٻن نظامن جي وچ ۾ سرد جنگ هئي. هاڻوڪي ٻي سرد جنگ ۾ هڪڙي پاسي پهرين سرد جنگ کان ڏهوڙ تي طاقتور عالمي سرمائيدار سامراجي قوت ۽ ٻئي طرف گهٽو ڪري ٽين دنيا جي غيرمنظم، بي قيادت ۽ ڇڙ ويڇڙ ملڪن جي وچ ۾ سرد جنگ آهي. ڇڙ هاٿي ۽ ماکوڙي جو مقابلو آهي. ٻيو تہ هيءَ سرد جنگ گهٽي ياڳي هڪڙي ئي سماجي نظام يعني سرمائيدارانہ نظام جي حامين جي وچ ۾ وڙهي پئي وڃي. البت هيءَ سرد جنگ آهستي آهستي پکڙي زور وٺي رهي آهي ۽ پهرين سرد جنگ جيان ڪٽي ڪٽي مقامي ۽ علائقائي گرم جنگ جي صورت پڻ اختيار ڪري وٺي ٿي.

ڪويت واري معرڪي کان پوءِ هڪڙي طرف آمريڪي ايٽمي سامونڊي ٻيڙو نمٽز هڪ دفعو ٻيهر گلف ۾ اچي ويو آهي تہ ٻئي طرف ايراني سامونڊي فوج بہ گلف ۾ داخل ٿي وئي آهي. ڪيترن سالن کان آمريڪي داداگيري ڪري، ڪيوبا، لبيا، ايران ۽ اتر ڪوريا جي ناڪي بندي ڪري سندن ساهہ گهٽيو ويئي آهي. ٻيو تہ ڇهيو پر انساني حقن جا اهي نام نهاد عالمي علمبردار انهن ملڪن جي ٻارن لاءِ کاڌو ۽ دوائون بہ اڃڻ نٿا ڏين ۽ عراق ۽ اتر ڪوريا جا لکين ٻار بک ۽ بيماري ۾ تڙپي تڙپي مري رهيا آهن. اسرائيل آمريڪي پٺيراڻي سان پنهنجي دهشتگردي ۽ خونريزيءَ سان فلسطينين ۽ ٻين عربن جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. بدنصيب افغانستان تي سعودي عرب ۽ ان جي سرپرست اعليٰ آمريڪا جو حمايتي ۽ ايران جو دشمن نام

نهاد "اسلامي اقتدار" مڙهيندي مڙهيندي هن ملڪ جي تباهه ٿيل مظلوم عوام جي جيڪا حالت ٿي آهي، اها اڄ جي تاريخ جو هڪڙو وڏي ۾ وڏو المیو ٿي ويو آهي. جڏهن سان آمريڪا هڪڙو نئون فوجي معاهدو ڪيو آهي، جنهن مطابق جيڪڏهن آمريڪا ايشيائي ملڪن خلاف ڪابه فوجي ڪارروائي ڪري ٿو ته جڏهن پنهنجي ڪيل امن معاهدي جي ابتڙ پهريون دفعو هن جنگ ۾ آمريڪا جي حمايت ۾ اهم حصو ونڊي ان کي زبردست مدد ڏيندو. ان هوندي به هن وقت سرد جنگ جو محور فوجي ميدان کان وڌيڪ اقتصادي ميدان آهي. عالمي بينڪ ۽ عالمي مالياتي فنڊ وارا مغربي سامراجي ادارا سڄي دنيا جا مالڪ بنجي ويا آهن. هو جنهن ايشيائي ملڪ جو چاهين ٿا تنهن جو داڙو پاڻي بند ڪري ٿا ڇڏين. جڏهن، چين ۽ هندستان جهڙن هڪ ٻن ملڪن کي ڇڏي هو عملن باقي سڄي ٽين دنيا تي مغربي سامراج طرفان نادري حڪم هلائي رهيا آهن. هڪڙي طرف آمريڪا ۽ مغربي ملڪ پنهنجي مالي ڪمپنين جي ذريعي ٽين دنيا جي غريب ۽ نڌڻڪن ملڪن جي عوام جي بي روزگاري ۽ غريبي ۽ اڻ هوند جو ناجائز فائدو ونڊي اتي معمولي شين جا ڪارخانا لڳائي، غريبن جو رت چوسي، انهن جي هٿ تي چار آنا رکي، دولت جو جڙ هڪڙو ٻارنهن ئي مهينا ٻوڏ جيان وهندڙ درياهه پنهنجي طرف وهائي ڪٽيو پيا وڃن ته ٻئي طرف جيڪڏهن انهن غريب ملڪن مان ڪو اقتصادي يا سياسي طرح ڪنڌ مٿي کڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته ان جي خلاف سازش ڪري ان کي سوڙهو گهٽيو ڇڏين.

ڏکڻ اوير ايشيا جي ٽائيگر (چيتن جهڙي) معيشيت جون دنيا ۾ هاکون پيون هلن، پهريون ٽائيگر جپان هو جنهن کي پنهنجي قدرتي وسيلن نه هڻڻ جي باوجود آمريڪا ۽ يورپ، روس ۽ چين خلاف سرد جنگ ۾ پنهنجو لاڙيو ڪري ڪتب آڻڻ لاءِ بي پناهه دولت سيڙائي جڙ ته بڻڻ ڏهائي هڪڙي جنگ جي تباهه ڪيل هليءَ مان رات پيٽ ۾ ڦيرائي شينهن بنائي ڇڏيو. پر جيئن ئي هن ڪنڌ مٿي کنيو تيئن سندس خلاف مغربي وٽ وڻان شروع ٿي ويئي ۽ شينهن تيار ڪندڙ سامراجي فيڪٽري 1965ع کان مغربي ڪالونين هانگ ڪانگ، تائيوان،

سنگاپور ۾ ڏکڻ ڪوريا کي شينهن بنائڻ شروع ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ انڊونيشيا، ملائيشيا، فلپائين ۽ ٿائيليند کي شينهن جو ويس ڏکايو يو پر گڏوگڏ سندن ڏند ۽ پڇيندا رهيا ۽ متان مغربي ملڪن تي گُرڻ نه شروع ڪري وجهن. هاڻي ايئن ٿو نظر اچي جڻ ته هڪڙي موڙ تي اچي انهن کي اوچتو شينهن مان ڦيرائي وري ٻلي ڏيڻ شڪل ۾ آڻڻ جي ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي! ان ڪري جپان، ٿائليند، فلپائين، انڊونيشيا ۽ ملائيشيا جي اقتصادي حالت لوڏن ۾ پوندي پئي وڃي.

جپان جي معيشيت اڃي کان اٽڪل 3 سيڪڙو گهٽجي ويئي آهي. سندس اسٽاڪ مارڪيٽ ڪري رهيا آهن. چانٽيون عام ٽي چڪيون آهن. ٻچاڻي سڪي ين جي قيمت ڊالر جي مقابلي ۾ تمام گهڻو گهٽجي ويئي آهي. اڃي هڪڙو ڊالر 78 ين ۾ ملندو هو. هاڻي 120 ين ۾ ملي ٿو. هاڻي آمريڪا جو ان تي هي دٻاءُ ۽ وڌيو آهي ته هو جيتري ملهه جون شيون ٻاهر موڪلي ٿو. ايتري ئي ملهه جون شيون ٻاهران گهرائي. دنيا ۾ اها ڳالهه هلي ويئي آهي ته جپان جلد ئي پنهنجي معيشيت جا سمورا دروازا مغربي ڪمپنين لاءِ کولڻ وارو آهي. هن عمل کي اقتصادي "وڏي ڌماڪي" (Big Bang) جو نالو ڏنو پيو وڃي. انڊونيشيا، ٿائي ليند، فلپائين ۽ ملائيشيا ۾ مقامي اسٽاڪ مارڪيٽن ۾ ڦهراڙ متل آهي. سندن سڪن جي قيمت گهٽائي وئي آهي. تنهن ڪري ٻاهران سرمايو لڳائيندڙ ماڻهو سرمايو لڳائڻ کان ڪيبائي رهيا آهن.

گذريل سال ٿائيليند ۽ ملائيشيا جي مرڪزي بينڪن پنهنجي سڪن جي قيمت کي قائم رکڻ لاءِ اربين ربيا خرچ ڪيا. پر حالتون بهتر نه ٿي سگهيون. انڊونيشيا ۽ ٿي هفتا اڳ اهو فيصلو ڪيو آهي ته ٻاهر جي سرمائيدارن بابت قانون ۾ گهٽي نرمي ڪئي ويندي.

ٿائليند ڏارين کي اها اجازت ڏني هئي ته هو ٿائي ڪارخانن ۾ 49 سيڪڙو تائين ملڪيتن جو حق خريد ڪري سگهن. هاڻي انهن هيءَ اجازت ڏيئي ڇڏي آهي ته ڏاريان ماڻهو 5 سالن تائين ڪنهن ٿائي ملڪيت جي سيڪڙي کان ۽ وڌيڪ حصو خريد ڪري سگهن ٿا. آءِ ايم ايف جي هڪڙي غيرملڪي بينڪر چيو آهي ته جيڪڏهن ايشيائي حڪومتون چاهين ٿيون ته غير ملڪي سندن ملڪ ۾ سرمايو

لڳائين تہ انهن کي اهو قانون صفا ختم ڪرٽو پوندو. مطلب اهو تہ غير ملڪي ڪمپنيون جيڪڏهن چاهين تہ سڄو ملڪ ئي خريد ڪري ڪنهن ٻئي کي وڪڻي ڇڏين. مٿن ڪابہ جهل پل نہ هجي! تائيگرن جي ڪرامت ۾ زمين ۽ آسمان هڪ ڪرڻ کان پوءِ ڪجهہ وقت کان پوءِ مغربي اقتصادي ماهرن چوڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي تہ انهن جي سڄي ترقي فقط ڏيکاءُ واري ۽ عارضي آهي.

لو وہ بھي کھتي ھين کہ یہ بي ننگ و نام ھي
یي جانتا اگر تو لٹاتا نہ گھر کو مين.
(غالب)

1994ع ۾ ئي جڳ مشهور آمريڪي اقتصادي اداري "ايم آءِ ٽي" جي اقتصادي ماهر بال ڪروگ مين هڪڙي مقالي ۾ لکيو تہ ڏکڻ اوڀر ايشيا کي زبردستي طاقت جون دوائون کارائي مصنوعي نموني طاقتور بنايو ويو آهي. (مغرب) هن علاقي جي ملڪن ۾ حد کان وڌيڪ سرمايو لڳايو آهي. پر ماڻهو سمجهن ٿا تہ اتي جي (سرمائيدارن) کي وڏو شاهي اقتصادي ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. پر ايئن ناهي. هن جو چوڻ آهي تہ 60_1950ع ۾ سوويت يونين ۾ حد کان وڌيڪ سيڙپ ڪري تمام جلد وڏا نتيجا حاصل ڪيا هئا. پر پيداواري ۽ انتظامي عمل ۾ ڪوبہ حقيقي واڌارو ڪونہ ٿيو آهي. ڪروگ مين جو چوڻ آهي تہ ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ جيڪا (مغرب جي) دولت سيڙائي ويئي هئي. ان مان معيشت ۾ گهربل پيداواري واڌارو ڪونہ ٿيو هو ۽ ماڻهن جي زندگي جا معيار وڌيا هئا. مغربي طاقتن جي انهن ڪارستانين خلاف علاقي جي ملڪن جي عوام ۾ بيچيني آهي. پر سنڌيءَ ۾ چوندا آهن "چور جي ماءُ دلي ۾ منهن وجهي روئيندي آهي." انهن ملڪن جا سامراج پرست حڪمران تولا آقائن اڳيان ڳالهائي نٿا سگهن.

البت مهاتير محمد جي ڳالهہ ٻي آهي. هو شروع کان ئي سڄ چوندڙ تدبر واري ۽ دلير اڳواڻ رهيو آهي. جيڪي ڳالهيون ڏکڻ اوڀر ايشيا جا ٻيا اڳواڻ شايد ڪنهن حد تائين چوڻ چاهيندا هجن. پر چئي نہ ٿا سگهن. اهي ڳالهيون مهاتير محمد چئي ڇڏي ٿو ۽ پنهنجي ڳالهہ تي ثابت قدم بہ رهي ٿو.

(شايع ٿيو: 16 آڪٽوبر 1997ع)

هڪڙي نندڙي، سُهٽي، سُني جنگ!

تنهن ڏينهن هڪڙي انگريزي اخبار ۾ جرمنيءَ بابت هڪڙو مزيدار ڪارٽون ڇپيو ڪارٽون جا به حصا هئا. ٻنهي حصن ۾ جرمنيءَ جا نقشا نهيل هئا. ٻنهي ۾ لوڙها ڏنل هئا. هڪڙو لوڙهو هڪڙي نقشي جي وچان ڏنل هو. ان تي لِکيل هو "برلن جي ديوار". ٻيو لوڙهو ٻئي نقشي جي چوڌاري ڏنل هو ان تي لِکيل هو "جرمني!". ڪارٽون جو مطلب هو ته اڳي "جمهوريت دشمن" ڪميونسٽن اڌ جرمنيءَ يعني اوير جرمنيءَ کي لوڙهو ڏيئي ان مان اڇ وچ بند ڪري ڇڏي هئي. هاڻ جڏهن جرمني وري گڏجي سڏجي هڪڙو وڏو ملڪ ٿي ويئي آهي. تڏهن جرمنيءَ جي جمهوريت جي علمبردار سرمائيدار حاڪمن يڪي ملڪ کي ئي لوڙهو ڏيئي ان کي دنيا کان ڪاٽي الڳ ڪري ڇڏيو آهي!

ڪيتري وقت کان جرمنيءَ ۾ ٻاهرين ملڪن جي مزدورن "Guest workers" ۽ اوير يورپ ۾ ايشيا مان آيل پناهه ونندڙن مٿان هٽلر پرست نازي غنڊن باهه ٻاري ڏني آهي. روز مٿن حملا ٿيا ڪن ۽ سندن گهر ٿيا ساڙين. اڳتي هلي ڇا ڪندا، سو ڄاڻڻ لاءِ نجومي هجڻ ضروري ناهي. جرمن جمهوريت دوستن توڙي ٻي سڄي دنيا کي خبر آهي ته نازي تائيپ غنڊا ۽ دهشتگرد جڏهن زور ونندا آهن، تڏهن اول پنهنجي اوڙي پاڙي جي ايرن مسڪين ماڻهن جي خبر ونندا آهن. تنهن کان پوءِ ٻي دنيا جي. جنگ عظيم ۾ شڪست کائڻ کان پوءِ اهي جڻ گُم ٿي ويا هئا. پوءِ ٿورڙا ٿورڙا ظاهر ٿيا ۽ وڏن ڏينهن تي هٽلر جا فوٽا کڻي پريڊون ڪندا هئا ۽ هٽلري سانگ رچائيندا هئا. ماڻهن کي هو ناٽڪي مسخرا لڳندا هئا. روسي دانهُون ڪندا هئا ته، "جرمنيءَ ۾ فاشزم وري ٻئي اُسري ۽ ڪنهن ڏينهن اها وري دنيا لاءِ ممڻ مچائيندي" ته مغربي ملڪن جي پروپيگنڊا مشينري سندن مذاق اُڏائيندي هئي ۽ چوندي هئي ته "روسي ڪميونسٽ تيليءَ مان ٽنبي ٻيا بنائين. اهي ٻٽي گل ٽڙيل سرڪس جا مسخرا دنيا لاءِ ڪهڙو خطرو پيدا ڪندا؟"

پر هاڻ ڳالهه ٻي ٿي ويئي آهي. اڳي جرمني ڪمزور بلڪ ڪٽ داخل هئي. هينئر اها فيل مست اقتصادي طاقت آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ يورپ ۾ ته سندس ڪوبه ثاني شريڪ ڪونهي. جرمن سائنسدانن دنيا جا چوٽيءَ جا سائنسدان آهن. ايٽم بم اول جرمن سائنسدان ئي ته ٺاهڻ شروع ڪيو هوا جرمنيءَ پنهنجي ٽن مڪيه تاريخي ويرين يعني انگلينڊ، فرانس ۽ روس مان هڪڙي يعني فرانس سان گهاٽي ياراٽي رکي ڇڏي آهي. باقي جيڪي سندس به روايتي حريف وڃي رهيا آهن، تن مان روس في الحال تباهه ٿي ويو آهي ۽ انگلينڊ جا حال بُرا آهن. ان ڪري جرمنيءَ لاءِ هاڻي دنيا ۾ پهريون نه ته ٻيو نمبر ايٽمي قوت ۽ دنيا جي سڀ کان وڏي بُري وقت بنجڻ جڻ ڏائي هٽ جو ڪيل وڃي رهيو آهي.

جنگ عظيم ۾ شڪست کائڻ کان پوءِ جرمني دنيا جي سياسي استيج تي گهٽي اڇ وچ، نمائش ۽ لئي نٽي ڪري ان جو سبب اهو ڪونهي ته ڪا اها سياسي طرح لاطمع، تارڪ الدنيا ۽ الله لوڪ درويش بنجي ويئي آهي. پنجابي چوڻ آهي: "ميسٽي، کائي، منهن نه هلائي." "ميسٽي کائيندي آهي چپ نه چوريندي آهي." ان پهاڪي واري ڳالهه وانگر جرمني به جپان وانگر گذريل اڌ صديءَ کان جڻ اندر گرائونڊ هلي ويئي آهي ۽ چپ هٽيو لِڪي وينو آهي ۽ مات منيءَ ۾ پيئي مچي ۽ مواڙ ٿئي. هاڻ ته هڪيءَ کان ٿي ڦاٽي.

ملڪيت وارن حاڪم طبقن ۽ عام ماڻهن جي سياسي هلت ۾ جيڪو زمين آسمان جو فرق آهي، سو هن ڳالهه مان به ظاهر ٿيندو آهي ته حاڪم ماڻهن، طبقن ۽ قومن جا پاڻ ۾ ڪيڏا به ويڑ هوندا ته به جنهن ڳالهه ۾ سيني جو گڏيل پلو هوندو تنهن جي مجال آهي جو سِڌي يا اڻ سِڌي يڪراءِ حمايت نه ڪن ۽ جيڪا ڳالهه سندن گڏيل نقصان جي سمجهن، تنهن جي مجال آهي جو يڪراءِ مخالفت نه ڪن.

ٻئي طرف عام پورهيت ۽ غريب مخلوق هميشه پنهنجي گڏيل فائدي جي ويري آهي. پنهنجي خسيس انفرادي نفعي نقصان خاطر گڏيل فائدي جو ڪنڊ جهوري ڇڏيندا ۽ گڏيل نقصان واري ڳالهه کي چنبڙيا پيا هوندا. ڪين ٻين ڏارين دشمنن جي ضرورت ئي ڪانهي. سندس گڏيل فائدي جي ڳالهين، ڪمن ۽ ڪم جهڙن ماڻهن جي

ناڪام بنائڻ لاءِ سندن گھر جا چڑواڳ. ساڻ سڙيل ۽ ڏارين جا دادلا بنايل ريزالا ئي ڪافي هوندا آهن. رهيل کهيل ڪسر دشمن جا پاليل شعوري چاڻتا پوري ڪري ڇڏيندا آهن.

جيئن پهرين جنگ عظيم جي پيانڪ شڪست کان پوءِ جرمنيءَ "ويمر جمهوريت" جي چٽيءَ هيٺ اشراف بنجي پي جنگ عظيم جي تياري ڪئي هئي. تيئن پي جنگ عظيم هارائڻ کان پوءِ جرمني سياسي طرح دنيا جي نظرن کان جڙ روپوش ٿيو ويئي آهي. ان ڳالهه کي سينې سمجهو جرمنن سمجهيو آهي ته چپ چاپ پنهنجي انهيءَ قومي روش جي حمايت ۾ لڳا پيا آهن. ٻاهر کان ڳالهه ڪانهي. اندر کان ڪسر رهيل ڪانهي.

چئن سالن جي ڳالهه آهي، بهار جي موسم جي هڪڙي ڏينهن هڪڙي ڳري بئگ هٿ ۾ ڪري ۽ هڪڙو ڳرو ٿيلهو ڪُلهي ۾ لٽڪائي، فجر مهل ريل ۾ ويڄي چڙهيس. الائي ڪيتري زماني کان پوءِ ريل ۾ چڙهيو هوس. ريل گاڏي به عجيب شيءِ آهي. هڪڙي هزار داستان بلبل وانگر هر مسافر کي هزارين الڳ الڳ ٻوليون ۽ داستان ٻُڌائي ٿي. سڀ کان وڌيڪ رهاٽيون اها ريل کان جيل ۽ جيل کان ريل ويندڙ مسافرن سان ڪندي آهي. پي. پيءَ ۽ ضياء دؤر جي ساڻيندڙ اونهارن ۾ قهري سيارن ۾ سکر ۽ خيرپور جيلن کان ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي ڪورٽن ڏانهن سفر ڪندڙ غدار سنڌي وڏيرا شاهيءَ جي عتاب ۾ لانگ بوٽن جي چيپات هيٺ آيل اسان جهڙن ڪاري ٽوپي ۽ "ڊينجرس" قيدين لاءِ ريل رڳو ريل ته نه هئي! هوءَ اها مهربان ۽ شفيق هستي هئي جيڪا قيديءَ کي جڙ هٿ کان وٺي جبر ۽ اوپرائيءَ جي جهنم مان ٻاهر ڪڍي کن پل جي مختصر آزاديءَ ۽ پنهنجائيءَ جي بهشت تائين پهچائيندي ۽ محبوبن سان ملائيندي هئي.

مون ٻاهر نظر ڪئي ته ائين لڳو جڙ ڪنهن سئنيما ۾ اچي ويٺو آهيان ۽ درين کان ٻاهر مختلف بدلجندڙ استيجن تي ساڳئي وقت ڪئين رومانوي فلمون گڏ پيون هلن! مون کي لڳو ته هي منظر مون اڳ ڏٺا آهن. هڪ دفعو به نه سوين دفعا! دنيا جي عظيم ترين شاهڪار ناولن ۾! اهي ساڳيا ساوا ساوا چهچ وڻ، گاهه، ننڍڙا ننڍڙا پاٽيءَ جا

چشما، نظر جي حد تائين ساوڪ ۾ خوبصورتيءَ جا سوين منظر هئا. ريل گاڏي جنهن علائقي مان پئي لنگهي تنهن جي وِڪ وِڪ تي هزارين سالن جي تاريخ جي رنگين ۾ نرالن ڪردارن جي سوچن جا خاموش پڙاڏا ۾ ڪارنامن جا يادگار هئا.

اسين شارليمن، جون آف آرڪ، روسو، بالزاڪ، والتيئر، ڊڊرا، ڊانٽن، رابسپيئر، نيپولين "بن شهرن جي ڪهاڻي"، مدام بوواري، "بيباڪ ڪهاڻيون" جي سرزمين مان پئي لنگهياسون. آئون پئرس کان ٽرين ۾ چڙهيو هوس ۾ برلن پئي ويس. تاريخ جي ڏنڊلن پاڇن ۾ هلندي هلندي الائي ڪيڏي مهل ڪنهن چيو "جرمني اچي ويئي"، مون غور سان ٻاهر ڏٺو ها منظر ڪجهه بدليل هو. ٻيهر اچي ٽيا هئا ۾ آئون جرمنيءَ بابت سوچڻ لڳس، جيڪا عظيم مذهبي سڏارڪ مارٽن ليوٿر، عظيم موسيقار بيٿوون، عظيم فلسفي هيگل، انقلابي عالمن دانائن مارڪس ۾ اينجلس، جابر حاڪمن، فولادي شهزادي، بِسمارڪ ۾ فريڊرڪ اعظم ۾ خوني درندي هٽلر آمر جهڙن ماڻهن جو وطن هئي.

پاسي ۾ ويٺل بيئر پيئندڙ نهايت خوبصورت نوجوان الائي ڇا پُڇيو. پولي نه انگريزي هئي نه فرينچ. دل جي دوڙ مان سمجهيم ته جرمن هوندي انگريزيءَ ۾ چيومانس، "مون کي جرمن نٿي اچي." چيائين، "توکي انگريزي اچي ٿي! شاندار!" معلوم ٿيو ته ڪافي انگريزي ڳالهائي سگهيو ٿي. حال احوال ٿيا. مون دستور موجب ڪائنس سندس پنهنجا، سندس خاندان جا، سندس ملڪ جا حال احوال پُڇيا، خوش هو. سندس محبوبہ ڪيس اسٽيشن تي وٺڻ لاءِ اچڻ واري هئي. ٻُنو روزگار هوس، سندس پيءُ جي فرم جو نمائندو ٿي انگلينڊ ويڙهو هوس. ان لاءِ انگريزي پئي سِکيو. جلدئي پاڻ ۾ گهرا ٿي وياسون. سياست جون ڳالهيون نڪتيون. ذهين ۾ باخبر ٿي لڳو. ڳالهيون ڪندي ڪندي مون چيو "توهان يورپي تاريخ جا ظالم توڙي مظلوم ڪردار آهيو. توهان تي رومي سلطنت کي تباهہ ڪرڻ جو ٽڪر پڳل آهي. يورپ ۾ مذهبي جنگين ۾ مرڪزي ڪردار توهان ادا ڪيو. سڀ يورپي طاقتون توهان کان ڊڄن ٿيون۔ موقعو ملين ته هَٽيو توهان کي تباهہ ڪريو ٽڪرا ٽڪرا ڪريو ڇڏين. هٽلر ۾ نازين توهان کي سڄي دنيا ۾ بدنام

ڪري ڇڏيو. هاڻي شڪر آهي، امن ٿي ويو آهي، سڀ لڙ لهي ويا آهن، اوهين وري مڇي مڙس ٿي ويا آهيو. هاڻ مڙس ماڻهو ٿجو اهو خيال رکجو ته وري ڪو ممڻ نه مڇي. امن آهي ته سڀ ڪجهه آهي." هن بي صبريءَ سان چيو "هڪڙو منٽ! امن پلي ٿئي پر ڪجهه دير کان پوءِ!"

مون چيو "ڪڏهن؟"

چيائين، "هڪڙي ٻي جنگ کان پوءِ!"

مون حيران ٿي سندس سدا ملوڪ چهري ۾ نهاريو. هو بلڪل سنجيدو هو. چيائين، "مون کي توهان جي جذبن جي خبر آهي ۽ انهن لاءِ احترام آهي پر هڪڙي ٻي جنگ ٿيڻي آهي."

"چو؟"

"جرمنيءَ سان ٽيل تاريخي زيادتين جي تلافيءَ لاءِ."

"وري ٽين جنگ عظيم مچائيندؤ؟"

"جنگ عظيم نه. رڳو هڪڙي ننڍي سُڻي سُهڻي جنگ! جرمن قوم سان انصاف ڪرڻ جي پياري پياري جنگ."

مون کي لڳو منهنجي پاسي ۾ ماڻهو نه پر درندو ويٺو آهي. برلن جي اندر گرائونڊ ٽرين ۾ سفر ڪندي مون پنهنجي ميزبان ساڻين جيڪب آباد جي سنڌي يار (نالو وسري ويو آهي) ۽ ٻين سنڌي دوستن کي چيو "هي پاڻ ۾ نهارين ته نٽا جڙ لٽ هڻيو ڪين." چيائون، "هي آهن ئي اهڙا." جيڪب آبادي هندو يار گهر هلي ماني کائڻ جي دعوت ڏيندي چيو "منهنجي زال توهان سان ملڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ لاءِ ڏاڍي بيچين آهي." مانيءَ تي مائيءَ چيو "مون تنهنجي ڳالهه ٻڌي چيو ته توهان ماڻهن کي خبردار ڪريان ته اسان جرمنن جي باهرين مِٽ مِٽ تي متان لڳو! سول ۽ فوجي هيڊ ڪوارٽرن ۾ اندر سڀ پُراڻا يا نوان نازي ويٺا آهن. جيڪي ٽين جنگ عظيم جون ۽ توهان ۽ اسان سيني کي غلام بنائڻ جون تياريون پيا ڪن. اسين جرمن شيطان آهيون. اسين انتقام لاءِ سؤ سال ٻه انتظار ڪري سگهون ٿا. انتظار ۽ ڳجهه ڳوهه ۾ تياري!" پوءِ ڪئين ڪاغذ ڪٽي آئي، "هي انگ اکر پڙهو! هي ڏس! هي آهي هنن جو حال. سڀ دوکو سڀ فريب، سڀ باهران اشراف جمهوريت پسند ۽ اندر ۾ فاشي ڪتا ۽ درندا. اسان جي قوم تي اعتبار متان ڪريو! متان ڪريو! متان ڪريو!"

اها ڳالهه مون هوسٽن، آمريڪا ۾ گيزلا کي ٻُڌائي جيڪا منهنجي دوست نذير ملتاني جي جرمن زال آهي. چيائين، "سؤ فيصد صحيح!"

گذريل سال اسلام آباد هئاسين تہ عابده پروين جي ڳالهه نڪتي، يميما منا جيڪا اڳي صحافي هئي ۽ پوءِ آڪسفورڊ انگلينڊ ۾ پڙهڻ ويئي ۽ اتي اي اين. پي جي سيڪريٽري ٿي ڪم ڪندي هئي ۽ هاڻ آڪسفورڊ جي پاڪستان ۾ ڊائريڪٽر آهي، تنهن چيو "مون کي عابده ڏاڍو وٺندي آهي، ڪڏهن ان سان مِلايو نہ" مون چيو: اها ڪهڙي ڳالهه آهي؟ جنرلس ڊاٽر (آءٌ کيس ان نالي سان يعني "جنرل جي ڏيءُ" جي نالي سان سڏيندو آهيان. رٽائرڊ جنرل منا جي ڏيءَ آهي. ان ڳالهه تي هوءَ چڙندي آهي ۽ چوندي آهي تہ "چا آئون رڳو ڪنهن جنرل جي ڏيءَ آهيان، ٻيو ڪجهه به نہ؟) هينئر حڪم جاري ڪري ۽ ڪٽان عابده جي ائڊريس هٿ ڪري ۽ عابده شهر ۾ هجي تہ هينئر ئي ملي سگهجي ٿو!" "سچ؟ تہ پوءِ پلا نويد ۽ ڊورا ۽ ٻين دوستن کي چونہ وٺي هلون! سڀ کيڏو خوش ٿيندا عابده سان ملي!"

عابده ۽ غلام حسين دلبر ماڻهو سڄي راڄ کي ماني کارائي ۽ ڳائي وڄائي سڄي رات مهمانن جي لڏي جي دل خوش ڪيائون. وڃڻ کان ٿورو اڳ عابده ڊورا جي چهري ۾ ۽ سندس يوپيءَ واري لباس ۾ نهاري مون کان پُڇيو "هي پيٽ ڪير آهي؟" مون چيو "هيءَ جرمن فوج آهي ۽ مظلوم سنڌي قوم جي مدد لاءِ آئي آهي." هوءَ حيران ٿي ويئي، مون ڊورا کي انگريزيءَ ۾ سڄي ڳالهه ڪري ٻُڌائي ۽ چيومانس "صحيح آهي نہ؟" انگريزيءَ بدران ولايتي اردو ۾ چيائين "صرف جرمن فوج نهين عوامي جرمن فوج."

آئون سدا ملوڪ ڊورا کي چرچي ۾، "مظلومن جي مددگار جرمن فوج" سڏيندو آهيان. هوءَ مون کي پهرين پهرين لنڊن ۾ ملي. اي. اين. پي لنڊن جي سيڪريٽري نويد جي محبوبہ هئي ۽ اسيڪس يونيورسٽي ۾ پي. ايڇ. ڊي پڻي ڪيائين. منهنجو ان يونيورسٽيءَ ۾ "عوامي جدوجهد ۾ هارين جو ڪردار" جي موضوع تي ليڪچر رکيل هو هن ان موضوع تي ريسرچ پڻي ڪئي، اٽاهه مواد گڏ ڪريو ويٺي هئي. خوب بحث ٿيا. هاڻ نويد سان شادي ڪريو پُٺ ڇڏيو اسلام آباد ۾ ويٺي آهي. نويد جمعيت اقوام جي ملازمت ۾ آفريڪا ۾ هو. اڇڪلهه بوسنيا ۾ آهي.

پاڻ هتي انگريزي سينٽر ۾ ڪم ڪري ٿي. تنهن ڏينهن فرزانہ چيو. "ڊورا تہ پاڪستاني بيگم بني ويني آهي. چئو تہ ڪر يورپ هن اکين ڪونہ ڏٺو آهي!"

اڳئين دفعي اسلام آباد ويس تہ پُڇيومانس، "ڊورا سچ ٻُڌاءِ! تون ڇا ٿي سمجهين؟ هاڻ جڏهن تنهنجي جرمني وري متحد ٿي ويئي آهي ۽ هيڏي طاقتور ٿي ويئي آهي، تڏهن ان ۾ وري ڪو ٻيو هٽلر پيدا ٿي سگهي ٿو ۽ وري ڪا نازي تحريڪ جرمنيءَ کي باهہ ۽ خون ۾ غرق ڪري سگهي ٿي؟"

هن جو قربائتو ۽ خوبصورت چهرو نهايت اُداس ٿي ويو. سوچي سوچي پنهنجي مخصوص جرمن لهجي واري انگريزيءَ ۾ چڙ پاڻ کي ڏوهاري سمجهندي چيائين، "پليجا صاحب! مون کي ڪا خبر ڪانهي تہ اسان جي بدنصيب جرمن قوم جي جنگي فطرت، اسان جي تاريخ جي روايتن جو ٻي لغام گهوڙو ۽ اسان جا حڪمران طبقا هاڻ اسان کي ڪهڙي پاسي وٺي وڃڻ وارا آهن."

افغان الميو

11 سيپٽمبر جو دردناڪ واقعو: پس منظر، پيش منظر ۽ سبب ۽ نتيجا

11 سيپٽمبر 2001ع تي آمريڪا ۾ جيڪي خوفناڪ واقعا ٿيا، جن ۾ آمريڪا ۽ ڪن ٻين ملڪن جا هزارين بي گناهه ماڻهو بي دردي ۽ سان ماريا ويا، تن بابت سڏريل دنيا جي ماڻهن کي جيڪو گهرو صدمو ۽ ڏک رسيو، تنهن صدمي ۽ ڏک ۾ پاڪستان جي ماڻهن جي وڏي گهڻائي به شريڪ هئي. ماڻهن جو اهو عام ويچار هو ۽ آهي ته اهڙن انسانيت دشمن واقعن کان اڳ ڪٽي ڪي به انهن جهڙا بلڪ انهن کان به وڌيڪ خوفناڪ واقعا ڇو نه ٿيا هجن، پر اهڙن اڳوڻن واقعن جي ڪري هنن هاڻوڪن واقعن کي درگذر ڪري نٿو سگهجي. پاڪستان جي ماڻهن سميت جيڪي ٽئين دنيا جي ملڪن جا ماڻهو آهن، تن پنهنجن مڪاني ظالم حاڪمن جي دؤرن ۾ توڙي باهرين اڳرايون ۽ قبضا ڪندڙن جي حڪومتن جي دؤرن ۾، صدين جون صديون بيشمار مجرماڻيون دهشتگرديون ۽ ڪٽين ڪيس ڏٺا ۽ سٺا آهن. رڳو ويجهي ماضيءَ ۾ اسان جي ٽئين دنيا جي ماڻهن جپان ۾ هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ جي شهرن تي ايٽم بم ڪرندي ڏٺا آهن، انڊونيشيا، ويٽنام، فلسطين ۾ رت جا درياهه وهندي ڏٺا آهن. بنهه هينئر، اسان جي اکين جي اڳيان عراق تي بمباريون جاري آهن. خوفناڪ ناڪابنديءَ وسيلي ان جا لکين ٻار بک ۽ دوائن جي زبردستيءَ روڪ جي ڪري موت جو بک ٿي ويا آهن. فلسطين ۾ رجعت پرست يهودي، بچ سڦ شاهي مچايو ويٺا آهن. ڪشمير ۾ خون جي هولي کيڏي پيئي وڃي. پاڪستان ۾، خاص ڪري سنڌ اندر، سرڪار نامدار جي آشيرواد ۽ سرپرستيءَ هيٺ هلندڙ سياسي ۽ اقتصادي، لساني ۽ فرقي پرست دهشتگردي ماڻهن جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي.

ان ڪري ٽئين دنيا جا ماڻهو بي گناهه ۽ بي واهه ماڻهن، گروهن، برادرين، قومن ۽ ملڪن خلاف ڪنهن به قسم جي دهشتگرديءَ کي سخت نفرت ۽ بيزاري جي نظر سان ڏسن ٿا. پلي ڪٽي اها دهشتگردي ڪهڙي به بلند ۽ اعليٰ قسم جي بهاني جي اوٽ ۾ ڪئي ويڃي، جهڙوڪ جنگي مجبورين يا امن امان بحال ڪرڻ جي مصلحتن جي اوٽ ۾ ڪئي ويڃي يا آزاديءَ ۽ آزاد دنيا جي بچاءَ جي ضرورتن يا اعليٰ تهذيبي مقصدن يا نيڪ ۽ مقدس مذهبي فرضن جي بجاآوريءَ جي ضرورتن جي اوٽ ۾ ڪئي ويڃي.

پر اهڙيءَ ريت هر قسم جي رنگ ۽ ڍنگ جي ڪوڙي بهاني ۽ جواز هيٺ ڪيل هر قسم جي دهشتگرديءَ کي مڪمل طرح رد ڪرڻ سان گڏوگڏ، ٽئين دنيا جا عوام بلڪ ايئن چئجي ته اڄ جيڪي ماڻهو دهشتگرديءَ خلاف پنهنجي اٿاهه نفرت ۽ بيزاري جا اعلان پيا ڪن ۽ انساني تهذيب بچائڻ لاءِ دهشتگرديءَ خلاف صليبي جنگ لڑڻ جا اعلان پيا ڪن، سي انهن ساڃين قوتن جا نمائندا آهن، جيڪي قوتون ڌرتيءَ جي گولي جي چٹني طرفن، بيشمار غريب ۽ بي واهه سماجن جي ماڻهن کي ڍورن وانگر واڙي، قيدي بٹائي، کين قرلٽن، خونريزين ۽ دهشتگردين جا شڪار بٹائيندا، هين کي به ايئن ڪرڻ جون بيجون ڪندا ۽ اهڙن انيڪ ڏوهن جون سازشون ستيندا رهيا آهن.

نه وري ڪا اها ڳالهه وساري سگهجي ٿي ته، جن ماڻهن تي هينئر 11 سيپٽمبر واري دهشتگرديءَ جو الزام مڙهيو پيو وڃي، سي انهن ٽولن منجهان ئي آهن، جن کي سامراجين اهڙي ئي قسم جي ساڃين سنگين ڏوهن ڪرڻ لاءِ، ساڃي هاڻوڪي اوٽ يعني مذهبي انتهاپسنديءَ جي اوٽ ۾، پرتي ڪري، سيکاري پاڙهي، هٿياربند بٹائي، کين خدا جي مخلوق خلاف بيڃي ڇڏيو هو.

فطرت جي سائنس اسان کي سيکاري ٿي ته هيءَ انساني ڪائنات، چڑوچڑ شين، لقائن يا ڳالهين جي ڪائنات ناهي، پر هڪبئي سان ڳنڍيل تمام ننڍڙن ۽ تمام وڏن نظامن ۾ ڳٹيل شين، لقائن ۽ ڳالهين جي ڪائنات آهي. ان جي واڌاري جا ڪي فطرتي

قانون هي آهن: ڪائنات جي ذري ذري ۾ تضاد آهي، انهن ۾ هر گهڙيءَ ۾ سدائين چرپر ۾ تبديلي آهي. هر ذري ذري جا، هر ڀَالهه جا ابتڙ پاسا آهن. انهن ابتڙن جي پاڻ ۾ سدائين ٻڌي به آهي ته ويڙهه به. اهڙيءَ طرح ڪائنات اندر دائمي واڌ ويجهه ۾ ڦير گهير جاري آهي. هڪڙا لقاءَ ختم ٿين ٿا ۽ ٻيا انهن جي جاءِ وٺن ٿا. نيون شيون پراڻيون ٿيو يا بدلجيو وڃن. انهن جي جاءِ تي ٻيون جنم ٿيون. ڪابه شيءِ، لقاءُ يا ڀَالهه غير مشروط دائمي، سدائين هڪجهڙي ۽ سدائين ساڳيءَ حالت ۾ نٿي رهي سگهي. ڪابه ڀَالهه ڪڏهن به تبديل نه ٿي سگهندڙ قطعي يا آخري نٿي ٿئي. هر لقاءُ ۽ شيءِ سدائين تبديليءَ، چرپر، وهڪري ۽ ڦير گهير جي حالت ۾ هوندي آهي.

لطيف سائينءَ ان ماجرا جو ذڪر هن قسم جي لافاني سٽن ۾ ڪيو آهي:

"نڪو سڪ نڪتين، نه ويساند نئين."

(ڪائنات ۾ تارن جا ميڙ يا نڪت سدائين حرڪت ۾ آهن، ڪين ڪٽي به ڪو ٽڪاءُ ڪونهي ۽ نه وري نين ۾ درياهن کي وهڪري هلندي ڪا ويساهين ڪٽڻ جي فرصت آهي.)

اقبال ڪائنات جي ان ڪيفيت جو اظهار هن نموني ڪيو آهي:

ضمير مغرب هي ماجرانہ ضمير مشرق هي راهبانہ
وهان دگر گون هي لحظ لحظ يهان بدلتا نهين زمانہ
تو اسي پيمانہ امروز و فراسي نہ ناپ،
جاودان، پيهم دوان، هر دم جوان هي زندگي،
پراني هين يہ ستاري، فلک بهي فرسوده،
جهان وہ چاهيئي مجهکو ڪہ هو ابهي نوخيز!
کهي نہ راهنما سي، ڪہ چوڙ دي مجهہ کو
يہ بات داهر و نڪتہ دان سي دور نهين.

دنيا ۾ عقيدن جا ڪئين نظام آهن ۽ انهن جون ڪئين نت نيون ۽ ڏار ڏار تشريحون ٿيندڙيون رهيون آهن. ٿيندڙيون رهن ٿيون ۽ ٿيندڙيون

رهندیون. مختلف عقیدتي نظامن جي مختلف من پسند تشریحن جي اختلافن ۾ ابتڻ هن ڌرتيءَ تي انساني تاریخ ۾ ساڳین مذهبن جي مختلف فرقن جي ماڻهن جي وچ ۾ توڙي مختلف مذهبن جي ماڻهن جي وچ ۾ لاڳیتا، نه ختم ٿیندڙ خوفناڪ ٽڪر ۽ تباهه ڪندڙ جنگیون ڪرایون آهن، جن ۾ ڪروڙین بي گناهه انسان معذور یا قتل ٿي ویا آهن ۽ ڪئین ملڪ ۽ تهذیبون تباهه ۽ برباد ٿي ویون آهن.

مسلمان تاریخ جي غازي صلاح الدین، اڪبرِ اعظم، سر سید احمد خان، غازي مصطفیٰ ڪمال پاشا، محمد علي جناح، جمال عبدالناصر ۽ عبدالرحیم سوئیڪارنو جهڙن روشن خیال ۽ داناءُ رهنمائن هر دم چرپر ۾ رهندڙ ڪائنات ۽ ان جي اندر سدائین بدلجندڙ ڌرتيءَ ۽ انساني سماج ۾، انساني زندگيءَ کي ڪڌهن بہ، سدائین هڪ هنڌ بیٺل، سڪي ٿوڻ ٿي ویل، ڪاٺ جي بنڊ وانگر نه سمجهیو. هنن ڪڌهن بہ پنهنجون اکیون سدائین، جیڪي ٿي گذریو تنهن ڏانهن کتل نه رکیون. هنن ماضيءَ جون اهي سنیون ۽ ڪارائتیون ڳالهیون ۽ شیون ڪڌهن بہ نه وساریون، جیڪي پوءِ جي زمانن ۽ تاریخي ماحولن ۾ بہ ساڳيءَ طرح ڪارائتیون ۽ ڪارگر ثابت ٿیون، پر ان سان گڏ، هنن زندگيءَ جي انهن تبدیلین جو بہ پورو پورو خیال رکیو، جیڪي تبدیل ٿیندڙ زمانن ۽ حالتن آندیون هیون. هنن پنهنجي پنهنجي دؤر جي مسلمانن جي بهتريءَ لاءِ اهڙیون ڪارگر حڪمت عملیون ۽ اهڙا لچڪیدار طریقا ۽ ڏاهپ واریون واٽون اختیار ڪیون، جیڪي سندن زمانن ۽ حالتن ۾، مسلمان سماجن جي لاءِ جیڪي آزمائشون ڪڙیون ٿیل هیون، تن کي ڪامیابيءَ سان منهن ڏیڻ لاءِ ڪارگر ثابت ٿیون.

مسلمان دنیا کي جن ڳالهین جي اڄ ضرورت آهي، سي اهي آهن تہ سڄيءَ دنیا جا مسلمان عوام سجاڳ ۽ متحد ڪري، پنهنجي چوٽڪاري ۽ ترقيءَ جي جدوجهد ۾ سرگرم ڪیا وڃن. ان جدوجهد لاءِ هڪڙي اهڙي حڪمت عملي جوڙي وڃي ۽ اهڙا طریقا اختیار ڪیا وڃن، جو دنیا جا مسلمان لازمي طرح ماضيءَ جي حڪمت، دانائيءَ ۽ دلیريءَ مان سمورا گهربل سبق حاصل ڪن، پر سدائین پوئتي لوٽا هڻندو

رهڻ بدران پنهنجون نگاهون اڳتي وڌڻ جي وات طرف رکن. پنهنجي سموري دنيا جي حالتن کي، سموري علائقي جي حالتن کي ۽ پنهنجي تر جي حالتن کي سمجهن ۽ هر وقت خيال ۾ رکن. پنهنجي اندر کي موجوده دؤر جي عقلمنديءَ ۽ سائنسي سمجهه واري نئين جذبي ۽ جولان واري روح سان روشن ڪن. ڏگهي نظر ۽ گهري ڏاهپ سان سرشار ٿين. سڄي دنيا جي مظلوم، پيڙهيل ۽ لتاڙيل انسانيت سان عام طرح ۽ مسلمان ۽ ٽئين دنيا جي مظلوم، پيڙهيل ۽ لتاڙيل انسان ذات سان خاص طرح ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، ان لاءِ اڳتي مارچ ڪن، ته جيئن دنيا جي سمورن ملڪن ۽ قومن جي عوام جي سات سان سيني جي گڏيل پلائيءَ واسطي هڪڙو اهڙو نئون، روشن ۽ جرڪندڙ جهان اڏي سگهجي، جنهن جي پيڙهه حقيقي جمهوريت، سماجي انصاف ۽ انساني برابري، ضمير ۽ سوچ جي آزادي، قومي خود مختياري ۽ قومي برابريءَ تي ٻڌل هجي.

نه ته، دنيا جي تاريخ جا حقيقي سبق ڪهڙا آهن ۽ اڄوڪي دؤر ۾ قومي ۽ سماجي ترقيءَ ۽ اڏاوت جا ڪهڙا گس واقعي موجود ۽ ڪارائتا آهن، تن بابت سمجهه سان سوچڻ ويچارڻ ۽ اڳتي وڌڻ بدران جيڪڏهن مسلمان دنيا سڪٽن اکرن ۾ اڙجي، لڪير جي فقيريءَ وارا آسر پوتاڻا هوائي توائي ويچار ڏارندي، بند تي پاچاري ٻڌي، سُڪا زور ڏيندي، سکڻا هوائي نعرا هڻندي ۽ دڦ تي بندوقون چوڙيندي، ته لازمي طرح نيٽ وڃي تاريخي انڌن کوهن ۾ ڪِرندي ۽ جڙ ته خودڪشي ڪري ڇڏيندي.

لڪير جي فقيري، ماضيءَ جي انڌي پوڄا، پراڻن من پسند خوابن جي دنيا کي ساڀيا سمجهي، انهن لاءِ واجهه وجهڻ ۽ انساني سماج کي ڏاڏي آدم جي واري ڏانهن پوئتي ڌڪڻ جي خطرناڪ پورن پچائڻ جو ٽيڪو نه ڪڏهن اڳ ڪنهن هڪڙي ئي عقيدي يا مذهب جي ماڻهن جي حوالي هو ۽ نه هاڻ وري ڪو آهي. اڄ به اسان وٽ پنهنجن نام نهاد بنياد پرستن سان گڏ پراڻن ايامن جي تصورن جي پوڄا ڪندڙ ڪٽين هندو ۽ يهودي پويتر پوڄاري صاحب موجود آهن. جيڪي پنهنجي پوائتن تصورن واري خيالي ماضيءَ جي دنيا کي موٽائي انسان ذات تي

مڙهي، پاڻ موجون ڪرڻ لاءِ، ڪات ڪهاڙا ڪٽيو اُيا ٽيا ٻينا آهن ۽ "آدم بوءِ!" "آدم بوءِ!" پيا ڪن.

حاڪم طبقا، ٽولا، حڪومتون، سلطنتون هر دور ۾ عوام جي اٿاهه گڏيل قوت ۽ حڪمت کان ڊجندا ۽ انهن کان لنوائيندا رهيا آهن، ان ڪري هو دنيا جي ماڻهن کي هڪبئي کان چني ڌار، اڪيلو اڪيلو چڙوچڙ ۽ بي واهه ڪري، حڪم جو بندو بنائڻ لاءِ، ڪنهن نه ڪنهن مذهبي جهاجهه ۾ وجهي، کين گمراهه ڪري، مت مان ڪڍي، پنهنجي مطلب جا ڪاڻ ڪلهن تي ڪٽائيندا ۽ بي رحميءَ سان انڊ جي گهوڙن تي چاڙهيندا، ڪنڊ ير ڪيرائيندا، ختم ڪندا ۽ پاڻ تماشا ڏسندا، پنهنجا مطلب حاصل ڪندا ۽ گد گد ٽيندا رهندا آهن.

ويجهڑائيءَ وارين صدين ۾ يورپي غلام بنائيندڙن پنهنجي هندوستان ۽ ٻين غلام ٻيڪن ۾ به اهائي ڪرت پئي ڪئي. عالمي سامراج ۽ سندس اهي ظالم چاڙتا، جن کي هو مسلمان دنيا سميت ٽئين دنيا جي ملڪن جي عوام کي، پنهنجي مُٺ ۾ رکڻ لاءِ مٿانئن حاڪم بڻائي ٽاڪيندو رهيو آهي، سي پاڻ ۾ هم صلاح ٿي، هڪڙي اهڙي اٿاهه عالمي مافيا بڻيل آهن، جن دنيا جي ڪروڙين اربين فاقا ڪاٽيندڙ ۽ عذاب سهندڙ انسانن کي غلاميءَ جي ڪاڻ ۾ وجهي ۽ ظالم گهاڻي ۾ پيڙهي، سندن زندگيون زهر ڪري ڇڏيون آهن.

سامراجي اڄ ٻه پاڪستان، اسرائيل، هندوستان، سعودي عرب ۽ ٻين ملڪن ۾ ماڻهن کي مذهبي جهاجهه ۾ وجهي، کين پراڻن زمانن بابت خيالي پورن پچائڻ ۾ مبتلا ڪري، مَت مان ڪڍي، کين پنهنجو غلام بنائڻ لاءِ، پئسو پاڻيءَ وانگر وهائي رهيا آهن. هو جيڪي هاڻ رات وچ ۾ انهن ڳالهين جا ڪٽر مخالف بڻجي پيا آهن، سو رڳو پنهنجي مطلب واسطي، ٿوري دير لاءِ، منافقن وارو ڊونگ پيا رچائين. ڪم ڪيڻ کان پوءِ وري سندن اهي ئي لاڻون هوندا ۽ اهي ئي چگهه، بلڪ هن گهڙيءَ ٻه سندن اڳوٽي ڪرت جاري آهي.

سامراجي قوتون، تاريخي طرح افغانستان تي اڳرائيون ڪنديون، ڪيس ناجائز طرح هٿ جو ڪيڏوٽو ڪري استعمال ڪنديون رهيون

آهن. هو صدين کان افغانستان جي عوام خلاف ڪڏهن به معاف نه ڪري سگهجڻ جهڙا ڏوهه ڪندا رهيا آهن. سامراج پنهنجي مذهبي قسم جي توڙي بين افغان ۽ پاڪستاني چاڙتن معرفت انهن ٻنهي ملڪن خلاف ڪئين دهشتگرديءَ واريون ڪارروائيون ڪيون آهن ۽ کين تباهه ڪيو آهي. پاڪستان تي جيڪي مصيبتون نازل ڪيون ويون آهن، تن ۾ افغان مهاجرن جون ٻوڏون، هيروئن ۽ ڪلاشنڪوف ڪلچر، فرقيوار خونريزيون شامل آهن.

افغانستان ۽ پاڪستان جي ماڻهن سان جيڪي عقوبتون ڪلهه توڙي اڄ ڪيون ويون آهن، تن جا اڳرا نتيجا هو گهڻي زماني تائين لوڙيندا رهندا.

سامراج ۽ سندس افغان ۽ پاڪستاني چاڙتا، افغان ۽ پاڪستاني عوام جي قسمتن سان جيڪي جوائون کيڏندا رهيا آهن، تن ۾ هار ـ کٽ جي سزا، افغان ۽ پاڪستاني عوام کي ڏيڻ جو سامراج کي ڪوبه حق ڪونهي.

تاريخي طرح اهو ڏٺو ويو آهي ته جڏهن غريب، بي واهه ۽ پوئتي پيل عوام تاريخ جي ڪنهن اونداهي دؤر ۾ پاڻ کي ڪنهن اهڙي خطرناڪ وڪڙ ۾ ڦاٿل ڏسندا آهن، جتان نڪرڻ لاءِ کين ڪابه واهه ڪانه سجهندي آهي، تڏهن هو وڃي هن دنيا کان بيزاريءَ ۽ مذهبي انتها پسنديءَ ۾ مبتلا ٿي پوندا آهن.

اڳوٽي زماني ۾ جڏهن رومي شهنشاهيت جو زوال ٿيو هو ۽ لاقانونيت ۽ افراتفري ڦهلجي ويئي هئي، تڏهن به ايئن ٿيو هو ۽ هن زندگيءَ مان بيزار ۽ نااميد ٿي، غريب ۽ بي واهه ماڻهو آخرت ۾ سڪ جو ساهه کڻڻ جي آسري تي بکين شينهن اڳيان اچلائجڻ کي به سهسائڻ لڳا هئا. اڄ جڏهن سوويت يونين، جيڪا مغربي ڌرين جي اکين ۾ زورائين ۽ مهم جوئين اڳيان آڏ بڻيل هئي، سا ختم ٿي چڪي آهي ۽ دنيا تي مغربي عيسائي اڪيلو سپر پاور چانئجي چڪو آهي ۽ مسلمانن سميت ٽئين دنيا جي گهڻن ملڪن جا حاڪم دنيا جي نئين، تن تنها، آقا جي پيرن ۾ وڃائجي چڪا آهن، تڏهن ڌرتيءَ جي اڪثر ڪنڊن ۾ رهندڙ اربين بدحال ماڻهن کي پنهنجي چوٽڪاري جو ڪوبه گس نظر نٿو اچي.

اڄوڪي مسلمان دنيا جي اڪثر بادشاهن ۽ "روشن خيال جمهوري"

حاڪمن بابت مسلمان عوام جو گھٽي ياڳي خيال آهي تہ اهي ڪرپٽ ۽ سياسي طرح بداخلاق ظالم سامراجي ڇاڙتا آهن. جيڪي پنهنجي عوام ۽ ملڪ جي حقن خاطر اٿي بيهڻ لاءِ هرگز تيار ناهن. ان ڪري مسلمان عوام انهن کان بيزار ۽ مايوس ٿي پيا آهن ۽ اهوئي سبب آهي جو منجهانئن ڪي ماڻهو مذهبي انتها پسنديءَ، ماضي پرستيءَ ۽ بنياد پرستيءَ ڏانهن لاڙو رکڻ لڳن تا.

جمال عبدالناصر، عبدالرحيم سوئيڪارنو ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جهڙا ماڻهو جن بابت مسلمان عوام صحيح يا غلط پر سمجهيو ٿي تہ اهي مسلمان اڳواڻ، باهرئين دٻاءَ جو مقابلو ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اهڙي سگهہ ۾ رکن تا. تن کي سامراج طرفان پنهنجي مسلمان ڇاڙتن هٿان سازشون ڪري ناڪام بڻايو ويو. سندن تختو اونڌو ڪري سندن انت آندو ويو ۽ سندن جاين تي اڳڙين جا گڏا ناهي ويهاريا ويا. نتيجو اهو نڪتو جو جيڪي مسلمان عوام سامراج طرفان صدين کان ڇاڪاڻ سماجي طرح پوئتي رکيا ويا آهن ۽ جن کي هڪڙي پاسي کان نام نهاد جمهوريت پسند سامراجي ڇاڙتن هٿان غير عملي هوائي ڍانچن، نڪائن وسيلي، گشن پتن تي هلائي هلائي، ٽڪائي ساڻو ۽ مايوس ڪيو ويو آهي، تہ ٻئي پاسي سامراج طرفان پنهنجن عالمي سياسي چڪرن، سازشن ۽ فتنن لاءِ پرتي ڪيل ۽ ڏٺا ڏيئي، هوائون پري، مغز ڦيرائي ڇڏيل مذهبي انتها پسندن هٿان کين تريءَ تي بهشت بنائي ڏيڻ جا سبز باغ ڏيکارائي، ڪيترن جا پير زمين تان کڻي ڇڏيا ويا آهن.

ان صورتحال ۾ ڪيترائي اٻوجهہ ۽ سادا مسلمان ڪن انتها پسندن کي لکين مرضن ۾ مبتلا مسلمان دنيا جا حاذق حڪيم، ويج ۽ طبيب ۽ دنيا جا اهڙا اعليٰ ۽ بي مثال سورما ڪري ليکڻ لڳا آهن. جن سندن نظر ۾ ماضيءَ جي مسلمانن خود ڪيترائي اهڙا ماڻهو جيڪي انتها پسندن جي سموري حڪمت عمليءَ کي غلط ۽ سر وڃائيندڙ سمجهن تا. تن مان بہ ڪي ماڻهو سمجهن ٿا تہ 11 سيپٽمبر وارو غلط ۽ دردناڪ ڪم جي واقعي انهن ئي ڪيو آهي ۽ ان جي کين ڪيتري بہ ۽ ڪهڙي بہ وڏي ۾ وڏي سزا ڏيڻ جائز ڇو نہ هجي ۽ ڏني بہ ڇو نہ وڃي ۽

جي هو سمورا ڪٽي، ايندڙ ائٽن پهرن اندر نيست ۽ نابود ڇو نه ڪري ڇڏيا وڃن، پر ان غلط قدم ذريعي هنن شعوري يا لاشعوري طور سامراج جي آسمان سان چوٽي گسائيندڙ غرور ۽ تڪبر جو ڪم هميشه هميشه لاءِ ايئن جهوري ۽ اهڙيءَ ريت دنيا جي مجبور عوام ۽ سامراج جي وچ ۾ طاقت جو توازن ايئن هميشه هميشه لاءِ بدلائي ڇڏيو جيئن ڪرڙ موجوده دنيا جي ٻئي ڪنهن به وڏي ۾ وڏي طاقت جي وس ۾ ئي ناهي ۽ هن واقعي کان پوءِ دنيا هميشه هميشه لاءِ ايئن بدلجي ويئي آهي جو ان جا تاريخي اثر صدين جون صديون قائم رهندا. هو سمجهن ٿا ته انهن ٻگالهين جي ڪري هڪڙي مخصوص تاريخي معنيٰ ۾ هي افسوسناڪ ۽ دردناڪ واقعو سموري انساني تاريخ جي سڀ کان دور رس نتيجن پيدا ڪرڻ وارن منجهان هڪ ثابت ٿيندو.

اسان پاڪستان جي ماڻهن کي جيڪڏهن اسان جا پنهنجا ڪرپٽ ۽ ڏارين جا ڳيجهو بالادست طبقا ۽ ڏارين طرفان ٽاڪيل ۽ سندن اشارن تي نچندڙ حڪمران ٽولا ڦري، ماري، تباهه ڪري، بکون مرندڙ ڪنگلن ۽ پينو فقيرن جو هجوم نه ٻڌائي ڇڏين ها ته اسان کي ڪوبه هيئن بي وس، حڪم جو بندو، گولو ۽ ڊفر ڪري هلائي نه سگهي ها.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اسان تي ڏارين جي مڙهيل حاڪم ٽولن جي ماڻهن ۾، جيڪڏهن ڪنهن ذهني ۽ سياسي معيار جا ماڻهو هجن ها، جيڪڏهن منجهن ڪا ٿوري گهڻي سچائي، لياقت ۽ ڪو ٿورو گهڻو سياسي ڪردار هجي ها، ته اهي ماڻهو کدڙي مان پٽ جمي پوڻ ۽ گهر ويني هڪڙي نئين ڪوري ملڪ جي بادشاهي هٿ چڙهي ويڙ جي نشي ۾، اهڙا مست نه ٿي وڃن ها، جو اها ٻگالهه ڪانئن بلڪل وسري وڃي، ته پاڪستان جي تحريڪ رڳو ان ڪري ڪامياب ڪانه ٿي هئي جو مسلمان هندوستان جي ماڻهن ۾ اهي تهذيبي ۽ تاريخي امنگون ۽ سماجي ۽ سياسي ارمان موجود هئا ته کين به هندوستان جي اقتداري اڌاوت مان پنهنجي پٽيءَ مان جائز حصو ملڻ گهرجي ۽ نه وري رڳو ان ڪري جو سندن چوڻ مطابق هندوستان جي اڪثريتي برادريءَ ۾ وڏو تڪبر هو حد کان وڌيڪ احساسِ برتري هئي ۽ ڪنهن به قسم جي ڇڏ ڇوٽ ۽ ڪجهه

ڏيڻ کجهہ ونڻ واري لچڪ کانہ هئي. اهي ڏارين جا حڪمران جيڪر اها ڳالهہ هر دم ياد رکن ها تہ نئين ملڪ قائم ٿيڻ جي جدوجهد جي ڪاميابيءَ جو بين ڳالهين کان سواءِ هڪڙو وڏي ۾ وڏو سبب اهو بہ هو تہ ان جدوجهد جي اڳواڻي محمد علي جناح جهڙي هڪڙي مڪمل طرح جديد مسلمان اڳواڻ ڪئي هئي، جنهن هندوستان جي مسلمانن جي امنگن ۽ ارمانن جي جديد ۽ روشن خيال، وسيع نظر ۽ دور انديش تشريح ۽ تعبير ڪئي، ان کي ساڀيان بنائڻ لاءِ هندوستان جي ان دؤر جي تاريخي حالتن جي عين مطابق، پنهنجو اڪابر ذهن ۽ پنهنجون آئيني، سياسي قابليتون ڪتب آڻي، هڪڙي لچڪيدار حڪمت عملي ۽ عقلمنديءَ وارا طريقا گهڙي تيار ۽ اختيار ڪري، جدوجهد کي وڏي دانائي ۽ دليريءَ سان ماڳ تي رسايو. جڏهن محمد علي جناح ورهاڱي کان پوءِ جلد ئي بيماريءَ سبب حياتي ۽ موت جي ڇڪتاڻ ۾ مبتلا ٿي ويو تڏهن جيڪڏهن سندس نام نهاد پوئلڳ حاڪم ڇين سان سندس ساراهن جا ڏڪ پريندي پريندي، سندس جمهوري وطن دوست آدرشن سان دغا ڪري، سندس روشن خيال سماجي سياسي واٽ تان گوهي ڏيئي، پڇي وڃي سامراجي ڪئمپ وسائي ويهي نہ رهن ها ۽ عملي طرح اها انتها پسند مذهبي نظرياتي واٽ نہ وڃي ونڻ ها، جيڪا سامراج جي انهن من پسند مولوي سڳورن جي واٽ هئي، جيڪي پاڪستان ٺهڻ کان ٿورو وقت اڳ تائين، ڪن زمانن کان، مهاتما گانڌيءَ واري اکنڊ پارت واري نظريي تي ڪلمو پڙهندا رهندا هئا ۽ پاڪستان جي تحريڪ جي سخت مخالفت ڪندا هئا ۽ انعام طور ان قابل، صد احترام، هر فن مولا، استاد قسم جي مهاتما کان "قومپرست مسلمان" جا جاهہ جلال وارا لقب القاب حاصل ڪريو ويٺا هئا. جيڪڏهن اهي حڪمران ٽولا ايئن نہ ڪن ها تہ پاڪستان جي صورتحال اڄ بلڪل ڪا ٻي هجي ها.

وري جي اهي ٽولا رات ڏينهن پنهنجي ملڪ ۽ ان جي محروم ۽ مظلوم ماڻهن جي پلي بدران پنهنجي مفادن ۽ پنهنجن آقائن جي مفادن جي پويان نہ لڳا پيا هجن ها. جيڪڏهن هو ون يونٽ ۽ مارشل لائن پٺيان مارشل لائون مڙهڻ، مشرقي پاڪستان، بلوچستان ۽ سنڌ

جي قتلامن، 1965ع ۽ 1971ع وارين فضول جنگين وسيلي ملڪ جون توانائيون برباد نه ڪن ها. لساني، فرقيوار دهشتگرد ٽولا پرتي ڪري، سيڪاري، تيار ڪري، هٿيار ڏيئي، ملڪ جي سنڌ صوبي ۽ ٻين هنڌن تي دهشتگرديءَ جا آڙاهه نه مچائين ها. جيڪڏهن هو نالي ۾ ملڪ جي ترقيءَ لاءِ پر حقيقت ۾ پنهنجا ۽ پنهنجن حوارين جا ڪيسا پُر ڪرڻ لاءِ، دنيا مان اربين ڊالر قرض کٽي، ملڪ جي عوام کي قرض ۽ ڏيوالپٽي جي اٿاهه سمنڊ ۾ غرق نه ڪري ڇڏين ها ۽ بئنڪن تي جنسي ڏاڙا هٽي، انهن کي کٽائي ڪنگلو نه ڪري ڇڏين ها، ته ملڪ جون حالتون اهڙيون خطرناڪ ڪونه ٿي وڃن ها، جهڙيون هاڻي آهن.

اسين جيڪي ائٽمي طاقت ليکجون ٿا، سي سڄي دنيا اڳيان ايئن خوار خراب نه ٿيون ها، جو اسين دڙڪن ملڻ ڪري ڍهي اچي پٽ پيا آهيون ۽ افغانستان ۾ هلندڙ قتلام جي خون جي ملهه طور روز روز اخباري اعلانن ۾ ٻڌائجندڙ خسيس رقمون وٺي، نه رڳو پاڻ کي پر سموري ٽئين ۽ مسلمان دنيا کي خوار ڪري چڪا آهيون.

افغانستان بابت سامراج ۽ سندس افغان ۽ پاڪستاني چاڙتن جي ڪارستانين جو افغانستان کان پوءِ ٻيو بدترين شڪار سنڌ ٿي آهي، جيڪا هيروئن، ڪلاشنڪوفن ۽ لکين بکين، جهيڙاڪ ۽ وڙهه وڙهان ڪندڙ افغان پناهگيرن ۽ خدائي پروانن جي دعويداري ڪندڙ ۽ خطرناڪ هٿيارن سان هٿياربند افغان دهشتگرد ٽولن سان سٽجي ويئي آهي. اسان کي هن وقت اهو فوري ۽ هڪيو تڪيو خطرو سامهون آهي ته اسين جيڪي هن پنهنجي تاريخي گهر سنڌ جا قديم رهاڪو آهيون، تن کي مٽيون ٻوڙون لٽي، لوڙهي، ميساري نه ڇڏين.

پاڪستان جا انصاف پسند ماڻهو اهي گهرون ڪرڻ مهل هرگز اڪيلا ناهن ته افغانستان مٿان بمباري هڪدم بند ڪئي وڃي، باهريون فوجون واپس گهرايون وڃن ۽ مسئلي کي مهذب طريقي سان حل ڪيو وڃي. خود فاشسٽ ۽ نازي درندا، جن ڪروڙين بي ڏوهه انسانن کي بي دردي ۽ سان قتل ڪري ۽ جن سڄي يورپ کنڊ کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو تن کي به نيومبرگ شهر ۾ هڪڙي بين الاقوامي

عدالت اڳيان پيش ڪري. مٿن سالن جا سال باقاعدي مقدمو هلايو ويو ۽ کين پنهنجي بچاءَ جو پرپور کان پرپور موقعو ڏنو ويو. ڪنهن کي به اها اجازت نہ ملڻ گهرجي ته فرياديءَ به پاڻ ٿئي. ته فرياديءَ ڏر پاران ڪيس هلائيندڙ به پاڻ ٿئي ۽ فتويٰ جو صاحب به پاڻ ٿئي.

ايئن ڪبو ته دنيا کي جڙ چئي ٻڌايو ويندو ته دنيا جي نئين اڪيلي سپر پاور جي معاملن ۾ حقي واجبي شنوائيءَ جا دروازا بند رهندا ۽ ڪنهن جي ڪاب ڳالهه ڪانہ ٻڌي ويندي. ان صورتحال جا جيڪي نتيجا نڪرندا. سي سڀ ڪو سمجهي سگهي ٿو.

هتي اها ڳالهه ڪرڻ نامناسب نہ ٿيندي ته اڄوڪي مغربي تهذيب ۾ اهڙي فضيلت موجود آهي جو ان جي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اهڙا ڪيترائي عام راءِ جا اڳواڻ موجود آهن. جيڪي انهن مٿين جائز مطالبن جي پرپور حمايت ٿا ڪن ۽ مطالبا ٿا ڪن ته دنيا ۾ هڪڙو اهڙو نئون عالمي نظام قائم ڪيو وڃي. جنهن ۾ افغانستان. فلسطين. ڪشمير ۽ عراق سميت سموري روءِ زمين جي محروم ۽ مظلوم ماڻهن کي پنهنجو پنهنجو حق پلئہ پئي سگهي.

جيڪي ضروري ڪم هڪدم ٿيڻ کپن. تن ۾ هيٺيان ڪم شامل آهن:

1. افغانستان تي بمباري هڪدم بند ڪئي وڃي.
2. 11 سيپٽمبر جي واقعن ۾ امڪاني طرح ڪهڙا ماڻهو ملوث هئا. سا جاچ لهڻ لاءِ هڪڙو خودمختيار تحقيقاتي ٽربيونل مقرر ڪيو وڃي. جنهن ۾ دنيا جا اهڙا نامور قانوندان شامل هجن. جن جي سچائي ۽ غير جانبداريءَ جي ساک پت سڄي دنيا ۾ ميجيل هجي.
3. سڄي عالمي برادري پنهنجي عالمي ترقيءَ جي واسطي گڏ ٿي. جن ماڻهن بابت تحقيقاتي ٽربيونل شڪ ڏيکاريو هجي. تن کي هٿ ڪري. هڪڙي اهڙي عالمي فوجداري عدالت ۾ پيش ڪن. جنهن عدالت ۾ مسلمان جج به شامل هجن ۽ سمورا جج سموري جڳ جهان جا جاتل سياتل ۽ ميجيل قانوني مهارت رکندڙ ايماندار ۽ آزاد خيال جج هجن.
4. سموري گهربل قانوني عمل جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ مٿئين

عدالت طرفان مقدمي بابت جيڪا فتويٰ ڏني وڃي، تنهن تي عمل ڪرائڻ کي عالمي برادريءَ جي ساک ۽ وقار جو سوال سمجهي، ان تي پرپور عمل ڪرايو وڃي.

5. اقوام متحده جي سهاري هيٺ ۽ نيلسن منڊيلا جهڙي ڪنهن سڃي جهان جي لاءِ قابلِ احترام شخصيت جي سربراهيءَ ۾ هڪڙي تحقيقاتي ڪميشن مقرر ڪئي وڃي، جيڪا اها ڳالهه طئي ڪري ته صحيح معنيٰ ۾ دهشتگردي کهڙي ڪم کي چئي سگهجي ٿو ۽ اهو ظاهر ڪري ته ماضيءَ ۾ توڙي هاڻ هن وقت، دهشتگرديءَ کي پالڻ، وڌائڻ ويجهائڻ ۽ استعمال ڪرڻ واريون قوتون کهڙيون آهن ۽ دهشتگرديءَ جون پاڙون پٽڻ، ان ۾ سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح ملوث ٿيل فردن، ٽولن، حڪومتن کي سيڪت ڏيڻ لاءِ کهڙا اُپاءَ ورتا وڃن.

6. ٻاهرين قوتن طرفان افغانستان ۾ مڃايل جنگين، افغان سماج سان جيڪو قهر ڪيو آهي، تنهن جو افغان عوام کي پورو پورو معاوضو ڏنو وڃي، ته جيئن هو بين الاقوامي مدد سان پنهنجي ملڪ ۾ هڪڙي ڪارائتي معيشت ناهين.

7. بين الاقوامي برادري افغان عوام کي ان ڳالهه ۾ مدد ڪري ته هو پنهنجي ملڪ واسطي هڪڙي اهڙي حڪومت ناهين، جيڪا صحيح معنيٰ ۾ اهڙي خود مختيار، روشن خيال، جمهوري، وطن دوست، اڳتي ڏانهن رخ رکندڙ ۽ وسيع بنيادن واري هجي جو اها پنهنجي ملڪ کي ڏاري دست اندازي ۽ ڏٻاءَ کان سواءِ هڪڙي روشن آئيندي ڏانهن ونڊي هلي سگهي.

8. جيستائين اهڙي حڪومت نٿي ٿئي پنهنجا پير پختا ڪري سگهي، تيستائين وچ واري مدي لاءِ افغانستان واسطي هڪڙو بين الاقوامي فورس قائم ڪيو وڃي، جنهن ۾ ڏکڻ آفريقا، فن لينڊ، سئٽزرلينڊ، بنگلاديش، مليشيا، تنزانيه ۽ زمبابوي جهڙن ملڪن جا فوجي دستا شامل هجن.

(عوامي تحريڪ شڪارپور)

اقوام متحده ۽ عالمي سامراج

ڇرپر، تبديلي، ارتقا ۽ انقلاب ڪائنات ۾ واڌاري جون مکيہ صورتون آهن. لقاءَ شيون ۽ ڳالهيون پهريائين هوندیون ٿي ڪونہ آهن، پوءِ سرجندیون، اُسرندیون، نسرندیون ۽ جوان ٿيندیون آهن ۽ پاڻ مان نيون ڳالهيون ۽ شيون پيدا ڪندیون آهن، پوڙهيون ٿيندیون آهن ۽ نيٺ مري ويندیون آهن. دنيا ۾ حاڪميت ۽ حڪومتن جي قائم ٿيڻ ۽ وڌڻ گهٽجڻ جو قصو بہ ان اصول پٽاندڙ آهي، پهرين دنيا ۾ ڪابہ مڪمل انساني اختياري نالي ءَ ڪا شيءِ ڪانہ هئي. پوءِ ڳوٺن ۽ قبيلن جون نندڙيون نندڙيون اختياريون وجود ۾ آيون. ننڍا وڏيرا ۽ قبيلائي سردار پيدا ٿيا. پوءِ جڏ ٻارهن ڪوهن جون نندڙيون الڳ الڳ بادشاهيون ٺهيون، پوءِ هڪ ٻئي پويان ملڪي حڪومتون ۽ شهنشاهتيون اُسريون نسريون ۽ ڍهي ختم ٿي ويون ۽ انهن جي جاءِ ٻين ورتي. سڄي دنيا تي حڪومت ڪرڻ جو خواب تهذيب جي پريات کان وٺي ماڻهن جي ذهنن تي سوار ٿئي رهيو آهي، پهريون ماڻهو جنهن علي الاعلان سڄي دنيا فتح ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ نہ وسهڻ جي حد تائين ان ۾ ڪامياب ٿيو سو هو سڪندر اعظم. حيرت انگيز انسان هو. مشرق ۾ هن بابت رڳو قصا ڪهاڻيون آهن. ان جي گهڻن غير معمولي پاسن واري نرالي شخصيت ۽ ڪارنامن کي سمجهڻ جي ايجا هتي ڪوشش بہ شروع ڪانہ ٿي آهي.

هندستان ۾ بہ هڪڙي عجيب ماڻهوءَ سڪندر جي جاءِ نشين ٿيڻ جا خواب ٿئي ڏٺا، پر سندس دؤر جي ماڻهن سندس ڳالهہ ئي ڪانہ ٻڌي منجهس ايترو دم بہ ڪونہ هو. پر گهٽ ۾ گهٽ ان قسم جو حوصلو سو ظاهر ڪيائين. اهو هو علاؤ الدين خلجي، چنگيز خان هڪ حد تائين عالمي فاتح ٿيو ڪانئس اڳ ڪئين جنگجو قبيلا نڪري پيا هئا. هون، سٿن، آريا، عرب ۽ ٻيا ڪئين راج رٽن پٽن جي اونهاين مان نڪري دنيا جي وڏن حصن کي وکوڙي ويا هئا. دنيا جي پهرين وڏي ۾

وڏي سلطنت هئي رومي سلطنت جيڪا پوري يورپ ۽ برطانيا سان گڏ اولهه ايشيا ۽ اتر آفريڪا جي مالڪ هئي. رسمي طرح اها تقريباً 2000 سال قائم رهي. ان کان پوءِ دنيا جي وڏي ۾ وڏي سلطنت برطانيا جي هئي، جيڪا اٽڪل 200 سال هلي.

ان کان پوءِ ۾ سپر پاور ٽيا آمريڪا ۽ روس. هاڻ آمريڪا اڪيلو پڙ جو پاڏو ٽيو بيٺو آهي. يورپ ۾ گڏيل جرمني وري به اُپري پئي، اوپر ۾ جاپان ڏاڍيون فلڪون پيو ڏيکاري، پر اڇڪلهه مڙس ڪجهه مڙيئي ٿورو ليٽ آهي.

ڪنهن هڪڙي قوت جي عالمي شهنشاهيت جي تصور سان گڏوگڏ ڪيتري زماني کان وٺي دنيا جي سينڀ انسانن جي رضامنديءَ سان سينڀ جي پلي خاطر قائم ڪيل هڪڙي سڄي دنيا جي عالمي حڪومت جو تصور به گڏوگڏ هلندو رهيو آهي.

ان سلسلي ۾ پهريون اهم تجربو League of Nations جو آهي. اها عالمي حڪومت جي جڙ ته پهرين ريهرسل هئي، جيڪا پهرين جنگ عظيم جي خاتمي کان پي جنگ عظيم جي شروعات تائين هلي. ان جي باري ۾ وڌيڪ اهم ڳالهه اها ناهي ته اها چا نه ڪري سگهي، پر وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته اها هڪ نئين تصور ۽ نئين تجربي طور وجود حاصل ڪرڻ ۾ ڪيئن ڪامياب ٿي ۽ هڪڙي عالمي اداري طور هيترا ڏينهن پنهنجو وجود ڪيئن ايري سيري حال ۾ قائم رکي سگهي ۽ ڪيئن ڪيترين نين روايتن منصوبن ۽ اُميدن کي پيدا ڪرڻ کان سواءِ ختم نه ٿي.

ان جي جاءِ نشين جميعت اقوام آهي، جنهن جي ڪمزورين، ناڪامين، پاس خاطرين ۽ مغربي طاقتن جي هٿن ۾ هٿيار طور ڪتب اڇڻ جي حقيقتن جو داستان دنيا جي سمجهو ماڻهن کي ياد آهي. ڪا مظلوم قوم ڪانهي، ڪو هيٺو ملڪ ناهي، جيڪو اقوام متحده کي ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان هڪ سياسي مُڙدي، هڪ ڊونگ ۽ هڪ فراڊ جي روپ ۾ نه ڏسي چڪو هجي. پر اقوام متحده جي سلسلي ۾ به سڀ کان اهم ڳالهه اها ڪانهي. سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته اها هيترين ناڪاميابين، خوارين ۽ ڏکرين کان پوءِ به نه رڳو زندهه آهي پر ڏسڻ ۾ به زندهه پئي نظر اچي. هينئر ان ۾ 189 ميمبر شامل آهن. هر

شڪايت جي باوجود ڪنهن ملڪ کي ان مان نڪرڻ جي ڌمڪي ٿي ملي ته سندس مُنهن لهيو ويڃي.

تازو يوگوسلاويه کي اها ڌمڪي ڏني اٿن ته "توکي اقوام متحده مان نيڪالي ٿا ڏيون." ته اهو ٽنگا تولي ٿي ڪڇڻ لاءِ تيار آهي پر رضاخوشيءَ سان ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. ڇو؟ ڇاڪاڻ ته روءِ زمين جي هزارين سالن جي سياسي تاريخ ۾ هي پهريون اِدارو آهي، جتي ننڍي ۾ ننڍي 10.5 هزار ماڻهن جي حڪومت کي به رسمي، قانوني ۽ آئيني حق حاصل آهي ته هو بين الاقوامي پارليامينٽري زبان ۾ دنيا جي وڏي ۾ وڏي قوت جي خلاف ڪيس داخل ڪري. سلامتي ڪائونسل جي اڳيان پنهنجو ڪيس پيش ڪري. اربن ماڻهن اڳيان ان ملڪ خلاف خواري مڃائي ۽ دنيا جو ضمير ڇاهي اهو ڪهڙي ٻه حالت ۾ آهي، تنهن کي جهنجهوڙي، دنيا جا يار دوست گڏ ڪري اڳلي ڏُر تي دٻاءُ وجهي وغيره وغيره. اقوام متحده تاريخ ۾ پهريون دفعو بين الاقوامي ۽ رياستي داداگيري ۽ غنڊه گيريءَ کي سمورا ليکا نه لتاڙڻ تي ڪنهن نه ڪنهن حد تائين مجبور ڪيو آهي. ان اهڙا گس ۽ واٽون ڪيبون آهن، جن جي وسيلي حڪومتي قدن ۽ تڪرارن جو راڇوٽي ڳوناٽي نموني چار چڳا ويهي ڪنهن نه ڪنهن حد تائين ٿوري گهڻي حياءَ ۽ فضيلت وارو فيصلو ڪري سگهن ٿا.

هن وقت اقوام متحده جي هاڻوڪي سيڪريٽري جنرل مصر جي بطروس غاليءَ اقوام متحده ياران "عمل جي ايجنڊا" "Progressive of Action" نالي هڪڙو پروگرام پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ هڪڙي عالمي جمهوري حڪومت جا ڪي بج نظر اچن ٿا.

اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل اڳيان هن وقت تي مکيه انتظامي مسئلا آهن:

هڪڙي تربيت يافته فوج جيڪا بين الاقوامي جهيڙن ۾ توڙي خانه جنگين ۾ اقوام متحده طرفان نافذ ڪيل جنگ بنديءَ جي اثرائتي نگراني ڪري ۽ ان کي يقيني بنائي ۽ ڇڪڙين جي حالتن ۾ انهن کي اثرائتو مُنهن ڏيئي سگهي.

اقوام متحده جي انهن بين الاقوامي ذميوارين جي پوئو ريءَ لاءِ مناسب ۽ مستحڪم مالي وسيلا.

جميعت اقوام طرفان اهڙو واضح هدايت نامو جنهن مطابق انساني
عيت جي مسئلن ۽ خاص حالتن ۾ واسطيدار حڪومتن جي راءِ کي
ڻي ب ستايلن جي انساني امداد ڪري سگهجي.

هن وقت جميعت اقوام جي اڳيان يوگوسلاويه ۽ صومالیه ب وڏا عالمي
ليڪ آهن. هڪڙي ۾ خانه جنگي آهي، بئي ۾ ڏُڪار. مغربي ملڪن،
ن گذريل ڏهاڪن ۾ انساني حقن جي حمايت جون هيڏيون وڏيون
واڻون پئي ڪيون ۽ روس ۽ چين ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين بابت
ل ساهه ٽي نڪتن، سي يوگوسلاويه جي معاملي تي جنهن شرمناڪ ۽
رمانه انداز سان مظلوم ٽوراين جي قتل عام جو تماشو ڏسي رهيا آهن.
هن مان سرمائيدار نظام جي پاڪستاني عاشقن ۽ خاص ڪري سنڌي
وانن کي عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي مواد موجود آهي.

روس ۾ سوشلزم جي زوال کان پوءِ سنڌ ۽ پاڪستان سميت سڄي
با ۾ اهي واڌايون ڏوڙي ويون ته غريبي، بُک ۽ ڏُڪار جو هڪ ٽڪ
لاج هاڻ سرمائيداري نظام آهي.

سوشلزم معنيٰ ڪنگال پڻو ۽ سرمائيداري معنيٰ سُک ۽ سڪار.
ومالیه ۽ سوشلزم جي 'س' ب ڪانهي ۽ سماجي نظام سرمائيدارانه ۽
گيردارانه آهي ته ب ڏُڪار سبب لکين ماڻهن جو مرڻ هيتري وڏي
صي گذرڻ کان پوءِ ب بند نه ٿيو آهي.

روس، چين ۽ بين سابق سوشلسٽ ملڪن جي ماڻهن جي غريبيءَ
رت جا ڳوڙها ڳاڙيندڙ آمريڪي- يورپي سرمائيدار ملڪ ۽ جاپان
ڪي دولت جي ڪري هڪيءَ کان ٽا ڦاڻن، انهن جي ڏسندي
ومالیه جا ماڻهو هزارن جي حساب سان ڦٽڪي ڦٽڪي، موت جو ب
رهيا آهن. روس جي زوال کان پوءِ اقوام متحده ۾ غير جانبدار
ڪن جن کي 77 جو گروپ ٿو سڏجي، تن جي اڳوڻي لئي ڪانه رهي
ي ۽ دنيا جي وڏن سرمائيدار ملڪن سان اقتصادي سوديبازيءَ ۾
ندن پوزيشن اڳي کان ب گهٽو ڪمزور ٿي ويئي آهي. هاڻي جنگ جا
ميلا صرف سرمائيدار ملڪن جي هٿ ۾ آهن، جيڪي جنهن کي
ين تنهن کي ٻليءَ مان شير ۽ جنهن کي وڻين تنهن کي شير مان ٻلي
ائي سگهن ٿا. ان ڪري ٽين دنيا جي ملڪن لاءِ هاڻ اجهو آسرو رڳو

اقوام متحده ئي وڃي رهي آهي. ان ڪري هو قدرتي طرح سان ان کي مضبوط ڪرڻ جي بہ وڌيڪ فائدي ۾ آهن. جيتوڻيڪ ان ڳالهہ مان سندن واسطي ڪيترا خطرا بہ آهن.

ٽين دنيا جي ملڪن جي انهيءَ رجحان کي ڪيترائي سرمائيدار حلقا ناپسند ڪن ٿا. ايتري قدر جو دنيا جي پراڻي بدنام سامراجي ملڪ انگلينڊ جي وزير خارجہ ڊگلس هرڊ تہ اهو بہ چئي ڏنو آهي تہ اقوام متحده کي پُراڻو سامراجي ڪردار ادا ڪرڻ طرف ڌڪيو پيو وڃي. ٻين لفظن ۾ سندس چوڻي، "اقوام متحده هڪ نئون عالمي سامراج بنجي رهي آهي." اها ڳالهہ ڪيتري قدر صحيح آهي، سو هرڪو سمجهي سگهي ٿو پر ايتري حقيقت ضرور آهي تہ اڄوڪي دنيا ۾ اقوام متحده اهو ڏنڊو نہ رهي آهي، جنهن سان دنيا جا سرمائيدار ملڪ آسانيءَ سان غريب ملڪن جا مٿا ڦاڙي ڇڏيندا هئا.

منيلا ۾ ايشيا_ پئسفڪ امن ڪانفرنس

"اڄ انسان ذات ويهين صديءَ جي چانڻٽ وٽ اچي بيٺي آهي. سڄي دنيا جا ماڻهو امن ۽ ترقي چاهين ٿا. پر ڪئين بظاهر حل نه ٿيڻ جوڳيون رڪاوٽون سندن رستو روڪيو بيٺيون آهن. ڏرتيءَ تي ستيل هٿيارن جو انبار وڌي وڃي آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو آهي. جيئن جيئن شاهوڪار ملڪ وڃن غريب ملڪن تي قرض جو بار وڌائيندا ۽ وياج جي صورت ۾ وڃن ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي غريبن جو اگرنگر ڀهاري پنهنجا گهر ڀريندا تيئن تيئن دنيا جي ملڪن ۾ غريبي وڃي چوٽ چڙهندي."

هي آهن "منيلا جي اعلان" جا شروعاتي لفظ جيڪو ايشيا ڪنڊ ۽ پئسفڪ سمنڊ جي اندر ۽ آسپاس جي 18 ملڪن جي 200 نمائندن ٻاران جنوري 1989ع جي 15 تاريخ فلپائين جي گاديءَ واري شهر منيلا ۾ جاري ڪيو ويو آهي. هي پڌرنامو "ايشيا پئسفڪ جي ماڻهن جي امن ۽ ترقي لاءِ ڪانفرنس" جيڪا 11 جنوري 1989ع کان ونڊي 15 جنوري تائين لاڳيتا ڇهه ڏينهن هلي، تنهن جي پڄاڻيءَ تي جاري ڪيو ويو آهي. ڪانفرنس ۾ فلپائين کان سواءِ، چين، آسٽريليا، نيوزيلينڊ، فيجي، پاپوئانيوگني، پاڪستان، ڏکڻ ڪوريا، ٿائيلينڊ، نيپال، هندستان، ميلشيا، هانگ ڪانگ ۽ ٻين ملڪن جي نمائندن شرڪت ڪئي.

اڳتي هلي "منيلا جو اعلان" ۾ چيو ويو آهي. "اسين ايشيا پئسفڪ جي ماڻهن جي امن ۽ ترقي لاءِ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙ نمائندا انهن رڪاوٽن جي وچ ۾ ان ڳالهه مان اتساهه ۽ حوصلو حاصل ڪريون ٿا ته سموري دنيا جا عوام انهن رڪاوٽن خلاف عوامي تحريڪون هلائي رهيا آهن." اهي تحريڪون مڪاني، قومي، علاقائي ۽ عالمي سطح تي انهن رڪاوٽن جا تخليقي حل پيش ڪري رهيون آهن. مختلف خيالن جا ماڻهو ٻڌيون ڪري ايٽمي هٿيارن، وياجن جي چٽين ۽ دنيا جي ماحول جي تباهيءَ جي سلسلي کي ختم

ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. مزدور هاري، اصلوڪا رهاڪو عورتون ۽ ٻيا مظلوم ٽولا انهن جدوجهدن ۾ شريڪ ٿي جمهوريت ۽ ترقي جي تصور کي نئين معنيٰ ۽ مطلب سان مالا مال ڪري رهيا آهن.

"آمريڪا ۽ سوويت يونين جي وچ ۾ هلندڙ ڳالهه ٻولهه هٿيارن جي خاتمي جي نئين سر پيدا ٿيل امڪانن ۽ علائقائي جنگين ۽ ڇڪتاڻن کي نبيرڻ لاءِ هلندڙ ڪوششن کي ڏسي اسان جي دلين ۾ نئين اميد پيدا ٿي آهي. ساڳئي وقت اسين ايشيا پئسفڪ علائقائي ۾ رهندڙ ماڻهن کي چتاءَ ٿا ڏيون ته ائٽمي جنگ جو خطرو جيترو هن اسان جي علائقي ۾ پيدا ٿي چڪو آهي، اوترو دنيا جي ٻئي ڪنهن به علائقي ۾ ڪونهي. يورپ ۾ هٿيارن گهٽائڻ لاءِ عوامي دٻاءَ جي ڪاميابي ايشيا پئسفڪ علائقي کي ڦيري "محدود ايٽمي جنگ" جو نئون ميدان بنائي رهي آهي."

اڄو ته دنيا جي فوجي حڪمت عملي تيار ڪندڙن ۽ دنيا جي سرمائيدار ڪارپوريشنن جي مئنيجرن کان سبق سکون. اهي ٽولا ايشيا ڪنڊ ۽ پئسفڪ سمنڊ جي اندر ۽ آسپاس جي علائقي کي هڪڙو ئي علائقو ڪري ٿا لکين. هو پنهنجي بالادستي قائم رکڻ ۽ وڌ ۾ وڌ دولت ڪمائڻ لاءِ هن سموري علائقي لاءِ يڪي رٿابندي ٿا ڪن وقت اڄي ويو آهي جو انهن چئلينجن کي هن علائقي جي سمورن ماڻهن طرفان گڏجي گڏيل نموني منهن ڏنو وڃي..."

ڪانفرنس يڪراءِ فيصلو ڪري "ايشيا پئسفڪ لاءِ امن ۽ تحريڪ جو فورم" نالي تنظيم قائم ڪئي، جيڪا هيٺين ۽ ٻين مقصدن لاءِ جدوجهد ڪندي:

1. علائقي مان سمورن ائٽمي هٿيارن ۽ ڏارين فوجي ۽ جاسوسي اڈن کي ناس ڪرڻ.
2. ظالم حڪومتن کي ٻاهران ملندڙ فوجي مدد ختم ڪرائڻ.
3. سمورن مظلوم گروهن، طبقن ۽ قومن جي استحصال جو گڏجي مقابلو ڪرڻ.
4. علائقي ۾ ڏارين قوتن جي فوجي مشقن جو خاتمو ڪرائڻ.
5. علائقي ۾ هٿيارن جي پيداوار تي بندش وجهرائڻ.

6. حقيقي جمهوريت، سماجي واڌاري ۽ ڌرتيءَ جي ماحول کي نقصان رسائڻ بنا گڏيل واڌاري لاءِ قدم کڻڻ.
7. نسل، رنگ، طبقي، قوم، جنس ۽ مذهب جي بنياد تي ٽيندڙ ۽ اکيائي ختم ڪرڻ.
8. انساني حقن جي حاصلات، هٿيارن تي بندش ۽ امن ۽ واڌاري بابت سمورن بين الاقوامي معاهدن تي پرپور عمل ڪرائڻ.

ڪانفرنس شروع ٿيڻ کان ڪيترا ڏينهن اڳ ڪيترن ملڪن جي نمائندن فلپائين جي اندروني علاقن جي صورتحال جي مطالعي جو دورو ڪيو ۽ ان جي رپورٽ ڪانفرنس ۾ پيش ڪيائون.

"ايشيا پئسفڪ امن ۽ ترقي جي فورم جي اڳواڻيءَ لاءِ 18 ڇڻن جي استيئرنگ ڪميٽي چونڊي وئي، جنهن ۾ بين سان گڏ لکندڙ (رسول بخش پليجو) کي به ڪنيو ويو. هن مهيني جي 16 تاريخ هن ڪميٽي جو پهريون اجلاس منيلا ۾ ٿيو. ان جي صدارت رسول بخش پليجي ڪئي. ان اداري جو هر سال هڪڙو اجلاس ٿيندو. ايندڙ اجلاس جنوري 1990ع ۾ نيپال جي گادي هنڊ ڪٽمنڊو ۾ رکيو ويو آهي. خود ان ڪميٽيءَ جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي مقرر ڪئي ويئي آهي. جيڪا چئن ڇڻن تي مشتمل هوندي. ان ڪميٽيءَ تي علائقي جي شرڪت ڪندڙ چئن حصن يعني پئسفڪ (آسٽريليا، نيوزيلينڊ، فجي، پاپوئانيوگني وغيره) اوپر ايشيا (جپان، ڪوريا، چين وغيره) ڏکڻ اوپر ايشيا (انڊونيشيا، ٿائيليند، ويٽنام وغيره) ۽ ڏکڻ ايشيا (افغانستان، هندستان، پاڪستان، سري لنڪا وغيره) منجهان هڪڙو هڪڙو نمائندو ڪنيو ويو. هن ڪميٽيءَ جو هر ڇهين مهيني اجلاس ٿيندو. پهريون اجلاس جون1989ع ۾ منيلا ۾ رکيل آهي. هيءَ ڪميٽي جيڪا تنظيم جو اعليٰ ترين ادارو هوندي تنهن ۾ بين وونگٽن (آسٽريليا)، چون چو جاءِ (ڏکڻ ڪوريا)رسول بخش پليجو (پاڪستان) ۽ فادر بالاگٽ (فلپائن) ڪنيا ويا. هر ٻئي سان فوم جي ڪانفرنس ٿيندي. ايندڙ ڪانفرنس لاءِ چئن ملڪن طرفان تجويزون پيش ٿيون. ڏکڻ ڪوريا، فجي، پاپوئانيوگني ۽ پاڪستان فيصلو استيئرنگ ڪميٽيءَ تي ڇڏيو ويو آهي.

ڪانفرنس هلندي پنج ورڪشاپ ڪيا ويا جن جا موضوع هئا:

1. آسٽريليا، نيوزيلينڊ ۽ جپان جو آمريڪا سان اتحاد ۽ ان جو علائقي جي سلامتيءَ ۽ اصلوڪن رهاڪن جي جدوجهدن تي اثر.
2. ڏکڻ ايشيا (هندستان ۽ پاڪستان وغيره) ۾ آمريت ۽ ڏارين دست اندازي
3. اصلوڪن رهاڪن جي صورتحال.
4. فلپائين، ڏکڻ ڪوريا ۽ اوڪيناوا (جپان) ۾ ڏارين دست اندازي جا اڏا.
5. پئسفڪ سمنڊ ۾ فوجي اڏا ۽ ايٽمي اڏا.

انهن ورڪشاپن ۾ جيڪي مقالا پڙهيا ويا تن مان ڪي هي هئا.

1. ايشيا پئسفڪ علائقي جي صورتحال – ميري ليبيٽير (نيوزيلينڊ)
2. فلپائين ۾ فوجي اڏا – ڪوهسين بيلٽرام (فلپائين)
3. فوجي اڏا يا عوامي باغ – جئڪ ڪلئنسي (هانگ ڪانگ)
4. ايشيا ۾ ڏارين دست اندازيءَ جي اقتصادي پيڙهه – جان ڪئوتا (آسٽريليا)
5. ڏکڻ ايشيا جو تاريخي پس منظر ۽ موجوده صورتحال – رسول بخش پليجو (پاڪستان)
6. هندي وڏي سمنڊ ۾ فوجي اڏا ـ گوپال سواڪوٽي (نيپال)
7. فوجي اڏا ۽ انهن کان پوءِ – پروفيسر رولاند سمنولين (نيوزيلينڊ)
8. ڏکڻ ايشيا ۾ آمريت ۽ ڏارين دست اندازي – گوپال سواڪوٽي (نيپال)

ڪانفرنس سڄي دنيا توڙي هن علائقي سان واسطو رکندڙ مسئلن بابت مطالبا پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ علائقي جي هر حصي جي مخصوص صورتحال کي خيال ۾ رکندي مخصوص مطالبا پڻ پيش ڪيا. منيلا جي اعلان ۾ ڏکڻ ايشيا سان واسطو رکندڙ هي مطالبا ڪيا ويا آهن.

1. هندستان ۽ پاڪستان ۾ ائٽمي هٿيارن ناهڻ جي ڪوششن جي مخالفت ڪئي وڃي.
2. افغانستان بابت جنيوا معاهدي جي حمايت ڪئي وڃي ۽ آمريڪا ۽ پاڪستان طرفان معاهدي جي پيڪڙين جي مخالفت ڪئي وڃي.
3. هندستان، پاڪستان ۽ سريلنڪا ۾ قومي مسئلن کي جمهوري

نموني حل ڪيو ويو ۽ مذهبي اقليتن سان ناانصافي ۽ بہ اڪيائي بند ڪئي ويو.

4. ڊيگو گارشيا ۽ پاڪستان ۾ آمريڪي فوجي تنصيبون ختم ڪيون ويون.

5. اقوام متحده طرفان هندي وڏي سمنڊ کي امڪمي اثرن کان پاڪ علائقو ٺهرائڻ لاءِ ڪانفرنس سڏائڻ جي تجويز جي آمريڪي مخالفت جي مذمت ڪئي ويو ۽ ڪانفرنس سڏائي ويو.

6. سمورا دٻاءَ ۽ آپيشاهي وارا قانون ختم ڪيا ويون خاص ڪري نظربنديءَ جا قانون.

7. علائقي ۾ هندستان ۽پاڪستان جي هر قسم جي دست اندازي ختم ڪئي ويو.

8. علائقي جا سمورا نا برابريءَ وارا عهدناما جهڙوڪ پاڪ آمريڪي فوجي معاهدو، هندستان نيپال دوستي جو معاهدو، گورکن کي فوج ۾ پرتي ڪرڻ جو معاهدو وغيره ختم ڪيا ويون.

ڪانفرنس جي پڄاڻي تي سوين نمائندا ٽرڪن ۾سوار ٿي، "امن جو قافلو" ٺاهي، آمريڪا جي سيوبڪ ۽ ڪلاڪ فوجي اڈن تي ڪاهي ويا ۽ سموري مخالفت جي باوجود اتي شاندار مظاهرا ڪري دنيا جي عوام جو ڌيان انهن اڈن ڏانهن ڇڪائڻ ۾ ڪامياب ٿيا. قافلي ۾ فلپائين ۽ آسٽريليا جا سينيٽر بہ شامل هئا.

ڪانفرنس ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون قابل ذڪر هيون:

پهرين تہ فلپائين جي عوامي تنظيمن جو بي لوث اتحاد ۽ هم آهنگي ۽ سندن علمي، نظرياتي، تنظيمي ۽عوامي معيار اڇرج ۾ وجهندڙ هئا. سندن انتظامي مشينريءَ جي تيز چست ۽ خودڪار ڪارڪردگي بي مثال هئي.

ٻيو تہ فلپائين جون ڪارڪن عورتون ۽ ڇوڪريون هر ڳالهہ ۾ مردن جي برابر هيون. ايتري قدر جو ڪانفرنس جي انتظامي تہ ٽهيو پر خود حفاظتي عملي ۾ بہ اڪثريت انتهائي خوش اخلاق، خود اعتماد، قابل، چست ۽ هر فن مولا عورتن ۽ ڇوڪرين جي هئي. تقرير، تحرير، ماٺهن سان لهہ وچڑ، اڳواڻي، سفارتڪاري، هلچل، پهريداري، انتظام،

بحث مباحثي، استيج، ريڪارڊ رکڻ، آفيس هلائڻ، مطلب ته ڪو به اهڙو شعبو نه هو جنهن ۾ هو مهارت جي حد تائين قابل ۽ ڪاريگر نه هيون. جيڪڏهن ڪانفرنس ۾ سندن هڪڙو به مرد نه هجي ها ته به هو سمورو ڪاروبار هلائڻ جي لياقت ۽ تجربو رکندڙ هيون.

ٽيون ته ڪانفرنس ۾ شريڪ ٽيندڙن جي وڏي اڪثريت آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ جي گورن جي هئي. منجهن 14 سالن جي اسڪولي شاگرد ياٽين کان وٺي 70_80 ورهين جا بزرگ مرد ۽ عورتون هيون. سندن ٻين ڪارن پيلن نمائندن جن جو ذهني معيار بظاهر سندن مجموعي معيار کان گهٽ هو تن سان پنهنجائي ۽ قرب، سندن سادگي، سندن خلوص، سندن جوش جذبو سندن حوصلو، سندن ثابت قدمي ۽ ضابطو، سندن جاڻ ۽ قابليت، سندن پورهيو ۽ سندن لگن سڀ ڏسڻ وٽان هئا. ائين بلڪل نٽي لڳو ته هي گورا آهن ۽ هو ڪارا ۽ پيلا.

چوٽون ته جنهن اعليٰ رٽا بندي، حوصلي، دوراندیشي، سخت محنت ۽ اعليٰ انتظام سان ڪانفرنس جي فلپائيني بانيڪارن، فوج ۽ سندن چاڙتي پريس ۽ سندن دهشتگرد تنظيمن جي پروڙگنڊا ذهني ۽ جسماني دباءَ جو ڪامياب مقابلو ڪري ڪانفرنس ۽ امن جي قافلي کي ڪامياب ڪيو سو عبرت وٺڻ لائق هو.

پنجين قابل ذڪر ڳالهه هئي مذهبي حلقن جو عوام ڏانهن ۽ سندن جدوجهد ڏانهن رويو ۽ موٽ ۾ انهن جو هنن ڏانهن رويو. ڪانفرنس جوآغاز دعائن سان ڪيو ويو. دعائون منيلا جي عيسائي بشپ، مندناٿو جي مولوي صاحب ۽ ٻڌ مندر جي پروهت گهريون. ٽنهي ڌٽيءَ جي در ٻاڏايو ته امن جو هي پنڌ سجايو ٿئي، ائتمي هٿيار ناس ٿين، عوام جا ۽ عوام جي حق پرست جدوجهد جا ويري ناڪام ٿين، جاگيرداري، سرمايه داري ۽ سامراج نگهوسار ٿين، مظلوم ۽ غلاميءَ جا شڪار ٽيل ماڻهو سڪ جو ساهه کڻن ۽عالم آباد ٿين. ڪانفرنس ۾ شريڪ ٽيندڙن مان ڪيترائي پادري مولوي ۽ پروهت هئا. ڪيتريون ئي عيسائي راهبائون وڏي لگن سان ڪانفرنس ۾ حصو وٺي رهيون هيون. سندن مخصوص مذهبي باسن ۽ سندن چهرن تي چانيل گنيئرتا ڪانفرنس جي مقصدن جي عظمت کي نشانبر ٿي ڪيو. سمورن ماڻهن اهڙن ساڻين جو بيحد

احترام ٿي ڪيو. بلڪ ساڻن نهايت پيار ٿي ڪيو. ايتري قدر جو جنهن ماڻهو کي "ايشيا پئسفڪ امن فورم" جو سيڪريٽري چونڊيو ويو سو آهي فادر آرٽ بالاگٽ -- جوان، ڪلمڪ، لچارو، شاعر پر سخت محنتي، سخت ذميوار، هر فن مولا ۽ اڻ موٽ مڙس.

ڇهين ڳالهه هئي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙ فلپائين جي سينيٽ ۽ ڪانگريس جي ميمبرن جي شخصيت.

فوج، سرڪاري پريس ۽ نيم فوجي دهشتگرد تنظيمن جي امن ڪانفرنس خلاف پروپئگنڊا ۽ دهشتگردي کي ٽڏو ڪرڻ لاءِ فيصلو ٿيو ته فلپائين جي سينيٽ ۽ ڪانگريس جي ميمبرن سان ملي انهن کي ڪانفرنس جي پرامن ۽ عوام دوست مقصدن کان واقف ڪري کين ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ ان جي مدد ڪرڻ لاءِ چئجي. ان لاءِ آسٽريليا،نيوزيلينڊ، پاڪستان ۽ فلپائين تي مشتمل هڪڙو وفد مقرر ڪيو ويو. سڀ کان پهرين فلپائينس سينيٽ جي صدر سينيٽر سلونگا سان ملياسين چيائين، "آئون ته اڳي ئي اڻ جي مخالفت پيو ڪريان، اوهين جنهن کي اعتراض آهي تنهن سان وڃي ملو." يعني فلپائين فوج جي ڪمانڊر انچيف جناب جنرل راموس سان! پوءِ وياسين ۽ اتي جي ڪارروائي ٻڌيسين. بحث پئي هليو. فلپائين جي مسلمانن کي صوبائي خودمختياري ڏيڻ جي بل تي! باهر نڪتاسين ته مسلمان چوڪريون ۽ چوڪرا نعرن جي باهه ٻاريو پيئا هئا. چي "اها خودمختياري بوگس آهي، نه ڪپي."

فلپائين جي سينيٽ ۽ ڪانگريس جا ميمبر ۽ خاص ڪري سينيٽ جا ميمبر اعليٰ تعليم يافته، قومي ۽ عالمي سياسي ۽ اقتصادي صورتحال کان پلي پت واقف، نهايت سنجيده ۽ گفتگو، تقرير ۽ تحرير جي ڪم ۾ پڙهيا. ٻن سينيٽرن ۽ ٻن ڪانگريسن جي ميمبرن (هڪڙي عورت) ڪانفرنس کي خطاب ڪيو. نه ڪلهي لٻاڙ ۽ نه گول مول رسمي بيانبازي، اکر اکر توريل تڪيل، معنيٰ ۾ريو ۽ باوقار هو. سندن ذميداري ۽ توازن واري دليري ۽ جرائت سڄي ڪانفرنس نوٽ ۽ پسند ڪئي. سينيٽرن جي آفيس لاءِ هڪڙي الڳ بلڊنگ هئي. هر سينيٽر کي پنهنجي پنهنجي آفيس هئي. هر آفيس ۾ پنجن ستن نهايت قڙت، مرد

ءعورتن جو استاف هو. پنهنجي ڪم ۾ تيزي ۽ قابليت سان مصروف هو. فوٽو استيٽ مشين هئي، رڪارڊ هو. فائيل تيزيءَ سان آيا ويا پئي، ڪنهن مغربي ملڪ جي وڏي اداري وانگر هر ڪم جڙ خودڪار نموني پئي هليو. سيني ڪان وڌيڪ متاثر ڪندڙ ماڻهو سينيٽر تنياد هو جنهن ڪانفرنس جي افتتاحي تقرير ڪئي. سندن خاندان ٽن پيڙهين کان انساني حقن، جمهوريت ۽ قومي خودمختياريءَ جي جنگ وڙهندو رهيو آهي. ڏگهو پوري پني بدن وارو 40_50 سالن جو شاندار مڙس، چهري تي جاڻ، ذهانت، نيڪ دلي ۽ مشڪلاتن ۽ ذميوارن جي ڀرپور احساس، اعتماد ۽ وقار جو اهڙو ملي جلي هڪ ٽيل اونهو تاثر ڇانيل هوس. جنهن نظر واري اک کي پهرينءَ نظر ۾ ٻڌائي ٿي ڇڏيو ته "مڙس مٽيا وارو آهي ٽلهيون ڳالهيون ڪونہ پيو ڪري جيڪي چوي ٿوسودل منجهان ۽جيڪي چوندو سو وس پڄندي ضرور ڪندو."

ڪجهہ نمائندن بابت: ڪانفرنس ۾ پانت پانت جا ماڻهو هئا ۽ هڪڙي هڪڙي ماڻهوءَ ۾ جڙ ڪئين ماڻهو لڪيا وينا هئا. جيڪي ماڻهو پوڙها، جوان ٻار، مرد، عورتون، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪانفرنس هال کان ٻاهر ورانڊن ۾ بيئر پيو. اللولا ۽ واندا شاهہ ٽيا ليٽيا پيا هوندا هئا ۽ ڪڇهرين ۾ غش هوندا هئا يا مست ملنگ ٽيو گيٽار وڄائي راڳ پيا ڳائيندا ۽ نچندا هئا يا لڪ لڪوٽيون پيا ڪيڏيندا هئا يا جيڪي مزور ڪرسيون صاف ڪرڻ ۽ ٽيبلون وڇوڙ ۾ لڳا پيا هوندا هئا سي ڪنهن ٻي مهل ڏس تہ ماڻهو ئي اورا ڪو ڏسو تہ پردي تي اهڙيون هڪيون تڪيون تصويرون پيو ناهي، جو اعتبار ئي نہ اچي. ڪو اخبارون گڏ ڪريو. انهن مان گهربل ڪٽنگون ڪريو انهن جون فوٽو استيٽ ڪاپيون ناهيو مڪمل فائيل ناهي. انهن تي مارڪر سان سهڻن اکرن ۾ نشان هڻيو. فهرستون ناهيو جڙ اک چنبہ ۾ هر ميمبر کي الڳ الڳ ٽئي ٽيندي جي خبر ٽيبل تي موجود ڪريو پيو ڏي. ڪو علم دانائي جو مجمسو ڀائس تي بين الاقوامي معيار ۽دائمي اهميت وارو تحقيقاتي مقالو پيو پڙهي، عالمانہ فاضلانہ سوال جواب پيو ڏي. ڪو انتظام پيو هلائي. ڪو پهرو پيو ڏي. ڪوٽائيپ پيو ڪري. زبردست جاڻ ۽ لياقت، اٽاهہ محنت، فوري اڪلاءِ پر ڪيل ڪم جو ذڪر بہ ٻڌڻ پسند نہ

ڪندا. جڏ ته ڪجھ ٿيو ئي ڪونہ نہ سڏ نہ واڪا نہ گھوڑا گھوڑا نہ ساراھہ لاءِ واجھائڻ، جڏ ماڻھو نہ پر مشينون ھجن، ھئي ڳالھيون دل و جان سان پرپور نموني ڪندا ھئا. واندڪائيءَ جون وندرون بہ ۽ ڪمر بہ.

ثقافتي شعبي جي استادي ڏسڻ وٺان ھئي. ٿورو ڏنائون تہ ھمراھہ گھٽي دير سنجيديون ڳالھيون ڪري ٽڪي پيا ھوندا تہ ھڪدم اچي چارج ونندا ھئا. گيت ٻڌائيندا، نعرا ھڻائيندا، ڪنھن نہ ڪنھن قوم جو مقبول نعرو يا گيت يا ناچ سيکارينداھ ۽ ريھرسلون ڪرائيندا. شعبي جي ھر فن مولا انچارج فلپائيني چوڪريءَ استيلا جي ماڻھن کي موج ۾ آڻڻ جي انتھائي پنھنجائي واري قربائتي ڪاريگريءَ جو جواب ڪونہ ھو سندن تڪيہ ڪلام ھو: "بور ٿيڻ منع آھي!" اچڻ شرط اعلان ڪندي "اٽينشن پليز! اٽينشن پليز! ثقافتي برگيڊ طرفان اعلان! فلاڻو فلاڻو (گھڻو ڪري سيني جا نالا ياد ڪريو وينديھئي!) استيج تي اچن! ڪوريائي گيت سکڻوآھي ۽ سياڻي ڪانفرنس ۾ ڳائبو." پھرين ٻول ٻڌائيندي، چورائيندي ھٽن پيرن سان اشارا سيکارينديھ ، پوءِ شروع! حجاب جو نالو ڪونہ ھو. جنھن کي جنھن ڳالھہ لاءِ سڏ ٿيو سو پوڙھو ھجي يا ٻار سڏو ھليو ايندو. "نہ، نہ" جو نالو بہ ڪونہ ھو ھي بہ ڪنھن کي بہ بخش ڪانہ ڪندي ھئي. جنھن کي جيڏيءَ مھل ڪپندو ھوس تنھن کي تيڏيءَ مھل پنھنجي مخصوص جھنجھٽي جھڙي ٻُرندڙ پنھنجائي واري آواز ۾ ھڪل ڪري گھرائي ونندي ھئي. منھنجي نيوزيلينڈ جي ڪمري پائي پيار مان نالو رکيس "غلامن جي جمعدار" چي "سيني کي غلامن وانگر ٿي ھڪلي ۽ ھلائي."

ھڪڙي ڏينھن مون کي ڦري آئي تہ "پنھنجي پنھنجي ملڪ جو جھنڊو ڪٽي جھنڊن جو ناچ (Banner Dancer) ڪرڻو آھي. سياڻي تيار ٿيو وينو ھج" آڳ غير حاضر دماغ ماڻھو. شايد ڪنڈ ڪٽي لوڏي چڏيم. ھئي ڏينھن اچي ٽڪاءِ ڪيائين چي "ھل ريھرسل تي!" اچي ششدر ٿيس، استيرنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ وينو ھوس. سو موقعي جو فائدو ونڻي چيم تہ "ميٽنگ ۾ مصروف آھيان نہ تہ اکين سان ھلان ھا." چيائين "فڪر ناھي! ڏھن منٽن لاءِ موڪل ٿا ونون." شڪر ٿيو ھمراھن موڪل نہ ڏني، پر ميٽنگ بہ نيٽ ڪتي. واعدو ونڻي پوءِ جند

چڏيائين. ٻئي ڏينهن سڏ ٿيو "رسول!" ڏسان تہ همراهہ پنهنجي ملڪن جا جهنڊا ڪٽيو چال ڏيو جهمريون پيا پائين. سوچيم "مري وياسين." اک چنپ ۾ گولي ٽي ويس. ٻئي ڏينهن ڪنهن ميٽنگ ۾ وينو هوس ۽ ڪانفرنس جي ثقافتي شعبي جي ڪارڪردگيءَ جي ڳالهہ ٻئي هلي، مون تعريف ڪئي، تہ ٻئي پاسي مان ڪنهن چيو "ها، تڏهن تہ ماڻهو واعدا ڪريو گسايو ويجن!" لوڻو هٽي ڏٺم تہ استيلا بيني هئي. ٻئي ڏينهن وري اچي ڪڙڪي چي "آخري رات جي پروگرام ۾ هر هڪ کي پنهنجو ڪونہ ڪو گيت يا ناچ ڏيکارڻو آهي. تيار ٿيو وينو هج. شام جو ريهرسل آهي." شام جو ماني کائي لاٿي سين تہ مائيڪرو فون تي اعلان ٿيو "رسول، استيج تي اچي ريهرسل ٿيندي.."

مطلب تہ جن چڏي پوت چڏي استيلا نہ چڏي آخري رات اچي ڏکاءُ ڪيو. سمجهہ ۾ ئي نہ اچي تہ چا ڪجي. ڪنهن گيت ڳايو ڪنهن ٽوٽڪو ٻڌايو. ڪنهن ناچ ڏيکاريو. محفل عروج تي آئي جهنجهٽي جهڙو آواز ٻريو. "پاڪستان مان رسول اوهان کي گيت ٻڌائيندو." مون چيو "مون کي ڳائڻ نٿ ڪونہ اچي. پر استيلا جي آمريت جي نافرماني ڪرڻ جي پهچ نہ ساريندي. پنهنجي مادري ٻوليءَ سنڌي جو هڪڙو گيت جيڪو اسان جي قومي شاعر شيخ ايياز لکيو آهي. تنهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو پيش ڪريان ٿو." پوءِ ايياز جي گيت "هڙڪ هلو هو۔ ڏيما هلو هو..." جو هڪڙو ٻہ بند ڪٽي ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو تيار ڪيو هوم سو پيش ڪيم. ان جا شروعاتي لفظ هي هئا:

Keep Marching
March quickly if Possible
March slowly, if necessary
Keep marching
The path is Crooked
The body exhausted
The mind tormented
Yet, glorious, the bellower, goal
Keep marching....

تاڙيون وڄيون. مبارڪون مليون. ثقافتي پرگيڊ جي ڪمانڊرياٽيءَ کان جان جي امان ملي.

ٻئي ڏينهن آسٽريليا جي سينيٽرياٽي جو ويلنٽائين (Jo Valentine) سان ناشتي تي ڪچهريءَ جو ٽائيم رکيل هو. مبارڪون ڏيندي چيائين "اهو گيت خاص هن ڪانفرنس لاءِ لکيل ٽي ڏنو." مون چيو "هائو."

"ايشيا پئسفڪ امن ۾ ترقي جي ڪانفرنس" جهڙي بين الاقوامي ڪوششن جي ڪاميابي ان ڳالهه جو هڪڙو ٻيو ٻه ثبوت آهي ته جيڪڏهن امن ۾ انصاف جا قافلا ايئن ڏاڪي ٻه ڏاڪي اڳتي وڌندا رهيا ته پوءِ "منيلا جي اعلان" جي پڇاڙيءَ ۾ جنهن هيئين آس ۾ يقين جو اظهار ڪيو ويو آهي،سا جلديا دير سان ضرور ٻه ضرور پوري ٿيندي.

"آمريڪا جي ويندڙ صدر رونالڊ ريگن اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايڪيهين صدي ايشيا پئسفڪ جي صدي هوندي. هن جي تصور ۾ اهڙو ايشيا پئسفڪ آهي جنهن جي ماٺهن ۾ وسيلن کي لٽي بين الاقوامي سرمايه دار ڪارپوريشنون ايجا ٻه وڌيڪ مڇي مواڙ ٽي پون. اڇو ته سڀ گڏجي دنيا جي وڏي کان وڏي علاقي کي دنيا جو اهڙو وڏي ۾ وڏو علاقو بنايون جيڪو ايٽمي هٿيارن ۾ ڌارين فوجي اڈن کان پاڪ هجي. اڇو ته سڀ گڏجي فوجي ۽غير فوجي ظالم حڪومتن جي جڳهه تي عوام جون من پسند حڪومتون قائم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪريون. اڇو ته سڀ گڏجي هڪڙي امن، سماجي انصاف ۾ لاڳيتي ترقيءَ جو علاقو قائم ڪرڻ لاءِ پورهيو ڪريون.

"ايڪويهين صدي برابر ايشيا پئسفڪ جي صدي هوندي. پر اها اسان تي ظلم ڪندڙ جي صدي نه هوندي. اها اسان جي آزاد ٽيل ماٺهن جي صدي هوندي ۾ انهن جي لاءِ ئي هوندي."

("تحريڪ" پبليڪيشن اپريل 1989ع)

اڇو ته سرڪس جا پالتو شير نه ٿيون

ويچاري گلبدين حڪمت يار سان ڏاڍي ٿي آهي. ايا ڪالهه تائين هو جماعت اسلاميءَ، جنرل ضياء واري حڪومت پاڪستان، سعودي حڪومت ۽ آمريڪي سي. آءِ. اي جو دادلو هو. گلبدين جي هيءَ ڳالهه گلبدين جي هوءَ ڳالهه. پاڪستاني، آمريڪي ۽ مغربي پريس جي وات ۾ سندس مداحون ڪري ڪري لڦون پئجي ويون هيون. پر اڄ ويچاري جي حالت قياس جوڳي ٿي ويئي آهي. آمريڪا ته آهي ئي ناصارو اسلام دشمن ۽ بي وفا پر خود حڪومت پاڪستان ۽ سعودي عرب جهڙي مؤمنن به هن مرد مؤمن کان نظرون ڦيرائي ڇڏيون آهن. هاڻ افغانستان جو اميرالمؤمنين ٽيڊ ته پري رهيو پر جيڪا "اسلامي" حڪومت ايڏي ڊگهي عرصي جي "سوياري جهاد" کان پوءِ نهي آهي، تنهن ۾ توڙي سندس فوجي هاءِ ڪمانڊ ۾ سندس ڪوبه نمائندو ڪونهي.

آمريڪا، سعودي عرب، پاڪستان ۽ گلبندين واري چؤباري ٽُٽي چڪي آهي. آمريڪا کان پوءِ مجاهدين جو ٻيو نمبر ان داتا سعودي عرب ويچارو ٽيو ڪابل کان پريرو ٽيو ويٺو آهي. گهٽ ۾ گهٽ افغانستان جي حوالي سان بلڪ سعودي عرب دوستيءَ جي جاءِ پاڪ ايران دوستيءَ والاري ڇڏي آهي. تاجڪستان جيڪو اڳي مجاهدن جو دشمن هو سو افغانستان جو وارث ٽيو ويٺو آهي. نئين ٽمورتي آهي، ايران، تاجڪستان ۽ پاڪستان.

ڦرن ٽا چرخ جا ڦيرا،
ڪڏهن ڪهڙا، ڪڏهن ڪهڙا.

24 مئي 1991ع تي مجاهدن جي سدائين پاڻ ۾ وڙهندڙ مختلف ڌڙن جي وچ ۾ پشاور وارو ناهه ڪرايو ويو. پر جڏهن سازش ذريعي ڊاڪٽر نجيب الله جي حڪومت جو تختو خود سندس جنرلن هٿان اونڌو ڪرايو ويو ته فورن مجاهدين ۾ خانه جنگي شروع ٿي ويئي. ٽن

مهينن جي مارا ماريءَ کان پوءِ آگسٽ ۾ جنگبندي ٿي. سيپٽمبر جي شروعات ۾ ايراني صدر هاشمي رفسنجاني پاڪستان آيو. تنهن کان پوءِ 25 سيپٽمبر تي افغانستان جو عارضي صدر برهان الدين رباني آيو. پويان نجيب الله جو تختو اونڌو ڪندڙ ڪابل تي قابض ازبيڪ مليشيا جو ڪمانڊر جنرل دوستم ۽ سعودي عرب جي جاسوسي ڪاتي جو سربراهه شهزادو ترڪي الفيصل به پاڪستان آيا. ربانيءَ جي استقباليه جي موقعي تي صدر غلام اسحاق خان چيو هو ته، آئون ان ڳالهه تي زور ڏيڻ چاهيندس ته اسين پنهنجي علائقي کي ان ڳالهه لاءِ ڪتب اچڻ نه ڏيندا سين ته ڪو اهو علائقو افغانستان ۾ امن امان خراب ڪرڻ يا افغانستان جي جائز حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ ناجائز طرح استعمال ڪيو وڃي." وزيراعظم نواز شريف به اها ساڳي ڳالهه ڪئي. مطلب ڳالهه جو ته حڪمت يار کي پاڪستان ۾ ويهي افغانستان ۾ ڪَڙَڙ مچائڻ نه ڏني ويندي.

تي ڏينهن پوءِ 28 سيپٽمبر تي شهزادو ترڪي الفيصل پاڪستان ۾ سعودي عرب جو سفير ۽ آءِ. ايس. آءِ جو ڊائريڪٽر جنرل ليفٽيننٽ جنرل جاويد ناصر گڏجي وڃي ننگرهار صوبي ۾ حڪمت يار سان ملیا ۽ چيائون ته، آگسٽ واري جنگبندي ۾ ڪَڙَڙ نه ٿئي. وري پاڪستان ۽ ايراني گڏجي اهو فيصلو ڪيو ته 24 مئي واري پشاور واري ناهه ۾ جيڪي ڏُريون شامل هيون، تن ۾ گلبندين حڪمت يار جي جاني دشمن جنرل دوستم جي حامين ۽ شيعن مجاهدن جي گروهه حزب وحدت کي به شامل ڪيو وڃي.

مطلب ته، "جيڪي لڳي سو ڪاٽي اک ۾!" جيڪو فيصلو ٿئي سو اسان جي مجاهد اعظم گلبندين حڪمت يار جي خلاف.

اڳي ائين هياس جو ٻِنهونءَ ڏوتم ڪپڙا،
اڄ ائين ٿياس، جو جَت نه نينم پاڻ سين.
(شاهه)

اهو ڦرڪو ڪيئن ڦريو؟ افغانستان ۾ پشتون اڪثريت ۾ ناهن. پر اقتدار تي احمد شاهه ابدالي واري فارسي ڳالهائيندڙ تاجڪ، ازبيڪ ۽

ٻيون ٿورايون ڇانيل پئي رهيون آهن. افغانستان جا درانيءِ مهمند زئي شاهي خاندان فارسي ڳالهائيندڙ هئا. ٻنهي ڏُرين ۾ ڇڪتاڻ تاريخي طرح هلندڙ آهي. افغان انقلاب قوميتي حساب سان جڏ تہ فارسي ڳالهائيندڙ اقليت جي راڄ خلاف پشتون اڪثريت جي ڪامياب بغاوت هئي. انقلاب جي باني نور محمد ترهڪيءَ وانگر آخري صدر ڊاڪٽر نجيب بہ پشتون آهي. ڪين پشتون عوام جي ڪافي حمايت حاصل هئي. آمريڪين سوچيو تہ لوهہ کي لوهہ ڪاٽي. پشتون نواز افغان انقلاب کي تباهہ ڪرڻ لاءِ سڀ کان وڌيڪ ضرورت ڪنهن پشتون جي هئي. اهو ڪم پشتون گلبندين کان ورتو ويو. ڪانئس "ڪم" وٺڻ لاءِ هڪڙي پشتون نسل جي پنجابي جنرل کي ڪم سان لڳايو ويو. يعني آءِ ايس. آءِ جي ڊائريڪٽر جنرل ليفٽيننٽ جنرل حميد گل کي. گلبندين وڏي خوشي، وڏي اڊمبر سان ان ڪم لاءِ آمريڪا، سعودي عرب ۽ جنرل ضياء جو ماڻهو بنجي ويو ۽ سندن ڪُلهي تي چڙهي هو پاڻ کي هڪڙي برڙ باڪاس شيءِ سمجهڻ لڳو. پر آمريڪا بنيادي طرح اندر ئي اندر گلبندين جي آڪڙ ۽ انتهاپسنديءَ مان بيزار هو.

دراصل آمريڪا، افغانستان تي چڙواڳ ۽ بي لغام پشتون غلبي کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. ان ڪري هڪ طرف هن پشتون گلبندين کي پشتون نجيب الله کي تباهہ ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو تہ ٻئي طرف هن ڳجهہ ڳوهہ ۾ فارسي ڳالهائيندڙ تاجڪن ۽ ازبڪن کي اڳتي آڻڻ شروع ڪيو. ڪمانڊر مسعود جيڪو تاجڪ آهي، ان جي خاص طرح پٺي ٺپري ويئي. فارسي حڪومتن ايران ۽ تاجڪستان سان ڳجهہ ڳوهہ ۾ سوديبازي ڪئي وئي. انهن جي معرفت نجيب الله جي تاجيڪ ۽ ازبيڪ جنرلن جنرل دوستم ۽ بين سان سازباز ڪيو ويو. جن اوچتو ئي اوچتو نجيب الله جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح پشتون گلبندين ۽ نيم پشتون جنرل حميد گل جي هٿان پشتون نجيب الله جو ڪم لهرائي، پشتونن کي افغانستان جي اقتدار جي ايوانن مان عملي طرح خارج ڪيو ويو.

آمريڪا، جماعت اسلامي ۽ سعودي عرب جي اشاري تي هَلايل "اسلامي جهاد" افغانستان ۽ پاڪستان جي پشتونن کي بيحد

مهانگي پئجي ويئي آهي ۽ في الحال پشتونن جي قوت جي جڙ چيلهه پڄي پئي آهي. دراصل افغانستان تي پشتونن جو غلبو پاکستان جي ڪرتائن ڏرتائن لاءِ وڏو خطرو هو. ڇو ته افغانستان ۽ پاکستان جا پشتون پاڻ ۾ گڏجي پاکستان جي حڪومت لاءِ وڏو ڏڇو ٿي پون ها. ان ڪري هنن نهايت هوشياريءَ سان هڪڙن پشتونن کي هڪڙا ۽ بين کي ٻيا سبز باغ ڏيکاري، کين پشتون اقتدار خلاف استعمال ڪري، سندن ئي هٿان سندن گهر مسيت ڪري ڇڏيو آهي. پرائي مڙسي پرائي مڙسي آهي. ظاهر آهي ته، ماٺهو ماٺهوءَ جو ڪاڄ آهي. ماٺهوءَ کي ضرورت ڪنهن نه ڪنهن جي مدد گهرجي، نه ته اڪيلو ماٺهو جي شينهن آهي ته به جڙ گدڙ کان به ڇٽ. جهجهن سان گدڙ به جهڙو شينهن. پر جيڪي پرائي ٻوڙ تي اٿو ٻڌيو ڪنوڙ تي مال ڪاهي هلندا آهن، تن مسڪينن جو حال ئي ڪونه هوندو آهي. پيڃاڻيءَ جو ويچارا ٺُهارن ڪاڄ تي وڃن. ايڏا ڪالهوڪي ڳالهه آهي ته ويٽنام ۾ جنرل ڊيم آقائن جو پٽيلو ٿيو پئي هليو ۽ ان خوشيءَ ۾ پنهنجي سڃي قوم ڪهائي ڇڏي ڇڏيائين. آمريڪا ۽ يورپ ڪيس ساراهي ساراهي ڪٽي عرش تي رسايو. جيڪا مغربي اخبار يا رسالو ڪول تنهن ۾ جنرل ڊيم جي شان ۾ فوٽي سان گڏ قصيدا. پيڃاڻيءَ جو مالڪن جي مطلب جو نه رهيو ته ويچاري کي پنهنجي پالتو فوجي غنڊن هٿان ائين پورو ڪرائي ڇڏيائين، جيئن ميونسپالٽيءَ وارا رولو ڪُٽن کي پورو ڪرائيندا آهن. جڙ ته ان نالي وارو ماٺهو هن ڏرتيءَ تي ڄائو ئي نه هو. سندس پوءِ جي ڀاءِ نشين آمريڪي دادلي جنرل ٿيوءَ جي شڪر ٿيو رڳو عزت ويئي. حياتي بچي ويس. صاحب بهادر پاڻ گولي ٿيا ته هن کي به مهرباني ڪري پاڻ سان کڻيو ويا. الاهي ڪٿي وڃي غرق ڪيائونس، جو اڄ سندس نالو به نٿو ٻُڌجي. اڳي ته سالن جا سال جنرل ٿيوءَ جي نالي بنا ڪا اخبار ئي ڪانه ڇپجندي هئي.

منيلا جي منظور نظر فلپائيني صدر مارڪوس تان جڏهن مالڪن جي مهر جو نظر هٽيو تڏهن ويچارو بين الاقوامي چهڙو بنجي ويو ۽ ويچاري جو لاش به وطن جي ڏرتيءَ ۾ پوڻ نه ٿي ڏنائون.

اسان جي مسلمان ڀاءُ شهنشاهه رضا شاهه پهلوي آريا مهر کي

آقائن جڏهن آسمان تي رسايو تنهن مهل سندس شان ۾ جڏهن ڪمر لٽي کان پوءِ آسمان تان ڪيرائي آٽي ملڪان ملڪ دربدر ڪري رڙ ۾ رُلائي ڇڏيائونس، تنهن مهل سندس ذلت ۾ خواري سڄي دنيا اکين سان بيني ڏٺي. خود اسان وٽ به ساڳي ڪار ٿي، اسان جي "مرد مؤمن مرد حق" کي پهريائين غازي صلاح الدين ۾ زماني جو سياسي غوث ۾ قطب بنايائون. ڪائنس ڊيڊ وارا سمورا بُڇڙا ڪم ڪرائي پوءِ سندس هڪڙي هڏي کي ڇڏي باقي سمورو ڏڙ اُڏائي ڇڏايائون.

هن ملڪ جا پاڪستاني ڳجها هٿ به هر قوميت جي ڪنهن نه ڪنهن ماڻهوءَ کي ملڪ جي بين قوميتن خلاف ڪتب آڻڻ لاءِ اول آسمان تي رسائيندا رهيا آهن ۾ پوءِ ڪم ڪيڻ کان پوءِ سندس ترا ڪيڊي ڇڏيندا رهيا آهن.

ڀٽي صاحب کان وڌيڪ ذهين قابل برجستو ۾ ڪاريگر عوامي ليڊر ٻيو ڪير هوندو؟ پاڪستان دوستيءَ ۾ هن کان وڌيڪ جاکوڙ ۾ قربانيون ڪنهن ڪيون هونديون؟ ڪيس بنگالي، بلوچ ۾ پٺاڻ 'پاڪستان دشمن' کي مُنهن ڏيڻ لاءِ ساڻن ڇا ڇا نه ڪرڻو پيو ۾ پنهنجي سنڌي قوم جي ڪهڙن ڪهڙن دائمي ۾ بنيادي مفادن کي ڪيڏن نه دائمي ۾ ناقابل تلافي نقصانن جي خطرن جي داءُ تي لڳائڻ گوارا ڪرڻو پيو! پر پڇاڙيءَ ۾ انهن سمورين جاکوڙن ۾ قربانين جو نتيجو ڪيس سندس اولاد کي ۾ سندس سنڌي قوم کي ڇا حاصل ٿيو؟ سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي ته، بلوچستان ۾ پٺاڻن سان جيڪي ڪجهه "سنڌين جي حڪومت" ۾ ٿيو تنهنجي ڪري هواڃ دل ئي دل ۾ سنڌين جي سخت خلاف نه هجن ها ۾ اسان جي ساڻن روايتي دوستي ۾ پنهنجائپ اصلوڪي روپ ۾ قائم هجي ها ۾ بنگالي به جي اڄ به پاڪستان ۾ هجن ها ۾ اڪثريت سندن ئي هجي ها ته اسين سنڌي جيڪر هينئر گهيري ۾ اچي جڳ جهان جو ڪاڃ ٿيون ها ڇا؟ ڇا هيئن وطن ۾ بي وطن ۾ پنهنجي گهر ۾ چور هجون ها ڇا؟

الطاف پائي به پرائي ڪُلهي تي ويهي جيڪي رنگ ڪيا تن جي بدلي ۾ في الحال ڪنڌ ۾ بوتن جا هار پهرايا ويا اٿس. اڳتي به ڏسجي، اڃا پنڌ پري پيو آهي.

اول پٽي صاحب کان پنهنجي پائرن بنگالين، بلوچن ۽ پناٽن کي "نيڪ ڪرڻ" جو ڪم ورتائون. هاڻ وري دهشتگردن کي پالي نپائي تيار ڪري کانئن سنڌين کي نيست ناوبود ڪرڻ جو ڪم پيا ونن ۽ بلوچن ۽ پناٽن کان سنڌين جي برباديِ جو خاموش تماشبين ٿيڻ جو ڪم پيا ونن. نقصان پنهي حالتن ۾ مظلوم ماٺهن جو. همراهه "ابا مرسي ته به پت کاسون جي اما مرسي ته به پت کاسون." وارو ڪم پڌيو وينا آهن. اول پنهنجي مطلب لاءِ دهشتگردن ۽ ڏاڙيلن ۽ سندس سرپرستن کي شينهن، بگهڙن ۽ گيندبن جون کلون پارائي کين خوفناڪ پوت بنائي آسمان تي چاڙهيو وينا هئا. هاڻ وري پنهنجي بدليل مطلب لاءِ انهن تي رڳو سکٽي ٽپ ٽپ ڪئي اٽن ته مڙس جون حاجون لهي ويون آهن ۽ ڳوليا نٿا لين. رات وچ ۾ شيرن، بگهڙن ۽ گيندبن مان قري رڍون، ٻليون ۽ سهڪيءَ ۾ پيل سها ٿي پيا آهن.

سنڌين کان پشتونن ۽ بلوچن خلاف ڪڏا ڪرتوت ڪرائي ۽ پشتونن ۽ بلوچن کي غيرتون ڏياري، سنڌين، بلوچن ۽ پشتونن کي هڪ ٻئي جو مخالف بنائي، هنن واري واري سان کين هڪ ٻئي خلاف استعمال ڪري، هر قوميت جي چيلهه پيچي، ان کي بچڙو ۽ بدحال ڪيو آهي. هڪڙي پاسي هنن مٽئين نموني گڏيل پشتون قوت جي چيلهه پيچي ڇڏي آهي ته ٻئي پاسي پشتونن ۽ بلوچن کي بلوچستان ۾ هڪ ٻئي خلاف جارحانه نموني استعمال ڪري رهيا آهن ۽ بلوچستان ۾ اها ساڳي فرقي بازي ۽ مارا ماريءَ جي آڳ ٻڙڪائي رهيا آهن. جيڪا هتي ڏاڙيلن ۽ دهشتگردن هٿان سنڌ ۾ پارايو وينا آهن.

قصو اتي ختم ڪونه ٿيو آهي. الذوالفقار جيڪا ڪيترن ڇاڪاڻ ماٺهن جي نظر ۾ نهرايل ئي حقيقت ۾ ڏُر ڏٽين جي آهي ان جي نالي ۾ توڙي ٻين اهڙين "ببر شير" ٽائيپ پنهنجن هٿرادو ناهيل "باغي ۽ تخريب ڪار"، "خطرناڪ گروهن" جي خطري کي مُنهن ڏيڻ ۽ سنڌن پاڙ پٽڻ جي آڙ ۾ هڪڙي پاسي سنڌ ۾ ڪهرام مچايو ويو آهي ته ٻئي پاسي خود پاڻ کي ٽيڄرون ڏيئي، کانئس مٿو رلائڻ وارا بيان ڏياري، سنڌن پيڙ جي گهر ۾ گهوٽالو وڌو پيو وڃي ۽ کين هڪ ٻئي خلاف استعمال ڪيو پيو وڃي.

ڊيم، ٽيوءَ، مارڪوس، رضا، ضياء، الطاف ۽ ٻين وانگر حڪمت يار به ڏرتيءَ جي آقائن جي خيراتي مڙسيءَ تي ببر شير بنجڻ جا خواب پئي ڏٺا. پر آقائن کي ته اصلي ببر شير گهرجن ئي ڪونہ. هنن کي انهن سرڪس جي پالتو شيرن جي گهرج آهي، جيڪي رنگ ماسٽرن جي چهبڪ جي هڪڙي اِشاري تي هيبتناڪ گجگوڙون ڪرڻ لڳن ۽ ٻئي اِشاري تي ٻلي بنجي اڳلي جي پيرن ۾ ليٽڙيون پائڻ لڳن! تعميل ۾ ٽوري دير ٿي ناهي، مٽان چهبڪ نڪاءُ ٿي ناهي! جيڪو "شير" اها ڳالهہ نہ سمجهندو تنهن جو حال متئين مڙسن جهڙو ٿيندو! توجهہ! يا اهلِ سرڪس! سموري اڳوٽي توڙي هاڻوڪي تاريخ اهوئي ٿي سيکاري ته ٿجي ته پنهنجي ۽ پنهنجن جي مڙسيءَ تي پنهنجن ماڻهن جو اصل ببر شير ٿجي. نہ ته پرائي مڙسيءَ جي زور تي سرڪس جو پالتو شير ٿيڻ جي خواريءَ کان ماڻهو گمنام رهي حياتيءَ جا ڏينهن عزت سان پورا ڪري ته ڇڻ سون ٿيو.

هانگ ڪانگ جي گھر واپسي

هانگ ڪانگ جي ڏيڍ سؤ سالن جي انگريزي قبضي مان آزاد ٿي پھرين جولاءِ تي وري پنھنجي مادرِ وطن چين سان ملي وڃڻ ۾ ٿورا ئي ڏينھن وڃي رھيا آھن. چيني هانگ ڪانگ جي واپسيءَ کي "هانگ ڪانگ جو گھر اچڻ" چون ٿا. ان موقعي تي چين ۾ جشن ملھايا پيا وڃن. جن ۾ حڪومت، فوج، ميڊيا، اسڪول، عوامي گروھ، خانگي تنظيمون ۽ ماڻھو جوش ۽ خروش سان حصو وٺي رھيا آھن. هانگ ڪانگ انگريزن 1839ع ۾ چين کان ھن ڏوھ ۾ کسيو ھو تہ چين انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي چين ۾ آفيم وڪڻڻ ڇو نٿو ڏئي!؟

30 جون 1997ع تي، يعني هانگ ڪانگ تي برطانوي قبضي جي آخري ڏينھن پيڪنگ جي مشھور ۽ معروف تيان من چوڪ تي ھڪ ناچ گاني جو ھڪڙو زبردست جشن ٿيندو. انھيءَ جي ٻئي ڏينھن انھيءَ چوڪ تي ئي ھڪڙو ٽن ايڪٽن وارو ڊرامو ٿيندو. جنھن جي اداڪارن جو تعداد ارڙھن هزار هوندو. شنگھائيءَ جي سمنڊ جي ڪناري واري بند نالي مشھور روڊ تي روزانو هانگ ڪانگ جي گھر واپسيءَ بابت جشن ملھايو پيو وڃي. دراصل چين جي شھرن ۾ روز هانگ ڪانگ جي گھر اچڻ جي باري ۾ ڪوبہ ڪو جشن ملھايو پيو وڃي. نانڪنگ جي شھر ۾ ٻار ۽ ٻڍا شھر جي قديم ديوار وٽ گڏ ٿي، پتين تي اھڙيون تصويرون پيا ڪڍن، جن مان محب وطني ۽ قومي اتحاد جي جذبن جي عڪاسي ٿئي ٿي. سوزو جي بندرگاھ تي جيڪو فوجيان صوبي ۾ لنزي خو جو جشن ملھايو پيو وڃي. لنزي خو چين جي ڪنگ گھراڻي جو اھو اعليٰ آفيسر ھو جنھن 1839ع ۾ برطانوي آفيم جا 12 لک ٽن ضبط ڪري تباھ ڪري ڇڏيا ھئا. ڪانگسو جي الھندي صوبي ۾ لانگ زو علاقي جي ھڪڙي چانوٽيءَ جي سپاھين ھڪڙي مھم شروع ڪري ڇڏي آھي، جنھن جو نعرو آھي: "تاريخ کي سمجھو جيئن

شرمساريِ سڄ ۾ ڏميواريءَ جي خبر پئجي وڃي!" نان جنگ ميونسپل جي انتظاميا هڪڙو ساڍن ٽن ٽنن جو گھڙيال ناهيو آهي، جنهن جو نالو رکيو ويو آهي، "چتاءَ جو گھنڊ." ته جيئن شهرين کي ياد ڏياريو وڃي ته 1842ع ۾ نانڪنگ جي عهدنامي جي ذريعي ڪنگ گھراٽو جنهن هانگ ڪانگ هميشہ لاءِ برطانيا جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. بيجنگ ۾ هڪڙي نمائش ٿي رهي آهي، جنهن ۾ مادرِ وطن چين ۾ هانگ ڪانگ بابت تاريخي فوٽوگرافي، تاريخي دستاويز ۽ هن واقعي جون تاريخي شيون ڏيکاريون پيون وڃن. چيني اڳواڻ ڊينگ شائوپنگ جو هڪڙو قومي مجسمو ناهيو ويو آهي. ڊينگ شائوپنگ هانگ ڪانگ واپس حاصل ڪرڻ واري ڳالهہ ٻولهہ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. هن مجسمي جي مٿان هڪڙي تختي لکيل آهي، "هڪڙي صديءَ جي شرمساريءَ کي ڏوئي ڇڏيو! هانگ ڪانگ جي گھر اچڻ جو جشن جوش ۽ جذبي سان ملهايو!"

وانگ ڊانگ صوبي ۾، جنهن جون سرحدون هانگ ڪانگ سان ملن ٿيون، چيني سپاهي جولاءِ 1997ع کان پوءِ هانگ ڪانگ ۾ جيڪي بنيادي قانون لاڳو ٿيندا، انهن جو مطالعو ڪري رهيا آهن. هانگ ڪانگ ۾ جيڪي پهريان فوجي دستا چين مان ويا آهن، انهن کي هانگ ڪانگ جي رسم ۽ رواج ۽ اتي جي اٺڻ ويهڻ جي آدابن بابت تربيت ۽ چيني زبان جي مقامي لهجي "ڪينٽونيز" جي تعليم ڏني ويئي آهي. چيني ميڊيا تي هڪ زبردست تاريخي فلم هلي رهي آهي، جنهن جو نالو آهي، "آفيم جي جنگ" هن فلم تي ڏيڍ ڪروڙ ڊالر خرچ ٿيو آهي. پرائمري اسڪولن جي ديوارن تي اهڙا گھڙيال لڳايا ويا آهن، جن ۾ گھڙيءَ گھڙيءَ ڏيکاريو وڃي ٿو ته 30 جون ۽ پهرين جولاءِ جي وچ واري رات جا 12 ٿيڻ ۾ ايجان ڪيترو وقت باقي آهي. گھڻين ئي يونيورسٽين ۾ هانگ ڪانگ جي بنيادي قانون يا آئين جي باري ۾ سيمينار ڪرايا پيا وڃن. 24 مئي تي 10 هزار ماڻهن گڏجي هڪڙو ترانو ڳايو هو. تراني جو عنوان هو "جنهن جو اسان خواب ڏٺندا هئاسين، اهو اڄي ويو آهي!" هن حيرت انگيز راڳ رنگ جي

محفل ۾ بيجنگ جي ست هزار رهواسين شرڪت ڪئي هئي. 30 جون تي هڪڙو ٽن ايڪٽن وارو ڊرامو پيش ڪيو ويندو جنهن جو عنوان آهي، "هانگ ڪانگ جي گهر اچڻ تي پليڪارا" هي بيجنگ ۾ پهرين جولاءِ تي پيش ڪيو ويندو ۽ هن ۾ ارڙهن هزار اداڪار شرڪت ڪندا. شانگ سي صوبي جي هڪ سؤ عورتن گڏجي هڪ زبردست رلي ناهي آهي، جيڪا هانگ ڪانگ کي تحفي طور پيش ڪئي ويندي. هينان جي صوبي ۾ 30 جون ۽ پهرين جولاءِ 1997ع جي وچ واري رات جي ٻارهين وڳي 500 چيني جوڙا شادي ڪندا. سونگ پيونان نالي هڪڙو ماڻهو بيجنگ کان هانگ ڪانگ لاءِ پيدل روانو ٿيو آهي. هو پهرين جولاءِ تي ٻه هزار ست سؤ چوٽيهه ڪلوميٽرن جو مفاصلو طئي ڪري هانگ ڪانگ جي گهر اچڻ تي ان کي خوش آمديد چوندو.

1842ع ۾ هانگ ڪانگ برطانيا چين کان هن ڏوهه ۾ کسيو هو ته چين چوپنهنجي ملڪ ۾ آفيم آڻڻ ۽ چيني ماڻهن کي آفيم کائڻ تي پابندي لڳائي هئي! ڪمپنيءَ جو چوڻ هو ته اسان کي سڄي دنيا ۾ واپار ڪرڻ جو حق حاصل آهي. چيني حڪومت جو چوڻ هو ته اوهين اسان کي زهر پيا کارايو ۽ سڄي قوم کي آفيمي پيا بڻايو. انگريزن جو چوڻ هو ته اسين کٽي چا ٻه آڻيون. اوهين اسان جي واپار ڪرڻ جي آزاديءَ کي روڪي نٿا سگهو!

ارڙهين صديءَ ۾ برطانوي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ هندوستان جي ڪيترن ئي علائقن تي قبضو ڪيو ۽ اتان ئي چين سان واپار ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين. چين وڏو ۽ انتهائي شاهوڪار ملڪ هو. اهو شيون ٻاهر موڪلينڊو گهٽيون ۽ ونڊو هو گهٽ. چين جي چانهه، ريشم، سوتي ڪپڙو، پورسلين ۽ ٻيون شيون برطانوي ايسٽ انڊيا ڪمپني خريد ڪندي هئي ۽ انهيءَ عيوض ڪچو سيور، جڙي ٻوٽيون ۽ امير طبقي جي دسترخوانن جي زينت بنائڻ لاءِ ڪجهه ڪائڻ پيئڻ جون شيون چين موڪليندي هئي. 1796ع ۾ جڏهن برطانيا جي شاهه جارج ٽئين شهنشاهه شين لونگ کي خط لکيو ته چين ۽ انگلينڊ جي وچ ۾ هاڻي واپار کي وڌائڻ گهرجي، ته چيني شهنشاهه جواب موڪليو

تہ "اسان وٽ سپ ڪجھ آھي. مون کي عجيب غريب ۽ نت نين شين جي ڪابہ گھرج ڪونھي ۽ اوھان جي ملڪ جون شيون اسان لاءِ بي فائدہ آھن." جيئن تہ انگريزن وٽ چين سان واپار ڪرڻ لاءِ قابل قبول شيون گھٽ ھيون، انھيءَ ڪري کين چيني مال خريد ڪرڻ لاءِ چين کي خالص چاندي ڏيڻي پوندي ھئي. ان مان ڪجھ چاندي تہ ھو ھندوستاني عوام جو خون چوسي ھندوستان کان ونندا ھئا، پر اھا چاندي چيني مال خريدڻ لاءِ ڪافي ڪانہ ھئي، انھيءَ ڪري انھن چين جي مال جي قيمت چڪائڻ لاءِ ھڪڙي نئين شيءِ تيار ڪئي، آفيمر! ۽ ان آفيم پيدا ڪرڻ لاءِ انگريزن ھندوستان جي خاص علائقن ۾ ٻيا سمورا فصل ختم ڪرائي، اتي ڏوڏيءَ جي پوک شروع ڪرائي. سر وليمس پنھنجي ڪتاب "چولي بادشاھت" جي پنجين جلد ۾ لکيو آھي تہ، "ھندوستان جي اتر ۽ وچولي ۾ بنارس، بھار ۽ بين علائقن جي وسيع ۽ ڪشادي زرخيز زمين ڏوڏيءَ جي پوک سان ڀرپور آھي ۽ اناج ۽ ڪپڑو مھيا ڪندڙ سمورا فصل، جيڪي آڳاٽي زماني کان وٽي اتي پوکيا ويندا ھئا، سي ھاڻي ذري گھٽ ختم ٿي چڪا آھن." ان ڏوڏيءَ مان ٺھيل ھندوستاني آفيم جي پھرين کيپ 1781ع ۾ چين پھتي. سنہ 1800ع ۾ شھنشاھ چينگ، آفيم تي پابندي وڌي، پر تيستائين بيشمار ماڻھن کي اھا عادت پئجي چڪي ھئي ۽ سرڪاري آفيسر رشوتي بڻجي چڪا ھئا. آفيم جي سالياني درآمد 1800ع ۾ ٻہ ھزار پيٽيون ھئي ۽ ھرھڪ پيٽي ۾ ھڪ سئو چاليھ کان ھڪ سئو سٺ پائونڊ آفيم پريل ھوندي ھئي. انھن پيٽين جو اھو تعداد 1838ع ۾ وڌي 40 ھزار ٿي ويو، يعني ويھوٽو وڌيڪ! آمريڪي بحري جھاز شروع کان ئي ھن واپار ۾ شريڪ ٿي چڪا ھئا ۽ ھو ھندوستاني آفيم جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ ترڪيءَ مان آفيم سمرنا کان جھازن تي آڻيندا ھئا ۽ اڇي چين ۾ وڪڻندا ھئا.

حڪمران پنھنجو وجود برقرار رکڻ لاءِ آفيم جي درآمد کاررواڻي ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا. ھنن آفيم جي واپار تي پابندي مڙھي ۽ ھن پابنديءَ جي علمبردار لنزي شوئي کي ڪينٽن

(ڪوانگچو) تي اسپيشل آفيسر مقرر ڪري ڇڏيو جتي آفيم ايندي هئي. هن آفيسر برطانوي ۽ آمريڪي واپارين جي ڪوٺين تي ڇاپا هڻي ويهڻ هزار آفيم جون پيٽيون ضبط ڪيون ۽ 3 جولاءِ 1837ع تي هن ضبط ڪيل آفيم سرعام باهه حوالي ڪري ڇڏيو. برطانيا چين کي آفيمي بڻائي، پنهنجي دولت ڪمائڻ جي "حق" کي برقرار رکڻ لاءِ چين سان جنگ جو اعلان ڪيو. 1839ع ۽ 1840ع جي وچ ۾ برطانوي فوجون گهٽن ئي سامونڊي ڪنارن تي لٽيون ۽ ڪينٽن، شنگهائي ۽ لموئي تي قبضو ڪري ڇڏيو. پيش قدميءَ دوران هو وک وک تي قرمار ۽ شهرين جو قتلِ عام ڪندا رهيا. مقابلو ڪندڙ چيني فوجين وڏي جرئت جو مظاهرو ڪيو. هڪڙي برطانوي آفيسر چيني فوجين جي مقابلي کي "سخت جان ۽ احترام لائق" قرار ڏنو. تنگ ها جي علائقي ۾ چيني سپاهين جي بهادريءَ جو ذڪر ڪندي هڪ انگريز آفيسر لکيو. "عظيم الشان! هن کان اعليٰ دليريءَ جو مثال نٿو ملي سگهي!"

دريائي يانگ سي تي چن چانگ سن نالي هڪ چيني ڪمانڊر جا سڀ جا سڀ ماڻهو قتل ٿي ويا هئا. هو هلندو برطانوي سنگينن تائين اچي پهتو ۽ ڏهڻي سان ٻن انگريز فوجين کي موت جي حوالي ڪري خود به جان ڏئي ڇڏي. جڏهن شهر هٿ مان نڪري ويو ته گورنر هاءِ لينگ پنهنجي گهر وڃي ڪانئين ۽ سرڪاري دستاويزن کي باهه ڏني ۽ سڙي ڪلهيار ٿي ويو.

سان پوان لي ڀوٽ جي هارين چيني سرڪاري فوج جي شڪست کان پوءِ هڪڙي وئي شائي هوانگ نالي باغائيءَ جي ڪمان ۾ "ڦينگ ينگ ٽوان" (انگريزن کي ماري ڇڏايو) فوجي دستا ناهي. ۽ هزار انگريزي فوج کي شڪست ڏيئي ڇڏي. پر بهرحال جاگيردار چين کي سرمائيدار برطانيا شڪست ڏيئي ڇڏي. جنگ جي نتيجي ۾ برطانيا جي هٿ چاندي ٿي ويئي. برطانيا چين تي معاهده نانڪنگ مڙهيو ۽ لنزي شوئي جيڪا آفيم ضبط ڪري باهه جي حوالي ڪئي هئي، ان جو ڏنڊ ورتو ۽ آئنده هن زهر جي واپار ۾ رڪاوٽ نه وڌي ويندي، ان جي ضمانت ورتي. هانگ ڪانگ هميشه جي لاءِ برطانيا کي

ڏيئي ڇڏيو ويو. جنهن کي هن چين ۾ وڌيڪ فوجي، سياسي ۽ اقتصادي دست اندازيءَ جي لاءِ استعمال ڪيو. برطانوي واپاري ڪوٺين جي لاءِ پنج وڏيون چيني بندرگاهون کولي ڇڏيون ويون. برطانوي شهرين کي چيني قانون کان بالاتر قرار ڏيئي ڇڏيو ويو ۽ ايئن چين جي سرزمين تي غير ملڪي قانون جي عملداري شروع ٿي ويئي. چين کان ضمانت گهري ويئي ته غير ملڪي شين تي پنج سيڪڙو کان وڌيڪ درآمدي ٽيڪس نه لڳايو ويندو. ان ڪري چيني صنعت جي واڌاري کي شروعات کان ئي جڏو ڪيو ويو. آمريڪا هڪدم چين جي اندروني پاٽيءَ جي رستن تي جهازراني‌ءَ جا "حق" زوريءَ ونڊي ڇڏيا. اهڙيءَ طرح چين تي آمريڪا، برطانيا ۽ ٻين يورپي سرمائيدار حڪومتن طرفان ڦرلٽ، تباهي ۽ ذلت مڙهڻ شروع ڪئي وئي. چين کي هڪڙي عظيم ايشيائي قوت مان ڦيرائي، هڪڙو ڪمزور، بيواهه ۽ انتهائي زوال وارو ملڪ بڻائي ڇڏيو ويو.

1911ع ۾ چين ۾ سرمائيدار انقلاب جي شروعات ڪئي ويئي. 1924ع ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو بنياد پيو. جنهن هڪڙي ڊگهي ۽ اٽانگي جدوجهد کان پوءِ 1949ع ۾ چين کي رجعت پرست، سامراج پرست جاگيردار قوتن کان آزاد ڪرايو ۽ هڪ نئين جديد چيني حڪومت جو بنياد رکيو. هن حڪومت وري هڪڙي ٻي وڏي ۽ ڊگهي جدوجهد کان پوءِ هانگ ڪانگ کي واپس حاصل ڪرڻ جو ناهه ڪرايو. جيني عوام کي هن فتح تي جيتري بي پناهه خوشي آهي، ايتروئي الهندي سرمائيدار ملڪن کي پنهنجي شڪست جو احساس آهي ۽ چين جيڪو فتح جو جشن ملهائي پيو ان ۾ هو قسمين قسمين رنڊڪون وجهي رهيا آهن. گهٽن سرمائيدار ملڪن جي حاڪمن چيو ته اسين هن جشن ۾ شرڪت ڪونه ڪنداسين، پر چيني عوام ان جي پرواهه نه ڪري ۽ هو پنهنجي پروگرام مطابق پنهنجي ملڪ جي ڪسيل حصي کي پهه ين جولاءِ 1997ع تي هڪڙي عالمي تاريخي جشن سان واپس گهر ونڊي اچڻ جي لاءِ تيار ٿيو بيٺو آهي.

(شايع ٿيو: 19 جون 1997ع)

ماري، آسان جي پر ڦڙڪائڻ کان بہ ڏاڍو تنگ آهي

فرانس جي صدر چارڪ 15 مئي 1997ع تي بيجنگ ۾ چين جي صدر جيانگ زي من سان هڪ يارنهن نڪاتي مشترڪ دستاويز تي صحيحون ڪيون آهن. جنهن مطابق ٻنهي ملڪن هڪڙي نئين عالمي نظام قائم ڪرڻ جي لاءِ حڪمت عمليءَ جي پائيواري (Strategic Partner) قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. جنهن نظام ۾ دنيا ۾ ڪنهن هڪ عالمي قوت جي بالادستي نہ هجي. چيني صدر جيانگ زي من هن دستاويز کي هڪڙو تاريخي دستاويز قرار ڏيندي چيو آهي تہ "هن معاهدي هڪ اهڙي گڏيل پائيواريءَ جو مضبوط بنياد فراهم ڪيو آهي. جنهن سان نہ رڳو ٻنهي ملڪن کي فائدو پهچندو پر ان سان عالمي امن. استحڪام ۽ سلامتيءَ کي بہ طاقت ملندي." هڪ مرڪزي عالمي نظام جو فقرو هڪڙي قسم جو سياسي ۽ سفارتي ڪوڊ ورڊ آهي. جنهن جو آسان سنڌيءَ ۾ مطلب ٿيندو تہ "دنيا تي آمريڪي شهنشاهيت ۽ مغربي بالادستيءَ وارو نظام." فرانس. جرمني ۽ برطانيا. نيپولين ۽ ڊيگال جي زمانن کان صديون پهرين کان هڪٻئي جا تاريخي رقيب آهن. فرانس جرمنيءَ سان گڏ يورپ جو اڳواڻ آهي. پر آمريڪا. برطانيا ۽ جرمنيءَ وچ ۾ جيڪا گهاٽي ياري آهي. اها فرانس کي بلڪل پسند نہ آهي. هو مناسب موقعن تي پنهنجي قومي آزاديءَ جي عمل جي اظهار کي پنهنجي قومي پاليسيءَ جو اهم جزو ڪٽائي ٿو.

بتکدی میں شور ہے، اکبر مسلمان ہوگیا،
بیوفاؤں سے کوئی کہہ دے ہاں، ہاں ہوگیا۔
(اکبرالہ آبادی)

پنج ڇهہ سال پهرين سوويت يونين جو خاتمو نظر اچي رهيو آهي.

جس شب آگ سا ديکھا سلگتے،
اسے پھر خاک ہی پايا سحر تک۔
(میر تقی میر)

هن دنيا تي، خاص ڪري ٽئين دنيا تي جڏ سڪرات طاري ٿي ويئي. جڏهن سپر پاور ۽ هڪ پاڙ ۾ زندگي ۽ موت جي ڇڪتاڙ ۾ مبتلا هئا، تڏهن ننڍين ننڍين ملڪن جا ٿورا گهڻا مزا هئا. جيڪڏهن هڪڙو سپر پاور زيادتي ڪندو هو تہ شڪايت ڪرڻ لاءِ ٻيو موجود هو. برطانيا، اسرائيل ۽ فرانس مصر تي حملو ڪيو تہ سوويت يونين جي مارشل بلگانين برطانيا ۽ فرانس کي لکيو تہ جيڪڏهن توهان جي ملڪن تي ٻہ اهڙن پري تائين مار ڪندڙ راڪيٽن جي برسات ٿي پوي ۽ جن کي روڪڻ توهان جي وس ۾ نہ هجي تہ پوءِ...؟ تنهن ڪري حملو بند ٿيو ۽ مصر بچي ويو. پر جڏهن اوچتو صرف هڪڙو ئي سپر پاور رهجي ويو تہ پوءِ ان کي دنيا ۾ پنهنجي داداگيري ڪرڻ کان روڪڻ جي ڪنهن کي همت ٿيندي؟ چون ٿا تہ اقتدار اقتدار جي ڏٽيءَ کي خراب ڪري ٿو ۽ مڪمل اقتدار ان کي مڪمل طور تي خراب ڪري ڇڏي ٿو.

اب تو چُپ لگ گئی ہے حیرت سی،
پھر کھے گی زبان جب کی بات۔
(میر تقی میر)

هڪدم اعلان ٿيو تہ پريشانيءَ جو ڪو سبب ناهي، نئون عالمي نظام اچي پيو سڄي گڙٻڙ ٻہ سپر پاور هٽڻ ڪري هئي، هاڻي صرف هڪڙو رهجي ويو آهي، اهو سيني سان هڪجهڙو انصاف ڪندو سيني جي خبر چار لهندو. دنيا جي جمهوريت پسند مغربي ملڪن، عالمي بئنڪ، آءِ۔ ايم۔ ايف، گئٽ، ايمنسٽي انٽرنيشنل، هيومن رائيٽس ڪميشن، اين۔ جي۔ اوز وغيره ادارن جي موجودگيءَ ۾ دنيا ۾ ڪنهن قسم جي ناانصافي، پسماندگي، بک، بدحالي ۽ لڙائي جهڳڙي جي ڪابہ گنجائش نہ رهندي، پر جيئن ئي هڪ مرڪزي عالمي نظام

پنهنجا پَر ڪيڊيا ۽ عراق، ليبيا، ڪيوبا، صومالیہ، اتر ڪوريا، بوسنيا، چيچنيا وغيره ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاريا تہ معلوم ٿيو تہ معاملو ڪجهہ ٻيو آهي، ڳالهيون اهي ئي مٺيون مٺيون، پياريون پياريون:

سر بسر کین ہے، لیکن وہ پرکار،
دیکھو تو مہربان ہے گویا۔
(میر تقی میر)

اس سلیقے کی عداوت کہیں دیکھی نہ سُنی،
تو زمانے کا عدو، دوست زمانہ تیرا۔
(داغ)

جنهن ملڪ تي پاڇو پيو، پلي صومالیہ هجي يا عراق هجي يا بوسنيا يا ڪوبيو ۽ اهو ڏسندي ڏسندي تباهہ حال ٿي ويو.

تو نے جس دن سے کی مسیحائی،
کوئی اچھا نظر آتا نہیں۔
(اکبرالہٰ آبادی)

ملڪي خودمختياري، ملڪي سرحدن جو تقدس، قومي معيشت، سڀ جڙ ماضيءَ جون ڳالهيون ٿي رهيون هيون.

تمہارا گھر، تمہارا گھر نہیں، مہمان ہو گیا،
کہیں ہے دخل دشمن کا، کہیں قبضہ ہے دربان کا۔
(اکبرالہٰ آبادی)

❊

تڪ تڪ ديدم، دم نہ ڪشيدم.

❊

اک خزاں میں نہ طیر بھی بولا،
میں چمن میں بہت پُکار آیا۔
(میر تقی میر)

ٽئين دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن کي ڏسندي مڪمل اطاعت ۽ فرمانبرداري ۽ پر خوشامد جو رستو اختيار ڪيو.

ہم نے اس کے سامنے اول تو خنجر رکھ دیا،
پھر کلیجہ رکھ دیا، دل رکھ دیا، سَر رکھ دیا۔
(داغ دھلوی)

سب ہو چلی ہیں اس بُت کافر ادا کے ساتھ،
رہ جائیں گی رسول ہی بس اب خدا کے ساتھ۔
(اکبرالہ آبادی)

تمہاری پالیسی کا حال کچھ کھلتا نہیں صاحب،
ہماری پالیسی تو صاف ہے ایمان فروشی کی۔
(اکبرالہ آبادی)

دنيا جو عوام عام طور تي هميشہ ڏکويل ۽ بي سهارا رهيو آهي.

اپنا ہی ہاتھ سر پہ رہا اپنی ہاں سدا،
مشفقت کوئی نہیں ہے، کوئی مہربان نہیں۔
(میر تقی میر)

موجوده وقت ۾ عام انسان جي بيوسي ۽ بي توقيريءَ جي ڪا حد ناهي.

موت اپنی نہ عمل اپنا، نہ جینا اپنا،
کو گیا شروش گیتی میں قرینہ اپنا۔
(فیض)

آخرڪار آهستي آهستي، هڪ هڪ ڪري، مختلف سطحن تي ڪجهہ ننڍا، وچولا ۽ وڏا ملڪ، مختلف اندازن ۾، هڪ مرڪزي عالمي نظام ۾ مغربي بالادستيءَ کي تسليم ڪرڻ کان منهن موڙڻ لڳا ۽ ڪيترائي ملڪ ان جي سزا پوڳڻ لاءِ تيار ٿي ويا. انهن ملڪن ۾ ڪيوبا، عراق، ايران، ليبيا، اتر ڪوريا شامل آهن، جيڪي مغربي ناڪابندي جون مختلف سزائون ڪاٽي رهيا آهن.

ڪجھ وقت کان عالمي سطح تي بہ جڙ هڪڙي قسم جي پُرامن اختلاف جي ڳالھ شروع ٿي پيئي آهي، مثال طور: هندوستان ۽ پوءِ پاڪستان ايٽمي هٿيارن جو خاتمو ڪرڻ متعلق مغربي تجويز مڃڻ ۽ هڪڙي معاهدي تي صحيحون ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ باقي سڄي دنيا ايئن ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

هندوستان جو موقف آهي تہ پهرين ايٽمي طاقتن کي پنهنجي ايٽمي هٿيارن جي خاتمي متعلق پنهنجي واضح پاليسي ۽ ڪنهن نہ ڪنهن قسم جي ٽائيم ٽيبل جو اعلان ڪرڻ گهرجي، جنهن مان ڪجھ خبر پوي تہ هو پنهنجي ايٽمي هٿيارن کي تباهہ ڪرڻ جي لاءِ ڪو ارادو رکن ٿا يا نہ. پاڪستان چوي ٿو تہ پهرين هندوستان، پوءِ اسين!

روسي صدر يلسن جڏهن گهٽو وقت اڳ چين جو دورو ڪيو ۽ شنگهائيءَ ۾ روسي ۽ چيني صدرن هڪ گڏيل بيان ۾ حڪمت عملي سطح (اعليٰ ترين سطح) جي باهمي پائيواريءَ جو ذڪر ڪيو هو. تڏهن ماڻهن ان واقعي کي گهٽي اهميت ڪانہ ڏني، پر وري چيني صدر جيانگ زي من هندوستان جو دورو ڪيو ۽ هندوستاني وزيراعظم ديوگوڙا گذريل مارچ 1997ع ۾ روس جو دورو ڪيو ۽ حڪمت عمليءَ جي سطح جي، يعني اعليٰ ترين سطح جي اشتراڪ عمل جي ڳالھ ڏهرائي ويئي، تڏهن عالمي سفارتي دنيا محسوس ڪيو تہ شايد ڪو ڳالھ ڪري رهيو آهي. ان وچ ۾ غير جانبدار ملڪن جي تحريڪ، جيڪا لڳو ٿي تہ روس جي زوال جي ڪري هڪڙي مصري ممي جيان ڪٿي دفن ٿي پيئي هئي، اها اوچتو اُٿي پيئي ۽ ڳالهائڻ لڳي. هن جي ڳالهائڻ جو لهجو اهڙو باادب نہ هو جهڙي لهجي جي هڪ مرڪزي عالمي نظام جي تابعدار ملڪن مان توقع ڪري سگهجي ٿي. هي لهجو احتجاجي ۽ مطالباتي قسم جو هو.

هلندڙ مهيني جي شروع ۾ چيني صدر جيانگ زي من روس جو دورو ڪيو. روسي پارليامينٽ جي سامهون تقرير ڪندي هن چيو "انسان ذات جلد ئي هڪ ٻي صديءَ کي پوري ڪرڻ واري آهي. اسين پنتي مڙي ڏسون ٿا تہ هيءَ صدي ناقابل بيان انساني تڪليفن

سان پريل آهي، جن جو سبب جنگيون ۽ جنگ کڙڻ جون ڏمکيون آهن. ٻه وڏيون عالمي جنگيون، جيڪي هن صديءَ جي پهرئين حصي ۾ ٿيون، انهن چيني ۽ روسي ماڻهن سميت دنيا کي تباهه ڪندڙ اذيتون ڏنيون. هن صديءَ جي ٻئي حصي ۾ 40 سالن تائين سرد جنگ هلندي رهي، جنهن ۾ وري وري علائقائي ٽڪر ٿيندا رهيا ۽ عالمي امن ۽ ترقيءَ ۾ زبردست رڪاوٽون پيدا ٿيون. هاڻي لازمي آهي ته ماضيءَ جي المين کي نه ڏهرايو وڃي. اسان عالمي امن حاصل ڪرڻ ۽ ان کي محفوظ رکڻ لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن، تنهن ڪري اسان امن جو قدر ڄاڻون ٿا ۽ ان کي زبردست اهميت ڏيون ٿا. هاڻي جڏهن هڪ صدي منجي رهي آهي ۽ پي اڇي رهي آهي، هن وقت دنيا جي مدبرن ۽ عوام جي سامهون هڪڙو سوال درپيش آهي ۽ سڀني کي ان تي غور ڪرڻ گهرجي ۽ ان جو حل سوچي، ڳولي ڪڍڻ گهرجي. اهو سوال هي آهي ته ايڪيهين صديءَ ۾ امن ۽ خوشحاليءَ جي عظيم مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون تدبيرون اختيار ڪرڻ گهرجن؟"

ان ڳالهه کي ڇڏي ته گڏيل بيان جاري ڪرڻ وارن ملڪن ۾ ڪهڙي ملڪ جي ڪهڙي راءِ آهي، هن بيان جا مضمرات انتهائي اهم آهن. موجوده دور جي عالمي حالتن ۽ مسئلن جي حوالي سان هي بيان هڪڙي معنيٰ ۾ پنهنجي قومي خودمختياري ۽ پنهنجي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي راهه خود چونڊڻ جي آزاديءَ کي برقرار رکڻ جي خواهشمند حڪومتن ۽ عوام لاءِ هڪڙي گڏيل راهِ عمل جي نشاندهي ڪري ٿو ۽ تفصيلي ۽ بغور مطالعي جي دعوت ڏيئي ٿو. جديد سياست جي رمزن کان واقف ۽ ان سان گهري دلچسپي رکندڙن کي هن بيان جي غور سان مطالعي سان معلوم ٿي ويندو ته دنيا جي قومي خودمختياري برقرار رکڻ جون حامي ۽ بالادستيءَ جو مخالف قوتون آئنده عالمي، سياسي، اقتصادي ۽ سفارتي ميدان ۾ ڪهڙي نموني جدوجهد هلائڻ جو پروگرام رکن ٿيون.

گڏيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته روس ۽ چين ٻئي ملڪ اهڙي دنيا ۽ اهڙو نئون بين الاقوامي نظام قائم ڪرڻ لاءِ گڏيل جدوجهد ڪندا،

جنهن جو مرڪز ۽ محور صرف هڪ نہ هوندو پر ڪيترائي هوندا. گڏيل بيان ۾ عالمي سامراج طرفان عالمي سياست تي بالادستي جمائڻ جي ڪوشش ۽ طاقت جي راند کي رد ڪيو ويو ۽ مطالبو ڪيو ويو تہ ملڪن جي وچ ۾ گڏيل ڳالهہ ٻولهہ ۽ افهام و تفهيم ٽيڙ گهرجي ۽ تڪر ۽ جنگ کان پرهيز ڪئي وڃي.

گڏيل بيان ۾ آمريڪا يا يورپ جو نالو وٺڻ کان سواءِ ڪيوبا جي ناڪابندي ۽ ٻين ملڪن ۾ فوجي هٿ چراند جي مذمت ڪئي ويئي. چيو ويو تہ سڀ وڏا يا ننڍا، طاقتور يا ڪمزور، دولتمند يا غريب ملڪ عالمي برادريءَ جا هڪ جهڙا ۽ برابر برابر جا ميمبر آهن. ڪنهن بہ ملڪ کي بالادستي جمائڻ جي ڪوشش نہ ڪرڻ گهرجي، طاقت جي راند ۾ ملوث نہ ٽيڙ گهرجي ۽ بين الاقوامي معاملن ۾ هڪ هٿي قائم رکڻ نہ گهرجي. هر ملڪ کي اهو حق آهي تہ پنهنجي قومي حالتن مطابق پنهنجي قومي ترقيءَ جو رستو پاڻ چونڊي، ان ۾ ٻين ملڪن کي هٿ چراند نہ ڪرڻ گهرجي. دستاويز ۾ نالو وٺڻ کان سواءِ چيو ويو آهي تہ آءِ- ايم- ايف، عالمي بئنڪ ۽ گئٽ ذريعي ڏاڻ وجهي، عالمي اقتصادي نظام کي پنهنجي مرضي مطابق تبديل نہ ڪيو وڃي. ملڪن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ واريون پاليسيون ۽ اقدامات ختم ڪيا وڃن ۽ برابري ۽ گڏيل نفعي جي بنياد تي متاسٹا ۽ تعاون جي ذريعي اقتصادي، تجارتي، سائنسي، ٽيڪنالوجيڪل ۽ ثقافتي ميدانن ۾ ترقي ۽ خوشحاليءَ کي هٿي ڏياري وڃي. روس ۽ چين فوجي بلاڪن کي وڌائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ جي بہ مذمت ڪئي. هنن چيو تہ سلامتي ڪائونسل کي جيڪو امن قائم ڪرائڻ جو پروانو ملي ٿو اهو ڪنهن بہ هڪ ملڪ هٿان يرغمال ٽيڙ نہ گهرجي. ناڪابندي جي مسئلي تي ٻنهي حڪومتن چيو تہ انهن قدمن کان متاثر ملڪن، ٻين ڏرين ۽ پر وارن علائقن کي جيڪو نقصان ٿئي ٿو ان کي گهٽ ڪان گهٽ ڪيو وڃي ۽ وقت اچڻ تي انهن کي ختم ڪيو وڃي. ان ڳالهہ تي زور ڏنو ويو آهي تہ هڪ کان وڌيڪ مرڪزن واري دنيا ۽ نئون عالمي نظام قائم ڪرڻ لاءِ ترقي پذير ملڪن ۽ غير جانبدار تحريڪ کي تمام وڏو

ڪردار ادا ڪرڻو آهي. ٻنهي ملڪن چيو ته اسان کي اهو شعور آهي ته اسين تاريخي طور تي انسان ذات جي ترقي ۽ ان جي مستقبل ۽ عالمي امن لاءِ ذميوار آهيون. تنهن ڪري ٻئي ڏريون واعدو ڪريون ٿيون ته اسين اهم معاملن ۾ هڪٻئي سان ڪافي گهرو تعاون ڪنداسين.

هندوستان، چين، روس ۽ فرانس جا گڏيل بيان ان لاءِ تمام اهم آهن، ڇوته نه صرف اهو ته دنيا جي آبادي۽ جو تمام وڏو حصو پهرين ٽن ملڪن ۾ رهي ٿو پر ان لاءِ به ته چين، روس ۽ فرانس اقوامِ متحده جي سلامتي ڪائونسل جا مستقل ميمبر آهن. فرانس يورپي يونين جو اڳواڻ ۽ هندوستان غير جانبدار تحريڪ جو اڳواڻ آهي. هي ملڪ جيڪڏهن پاڻ ۾ ملي اجتماعي پيش رفت ڪندا ته ايڪيهين صدي۽ جي ٻين الاقوامي تعلقات تي تمام وڏا مثبت اثر پوندا. هڪ مرڪزيت ۽ بالادستي۽ جي نظام جي لاءِ تمام گهٽيون مشڪلاتون پيدا ٿيندیون.

بہت ہماری پھڑکنے سے تنگ ہے صیاد،
کہ چار دن سے زیادہ قفس نہیں چلتا۔

(داغ دہلوی)

آمريڪا جي مشهور رسالي "وال اسٽريٽ جنرل" پنهنجي 28 اپريل 1997ع واري پرچي ۾ چيو آهي ته هن اعلان نامي سان آمريڪا جي بااثر ماڻهن کي سخت پريشاني ٿيندي.

سنا کلام جو رندوں کا شیخ گھبرانا،
وہاں تو بات کا چھینٹا بھی شراب نہ تھا۔

(داغ دہلوی)

ان سلسلي ۾ جيڪي ٻيون پيش رفتون ٿيون آهن، اهي به ذڪر جوڳيون آهن.

روس جو پرڏيهي وزير جاپان جو دورو ڪري رهيو آهي. سارڪ ملڪن ڦهريون دفعو گڏيل سياسي مسئلن تي ڳالهائڻ جي گنجائش پيدا ڪئي آهي. ايڪو جي ملڪن وچ ۾ ڳالهه ٻولهه ۾ اهم پيش رفت

ٿي آهي. ايئن لڳي ٿو تہ دنيا جو عوام اجتماعي شعور جي هڪ بلند تر منزل تائين رسائي حاصل ڪرڻ لاءِ ڇلانگون لڳائي رهيو آهي.

ہم مست ہو بھی دیکھا، آخر مزہ نہیں ہے،
ہشیاری کے برابر کوئی نشہ نہیں ہے۔
(میر تقی میر)

ايئن لڳي ٿو تہ ڪجھ وقت ۾ عالمي طاقت جي توازن ۾ گھٽي بهتري اچي سگھي ٿي.

اور بھی دوَر فلک ہیں ابھی آنے والے،
ناز اتنا نہ کریں، ہم کو مٹانے والے۔
(اکبرالہ آبادی)

قبضاگيري هڪ هٿي ۽ بالادستي سياست جي مقابلي ۾ عدم مداخلت، باهمي تعاون ۽ باهمي فائدي تي ٻڌل قومن جي برابري ۽ دوستيءَ جي سياست جو پڙ آهستي آهستي ڳرو ٿيڻ شروع ٿي ويندو.

عرصہ ڈر کے ہنگامے تو خواب سہی،
گرم رکھ آتش پیکار سے سینا اپنا،
ساقیا تنگ نہ کر، جاگ اُٹھے گی محفل،
اور کچھ دیر اُٹھا رکھتے ہیں پینا اپنا۔
(فیض)

عالمي طاقت جو توازن مظلومن جي حق ۾ ٿي رهيو آهي؟

جڏهن يورپ ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي واڌاري ڪري سرمائيڪاريءَ جو نظام اسرڻ لڳو تڏهن ان کي پير جهلڻ کان اڳ هر ملڪ ۾ ڪيترين ئي شڪستون ۽ تباهيون درپيش آيون. رڳو فرانس ۽ انگلينڊ جي ملڪن جو سرمائي واري منزل ڏانهن سفر ڪيڏو اجهاڳ ٿي پيو سيني ٿي چيو ته بابا جاگيرداري/ بادشاهي نظام قدرتي نظام آهي، اهو ڌڻي ئي ڪونهي. فرانس جي فرينچ انقلاب ۽ پوءِ سڄي يورپ جي بادشاهين هٿان تباهي ڏسي مارڪس ۽ اينجلس چيو ته يورپ ۾ جيڪڏهن هڪڙي ملڪ اندر سوشلسٽ انقلاب آيو ته فرانس جهڙي تباهيءَ ۽ برباديءَ وارو حال ٿيندس. گهٽ ۾ گهٽ ٽن ملڪن: فرانس، انگلينڊ ۽ جرمنيءَ ۾ گڏ انقلاب ايندو. تڏهن مس ڪا بچڻ جي اميد ٿيندس.

جڏهن 1917ع ۾ يورپ جي سڀ کان پوئتي پيل اڪيلي سرمائيدار ملڪ روس ۾ انقلاب آندو ويو ته ڪنهن کي خاطري هئي ته اهو هڪڙو مهينو به جٽاءُ ڪندو؟ پر اهو پوري مني صدي قائم رهيو ۽ سڄي دنيا کي اهڙو بدلائي ڇڏيائين جو ان داستان کي لکڻ لاءِ ڪتاب گهرجن. 1917ع ۾ جڏهن اهو انقلاب برپا ٿيو تڏهن سندس ويري آمريڪي- يورپي سرمائيدار نظام 5-6 سئو سالن جي عمر کي رسي، پاڻون پاتال تائين هٿيو. سڄي جهان مٿان قابض ٿيو وينو هو. نئين، ڪم سن ۽ ڪچڙي سوشلسٽ انقلاب جون پاڻون پٽڻ لاءِ هنن گهاگهه سياستبازن چا چا نه ڪيو؟ چرچل چيو هو ته. سندن انقلاب کي ڏڪار جو ڏاهو ڏيئي ماريو. چا چا نه ڪيائون. 1990ع ۾ جڏهن هزارين سازشون، تباهيون ۽ بربادیون ڪتب آٽي روسي انقلاب جو تختو اونڌو ڪيائون ته مڙس ڪپڙن ۾ ئي نه پيا ماپن. سندن هولڙيي اقتصادي فوڪويان فتويٰ ڏني ته هاڻي دنيا ۾ ڪوبه سماجي انقلاب اچي ئي نٿو

سگهي، سرمائيداري قيامت تائين قائم رهڻي آهي، اهائي انسانذات جو مقدر آهي. آمريڪا فيصلو ڪيو ته هاڻ روس جي ڪري جيڪي چين، هندستان ۽ ٻيا سڄي دنيا جا ملڪ مغربي سامراج کان پاڻ ڇڏائي ويا آهن، تن کي وري ماري مڃائي اولهه جي پيرن جي خاڪ بڻايو وڃي. ڇا جو بين الاقوامي قانون، ڇا جي اقوام متحده، ڇا جي برابري، ڇا جا انساني، قومي ۽ ملڪي حق؟ بس جيسين دنيا وري فتح نه ڪئي اٿئون، تيسين سڪ جو ساهه نه ڪٽنداسون. ان ۾ پلي سئو سال لڳي وڃن ته به پرواهه ڪانهي. "آمريڪا جي فوج جي هڪڙي گروهه ۽ سندن هم خيالن مان منڻ ۾ "ڏگهي جنگ" جو نظريو پيش ڪيو جيڪا 50 کان 80 سال هلندي" ان نظريي جي هڪڙي علمبردار چيو آهي. عراق، افغانستان ۽ پاڪستان جون لڙايون وڏي جنگ جي دوران نندڙيون لڙايون آهن. ان وچ ۾ 80 سالن اندر 20 دفعا صدر چونڊجي چڪا هوندا، جن ۾ اهي ووٽر به ووٽ ڪندا، جيڪي اڄا ڄاوا ئي ڪونه هوندا.

ڏگهي جنگ جو فقرو پهريون پيرو 2004ع ۾ آمريڪي مرڪزي ڪمان جي سربراهه جنرل جان پي ابي زيد ڪتب آندو ۽ آمريڪي جوائنٽ چيف آف اسٽاف جي رٽائر ٿيندڙ سربراهه رچرڊ بي ميئرس ان کي ڏهرايو. 2006ع واري صدارتي پيغام ۾ صدر جارج بش چيو ته، "اسان جو نسل دشمنن جي خلاف ڏگهي جنگ وڙهي رهيو آهي." (ڊيلي ٽائيمس- 29 مارچ 2010ع)

ڪنهن سياسي ڏاهي چيو آهي ته آمريڪي حڪومت اهڙيون ئي سنگين غلطيون ڪري ٿي، جهڙيون ٻيا ملڪ ڪن ٿا، پر آمريڪا انهن غلطين کي جيترو جلد درست ڪري سگهي ٿي، اوترو ٻيا ملڪ نٿا ڪن، ڇوته آمريڪا جا ماڻهو پنهنجي حڪمران طبقي تي تنقيد ڪرڻ جا ۽ حڪمران طبقا اها تنقيد ٻڌن، ان تي ويچارڻ ۽ ان جي روشنيءَ ۾ پنهنجي پاليسي ۾ گهربل درستيون ڪرڻ جي لياقت ۽ پهچ رکن ٿا. اولهه جي سرمائيدار دنيا ۾ پنهنجي پتيءَ جون خوبيون ۽ خرابيون آهن. اها نه ڪي رڳو دانائن ۽ ملائڪن جي دنيا آهي ۽ نه وري رڳو ضدي شيطانن جي دنيا آهي.

آمريڪي سماج ڪيترين ئي ڳالهين ۾ دنيا ۾ نيڪي ۽ انسانيت جي مفادن جي خدمت ڪندو رهيو آهي. ان ڪري ان جو سڀ طرفو مطالعو ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان ۾ غلاميءَ جا علمبردار به رهيا آهن ۽ ان جا دلير ۽ بيباڪ مخالف به رهيا آهن. ان ۾ ابراهام لنڪن جهڙا سياستدان ۽ والٽ وٽمن جهڙا انقلابي عوام دوست شاعر به رهيا آهن. جيڪڏهن آمريڪي سياست تي بيرحم ۽ سفاڪ اسرائيل ۽ ارب پتي يهودي ڇانيل آهن تہ ان ۾ خود اسرائيل اندر حق جي ڳالهہ ڪرڻ ۽ ان لاءِ سزائون برداشت ڪرڻ وارا به موجود آهن ۽ انهن جو آواز آهستي آهستي رجعت پرستن ۽ انسانيت دشمنن جي آواز تي حاوي ٿيندو ويڃي. آمريڪا جي پروپيگنڈا مشينريءَ تي رجعت پرست ۽ سرمائيدار ڇانيل آهن، پر ٻيا آواز به اٿندا رهن ٿا. اڄڪلهہ انٽرنيٽ جي رواج کان پوءِ عوامي پاسو تيزيءَ سان زور تي رهيو آهي. آمريڪا جو حڪمران ٽولو ۽ خاص ڪري فوجي ٽولو هينئر رڳو سوويت يونين کي ڏنل شڪست جي مڳيءَ ۾ مست رهجي ڪونہ ويو آهي ۽ رڳو اندَ جي گهوڙي تي سوار ٿيو ڪونہ ٻينو آهي، پر ڏسجي پيو تہ سوچڻ به شروع ڪيو اٿس. هو ڏسي پيو تہ آمريڪا کي عراق ۽ افغانستان ۾ ڪوريا کان وڏي شڪست ملي چڪي آهي. سندس فوجون جيڪڏهن پاڪستان جي ڏهڻ ۾ قاتل رهيون تہ سندن حشر ڪهڙو ٿيندو سو معلوم ڪرڻ ڏکيو ڪونهي. جپان، ترڪي، ٽائلينڊ ۽ ٻيا اتحادي پويان پير ٻيا ڪن. جيتريون لڙايون آمريڪا لڙي سگهي ٿو اوترين لاءِ وٽس خرچ پکو ڪونهي. سندس حال مغل شهنشاهہ اورنگزيب جهڙو ٿي ويو آهي. بهادر فوج تہ آهي، پر پريان واسطو مرهٽن ۽ سکن سان آهي، جن کي ڏهہ دفعا شڪست ڏي ڏجي تہ به جان ڪونہ ٿا ڇڏين. هوڏانهن وري خزاني ۾ دم ڪونهي. ڊيوڊ ايڪسل راڊ (David Axel rod)اسرائيل کي ياد ڏياريو تہ آمريڪا جي سلامتيءَ واسطي لازمي آهي تہ اسرائيل ۽ فلسطين جي ويڑهہ ختم ڪئي وڃي. هن چيو تہ منهنجو ايمان آهي تہ ان جهيڙي کي ختم ڪرڻ نہ رڳو اسرائيل ۽ فلسطين جي عوام جي سلامتيءَ لاءِ لازمي آهي، پر اهو خود اسان آمريڪين جي سلامتيءَ لاءِ به ضروري آهي.

ٻئي طرف آمريڪا اقتصادي گهوتالي ۾ قاتل آهي، غربت وڌي رهي آهي، بيروزگاري، قرض ۾ رياستن توڙي فيڊريشن جون کوٽون وڃن روز وڌنديون. ڪن رياستن ۾ پبلڪ اسڪول بند پيا ٿين، اسپتالون گهٽايون پيون وڃن، يونيورسٽيون ۾ فيون وڌائيندیون پيون وڃن. انهن رياستن ۾ سرڪاري عمارتون وڪرو پيون ٿين. ڪجهه ڏينهن اڳي آمريڪا جي وائيس پريزيڊنٽ Joe Bidden اسرائيلي وزير اعظم نيتن ياهو کي چيو ته، "توهان جيڪي فلسطين ۾ ڪريو پيا، سا ڳالهه اسان جي عراق، افغانستان ۽ پاڪستان ۾ وڙهندڙ سپاهين جون زندگيون خطري ۾ پئي وجهي." هڪڙي رٽائرڊ آمريڪي سفارتڪار چيو ته، "لڳي ٿو ته راند جا قاعدا ۽ قانون تبديل پيا ٿين." هوڏانهن ايران، حماس ۽ لبنان وارا مجاهد لوهه لڳا بينا آهن. صدر عباس تان اسرائيل اڳڙي لاهي ڇڏي آهي ته ان اسان کي چيو ته حماس کي تباهه ڪري وڌو. عرب ليگ ڪمزوريءَ جي باوجود ڪجهه خنڪي پيئي ڏيکاري، لڳي ٿو ته علاقائي طاقت جو توازن مظلومن لاءِ بهتر پيو ٿئي. آمريڪا جا ماڻهو پنهنجين قسمتن جو فيصلو اسرائيلين ۽ يهودي ارب پتين جي هٿ ۾ ڏسي ڏسي بيزار ٿي پيا آهن. وڏي ڳالهه ته خود اسرائيل جا سمجهدار ماڻهو سمجهي ويا آهن ته حالتن ۾ وڏو قيرو پيو اچي.

(13 اپريل 2010ع)

سريلنڪا ۾ جمهوري قوتن جي سرسي

سريلنڪا ۾ جمهوري قوتن هن پيري سرسي حاصل ڪئي آهي ۽ چندريڪا ڀنڊارنائيڪ صدر ٿي آهي ۽ ماٽس مسز بندرا نائيڪي وزيراعظم ٿي آهي. جيڪا گهرو لڙائي هلي رهي هئي، تنهن کي ختم ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڳالهيون ٻوليون هلي رهيون آهن. بنگلاديش ۾ هن وقت مخالف ڌر ۽ سرڪار جي وچ ۾ وڙو ٽڪر آهي. خالده ضياءَ جي حڪومت تي مخالف ڌر جو الزام آهي ته اها نام نهاد اسلامي رجعت پرست قوتن کي اسلام جي نالي ۾ هشي ڏئي رهي آهي. ان جي ڪري بنگلاديش ۾ جمهوري عمل متاثر ٿي رهيو آهي. هن وقت اتي تمام گهٽي ڇڪتاڻ آهي.

افغانستان مملڪت ٽڪرا ٽڪرا ٿي رهي آهي

افغانستان ۾ نجيب الله گورنيمنٽ خلاف سازش، بغاوت ڪري ان جو دغا سان تختو اونڌو ڪرائڻ کان پوءِ خدا، خدا جي رسول ۽ اسلام جي راهه ۾ سر فدا ڪرڻ جي دعويدار مجاهدين جي اصلي خود پرست، موقعي پرست ۽ سامراج پرست ڪردار جا پول پڌرا ٿي چڪا آهن. سڄي دنيا اڳيان اها حقيقت ظاهر ٿي پئي آهي ته همراهن ڏگهيون ڏاڙهيون ڪٽي ڇڏيون آهن ته فڪر ڪونهي، اصل ۾ مجاهد ٻجاهد ڪونهن. اهي آمريڪي ڪٽي ڪائڻ وارا مجنا آهن. جن پنهنجي پيٽ پرڻ لاءِ هٽي افغانستان جي مملڪت کي ٽڪر ٽڪر ڪري وڙو آهي ۽ عوام کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي. هن سڄي عمل مان جيڪڏهن ڪو سچ پچ شريف وطن ۽ عوام سان وفادار ماڻهو نڪتو آهي، ته اهو ڊاڪٽر نجيب الله آهي. جيڪو پنهنجي وطن ۽ قوم جي خاطر اقتدار تان دستبردار ٿيو ۽ ان کان پوءِ ساٽس دوکو ڪري کيس گرفتار ڪيو ويو آهي. هن وقت ڏسجي ٿو ته ترقي پسند قوتن جي تعاون کان سواءِ خاص ڪري ڊاڪٽر نجيب کي آزاد ڪري سندس ساٿ حاصل ڪرڻ کان سواءِ افغانستان جي ٽڪر ٽڪر ٿي ويڙ جو

امڪان ختم نه ٿيندو. ڊاڪٽر نجيب جي ئي هڪڙي پارٽي آهي، جيڪا موجوده حالتن ۾ افغانستان کي گڏ رکڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

نيپال ۾ موجوده حڪومت تمام ڇڪي شروعات ڪري چڪي آهي. نيپالي پورهيت انقلابي عوام تمام ڏڪهو عرصو جدوجهد ڪندڙ عوام مان جيڪي سڀ کان وڌيڪ ارڏا ۽ ذهين انقلابي ماڻهو آهن، نيپالي انقلابي انهن جي پهرين صفن منجهان آهن.

دين ايمان ٻئسو، فقط ٻئسو!

جن جن ملڪن ۾ عالمي مالي فنڊ ۽ عالمي بئنڪ جي پروگرام تي عمل شروع ٿيو آهي، اتي جو سماجي دين ۽ ايمان رڳو ٻئسو وڃي رهيو آهي. اتي رشوت خوري بدترين صورت اختيار ڪري چڪي آهي. روس، هندستان، پاڪستان ۽ ٻين هنڌن تي ڪريون لٽون ۽ڏاڙا عام جام ٿي ويا آهن. روس کي ته انساني قتل جو تخت گاهه ڪوٺيو ويو آهي. هندستان ۾ رشوت خوريءَ ۽ ڪرلٽ بابت خواريون چوٽ چڙهيل آهن. پاڪستان جا مختلف حڪمران ٽولا رشوت خوري، ڪرلٽ ۽ عوامي خزاني تي ڏاڙن جا عالمي رڪارڊ توڙيو وينا آهن.

سامراج ۽ سوشلزم جي وچ ۾ ٽڪر

گذريل سالن ۾ آمريڪي سامراج باقي رهيل سوشلسٽ ملڪن جي مٿان سڀ طرفي چڙهائي شروع ڪري چڏي آهي، ان کي سرمائيداري سامراج ۽ سوشلزم جي وچ ۾ عالمي ٽڪر هن تاريخي دور جو سڀ کان بنيادي ٽڪر آهي. ان تفصيلات ۾ وڌيڪ شدت آئي آهي. انهن سوشلسٽ ملڪن مان ڪن ملڪن آمريڪي سامراج جي چڙهائيءَ جو ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪيو آهي. سامراج پنهنجا ناپاڪ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اندروني ڪڦڙ پيدا ڪرڻ جو هٿيار استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، پر ان سان گڏ هووقت اچڻ تي فوجي دٻاءُ ڪتب آڻڻ يا ان جو ڏڪو ڏيڻ کان بہ نٿو گسي. ان جو سڀ کان ويجهڙائيءَ وارو مثال ڪيوبا جو آهي. آمريڪي سامراج جي اقتصادي گهيري ۽ ناڪابنديءَ جي ڪري ڪيوبا لاءِ وڏيون مشڪلاتون پيدا ٿيون آهن. اقوام متحده جي

جنرل اسيمبلي نهراءَ پاس ڪيو آهي تہ ڪيوبا جي ناڪي بندي ختم ڪئي وڃي ان نهراءَ کي نظر انداز ڪري آمريڪي سامراج ڪيوبا جي عوامي انقلاب ۾ سوشلسٽ حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ ڪيوبا ۾ دست اندازيون ڪري رهيو آهي.

ڪيوبائي عوام سوشلسٽ نظام جي بچاءَ لاءِ عوامي ہڏيءَ جو هڪ اهڙو مثال قائم ڪيو آهي، جنهن کي ڏسي سڄي دنيا جي جمهوري قوتن جي دل خوش ٿي وئي آهي. ڪيوبا جي انهي مضبوط موقف جي سڄي دنيا ۾ ساراهہ ڪئي وئي آهي. ۽ ان سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو آمريڪا ڪيوبا ۾ پنهنجي مقصدن ۾ ڪامياب نہ ٿيو ۽ نتيجي طور آمريڪا جي سرڪار ان ڳالهہ تي مجبور ٿي تہ هو 9 سيپٽمبر 1994ع تي ڪيوبا سان في الحال هڪ ناهہ ڪري. موجوده حالتن ۾ اها ڪيوبا جي آمريڪي سامراج خلاف عوام جي آمريڪا سامراج خلاف هڪڙي اهم فتح آهي.

اتر ڪوريا خلاف سازش ناڪام

آمريڪا جيئن هڪڙي هٿرادو هنگامي صورتحال پئدا ڪري عراق تي حملو ڪيو هو تيئن هن چاهيو تہ ڪوريا ۾ بہ هڪڙو هٿرادو هنگامو پئدا ڪري، بهانا بڻائي، اتر ڪوريا جي عوامي انقلابي حڪومت کي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائي ان کي گوڏن ۾ جهڪايو وڃي. انهيءَ لاءِ ان ڪوريا جي جمهوري عوام ۽ عوامي جمهوري راج جي خلاف گهيري، ناڪي بندي ۽فوجي دست اندازيءَ جا هٿيار استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان لاءِ بهانو اهو ڏنو ويو تہ عوامي جمهوري ڪوريا پنهنجي ائٽمي ڪارخانن جي معائني ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي، حالانڪ بين الاقوامي ائٽمي قوت جي ايجنسيءَ بار بار ان ڳالهہ جي تصديق پئي ڪئي آهي تہ عوامي جمهوريہ ڪوريا وٽ نہ ايٽمي هٿيار آهن نہ اها اهڙا هٿيار پئدا ڪرڻ جي ويجهو پهتل آهي. آمريڪا هر دفعي اها ڳالهہ قبولڻ کان انڪار پئي ڪيو ۽ عوامي جمهوري ڪوريا ان باري ۾ جيڪي بهتر تجويزون پيش ڪيون ٿي تن مان ڪابہ قبول نہ ٿي ڪيائين پر چين اقوام متحده جي سلامتي ڪائونسل

۾ سخت موقف اختيار ڪري آمريڪي فوجي دڙڪي کي ناڪام بڻائي ڇڏيو. نتيجو اهو نڪتو جوآگسٽ 1994ع ۾ عوامي جمهوري ڪوريا ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ٻڪالهين جو چوٽون دور ٿيو ۽ آمريڪا عوامي جمهوريہ ڪوريا سان ناهہ ڪرڻ قبول ڪيو. هن ناهہ ۾ انهيءَ ٻڪالهہ کي بہ خيال ۾ رکيو ويو تہ عوامي جمهوري ڪوريا کي سڃي دنيا کان ڪاٽي رکڻ جي عمل جو خاتمو ڪيو وڃي ۽ آمريڪا عوامي جمهوريا ڪوريا سان سفارتي ناتا قائم ڪري.

انساني حقن لاءِ ٻڌٽيءَ جي آڙ ۾

آمريڪا اها چٽي ڪوشش ڪري رهيو آهي تہ چين طرفان انساني حقن جي خلاف ورزيءَ جو بهانو بڻائي چين کي انهيءَ ٻڪالهہ تي مجبور ڪيو وڃي تہ هو پنهنجا دروازا سامراجي ڦرلٽ لاءِ صفا کولي ڇڏي. آمريڪا دڙڪو ڏنو آهي تہ چين جيڪڏهن سندس ٻڪالهہ نہ مڃي تہ کيس جيڪي ٻين وانگر واپاري سهولتون حاصل آهن، سي بند ڪيون ويندیون، پر چين آمريڪا جي مٿان واپار جي معاملي ۾ جيڪا بالادستي رکي ٿو ۽ چين جي طرفان جوابي قدم تي آمريڪا کي جيڪو نقصان پهچڻ جو انديشو آهي، تنهنجي ڪري مجبور ٿي آمريڪي حڪومت في الحال چيني واپاري حيثيت برقرار رکي آهي، پر آمريڪا ايڏا تائين چين کي گيٽ جو مڪمل ميمبر بنجڻ نٿو ڏئي.

آمريڪا چين جي سالميت کي نظر انداز ڪري تائيوان کي اڳي کان گهٽا خطرناڪ هٿيار ڏئي چين خلاف تائيوان وارو پتو استعمال ڪري رهيو آهي. هانگ ڪانگ ۾ برطانيا جي سامراجي حڪومت اها ڪوشش ڪري رهي آهي تہ هانگ ڪانگ جيڪو پهرين جولاءِ 1997ع تي چين کي موٽي ملڻو آهي تنهنجي واپسيءَ ۾ پيچيدگيون ۽ رندڪون پئدا ڪيون وڃن. برطانيا روز ڪَونہ ڪو بهانو ڪريو ويٺو آهي. تازو بهانو ڪيو اٿس، جمهوري چونڊن ڪرائڻ جي ضرورت جو پر انهن سيني ناپاڪ ڪوشش جي باوجود آمريڪي سامراج انهن سوشلسٽ ملڪن کي بليڪ ميل ڪرڻ ۽ انهن ۾ سوشلسٽ نظام جو تختو اونڌو ڪرڻ ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيو آهي. دراصل آمريڪا کي

مجبور ڪيو ويو آهي تہ اهو ويٽنام جي اقتصادي ناڪا بندي ختم ڪري

دائمي گهوٽالن جو شڪار نظام

سوويت يونين ۽ اوپر يورپ جي سوشلسٽ نظام جي ڀاهجڻ جي نتيجي طور بين الاقوامي ميدان ۾ طبقاتي قوتن جو توازن تاريخي اعتبار کان ڪجهہ وقت لاءِ سرمائيداري نظام ۽ عالمي سامراج جي فائدي ۾ ٿي ويو آهي. دنيا جي عوام دوست ۽ ترقي پسند تجزيہ نگار اقتصادي ماهرن ۽ نظرئي دانن جو اهو نقطہ نظر بدستور مضبوطي سان قائم آهي تہ انسان ذات اڄ جن مکيہ مسئلن ۾ الجهيل آهي. تن جي واسطي سرمائيداري کوبہ تسليءَ جوڳو حل نٿي ڏسي. ان جي ابتڙ اها هميشہ وانگي اڄ بہ ڪروڙين انسانن کي گندگي، محتاجي، فاقي ۽ مصيبتن ۽ غلاميءَ جي زندگيءَ جي گندي ڍٻڙ ۾ اڇلائي رهي آهي. حقيقت ۾ سرمائيداري هڪ اهڙو سماجي رشتو آهي، جيڪو نہ هيستائين ڪڏهن گهوٽالي کان آزاد رهيو آهي ۽ نہ هن کان پوءِ بہ ڪڏهن رهي سگهي ٿو. اڄ جي مخصوص طبقاتي قوتن جي توازن ۾ اها سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ بين الاقوامي مارڪيٽ جي واڳاري کي ڪتب آڻيندي ۽ سرمائيداري اندر توڙي بين الاقوامي سطح تي غريب پورهيت عوام ۽ ٽين دنيا جي غريب ملڪن جي عوام کان قرلٽ کي وڌيڪ تيز ڪندي پنهنجن مسئلن کي منهن ڏئي پئي سگهي. نتيجي طور اڄوڪي دور جا پنج ئي بنيادي تضاد ۽ ٽڪر روز بروز وڌيڪ شديد ٿيندا ويڃن. اهي پنج تضاد ۽ ٽڪر آهن:

1. سامراج ۽ سوشلزم جي وچ ۾ تضاد ۽ ٽڪر، 2. سامراج ۽ ٽين دنيا جي ملڪن وچ ۾ تضاد ۽ ٽڪر، 3. سامراج ملڪن جي وچ ۾ تضاد ۽ ٽڪر، 4. پورهئي ۽ سرمائي جي وچ ۾ تضاد ۽ ٽڪر، 5. وڏيرا شاهي ۽ سردار شاهي وارن ملڪن ۾ راڄن جي ماڻهن ۽ هارين جو سردارن ۽ وڏيرن سان تضاد . هن دور جو مکيہ ڪردار ۽ نوعيت اڳي وانگر هينئر بہ انسان ذات جي سرمائيداريءَ کان سوشلزم ڏانهن وڌڻ واري آهي. ان ڪري انهن پنج ئي تضادن مان مرڪزي تضاد ۽ ٽڪر عالمي سامراج ۽ سوشلزم جي وچ واروتضاد ۽ ٽڪر آهي.

عالمي انقلابي تحريڪ نيون توانائيون حاصل ڪرڻ شروع ڪيون آهن:

عالمي سامراج موجوده صورتحال جو فائدو ونندي سڄي دنيا تي پنهنجي بالادستي مڙهڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهيوآهي. ان جو پهريون نشانو اڳوڻن سوشلسٽ ملڪن ۾ سرمائيداريءَ جو بول بالا ڪرڻ آهي. پر اهو ڪم ايترو آسان ۽ سادو ثابت نه ٿيو آهي. جيترو سامراجين طرفان سمجهيو ويو ٿي. حالتن مان صاف نظر پيو اچي ته روس ۾ سوشلزم جي زوال جي واقعن کان پوءِ ۽ بين الاقوامي انقلابي پورهيت تحريڪ ۾ جيڪو گهوٽالو پيدا ٿيو ۽ مارڪسزم ليننزم جي مٿان زبردست نظرياتي چڙهائي شروع ڪئي وئي. اهي پڻ عارضي ڪوششون ثابت ٿي رهيون آهن. صاف نظر اچي رهيو آهي ته جيئن سرمائيداريءَ جو گهوٽالو وڌيڪ گهرو ٿيندو تيئن ئي دنيا جا پورهيت غريب عوام لازمي طور پنهنجي نئين صف بندي ڪندا ۽ سرمائيدار سامراجي چڙهاين سان مقابلي جي جدوجهد ۾ پنهنجو پاڻ کي نئون تازوتوانو ۽ طاقتور بنائيندا.

(6 مئي 1995ع)

شهنشاهہ نپولين بوناپارٽ جو سياسي قتل

1821ع جي هڪ شام هئي، سج لهي چڪو هو. سينٽ هيلينا جي برطانوي ڇانوٽي جي توپ واپسيءَ جو روايتي گولو اڇليو. شهنشاهہ هڪ ٽڏي آهہ پريءِ ڏاڪٽر ان پهرين آهہ ءِ ايندڙ آهہ جي وچ جو وقفو معلوم ڪرڻ لاءِ گهڙي ڏسندو رهيو. پندرهن سيڪنڊ پورا ٿيا، ٽيهہ سيڪنڊ پورا ٿيا، هڪڙو منٽ گذري ويو نبض غائب ٿي ويئي. دنيا جو هڪ تاريخ ساز فاتح ءِ مدبر، لکين يورپي ماڻهن جي دلين جي ڌڑڪن، رومانوي داستانن جو هيرو، فرانس جو سحر انگيز شهنشاهہ نپولين بوناپارٽ 51 سالن جي نسبتاً گهٽ عمر ۾ دنيا مان هليو ويو.

پنهنجي سڄي يورپ جي دشمنن جي هٿان واٽر لو جي شڪست ءِ فرانس جي تخت تان ٻي ءِ آخري دستبرداريءَ کان پوءِ ساڍن پنجن سالن جي انگريزن جي قيد ۾ زندگي گذاريندڙ فرينچ شهنشاهہ پنهنجي ڏاڪٽر کي هدايت ڪئي هئي تہ منهنجي موت کان پوءِ منهنجو پوسٽ مارٽم ضرور ڪرايو ويجي. هو جنگي جينيس، جنهن هڪٻئي ٻنيان يورپ جي سڀ کان وڌيڪ طاقتور ملڪن کي يورپي جنگي تاريخ جي يودي، آرڪول ءِ ردولي (97_1796ع)، ماربنگو (1800ع)، الع ءِ آسترلز (1805ع)، جنيا، ايلا ءِ فريڊلينڊ (1806ع) ءِ واگرام (1807ع) جهڙين مشهور ءِ معروف جنگين ۾ بار بار شڪستون ڏنيون هيون. ڪيس هميشہ خدشو هوندو هو تہ ڪيس سندس دشمن انهن شڪستن جو بدلو وٺڻ لاءِ قيد ۾ قتل ڪرائي ڇڏيندا.

جن اٽن ڏاڪٽرن نپولين جو پوسٽ مارٽم ڪيو انهن ۾ ست انگريز هئا، اٺون ڏاڪٽر فرانسسڪو آنٽو مارچي، ان جزيري ڪارسيڪا جو رهندڙ هو. جتان جو نپولين رهندڙ هو. هو گذريل 19 مارچ 1921ع ۾ نپولين جو ذاتي علاج ڪندڙ هو. اٺ ڏاڪٽر يڪ راءِ نہ ٿي سگهيا. اٽن ئي چار الڳ الڳ رايا ڏنا. سڀ ان ڳالهہ تي متفق هئا تہ

نپولين جي پيٽ ۾ هڪ السر هو. ڊاڪٽر آنٽومارچي چيو ته هو ڪينسر ۾ مبتلا هو. انگريز ڊاڪٽرن چيو ته ان جي پيٽ جو هڪ سخت حصو ڪينسر ٿيڻ ڏانهن وڃي رهيو آهي. ان سان دنيا ۾ آساني‌ءَ سان مشهور ٿيو ته نپولين پيٽ جي السر جي ڪري مري ويو. انگريز ڊاڪٽرن وڌيڪ اها راءِ ڏني ته ان جو جگر فطري حد کان وڌيڪ وڏو ويو هو.

ٽن ڏينهن کان پوءِ، 9 مئي 1821ع تي نپولين کي سينٽ هيلينا جي هڪ وادي‌ءَ ۾ دفن ڪيو ويو. شهنشاهہ جي وفات کان پوءِ ان جو مٽو ڪوڙيو ويو ۽ ان جي هڪ خدمتگار لوئي مارچند بعد ۾ ان جا وار سون جي ڊبلين ۾ رکي بوناپارٽ خاندان جي تمام گهڻن ماڻهن کي موڪليا. ان جي وارن جو هڪ ڇڳو پاڻ وٽ ٻ رکيائين. جيڪو پنهنجي اڻ شايع ٿيل يادگيرين سان گڏ هن پنهنجي ڏي‌ءَ کي ڏنو. نپولين موت کان پهرين پنهنجي وصيت لکي هئي، جنهن ۾ هن چيو هو ته، "آئون پنهنجي وقت کان اڳ مري رهيو آهيان، مون کي انگريز آفيسرشاهي ۽ ان جي ڪرائي جي قاتلن قتل ڪيو آهي." نپولين جي صحت قيد کان پهرين هميشہ قابل رشڪ رهي هئي. هو ايترو گهٽو پوڙهو نہ ٿيو هو. هو 51 سالن جي نسبتاً گهٽ عمر ۾ ڇو مري ويو؟ اهو بحث نسلن تائين يورپ ۾ هلندو رهيو. ڏسندي ئي ڏسندي 134 سال گذري ويا.

1955ع جي سرءُ جي موسم هئي. انهن ڏينهن ۾ سويڊن جي بندرگاهہ گوٽي بورگ جي هنگوائي ۾ استين فور شوف وود نالي پنجاهہ سالن جو هڪ ڊگهو سنهو ۽ ڳاڙهن وارن وارو ماڻهو رهندو هو. جنهن کي طرحين طرحين جي ڪمن سان دلچسپي هئي. هن جو پيشو ڏندن جو علاج ڪرڻ هو. پر هو هڪ طرف بايولاجي ۾ تحقيق ڪري رهيو هو ته ٻئي طرف هو زهر جي اثرن جو بہ گهري دلچسپي‌ءَ سان مطالعو ڪندو هو. انهن سيني ڳالهين کان علاوه هو يورپ جي هزارين، لکين ماڻهن وانگر نپولين جو وڏو مداح هو. هن جي گهر جو هڪ ڪمرو نپولين جي ڪيترين ئي يادگار شين سان سينگاريل هو. انهن ڏينهن ۾ نپولين جي خدمتگار لوئي مارچند جي نپولين جي باري ۾ لکيل ڪتاب جو ٻيو جلد شايع ٿيو هو جنهن ۾ نپولين جي سينٽ هيلينا

جي قيد جي زماني جون يادگيريون بيان ڪيون ويون هيون. مارچند پنهنجي ڪتاب جي اُن جلد ۾ شهنشاهه جي زندگيءَ جي جنوري 1821ع کان مئي 1821ع تائين جي روزمره جون حالتون بيان ڪيون هيون. هن سادي سودي انداز ۾ هرهڪ ڏينهن جي باري ۾ ٻڌايو هو ته فلاڻي ڏينهن نپولين کي ڪهڙي تڪليف هئي، ان ڏينهن هن ڇا کاڌو هو ان کاڌي جو نپولين تي ڪهڙو اثر پيو هو ڪيس جيڪي دوائون ملي رهيون هيون، انهن جو مٿس ڪهڙو ردعمل ٿيو هو وغيره وغيره. مارچند جي انهن لکڻين مان ظاهر ٿيندو هو ته نپولين کي ڪڏهن سخت ننڊ ايندي هئي ۽ ڪڏهن بلڪل بي خوابيءَ واري ڪيفيت هوندي هئي. نپولين جا پير سُڄي پيا هئا ۽ هو شڪايتون ڪندو هو ته منهنجون ٽنگون بلڪل ڪم نه ٿيون ڪن. فورشوف وود، زهر جي باري ۾ جيڪو گهرو مطالعو ڪيو هو ان جي روشنيءَ ۾ هن نپولين جي آخري لمحن جي حالتن جو غور سان جيڪو مطالعو ڪيو ان سان هن جي دل ۾ هڪدم اهو سوال پيدا ٿيو ته، "ڇا اهو ممڪن آهي ته نپولين کي زهر ڏنو ويو هجي؟" هن سوچيو ته اهو هڪ خطرناڪ خوراڪ ۾ ممڪن نه ٿي ٿي سگهيو ڇوتہ لاش جي پوسٽ مارٽم جي حالت ۾ ان زهر خورانيءَ جي شاهدي بلڪل سامهون اچي وڃي ها يا ان جي آخري لمحن جا جيڪي اکين ڏٺا شاهد هئا، اُهي به اُهي علامتون بيان ڪري ڇڏيندا جيڪي زهر کائڻ سان مرندڙ ماڻهوءَ ۾ هونديون آهن. ان ڪري هن سوچيو ته سوال صرف اهو آهي ته ڇا ان کي آهستي آهستي، مهينن يا سالن تائين، بار بار زهر جا ننڍا ننڍا ڊوز ڏئي قتل ڪيو ويو هو؟ نپولين جي زماني ۾ زهر جي تمام عام صورت سنکيا هئي. مارچند جي ڪتاب ۾ نپولين جي مرض جون جيڪي علامتون بيان ڪيون ويون هيون، انهن مان ته ظاهر هو ته ڪيس بار بار ننڍين ننڍين ڊوزن ۾ سنکيءَ جو زهر ڏنو ويو هو پر مارچند وٽ ان ڳالهه جو ڪوبه آخري ثبوت نه هو.

ڇٽين سالن تائين فورشوف وود نپولين جي متعلق لکيل عالمانه مضمونن ۽ مقبولِ عام سوانح پڙهندو رهيو. هن کي پنهنجي روزمره جي ڪم ڪار مان جيڪو وقت ملندو هو ان کي مطالعي ۽

تحقيقات ۾ صرف ڪندو هو. پوسٽ مارٽم رپورٽ، ڊاڪٽر فرانسسڪو آنٽو مارچي جي ڪيس بوڪ ۾ مارچند جي ڪتابن جي اجتماعي مطالعي مان فورشوف وود تي اها ڳالهہ واضح ٿي ويئي تہ سنکڻي جو زهر ملندڙ انسان ۾ جيڪي 32 علامتون هونديون آهن، انهن مان 22 علامتون مرڻ کان پهرين نپولين جي جسم ۾ موجود هيون. نپولين جي جنازي کي ان جي وفات جي 18 سالن کان پوءِ پئرس آندو ويو هو. نپولين جو ٻيهر پوسٽ مارٽم ڪرڻ هن جي وس ۾ نہ هو. هڪ صورت اها هئي تہ نپولين جي وارن جو معائنو ڪيو ويڃي، ڇوتہ هن کي ٻہ خبر هئي تہ ڪنهن جي ٻہ وارن جي تجزيي سان جسم ۾ سنکڻي جي موجودگيءَ جو پتو پئجي سگهبو هو. پر صحيح نتيجي تي پهچڻ لاءِ پنج هزار ننڍا ننڍا وار گهربل هئا ۽ ايترا وار هن کي ملي نہ ٿي سگهيا.

نومبر 1959ع ۾ فورشوف وود پنهنجي شهر جي لائبريريءَ ۾ هڪ رسالو ڏٺو جنهن جو نالو "تجزياتي ڪيميا" هيو. ان جي هڪ مقالي ۾ ٻڌايو ويو هو تہ وارن جي تجزيي جو هڪ نئون طريقو ايجاد ٿيو آهي. اها ايجاد ڊاڪٽر هملٽن اسمٿ نالي هڪ سائنسدان ڪئي هئي، جيڪو اسڪاٽ لينڊ ۾ يونيورسٽي آف گلاسڪو جي ڏوهن جي تحقيقات جي شعبي سان واڳيل هو. فورشوف وود، شهزادي نپولين کي خط لکيو جيڪو شهنشاهہ نپولين جو وارث هو. پر شهزادو ان مسئلي ۾ ڪوبہ تعاون ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. ان کان پوءِ هن پنهنجي زال سان گڏ نپولين جي معاملن جي ماهرن جي پئرس واري حلقي جي ميمبر ڪمانڊنٽ هيري ليڪوڪ سان ملاقات ڪئي، جنهن فورشوف وود جي زال جي سامهون نپولين جي وارن جو هڪ ڇڪو پيش ڪيو. ان مان فورشوف وود جي زال صرف هڪ وار ڪنيو، جيڪو ڊاڪٽر هملٽن اسمٿ کي گلاسڪو ۾ موڪليو ويو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ان جو جواب آيو. "مون ان وار جو پنهنجي طريقي جي مطابق تجزيو ڪيو تہ في گرام ۾ 10.38 مائڪرو گرام سنکيو موجود هو. ان مان پتو پوي ٿو تہ جنهن ماڻهوءَ جا هي وار آهن، ان کي ڪافي مقدار ۾ سنکڻي جو زهر ڏنو ويو هو." هڪ ماڻهوءَ کي انساني وارن ۾ ڏهہ لک حصن مان 8 حصا

سنکيو هوندو آهي. جنهن وقت نپولين جي وفات ٿي هئي، ان وقت سندس وارن ۾ عام مقدار کان تيرهن پيرا وڌيڪ سنکيو موجود هو.

فورشوف وود، هملٽن ۽ سويڊن جي هڪ زهر جي ماهر اينڊرس وارسن ملي ڪري هڪ مضمون لکيو جنهن ۾ ڊاڪٽر اسمٿ جيڪي ٽيسٽون ڪيون هيون، ان جا نتيجا پيش ڪيا ويا هئا. اهو مضمون برطانوي سائنسي رسالي "فطرت" جي 14 آڪٽوبر 1961ع واري اشاعت ۾ ڇپيو. هاڻي ڪجهه عرصي ۽ قسم جي تحقيقات جو مسئلو درپيش آيو پر ان لاءِ ٻيا وار موجود نه هئا. ٻن هفتن کان پوءِ سوئيزرلينڊ جي هڪ ڪپڙي جي ڪارخاني ۾ ڪلفرڊ فرلي، فورشوف وود کي ٽيليفون ڪري ٻڌايو ته مون وٽ نپولين جي وارن جا پنجاهه ڇڳا موجود آهن، جيڪي پهرين نپولين جي هڪ خدمتگار پاران ابراهام نوواراز جي ملڪيت هئا، جنهن نپولين جي وفات کان پوءِ ان جا وار ڪوڙيا هئا. ڪارخانيدار فورشوف وود جي درخواست تي خود گلاسڪو وڃي اهي وارن جا ڇڳا ڊاڪٽر هملٽن اسمٿ جي حوالي ڪيا. جيستائين رپورٽ اڇي تيستائين فورشوف وود نپولين جي زندگيءَ جي آخري مهينن، يعني 28 سيپٽمبر 1820ع جنهن تاريخ کان ان جي صحت تيزيءَ سان ڪِرڻ لڳي هئي، ان کان ونڊي 5 مئي 1821ع تائين جي عرصي جي حالتن جو گهرو تجزيو ڪيو.

شام کي ڇو 'سنگسار' ڪيو پيو وڃي؟

شام ۾ مهينن کان ڇڙ رت جو تلاءُ ٻڏيو پيو آهي. شامي حڪمرانن ۽ عوام جون اکيون آسمان ۾ ڪتل آهن. شام ڪن زمانن کان وڌي تعصبي مغربي سامراجين جي اکين جو ڪنڌو ٻڌيل آهي. هنن جي حساب سان شام جي حڪومت جي ڏوهن جو ڪو شمار ئي ڪونهي. شام ڪن زمانن تائين عيسائي اڪثريت واري ملڪ لبنان تي قبضو ڪريو ويٺو هو ۽ اڄ تائين لبنان جي مسلمانن کي هٿياربند ڪريو فلسطين جي مظلوم مسلمانن جو سهارو ٿيو ٻيٺو آهي. شام فلسطين- اسرائيل جنگ ۾ فلسطينين پاران وڙهيو هو ۽ سزا طور پنهنجو ڪيترو علائقو قربان ڪريو ويٺو آهي.

وارا ڇمارا آهن. ڪنهن زماني ۾ مسلمان حڪومتون يورپ جي حڪمران طبقي جي ڪڪ جو ڪاڻُ هيون ۽ ڪين ڏڻي نٿي وڌيون. اڄ آمريڪي سامراج جو مسلمان ملڪن جي حڪمرانن کان وڌيڪ چئيڪار فرمانبردار ۽ حڪم جو بندو پيو ڪو ٿولو ڪونهي. اڄ هڪ عرب ملڪ آمريڪي- يورپي سامراج جي سڄي جهان ۾ سپ کان وڌيڪ حڪم جو بندو ۽ اشاري وهيڙو تابعدار آهي، جيڪو مٿان اک جي اشاري ملڻ تي هر هنڌ مسلمان قربان ڪندو رهي ٿو. ان جي اڳواڻيءَ هيٺ سڄي عرب ليگ شام کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ ۽ ڪرائڻ پنهنجو فرض ٻڌايو ٻيٺي آهي ۽ جهلئي جهل نٿي ڏي.

عالمي اقتدار جي حساب سان ڏرتيءَ تي انسانن جي هزارين سالن جي حڪومت ۾ ڪڏهن به اهڙو دور ڪونه آيو آهي، جهڙو اڄ آهي. اڳي دنيا ۾ ڪئين بادشاهيون، شهنشاهيون ٿي گذريون آهن، پر ڪڏهن به اڄ جيان اهڙو دور ڪونه آيو هو ته سڄي روءِ زمين تي هڪڙو ۽ فقط هڪڙو سپر پاور يا شهنشاهه سڄي جڳ جهان جو والي ٿيو ويٺو هجي، ڪيس ڪوبه پڇڙ آکڙ وارو نه هجي. 1945ع ۾ ختم ٿيل ٻي جنگِ عظيم دنيا

جي ذري گهٽ سيني شهنشاهتن کي ختم ڪري ڇڏيو. چين، جپان، انگلينڊ، فرانس، جرمني، اسپين، ترڪيءَ جون شهنشاهتون ڏسندي ڏسندي گم ٿي ويون. سڄي جهان ۾ فقط آمريڪا ۽ روس جون ٻه شهنشاهتون وڃي بچيون. 1990ع ۾ روس جي شهنشاهت ٻه پساهه پورا ڪيا... هاڻ اڪيلو آمريڪا شهنشاهه ۽ سندس موتمار ڏنڊو ناٽو يعني نارٿ ائٽلانٽڪ ٽريٽي آرگنائيزيشن (اتر ائٽلانٽڪ عهدنامي واري تنظيم) يا بقول روسي اخبار پراودا جي: نارٿ ائٽلانٽڪ ٽيررسٽ آرگنائزيشن (اتر ائٽلانٽڪ دهشتگرد تنظيم) وڃي بچيا آهن. ٻيو مڙيوئي خير آهي. هاڻ "ڪاءُ ڙي وتايا ڪاءُ!" وارو ڪم آهي. جي آمريڪا ۽ ناٽو ڏينهن کي چون رات آهي ته ڪير چوندو نه؟ انساني تاريخ جي اڳوڻن دورن ۾ ڪنهن ملڪ تي حملي ڪرڻ يا ان سان جنگ ڪرڻ لاءِ ڪڏهن اڳواڻ کو سبب ڄاڻايو ويندو هو؟ ڪڏهن ٻه نه. سڪندرِ اعظم، چنگيز خان، تيمور لنگ، هيني بال ۽ ٻين حملي آورن پنهنجن حملن ۽ ڪاهن جي شڪار ملڪن ۽ ماڻهن کي حملي جو سبب ڄاڻائڻ جي ڪا ضرورت نه سمجهي، پر اڄوڪي زماني ۾ جڏهن انساني، ملڪي ۽ بين الاقوامي قانونن جي احترام جون دعويداريون عام ٿي ويون آهن، تڏهن آمريڪا جهڙي اجگر ديوَ کي ٻه ڪي نه ڪي ڪوڙا سچا الزام هڻي، پنهنجي بربريت کي انسانيت جي دائري ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ ڪوهرج نظر نٿو اچي.

1945ع واري جنگِ عظيم انساني تاريخ جي وڏي ۾ وڏي مڪاريءَ واري جنگ هئي. آمريڪا، جرمني، انگلينڊ، فرانس، اٽلي- سيپ پاڻ ۾ مليل هڪ ۽ سندن گڏيل تارگيٽ روسي انقلاب هو. هٽلر ۽ مسوليني جا ڪردار ٻه هٿراڏا ڪڙا ڪيل هئا. (تفصيل ڪنهن ٻئي ٻيري) جپان ان جنگ ۾ هارائي چڪو هو ۽ آمريڪا کي ساڻس وڙيڪ وڙهڻ جي ضرورت ڪانه هئي، پر ڪيس ائٽمي ڪارروائي ڪري دنيا ۾ خاص ڪري روسين جي دلين ۾ ڏهڪاءُ پيدا ڪرڻو هو سو ڪوڙا بهانا ڪري جپائون ته جپان ٻين حملن جون تياريون پيو ڪري. ان بهاني جپان جي شهرن هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ائٽم بم هڻي ٻن ڏينهن ۾

لکين ماڻهو بنا سبب ۽ ناحق خون ڪري ڇڏيائون. اڄوڪي مغربي نام نهاد "جمهوري" حڪومتن جي دور ۾ اليڪشنون رڳو عوام جا ووٽ نه پر سرمائيدار لابيون ڪٽرائيندڙيون آهن. سيني ۾ وڏي سرمائيدار لابي هٿيار ناهي وڪڻڻ واري لابي هوندي آهي. ان کي خوش ڪرڻ لاءِ جنگيون مچائڻ ۽ دنيا ۾ هر وقت نون هٿيارن جي کوٽ ۽ انهن جي ضرورت پيدا ڪرڻ ضروري هوندو آهي. ٻين مقصدن سان گڏ ٻي جنگِ عظيم کان پوءِ آمريڪا مختلف بهانا ڪري دنيا ۾ لڳاتار جنگيون پئي مچايون آهن. ڪوريا (بهانو: اتر ڪوريا ڏکڻ ۾ زيادتي ڪئي)، ويٽنام (بهانو: اتر ويٽنام جنگي ٻيڙي تي حملو ڪيو)، افغانستان (بهانو: روس خلاف افغانستان کي مدد)، ايران (بهانو: آمريڪا سان ارڙايون)، عراق (بهانو: صدام طرفان موتمار هٿيار گڏ ڪرڻ)، افغانستان (بهانو: طالبان جو آمريڪا تي حملو)، ليبيا (بهانو: ڪرنل قذافيءَ جي 'آمريت')، مصر (بهانو: صدر مرسي جي 'آمريت') وغيره وغيره. مطلب ڳالهه جو ته آمريڪا ۽ سندس يورپي چاڙڻن کي جڏهن وڻي، جيئن وڻي، تيئن ڪهڙو به آڏو ابتو بهانو ناهي، اتي هزارين، لکين انسانن کان جيئڻ جو حق کسي وڃن. جيسين سوويت يونين جيئرو هو تيسين ڪجهه نه ڪجهه آسرو هو ته متان اهو پنهنجي مطلب لاءِ ئي سهي، عالمي دهشتگردن کي آڏو اچي. سوويت يونين کي زبردست سازشون ڪري ختم ڪرڻ کان پوءِ هاڻي ملڪ ميدان لڳو پيو آهي. بهانن جي کوٽ ڪانهي، هزارين لکين بهانا ٿي سگهن ٿا. ڪوبه ملڪ، ڪابه قوم پاڻ کي سلامت ڪانه ٿي سمجهي، پر سيني کان خراب حال مسلمان ملڪن جو آهي.

اڄا تازو مسلمان ملڪن ۾ زميني ۽ هوائي حملا ڪرائي، قيامت برپا ڪرائي، صدر قذافيءَ جهڙا ڪنڊار مڙس قتل ڪري، تيونس، مصر ۽ ٻين مسلمان ملڪن ۾ ماتم برپا ڪرائي ڇڏيو اٿن. ڪائنڪوبه پڇڻ وارو ڪونهي، ڪوبه سوال جواب ڪونهي. انڊونيشيا کان وٺي ملائيشيا، پاڪستان، ازبڪستان وغيره وغيره ملڪن ۾ ماڻ ئي ماڻ آهي. شام ۾ پهريائين به مهينا ڪن اڳ آمريڪي سي. آءِ. ايجي

پالتو دهشتگردن کان يڪا خوني حملا ڪرائي ملڪ سڄو ماتم ڪدو بٽائي ڇڏيو اٿن. هاٽي بهانو ڪري وري مٿان هوائي حملا ڪري، صدر قذافيءَ وانگر صدر بشارالاسد کي به هوائي حملن ذريعي صفا خون ڪرڻ لاءِ اهو بهانو ڪيو ويو آهي ته شام ڪيميائي هٿيار پيو استعمال ڪري. بهرحال عالمي پريس چيو آهي ته روس 300 صفحن جو تفصيلي جائزو وٺي ثابت ڪيو آهي ته اهي هٿيار مغربي ملڪن ئي دهشتگردن کي ڏنا آهن ۽ انهن استعمال ڪري شامي شهرين لاءِ ماتم جون صفون وڇائي ڇڏيون آهن.

عالمي پريس ۾ ان موضوع تي ڪافي راءِ زني ٿي آهي. جپان ٽائيمس مطابق، "اوباما G-20 جي اجلاس ۾ چيو ته شام خلاف قدم کڻڻ بابت صلاح ڪجي، پر روس ۽ چين کان سواءِ يورپين يونين به ان ڳالهه جي مخالفت ڪئي." اهو به چيو ويو آهي ته آمريڪا شام ۾ بغاوتي ڪارروايون ڪرائڻ لاءِ اردن ۾ دهشتگردن کي ٽريننگ پيو ڏئي. يورپين يونين جو پريزيڊنٽ هرمن وان چوي ٿو ته، "شام تي حملي ڪرڻ کري ان علاقي ۾ فرقيوار قتلِ عام وڌيڪ تيز ٿي ويندو." پارت جي وزيراعظم من موهن سنگهه چيو آهي ته، "شام ۾ فقط اقوام متحده جي دائري اندر ڪارروائي ڪجي، ٻاهر نه." (ٽائيمس آف انڊيا) اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل بان کي مون چيو آهي ته، "شام ۾ اڃڪي انساني حقن جو اهڙو بحران متل آهي، جنهن جو مثال ويڇهڙائيءَ واري تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي، ان تي جي مٿان وري ٻيا حملا ڪيا ويا ته فرقيوار خونريزي حد کان ٻاهر نڪري ويندي

ٻين ذريعن جو چوڻ آهي ته آمريڪا جيڪڏهن شام تي هوائي بمباري ڪئي ته اهو ايئن ٿيندو جڏ آمريڪي هوائي فوج القاعده جي هوائي فوج بڻجي ويئي هجي. ٻين تبصري ڪندڙن چيو آهي ته جن دهشتگردن آمريڪا پاران شام ۾ ڪارروائي ڪئي آهي، انهن شام ۾ خونريزيءَ سان وحشت پکيڙي ڇڏي آهي. G-20 ملڪن جي ڪانفرنس ۾ روس جي صدر پيوٽن چيو ته، "اقوام متحده جي اجازت کان سواءِ شام خلاف ڪابه جنگي ڪارروائي اڳرائيءَ وارو قدم هوندو." تهران ٽائيمس

لکيو آهي تہ "آمريڪا شام تي حملي لاءِ ايئن تيار بينو آهي جڙ تہ ڪو پولڙو بم هٿ ۾ ڪري بينو آهي." ڇا مسلمان ملڪ سدائين بين جا ڳيجهو ۽ حڪم جا بندا رهيا آهن؟ جي نہ تہ سندن موجوده يتيم ۽ بي واهہ صورتحال جو ڪارڻ فقط اجوڪي عالمي اقتداري صورتحال آهي يا ڪي ٻيا تاريخي ۽ اندروني ڪارڻ بہ آهن؟ اها ڳالهہ نهايت غور طلب آهي ۽ ان کي سمجهڻ انتهائي ضروري آهي.

(روزانہ "ڪاوش" حيدرآباد، 12 سيپٽمبر 2013ع)

پاڪ آمريڪي لاڳاپن جا پهريان پنج سال

اڄ کان ٻه هزار چاليهه سال پهرين رومي داناءَ سيسرو چيو هو "جڏهن اسين پيدا ٿياسين، ان کان اڳ جيڪو ڪجهه ٿيو ان کان اڻڄاڻ رهڻ ايئن آهي، جيئن ماڻهو هميشه ٻار ٻڌيل رهي. ڇوتہ انساني زندگيءَ جي قيمت ئي ڇا آهي، جيستائين اها تاريخ جي ڪارڻن جي ذريعي پنهنجن وڏن جي زندگيءَ سان ملي نہ وڃي."

الهندي مفڪر ايلڊس سڪسلي چيو آهي تہ "تاريخ اڄ تائين جيترا ٻہ سبق سيکاريا آهن، انهن مان سڀ کان اهم سبق اهو سيکاريو آهي تہ تاريخ جيڪو سيکاري ٿي، انسان ان مان تمام گهٽ سکي ٿو."

اسين پنهنجي ملڪ ۾ اڄ جيڪي ڪجهه ٿيڻ ٿي رهيا آهيون، ان جو هڪ اهم سبب اهو آهي تہ اسان وٽ پنهنجي ماضيءَ جو ڪو تفصيل سان ۽ پڪو رڪارڊ نہ آهي. ڪنهن مملڪت جا ٻاهرين ملڪن سان رشتا ناتا ۽ ان جي پرڏيهي پاليسي ان جي قومي زندگيءَ تي ڪهڙا اثر وجهن ٿا، ان جو اسان ايشيا جي نين آزاد مملڪتن جي عوام کي پتو ئي ناهي. اسين سمجهون ٿا تہ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، ملڪ جي اندر ئي ٿي رهيو آهي، حالانڪ ايئن ناهي هوندو. ٽئين دنيا جي ملڪن ۾، جتي جون پاليسيون انهن جي پنهنجي ماڻهن جي هٿن ۾ گهٽ ۽ وڌين طاقتن جي هٿن ۾ وڌيڪ هونديون آهن، اتي تہ اڪثر حالتن ۾ سڀ ڪجهه ملڪ جي ٻاهر ئي طئي ٿيندو آهي. جيڪي ماڻهو بظاهر ملڪ جي اڇي ڪاري جا مالڪ نظر ايندا آهن، اهي اڪثر حالتن ۾ ڪٺ پتلا هوندا آهن. جيڪي ڪنهن ٻي ٻاهرين طاقت جي اشاري تي نچندا رهندا آهن. پاڪستان جي شروعاتي ڏينهن ڪان هندوستان سان حالتون اهڙيون هيون جو ان کي بين الاقوامي مدد جي ضرورت هئي. انگريز بهادر جي ادنيٰ درجي جي سول ۽ فوجي آفيسرن محمد علي جناح جي وفات کان پوءِ پنهنجي آقائن

جي مدد سان ملڪ تي قبضو ڄمايو. اهي سڌو ويجي برطانيا ۽ آمريڪا جي هنج ۾ ويهي رهيا. لياقت علي خان جي وفات کان پوءِ اهي وڌيڪ شينهن ٿي ٻيا.

دنيا جي ٻين ملڪن ۾ هر 40-30 سالن کان پوءِ ملڪي ڪارڪردگيءَ جو سمورو ڳجهو رڪارڊ يا گهٽ ۾ گهٽ ان جو وڏو حصو عوام جي سامهون پيش ڪيو ويجي ٿو ته جيئن اها اهو طئي ڪري ته ملڪ جي پرڏيهي پاليسي جي حوالي سان ڪٿي ڪٿي غلطيون ڪيون ويون آهن. اسان وٽ حڪمران ٽولا هر ڳالهه عوام کان لڪائيندا رهيا آهن. خوش قسمتيءَ سان هاڻي ڪجهه رڪارڊ آهستي آهستي سامهون اچي رهيو آهي ۽ ڪجهه دستاويز شايع ٿي رهيا آهن.

پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جو اهم ترين ميدان آمريڪا رهيو آهي. پاڪ- آمريڪي تعلقاتن جي شروعاتي دور جي باري ۾ ڪجهه رڪارڊ ڪي عارف جي ايڊٽ ڪيل ڪتاب "آمريڪا- پاڪستان لاڳاپا" ۾ شايع ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ شايع ڪيل اهم دستاويز جيڪي آمريڪا شايع ڪيا هئا، انهن مان ڪجهه ٽڪرا پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجن ٿا، جن مان انهن کي ڪجهه نه ڪجهه اندازو ٿيندو ته اڄ اسين جن حالتن مان گذري رهيا آهيون، انهن کي مرتب ڪرڻ ۾ ماضيءَ ۾ اختيار ڪيل پاليسين جو ڪيترو عمل دخل رهيو آهي. هر ٽڪري جي آخر ۾ لاڳاپيل دستاويز جو ڪتاب ۾ ڏنل نمبر ۽ صفحو ڏنو ويو آهي.

آمريڪا جي ڪراچيءَ ۾ سفارتي معاملن جي انچارج چارلس ڊبليو لوئس جونيئر آمريڪي پرڏيهي وزير مارشل کي پاڪستان جي خزاني جي وزير غلام محمد سان پنهنجي 2 سيپٽمبر 1947ع واري ملاقات دوران خيالن جي ڏي وٺ متعلق هڪ پيغام ۾ چيو "حڪومتِ پاڪستان جي ڪم ڪار هلائڻ جا خرچ پورا ڪرڻ لاءِ مالي امداد ڏيڻ جي متعلق وزير چيو ته هندوستان جي حفاظت ڪرڻ جو بار پاڪستان تي وڌو ويو آهي. گهٽ ۾ گهٽ اتر- اولهه سرحد جي حفاظت جو بار... جيڪڏهن روس ڏکڻ ڏانهن پيشقدمي ڪئي ته ان جو رستو روڪڻ لاءِ پاڪستان کي بچاءَ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. وزير چيو

تہ هن وقت پاڪستاني فوج 45 هزار آفيسرن ۽ سپاهين تي ٻڌل آهي ۽ هوائي فوج ۽ بحريہ کي بہ مدد جي ضرورت آهي. اهو بار پاڪستان لاءِ تمام ڳرو آهي. پر آئون نٿو سمجهان تہ انهن فورسز کي گهٽ ڪرڻ سلامتيءَ جي لحاظ کان موزون ٿيندو." (دستاويز نمبر 3 ـ ص: 3)

آڪٽوبر 1947ع ۾ حڪومتِ پاڪستان آمريڪي پرڏيهي وزارت کي هڪ يادداشت نامي ۾ ٻڌايو.. پاڪستان حڪومت کي آمريڪا کان ايندڙ پنجن سالن ۾ تقريباً ٻہ ارب ڊالر امداد جي قرض جي ضرورت پوندي.. اها ڳالهہ يقيني آهي تہ جڏهن بہ ضرورت ٿيندي تہ پاڪستان جا رهواسي کنهن بہ صورتحال جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اُڻي پوندا. ضرورت صرف مالي امداد ۽ ان کان بہ وڌي ڪري مالي امداد جي هڪ باقاعده ذريعي جي هوندي.

ان جي جواب ۾ آمريڪي پرڏيهي وزارت جي آفيسرن 30 آڪٽوبر 1947ع تي پاڪستان کي لکيو: (1) آمريڪا وٽ ايترا پئسا ناهن جو هو پاڪستان کي پنهنجي ترقياتي منصوبن لاءِ ايتري وڏي رقم جو قرض ڏئي سگهي. (2) آمريڪي ايڪسپورٽ امپورٽ بئنڪ وچولي قسم جي انفرادي منصوبن تي غور ڪندي. جيڪي حال سارو منظور يا نامنظور ڪيا ويندا. (3) بهرحال نئين قوم پاڪستان جي اقتصادي ۽ مالي نقصانن جي مدِنظر آمريڪا هڪ مناسب حد تائين هنگامي قرض ڏيڻ جي گذارش تي همدرديءَ وارو غور ڪندو. (دستاويز 6 ـ ص: 6)

نومبر 47ع ـ مئي 48ع جي وچ واري عرصي ۾ آمريڪا پاڪستان جي مالي ۽ سازو سامان جي امداد لاءِ گذارشن تي تبصرو ڪندي چيو "ان مان اهو صاف ظاهر هو تہ پاڪستان سوچي رهيو آهي تہ آمريڪا ان جي فوجي طاقت جو سپ کان وڏو ذريعو بڻجي ۽ عملي طور نئين ملڪ جي فوجي ذميواري آمريڪا پاڻ وٺي ڇڏي.. پاڪستان جي ان گذارش جو اسان طرفان جواب انڪار ۾ هو. (دستاويز 11 ـ ص: 9)

آمريڪي چيف آف جوائنٽ اسٽاف جي هڪ يادداشت نامي "تاريخ 2 آگسٽ 1948ع) ۾ لکيو ويو "موجوده منصوبابندي جي مطابق هيٺ ڏنل اڏن کي هنگامي حالتن ۾ استعمال ڪرڻ جا حق حاصل ڪيا ويڻ. ڪراچي. ڪارڊ. مالڪي: پاڪستان" (ايضاً ـ ص: 11)

آمريڪي جوائنٽ آف استاف جي ئي يادداشت نامي (تاريخ 24 مارچ 49ع) ۾ چيو ويو آهي، "جن ڏکڻ ايشيائي ملڪن جون سرحدون روس سان ملن ٿيون، اهي البته تمام ڪمائتيون آهن جو انهن سان سوويت يونين جي اندر نظرياتي ۽ جاسوسي ڪارروايون ڪيون ويون. پاڪستان ۾ ڪراچي ۽ لاهور جو علائقو مخصوص حالتن ۾ جنگي اهميت رکندڙ ٿي سگهي ٿو. اهو علائقو سوويت يونين جي مرڪز جي خلاف فضائي حملا ڪرڻ جي ڪم اچي سگهي ٿو ۽ هن علائقي کي وچ اوير جي تيل جي علائقن کي بچائڻ يا انهن کي وڃائڻ کان پوءِ واپس حاصل ڪرڻ لاءِ فوجن کي گڏ ڪرڻ جي علائقي جي طور تي استعمال ڪري سگهجي ٿو... مٿي ڄاڻايل مصلحتن جي روشنيءَ ۾ ڏکڻ ايشيائي ملڪن ۾ اسان جي بنيادي حڪمت عمليءَ جا مقصد هي آهن. اسان طرفان ڪنهن به فوجي ڪارروائيءَ جو واعدو ڪرڻ کان سواءِ انهن ملڪن ۾ هڪ تعاون ڪرڻ وارو رويو پيدا ڪيو وڃي، جنهن ذريعي اولهه جي ملڪن کي جنگ جي حالت ۾ روس جي خلاف فوجي حملا ڪرڻ لاءِ جيڪي سهولتون گهربل هجن، اهي انهن علائقن مان حاصل ٿي وڃن. (دستاويز 20ـ ص: 16)

ڊسمبر 1949ع ۾ آمريڪي نائب پرڏيهي وزير ميڪ گي پاڪستان جي خزاني واري وزير غلام محمد سان ڪراچيءَ ۾ هڪ انٽرويو ڪيو. ڪراچيءَ ۾ آمريڪي سفارتخاني جي اقتصادي معاملن جي وزير مسٽر فرينڪ ڊبليو وولف 12 ڊسمبر 1949ع تي آمريڪي پرڏيهي وزارت کي هڪ خط ۾ انٽرويوءَ جي متعلق هڪ رپورٽ ڏني، جنهن ۾ ٻين ڳالهين کان علاوه اهو به چيو ويو ته وزير ڊيان ڊياريو ته مون پنهنجي تقرير ۾ ڪميونزم جي سخت مذمت ڪئي آهي. ان چيو ته تقرير سبب روس طرفان مون تي سخت تنقيد ڪئي ويئي هئي... هن چيو ته منهنجو خيال آهي ته اهو انتهائي ضروري آهي ته مسلم ملڪن جي وچ ۾ هڪ ويجهي اتحاد ۽ ڳالهين جي ڪا منسٽري قائم ڪئي وڃي. وزير پوءِ پنهنجي ان دلپسند موضوع تي ڳالهه ٻولهه ڪئي، جنهن موضوع سان هو سمجهن ٿا ته آمريڪا جا مفاد به وابستا آهن، يعني مسلم ملڪن جو نئون بلاڪ قائم ڪيو وڃي،

جنهن جو مرڪزي نڪتو جيڪڏهن ٻيو ڪجهه به نه ته مذهبي ئي هجي، جيڪو سوويت يونين جي توسيع پسندانه ارادن کي روڪيندو.
(ايضاً ـ ص: 25)

آمريڪا جي نائب پرڏيهي وزير ميڪ گي 10 فيبروري 1950ع تي گڏيل بچاءَ واري امداد جي پروگرام جي ڊائريڪٽر جيمس بروس جي نالي هڪ خط ۾ لکيو "روس سان جنگ ۾ پاڪستان لڳي ٿو ته برطانيا ۽ آمريڪا جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار هوندو. مثال طور: هو پنهنجا هوائي اڈا انهن ملڪن کي روس جي خلاف جنگ ۾ استعمال ڪرڻ ڏيندو."
(دستاويز 34 ـ ص: 26)

19 جولاءِ 1950ع تي لياقت علي خان پنهنجي آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي دوري متعلق ريڊيو تي تقرير ڪندي چيو "ان ڳالهه کان ڪير به انڪار نٿو ڪري سگهي ته اتر ڪوريا ڏکڻ ڪوريا جي خلاف جاڻي واڻي هٿياربند اڇرائي ڪئي آهي. ڪوبه انصاف پسند ماڻهو ڏکڻ ڪوريا سان همدردي ڪرڻ کان نٿو رهي سگهي." (دستاويز 24 ـ ص: 35)

11 آڪٽوبر 1950ع تي وزيراعظم لياقت علي خان پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ متعلق بحث دوران چيو "منهنجي حڪومت دل و جان سان جمعيت اقوام ۾ ڏکڻ ڪوريا جيڪو موقف اختيار ڪيو آهي، ان جي تائيد ڪئي آهي. مون کي يقين آهي ته اسان جارح ملڪ جي خلاف جيڪو موقف اختيار ڪيو آهي، هيءَ اسيمبلي ان ۾ اسان جي تائيد ڪندي. ڪنهن به جارح ملڪ کي اهو گمان نه ٿيڻ گهرجي ته ان جي خراب حرڪتن کي اسين اکيون بند ڪري خاموشيءَ سان برداشت ڪنداسين."
(دستاويز 47 ـ ص: 38)

31 ڊسمبر 1950ع تي لياقت علي خان نيويارڪ هيرالڊ پرٽيون اخبار جي خصوصي نمائندي اي. ٽي اسٽيل کي انٽرويو ڏنو جنهن دوران لياقت علي خان چيو ته. "پاڪستان ۾ اهو هڪ عام تاثر آهي ته مغربي بلاڪ پاڪستان سان بس ايئن تعلق رکي ٿو ۽ هندوستان جي سامهون سجدي ۾ سر جهڪايو ويٺو آهي. پاڪستان جو عوام سمجهي ٿو ته آمريڪا پاڪستان جي نقطه نظر کي اها اهميت نه ڏئي رهيو

آهي جيڪا ملڻ گهرجي. پاڪستان ڏسي ٿو ته ان ڳالهه جي باوجود ته انصاف اسان طرف آهي، ان جي تارازيءَ جا پڙ هندوستان جي طرف جهڪندا رهن ٿا. جمعيت اقوام ۾ جڏهن اولهه جي ملڪن جي سلامتيءَ جو سوال هوندو آهي، مسئلو ڪوريا ۾ آهي ته هر شيءِ تمام تيزيءَ سان اڳتي وڌي ٿي. ان جي مقابلي ۾ ڪشمير جو معاملو ٽن سالن کان هلي رهيو آهي ۽ اسين جتي هئاسين اتي ئي بينا آهيون. اهوئي سبب آهي جو عوام جمعيت اقوام جي تنظيم جي اهليت ۾ اعتماد وڃائي رهيو آهي. (دستاويز 51ـ ص: 49)

آمريڪي قومي سلامتيءَ جي ڪائونسل جنوري 1951ع ۾ ڏکڻ ايشيا جي سلسلي ۾ پنهنجو موقف پيش ڪيو جنهن کي 25 جنوري 1951ع تي صدر ٽرومين منظور ڪيو. هن موقف ۾ چيو ويو ته، "اسان کي ڏکڻ ايشيا ۾ هڪ اهڙو رويو گهرجي جيڪو آمريڪا ۽ ان جي اتحادين جي ان ڳالهه ۾ مدد ڪري ته امن جي وقت ۾ جن شين جي خواهش هوندي آهي، انهن کي ۽ جنگ جي زماني ۾ جن جي ضرورت هوندي آهي، انهن کي ان علائقي مان حاصل ڪري سگهجي ۽ انهن مان ڪابه شيءِ سوويت يونين کي حاصل نٿي سگهي. سڌو سنئون يا ڪنهن ٻئي طريقي سان آمريڪا کي ۽ ان جي دوست ملڪن کي ان علائقي جي وسيلن ۽ ان جي مارڪيٽن تي اثر رسوخ حاصل ٿيڻ گهرجي ۽ اهي حالتون پيدا ٿيڻ گهرجن جن سان ڏکڻ ايشيا جون حڪومتون پنهنجا وسيلا سوويت بلاڪ کي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏين. ڪراچي، راولپنڊي ۽ لاهور جهڙا پاڪستاني هوائي اڈا سوويت علائقي جي وڏي حصي جي ويجهو هوندا، جنهن ۾ خاص ڪري ورال جا اتريان صنعتي علائقا به اچي وڃن ٿا. انهن اڈن جي مقابلي ۾ ايشيا يا وچ اوپر جو ڪو ٻيو هوائي اڈو انهن علائقن جي ويجهو نه آهي.

(دستاويز 52ـ ص: 44)

26 فيبروري کان 2 مارچ 1951ع تي سريلنڪا ۾ آمريڪا جي ڏکڻ ايشيا وارن سفارتڪارن ۽ ڪائونسلن جي ڏکڻ ايشيائي علائقائي ڪانفرنس ٿي، جنهن جي گڏيل نتيجن ۽ سفارشن ۾ چيو ويو "پاڪستان هن وقت ڏکڻ ايشيا ۾ الهندي ڪنارن تي استعمال

ڪرڻ لاءِ اهم فوجي قوت ڏئي سگهي ٿو ان ڪري آمريڪا ۽ برطانيا جي لاءِ فائديمند هوندو ته هو پاڪستان جي بري فوجن کي جلدي تيار ڪري ۽ ان کي فوجي سازو سامان سان ليس ڪري. سريلنڪا ۽ پاڪستان ۾ اهڙا ڪيترائي اڏا آهن، خاص ڪري هوائي ۽ بحري اڏا، جيڪي جنگ جي شروعات جي وقت کان ئي آزاد دنيا جي جنگي ڪارروائين ۾ وڏي مدد ڏئي سگهن ٿا.

سفارشون

آمريڪا جي فوجي اختياري وارن کي ان ڳالهه کي يقيني بنائڻ گهرجي ته جنگ جي شروع ٿيڻ جي وقت کان ئي پاڪستان جون بري فوجون اولهه ڪناري تي اولهه دنيا سان جنگ جي ميدان ۾ موجود هجن. (دستاويز 55 ـ ص: 47)

8 مارچ 1951ع تي لياقت علي خان گوجرانوالا ۾ هڪ چوندڙ جلسي کي خطاب ڪندي چيو "پاڪستان نه آمريڪي بلاڪ سان وابستا آهي نه ڪميونسٽ بلاڪ جو پوئلڳ آهي. هن انهن بلاڪن جي وچ ۾ رقابت کان پاڻ کي بچايو آهي ۽ ان جي پاليسي مڪمل طور تي غير جانبدارانه آهي. پاڪستان هميشه ان ڳالهه جي تائيد ڪئي آهي، جيڪا ان جي نظر ۾ انصاف تي ٻڌل هئي. جمعيت اقوام ۾ جيڪو بحث هليو آهي، ان جا رڪارڊ ان حقيقت جي تصديق ڪندا. ڪڏهن اسان اولهه بلاڪ جي حمايت ڪئي آهي ته ڪڏهن روسي بلاڪ جي. پاڪستان ان ڪري غير جانبدار ۽ خودمختيار پاليسيءَ تي هلي سگهي ٿو ڇوته ان تي ڪنهن غير ملڪيءَ جو احسان نه آهي. اسان جي ڪنهن به مدد نه ڪئي. اسان جيڪو ڪجهه حاصل ڪيو آهي، اهو پنهنجي وسيلن سان حاصل ڪيو آهي. ان ڪري پرڏيهي پاليسيءَ ۾ ڪنهن جي پويان پڇ لٽڪائو ٻڌجي ڪم ڪرڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي." (ايضاً ـ ص: 50)

3 اپريل 1951ع تي لنڊن ۾ آمريڪي ۽ برطانوي سفيرن جي وچ ۾ وچ اوير ۾ پاڪستان جي ڪردار جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي. ان جي يادداشت نامي ۾ چيو ويو ته مسٽر ميڪ گي چيو آهي ته اسان کي ياد

رکڻ گهرجي ته وچ اوير کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ جي اميد غالباً صرف تڏهن ئي ٿي سگهي ٿي جڏهن پاڪستان اسان جو ساٿ ڏئي.
(دستاويز 57 ـ ص: 51)

آمريڪي پرڏيهي وزير ايڪيسن 11 مئي 1951ع تي پاڪستان ۾ آمريڪي سفارتخاني کي موڪليل تار ۾ چيو "پرڏيهي وزارت کجهه عرصي کان ان مسئلي تي فڪرمند آهي ته جمعيت اقوام جي ميمبر ملڪن کان ڪوريا لاءِ ڪافي تعداد ۾ بري فوجون ڪهڑي نموني حاصل ڪيون وڃن. خاص ڪري پاڪستان جهڙن اهڙن ميمبر ملڪن کان، جن ان کان پهرين بري فوجون نه ڏنيون آهن... پرڏيهي وزارت سمجهي ٿي ته لياقت ع ان جا ويجها ساٿي ڪوريا ۾ فوجون موڪلڻ جا حامي آهن... پاڪستان طرفان جيڪڏهن بري فوجن جو واعدو ڪيو ويو ته ايشيائي مملڪتن تي ان جو ڪافي سياسي اثر پوندو. ايشيا ۾ آئنده لاءِ ڪنهن اڳرائيءَ جي خلاف آزاد دنيا جي بچاءَ جي جذبي ۾ اضافو ٿيندو. موجوده ڪميونسٽ حملي کان علاوه ضرورت اها آهي ته جيڪي فوجون ڏڪهي عرصي کان سخت ڏکي ڊيوٽي ڏئي رهيون آهن، انهن جي بدلين جي مدِنظر ع جيئن ته جنگ جي جلد بند ٿيڻ جا امڪان به گهٽ آهن، ان ڪري به ڪوريا ۾ وڌيڪ بري فوجن جي ضرورت آهي. پاڪستان انهن 53 ملڪن مان هو جن اهو اشارو ڏنو هو ته ڪوريائي مقابلي جي ابتدائي ڏينهن ۾ سلامتي ڪائونسل جيڪو قدم کنيو اِن جي هو تائيد ڪن ٿا. پاڪستان وٽ ڪافي تعداد ۾ فوج آهي، جنهن مان ڏکڻ ڪوريا ۾ اڳرائيءَ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ڪافي تعداد ۾ فوجون آڻي سگهجن ٿيون... پاڪستان جي مفاد ۾ اها ڳالهه آهي ته پنهنجين فوجن مان حصو ڏئي... اسين سمجهون ٿا ته هن وقت جمعيت اقوام جي وجود جو سوال آهي. جيڪڏهن جمعيت کي قائم رهڻو آهي ته ڪوريا ۾ اڳرائيءَ کي ڪاميابيءَ سان روڪڻو آهي، ته جيئن دنيا تباهه نه ٿي وڃي. پرڏيهي وزارت چاهي ٿي ته توهان پاڪستان طرفان بري فوجين جو واعدو حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ پاڪستان جي پرڏيهي آفيسن سان ملو. (دستاويز 59 ـ ص: 52)

پاڪستان ۾ آمريڪي سفير اورا ايم وارن 15 مئي 1951ع تي آمريڪي پرڏيهي وزير جي نالي خط ۾ لکيو "مون اهو بهتر سمجهيو ته ڊپارٽمينٽ جي يارنهن مئي واري خط جي حوالي سان پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ سان ملڻ جي بدران سڌو سنئون وزيراعظم سان ڳالهه ڪريان. لياقت علي خان چٽن لفظن ۾ چيو ته فيصلو ڪرڻ جو وقت نه آهي. جيڪڏهن آمريڪا اها ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار هجي ته پاڪستان چاهي ٿو ته نه صرف ڪوريا ۾ آمريڪا سان گڏ هلي بلڪ خود وچ اوير ۾ به ان جو ساٿ ڏئي ۽ هميشه هميشه لاءِ انهن ڳالهين کي اختيار ڪري جيڪي آمريڪا ۽ پاڪستان ٻنهي لاءِ گڏيل دلچسپيءَ جو مرڪز آهن. ته پوءِ آمريڪا کي ان کي اهڙو يقين ڏيارڻو پوندو جنهن سان پاڪستان جي عوام کي تسلي ٿي وڃي. خاص طور تي هن چيو ته اسين چاهيون ٿا ته جيڪڏهن آمريڪا پاڪستان وٽ جيڪي ست ڊويزن آهن. انهن منجهان هڪ يا وڌيڪ ڊويزن ڪوريا ۾ استعمال ڪرڻ چاهي ٿو ته هو اسان جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهن. پر اسان کي گهرجي ته نهرو ڪشمير ۾ جيڪا ڪوڙي اليڪشن ڪرائڻ جي ڏمڪي ڏني آهي ۽ ان طرح جمعيت اقوام جي فيصلي کي ڏڪاريو آهي. ان سلسلي ۾ توهان منهنجي مدد ڪريو. اهڙيءَ طرح توهان کي گهرجي ته توهان جو افغانستان ۾ جيڪو اثر آهي. اهو استعمال ڪري پشتون بڪواس جو خاتمو ڪري ڇڏيو. جڏهن مون لياقت علي خان کان خاص ڪري پڇيو ته ڇا توهان ڪوريا ۾ وڙهڻ لاءِ هڪ ڊويزن مهيا ڪندا؟ ته هن چيو ته ها! ان شرط سان ته توهان پاڻ کي اسان جي مدد ڪرڻ جو پابند ڪندؤ جهڙيءَ طرح توهان اسان کي اهڙو فيصلو ڪرڻ جو چئي رهيا آهيو جنهن سان اسين اولهه سان ايئن جڙي ويندا سين جو اسان جي پوئتي هٽڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿيندو.

(دستاويز 6 ـ ص: 54)

پرڏيهي وزير ايڪسين پاڪستان ۾ آمريڪي سفارتخاني کي 24 مئي 1949ع تي هڪ خط موڪلي چيو ته. "اسين لياقت علي خان طرفان ان بنياد تي فوجون ڏيڻ جي تجويز کي قبول نٿا ڪري سگهون ته اسين ان جي ڪشمير ۽ پشتون محاذ تي مڪمل غير مشروط مدد

ڪريون. البته اسين اها اميد ڪندا رهنداسين ته ڪنهن نه ڪنهن حڪومت پاڪستان کي يقين ڏياري سگهنداسين ته هو پنهنجي هڪ ڊويزن فوج ڪوريا موڪلي. لياقت جي اها تجويز ناقابلِ قبول آهي، ڇوتہ جيڪڏهن آمريڪا حڪومت پاڪستان جي انهن مسئلن تي تائيد ڪندي تہ ان جا منفي نتيجا اهي نڪرندا تہ هندستان ۽ آمريڪا جي وچ ۾ مڪمل طور تي غيريت قائم ٿي ويندي ۽ خود ايشيا جي موجوده خواهہ آئنده جي مسئلن جي سلسلي ۾ آمريڪا جا هٿ ٻڌجي ويندا. ان کان علاوه فوجون ڏيڻ جمعيت اقوام جي چارٽر جي مطابق پاڪستان سرڪار جي ذميواري آهي ۽ ان جو سوديبازيءَ جو اهڙو بدلو تسليم نہ ڪرڻ گهرجي تہ جنهن جي عيوض اهڙن مسئلن تي دور رس سياسي سوديبازي ڪئي وڃي، جن مسئلن جو ڪوريا سان سڌو سنئون ڪوبہ تعلق نہ آهي. (دستاويز 61ـ ص: 55)

آمريڪي پرڏيهي وزارت هڪ جولاءِ 1951ع تي پاڪستان متعلق هڪ پاليسي بيان ڏنو جنهن ۾ چيو ويو تہ "پاڪستان جي سلسلي ۾ اسان جو مقصد اهو ناهي تہ پاڪستاني حڪومت ۽ عوام جو جهڪاءُ آمريڪي اقوام متحده ۽ اولهہ ڏانهن هجي. پاڪستان جي اندر اهڙو رويو پيدا ڪيو وڃي، جنهن ذريعي آمريڪا ۽ ان جي اتحادين کي پاڪستان جون سهوليتون، پاڪستان جي وسيلن ۽ پاڪستاني مارڪيٽ جن جي امن جي دور جي خواهش هوندي آهي ۽ جنگ جي وقت ۾ ضرورت هوندي آهي، اهي سهولتون، وسيلا ۽ مارڪيٽ ان کي حاصل ٿي وڃن ۽ سوويت يونين سان ان جو انڪار ڪيو وڃي." (بي) پاليسيون: "... پاڪستان کي شايد ان ڳالهہ لاءِ راضي ڪري سگهجي تہ هو بحر هند جي علائقي ۾ پنهنجا فوجي اڈا آمريڪا ۽ برطانيا کي ڏئي ڇڏي. پاڪستان ڏکڻ ايشيا جو پهريون ملڪ هو جنهن 15 ڊسمبر 1950ع تي آمريڪا سان گڏيل دفاعي نظام جي عهدنامي تي صحيحون ڪيون آهن. اسين پاڪستان جي بهبودي ۽ ترقيءَ لاءِ ڪابہ ذميواري قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيون. البته اسين حڪومتِ پاڪستان جي همت افزائي ڪنداسين تہ اها پنهنجي اقتصادي ترقيءَ لاءِ ڪو متوازن پروگرام ٻڌائي." (ڊي): "اسان پاڪستان سان تعاون جا واعدا گهٽا ڪيا آهن، عمل گهٽ ڪيو آهي." (دستاويز 62ـ ص: 55)

پرڏيهي وزير ايڪسين 6 نومبر 1950ع تي پاڪستان ۾ آمريڪي سفير کي هڪ خط موڪلي چيو تہ آمريڪي حڪومت کي افغانستان ۽ پاڪستان جي لڳاتار غير تسلي بخش حالت تي فڪر آهي. ٻنهي ملڪن ۾ سڌو سنئون ٻالهين کي واڌارو ڏيڻ لاءِ آمريڪي حڪومت هڪ غير رسمي تجويز ڏني ٿي. جيڪڏهن ٻئي حڪومتون محسوس ڪن تہ هن تجويز ۾ ڪا سٺي ٻالهہ آهي تہ آمريڪي حڪومت غير رسمي "وچ واري" جو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهي.(دستاويز 98_ ص: 40)

10 آڪٽوبر 1951ع تي آمريڪي پرڏيهي وزير ايڪسين پاڪستان ۾ سفير کي هڪ خط موڪلي چيو "جيئن تہ ٻئي حڪومتون 6 نومبر واري تجويز جي سلسلي ۾ متفق نہ ٿي سگهيون، ايئن نظر اچي ٿو تہ اها تجويز هاڻي ٻنهي حڪومتن جي لاڳاپن کي بهتر بنائڻ جي سلسلي ۾ بنياد نٿي بڻجي سگهي. پاڪستان حڪومت کي آگاهہ ڪيو تہ آمريڪي حڪومت سمجهي ٿي تہ 6 نومبر واري تجويز ختم ٿي ويئي آهي." (دستاويز 67_ ص: 67)

(شايع ٿيو: 8 جنوري 1997ع)

افغان جنگ جو جنجال ڪچيءَ مان ڪيو!

[1988ع ۾ وزيراعظم محمد خان جوڻيجي پاران افغان مسئلي تي گهرايل ڪل پارٽيز ڪانفرنس ۾ ڪيل تقرير. هن ڪانفرنس ۾ محترمہ بينظير ڀٽو مولانا فضل الرحمان، قاضي حسين احمد، نوابزاده نصرالله، معراج محمد خان، شيرباز مزاري، شاهہ احمد نوراني وغيره موجود هئا.]

جناب وزيراعظم صاحب! اسان سمجهون ٿا تہ هاڻي پرڏيهي پاليسي ناهڻ ڪنهن ملڪ جي رڳو حڪومت جو حق ناهي. اڳئين زماني ۾ ڪجهہ ماڻهو، ڪجهہ حاڪم، ڪجهہ جنرل ۽ ڪجهہ سياستدان پاڻ ۾ گڏجي ويهندا هئا، گڏجي ويهي ملڪ ورهائيندا هئا ۽ ملڪن جي تقديرن جا فيصلا ڪندا هئا. اهي جنگين جا فيصلا پاڻ ڪندا هئا، صلح بہ پاڻ ڪندا هئا، پر اڄ اهو زمانو نہ رهيو آهي. اڄ پرڏيهي پاليسيءَ جو مسئلو هر ماڻهوءَ جو مسئلو آهي، پاڪستان جي هر صوبي جو مسئلو آهي، پاڪستان ۾ رهندڙ هر قوميت، هر ڏنار هر مزدور ۽ هر انسان جو مسئلو آهي. بدقسمتيءَ سان اسان ڏسي رهيا آهيون تہ افغانستان جي مسئلي تي هڪ خانگي ۽ ذاتي جنگ وانگر لڙائي لڙي پيئي وڃي. جنرل ضياءُ پنهنجي حڪومت کي ٻيگهہ ڏيڻ لاءِ پنهنجي هڪ اڏ سياسي پارٽي ۽ هڪ مختصر ۽ محدود گروهہ کي پاڻ سان ملائي، پاڪستان ۾ رهندڙ مختلف قوميتن جي ماڻهن سان ڪابہ صلاح ڪرڻ بنا، اسان تي جنگ ۽ امن جون پاليسيون مسلط ڪندو رهيو آهي.

اسان گهڻو عرصو غلام رهيا آهيون. اسان کي هڪ آزاد مملڪت هلائڻ جو تجربو ڪونهي. ان جو نتيجو هي نڪتو آهي تہ پرڏيهي پاليسي ۽ عالمي سياست بابت اسان جا تصور ٻاراڻا، نابالغ ۽ خوابن ۽ خيالن جي دنيا ۾ رهڻ وارن جهڙا آهن. اسان جي حالت ان ٻار جهڙي

آهي، جيڪو باهه ۾ ڪلندي هٿ وجهندو آهي ۽ پوءِ جڏهن هن جو هٿ سڙندو آهي ته روئڻ ۽ دانهون ڪرڻ لڳندو آهي. اسان جي ملڪ ۾ هي ڳالهه اها آهي ته هتي احتساب يا حساب ڪتاب ڪونه ٿو ٿئي. جيڪڏهن مان پنجاهه دفعا ملڪ جي تقدير سان جوا کيڏان، مجرماڻي لاپرواهي ڪريان، ملڪ جي خلاف سنگين ڏوهه ڪريان، تڏهن به مون کان پڇڻ وارو ڪوئي به نه هوندو. جيڪڏهن مان پنهنجي ملڪ خلاف سازش ڪريان، ان تي زبردستي قبضو ڪري، ملڪ جا خزانا ڦٻايان، ملڪ جو اقتدارِ اعليٰ، جيڪو ڪنهن ملڪ جي سڀ کان مقدس ترين ۽ سڀ کان وڌيڪ قيمتي خزانو هوندو آهي، ان تي زبردستيءَ قبضو ڪري، ان کي يرغمال بڻائي پاڻ وٽ رکان ۽ ان کي استعمال ڪندي پنهنجي قوم جو سڄو اثاثو برباد ڪري ڇڏيان ۽ هن نسل کي ايندڙ نسلن لاءِ جيڪا ميراث ڇڏڻي آهي، تنهن کي برباد ڪري ڇڏيان، پوءِ به مون کان ڪوبه پڇڻ وارو ڪونه هوندو.

ڪن ماڻهن ون يونٽ مسلط ڪيو ٻيا معصوم ٻڌجي تاڙيون وڄائيندا رهيا، اخبارون تعريفي ايڊيٽوريل ۽ مضمون لکنديون رهيون سڄي دنيا مبارڪباد ڏيندي رهي، پر ان جا جيڪي نتيجا نڪتا جيڪا ڏاريائي پيدا ٿي، جيڪو تعصب پيدا ٿيو جيڪا نفرت پيدا ٿي، ان جي اظهار جو جڏهن وقت آيو ته سڀ معصوم ٿي ويهي رهيا، جڙ ڪين ڪابه خبر ڪانه هئي، اها شيءِ ڪنهن ٻئي ڪئي هئي. ڪوبه ليکو چوکو ڪونه ٿيو. ڪنهن کي ڪائي سزا جزا نه ملي. ناروي ۽ ڊينمارڪ ۾ جيڪڏهن مڪڻ جو اگهه ڪرندو آهي ته حڪومت استعيفيٰ ڏيئي ڇڏيندي آهي. اسان وٽ سياسي اخلاق ڪونهي. اسان جيڪو ڪندا آهيون، جڏهن ان جو نتيجو ايندو آهي ته ان جي قيمت ڏيڻ لاءِ اسان تيار نه ٿيندا آهيون. مثال طور: پهرئين ڏينهن اسان چيو ته، "سڄي پاڪستان جي ٻولي اردو ٿيندي!" بنگالين چيو "نه ٿيندي اسان کي به پنهنجو حق ڏنو وڃي!" اوير پاڪستان ان ڏينهن اسان کان هليو ويو جنهن ڏينهن اسان چيو ته، "پاڪستان ۾ اردوءَ کان سوا، ڪابه ٻولي نه هلندي"

جن ماڻهن اها حڪمت عملي ناهي، انهن کي ڪهڙي سزا ملي؟ ڇ

انهن ۾ ايتري به اخلاقي جرئت هئي يا آهي، ته هو چون ته، "اسان هي گناهه ڪيو آهي." ان جي بدران اسان بنگالين لاءِ چيو ته، "هي پٽ ڪائيندا آهن، هي ذليل آهن، مسلمان ڪونهن، انهن جا نسل تبديل ڪيا وڃن."

ڇا اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ وارن جو ڪوبه احتساب ٿيو؟ ڪين ڪا سزا جزا ملي؟ ڪنهن کي پڇيو ته هي سڀ ڇو ٿيو؟ ڪنهن ۾ اها جرئت آهي ته هو چوي ته "هيءَ غلطي منهنجي هئي!" پوءِ اسان ڇا ڪندا آهيون؟ پوءِ اسان صدقي جون ٻڪريون تلاش ڪندا آهيون.

بنگال ۾ ڇا ٿيو؟

چي: "جنرل نيازي بزدل هوا" ته ڇا اها سڄي عوام دشمن پاليسي جيڪا اوپر پاڪستان خلاف ناهي ويئي، اهو سڄو ڪوڙ اها سموري الزام تراشي ۽ بهتان طرازي، جنهن ۾ ملڪ جي رجعت پرست ٽولن جو هرهڪ ماڻهو ملوث هو ۽ اهي سڀ اخبارون ۽ رسالا ملوث هئا، جيڪي لکي رهيا هئا ته، "اوپر بنگال ۾ محبت جو زم زم وهي رهيو آهي." تن جو ڪوبه ڏوهه ڪونه هو؟ اها سڄي لفاظي ۽ اهو سڄو زور خطابت، اها سموري بي ايماني، ڪوتاهه نظري ۽ عوام دشمني ڏميواريءَ کان آجي ڪئي وئي. ڏميوار ٺهرايو ويو ته رڳو هڪڙي جنرل نيازيءَ کي، جيڪو هن سموري ڪوڙ، ڪرلٽ، ظلم، بيهودگي ۽ ذلالت جي مشينريءَ جو فقط هڪڙو پرزو هو.

وزيراعظم صاحب! بدنصيب هوندیون آهن اهي قومون، جيڪي پنهنجي پروپيگنڊا جو پاڻ شڪار ٿيندیون آهن ۽ جيڪي خود پنهنجي لفاظيءَ جي دام ۾ گرفتار ٿيندیون آهن، جيئن حيدرآباد دکن تباهه ٿي رهيو هو ۽ قاسم رضوي تقريرون ڪري رهيو هو، ماضيءَ جي عظمت جا داستان بيان ڪري رهيو هو، خالد بن وليد جي جرئت جو داستان ڏهرائي رهيو هو، شاعري فرمائي رهيو هو. جڏهن وڏي احتياط سان زندگي ۽ موت جا فيصلا ڪرڻا هجن، جتي ڳالهه هوبهو جيئن هجي، تيئن ڪرڻ گهرجي، جتي سائنسي تجزيي جي ضرورت هجي، جتي شين جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ جي ضرورت هجي، جتي قوتِ ادراڪ، قوتِ فهم ۽ صحيح ۽ بروقت فيصلي جي قوت گهرجي، اتي اسان

شاعري ڪندا آهيون ۽ فصاحت ۽ بلاغت جا درياهہ وهائيندا آهيون.

منهنجي نظر ۾ ان کان وڌيڪ مجرماڻو فعل ڪوئي ناهي تہ قوم جي قسمت سان لفظن ذريعي کيڏيو وڃي. ڪنهن زماني ۾ ايئن بہ ٿيندو هو تہ ماڻهو انگريزن سان پوري تياري ۽ سمجهہ سان وڙهڻ بدران چوندا هئا تہ الله ڪري فرنگين جي توبن ۾ ڪينئان پون. فرنگين جي توبن ۾ ڪيئنان تہ ڪونہ پيا پر هو سڄي اسلامي دنيا تي قبضو جمائي ويا ۽ اسان فصاحت ۽ بلاغت جا درياهہ وهائيندا رهياسون.

هن وقت ملڪ زبردست بحران جو شڪار آهي. اسان جي ساڻين ٻڌايو تہ صورتحال ڇا آهي. ملڪ جي جنهن حصي ۾ اسان رهون ٿا، اتي سڀ کان وڏو مسئلو ڪالاباغ ڊيم اڏڻ جي سازش جو آهي، سياسي قيدين جي آزاديءَ جو آهي ۽ ٻيا ڪيئي اهم مسئلا آهن. هيءَ ڪانفرنس اڳ ٿيڻ ڪپندي هئي، افغانستان ۾ ملوث ٿيڻ کان اڳ ٿيڻ ڪپندي هئي. اهڙيءَ طرح ڪنهن قوم کي ڪنهن جنگ جي خطرناڪ صورتحال ۾ مبتلا ڪري، پوءِ معصوم ٻڌجي، پريس بيان جاري ڪرڻ ۽ روئڻ رڙڻ هڪ وڏو ڏوهہ آهي. جرمنن کي ٻي جنگِ عظيم ۾ شڪست ملي هئي تہ جرمن فوجن جي چيف آف دي جنرل اسٽاف فيلڊ مارشل ڪيٽل پاڻ وڃي شڪست جي دستاويز تي صحيح ڪئي هئي. اخلاقي جرئت هجڻ کپي. ڪجهہ ماڻهن افغان پاليسي هلائي آهي. اسان پهرئين ڏينهن کان چوندا هئاسون تہ هيءَ مجرماڻي پاليسي آهي، هيءَ پاڪستان جي عوام سان دوکي جي پاليسي آهي، هيءَ لفظن سان کيڏڻ جي پاليسي آهي. هاڻي جڏهن اها پاليسي پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچي ويئي آهي تہ هو معصوم ٻڌجي ڏسي رهيا آهن ۽ حڪومت ۽ عوام کي چون ٿا تہ هاڻي توهان خودڪشي ڪريو.

جن ماڻهن ناجائز جنگ مان سياسي فائدا ورتا، جن پنهنجي اقتدار کي ڊيگهہ ڏني، جن پنهنجون پارٽيون اڳتي وڌايون، جن بقول ڪجهہ ماڻهن جي اربين روپيا ڪمايا، جيڪي سيني اخبارن جي زينت بڻيا رهيا، جيڪي خانگي جنگ هلائيندا رهيا، جيڪي اسان کي جاهل سمجهي، اسان کي اسلام جي نالي ۾ خوفناڪ ڌمڪين ۾ ڦاسائيندا رهيا،

انهن ۾ ايتري اخلاقي جرئت هجڻ ڪپندي هئي ته هو وزيراعظم کي چون ته، "توهان جو ڏوهه ڪونهي، توهان هٿي ويجو! هي سڄو ڏنڊو اسان ڪيو آهي، ان جو حساب ڪتاب اسان پاڻ ڀري ڏيندا سين."

هاڻي قوم تباهيءَ جي ڪناري تي بيٺي آهي. هي جيڪي نتيجا پيدا ٿي رهيا آهن، تن کي نظر ۾ رکندي، اسان ۾ ايتري اخلاقي جرئت ڇو نه ٿي پيدا ٿئي جو اسان چئون ته اسان جي پاليسي ناڪام ٿي آهي؟ ڇا فقط جنرل نيازي ناڪام ٿيو هو؟ اسان چئون ٿا ته اڪيلو نيازي قطعاً ناڪام نه ٿيو هو. هو قرباني ءَ جو بڪرو بڻايو ويو هو. چالیهن سالن تائين پاڪستان جي مختلف قومن جي سلسلي ۾ اسان جي جيڪا پاليسي رهي هئي، اها ناڪام ٿي هئي. اهي سڀ ماڻهو ناڪام ٿيا هئا، جن ڪالهه به ملڪ کي جنگ طرف ڌڪيو هو ۽ اڄ به ڌڪي رهيا آهن.

هو جيڪي اسان جي قسمتن سان جوا کيڏي رهيا آهن ۽ جن کي ايئن ڪرڻ جو حق ڪونهي، اهي رات ڏينهن پيا ڳالهائين افغان پاليسيءَ تي. انهن ڪجهه ماڻهن کي به ڳالهائڻ جو حق آهي جيڪي گهٽو ڳالهائين ٿا ۽ ڏگهيون تقريرون ڪرڻ ڄاڻن ٿا، ته اهي ماڻهو جيڪي گهٽو نٿا ڳالهائين، گهٽو ڳالهائي نٿا سگهن، پر جن جي قسمت هن جنگ سان وابسته آهي، انهن کي به پنهنجو نقطءِ نظر پيش ڪرڻ جو حق آهي.

ماڻهو چون ٿا ته گورباچوف قبول ڪيو آهي ته اسان هارايو آهي. روس جي گورباچوف ۾ ايتري اخلاقي جرئت آهي، ڇا اسان ۾ ايتري اخلاقي جرئت آهي جو اسان چئون ته اسان به شڪست کاڌي آهي؟ جڏهن ته خود ضياءُ الحق جهڙو ماڻهو به قبول ڪري چڪو آهي ته ڪوئلن جي دلاليءَ ۾ اسان جو منهن ڪارو ٿي ويو آهي. ٻيا ماڻهو به چو نه ٿا چون ته اسان جو به اڇو منهن ٿيو آهي. گورباچوف پنهنجي غلطي قبول ڪري ٿو، پر اهو ته ڪافر آهي، اهو ته بهشت ۾ ڪونه ويندو، پر اسان جيڪي مسلمان آهيون، مومن آهيون، سدائين سچ ڳالهائڻ جا دعويدار آهيون، اسان چو نه ٿا چئون ته جيڪا سڄي افغان پاليسي هئي، اها منطقي طور تي ناڪام ٿيڻ واري پاليسي هئي؟ هڪ جنرل ۽ ڪجهه ٻيا ماڻهو پاڻ ۾ ويهي پاليسيون ٺاهيندا رهيا. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته، "ناني رڌڻ واري ۽ ڏوهتا کائڻ وارا." ان ئي قسم جي پاليسي آهي اسان جي افغان جنگ جي پاليسي.

آخر هي ڪهڙو مذاق آهي؟ توهان ڏسو! توهان چئو ٿا تہ افغان مجاهدن کي هتي ڇڏي ڏيو تہ جيئن وٽين تيئن ڪن. آمريڪا استينگر ميزائيل ڏنا آهن. هتي ڏماڪا ٿي رهيا آهن. جيڪڏهن ٻئي طرف کان (روس کان) استينگر ميزائيل قسم جي شيءِ هتي پهچي ويئي تہ پوءِ آئون ڪيئن ويندس ڪراچيءِ حيدرآباد؟ ڪنهن جي دونهيدار تقرير سان منهنجو بچاءُ تہ نہ ٿيندو. آئون استينگر ميزائيل جو شڪار ٿي ويس تہ منهنجي ماءُ جي ڏڪ جو ازالو ان ڳالهہ سان تہ ڪونہ ٿيندو تہ فلاڻي صاحب هن قسم جي خوبصورتءِ آتشبان هٿيار شاندار اردو ڳالهائي! ڇا اسان ٻار آهيون جو اسان کي خبر نہ هجي تہ بين الاقوامي قانون ۾ پيچو ڪرڻ جو حق نالي واري ٻ ڪا شيءِ ٿيندي آهي؟ ڇا بين الاقوامي قانون مطابق ڪنهن حڪومت کي اهو حق آهي تہ هوءَ اهڙن ماڻهن کي پناهہ ڏئي جيڪي ٻئي ملڪ ۾ وڃي قتلِ عام ڪن ٿا، ٻارن کي باهہ ۾ اڇلين ٿا؟ مان اها ڳالهہ صاف ڪري ڇڏيان تہ اسان مجاهد ڪنهن کي نٿا سمجهون. انهن حضرتن کي اسان انقلاب دشمن سمجهون ٿا.

سماجي انقلاب هر قوم جو حق آهي. جيڪڏهن سماجي انقلاب نہ هجن ها تہ اڄ اسان انگريزن جا غلام هجون ها. جيڪڏهن سماجي انقلاب نہ هجن ها تہ اڄ روس تي زارشاهيءَ جي حڪومت هجي ها. جيڪڏهن سماجي انقلاب نہ هجن ها تہ آمريڪا اڄ ٻ انگريزن جو غلام هجي ها. پنهنجو سماجي مقدر تبديل ڪرڻ جو بنيادي حق، سيني قومن جو قدرتيءِ بنيادي حق آهي. مان نٿو سمجهان تہ هن سڄي ڌرتيءَ جي گولي تي ڪابہ بي قوم سماجي انقلاب جي افغان قوم کان وڌيڪ حقدار آهي. انهن تي صدين کان وڻي مذهب جي نالي ۾ءِ قبائليت جي نالي ۾ جيڪو ظالماڻو ءِ اونداهو نظام مسلط رهيو آهي، جيڪڏهن انهن کي اهو نظام تبديل ڪرڻ جو حق ناهي تہ اسان مان ڪنهن قوم کي ٻ اهو حق ناهي تہ پُراڻين صدين جي ظالماڻي دؤر کان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪريون. سماجي انقلاب سيني جو پيدائشي حق آهي. انقلاب دشمن سدائين انقلاب دشمني ڪندا رهيا آهن. اڄ اسان ٻ ان انقلاب دشمنيءَ ۾ ملوث آهيون. ان جا نتيجا اسان جي اڳيان آهن. گورباچوف جي پاليسي ڪامياب نہ ٿي آهي، پر

اسان جي پاليسي بہ ناڪام ٿي آهي. ان حقيقت کي نَڪارڻ لفظن سان ٽاري نٿو سگهجي. صاف ڳالهہ پئي آهي. اسان جي هڪڙي بزرگ چيو تہ اسان ڪامياب ٿيا آهيون ۽ اسان شڪاري ڪُتا ناهيون، جو پنهنجي شڪار کي ڇڏي ڏيون. اسان جي گذارش آهي تہ انهن صاحبن جن شڪار ڪيو آهي، جيڪي ڏاڍا سٺا شڪاري آهن ۽ ڏاڍا بهادر آهن، انهن کي موقعو ڏنو وڃي تہ هو پاڻ وڃي ڪابل تي قبضو ڪن. اسان کي ان گندي ڏنڊي ۾ ملوث ڪرڻ کان معافي ڏين.

جيڪڏهن بين الاقوامي طور تي جنيوا معاهدي تي اسان هاڻي ئي ۽ بنا دير جي صحيح نہ ڪئي تہ ان جا جيڪي نتيجا ٿيندا، اهو هڪ ڀار بہ سمجهي سگهي ٿو. آئو چوان ٿو تہ اهو خدا اسان کي هڪڙو اهڙو موقعو ڏنو آهي، جهڙو اوپر پاڪستان جي بدقسمت واري وقت پولينڊ جي ڌُهراءَ جي ڪري اسان کي اقوام متحده ۾ مليو هو. ان ڌُهراءَ کي اسان ڦاڙي اُڇلائي ڇڏيو. ان وقت تہ اسان پنهنجون فوجون بنگال مان صحيح سلامتي واپس آڻي سگهياسون پئي. ڇو نہ آنديوسين؟ ڇو تہ هي ساڳيون قوتون جيڪي اڄ زور خطابت ڏيکاري رهيون آهن، اهي ئي قوتون جيڪي اڄ پاڪستان کي هڪ وڏيڪ خوفناڪ جوئا ڏانهن ڌڪي رهيون آهن، جيڪي اڄ بہ اسان جي فهم کي، ادراڪ کي، سمجهہ کي ۽ شعور کي پنهنجي لفاظيءَ جي سمنڊ ۾ غرق ڪرڻ چاهين ٿيون، تن ساڳين کان ڊڄي يحيٰ خان بنگال کان فوجون واپس گهرائڻ جو اهو قدم نہ کنيو جيڪو هن کي ڪٽڻ کپندو هو. انهن ئي قوتن کيس ان سونهري موقعي جو فائدو وٺڻ نہ ڏنو. فوجون لڙايون ڪنديون آهن، غلطيون بہ ڪنديون آهن. اصل خرابي اها ناهي تہ توهان کان غلطي ڪريو. ڪڏهن نہ ڪڏهن کان غلطي تہ ٿيندي ئي هي ۽ تہ غلطي ناهي. هيءَ تہ ڏٺي وائٽي جوئا آهي. غلطي ڪرڻ ايڏي وڏي خرابي ناهي، جيترو غلطيءَ کي نہ ميڙڻ ۽ ان لاءِ ذميداري قبول نہ ڪرڻ.

اڄ قدرت اسان کي موقعو ڏنو آهي تہ اسان باعزت طريقي سان پوئتي هٽي وڃون. پر اسان کوڙي لئي ڪرڻ جا عادي آهيون. چي "شڪار ٿي ويوا فتح ٿي وئي." پڇ اها بہ ڪانهي، جو پاڪستان جي پناهہ مان نڪري سرحد پار ڪري واپس پنهنجي گهر افغانستان وڃون. ان لاءِ بہ پاڪستان

جي حفاظت کپي! مٽان چون ٿا تہ "اسان کي هڪدم افغانستان جي حڪومت ڏياري ونو! اسان کي دير ٿي ٿئي!" يعني خيرات ۾ حڪومت ملي. کين ڪواهڙو چوڻ وارو آهي تہ "حضرت! توهان تہ غازي آهيو!"

مومن هي تو بي تيغ پي لڙتا هي سپاهي.

"توهان تہ مجاهد آهيو!"

بي خطر ڪود پڙا آتش نمرود مين عشق،
اور عقل هي محو تماشائي لب بام اپي.

"توهان ٽُپي پئو، وچي ڪابل تي، قندار تي ۽ غزنيءَ تي قبضو ڪريو. توهان کي ڪنهن جهليو آهي؟ حڪومتِ پاڪستان توهان کي ڪٿي ٿي جهلي؟ جيڪڏهن توهان فاتح آهيو تہ فتح جا ميوا ميز تان توهان کان ڪير ٿو ڪسي؟ هيءَ تہ حڪومت پاڪستان جي مهرباني آهي، جو توهان جي حفاظت ڪري رهي آهي، نہ تہ توهان تہ اها شڪست کاڌل فوج آهيو جيڪا هيترن سالن ۾ اربين ڪربين ڊالر کائي کپائي ۽ افغانستان تي قبضو نہ ڪري سگهي ۽ نہ ڪري سگهي ٿي." هيءَ ڪوڙي دعويٰ هڪ پيانڪ رچ آهي، جنهن جي پويان وچي رهيا آهيو تہ اسان کا وڏي فتح حاصل ڪئي آهي. کا فتح ڪانهي ٿي، رڳو لفظن ۽ تقريرن سان اسان اقتدار جي حقيقت کي تبديل نٿا ڪري سگهون. بهرحال جيڪڏهن پاڪستان جون فوجون واقعي اسان جي انهن سورمن مجاهدن کي افغانستان تي قبضي ڪرڻ کان روڪيو وينيون هجن ها تہ مان توهان سيني صاحبن کي جيڪر درخواست ڪريان ها تہ سپ گڏجي وزيراعظم جوٽيجي کي درخواست ڪريون تہ "خدا جي واسطي، هنن اڃيان ڪابل تي قبضي ڪرڻ جي سلسلي ۾ توهان جيڪي رڪاوٽون وڌيون هجن، اهي هڪدم دُور ڪريو ۽ هنن کي اجازت ڏئي چڏيو تہ بي ڏڙڪ وچي افغانستان فتح ڪن." پر جيڪڏهن ائين ناهي ۽ ائين آهي ۽ ڪوبہ تہ پوءِ اخلاقي جرئت جومظاهرو ڪرڻ گهرجي ۽ قبول ڪرڻ گهرجي تہ اسان کي ۽ شڪست ملي آهي. اسان يعني پاڪستان جي عوام کي نہ اسان معنيٰ اسان جي انهن ماڻهن کي جيڪي اسان جي خارجا پاليسيءَ کي يرغمال ڪيو وينا آهن.

جن اسان جي اقتدار تي ڏاڙو هنيو آهي، تن کي شڪست ملي آهي. اسان جي عوام جي خلاف جيڪي سمورا ڏوهه ٿيا آهن، انهن سيني ۾ هڪ وڏي ۾ وڏو ڏوهه اها موجوده حاڪمن جي افغان پاليسي آهي، جيڪا اسان جي پُڇڙ ڪان سواءِ اسان تي مڙهي ويئي آهي.

وزيراعظم محترمہ! مان گذارش ڪريان ٿو تہ افغان مهاجرن کي يا ڪنهن بہ ٻئي کي اسان جي قومي فائدي جي پاليسيءَ کي ويٽو ڪرڻ جو ڪو حق ڪونهي. انهن کي ائين ڪرڻ جو حق ڏيڻ مجرماڻي ڳالهہ ٿيندي. توهان پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهي ڪندؤ تہ توهان پاڪستان کي، جنهن ڏُهڙ ۾ اچي ڦاسايو آهي، ان خوفناڪ ڏُهڙ مان نڪرڻ جو هڪ سونهري ۽ نايابموقعو هٿ سان وڃائي ڇڏيندؤ ۽ تاريخ توهان کي معاف نہ ڪندي. جيڪڏهن توهان هڪڙو ڪلاڪ بہ رڦيل جنيوا معاهدي تي صحيح ڪرڻ ۾ اجائي دير ڪئي. باقي ٻين واسطيدار ڳالهين بابت توهان جيڪي ڇنو ٿا اهو بيشڪ احتياط ڪريو. مون کي اهو چوندي افسوس ٿئي ٿو تہ ڪن ماڻهن جو ڪاروبار ئي افغان جهيڙو اينگهائڻ آهي. ڪن ماڻهن کي پنهنجي حڪومت جو مُدو ايجا بہ وڌائڻو آهي ۽ پنهنجو سياسي اقتدار قائم رکڻو آهي. ضياءُ الحق کان عوام جون جيڪي گهٽ ۾ گهٽ گهرون آهن، سي اهي آهن تہ هاڻي اسان افغان جنگ کي پنهنجو سياسي ڪاروبار ڪري هلائڻ بند ڪريون. افغانستان جي مسئلي تي پنهنجا سياسي دوڪان چمڪائڻ بند ڪريون. هيءَ جيڪا ڪروڙين اربين روپين جي آمدني اچي ۽ وڃي ٿي، اهو ڏنڊو بند ڪيو وڃي ۽ افغان مهاجرن کي صاف صاف چيو وڃي ٿو تہ "ادا! بہ يائر آهيو توهان سالن جا سال پاڻ ۾ وڙهندا رهيا آهيو. جو توڙي توهان سمجهندا هئا تہ سڄي ملڪ تي قبضو ڪري ونڊاسون. پر انهن جي ڳالهہ نہ هلي ۽ توهان جي بہ نہ هلي. هاڻ اجائي ڊيگهہ نہ ڪريو. پاڻ ۾ يائر آهيو هاڻ گهر وڃو. انشاءَ الله اسان کان جيڪا پهتي سا توهان جي مدد ڪنداسون. ڪا بي وفائيءَ جي ڳالهہ ناهي. ڪجهہ بہ ناهي. جيڪڏهن ڪنهن غلط ڪم ۾ هٿ وڌو تہ ان جي معنيٰ اها ڪانهي تہ قيامت تائين اها ڳالهہ ڪندا رهندؤ. ان دليل کي مڃجي ها. تہ پوءِ ويٽنام جي جنگ آمريڪا کي بند ڪرڻ ئي نہ گهرجي ها. ماڻهو تہ چوندا تہ "چڙهہ جا بيٺا سولي پر رامريلا ڪري گا." انهن جي ڳالهين کي متان ٻُڌو.

رهيو مجاهدن جي اسلامي حڪومت قائم ڪرڻ جو سوال، تہ اول انهيءَ قسم جي حڪومت کي اسان اسلامي نٿا سمجهون. اخبار ۾ بيشڪ لکيل هوندو آهي تہ اهڙي حڪومت هوندي آهي، نشر و اشاعت جا ذريعا ۽ ريڊيو پاڪستان ۽ اهوئي چئي ٿو، پر اسان انهيءَ کي نٿا ميجون. اسان تہ چئون ٿا تہ اسلام سان ان کان وڌيڪ مذاق ٿي ئي نٿو سگهي جو ڪجهہ ڏُريون اسلام جي نالي تي قبضو ڪري ونن. اها مذاق مان سوشلزم سان ڪندس جيڪڏهن مان چوان تہ مان سوشلزم قائم ڪري رهيو آهيان. تہ اها غلط ڳالهہ ٿيندي ڪوڙن سوشلسٽن جي ۽ ڪوٽ ڪانهي، نہ پارٽي آهي، نہ ڪجهہ ڪري رهيا آهيون، پر آڻي سوشلزم رهيا آهيون. اسلامي حڪومت قائم ڪرڻ جي دعويٰ ۽ ان حساب ۾ اچي ٿي.

هي چون ٿا تہ هي نظام ڀاهي اڳوٽو نظام وري قائم ڪريو. اسان کي تخت تي ويهاريو. جيڪو نظام انهيءَ وقت موجود هو، جنهن وقت اڳوٽي افغان حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو، اهو ڪهڙو هو؟ ڇا ان وقت هي اسان جا "مجاهد" اتي حاڪم هئا؟ يعني ان وقت ڪهڙي صورتحال هئي، جنهن کي اسان ٻيهر بحال ڪرڻ چاهيون ٿا!؟ عجيب مذاق آهي! يعني جنگ ڪئي سون، جنگ ۾ خيرن سان هارائي ۽ وياسون، وينا ۽ هتي آهيون، واپس ۽ نٿا وڃي سگهون ۽ وڏي ڳالهہ تہ واپس وڃڻ چاهيون ۽ نٿا ۽ پوءِ اهو چئون ٿا تہ نہ رڳو پُراڻي صورتحال جيڪا انقلاب کان اڳ هئي اها بحال ڪئي وڃي، پر ان کان وڌي ڪري سڄي حڪومت هٿ جي تريءَ تي رکي اسان کي ڏني وڃي تہ جيئن اسان ملان شاهي ۽ قبائلي نظام ٻيهر مڙهي سگهون. ان کان وڌيڪ نامناسب ۽ بي انصافيءَ جي ڳالهہ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

آئون عرض ڪريان؟ (جوٽيجو) مسلم ليگ ۾ اها ايمانداري آهي تہ اها غلط افغان پاليسيءَ جي مخالفت ڪري رهي آهي. اهي سڀ ماڻهو جيڪي مسلم ليگ سان گڏ افغان پاليسيءَ ۾ شريڪ هئا، اهي ۽ چو نہ ٿا ان جي مخالفت ڪن؟ چو نٿا وڃي فيلڊ مارشل ڪيٿل وانگر جنيوا معاهدي تي صحيحون ڪن؟ اهي چو نہ ٿا روس سان بحث ڪن؟ اهي پاڪستان کي چوڌِڪي رهيا آهن تہ تون وڃي اسان ياران نئين جنگ ۾

ٿُپي پئہ. انهن ۾ اهو احساس ذميداري هجڻ کپي. اوهان وجو وجي ڊاڪٽر نجيب الله کي چئو تہ هنن انقلاب دشمن حضرات کي افغانستان جي حڪومت ڏئي ڇڏ. نجيب الله سان وجي ڳالهايو. ڪيس ڏنڊا هڻو! نہ مجي تہ توهان بہ پنهنجي فوج ونڻي وجو. وجي وڙهو انهن سان. اها ڪٽان جي جڳ مڙسي آهي جو پاڻ وينا آهيو پنهنجي گهر ۾ پاڪستان کي ڊِڪا ڏئي رهيا آهيو تہ وجي روس سان وڙهہ! ڇا اها حب الوطني آهي؟ ڇا اسان نٽا ڇاٽون تہ حڪومتِ پاڪستان جا وسيلا ڪيترا محدود آهن!

اهو ڇاڻندي بہ تہ اها عالمي طاقتن جي راند آهي. اهو ڇاڻندي بہ تہ جيڪڏهن صحيح نہ ڪئي وئي تہ افغان مهاجرن جا هٿياربند ٽي ويندا. سپلاءِ لائين بند ٽي ويندي. پئسا بند ٽي ويندا. اسان اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهيون. جڏ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونهي! ۽ وري اسان جا محترم اسان کي ڏمڪيون ڏيڻ بہ پسند فرمائي رهيا آهن. هو فرمائي رهيا آهن تہ جيڪڏهن سندن حڪم نہ مجيو ويو تہ پاڪستان خلاف خانہ جنگي ٿيندي. افغان مجاهد پنهنجا جديد ترين آمريڪي هٿيار پاڪستان جي خلاف استعمال ڪندا!

لوويپي ڪهہ رهي هين ڪي يہ بي ننگ و نام هي،
يہ جانتا اگر تو لٹاتا نہ گهر ڪو مين.

انهن کي گهرائي. اسان متان مڙهي. هاڻي چون ٿا تہ "توهان خلاف خانہ جنگي شروع ٿيندي" اهو آهي اسان جي مهرباني ۽ جو ڏل؟ هي آهي حڪومتِ پاڪستان جي ساڻن دوستيءَ جو ڏل ۽ اهو آهي پاڪستان جي هن سڃي تباهيءَ واري قصي ۾ ملوث ٿيڻ جو نتيجو! هيءَ هڪ خانگي جنگ آهي. قطعي ذاتي جنگ آهي. ان خانہ جنگيءَ ۾ ملوث ٿيڻ جو نتيجو اهو آهي تہ اسان کي اهو چيو پيو وجي تہ اسان جو چوڻ نہ ڪندا تہ توهان جي گهرن تي حملو ٿيندو. ڇا اهو اسلامي طريقو آهي. تہ پائرن سان. ميزبانن سان. پناهہ ڏيڻ وارن سان لڙائي ڪجي؟ ڇا اهو عالمي سياست جو دستور آهي؟ ڇا ٽائليبن ۾ جيڪي ڪمپوچيا جا پناهگير وينا آهن. اهي بہ ائين ڏمڪيون ڏين ٿا ٽائيليبن کي؟ ڇا بنگالي جيڪي هندستان هليا ويا هئا. اهي بہ هندستان جي حڪومت کي ڏمڪي ڏئي

رهيا هئا ته جيڪڏهن توهان اسان جي پاليسين کي نه مڃيو ته اسان توهان تي حملو ڪنداسين؟ ڇا سڄي دنيا ۾ پناهگير ائين ڪندا آهن؟ اهي طريقا هوندا آهن قومن جا هڪٻئي سان تعاون ڪرڻ جا. ته ميزبان ملڪ کي چيو ويڄي ته تو اسان کي جيڪو ڪاڏو ڪارايو پاڻي پيئاريو. پاڻ کي مصيبت ۾ وڌو. بم جا ڏماڪا برداشت ڪيا. بمباريءَ جو خطرو ڪنيو. ان جو توکي اهو انعام ملندو ته اسان توتي حملو ڪنداسون. اهي هٿيار جيڪي تو بين الاقوامي قانون جي خلاف ورزي ڪندي. اسان لاءِ پنهنجي علائقي ۾ آندا اهي تنهنجي خلاف استعمال ڪنداسين؟

جناب جوٽيجو صاحب! آئون توهان کي مبارڪباد ڏيان ٿو ته گهٽي ديرَ سان ئي سهي. پر توهان هيءَ ڪانفرنس گهرائڻ جي جرئت ڪئي آهي. توهان هڪ نئون قدم کنيو آهي. آئون پنهنجي پارٽيءَ جي طرفان ۽ عوام جي طرفان توهان کي مبارڪباد ڏيان ٿو. جيستائين سنڌ جو تعلق آهي. اسان جو ٻار ٻار افغان جنگ جي خلاف آهي. هيروئن ڪنهن آندي. هٿيار ڪنهن آندا؟ اسان جا ماڻهو ڪيئن قتل ٿيا آهن؟ هي ڏاڙا ڇو پيا لڳن؟ سڄي مصيبت اسان پيا پوڳيون. اسان ٿورائيءَ ۾ تبديل ٿي رهيا آهيون. سنڌ جي مصيبت جو اڌ حصو افغان جنگ جي ڪري آهي. افغان جنگ جي مصيبت نه هجي ها ته ضياءُ الحق پاور ۾ نه هجي ها ۽ هو جيڪي اسان جا ماڻهو ضياءُ الحق کي هٽائڻ لاءِ جمهوريت جي جدوجهد ۾ بي نام و نشان قبرن ۾ پيا آهن. اهي اڄ جيڪر پنهنجي گهرن ۾ زندهه هجن ها. صحيح چيو هو ڪنهن صاحب ته انهن ماڻهن قربانيون ڏني اهي حالتون پيدا ڪيون. جن ۾ توهان کي وزيراعظم بڻايو ويو. هيءَ سڄي جدوجهد ان لاءِ ڪئي وئي ته جمهوريت اچي ۽ فوجي حڪومت وڃي. فوجي حڪومت کي ڏيگهه ڪنهن ڏني؟ اها اسان جي انهن پائرن ڏني جيڪي چون ٿا ته وري جهاد شروع ڪيو وڃي.

اسان توهان جا شڪرگذار آهيون. جو توهان تحمل سان اسان کي ٻڌو. سنڌي ماڻهو ۽ سڄي پاڪستان جا ماڻهو اها خوشخبري ٻڌڻ لاءِ بيچين آهن ته افغان جنگ جي هيءَ آفت. اهو نانگ جيڪو اسان جي ڳچيءَ ۾ وڌو ويو آهي. اهو نڪري ويو.

مهرباني.

(چيپل 1988ع)

جڏهن پليجي لکين ماڻهن جا جلسا ڪرايا هئا. تڏهن مون کي به اوندهه ۾ روشنيءَ جو ڪرڻو نظر آيو هو. جي ايم سيد

ساڻي پليجي سان اسان جا لاڳاپن جا ڏاڍا رات جي اپ ۾ سدا چمڪندڙ چنڊ ۽ تارن جا ڏاڍا آهن. محمد ابراهيم جويو

هن پنهنجي سڄي خاندان جو سنڌ لاءِ ٻک ڏنو آهي. جنهن جو مثال سنڌ ته ڇهيو پر برصغير ۾ ورلي آهي. شيخ ايياز
رسول بخش پليجو سنڌ جو مني مائوزيتنگ آهي. سراج

سياست جي ميدان ۾ هو وڏي حوصلي ۽ همت وارو آهي.
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

هو آئيڊيياز جو پنڌار آهي. سندس آئيڊيياز جو وهڪرو ڏاڍو تکو آهي. ف. م. لاشاري

پليجي جو سنڌ سان سر لڳي. هن سنڌ کي ڪڏهن به پاڻ کان سواءِ ناهي ڏٺو. ماهتاب محبوب

پليجي جو جيڏو وڏو ويساهه آهي، اوترو ئي اتساهه آهي. الهداد ٻوهيو

سنڌ جو جينيئس ٽڪجي نڪو ۽ آڻ نڪو ميجي. نورالهدايٰ شاهه

هو جتي به آهي اُتي حق ۽ سچ جي ڳالهه ڪري ٿو. امداد حسيني

هن جي قلب ۾ لطيف آهي. پليجو ڪڏهن به هارائي نڪو سگهي.
عابده پروين

ISBN 978-969-9726-44-6
9 789699 726446
www.roshnipublication.com

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.